شينا ماٽڪ ميڙيا

[لطيف جي انسان دوست، پورهيت دوست،
عوامي، انقلابي ۽ فڪري شاعريءَ
متعلق نئين ۽ نرالي تشريح]



رسول بخش پليجو

روشني

kaptan abro

تنين ماڻڪ ميڙيا

[لطيف جي انسان دوست، پورهيت دوست، عوامي، انقلابي
۽ فڪري شاعريءَ متعلق نئين ۽ نرالي تشريح]

رسول بخش پليجو

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2016ع

Roshni Book No. 791

ڪتاب جو نالو: تنين ماڻڪ ميڑيا

ليکڪ: رسول بخش پليجو

سهيڑيندڙ: اسماعيل خاصخيلي ۽ لال جروار

ڇاپو ڦهريون: © روشني 2015ع

ڪمپوزنگ : رفيق حسين ڪولاچي

روشني ڪمپوزر اينڊ پرنٽرز حيدر چوڪ، حيدرآباد.

ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد.

ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو سنڌ.

قيمت: -/500 روپيا

ياران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

TANEE MANK MERYA

by: **Rasool Bux Palijo**

Composed by: Rafique Hussain Kolachi
Roshni Composers and Printers, Hyder Chowk, Hyderabad
Printed by: Fine Communication, Hyderabad Sindh
Published by: Roshni Publication, Kandiaro
First Edition © Roshni 2015

اسٽاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر، گاڌي ڪاتي حيدرآباد

پٽائي بوڪ هائوس اوريئنٽ سينٽر، حيدرآباد+ڪنگ پن بڪ شاپ، پريس ڪلب، حيدرآباد

شير يزدان بڪ اسٽال، پٽ شاهه + حيدر ڪتب خاني پٽ شاهه ڪاليا واڙ اسٽور، اردو بازار ڪراچي.

لال بخش نيوز پيپر ايجنٽ، نئين رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو + رهبر بڪ ايڪيڊمي، رابعه سينٽر، لاڙڪاڻو

جاويد بڪ ڊيپو لاڙڪاڻو + نيشنل بوڪ ڊيپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو نوراني بوڪ ڊيپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو

عبدالله بڪ ڊيپو بندر روڊ لاڙڪاڻو، اشرف بوڪ اسٽال مسجد روڊ، نوابشاهه+ عوامي بوڪ اسٽال، مسجد روڊ، نوابشاهه

مڪتبه گلشير، لياقت مارڪيٽ نواب شاهه+ سليمان برادرس نواب شاهه، مڪتبه حافظ اينڊ ڪمپني لياقت مارڪيٽ نواب شاهه

المهراڻ ڪتاب گهر، ڪپرو+ حافظ ڪتاب گهر، ڪپرو + العزيز ڪتاب گهر، عمرڪوٽ + ٽر ڪتاب گهر، ملي

ڪنگري بوڪ شاپ، اسٽيشن روڊ، ميرپور خاص +حر ڪتاب گهر، سامهون ماڊل اسڪول، ميرپور خاص

المهراڻ ادبي ڪتاب گهر، الفقراء منزل، سانگهڙ مدني اسلامي ڪتب خانو دادو+ سليم نيوز ايجنسي، نيو بس اسٽينڊ، دادو جنيد

بوڪ ڊيپو دادي مراد بوڪ ڊيپو سيوهڻ عبدالرزاق بوڪ اسٽال، ميهڙ+ ساحر ڪتاب گهر، ڪوندي ميهڙ

مرچو لال بوڪ ڊيپو بدين + رحيم بوڪ ڊيپو بدين + سوجهرو ڪتاب گهر، بدين، مهراڻ بوڪ سينٽر سڪر

ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، سڪر + عزيز ڪتاب گهر، بڦراج روڊ، سڪر، فيضان بوڪ ڊيپو سڪر، مڪتبه امام العصر، گهوٽڪي

سنڌ ڪتاب گهر، شڪارپور + مولوي عبدالحق شڪارپور، تهذيب نيوز ايجنسي، خيرپور ميرس

خيرپور بڪ شاپ، خيرپور ميرس، نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس

مڪتبه عزيزيه کهڙا + سچل ڪتاب گهر، درازا

ڪنول ڪتاب گهر، مورو+ حافظ ڪتاب گهر، مورو+ ظفر ڪتاب گهر، مورو

ميمڻ بوڪ ڊيپو، نوشهروفيروز + قاسميه لائبريري، اسپتال روڊ، ڪنڊيارو+ سارنگ ڪتاب گهر، ڪنڊيارو

انتساب

لطيف جي انهن لازوال انقلابي

سورمن ۽ سورمين

جي نانءَ،

جيڪي پنهنجي وطن، قوم ۽ مظلوم انسانن

جي حقن لاءِ جدوجهد جي ميدان ۾

هر دؤر ۾ ثابت قدم رهيا

سموند جي سيوين، تنين ماڻڪ ميڙيا،
چلر جي چوئين، تن سانگوٽا ۾ ستيون.
(شاھ)

فهرست

- ○ ٻه 7
- ○ مهاڳ 9

- ● عالمي انساني فڪري تاريخ ۾ تصوف جو ڪردار 19
- ● لطيف جي شاعريءَ ۾ ان جو عالمي تاريخي پسمنظر 47
- ● لطيف جي شاعريءَ جا فڪري سرچشما 90
- ● لطيفي روايت ۽ ان جي پوئيواري 138
- ● لطيف جي تخيل جي اڏام 143
- ● پاڻ کي هاڻي عظيم شاعري گهرجي 146
- ● لطيف جي نظر ۾ اعليٰ انساني آدرش 158
- ● لطيف جي شاعريءَ جو انقلابي ڪردار.... 162
- ● لطيف وٽ هڪ انقلابيءَ جو تصور 170
- ● لطيف وٽ ڏک ۽ سک جو تصور 175
- ● لطيف سچ جو پرجهلو ۽ طرفدار 178
- ● لطيف مظلومن ۽ محڪومن جو آواز 182
- ● لطيف: بي خبريءَ ۽ غفلت خلاف چتاءُ 187
- ● ڏک سکن جي سونهن 192
- ● ڏيکاريس ڏکن، گوندر گس پرينءَ جو 198
- ● کاهوري کيڙائو 210
- ● ماءَ کاهوڙي آيا 216
- ● بروهو پنيور، پر آرياڻي اجاريو 228
- ● نوريءَ جي نوازيو ٽيو تماچيءَ تي.... 234
- ● ڦريا پسي ڦيٽ 237

- وڃئينءَ وينا هون، سانجهيءَ رهن سمهي! 249
- لطيف جو سال 253
- نئون نياپو آئيو 256
- جت نہ پکيءَ پير 275
- هورين هاڙهو لنگهيو 280
- اک اُلٽي ڏار 290
- گنگا جَرَ جيئن جکرو 304
- اڳيان ٽکر تر 311
- پڳو آئون نہ چوان 320
- اڄ آکڙيا آيا 329
- متو آهين مڃ 341
- ڪرت وارا ڪي 349
- اونداهيءَ ۾ سوجهرو 370
- سڏر سين سنگ ٽيو 379
- لٽو اونداهو 406
- ڪيرون ڪاهوڙين جون 415
- اِيءَ وڙ ويڙهيچن 426
- وڳر ڪيو وتن 437
- لطيف بابت سوالن جا ڏنل جواب 443

پہ اکر

سنڌ جي عظيم د اناءُ لافاني ۽ عوامي انقلابي شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ جي شاعريءَ تي جيڪا تحقيق ٿيڻ کپندي هئي، سا ايڏا تائين ڪونہ ٿي سگهي آهي. لطيف اعليٰ انساني آدرشن ۽ عالمي ليول جو شاعر آهي.

محترم رسول بخش پليجو صاحب گوناگون صلاحيتن جو مالڪ آهي. سندس جيتري عالمي سياست تي گهري نظر آهي، اوترو ئي پاڻ عالمي ادب جو پڙهندڙ ۽ پارکو آهي. هن کي عالمي شاعريءَ جي اُفق جا اعليٰ شاعر جي شاعري برزبان ياد آهي، جنهن جي نتيجي ۾ پليجي صاحب دنيا جي عظيم ۽ يگانن شاعرن جي چوند عالمي شاعريءَ جا سنڌيءَ ۾ ترجما ڪري "آندائون عميق" مان جهڙو شاندار ڪتاب ڏنو.

پليجي صاحب لطيف جي شاعريءَ جي عظمت، جدوجهد، حب الوطني، جستجو، جاکوڙ ڪرڻ، ڳولا ڪرڻ، ورچي نہ ويهڻ، انسان دوستي، پورهيت دوستيءَ سميت، عوامي انقلابي ۽ فڪري پاسن تي عالمي شاعريءَ جي پسمنظر ۾ عام فهم ٻوليءَ ۽ عالمانہ انداز ۾ نئين، نرالي ۽ جديد تشريح ڪري، اها ڳالهہ ثابت ڪئي آهي، تہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، مولانا رومي، جامي، حافظ شيرازي، عمر خيام، فردوسي، بابا بلهي شاهہ ۽ ٻين عظيم ۽ يگانن شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو.

محترم رسول بخش پليجي صاحب سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ "جشن لطيف" جي حوالي سان ملهايل ڏهاڙن ۽ جلسن ۾ جيڪي تقريرون ڪيون، مختلف علمي، ادبي پروگرامن ۾ ليڪچر ڏنا ۽ لطيف بابت اخبارن ۾ مضمون لکيا ۽ پليجي صاحب جي جن بہ ڇپيل ڪتابن ۾ لطيف جي شاعريءَ بابت مواد موجود آهي، سو ۽ ڪجهہ اڻ ڇپيل مواد سهيڙي ڪتاب "جنين ماڻڪ ميڙيا" جي نالي سان مرتب ڪيو ويو آهي، جيڪو روشني پبليڪيشن طرفان ڇپائي پڌرو ڪيو پيو وڃي. لطيف تي ڪيل

تقريرن جو سمورو مواد جيئن جو تيئن ڏيڻ بدران، هتي صرف اهو مواد شامل ڪيو ويو آهي، جيڪو لطيف جي شاعريءَ جي مختلف پاسن تي روشني وجهي ٿو.

جڏهن پليجو صاحب لطيف تي ڳالهائي ٿو تڏهن لفظ جملا، عربي، فارسي، اردو سرائيڪي ۽ خود لطيف جا شعر مهل ۽ موقعي جي مناسبت سان بي پناهه ذهانت جي سرچشمي مان وڏڦڙي وانگر وَسن ٿا. ڪائنس لطيف جي شاعري ۽ ان جي سمجهاڻي ٻڌي لڳي ٿو ته، لطيف جو پيغام جڻ اسان اڄ پيا ٻڌون. سچ ته اها ذات، ڏاڻءِ، خوبصورتي، فن ۽ انداز صرف پليجي صاحب جي ئي حصي ۾ آيا آهن.

هن ڪتاب جي اهميت جو اندازو پڙهندڙ پڙهڻ کان پوءِ ئي محسوس ڪري سگهي ٿو ته، حقيقي لطيف جي شاعريءَ جو اصل جوهَر، ڳر ۽ حُسن ڪهڙو آهي.

ڪيستن تان ليڪچر ۽ تقريرون آفتاب ڪلوئي، ظهير جروار، راحيل پٽو ۽ ٻين دوستن وڏيءَ محنت سان اتاري ڏنا، جن بہ دوستن هن اهم ۽ بنيادي ڪم ۾ هٿ وندايو، انهن جا دِل جي گهراين سان شڪرگذار آهيون.

لال جروار

اسماعيل خاصخيلي

25_10_2016

مهاڳ

شاعرن جي سرتاج شاهه عبداللطيف ڀٽائي تي اڄ لڳ ڀڳ سوا ٽي سؤ سالن کانپوءِ به جيڪر کو ماڻهو تحقيق ڪرڻ چاهيندو ته ا نکي پهرين ۽ بنيادي مشڪلات اها پيش ايندي جو ڪيس لطيف سائين جي همعصر دور جو ڪوبه اهڙو تحقيقي ماخذ نه ملندو جنهن ۾ سنڌي ٻولي جي هن بيمثال شاعر جي حقيقي فڪر جي اپٽار ٽيل هجي بلڪ ان جي ابتڙ تنهن زماني جي تاريخدان علي شير قانع پنهنجي تصنيف تحفة الڪرام ۾ نهايت ئي اختصار سان ايتري ڳالهه ڪري ڇڏي ته "شاهه عبدالطيف ڀٽائي هڪ تارڪ الدنيا درويش آهي."

قانع جي ڳالهه کي به جيڪڏهن سبتو ڪري ڏسجي ته، تارڪ الدنيا هجڻ ته اصل عظمت جي نشاني آهي، لطيف سائين جن فڪري سرچشمن مان سيراب ٿيو تن ۾ ته ان ڳالهه اڳ ئي چوليون پي ماريون ته، دنيا ڏونڍ آهي ۽ ان جا طالب ڪتا آهن." اهڙي طبقاتي، استحصالي ۽ دقيانوسي دنيا کي ترڪ ڪرڻ ڪانسواءِ شاهه حبيب جي فرزند لاءِ لطيف سائين ٽيڙ ته ممڪن ئي نه هجي ها تنهن ڪري بادشاهن، وزيرن، جاگيردارن، پيرن، ملن ۽ آخوندن واري اها ڏونڍ جهڙي دنيا ته هن ضرور ترڪ ڪئي پر جنهن نئين دنيا اڏڻ لاءِ هن پنهنجي لازوال شاعري جي ذريعي فڪري سمنڊ جي ڪيڙ تي سندس همعصر دور جي ڪنهن به مصنف شعوري طرح رڳو ان ڪري رقم طرازي نه ڪئي، جو لطيف جو اصل فڪر ان دنيا سان متصادم هو جنهن دنيا ۾ تڏهوڪن محققن ۽ تاريخدانن الوليون پئي ڪيون، ان ڪري سندن لاءِ ضروري هو ته علي شير قانع جي ڳالهه تي ڳنڍ ٻڌي ٻيهي رهن ۽ لطيف کي لطيف جي خلاف استعمال ڪرڻ لاءِ لطيف جي هر ڳالهه کي روحاني رازن ۽ رمزن جي رڻ پٽ ۾ گم ڪري ڇڏين ۽ پوءِ هڪڙي ڊگهي عرصي تائين هوائين ڪندا رهيا.

ڪئيس ڪويڃن، تن طبيب نه گڏيا
ڏيئي ڏنپ ڏڏن، پاڻان ڏيل ڏکويو.

باوجود متئين حيققت جي، ان ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته تن صدين تائين مير علي شير قانع واري من گهڙت تعارف ۾ تحليل ڪري ڇڏيل سنڌ جي هن سرموڙ شاعر کي شروعاتي طرح هوتچند مولچند گربخشاڻي صاحب ۽ سائين جي ايم سيد ڏاڪي به ڏاڪي الهه لوڪ درويش واري سچاڻپ مان ڪڍي هڪ عظيم شاعر ۽ قومي شاعر جي طور متعارف ڪرايو پر لطيف سائين جي شاعراڻي پرواز ۽ فڪري گهرائي ۾ موجود عوام دوستي، غريبن جي طرفداري، فرسوده سماجي ريتن، رسمن ۽ روين کي تهس نهس ڪرڻ واري ولولي، تبديلي جي تڙپ، بامقصد قرباني ڏيڻ واري جذبي، وطن جي حب ۽ پنهنجي عظيم مقصد لاءِ ساهه جي پرواهه نه ڪرڻ جهڙين اعليٰ ۽ عالمگير خوبين جا موتي ميڙي منظر عام تي آڻڻ وارو پهريون ماڻهو اهو رسول بخش پليجو آهي، جنهن جو هي ڪتاب "تنين ماڻڪ ميڙيا" پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي.

هن ڪتاب جي ترتيب کان شايع ٿي پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچڻ واري طويل ڪهاڻي جا تفصيل بيان ڪرڻ بدران هتي اهو واضح ڪرڻ وڌيڪ ضروري آهي، ته هن ڪتاب ۾ موجود سمورو مواد پليجي صاحب جي ان گفتگو تي مشتمل آهي، جيڪا سنڌ جي تاريخ جي هن ٻئي وڏي جينيس پنهنجي عظيم فڪري رهبر ۽ رهنما شاهه عبداللطيف ڀٽائي کي سمجهائڻ لاءِ مختلف موقعن تي تقريرن ۽ ليڪچرس جي صورت ۾ ڪئي آهي.

لطيف تي مبني پليجي صاحب جي هن سموري گفتگو کي تحريري صورت ۾ پڙهڻ کانپوءِ آئون ان نتيجي تي پهتو آهيان ته هن سموري سمجهاڻي جي ذريعي هو لطيف جي اصل پيغام کي لطيف جي اصل وارثن سان اورڻ ٿو چاهي، جيڪڏهن ايئن نه هجي ها ته سنڌي نثر جو هي نرالو شهسوار لطيف جي پارکو سڏائڻ واري روايتي شوق تحت بيحد دقيق ۽ ڳرن اصطلاحن واري ٻولي ۽ لطيف تي هڪڙو ڪتاب لکي، ڪنهن سرڪاري اداري کان شايع ڪرائي، ڪنهن وڏي هوٽل ۾ پي. ايچ. ڊي پاس محقق صاحبن هٿان مهورت ڪرائي ٻئي ڏينهن جي اخباري سرخين جي زينت بڻجي پئي سگهيو. پر لطيفي وات جي هن پانڊيئڙي کي اهو پتو آهي ته:

ڪونهي ات ڪو هيار، جت تو پوري پائئيو

اهوئي ڪارڻ آهي جو پليجي صاحب ڪاهي ويڃي لطيف سائين جا اهي ڪوهيارا هٿ ڪيا جيڪي ڪڏهن هن کي دادو ۾ مليا تہ ڪڏهن نوشهري فيروز ۾. ڪڏهن ٺر جي ٽڏي واري تي مليا تہ ڪڏهن ڪوهستان جي ڪڪرالي سرزمين تي هن جيڏانهن ٿي وک وڌائي اوڏانهن سڄڻ سامهون هو ۽ پوءِ ان سڄڻ جو ذڪر هن انهن هارين، مزدورن، شاگردن، وڪيلن، اديبن، عورتن ۽ ٻارن سان ڇيڙي ٿي ڇڏيو جيڪي لطيف جا ڪردار ٻہ آهن تہ لطيف جا محبوب ۽ معشوق ٻہ آهن.

ڪانڈ نہ ڪنديس ڪو ٻيو ڪٽيرو ئي خوب
ميرو ئي محبوب اسان مارو من ۾.

پليجي صاحب لطيف سائين جي فڪر ۽ پيغام کي پنهنجي اصل ۽ بنيادي معنيٰ سان عام ڪرڻ ان ڪري ٻہ ضروري سمجهيو آهي جو سندس تصور ۾ اها ..... موڙي رهي آهي، جيڪا لطيف سائين جي فڪري سرزمين واضح ٽيڙ ڪانسواءِ اڏي سگهڻ ممڪن ڪونهي.

"مون فڪر پليجو هڪ اپياس" جي عنوان سان ڪتاب لکڻ يا سندس آتم ڪهاڻي واري ڪتاب لکڻ جي ارادي سان پليجي صاحب جو حال سارو جيترو ٻہ مطالعو ڪيو آهي، ان جي آڌار تي پوري يقين سان چئي ٿو سگهان تہ لطيف جي تصور واري سنڌ عملي طرح اڏي دنيا جي نقشي تي نمودار ڪرڻ لاءِ هن سڀ طرفي جدوجهد کي پنهنجي ايمان جو حصو بڻائي ڇڏيو آهي، جنهن جا ڪجهہ مثال پيش ڪرڻ ان ڪري ضروري آهن، جو انهن جي آڌار تي پليجي صاحب ياران نئين سنڌ اڏڻ واري گهڙ پاسائين فڪري ۽ عملي پورهئي کي سمجهڻ ۾ سهولت ٽيندي.

سنڌ جي تاريخ کي نئون موڙ ڏيڻ

صدين کان وٺي سنڌ جي تاريخ جو اٽ ڇڇنامي کان تاريخ مظهر شاهجهاني بلڪ جنت السنڌ تائين هڪ اهڙي گهاڻي ۾ ڦيرا ڏيندو رهيو هو جتي تحقيق جي اکين تي اکيا چڙهيل هئا.

يوسف ميرڪ جنگ ۾ مارجي ويندڙ ڏارئين لشکر کي جيڪڏهن شهيد ۽ وطن لاءِ وڙهندڙ سميجن کي جهنم رسيد لکيو هو تہ اها ڳالهہ لوهہ تي ليڪ پئي سمجهي وئي اهڙي ريت ڇڇ نامي سميت تاريخ جي سيني

ڪتابن ۾ جيڪڏهن محمد بن قاسم هيرو ۽ راجہ ڏاهر باطل لکيل هو تہ اهو صدين تائين وڏو تاريخي سچ پئي سمجهيو ويندو رهيو هوندہ رڳو ايترو پر تاريخ جي ڪنهن ڪتاب يا حوالي مان سنڌي قوم وارو تاثر ئي غائب هو. سنڌ جي تاريخ ۾ برهمڻن، سومرن، سمن، ڪلهوڙن ۽ ميرن جو دور تہ ملندو پر قومي معنيٰ ۾ سنڌين جي حڪمراني واري دور جو ذڪر ايئن ڪٿي بہ نہ ملندو جيئن عربن، ارغونن، مغلن ۽ انگريزن جو ذڪر ملندو. يعني سنڌي ماڻهن کي قبيلائي حدن اندر بند ڪري کين قومي سطح تي سوچڻ کان خود تاريخ روڪيو بيٺي هئي.

پليجي صاحب تاريخ کي صحيح رخ ڏيڻ کانسواءِ لطيف جي تصور واري سنڌ اڏڻ واري عمل کي ناممڪن ٿي سمجهيو ان حقيقت جي پيش نظر ڪوڙ جي ڪوٽ وانگر صدين کان تعمير ڪيل تاريخ جي ان قلعي کي واري جي ڊير ۾ تبديل ڪرڻ جو آغاز ڪيئن ڪيو؟ ان حقيقت جو اکين ڏٺو احوال معلوم ڪرڻ لاءِ پنهنجي دور جي مشهور رسالي ماهوار نئون نياپو جي ايڊيٽر ۽ اڳوڻي شاگرد اڳواڻ مسعود نوراني پاران پليجي صاحب متعلق لکيل ان مضمون مان هڪڙو مختصر اقتباس پيش آهي، جيڪو فيبروري 1987ع واري نئون نياپو ۾ شايع ٿيل آهي.

"هي ڳالهہ 1967ع واري سال سنڌ يونيورسٽي ۾ ملهائجندڙ سنڌي شام جي آهي، جنهن جي خاص محترم مهمان رسول بخش پليجي صاحب پنهنجي تقرير نهايت ئي ٺڌي ۽ ڏيمي لهجي ۾ شروع ڪئي ۽ پوءِ آهستي آهستي هو سڄي پنڊال کي پنهنجن دليلن جي گرفت ۾ سوگهو ڪندو ويو. هن جڏهن هوشو هيمون، مخدوم بلاول، شاهہ عنايت شهيد، دولهہ دريا خان ۽ دودي جا تاريخي پس منظر ۽ ڪارناما پيش ڪيا تہ ماڻهن خوب تاڙيون وڄائي ڪيس ۾ پورو داد ڏنو پر هي ڇا!! اوچتو ئي اوچتو هن اهو چئي سيني جا واڌ وڄائي ڇڏيا تہ "محمد بن قاسم حملہ آور ۽ غاصب هو جڏهن تہ راجہ ڏاهر سنڌ جو هيرو آهي." پنڊال ۾ جڙ تہ محشر مچي ويو. چئني پاسن کان هڪلون هجن پکڙيوس لاهيوس ماريوس ڪافر آهي، آئون خود سندس ڳالهيون ٻڌي واڙو ٿي ويو هئس.... ۽ پوءِ پليجو صاحب پنهنجي موقف جي حق ۾ خود اسلامي تاريخ جي محققن جا مختلف حوالا ڏئي پنهنجي ڳالهہ کي ثابت ڪري جڏهن اسٽيج تي وينو تڏهن اڌ منٽ ڪن

پنڌال کي جڙ تہ نانگ سونگهي ويو پر پوءِ اچانڪ پنڌال ۾ تاڙين جي گونجار ٿي تہ باقي سڀ آواز معدوم ٿي ويا.“

مسعود نوراني صاحب جي ان اقتباس مان واضح ٿي ويو تہ سنڌ جي تاريخ کي درست رخ ۾ موڙڻ جي شروعات ڪندڙ رسول بخش پليجي کانسواءِ ٻيو ڪوبہ نہ هو.

نئين ادب جي آبياري

رجعت پسند ادبي سوچ جو راج ڪنهن مارشلا جيان سنڌ تي هڪ ڊگهي عرصي کان ڇانيل رهيو. جنهن جو نقصانڪار نتيجو اهو نڪتو جو سنڌ جي شاعري ۽ ادب مان تہ رڳو سنڌ خارج ٿي وئي. بلڪ سنڌي ٻولي بہ فارسي زده شاعرن جي ڇپاڙي اڇلايل سوپاري وانگر ٿي وئي هئي. روحاني رازن جنن ۽ پرين جي قصن ۽ ڪهاڻين ۾ ٻڌل سنڌي نثر ۽ فارسي غزلن جي تقليد ۾ گم شاعراڻي تڪبندي کي پنهنجي اعليٰ ادبي منزل سمجهندڙ ماڻهن اتي بيهي رهڻ بدران رجعت پسندي جي اهڙي واٽ ورتي، جنهن 1940ع واري ڏهاڪي کان پوري منظر انداز ۾ سنڌي ادب، شاعري ۽ صحافت کي پنهنجي مضبوط گرفت ۾ وٺي ڇڏيو. 1943ع ۾ ڇپيل ايياز جو پهريون مجموعو پونئر پري آڪاس ان جديد عالمي ادب جو پهريون سنڌي نمونو هو جنهن جو رنگ شيخ سعدي جي سرزمين کان هندوستان جي ڪيترن ئي علائقن تائين پکڙيل هو. هندستان ۾ نہ رڳو اردو ۽ هندي ادب ۾ زندگي سان ڀرپور نثر ۽ نظم تخليق ٿي رهيو هو بلڪ ترقي پسند مصنفين جهڙو منظر فورم بہ موجود هو جنهن کان متاثر ٿي سنڌي اديبن ان فورم جو حصو بڻجڻ ۽ سنڌي بدران اردو زبان ۾ لکڻ کي شايد ان ڪري بہ ترجيح ڏني جو کين سنڌي ٻولي تي رجعت پسند ماڻهن جو تسلط محسوس ٿي ٿيو.

اهوئي ڪارڻ هو جو شروعاتي ڏينهن ۾ شيخ ايياز بہ اردو لکڻ ۾ ئي پنهنجي عاقبت سمجهي ايياز جي اظهار مختلف سببن جي ڪري، جڏهن سنڌي ٻولي جي واٽ ورتي، تڏهن ادب براءِ ادب جي قائل رجعت پسند اديبن شديد رد عمل جو مظاهرو ڪندي زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيو. جنهن جي نتيجي ۾ ايياز جي شايع ٿيل ٽن ڪتابن پونر پري آڪاس، ڪلهي پاتم

ڪينرو ۽ ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي تي پابندي عائد ٿي. اهڙين رڪاوٽن جي باوجود سڀ واري ڏاهاڪي تائين جديد سنڌي اديب پنهنجو تخليقي ۽ تحريڪي سفر باقاعده شروع ڪري ڏنو هو جنهن جي رد عمل ۾ رجعت پسند سنڌي ليکڪ به پنهنجون تراورن صفا ميارُ مان ڪيي ميدان ۾ آيا. سخت مقابلي واري ان ميدان ۾ جديد ادبي قافلي کي ڪنهن اهڙي سالار جي ضرورت هئي، جنهن کي عالمي ادب، انساني فڪري تاريخ، لطيف جي اصل پيغام، عالمي تنقيد جي اعليٰ معيار تخليقي صلاحيتن، بيباڪي ۽ بهادري جهڙن گڻن جي زرهہ چڙهيل هجي. جديد سنڌي ادب جي فڪري فتح لاءِ سنڌ جڏهن لطيف جي هنن سٽن سان ڪيس سڌيو:

اڄ پڻ گهرجين تون، بداماڻي پنرا،
مٿي مٿان مون، ويرين واٽون لائيون.

تڏهن رسول بخش پليجو چاتي تي هٿ هڻي اڳيان وڌي آيو اونداهہ جي رکوال چهرن جي اکين ۾ مرچ پريندڙ پليجي صاحب جون تنقيدي تحريرون "انڌا اونڌا ويڄ" جي صورت ۾ جڏهن پڌريون ٿيون، تڏهن رجعت پسند ادبي ٽولي ڇڻ تہ آخري ساهہ کڻي لاڏاڻُ ڪيو پر ڳالهہ اتي ٻہ ختم نہ ٿي بلڪ ستر واري ڏاهاڪي ۾ جديد سنڌي ادبي سوچ ۾ هڪ اهڙي فڪري ڦيٽاڙي جنم ورتو جنهن جي ڪري جديد سنڌي ادب کي ڇڻ تہ سائي ٿي وئي. داخليت پسندي هن جو پٽڪو ٻڌجي ناول ڪهاڻي ۽ شاعري جو روپ ونڻ لڳي. شيخ اياز جو ان وقت ڇپيل ڪتاب "لڙيو سج لکن ۾" آشا ۽ نراشا جون خبرون ڪندڙ اديبن لاءِ هڪ دليل ٻڌجي پيو. جنرل ايوب خان جي مارشلا وقت جنهن ترقي پسند ادب وڏيون مڙساٽيون چوٽون کاڌيون اهوئي ادب جنرل ضياءَ جي مارشلا وقت مايوسي ڦهلائڻ جو هڪ وڏو وسيلو ٻڌجي پيو. اهوئي زمانو هو جڏهن رسول بخش پليجو سنڌ دوستي جو ملهہ چڪائيندي ڪوٽ لکپت جو اذيتناڪ قيد ڪاٽي رهيو هو پر تضادن جي سائنس جي وڏي ڄاڻو جي حيثيت ۾ هن مايوس ٿيڻ بدران سنڌي ادب ۾ اپري آيل نئين تضاد کي پروڙي ورتو. ياجو ڪڙائپ ۽ پاڙيائپ جي ٻوڏ ٻڌجي آيل لاڙن اڳيان هن مانجهي مرد ديوار چين ڪڙي ڪرڻ ضروري سمجهيو ۽ جيل ۾ ئي ادبي تنقيد جو شاهڪار ڪتاب سندي ذات هنجن لکيائين.

منهنجي هن راءِ تي وڏاءَ جي تهمت لڳي ته پلي لڳي، پر منهنجو ايمانداراڻو خيال آهي ته اڄوڪي سنڌ جو زندگي سان ڀرپور ادب پليجي صاحب جي انهن فتح ڪيل ادبي مورچن ۾ پلجي وڏو ٿيو آهي، جن تي اڄا تائين سندس چوڪي ۽ چوڪسي جاري آهي.

ثقافتي مورچو

پليجو صاحب صدين تائين چوندو هو ته ثقافتي مورچي ۾ ذره پوش تي ويهڻ ڪانسواءِ ٻاهرين طاقتور طوفاني هوائن جو مقابلو ڪرڻ نهايت ئي مشڪل آهي، پنهنجي اهڙي خيال جي پيش نظر هن عملي جدوجهد جي شروعات ۾ ئي ثقافتي مورچي کي نئين سر تعمير ڪندي راڳ کي عوامي امنگن پٽاندر ٻڌائڻ ۽ عوامي جدوجهد سان ان جو لاڳاپو پيدا ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو اها حقيقت اڪثر ماڻهن کي شايد حيران ڪندي ته پليجو صاحب جڏهن لطيف آباد واري جڳهه ۾ رهندو هو ته اتي سياسي اڳواڻن، شاعرن، دانشورن ۽ اديبن سان استاد محمد جمن کان فقير عبدالغفور تائين ڪيترائي ڳائڻا اهڙيون ڏنون ناهڻ ۾ مصروف هوندا هئا جن ڏنن تي ڳائي ويل قومي عوامي شاعري اڳتي هلي قومي تحريڪ ۾ نئون روح ڦوڪيو. جيجي زرينہ بلوچ جهڙي ثقافتي مورچي جي عظيم سپهه سالار پليجي صاحب جي ان سوچ جو نتيجو هئي، جنهن تحت هن اهو طئي ڪري ڇڏيو هو ته ثقافت کي نئين رنگ ۾ سنڌ جي عوامي شعور سان سلهاڙڻ ڪانسواءِ لطيف جي تصور واري سنڌ تعمير ڪري نه سگهبي نه صرف ايترو پر ثقافتي معنيٰ ۾ سنڌ جي ٻولي کي بچائڻ ۾ هن پنهنجي ٻچن جي جيڪا قرباني ڏني، ان جو اندازو ڪرڻ لاءِ رڳو اختر بلوچ جو ڪتاب قيديائي جي ڊائري پڙهڻ ئي ڪافي آهي.

صحافتي ميدان کي هموار ڪرڻ

پليجي صاحب جي صحافتي ڪاوشن جي ڪهاڻي جيتوڻيڪ گهڻي طويل آهي، پر ان سلسلي ۾ پليجي صاحب جو صحافتي ادب تي مشتمل مواد پڙهڻ سان پتو پوندو ته هن ڪهڙي ريت مدي خارج صحافت جي پراڻي ۽ بدبودار رلي ويڙهي ان جاءِ تي اهڙي صحافت جي ٽڪن واري رلي وڇائي ڇڏي، جيڪا صدين تائين سنڌ جي سونهن وڌائيندي رهندي.

سياسي پيشقدمي

پليجي صاحب سيني شعبن جي تعمير نوکي سياسي تحريڪ ۽ تنظيم کان سواءِ ان ڪري ب پائيدار نہ ٿي سمجهيو جو ڪيس معلوم آهي تہ ڪنهن مضبوط تنظيمي ضابطي کانسواءِ عين ممڪن آهي تہ شيون وري ب ڪٽو ڪڻُ ٿي وڃن، جنهن جي نتيجي ۾ نئين سنڌ جي اڏاوت وارو ڪم منتشر ٿي وڃي، جيڪڏهن ان کانسواءِ ڪا ٻئي ڳالهہ هجي ها تہ هن کي عوامي تحريڪ جهڙي انقلابي پارٽي ناهي پنهنجي زندگي کي ڏکهي عرصي تائين قيدخانن جي حوالي ڪري، پنهنجي صحت برباد ڪري زماني جون اوڇيون تهمتون سهي سڄي عمر ثابت قدمي سان بيٺو رهڻ بدران ڪا اهڙي وات وٺي ها جنهن تي، نہ ڪو خوف نہ خطرو نہ ڪو غم هجي ها.

امير طبقي لاءِ سياست ڪرڻ جنهن سبب جي ڪري ضروري هوندي آهي، اهو سبب پليجي صاحب تي ان ڪري لاڳو نہ ٿو ڪري سگهجي جو هو جنگشاهي جي پٽريلن پوٽن مان ايري آيل ماڻهو آهي، جيڪو ڪنهن سر يا خان بهادر جو پوٽو يا پڙ پوٽو هجڻ بدران هڪ غيرت مند غريب ڳوٺاڻي منگر خان جو پوٽو آهي، جنهن جي طبقي لاءِ ڏينهن ۾ ب ويلا چلهہ ٻارڻ ئي وڏو مسئلو هوندو آهي، ان حقيقت مان معلوم ٿئي ٿو تہ سياست ڪرڻ پليجي صاحب جو شوق نہ پر مجبوري هئي.

هو جڏهن سياست ۾ آيو تڏهن سنڌ ۾ ٽي مکيہ ڏارائون موجود هيون جن ۾ سڀ کان طاقتور ڏارا ذوالفقار علي ڀٽي جي هئي، جنهن ۾ جمهوريت جي راڳڻي تي بيتال رقص ڪندڙ خلق جو خيال هو تہ جيڪو جمهوريت پسند آهي ان کي غير مشروط طور تي ڀٽي صاحب جي جمهوري صف ۾ شامل ٿيڻ گهرجي ٻي قابل ذڪر سياسي ڪئمپ قوم پرستن جي ڪئمپ هئي جتي جديد قوم پرستي موجود هئي، جڏهن تہ ٽئين وڏي سياسي ڏر اها ڪميونسٽ پارٽي هئي جنهن جي دعويٰ هئي تہ جيڪو ماڻهو سندس پارٽي ۾ موجود ناهي اهو هر حوالي سان رجعت پرست آهي، ٻئي معنيٰ ۾ هٽ وٺي اهڙو سياسي وايو منڊل جوڙيو ويو جنهن مطابق جمهوري طبقاتي ۽ قومي سوال جو پاڻ ۾ جڙ تہ ڪو واسطو ۽ لاڳاپو ئي نہ هو نہ ئي ٿي سگهي ٿو. هڪڙا

ٿهيل ٽڪيل ٽپا موجود هئا. جن مان جيڪو جنهن ٽپي جي چونڊ ڪري اهو ٽپو پنهنجي دل جي دامن تي هڻي ٽنهين مان ڪنهن هڪ ڪيمپ جي دروازي مان داخل ٿي وڃي. ڳالهه جو صفا سادو مطلب ته سياسي ميدان ۾ تر ڇٽڻ جيتري به جاءِ نه هئي. اهڙي ماحول ۾ جنهن ماڻهو جمهوري طبقاتي ۽ قومي سوال جي ڳانڍاپي سان هڪ واضح ۽ چٽي سياسي واٽ جو ڏس ڏيندي پنهنجي هٿ جو اعلان ڪيو ان جو نالو رسول بخش پليجو آهي.

پليجي صاحب جي اهڙي نئين نرالي ۽ غير متوقع سياسي واٽ تي ڪيترين ئي رڪاوٽون وڌيون ويون. مخالف قوتن پنهنجا وڏا منصب ۽ معتبريون استعمال ڪيون. قدآور شخصيتون سندس آڏو آيون پر هن جي اک ڪنهن تي به نه ٻڌي ڇاڪاڻ ته هن ڄاتو ٿي ته:

"پرم کل جائي ظالم تيري قامت کي درازي کا
اگر اس طُره پُر پيچ کا هر پيچ و خم نڪلي"

(غالب)

۽ پوءِ دنيا ڏٺو ته انهن بظاهر قداور نظر ايندڙ ماڻهن جي وڏن پٽڪن جو جڏهن هر ور کليو تڏهن پليجي صاحب جي سياسي واٽ تي هلندڙ ماڻهن جو تعداد هزارن نه بلڪ لکن ۾ هو. جنهن جي شاهدي ڏيندي شيخ اياز لکيو آهي ته "پليجي جي بين الاقوامي سياست، حالتن ۽ نظرين جو مشاهدو ۽ مطالعو وسيع آهي، هونئن به هاڻي هو چوٽي جي ليڊرن مان آهي. هن جي سڏ تي سنڌ مان سوا لک سنڌي ڪراچي آيا جن ۾ ڏهاڪو هزار ته عورتون هيون". جنهن ماڻهو جي سياسي سفر جو باقاعدي آغاز سندس اڪيلي رخ سان ٿيو ۽ هر ماڻهو کي پڪ هئي ته بي سرو ساماني جي حالت ۾ شروع ڪيل پليجي صاحب جو هي سفر ڪنهن پاڳل پڻي جو سفر ثابت ٿيندو پر ان جي ابتڙ ٿيو ائين جو ايازڪي هڪ ٻئي جاءِ تي لکڻيو پيو ته:

"پليجو صاحب پاڪستان جي گوناگون شخصيت آهي، هن جو دشمن به هن جي بي انتها ذهانت، تجربي جي انفراديت ۽ دور انديشي کان انڪار نه ڪري سگهندو آهي، ان ۾ ڪوئي شڪ ناهي ته هن پنتي پيل صوبي ۾ عوام جي نفسيات تي هن کي حيرت انگيز عبور حاصل آهي."

پليجي صاحب جون اهڙيون فاتحانه سياسي حڪمت عمليون پيش قدميون ۽ ڪاميابيون رڳو سندس وڏي سياستدان هٿ جو دليل ناهن.

بلڪ سنڌ جي سياست ۾ هڪ اهڙي نواڻ جو باعث بڻيون. جنهن جي آڌار تي اڄوڪي سنڌ پنهنجي سياڻي جي تعمير ڪري سگهي ٿي. شرط رڳو لطيف جي هن بيت کي پنهنجي پوري پاکيزگي سان سمجهڻ جو آهي ته:

ويهه مَ منڌ ۾ينيور ۾، ڪر ڪو واکو وس،
چڙهي ڏاڀين ڏونگرين، پير پنهون جو پس،
ڏورڻ منجهان ڏس پوندئي هوت پنهون جو.

پليجي صاحب جي دسترس ۾ جيڪڏهن عوامي تحريڪ جهڙي منظم سياسي پارٽي نه هجي ها ته هو شايد سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڃي سنڌ لاءِ آب حيات جهڙي حيثيت رکندڙ لطيف سائين جي پيغام کي عوامي سطح تي ائين عام نه ڪري سگهي ها. جيئن هي ڪتاب پڙهڻ ڪانپوءِ توهان محسوس ڪندا هن ڪتاب جي صفحي صفحي تي اهڙيون من ليائيندڙ نيون ۽ نراليون ڳالهيون موجود آهن. جن جا اقتباس پيش ڪرڻ لاءِ دل چڪيون ٿي ڪائي. پر آئون پاڻ کي پليندي رڳو ايترو ٿو عرض ڪريان ته لطيف جهڙي جينيس تي جڏهن پليجي صاحب جهڙو شارح ڳالهائي تڏهن سڃي وجود کي ڪن بڻائي ويهي ٻڌجي. پليجي صاحب جو هي ڪتاب بنا ڪنهن شڪ جي لطيف سائين جو اهو بنيادي تعارف آهي جنهن کي صدين تائين سنڌ جي اڪين کان اوجهل رکيو ويو هو ۽ هاڻ سنڌ پنهنجي عظيم رهبر جي لازوال شاعري ۾ موجود اصل پيغام سمجهڻ کان پوءِ جڏهن اڳندي تڏهن ڪيس اهڙو ڇرڪ پوندو جنهن سان سنڌ جي سيني ۾ پيل رڪ جي سنگهر ڪڙي ڪڙي ٿي ڇڄي پوندي ۽ دنيا جي نقشي تي لطيف سائين واري تصور واري اها سنڌ نمودار ٿيندي. جنهن لاءِ خود لطيف سائين چيو آهي ته:

نڪو جهل نه پل، نڪو رائر ڏيهه ۾،
آڻيو وجهن آهرين، روڙيو رتا گل
مارو پاڻ املهه، مليرون مرڪڻو.

مير حسن آريسر

سرمد جو گهر عمرڪوٽ

4 سيپٽمبر 2015ع

عالمي انساني فڪري تاريخ ۾
تصوف جو ڪردار

تصوف تمام گھڻا زبردست شاعر، زبردست ماڻھو ۽ زبردست ھستيون پيدا ڪيون آھن ۽ سڀ جھڙا شاعر چئي ويا آھن:

الله الله چو ڪرين! پاڻ ئي الله ڄاڻ.

يا

ايجھا ڪم ڪريجي، جنھن وچ الله آپ ٻڌيجي.

ڪيترن ئي تمام وڏن شاعرن جا ڪلام آھن پر آئون سمجھان ٿو تہ تمام گھڻن ماڻھن کي صوفي صادق فقير جو اھو ھڪڙو ئي شعر ياد ھوندو، جيڪو بيحد مشھور آھي ۽ اھو سدائين منھنجي ذھن ۾ ٻہ رھندو آھي:

الله اورانھون ڇڏي، پنڌ پرانھين پيا،
بنا نالي سپرين، اڃان ڪي ٻيا،
واڪيندا ويا، "صادق" ٻڌي سندرا.

دنيا جي تمام وڏي انقلابي ۽ غير معمولي انسان لينن بابت چيو ويو آھي تہ جيڪڏھن لينن پنھنجي سڃيءَ زندگيءَ ۾ ھڪڙو ٻہ اکر نہ لکي ھا تہ ٻہ ھن جيڪو زندگيءَ ۾ لکڻ بنا عملي ڪم ڪيو ان جي آڏار تي ٻہ ھو جديد دنيا جي چند عظيم ترين ھستين مان ھڪ ھجي ھا، پر ٻئي پاسي جيڪڏھن ھو پنھنجي ڪمري کان ٻاھر نہ نڪري ھا ۽ ھن جيڪي ست وڏا ڄُلد لکيا آھن، اھي ست ڄُلد ڪمري ۾ بند ٿي لکي ھا تہ ھو انھن ست جلدن جي بنياد تي جديد عظيم ترين رھبرن مان ھڪ ھجي ھا. ڏسڻو اھو آھي تہ گھڻا شعر يا ٿورا شعر نہ پر ڪڏھن ڪڏھن ڪا ھڪڙي ڳالھہ ڪو ھڪڙو لفظ ۽ ڪو ھڪڙو نقطو ٻہ ماڻھوءَ کي امر ڪري ڇڏيندو آھي. ھي ھڪڙو شعر آھي، ڏسو ھن جي شوخي:

الله الله جي ڪن، اسين مُور نہ مڃون تن ڪي،
اسين منجهان تن، جن نانءُ نہ ورتو ڪڏهين.

يا

جيڪي ڏٺئي جڳ ڪي، سو اسان ڪي مَ ڏي،
سو مڙيو ئي ني، جو ئو جو جهان جو.

يا

جيڪي تنهنجو سپرين، سو اسان جو نہ هوءِ،
اسين تنهنجا توءِ، تون نہ اسان جو پرين.

آئون انهن جي تشريح ڪونہ ٿو ڪريان پر ان جي شوخيءَ تي اهل دل غور ڪري سگهن ٿا ۽ ان تي سڄو وقت ڳالهہ ڪري سگهجي ٿي تہ هن ۾ ڪيڏي شوخي، ڪيڏي نرالائي ۽ ڪيڏي قطعي هڪڙي عام رجحان کان الڳ رستي جي ڳالهہ آهي. صوفي صادق صاحب انهن صوفين منجهان هو جن صوفين جو هڪ وڏو داستان آهي. تصوف مذهب جو حصو آهي ۽ مذهب دنيا جي ماڻهن طرفان ان ڳالهہ جي ڳولا جي ڪوشش جو حصو آهي تہ هي جهان ڇا آهي؟ ۽ ڪيئن وجود ۾ آيو؟ ڇو وجود ۾ آيو؟ جڏهن پهرين پهرين لکين ورهين اڳي جڏهن انسان انسان ٿيو انساني صورت ۾ آيو تہ ان وٽ نہ ڪتاب هئا ۽ نہ ڪا ٻولي هئي، پهرئين دؤر ۾ انسان وٽ ٻولي بہ ڪانہ هئي، پوءِ هو هڪ ٻولي سکيو تنهن وقت لکڻ ڪونہ هو سُميريا ۾ لکڻ ايجاد ٿيو. ماڻهن سرن تي لکڻ شروع ڪيو. هن ڪائنات جو علم اسان کي سيکاري ٿو تہ هر شيءِ جي هڪڙي تاريخ آهي. تاريخ جي معنيٰ ڇا آهي؟ تاريخ جي معنيٰ آهي تہ شيون ڪڏهن ڪونہ هيون، پوءِ وجود ۾ آيون، ان کانپوءِ ڦوهہ جوانيءَ ۾ آيون، زوال پذير ٿي گم ٿي ويون ۽ ختم ٿي ويون. هن ڪائنات ۾ هر شيءِ وجود ۾ اچي ٿي، پنهنجي عروج کي رسي ٿي، تنهن کان پوءِ اها ٻين لاءِ جاءِ خالي ڪريو رواني ٿي وڃي ٿي. تيئن اسان وٽ جيڪي اڄ موجود آهي سو ڪنهن زماني ۾ موجود نہ هو. سمجهہ، ڳالهيون، شيون، خيال، سوچون انهن سڀني جي هڪڙي تاريخ هن معنيٰ ۾ آهي تہ اهي اڳي ڪونہ هيون، پوءِ وجود ۾ آيون، آهستي آهستي نسريون، جوان ٿيون، پنهنجي عروج تي پهتيون ۽ انهن جي مستقبل جي جاءِ تي

ٻيون شيون پيدا ٿيون. پهرئين پهرئين اسان تاريخ جو مطالعو ڪريون ٿا تہ اسان کي خبر پوي ٿي تہ انسان آسمان، تارن ۽ چنڊ کي، خوف ۾ پوڇيندو هو. اوچتو ٻوڏيون ايندیون هيون، اوچتائي هئي، اٽڇاٽائي هئي. اٽڇاٽائي خوف ۽ دهشت پيدا ڪري ٿي. انسان هن ڪائنات جي گهٽن رنگن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي، ان زماني ۾ جڏهن ڪا شيءَ ئي نہ هئي، ان وٽن کي سمجهيو تہ هنن وٽن ۾ ڪا ڪرامت آهي، جانورن کي پوڇيائين، پٿرن کي پوڇيائين ۽ آسمان، تارا، چنڊ دنيا جي هر شيءِ کي پنهنجو بزرگ سمجهيائين. ڪن شين لاءِ چيائين تہ هنن ۾ ڪرامتون آهن، غير معمولي غيبي قوتون آهن، ايئن انسان هزارن طريقن سان هن ڪائنات کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي. تنهن کان پوءِ جادوءَ جو دؤر آيو ۽ائي فلاڻو جيڪڏهن منتر پڙهي شُو ڪبو تہ هنن مصيبتن کان بچي وڃبو ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان جيڪڏهن ڪريون طاقتون آهن، جن ۾ وڏيون طاقتون آهن، انهن کي خوش ڪيئن ڪجي، انهن کي خوش ڪرڻ لاءِ ماڻهن عبادتون ڪيون، دعائون گهريون، ڪنڊ هيٺ ڪيائون، هٿ ٻڌائون، قرباني ڏنائون، جيئرن ماڻهن کي قتل ڪيائون. ڪن حالتن ۾ ڏيئرون ۽ پٽ بہ قربان ڪيائون. قرباني‌ءَ جو بہ تصور ايئن ئي آهي جيئن مون تي غيبي قوت ناراض نہ ٿئي، مون تي رحم ۽ ٻاجهہ ڪري. سڀ ڳالهيون اٽڇاتل هيون، نامعلوم هيون. انسان ٽن طريقن سان شين کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هڪڙو تہ هُن هِن طريقي سان ڪم ڪيو روز مرهہ جا ڏنڊا ڪيائين، آن پوکيائين، ٻنيون آباد ڪيائين. پهرين شڪاري هو پوءِ شيون ڳٽيندو هو. وٽن مان ميوا ڪرندا هئا تہ انهن کي وڃي کائيندو هو. هن کي فصل اُپائڻ جي خبر ڪانہ هئي، پوءِ تير ۽ ڪمان ٺاهيائين، پٿر ٺاهيائين، تنهن کان پوءِ شڪار ڪرڻ سکيو. زراعت هن جي ٽئين درجي ۾ آئي آهي. لکين سالن جي انسانن جو هڪڙو ڏگهو سفر آهي. جيڪي شيون اڄ اسين حاضر ڏسون ٿا، فلاڻي شيءِ موجود آهي، اڄ اسان وٽ راڄ موجود آهي، پهرين ڪٿي هو راڄ؟ اڄ اسان وٽ وڏا منظم مذهب موجود آهن، اڳي اهڙا منظم مذهب ڪٿي هئا؟ هي تہ ڪالهوڪيون شيون آهن، تنهن ڪري پهرين دؤر انهن مختلف شين کي پوڄڻ جو اڇي ٿو. پاڻي‌ءَ جي پوڄا، درياهہ جي پوڄا، چنڊ جي پوڄا، سج جي، هر شيءِ جي پوڄا ڪئي ويندي هئي،

انهن کي خوش ڪرڻ لاءِ جادوءَ جو منتر هٽبو هو پوءِ وري دعائون گهربيون هيون، ماڻهن کي ڪنهن زماني جي خبر ڪانه هئي، انهن کي اها بہ خبر نہ هئي تہ موسمون بدلجن ٿيون، اسان وٽ انهن دعائن جو رڪارڊ آهي، ماڻهو سج کي وينتيون ڪندا هئا، "اي سج تون مهرباني ڪري موٽي اچ." "اي بهار جي موسم، اي پيارا بهار، تون ٻئي سال موٽي اچجان، مري نہ وڃجان."

انسان ذات جي فڪر ۽ سوچ جو هڪڙو وڏو درد جو داستان آهي، سنڌي ادبي بورڊ هڪڙو ڪتاب ڇپيو آهي، "جادو ۽ سائنس" اسان کي پڙهڻ گهرجي تہ خبر پوي انسان ويچارو پنهنجي بي سمجهيءَ جي ڪري، تجربو نہ هئڻ ڪري ڪيڏين اذيتن جي دؤر مان صدين جون صديون گذريو آهي. انسان جي تاريخ جو وڏي ۾ وڏو حصو بربريت، وحشانيت، ظلم ۽ تشدد جو شڪار ٿيڻ جي دؤر مان گذريو آهي. انسان جو داستان ڏاڍو دردناڪ داستان آهي. نہ رڳو انهن سببن جي ڪري جيڪي ٻين ماڻهن مٿس ڪيا آهن پر انهن سببن جي ڪري بہ جو انهن کي شين جي خبر ڪانہ هئي، دنيا ۾ وڏا منظم مذهب بعد ۾ پيدا ٿيا آهن، پهرين ننڍڙا مذهب هئا، جنن ٻوتن کي پوڄڻ وارا مذهب هئا، ڪجهہ دعائون، ڪجهہ فقرا مذهب ۾ هئا. ان سان گڏوگڏ انسان تجربا ڪيا. تجربن جي آڌار تي هُن کي نتيجا ڪڍيا، کي قياس ڪيائون، دنيا کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪيائون، هن ڪائنات کي غيبي قوتن جي مدد سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي، جن کيڏ وارا ٻوٻا هوندا هئا، ڪهان ۽ شامان هوندا هئا، پنڊت، مولانا ۽ پادري بعد ۾ آيا. يعني اها ڳالهہ ڪالهوڪي ڳالهہ آهي. هزارين سال شامان ايندا هئا، تہ آئون هُو هُو هُو ڪندس، هن جو جن نڪري ويندو. ايئن لکين سال انسان اهڙن ماڻهن جي حوالي رهيو آهي. فڪري طرح ان قسم جي ڳالهين جو شڪار رهيو آهي تہ هي جيڪو ماڻهو مون کي هيئن ڪندو تہ پوءِ جن نڪري ويندو. پوءِ ٻوت نڪرندو منهنجو فصل سٿو ٿيندو هي هيئن ڪري سج گرهڻ کي روڪي ڇڏيندو. هي گرميءَ کي روڪيندو هي ٻوڏ کي روڪيندو ايئن لکين سال انسان سان ٿيو آهي، منظم مذهب پوءِ آيا. منظم مذهب بنيادي طرح تي توهان ڏٺا هوندا تہ مظلوم طبقن جي پاران آيا، ان زماني ۾ سياسي پارٽيون (Political Parties نہ هيون، سياست ڪانہ هئي، سمجهہ ڪونہ هئي، عقل ڪونہ هو ڪتاب

ڪونہ هئا، ماڻهو ايجان ابتدائي دؤر ۾ هئا، ماڻهو پنهنجون سموريون اميدون غيبي قوتن تي رکندا هئا، جو انسان انتهائي ڪمزور هو انسان ذات پنهنجي مڪمل رحم ڪرم تي هئي، انهن جي زندگيءَ جو مڪمل شيءِ خوف هو. خوف هن دنيا جي سڀ کان وڏي حقيقت رهي آهي. مظلوم قومن جي طرفان جيڪي خيال، جيڪي ڪتاب، جيڪي مذهبي اڳواڻ آيا، انهن ۾ پهرين پهرين سواءِ چند ڳالهين کي ڇڏي اهي هئا، جن هنن کي دلاسو ڏنو سهارو ڏنو مدد ڏني، هيٺن جا حامي ٿيا، سچ جي ڳالهه ڪيائون، حق جو پاسو ورتائون ۽ جبر جي خلاف لڙيا. هندستان جي مذهب ۾ رام شڪتيءَ وارو آهي، ڪرشن شڪتيءَ وارو آهي، ظالمن سان وڙهي ٿو. راوڻ سان وڙهي ٿو عيسائين ۾ به ايئن آهي، حضرت عيسيٰ عليه السلام غريبن جي پاسي هو مريضن جي پاسي هو ڏکين جي پاسي هو. حضرت موسيٰ عليه السلام غلام قومن کي فرعونن کان آزادي ڏياري. مذهبن جو جيڪو پهريون عروج ٿئي ٿو مذهبن جي جيڪا شروعات ٿئي ٿي سا هيٺن جي حمايت سان ٿئي ٿي، غريبن جو پاسو ڏکويلن جو سهارو جبر، ظلم ۽ تشدد سان جرئت وارو مقابلو ناممڪن ڳالهيون، ان ۾ ڪرامتون به شامل آهن، پر بحيثيت انسانن جي هنن جو ڪردار آهي، اهو تاريخي اعتبار کان انتهائي قابل غور آهي. جرئت سان بي پناهه قوتن جي سامهون بيهڻ جو پهريون ڏاڪو آهي، ان ڏاڪي ۾ ان وقت جون استيبلشمنٽ قوتون، طاقتور طبقا، قبائلي سردار، غلامن جا مالڪ ۽ جاگيرداري نظام انهن مذهبن جي مخالفت ڪن ٿا. انهن سان وڙهن ٿا، لڙائي ٿئي ٿي ۽ مذهبي شخصيتون، مذهبي سلسلا ۽ مذهبي قوتون فتح پائين ٿيون. جيئن توهان رامائڻ ۾ ڏٺو آهي، مهابارت ۾ ڏٺو آهي، اسلام ۾ توهان ڏٺو آهي، اوهان عيسائين جي تاريخ ۾ ڏٺو ته عيسائين سان رومي شهنشاهيت ۾ جيڪي ظلم ٿيا، اهي ڏاڍا پيانڪ هئا. توهان ڏسندؤ ته مسلمانن تي ايترا ظلم نه ٿيا آهن، جيترا عيسائين تي ٿيا. عيسائين جون ڏيئرون، زالون ۽ ٻار بکايل شينهن جي اڳيان اڇلائي چوندا هئا، "تون عيسيٰ تان هٽ کٽين ٿو ته تنهنجو ٻچو بچايون ٿا، نه ته هن کي کارائي وري تنهنجو ٻيو پٽ ٿا ڏيون." اهڙا ڪيترائي ماڻهو هئا جن مذهبي جوش ۾ پنهنجا پُٽ ته ڪُهائي ڇڏيا، پر حضرت عيسيٰ عليه السلام جي خلاف نه ٿيا. ڏيڍ سئو ورهين جو تمام وڏو عرصو آهي،

عيسائين تان بندش رومي شهنشاهيت ۾ حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي ڄمڻ کان فقط ٻه سئو سال اڳ ختم ٿي. ايستائين هي وڏي عذاب ۾ هئا. رومي شهنشاهيت پنهنجي عروج تي هئي. هنن شهنشاهه ۽ هر دؤر جي وڏن ظالمن سان مقابلو ڪيو. ٻيو دؤر جڏهن اچي ٿو تڏهن حڪمران طبقا انهن سان ڪمپرومائيز ڪن ٿا. ڏسن ٿا ته اهي هاڻي اسان سان ٺهندا ڪونہ. تنهن ڪري ڦري ان مذهب ۾ داخل ٿي ويون. هر مذهب ۾ توهان ڏسندؤ ته وڏا طاقتور ملڪيتن وارا ۽ دولتن وارا. جيڪي پهريائين ان جا سخت مخالف هئا. پوءِ ان مذهب ۾ شامل ٿيا. آمريڪي چوندا آهن: "جيڪڏهن اسين ڪنهن کي شڪست ڏيئي نہ سگهندا آهيون ته ان ۾ شريڪ ٿي ويندا آهيون." تنهن ڪري هر مذهب ۾ ايئن ٿيو آهي.

روم جا شهنشاهه جيڪي عيسائين کي بکين شينهن جي اڳيان اڇلائيندا هئا. اهي وري خيرن سان عيسائي ٿي ويا. توهان اسلام ۾ ڏٺو ته اموي ابو سفيان جو ساٿي حضرت عثمان رضي الله عنه کي ڇڏي گهٽي دير کان پوءِ مسلمان ٿيو. اسلام تي ٽورڙي وقت کان پوءِ انهن جو قبضو ٿي ويو. ٻين مذهبن ۾ ٻه توهان ڏسندؤ ته سيني هنڌن تي بلڪ هر نظريي، هر تحريڪ، انسان ذات جي تحريڪ ايئن رهي آهي. روءِ زمين ۾ جيڪي ٻه غريب دوست قوتون ايندڙيون آهن، اهي هڪڙي مقابلي کان پوءِ طاقتور ٿيندڙيون آهن، پوءِ وري حڪمران طبقا ان ۾ شامل ٿيندا آهن ۽ اهي بظاهر غريبن جي پاسي ٿي انهن کي تباهه ڪندا آهن ۽ اُن شيءِ، ان تحريڪ ۽ ان نظريي تي قبضو ڪري وٺندا آهن. اها شيءِ اڄ ڏينهن تائين اسان وٽ هلي پئي. توهان جي اکين جي سامهون اهڙيون تحريڪون اُٿيون، جيڪي غريب دوست هيون، يڪي مسڪينن جون هيون، جيڪي ماريلن جون هيون ۽ اڄ اهي انهن غريبن جو رت چوسيندڙ دشمنن جي هٿن ۾ آهن. مذهبن ۾ ٻه ائين ٿيو آهي. توهان دنيا جي تاريخ کي ڏسندؤ ته هر مذهب جي تاريخ ۾ اها ڳالهه اچي ٿي، ته پهرئين دؤر ۾ ان جي پاسي غلام آهن، غريب، يتيم، مسڪين ۽ بيواهه انسان آهن ۽ ٻئي دؤر ۾ انهن جا حامي ۽ علمبردار، شهنشاهه ۽ ظل الاهي آهن. هنن جون پهريون ڳالهيون ۽ قانون، جن جي لفظن جي آمين پئي ٿيندي، لفظ آهن پر جان ناهي، روح ساڻيو ناهي، اصل اهو ناهي، طاقت اها ناهي، دشمن ۽ حريف ساڻيا ناهن، جيڪي

اڳي دشمن هئا سي ڦري وارث ٻڌيا آهن، جيڪي اڳي انهن جا حامي ۽ علمبردار هئا اهي هاڻي تارڪ آهن، اهي ڪنڌ هيٺ ڪري بيٺا آهن.

ڪُلي وال تہ اکيان آنسو اسان پي منائيان عيدان چُن ميريا.

(وار ڪليل آهن، اکين ۾ لڙڪ آهن، اسان بہ عيدون پيا ملهايون)

"اسان جي پارٽي ڪٽي ويئي." پارٽي ڪٽي ويئي، اسان تڙپا بيٺا آهيون، مذهبن جي فتح ٿي وئي، دين سان محبت جا نعرا پيا لڳن. نعرۂ تڪبير الله اڪبر ۽ مسلمان عوام ڪروڙن جي تعداد ۾ ڪنڌ هيٺ ڪيو بيٺو آهي، يتيمن جيان ڪُٽجي پيو مري پيو موچڑا پيو ڪائي ۽ هي وڏا جُبا وجهيو هلن پيا، نعري جي هُوڪر آهي، آيتون پڙهجن پيون، پر ماڻهو ڪُٽجن پيا، سيني هنڌن تي ايئن ٿيو آهي، روءِ زمين جي نظرين ۾ بہ ايئن ٿيو آهي، سمورين تحريڪن ۾ ايئن ٿيو آهي، انساني تحريڪ جو سڀ کان وڏو ميواهو آهي، دوست دشمن ٿي پيا، دشمن دوست ٿي پيا.

"منزل اُنہیں ملی جو شریک سفر نہ تھے."

ان ڪري تہ ان زماني ۾ پوليٽيڪل پارٽيون نہ هيون.

"جس دل پہ ناز تہا وہ دل نہیں رہا."

جنهن شيءِ تي ناز هو ان شيءِ جا وارث ٻيا ٿي ويا، ماڻهو اڪيلا ٿي ويا، ماڻهو ڇا ڪن؟ اڄ جي زماني ۾ ماڻهو پوليٽيڪل پارٽي ناهي سگهي ٿو ليگ حرامي آهي تہ پيپلز پارٽي ناهي ٿو سگهي. ان زماني ۾ سياسي پارٽيون ڪونہ هيون، ان زماني ۾ ماڻهو ڇا ڪندا هئا، ماڻهو ٻين مذهبن جي پويان ويندا هئا، بيزار ٿيندا هئا تہ سوچيندا هئا جيڪڏهن منهنجي مذهب جو جيڪو عوام دوست، جمهوريت دوست ۽ انسان دوست عنصر آهي، منهنجي مذهب جي ڇگائي ۽ نيڪيءَ جون جيڪي قوتون آهن، جيڪڏهن اهي دشمن جي قبضي ۾ هليون ويون آهن، طاقت ۾ هليون ويون آهن تہ آئون ڇا ڪريان؟ پوءِ ماڻهو ٻين مذهبن ۾ داخل ٿيندا هئا يا وڌيڪ ڳالهہ اها ٿيندي هئي تہ ماڻهو نوان فرقا ناهيندا هئا. ان زماني ۾ فرقا پوليٽيڪل پارٽيون هيون. تمام وڏو عرصو صدين تائين ماڻهن پنهنجي مخالفت جو اظهار نون فرقن جي صورت ۾ سامهون آندو. توهان ڏسو خلافت راشده جي زماني کان پوءِ ماڻهن مختلف فرقا ناهيا آهن، مرجيئا وارو فرقو

آهي، خارجي فرقو آهي، اشعري فرقو آهي، مختلف ماڻهو آهن ۽ هر هڪ فرقو ڪنهن نہ ڪنهن پوليٽيڪل لائين جي نمائندگي ڪري ٿو. جيڪي مرجيئا حضرات هئا تن چيو تہ ڪو بہ حاڪم ڪيترو بہ بدمعاش، قاتل، جلاد ۽ عوام دشمن هجي ان جي مخالفت ڪرڻ جائز ناهي، الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن انهن سان انصاف ڪندو. هينئر انهن جي خلاف لفظ بہ ڪيندؤ تہ، "اطيعو الله واطيعو الرسول وامر بالمعروف ونهي عن المنكر" المنڪر جي خلاف ورزي ٿيندي ۽ سڀ جهنم ۾ هليا ويندؤ تنهن ڪري هينئر ماڻ ڪري ويهو. هڪڙي چيو تہ فقط قريش اهل قريش خلافت جا مالڪ ٿي سگهن ٿا، پوليٽيڪل اسٽيٽمينٽ هئي ۽ مديني جا انصار وزير ٿي سگهن ٿا، اها هڪڙي اسٽيٽمينٽ هئي، ان جي مقابلي ۾ خارجين جو پوليٽيڪل اسٽينڈ هو تہ نہ هر مسلمان خليفو ٿي سگهي ٿو. چيائون تہ خليفو ۽ حاڪم ڪيڏا بہ ڏوهہ ڪري، ڪوبہ ماڻهو ڪيڏا بہ گناهہ ڪري، جيڪڏهن اهو مسلمان آهي تہ الله تعاليٰ غفور رحيم آهي، اهو ان کي بخش ڪندو. ماڻهن کي پنهنجا ڏنڏا ڪرڻ ڏيو فيصلو پوءِ ٿيندو. هي مسلمان آهن، توهان جي پارٽيءَ جا ليڊر آهن، بين ماڻهن چيو تہ نہ ڪبيرو گناهہ ڪرڻ کان پوءِ ماڻهو ايمان وارو نٿو رهي. جڏهن مذهبي ڪتاب نٿا تہ انهن ۾ تفصيل ٿين ئي ڪونہ ٿا، اهو ممڪن ئي ڪونهي تہ سڀني معاملن جو علم مذهبي ڪتابن ۾ هجي. روءِ زمين جا ڪيترائي معاملا آهن، پنيون، بٽئيون، پيسا، اڌار، لينڊ روينيو ٽيڪس، علم فزڪس، علم ڪيميسٽري، علم بدن، ڪائنات جا معاملا ۽ ٻيون سڀ ڳالهيون هڪڙي مذهبي ڪتاب ۾ ڪيئن ايندیون. اهو ممڪن ئي ڪونهي. هاڻي چا ڪجي؟ هاڻي الله سائين کي چئجي تہ مهرباني ڪري ٻيو ڪتاب موڪليو اهو تہ هاڻي ممڪن ڪونهي، هاڻي چا ڪجي؟ هاڻي ان ڪتاب جي تشريح ڪجي، ان ڪتاب جي سمجهاڻي ڪجي، ان اکر جي معنيٰ چا آهي؟ هن اکر جي معنيٰ تہ ڪتاب لکي ڏيو. معنيٰ جيئن اسين وڪيل ڪندا آهيون، پينل ڪوڊ، پينل ڪوڊ، پينل ڪوڊ، پينل ڪوڊ تہ سڀ پيا ڪن، فريادي بہ ڪري پيو پاڳيو بہ ڪري پيو چور بہ پيو ڪري، وڪيل تہ جج بہ پيو ڪري، جنهن پئسا ورتا ۽ جنهن نہ ورتا اهو بہ پيو ڪري، ڳالهہ تہ ساڳي آهي، پر مطلب هر ڪنهن جو پنهنجو پنهنجو آهي. تنهن ڪري

مذهبي ڪتابن سان بہ ساڳيو عيب لاڳو آهي، هر ماڻهو آيتون فرمائي ٿو آيتون پڙهي ٿو هر ماڻهو وڏي مخرج سان آيتون پڙهي ٿو. هتي بہ اسان جو مهربان قدردان جناب نادر شاهہ آيو هو. ان جو مون هڪڙو خط پڙهيو جيڪو محمد شاهہ کي لکيو هئائين، "خدا جو قسم! منهنجي دل ۾ سواءِ اسلام جي خدمت جي ٻيو ڪوبہ خيال ناهي، آئون هندستان ۾ اسلام جي خدمت ڪرڻ آيو آهيان." اسلام جي خدمت ڪندي هڪڙي ڏينهن ۾ هڪ لک ماڻهو مارائي ڇڏيائين ۽ سڀ ٽپڙ ڦري ڪنگال ڪري ڪنگلو ڪري ويو ۽ اهو چوندو ويو تہ آئون اسلام جي خدمت ڪرڻ آيو هئس ۽ اسلام جي خدمت ڪرڻ وري ايندس، پوءِ اُتي مارجي ويو. هي جيڪي بہ ماڻهو هئا، انهن آيتون ساڳيون پڙهيون، هر ماڻهو آيت پڙهي، يزيد کي آيتون ڪونہ ٿي آيون ڇا؟ وڏو استاد هو يزيد وٽ علماءِ ڪرام آيتن وارا نہ هئا ڇا؟ فرسٽ ڪلاس ۽ عاليشان وينا هئا، دراصل اهي پنهنجي جوهر ۾ پوليٽيڪل پارٽيز هيون. جُبا سيني پاتا هئا، سونهاريون شريف سڀني کي هيون، پر انهن جا پوليٽيڪل ۽ اقتصادي مفادات الڳ هئا. هڪڙن پنهنجي بادشاهي بچائڻ لاءِ آيتون ٿي گڏ ڪيون، خليفا ٿي ٺاهيائون، حديثون بہ ٺاهيائون، ڪيتري ئي وقت تائين حديثون بہ ٺاهيون ويون. هاڻي انهن مان جند ڪيئن ڇُٽي؟ جيڪي آيتون وينا پڙهن، آيتن متان آيت، هاڻي ڇٽ ماڻهوءَ مان غريب ۽ مسڪين ماڻهو ڦاسي ويو. هو ڇا ڪري ۽ ڪيڏانهن وڃي؟ سڀ ڳڀ، بدمعاش آيتون وينا پڙهن، هاڻي انهن کي ڇا ڪجي؟ شريف بہ آيتون پيو پڙهي، بدمعاش بہ آيتون پيو پڙهي، سڀ مؤمن آهن، سڀ ديندار آهن. سڀ روزا پيا رکن، سڀ نمازون پيا پڙهن، ڪلمي جي هوکر لڳي پئي آهي، هاڻي ماڻهو ڪري ڇا؟ ڪيڏانهن وڃي؟ انهن ڏينهن ۾ پوليٽيڪل پارٽيون تہ هيون ڪونہ، پوءِ ماڻهن ايئن فرقا ٺاهيا، لڙايون ٽيون. توهان ڏٺو تہ ڪيئن خارجين کي ماري ماري ڪباب ڪري ڇڏيائون؟ خارجي وڏا قرآن جا ماهر هئا. ان دؤر جي حساب سان جيڪو ماڻهو مسلمان نہ هجي، ان لاءِ اسين هڪ خاص راءِ رکون ٿا، پر ٻئي پاسي ان دؤر جا خارجي اڄوڪي جمهوري قدرن جي سڀ کان وڌيڪ ويجها هئا، جن ڇيو تہ ڪوبہ مسلمان خليفو ٿي سگهي ٿو عرب ۽ عجم جو شرط ناهي ۽ ايئن مختلف ماڻهن جا مختلف خيال هئا. ڪن ڇيو تہ لفظي جيئن لفظ ۾

اشعري هئا. جيئن هڪڙو لفظ آهي، ائين اکر بہ اکر ان تي عمل ٿيڻ گهرجي، ٻين چيو تہ انهن ۾ تبديلي ٿيڻ گهرجي ۽ اڳتي هلڻ کپي، ايئن ڪٿين ڳالهيون آهن. اهو سلسلو رهيو مسلمانن ۾ ڪونہ هو عيسائين سان بہ هو هندن سان بہ هو بلڪ ان کان گهڻو اڳ ۾ يونان ۾ بہ هو يونان ۾ ٽي صديون اڳ پارمينائيڊس جهڙو ماڻهو هو. تنهن ان وقت جي مذهبي خيالن سان اختلاف ڪيو. هن چيو تہ هي جيڪو جهان ديوتائن جو اوهان اسان کي ٻڌايو پيا، اهي ديوتائون هن سڄي جهان جو حصو آهن ۽ هي سڄو جهان هڪ آهي. اهو ساڳيو خيال توهان کي پراڻن اپنشدن ۾ ملندو. مثلاً صوفين ۾ وحدت الوجود وارن جو هڪڙو تصور آهي ۽ وحدت الشهود وارن جو ٻيو تصور آهي. وحدت الوجود وارن جو تصور آهي تہ ڪائنات، هڪ تمام اهم ڳالهہ آهي، سمجهڻ جي ڳالهہ آهي، چون ٿا تہ هيءَ سموري ڪائنات ۽ خدا هڪ ئي شيءِ آهن. ابن العربي ۽ ان کان پوءِ اسان جي سيني شاعرن ان ڳالهہ ڪي ڪنيو. ابن العربيءَ جو ڪتاب خصوص الحڪم، مون ڪيترائي ڀيرا پڙهيو آهي. توهان بہ ڪڏهن ضرور پڙهجو هاڻي اردوءَ ۾ بہ ملي ٿو توهان غزالي پڙهو ۽ ڏسو تہ انهيءَ دؤر جي عقل جي حساب سان ڪيڏا زبردست بحث آهن. آئون تہ ابن العربيءَ جي ڪتاب "خصوص الحڪم" کي پڙهي چڪرائجي ويس. آئون جيل ۾ هوندو هئس تہ پڙهندو هئس. اهي جيل ۾ ويهي پڙهڻ جا ڪتاب آهن. ان ۾ وڏا ڏکيا ۽ پيچيدا مسئلا آهن. توهان غزالي پڙهو المهاورتي پڙهو انهن جون قانوني پوائنٽون ۽ پيچيدگيون پڙهڻ وٽان آهن. المهاورتي جي پوائنٽ هئي تہ هنن آيتون پڙهي پنهنجي خليفي کي قيد ڪري ڇڏيو پوءِ بہ هو مسلمان هئا. خليفو قيد ٿيو پيو آهي، خليفن کي قتل ڪري ڇڏيائون. ان وقت بہ ڪلما پئي پڙهيائون. الله ۽ رسول صلي الله عليه وسلم جون آيتون پئي پڙهيائون ۽ پاڻ کي مسلمان ڪاهيو مسلمان جي اقتدار جي گادين تي چڙهي ويٺا هئا. ٻکري ڪهجي تہ هٿ وڍجن پر خليفة المسلمين امير المؤمنين کي ڪُهي اُڇلائي ڇڏجي تہ ڪُهڻ واري کي خليفة المسلمين امير المؤمنين بڻائي ڇڏجي ۽ پنجيتاليهہ هزار تو مون جهڙا ماڻهو ان جي اڳيان آيتون پيا پڙهن ۽ آيتون چپڻ ۾ پورا آهن. اها صورتحال ڏسي ماڻهو سڄي ڳالهہ سمجهي ويا، هي تہ فراڊ آهي، هاڻي ماڻهو وڃن ڪيڏانهن؟

حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي وفات کان فقط ڏهه سال پوءِ پهريون صوفي حسن بصري رضي الله عنه پيدا ٿيو پر يونان ۾ پهريون صوفي پنج سئو سال پهرين ٿيو هو. هن ڪائنات ۾ وحدت الوجود جو جيڪو فلسفو آهي سو هندو اُپنشدن ۾ هوءِ گوتم ٻُڌ جي فلسفي ۾ به اهي ڳالهيون آهن. علامہ اقبال چيو آهي ته، "تصوف تي ٻُڌ خيال جو تمام وڏو اثر آهي." منهنجو مطلب اهو ناهي ته اسين هن سان اتفاق ڪريون، پر ڪن ماڻهن جو تمام وڏي حد تائين خيال آهي ته تصوف تي مهاتما ٻُڌ جو تمام وڏو اثر آهي. مون پڙهيو آهي ته سڪندريہ ۾ ٻُڌ ڌرم جا ڪيترائي ماڻهو هڪڙي وڏي ڪالونيءَ جي صورت ۾ رهندا هئا ۽ هي پروينئس، جيڪو يوناني هو سو انهن سان گڏ رهندو هو انهن سان ڪچهريون ڪندو هو. هڪڙي ڳالهه سمجهڻ ڪپي ته هن ڪائنات جي اندر به هڪ تضاد آهي، ڪائنات جي سائنس اسان کي سيکاري ٿي هن ڪائنات ۾ به وڏيون عالمگير ڳالهيون آهن، هڪڙي ڳالهه ته هن ڪائنات جي ذري ذري ۾ تضاد آهي. هتي اسان وٽ چوندا آهن ته ميان اُبتڙ ڳالهيون پيو ڪرين!؟ بابا اُبتڙ کان اُبتڙ جيڪا ڳالهه آهي سا ڪائنات جي ذري ذري ۾ موجود آهي. دنيا ۾ ڪا به اهڙي شيءِ ڪانهي، اهڙو ڪو به لقاءُ ڪونهي، اهڙي ڪا به صورتحال نہ آهي، جنهن ۾ تضاد نہ هجي. نمبر ٻيو ته هيءَ سڄي ڪائنات لکين ڪروڙين واسطن سان هڪ آهي. هن ڪائنات جون شيون هڪٻئي سان ڳنڍيل آهن. هڪٻئي کان متاثر آهن، هڪٻئي تي اثر وجهن ٿيون، هڪٻئي ۾ سمايل آهن. توهان انساني خيالن جي تاريخ ڏسندؤ ته اوهان کي خبر پوندي ته اهي مختلف ملڪن ۾ هڪٻئي کان پري رهندا هئا، هڪٻئي سان مليا به ڪونہ ٿي، انهن ماڻهن ساڳين مسئلن تي سوچيو پئي. توهان هندو مذهب کي ڏسو ان جي قديم زماني ۾ ويڇو انهن سوال پئي پڇيو ته ڌرتي ۽ ڪائنات ڇا مان ٺهيل آهن؟ ساڳيو سوال يونان ۾ ڇهه صديون اڳ حضرت عيسيٰ عليه السلام جي جنمڻ کان اڳ ۾ بلڪ تمام گهڻو اڳ ۾ يونان جي ماڻهن پئي سوچيو ته هيءَ ڌرتي باهه مان ٺهيل آهي، پاڻيءَ مان ٺهيل آهي يا ڪنهن ٻيءَ شيءِ مان ٺهيل آهي؟ تصوف جا ٽي چار بنيادي سوال آهن، توهان هڪڙي تاريخ پڙهندؤ ته توهان ڏسندؤ ته مذهبن ۽ ملڪن ۾ اهي ٻئي سوال ساڳي صورت ۾ موجود هئا ۽ انهن پنهنجا

پنهنجا جواب ڏنا آهن ۽ انهن جا علمبردار ماڻهو آهن. پهريون سوال هيءُ آهي تہ ڀلا خدا ۽ هن ڪائنات جو پاڻ ۾ رشتو ڪهڙو آهي؟ تصوف جو سوال آهي، فلسفي جو بہ بنيادي سوال آهي، الله سائين جو هن ڪائنات سان ڪهڙو تعلق آهي؟ الله سائين الڳ آهي، ڪائنات الڳ آهي يا ڪائنات ۽ الله سائين ٻئي هڪ آهن. وحدت الوجود چئي ٿي تہ ٻئي هڪ آهن ۽ وحدت الشهود چئي ٿي تہ بہ آهن. شنڪر آچاريا هندن جو اڳواڻ ٿي چڪو آهي، نمودري هندو هو ملوار جو اهو چوي ٿو تہ ڪائنات ۽ ميشر ٻئي هڪ آهن، پارمينائيس چوي ٿو تہ ها پاڻ ۾ هڪ آهن ۽ جيڪي قديم زماني جا عيسائي آهن، جن جي نالن جي فهرست اوهان کي بور ڪندي اهي چون ٿا تہ اسان جو اهو ئي خيال آهي. ٻيو خيال مجدد الف ثاني وارن جو آهي ۽ ٻين جو خيال هو تہ نہ گهٽا فڪر آهن، خدا الڳ آهي، انسان الڳ ڌرتي الڳ آهي، ڪائنات الڳ آهي. هندن وٽ بہ اهو ساڳيو مسئلو آهي. يونان ۾ بہ ساڳيو مسئلو آهي، يهودين وٽ ساڳيو مسئلو آهي، مادرن دنيا ۾ بہ ساڳيو مسئلو آهي، خدا شخصي آهي يا غير شخصي، صفتون اٿس ڪونہ اٿس، خدا کا جڳهہ والاري ٿو يا هڪڙي جڳهہ تي آهي، شخص وانگر آهي يا ڪونهي، ان تي هزارين ماڻهن جا خيال آهن، ان تي صدين کان سيني مذهبن جا پنهنجا پنهنجا خيال آهن. اسان پانيو تہ رڳو دنيا ۾ اسين مسلمان وينا آهيون، رڳو اسان وٽ صوفي آهن، پر نہ روءِ زمين ۾ جتي بہ انسان رهن ٿا اهي مسئلا آهن، سيني مذهبن ۾ ساڳيو مسئلو آهي، انسان جيڪي بہ ڪم ڪري ٿو پنهنجي مرضيءَ سان ڪري ٿو؟ جبر ۽ قدر جو مسئلو بلڪل جيئن اسان وٽ آهي، تيئن يهودين وٽ بہ آهي، تيئن عيسائين ۾ هندن وٽ بہ آهي. ان تي بحث ٿيو ئي ڪونهي، ڇاڪاڻ تہ هندستان ۾ فقہ ڪانسواءِ ٻيو بحث ڪرڻ ڏيندا ئي ڪونہ هئا، اتي ارغون ۽ ترخان وينا هئا. خود هندستان ۾ بہ ڌاريا حاڪم هئا، علمي آزادي ڪانہ هئي، مولانا حضرات وينا هئا، ڪنهن کي ڪجهہ ڪونہ چيائون. توهان کي خبر آهي تہ هتي اهل ماڻهن جي اڇ تي بہ بندش هئي. چئي ماڻهن جا خيال خراب ٿيندا، رڳو فقہ جي ڳالهہ ڪريو. هٿ وڍڻ جي ڳالهہ ڪريو رڳو هٿ وڍڻ ڪانسواءِ ٻي ڪا ڳالهہ نہ هئي. فلاڻي جا پير ڪيئن وڍبا، فلاڻو مري ويو. پوءِ هيئن ٿيو ڪنهن کي سوريءَ ڪيئن چاڙهجي، ڪنهن کي ڏنڪا

ڪيئن هڻجن، انهن ڪمن جا وڏا ماهر هئا، پي ڪا ڳالهه ڪانه هئي، ڪا سمجهه، ڪو فلسفو ڪو فڪر ڪونه هو. مون هڪڙو ڪتاب پڙهيو، جنهن ۾ لکيل هو ته مجدد الف ثاني جو نقطه نظر هو ته ارٽ ميٽڪ جنهن کي اسان انگي حساب چئون ٿا اهو فلسفي وانگر ڪفر آهي. هاڻي اها ڳالهه هن چئي آهي، لکي آهي، ڪتاب ۾ پڙهي آهي، مون اها تصديق ڪانه ڪئي آهي، منهنجي خيال ۾ قاضي جاويد لکي آهي. هندستان جي فلسفي جي حوالي سان ڏکيو دؤر هو تنهن ڪري هر ملڪ ۾ ضرورت ٿي ته آفيشل رليجن هجي جنهن تي سرڪار قبضو ڪري ويٺي هجي. قرآن ته هڪڙو هو پر ان جي معنيٰ سيڪشن رولس ۽ ريگيوليشن مختلف هئا، جيئن اسان جي سپريم ڪورٽ روز 45 فتوائون ڏيندي آهي، ڪڏهن ڪهڙيون فتوائون ته ڪڏهن ڪهڙيون.

امام يوسف جي باري ۾ پڙهيوسين ته خليفي خوش ٿي چيو ته هن کي انعام ڏيو. جيڪو خزانچي هو تنهن انعام نٿي ڏنس، چيائينس ته بابا سڄ لهي ويو آهي، سياڻي اڇجانءِ، هي انعام وٺڻ جو وقت ناهي امام ابو يوسف چيو ته مون سڄ لهڻ وارو مسئلو حل ڪري ڇڏيو آهي. خليفي کي هڪڙي ٻانهي وٽي وئي، جيڪا حلال ڪانه هيس، اها کيس مون حلال ڪري ڏني، رات جو مون اهو در کولي ڏنو هاڻي تون به هي در کولي ڇڏ. فتوائون حيلن جو مسئلو هو حيلو ڪيئن ڪجي، قانوني موشگافيون ڪيئن ڪجن؟ اسان کي قانون (Law) ۾ پڙهائيندا آهن ته حق شفا جو جيڪو مسئلو آهي، تنهن ۾ حيلو به ڪارگر ناهي، حيلي جي ذريعي جيڪڏهن ڪنهن به طريقي سان قبضو ڪجي، حق شفا جي حق کي رد ڪري سگهجي ته پلي ڪجي، چو ته اهو اسان کي حق آهي، اهو اسان کي (Muhammadian Law) "محمديئن لا" ۾ پڙهائين ٿا. تنهن ڪري ٻين قانوني ۽ علمي موشگافين کان قطع نظر هن ۾ تمام گهٽيون موشگافيون آهن. وڏا وڏا عالم ماڻهو آهن، فلسفي ماڻهو آهن، هي جيڪا جديد سائنس ڏسو ٿا، ان جي لاءِ يونان ئي ڪوشش ڪئي هئي، ان دؤر ۾ هنن قياس آرايون ڪيون ۽ ڏُڪا لڳايا، اڄ روءِ زمين انهن جي شڪر گذار آهي. هتان کان وٽي ماپ ڪيائون ته سڄ جو پنڌ گهٽو آهي؟ اڄ جيڪو سڄ جو پنڌ آهي، تنهن ۾ ڪي ٿورڙن ميلن جو فرق آهي، ساڳيو جهڙو يونانين چيو هو

هوبهو اهڙو آهي. جيڪڏهن دنيا ۾ ڪي معجزن جهڙا انسان آهن تہ اهي يوناني ماڻهو هئا. صديون گذريون پر ڪنهن ماءُ ارسطوءَ جهڙو ماڻهو پيدا نہ ڪيو ۽ صدين کان پوءِ بہ ارسطو پيدا نہ ٿيندو. يوناني اهڙيون شيون هئا. ايران ۾ انهن کي موچڙا هٿي ڪيي ڇڏيائون. قسطنطنيہ مان جمشيد وٽ آيا، ان هنن کي گهر ناهي ڏنا، هي نيشاپور ۽ گڌاپور ۾ رهيا، پوءِ عباسي آيا، پوءِ منصور بغداد جو شهر ناهيو هُن يونانين کي اتي رهڻ ڏنو جتي پوءِ ڪتاب ترجما ٿيا ۽ مسلمانن بہ پڙهيا، تصوف جو تصور تہ اڳي آيو هو پر ان جو جيڪو عملي تصور هو اهو ان زماني کان پوءِ ٿيو. ڏيڍ سئو سالن ۾ مسلمانن سڄي دنيا لاءِ هميشه لاءِ هڪڙي سائنس پيدا ڪئي، ايڏا علم پيدا ڪيا جو علم جاگرافي، فلسفو ۽ ميٿاميٽڪس هندستان ان کان سکيا ۽ ترجما ڪيا. پوءِ جيڪي اسان جا مسلمان عالم ۽ سائنسدان هئا انهن سان جيڪي جنيون ٿيون توهان کي خبر ئي ڪانهي. ماڻهو چون ٿا تہ اسان ابن رشد پيدا ڪيو ابن رشد کي ٻُڪون هٽي چيائون تہ يهودي آهي، ان کي وڃي يهودين وٽ ڇڏي آيا، پوءِ هن کي واپس ونڻي آيا ۽ هن کي مسجد جي باهران بيهاري مسلمانن کي چيائون تہ هي ڪافر ٿي ويو آهي، هن کي ٽڪون هٽو پوءِ ڪيس ٽڪون هنيائونس، هن کي نمونيا ٿي پئي ۽ هو مري ويو. رازي ذڪريا کي ڪتاب ڪٽي سندس متي ۾ هنيائون، هن جي متي ۾ گهب ٿي ويا، چيائون تہ ڪافر آهي. هي جيڪو اڄ اوهان وينا آهيو جڙ بهشت ۾ وينا آهيو هو تہ هيڏا ڄُبا پائي وينا هوندا هئا، ماڻهن کي هلڻ ئي ڪونہ ڏيندا هئا، هي صوفي جيڪي جيئرا شهيد آهن انهيءَ جبر واري پيانڪ دؤر ۾ زندهہ رهندا هئا، جتي زبان کولڻ جي جرئت ڪانہ هئي اتي هي ماڻهو ڳالهائيندا هئا. سبحاني ماڪاظم شاني، ان قسم جون ڳالهيون ڪندا هئا ۽ پنهنجي نقطہ نظر کي پيش ڪندا هئا، ان لاءِ دل کپي، گردو ۽ جرئت کپي، اسين تہ رڳو بيت پڙهون ٿا. اسان کي ڪهڙي خبر تہ ڪهڙي ماحول ۾ هنن ماڻهن جي زندگي گذرندي هئي. جتي جبر هجي، جلال هجي، جتي ڏاڍي ڏوٽي نہ هجي، چا جا هيومن رائيٽس، چا جون ڪورتون، مُلان وينا هئا، نڪ آيتون پڙهي منصور کي هڪڙي ماڻهو ڦاسي چاڙهي ڇڏيو هڪڙي منٽ ۾ ٻئي ڇٽا ڦري آيا، تو فلاڻو جملو چيو هو ان جي معنيٰ هي ءَ ٿي نڪري تہ، "تون ڪعبو ڍاهي ڇڏ." هن چيو "مون چيو تہ تون ڪعبو

پنهنجي جان کي ٿو سمجهين ته حق جي واسطي ان جي قرباني ڪر، تون سوچي ڪوڙ ڪري وينو آهين ته آئون فلاڻو ٿو ڪريان، قرباني ڪر.“ ان کي پهرين اکر ۾ ڦاهي چاڙهي ڇڏيائون. تصوف جي اهميت هن ڳالهه ۾ آهي ته ان جبر جي ڪاري رات ۾ هنن ماڻهن ۾ ڪم ڪيا، هڪڙو ڪم هيءُ ڪيائون ته انهن سان گڏ نه ٿيا. ٻي سڃي مخلوق رياڪاري، منافقي ۽ مڪر ۾ پوري هئي. توهان فارسي شاعري پڙهي آهي، فارسي شاعريءَ ۾ هيءَ آگ ڇو آهي، شراب جي نالي ۾ هوبهانا ڪريو ڳالهه ٿا ڪن، هنن کي نفرت چا جي آهي؟ هڪڙي مڪمل نفرت آهي. حافظ جو هڪ شعر آهي ته:

(حافظ شراب پي مست ٿي موجون ڪر، جيڪي وڻيئي سو خراب ڪر، ٻيلي هڪڙو ڪم نه ڪجانءِ، قرآن کي جيئن ماڻهن ڪوڙڪي ناهي غريبن کي ڦاسايو آهي، اهو ڪم نه ڪجانءِ، ٻيو جيڪو وڻيئي سو وڃي ڪجانءِ)

هنن انسانن جي وچ ۾ ايڏيون ديوارون ڪڙيون ڪري ڇڏيون، هڪڙي قسم جو مڪمل فاشسٽ دستور قائم ڪيائون، هنن خليفن کي قيد ڪري ڇڏيو، ماڻهن کي موچڙا هڻي لکين ماڻهن کي مارائي ڇڏيائون، نالو قرآن جو هو، انهن جي سامهون هي بينا هئا، حسن بصري پهريون ماڻهو هو جيڪو هنن سان شامل نه ٿيو. هنن ماڻهن جو پهريون ڪم هي هو ته انهن سان شامل نه ٿيا. عبدالقادر بيدل پنهنجو تمام وڏو صوفي آهي، هن چيو ته:

(دنيا کي انهن ماڻهن جاه ۽ جلال جو سهارو ٻڌايو آهي، اسان ائين ئي لاتعلق آهيون.)

جيڪو ماڻهو بدمعاشن جي ان قافلي ۾ شريڪ نٿو ٿئي، انهن جي سکڻي واهه واهه نٿو ڪري، ائين ئي تاڙيون نٿو وڄائي، خوامخواهه سبحان الله سبحان الله نٿو ڪري، بدمعاش جي خدمت نٿو ڪري، اهو مڙس ماڻهوءَ جو پٽ آهي. جيڪو رڳو ماڻ ڪري ٿو اهو ماڻ ڪرڻ وارو مڙس آهي، واهه واهه ڪرڻ ۾ شامل نٿو ٿئي، ماڻ ڪرڻ ۽ پاسيرو ٿي ويهڻ به مڙسي آهي. ماڻهو چون ٿا ميان هي لکي ويهي رهيا، اقبال چوي ٿو لکي وڃي ويهي رهيا، آئون چوان ٿو لکي ته ڏيکاريو هڪڙو حرامي ماڻهو ملڪ جو مالڪ ٻڌيو وينو هجي ۽ سڀ اتي وينا نچن، اتي جيڪڏهن هڪڙو ماڻهو چوي ته آئون شامل نه آهيان، کو پاسيرو ويهي ته ڏيکاري، موچڙا هڻي ڏاهي رکنس، چون سڃي دنيا خوش آهي، تون وري معتبر ٿيو وينو آهين. چيائون

تہ صوفي پڄي ويا، اڙي تون تہ پڄي ڏيکار دکن کان انعام پيا ونندا هئا، تون اتي پڄي ڏيکارين ها. آئون اقبال جي خلاف ناهيان، ان جي فائدي ۾ آهيان، اقبال تمام سئيون ڳالهيون لکيون آهن.

ملاں کی اذان اور مجاہد کی اذان اور،
مسجد تو بنادی شب بھر میں ایمان کی حرارت والوں نے،
من اپنا پرانا پاپی ہے، برسوں میں نمازی بن نہ سکا۔

اقبال زبردست ڳالهيون ڪيون آهن، ان جون ٻئي پاسي به ڳالهيون آهن، ڪي ڇڳيون ڪي ڪسيون، پر ڦهر جو ماڻهو هو. پاڻ هنن جي ڳالهہ پئي ڪئي، هڪڙو تہ هي هنن سان ظلم ۽ جبر ۾ شريڪ نہ ٿيا، ٻيو تہ هنن پنهنجي يوناني ٻوليءَ ۾ اٽڪلن ۽ استادين سان مذهب جي آخري هجڻ جي ڦهرين دعويٰ هئي، ڦهريون مقصد سچائي، اخلاص، فضيلت، محبت، انسان دوستي، جبر ۽ ظلم ۾ حصيدار نہ ٻڌجڻ جو هو اهي قدر جن جو هو رڳي ڊونگ رچايو ٻيئا هئا، رياڪار ٿيو ويٺا هئا، مڪر ڪريو منافق ٿيو ويٺا هئا، انهن منافقن جي مقابلي ۾ هنن انهن منافقن کي اُگهاڙو ڪيو. صوفي تہ ڦهرين ڳالهہ ڪري ويا، فلسفي تہ ڳالهہ ڪري ويا، پوءِ شاعر آيا، شاعرن ڪم لاهي ڇڏيو. حافظ، جامي ۽ ٻيا جيڪي شاعر هئا، تن انهن جو اڇو منهن ڪري ڇڏيو. سيني کان گهٽي ٻيڙي اڇوڪي هنن شاعرن ٻوڙي آهي. هي فلاڻو اسان جو عظيم شاعر آهي، عظيم شاعر اُهي تڏهن هئا جڏهن ون يونٽ ۾ وڙهيا هئا، جن ظلم تي وار ٽي ڪيا، هن دؤر ۾ عظيم شاعرن جي ضرورت آهي، جيڪي ظلم، جبر، قوم دشمني، بربريت جي خلاف اُٽي بيهن، اهي شاعر آهن، هن دؤر کي اهڙي قسم جي شاعرن جي ضرورت آهي. جيڪي شاعر اسان کي ڪپن، اهي جيڪي جنگ ۾ ڏر ٻڌجي اُٽي بيهن، غير جانبدار نہ هجن، مٽيون مٽيون، ڪارا وار سهٽيون اکيون، ڪاريون ٻانهون، اهي سڀ ڳالهيون به آهن، اها شاعري ڪندڙ به فرسٽ ڪلاس، بلڪل شاعر آهن پر پنهنجي ڪم جا نہ آهن. اسان جي ڪم جا شاعر ٻيا آهن. هو اُٽي ٻيٺا ۽ هنن بنيادن کي نئين سر اڏيو هنن صوفين ۾ حق پرست غصو هو. آئون ان تي پوءِ ايندس، هن دنيا ۾ هر شيءِ جي ارتقا آهي، ان ۾ ڪيئي تبديليون آيون آهن. اڪبر بادشاهہ بابت هڪڙو

تونڪو آهي تہ اڪبر بادشاهہ کي هڪڙو شاعر پسند اچي ويو. شاعر جا دشمن گهٽا هئا. اڪبر چيو تہ هن کي انعام چا ڏيون. دشمن هئا حرامي. چيائون تہ شاعر کي سائين هاڻي انعام ڏيو. اڪبر چريو ماڻهو هو. سو شاعر کي هاڻي انعام ڏنائين. شاعر هاڻيءَ کي ڪاهي ويو. گهر ۾ هاڻيءَ کي چيائين تہ تون چا ڪائيندين؟ هاڻيءَ چيو تہ پهرين تہ ڏهہ مڙ ڪمند ونڻي اچ. هاڻي شاعر ڏهہ مڙ ڪمند ڪتان آڻي. بادشاهي هاڻي آهي. ڪمند بہ سنو هجي. هن ڏنو تہ مري وياسين. همراهہ بہ هو شاعر ماڻهو. شاعرن کي کهڙي پرواهہ. سو هاڻي وڪڻي ڇڏيائين. اڪبر بادشاهہ کي خبر پئي تہ انعام وارو هاڻي هن وڪڻي ڇڏيو. شاعر جي دشمنن چيس تہ توهان وارو هاڻي هن کي ڪپي ها تہ اڪين تي ڪٽي ها. هاڻيءَ کي سجو ڏينهن پوڄي ها. پر وڪڻي ڇڏيائين. چيائين گهرايوس. شاعر آيو تہ هڪڙو ڪُنو يا متڪو بہ ڪٽي آيو. بادشاهہ چيس تہ. "هاڻي ڪٽي آهي؟" شاعر چيو "سائين منهنجي هن ڪُني ۾." بادشاهہ حيران ٿي ويو "چيائين تہ هاڻي هن ڪُني ۾؟" چيائين. "ها قبلا توهان واري هاڻيءَ کي ماڻهن هٿ لاهي لاهي ايترڙو ڪري ڇڏيو آهي."

ماڻهو وڏا هجن ٿا. پر حاڪم يا حڪمران طبقا هٿ لاهيو لاهيو پچاڙيءَ جو نندا ڪريو ڇڏين. نہ تو ڏنو نہ مون ڏنو. پر هي جيڪي صوفي هئا. جيئن ٿي وقت گذريو تيئن ٿي وڏا ٿيا. منهنجي چوڻ جو مقصد تہ انهن جي ڪافي راين سان اختلاف ڪري سگهجي ٿو. پر هڪڙي ڳالهہ تي متفق آهيون. هو ماڻهو سچا هئا. پنهنجن عقيدن جي واسطي سر جي قيمت ڏيڻ لاءِ تيار هئا. لطيف سائينءَ ان لاءِ چيو آهي:

سسي سي گهرن، جي واڻيندڙ وچ تي،
اوکي ٻيو پچن، سرو جنين سنياليو.

هي جيڪي خيال آهن. سي اتان آيا آهن. هاڻي توهان جي اجازت سان آئون ڪن صوفين جا خيال توهان جي اڳيان پيش ڪريان ٿو تہ جيئن توهان کي خبر پئي تہ هي ماڻهو ڪهڙي قسم جا هئا. ٻڌا بہ آهن. پڙهيا بہ آهن. توهان ڏسو تہ هي ڪهڙي قسم جا ماڻهو هئا. مثلاً هي بہ اڪر حسن بصري رضي الله عنه بابت ٻڌو. حسن بصري رضي الله عنه عمر بن عبدالعزيز کي خط لکيو. عمر بن عبدالعزيز توهان سڃاڻو ڪيڏو رانجهڻ ماڻهو هو

زبردست خلفاءِ راشدين ۾ شمار ٿئي ٿو قهر جو ماڻهو هو جنهن سموري خلافت لاءِ چيو. "منهنجي اڳيان بيعت ڪئي اٿئون، اڄ آئون آيو آهيان، اوهين بيعت کان آزاد آهيو. توهان لاءِ قطعي ضروري ڪونهي ته منهنجي پٺيان بيٺا هجو." اهڙا ماڻهو به هئا. ان ماڻهوءَ کي خط لکيائين. "هن دنيا کان خبردار رهه." هاڻي صوفي آهي، غريب آهي، غلام جو پٽ آهي، حسن بصري مسڪين هو حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کان 10 سال پوءِ ڄائو هو. "هن دنيا کان خبردار رهه. ڇاڪاڻ جو اها نانگ وانگر آهي." دنيا معنيٰ ڇا؟ دنيا معنيٰ بادشاهه، وزير، قاضي ۽ هي يڪي لوڻ جيڪا سبحان الله سبحان الله ڪندي پئي هلي، هي جيڪي لنيون ڪنيو پيا هلن، انهن لاءِ هنن صوفين کوڙ لفظ استعمال ڪيو دنيا خراب آهي، دنيا معنيٰ دنيا تي ڇانيل اهي سڀ حرامي، جيڪي ويٺا آهن، پر هو اهي اکر چئي ڪونه ٿي سگهيا. دنيا يا فلڪ هڪڙو شعر آهي. فلڪ تي فارسي شاعرن کي وڏيون باهيون آهن. فلڪ جي معنيٰ آهي هي نظام. حافظ جو شعر آهي. "جيئن الله سائينءَ جو هن دنيا تي اختيار آهي تيئن جي مون مسڪين جو اختيار هجي ته هن سموري جهان کي هينئن جو ڪٽي هٽانس ته ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃي ۽ هڪڙو اهڙو نئون جهان ٺاهيان. جنهن ۾ سيني آسوند ماڻهن مان هڪڙي جي به آس ناڪام رهجي نه وڃي."

حافظ جو شعر آهي:"هن خاڪ مان ٺهيل جهان ۾ مون کي ڪو ماڻهو نظر اچي ئي ڪونه ٿو ڪاش! ڪو نئون جهان ٺاهي سگهون ۽ ان ۾ ڪي نوان ماڻهو پيدا ڪري سگهون. جي ان جهان جي لائق هجن."

اهي تمنائون ڇو هيون؟ ان دؤر ۾ ايتري وحشانيت ۽ بربريت هئي، اهي رڳو لفظ هئا؟ يا فقط اکر هئا؟

اکر ان دي وچ جوئي اڙيا، عشق دي چاڑهي مور نه چڙهيا.

هي صوفي آهن. هنن جا خيال ڏسو رڳو صوفي ڪونهن. اکريون ڪهاڻيون ڪونه ٿا ٻڌائين. اهي اهل علم هئا. انهن مان گهڻا قرآن جا حافظ هئا. گهڻا فقه جا صاحب هئا. هي جيڪي صوفي هئا. پهرين مڪمل شرعي علم ڄاڻندا هئا. تنهن کان پوءِ ٻي ڳالهه ڪندا هئا جَيَد عالم هئا. هڪڙي سُئيءَ سان جبل کي ليٽائڻ سولو آهي. پر ماڻهوءَ جي دل مان خود پرستي ۽ تڪبر ڪيڏ ممڪن ناهي. ماڻهن ۾ اهي قاضي به اچي ويا. قرآن جا حافظ

بہ اچي ويا، اهي سڀ اچي ويا. هڪڙي قاضيءَ کي هڪڙي وزير جي گهر مان نڪرندو ڏسي چيائون تہ ماڻهن کي اهڙي علم کان بچائڻ ڪپي جيڪو حاڪمن جي قبضي ۾ هجي، اهڙي علم کان ماڻهن کي خدا پناهہ ڏي.

ابراهيم ادهم کان پڇيائون تہ، "ڪم ڪهڙو ڪندو آهين؟" "ڪم آئون ڪو ڪونہ ڪندو آهيان" چيائون، "تہ پوءِ دنيا جهان؟" چيائين، "مون هيءَ دنيا انهن لاءِ ڇڏي آهي جيڪي دنيا جا طالب آهن." چيائون، "پوءِ آخرت؟" چيائين تہ، "آخرت انهن لاءِ ڇڏي اٿم، جن کي آخرت جي سڪ هجي، مون کي ٻنهي جي ڪانهي، مون کي فقط الله جي سڪ آهي."

آخرت کي صوفين لالچ چيو. صوفين جي دين ۾ آخرت جي تمنا رکڻ، بهشت جي تمنا رکڻ لالچ آهي.

ڪريم جو شعر آهي:

پاڻيارِي سيکا، جا سر گهڙو پري،
ڪالهہ سندي سڃڻين، ڪا پورهئي ڪاڙ پري.

پاڻي پري ٿي هڪڙي سڃڙ جي سڪ ۾، ٻيءَ کي پورهيو ڪپي. حورون ڪپن، ملائڪ ڪپن، مينهن ڪپن، ماکي ۽ ڪير جون نهرون ڪپن، بهشت جا مزا ڪپن.

پر صوفي وڏا استاد هئا، مُلان ڏاڍا هئا، لئيون ڪنيو بيٺا هئا، فتوائن جون تراڙون ڪنيو بيٺا هئا، ڪير ڪيڇي؟ تنهن ڪري ڪا لهہ سندي سڃڻين ڪا پورهئي لاءِ پري اهو پورهيو آهي.

رابعہ بصري ڏاڍي دلچسپ مائي هئي، توهان کي خبر هوندي، چيائونس تہ، "الله الله پئي ڪرين، الله جي بهشت کي ڇو نٿي گهرين؟" سندس اکر آهن تہ، "مون کي پاڙيسريءَ جي گهر کان پاڙيسري وڌيڪ منو آهي." پاڙيسري ڪير، الله سائين، الله سائينءَ جو گهر آهي بهشت، سو گهر مون کي ڪونہ ٿو وڻي، پر پاڙيسري پاڻ ٿو وڻي ۽ مون کي ان جو عشق ٿو ڪپي ۽ ٻي مزي واري ڳالهہ ٿي، چيائين تہ، "الله سائين منهنجي خيال ۾ اهڙو آهي جنهن سان من سزا جي ڊپ ۽ انعام جي لالچ کان سواءِ بہ پيار ڪرڻ ٿو چاهي، هي تہ موچڙن جي ڊپ کان الله الله پيا ڪن. منهنجو خيال آهي، ممڪن آهي تہ مان ڏُليل هجان تہ الله جي ذات اهڙي آهي، جنهن سان موچڙن جي ڊپ کانسواءِ ۽ حورن پرين جي شوق کان سواءِ بہ محبت ڪري سگهجي

ٽي ۽ محبت ڪرڻ کپي." هي هئا نبار ماڻهو ڪير ڏوتا ماڻهو بنيادي ماڻهو اصل ماڻهو هنن جي مٿان وڏا ۽ ڳرا بار هئا. لطيف سائين چيو آهي:

هورين هاڙهو لنگهيو ڳوريون پاسي ڳوٺ.

جيڪي هوريونهيون هلڪڙيون هيون، ڪيئن هاڙهي کان ٻاهر نڪتيون. هي جيڪي ڳوريون هيون، جن تي وڏا وزن هئا، وڏيون نيڪيون وڏا نالا، وڏيون شوڪتون، موجون، وڏا اٽالا، سي پنهنجي ڳوٺ ويٺيون هيون. سي پنهنجي گهر کان ٻاهر ڪونہ نڪتيون. "هورين هاڙهو لنگهيو ڳوريون پاسي ڳوٺ" ڳالهہ ٿا ڪن تہ بصري هڪڙي ڏينهن هڪڙي هٽ ۾ ٻاهہ ۽ ٻئي هٽ ۾ پاڻي ڪٽي نڪتي، چيائونس تہ، "رابعہ بصري، خير تہ آهي، ڪيڏانهن نڪتي آهين؟"، چيائين "وڃان پئي هن پاڻيءَ سان دوزخ جي باهہ وسائڻ ۽ هن باهہ سان بهشت کي باهہ ڏيڻ ۽ ٻئي پردا ڦاڙي ڇڏيندیس، جنهن کي الله سان ملڻو آهي، سوانهن ٻنهي پردن کان سواءِ ملي."

ذوالنون مصري هو ننڍ، کاڌي ۽ پيتي کانسواءِ شام جي رڻ پٽ ۾ پيو رُلندو هو ۽ پيو چوندو هو تہ: سبحاني مااعظم ثاني: هي ماڻهو اهي هئا جيڪي ان قسم جون ڳالهيون ڪندا هئا. هاڻي حضرت عبدالقادر جيلاني تي اچو چيائين تہ، "تصوف بحث مباحثي ۽ ڳالهہ ٻولهہ جو مسئلو ناهي، تصوف صوفي پڻ ڏک ۽ بک مان پيدا ٿيندو آهي. ڳالهين مان صوفي ڪونہ ٿهندو آهي." ان جي هڪڙي مشهور تقرير آهي، اهي ماڻهو جيڪي هئا سي وڏا طاغوتي طاقتن جا باغي هئا، اهي ماڻهو رڳو ايئن ڪونہ هئا جو انهن کان ماڻهو دعائون پٽون پيا پنن، هي جيڪو هاڻي ڏنڏو پيا ڏسون، اهي اهڙا ماڻهو قطعي نہ هئا، جهڙا هاڻي اهي اوهان کي نظر اچن ٿا، رابعہ بصري جي هڪڙي تقرير آهي، تنهن جو هڪ حصو آهي تہ:

"اي علم ۽ عمل ۾ خيانت ڪرڻ وارؤ اي الله ۽ ان جي رسول صلي الله عليه وسلم جا دشمنؤ..." ان وقت جي عالمن ۽ سرڪار جي ماڻهن کي خطاب ڪندي چيائين تہ، "اي علم ۽ عمل ۾ خيانت ڪرڻ وارؤ اي الله ۽ ان جي رسول صلي الله عليه وسلم جا دشمنؤ اي خدا جي بندن جا ڏاڙيلؤ اي عالمو زاهدو شاهن ۽ سلطانن لاءِ ڪيستائين منافقيون ڪندؤ ڪيستائين دنيا جي زر ۽ مال جي حرص جون لڏتون ماڻيندؤ. بادشاهو

اوهين هن دنيا ۾ اصل بادشاهه الله تعالىٰ جي مال ۽ ان جي بندن جي باري ۾ ظالم آهيو خيانت وارا آهيو، بادشاهن کي خطاب ڪري چيائين، "توهان خيانت ٿا ڪريو." پوءِ دعا گهريائين، "اي الله منافقن جي شان و شوڪت کي ٽوڙي ڇڏ." منافق ان وقت وڏي شان ۽ شوڪت وارا هئا، اهي سمورا منافق، بدمعاش ۽ ڪوڙا، وڏا جُبا وجهيو وينا هئا.

"اي الله منافقن جي شان، شوڪت ۽ جلال کي ٽوڙي ڇڏي، انهن کي ذليل فرماءِ، ظالمن جو قلعو قمع ڪر ۽ ڏرتيءَ کي انهن کان پاڪ ڪر، حضور صلي الله عليه وسلم جي دين جون ديوارون هڪٻئي پويان ڪري رهيون آهن ۽ انهن جا بنياد منتشر ٿي رهيا آهن. اي ڏرتيءَ جا باشندؤ اهو جيڪو ڪري پيو تنهن کي مضبوط ڪريو ۽ جيڪو ڏهي پيو تنهن کي صحيح ڪريو اهو هڪ به ماڻهن کان نه ٿي سگهندو سيني کي گڏجي ڪم ڪرڻ کپي. اي سڄ، اي چند، اي ڏينهن توهان به اچو سڀ اچو ڏينهن، راتين، زمانن سان گڏجي هن شيءِ کي وري بلند ڪريو."

هي اهي صوفي هئا. شيخ شهاب الدين سهروردي مقتول وڏو علم جو سمند هو هي صوفي رڳو ايئن پئي هليا ڇا، هي علمن جا سمند هئا، جي انهن کي انگريزيءَ ۾ لکجي هنن جيڪا ٻولي ڪتب آندي آهي. هنن جيڪو منطق ڪتب آندو آهي، هنن جيڪو استدلال ڪتب آندو آهي، اهو ڪمال جي شيءِ آهي. تنهن کان پوءِ ابن العربي آهي، ان جو بحر بيقرار آهي. خصوصي الحڪيم هي اٽس، تنهن کان پوءِ تنزيلات اٽس. فتوحات مڪي اٽس، چار سئو ڪتاب لکيائين، توهان هڪڙو ڪتاب پڙهو ان ۾ هڪڙو بحث پڙهو ته نبي ۽ ولي جي وچ ۾ رشتو ڪهڙو آهي؟ توهان جي ڪنن مان سيسرات نڪري ويندا، توهان ڏسندؤ هي ماڻهو ڪيڏين علمي گهراين ۾ وڃن ٿا، هي لکير جا فقير ناهن. تنهن کان پوءِ خود صوفين ۽ فلسفين جو مخالف امام غزالي آهي، جنهن چيو صوفي سڀ ڪوڙا آهن، فلسفي ڪوڙا آهن پر هنن جيڪو استدلال ڪيو آهي، ان سان اختلاف رکندي به هي ان دؤر جا قهر جا ماڻهو هئا. اهو ئي سبب هو جو انهن صوفين جي ڪري هڪڙي ٻي ڳالهه ٿي، اها هيءَ ته ڪنهن زماني کان وٺي ماڻهو مذهبن جي خلاف هئا، ته رستا هلن ٿا، هڪڙو رستو مذهب جو آهي، پيو سائنس جو رستو آهي، ٽيون Agro System جو رستو آهي. بابا اسان کي ڪا

خبر ڪونهي. خدا ڇا آهي، ڇٽي ان جي مون کي ڪا خبر ناهي، خداوند پاڪ جي ذات پاڪ جي باري ۾ جيڪي نظريا آهن، انهن کي پڙهڻ لاءِ اوهان کي مهينا کپن. پاڻ ته ٻه اکر پڙهيو ڇُٽا پيا آهيون، پر جي خداوند جي ذات جي باري ۾ جيڪي تصور فلسفين جا آهن، اهي پڙهون ۽ ڏسون ته انهن کيڏا بحث ڪيا آهن. زڪريا الرازي، ابن طفيل ۽ ابن الهشيم اهي سڀ ماڻهو پنهنجا وڏا علماءَ آهن، انهن کيڏا بحث ڪيا آهن!

ٻيو لامذهبيت جو رستو آهي، گوتم لامذهب هو، چيائين، خدا جي ڳالهه ڪابه ڪانهي، فقط چار واڪ هئا، اهي رڳو چار واڪ چوندا هئا، هي برهمڻ رڳو ڪوڙ ٿا ڪن، چار واڪ هيئن چوندا هئا، مرڻ کان پوءِ ماڻهو مٽيءَ ۾ گڏجي ويندو آهي. هندستان جي صدر ۽ فيلسوف ڊاڪٽر راڌا ڪرشن چار واڪن جي باري ۾ لکيو آهي ته هو انهيءَ ڳالهه جا قائل هئا ته ڪائنات ماديءَ جي ٺهيل آهي. بيان ان جو وڏو آهي، يونان ۾ به تمام گهٽا ماڻهو هئا، جن چيو ته هيءَ ڪائنات پنهنجن پيرن تي بيٺل آهي. هن ڪائنات کي ڪنهن به باهرين قوت نه خلقيو آهي، اهو سسٽم اڄ ڏينهن تائين هلندو اچي ٿو. دنيا ۾ لکين ماڻهو آهن، جيڪي چون ٿا ته مذهب بلڪل بي بنياد شيءِ آهي. ڪن انهن کي چيو آهي ته مذهب آفيم وانگر آهي، جيڪو ڏک ۽ تڪليف ۾ آپريشن کان پوءِ سور گهٽ ٿو ڪري. هي جيڪي صوفي هئا انهن چيو (آئون ان تي ڪا به راءِ نٿو ڏيان، پر آئون چوان ٿو ته صوفين ماڻهن جي من ۾ هڪڙو اميد جو ڪرٽو رکيو. مذهبي معاملن تي آئون ڪا به راءِ نٿو ڏيان، نه ڪي آئون ان پوزيشن ۾ آهيان) انسانن ۾ انسانيت هڻڻ ڪپي. حافظ ايئن ڪونه چيو هو ته مسلمان ٿيو. انسانيت جو مذهب هنن ايجاد ڪيو هنن انسانن جو احترام ڪرڻ سيکاريو. محبت ۽ قرب اهو ڏسي نه پئي ڪيائون ته هي پڳوان جو پوجاري آهي. هي ڪهڙي مذهب جو آهي ۽ ڪهڙي جو ناهي، هنن چيو ماڻهو خود محترم آهي، هر انسان قابل عزت آهي، انسان جو انسان هجڻ ئي ان جي لاءِ ڪافي آهي ته هن سان انصاف ڪيو ويجي، جيڪو به ابن آدم آهي، پوءِ اهو ڪير به آهي، هن کي پاءُ سمجهيو ويجي. هن جي ذڪ ۾ مدد ڪئي ويجي. شيخ سعدي شيرازي ايئن ڪونه چيو هو ته فقط مسلمان، سُني، اهل حديث، فلاڻا اهي سڀ آهن، ٻيا خراب آهن، "آدم جا ٻچا سڀ هڪٻئي جا عضوا

آهن." يورپ ۾ هيومنزم بعد ۾ آيو يورپ ۾ انسان ذات جي انسان دوستي بعد ۾ آئي، هي ستين انين نائين ڏهين ۾ يارهين صديءَ جي دؤر جي ڳالهه آهي، جڏهن يورپ ۾ اونداهه هئي، ڊارڪيسٽ ايجز (Darkest Ages) هئي. يورپ جي سياهه ترين صدين ۾ عربن علم، سمجهه ۽ شعور جي روشنين کي جڳمڳائيندڙ رکيو. انهن ۾ هنن صوفين جو وڏو هٿ هو. هنن ايمان کي قائم رکيو. انسان تي ايمان، انسان جي انسانيت ۾ امان، رحم، شرافت، محبت، پاڻ قربان ڪرڻ، اربڙ جيڪي انسان جون سڀ کان وڌيڪ نفيس، نازڪ، خوبصورت ۽ محبوب ترين ادائون آهن، انهن کي هنن صوفين زندهه رکيو. هن ڌرتيءَ کي هنن پنهنجي وجود سان هڪ نمڪ ڏنو هڪ روشني ڏني، هڪ سگهه ڏني، هڪڙي قوت ڏني ۽ ٻڌايائون ته انسان ذات جو مستقبل تاريڪ ناهي، اهو زندهه آهي. ضروري ناهي ته ڪو ماڻهو هنن جي نظرين سان هنن جي عبادتن سان هنن جي رياضتن سان سهمت هجي. اقبال چئي ٿو ته هي رياضتون ڪن ٿا، انهيءَ ڪري هي ماڻهو مست ٿي وڃن ٿا بلڪل صحيح آهي. اهي ٻيا دؤر هئا، اهي ٻين دؤرن جون تقاضائون هونديون، انهن دؤرن ۾ عمل جي گنجائش گهٽ هئي، ماڻهو چا ٿي ڪري سگهيو. ان دؤر ۾ هنن ماڻهن سان تلوار وارن جو ڪم هو. هنن پنهنجي خاموش احتجاج سان ماڻهن جي اميدن کي زندهه رکيو. ٻيا دؤر پوءِ آيا. هر شيءِ جي هڪڙي تاريخ ٿئي ٿي، جيئن مون عرض ڪيو ڪافي وقت گذرڻ کان پوءِ حاڪمن چيو پئي ته ماڻهو ڪم جا آهن، هنن جي مخالفت نه ڪرڻ گهرجي، هنن کي پنهنجي پاسي ڪرڻ کپي، هنن کي پنهنجي پاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون. هندستان ۾ محمد تغلق سينڊ پيرن کي گهرايو خاص ڪري چشتين کي به گهرايائين، پڇيائين، "صوفي آهيو؟" چيائون، "ها." چيائين، "پوءِ ٺيڪ آهي، اوهان سينڊ کي سرڪاري عهدو ٿو ڏيان. توهان مون کي ڪوٽ پارائجو." هتان جا جيڪي صوفي هئا، انهن کي گهرايائين، ملتان مان گهرايائين، دهليءَ مان گهرايائين، اجمير مان گهرايائين، کين چيائين، "اچو بادشاهه سلامت جي خدمت ڪريو. آئون اسلام جو خليفو آهيان، مون کي ڪپڑا پارايو." هنن چيو "ايئن ڪونه ڪنداسين." پوءِ توهان کي خبر هوندي ته بوسا پرائي هنن جي وات ۾ وڌائين ۽ هنن تي ڏاڍو جبر ڪيائين پر هنن کي شاباس ۽ آفرين آهي، هو

پنهنجي ڀالهه تي قائم رهيا. هنن پنهنجي مرتبي کي گهٽ ٿيڻ نه ڏنو. پوءِ هتي اسان جا ڪيترا صوفي ماڻهو سرڪار جي ويجهو اچي ويا. ملتان ۾ اُچ ۾ خاص ڪري اهي بادشاهن سان گڏ هئا. بادشاهن جي حڪومت ۾ شامل هئا. دولتن ۾ هئا. ملڪن جا مالڪ ٿي ويا. يعني حڪمران طبقن جي جيڪا خواهش هئي اها پوري ڪري صوفين کي پنهنجو پاڙ سان گڏ ڪيائون. پر ڪيترائي صوفي هنن سان گڏ نه ٿيا. ڪي سرڪار جي خلاف آهن. ڪي فائدي ۾ آهن. ميرن جي ڏينهن ۾ اسان جو صوفي سرڪار جي مخالفت ۾ هوءِ ان جي خلاف بيان ڏيندو هو. جيڪي دوستن توهان کي ٻڌايا. آئون ان جي حق ۾ وڃان ٿو ان جيڪي چيو هي حق جي پاسي هئا. هي حڪمران جي پاسي نه هئا. هي وڪاڻا ڪونه. هنن گوڏا ڪونه ڪوڙيا. هنن مقابلو ڪيو. صوفي اعظم اسان جو شهيد ٿيو. ڪنڊ هيٺ نه ڪيائين. اسان جو صادق صوفي ميدان ۾ بيٺو هوءِ جيڪي هن دعائون مير صاحبان کي ڏنيون. سي اوهان ٻڌيون. ٻڌائڻ جي ضرورت ناهي. اسان وٽ ٻنهي قسمن جا ماڻهو هئا. اڄ به ٻن قسمن جا ماڻهو آهن. هڪڙا اهڙا آهن جيڪي پنهنجي ميدان جنگ ۾ گڏ آهن. وقت جي حاڪمن سان گڏ آهن ۽ فيض پرائين ٿا. ٻيا وقت جي حاڪمن جي نوازش کان محروم آهن. اهي پنهنجو فيض پرائين ٿا. هي صورتحال سڄي يورپ ۾ رهي آهي. يورپ ۾ پوپ جي مذهبي اقتدار جي خلاف پنج سئو سال لڙائي هلي آهي. چوڏهين صديءَ ۾ اسپين ۾ جيڪو قهر ٿيو. جانورن کان به پڇاڙو ڪيائون. تنهنجو عقيدو کهڙو آهي؟ رڳو مسلمانن جي ملڪ ۾ عذاب نه هو. يورپ ۾ ته هتان کان هزارها دفعا وڌيڪ هو. سڄي دنيا کي مذهبي اقتدار وارن ماڻهن ٽامو ٻڌائي ڇڏيو هو. عيسائين ۾ به تمام وڏا نامور صوفي ٿي گذريا آهن. آئون توهان جو وقت انهن جي تفصيل ۾ وڃڻ نٿو گهران. سيني مذهبن ۾ هنن هڪڙي حقيقي اپوزيشن جو ڪم ڏنو آهي. ان زماني ۾ ٻي ڪا فڪري ۽ عملي اپوزيشن ڪانه هئي. جيئن حلاج هوندو هو گهٽين ۾ هلي ماڻهن ۾ ورڪ ڪندو هو. سرمد به هتي نٽي جي بازارن ۾ هلندو هوءِ ماڻهن سان ڀالهائيندو هو. هن جا مشهور دلفريب شعر آهن ته شاعرن انهي کي ڪٽي ڏنو. هندستان ۾ شنڪر آچاريا هو. هنن سيني جي وچ ۾ دؤر ساڳيا آهن. ان جي نتيجي طور مشهور پڳتي تحريڪ شروع ٿي. جنهن ۾ سورداس آهي. جنهن ۾ ڪبير

آهي، جنهن ۾ ٻيا ٻه ڪيترائي زبردست ماڻهو آهن. جيئن ميران ٻائي آهي ۽ ٻيا زبردست شاعر آهن. جيڪي هندستان جي سونهن آهن، هندستان جي جيڪا جديد شاعري آهي، ان ۾ جيڪا اعليٰ ترين شاعري آهي، اها انهن هندو صوفين ڪئي آهي، جن پاڻ کي پڳت سڏرايو ٿي. انهن جي شاعري هندستان جي ادب جو زيور آهي ۽ اهي ٻئي ڏارائون اسان وٽ وڃي مليون. جيئن ڪبير کي چوندا آهن هندو هو يا مسلمان هو انهن ماڻهن انهن کي گڏيو. هنن جو هڪڙو وڏو ڪردار آهي، هندستان جي تاريخ ۾ صوفين ۽ پڳتن جي گڏيل سنگم جنهن جو اسان وٽ شاهه حسين وڏو علمبردار آهي، لطيف زبردست آهي. بُلهي شاهه آهي. انهن شاعرن انهي سموري روايت کي زندهه ڪيو. ماڻهن جي دلين ۾ اميدن جو چراغ ٻاريائون. شاهه لطيف جي شاعري توهان جي اڳيان آهي، روايت ٻئي اڇي ساڳي.

جيڪي ڏڏن ڏي، ڳجهائين ڳجهه ۾،
سو جي سڻن ڪنن سين، ڪرت وارا ڪي.

ڪرت وارا معنيٰ جيڪي گهڻين عبادتن واريون ڪرتون ڪن ٿا، جيڪي ڏڏن ڏي، جتن کي بي سمجهن کي جيڪي هو ڏئي ٿو.

جيڪي ڏڏن ڏي، ڳجهائين ڳجهه ۾،
سو جي سڻن ڪنن سين، ڪرت وارا ڪي.
ساز سمورا سي، هوند پٽون ڪن پلڪ ۾.

چنيسر سين چاڱ، متان ڪا مُندّ ڪري،
تان مون پوءِ پروڙيو ته هي نه ماڻي ماڳ،
ڏمريو ڏهاڳ، سگهو ڏئي سهاڳڻيين.

جي ڄاڻين ته به نه ڄاڻ، هي در اٻوجهن جو،
ان در سي ئي اگهيا، جن نه ڄاتو پاڻ،
ريجهاڻو راڄاڻ، مورائين مڻين کي.

توهان ڏسندؤ ته هنن ماڻهن انسان ذات جي دشمنن جي خلاف هڪڙي فڪري، روحاني ۽ جمالياتي سونهن جي جنگ لڙي، سهڻن لفظن سان

شاعريءَ جي معنيٰ ڇا آهي؟ شاعريءَ جي معنيٰ آهي. سھڻن خيالن کي سھڻي انداز ۾ پيش ڪرڻ. هي سھڻا ماڻھو سھڻن خيالن کي سھڻي انداز سان پيش ڪري ماڻھن جو ڏيڍ ٻڻيا. اڄ ڏينھن تائين جيڪا تصوف جي شاعري هئي، توهان ڏسو ٿا تہ سنڌ جي نجات جي جدوجهد ۾ لطيف جي شاعري وڙهي پئي.

هڻ پالا وڙھ پاڪرين، آڏي ڍال مَ ڌار،
مٿان تيغ ترار، مار تہ متارو ٽئين.

متو آهين مڇ، ٽلها ٽو ٽونا هڻين،
تو جا پائئي اڇ، تنهن پاڻيءَ پُنا ڏينهڙا.

هي سمورو فڪر آهي اسان غريب ماڻھن جو ڪٽي آهن اديب، ڪٽي آهن اهل قلم، ڪٽي آهن لکڻ جا انداز؟ اڄ اهي سڄو ڏينھن پيا رٽ رٽان ڪن تہ نصرپور جي فلاٽي مقام ۾ فلاٽو داخل ٽيل ڪونهي، فلاٽو داخل ٽيل آهي. تصوف جو هڪڙو سلسلو آهي، تنهن بغاوت کي برقرار رکيو آهي. توهان ڏٺو تہ ڪيڏو پيانڪ دؤر هو. ڪيڏو ظلم هو ڪير ڪچي ان دؤر ۾، هي مرد مجاهد هئا، جن صحيح معنيٰ ۾ حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي اطاعت جو حق ادا ڪيو. پھرئين دؤر جي مسلمانن جي روايت کي زندهہ رکيو. ان جي فارم کي نہ، ان جي شڪل کي نہ، ان جي ظاهريات کي نہ، لفظن ۾ نہ پر پنھنجن عملن سان پنھنجي وجود سان جنھن نموني زندگي گھاريائون، تنھن نموني سان هنن ماڻھن کي ثابت ڪري ڏيکاريو تہ اسين اهي آهيون. حافظ جو شعر آهي: "جيڪڏهن ڪو فتني جو اهڙو طوفان برپا ٿئي جو هي جهان تہ ڇا پر هو جهان بہ لُڏي وڃي ۽ اهي ٻئي جهان ٽڪرائجي پاش پاش ٿي وڃن تہ بہ انشاءَ الله اسين هونداسين، اسان جي اکين جا ڏيئا هوندا، دوست جي اچڻ جي واٽ هوندي، ان واٽ تي پنھنجين اکين جا ڏيئا کنيو يار جي انتظار ۾ بيٺا هونداسين، جهان ٽڪرجن تہ ٽڪرجي وڃن پر اسين اتان نہ هٽنداسين."

جان جان هئي جيئري، ورچي نہ ويئي،
وڃي پون پيئي، سڪنديءَ کي سڄٽين.

اهي خيال ڪٽان آيا آهن، اهي خيال تصوف کان آيا آهن، اهي خيال، حافظ کان آيا آهن، جامي کان آيا آهن، رومي کان آيا آهن. هي جيڪو سڄو سلسلو آهي، هي جيڪا توهان سنڌ ۾ روشني ڏسو ٿا، هي جيڪا لطيف جي جرڪندڙ ٻهڪندڙ شاعري توهان ڏسو ٿا، جنهن جي لفظ لفظ ۾ آڳ آهي، لفظ لفظ ۾ ڏاهپ آهي، دانائي آهي، سمجهه آهي، اها هن دنيا جي شيءِ نٿي لڳي. اها فقط سنڌ جي شيءِ ٿورئي آهي، هن تي ته صدين جي شهيدن جا خون پيل آهن. توهان ٽاچئو ته توهين رڳو ڪهاڻيون پيا لکو شعر پيا لکو، پر اوهين ڪريو چا ٿا، ميان هي جيڪي اهل دل آهن، تن کان وڃي پڇو اهي توهان کي ٻڌائيندا "درخون شهيد مقابل نهين آذان." سئو ماڻهو شهيد ٿي وڃن، انهن جو خون هڪڙي پاسي ۽ ٻئي پاسي اسان پنهنجي علم جا سال ۽ پنهنجي زندگي هنن افسانا بيان ڪندڙن جيڪا ساڙي ۽ جلائي ڇڏي اها ان خون ٽيل دل جي مرتبي کان گهٽو مٿي آهي. ايئن جن ماڻهن قربانيون ڏنيون، جن ماڻهن ثابت قدميون ڪيون، انهن جو هن شاعريءَ ۾ عڪس پيل آهي، انهن جون اسان جي شاعريءَ ۾ ڏڙڪندڙ دليون پيل آهن، بلهي شاهه جو شعر آهي، پوءِ ماڻهن ان کي ڦيرايو آهي. "جي تون غازي بڻيا لک بن تلوار" جي غازي ٽيڙ چاهين ٿو ته چيلهه سان تلوار ٻڌ، پوءِ چا ڪر:

جي تون غازي بنڻان لک بن تلوار،
پهلي مُلان مار کي پيچون ڪافر مار.

هي جيڪي ڪوڙڪيون ٺاهيو ۽ ٺڳيون ڪيو وينا آهن پهرين انهن جو ڪم پورو ڪر، پوءِ ڪافرن ڏانهن هلجانءِ. ان قسم جا شاعر هئا، اهڙي ٻيو ڪير شاعري ڪندو سواءِ صوفين جي، ٻئي ڪنهن ۾ ٻه جرئت ڪانه هئي صوفين کانسواءِ جو پنهنجي وقت جي حاڪمن کي، جبر جي قوتن کي ايئن للڪاري، ان دؤر ۾ ٻيا سڀ خاموش هئا، هنن ڳالهايو پئي، اڄ ڏينهن تائين ڳالهائين پيا، جيڪي سچا صوفي هوندا، جيڪي ميدان ۾ هوندا، اهي نرڃا نه ٿيندا، اهي پنهنجن اصولن تي قائم رهندا ۽ هر گهڙي ۽ هر دم حق جي پاسي هوندا، صاف ڳالهائيندا، ڪِس

مِس نہ ڪندا، صحيح صحيح نہ ڪندا، يعني هي به ٺيڪ آهي، پر هو به غلط ڪونهي، حق جي پاران هي ٻوليون سوليون هيڏانهن هوڏانهن نہ ڪندا، ميدان ۾ بيٺا هوندا.

تہ ڪر ڪيئنءَ سُئي؟ جي سير نہ گهڙي سُهٽي،
هت حياتي ڏينهڙا، هڏهن تان نہ هُئي،
چُڪي تنهن چري ڪئي، جو ڏنس اُن ڏُهي،
سُهٽيءَ کي سيد چي، وڏو قرب ڪُهي،
هُنئين هُوند مُئي، پر ٻُڏي جا ٻيڙا ٿيا.

جيئي سنڌ

(28 ڊسمبر 1997ع ۾ صوفي فقير ڳوٺ، تعلقي عمرڪوٽ ۾ صوفي صادق فقير انٽرنيشنل ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي ڪيل تقرير جو مڪمل متن.)

لطيف جي شاعريءَ ان جو عالمي تاريخي پسمنظر

شاھ عبداللطيف ھڪ عظيم صوفي شاعر تسليم ڪيو ويجي ٿو اھا ڳالھ صحيح آھي، پر رڳو اھا ڳالھ صحيح ڪانھي. ھو رڳو عظيم صوفي شاعر ڪونھي، ھو ان کان سواءِ بہ گھڻو ڪجھ آھي. ھو جيڏو وڏو صوفي شاعر آھي، اوڏو ئي وڏو بلڪ ان کان بہ وڏو خالص رومانوي شاعر بہ آھي.

پر جنھن ڳالھ ۾ ھو پنھنجي اڳين ۽ پنھنجي دور جي شاعرن کان نرالو ۽ ممتاز آھي ۽ جنھن جي ڪري ھو بہ ايائي صديون گذرڻ کان پوءِ بہ اڄوڪي دور ۾ اڄوڪي دور جو ئي عظيم شاعر ٿو لڳي.

لطيف جي شاعريءَ ۾ سڀ کان اھم ڏيان ڇڪائيندڙ ۽ حيرت ۾ وجھندڙ ڳالھ سندس شاعريءَ جو اھو حصو آھي، جيڪو جديد ترين معنيٰ ۾ قومي، عوامي ۽ انقلابي آھي. سندس اھا شاعري نہ رڳو سندس زماني لاءِ نئين ۽ نرالي ھئي، پر ان جي اھميت ۽ دلڪشي ڏينھون ڏينھن وڌندي ويجي.

عظيم جرمن شاعر ھينريڪ ھائين بلڪل صحيح چيو آھي تہ، "ھر زمانو جڏھن نوان خيال حاصل ڪري ٿو تڏھن انھن سان گڏ نيون اکيون بہ حاصل ڪري ٿو جن جي وسيلي ھو ذھن ۽ روح جي پراڻين تخليقن ۾ گھڻيون ئي نيون ڳالھيون ڏسي ٿو."

پر لطيف جي شاعري وقت گذرڻ سان جيئن جيئن وڌيڪ گھري ۽ گوڙھي ويچار ھيٺ اچي ٿي ۽ جيئن جيئن اڄوڪي وسيع عالمي تاريخي سماجي، فڪري ۽ روحاني پسمنظر ۾ ۽ اڄوڪي اڳتي وڌيل عوامي انقلابي نقطہء نظر کان ڏسجي ۽ پرکجي ٿي، تيئن تيئن ان ۾ اھڙيون اھڙيون گھرايون ۽ وسعتون، نيون معنائون ۽ خوبيون نظر اچن ٿيون، جو اڳ جي دور جا ماڻھو انھن جو تصور بہ ڪري نٿي سگھيا.

شاھ جي زماني ۾ ماڻھو ڪيس شاعريءَ جي پيٽ ۾ پير جي حيثيت ۾ سڃاڻيندا ھئا. سندس ننڍي ھم عصر ۽ تحفة الڪرام جي مصنف مير علي شير قانع جھڙو عالم، فاضل ۽ شاعر ماڻھو به ڪيس رڳو ھڪ تارڪ الدنيا پير ٿو سڏي ۽ روايتي لفظن ۾ سندس ڪرامتن جي ئي ساراھ ٿو ڪري.

شاھ رڳو سيد ۽ پير نہ پر بنيادي طرح ھڪڙو شاعر ھو ۽ سو به ھڪڙو تمام گھڻن رخن ۽ جلون وارو عظيم شاعر، تنھن ڪري سمجھڻ لاءِ ھن صديءَ ۾ شاھ ۽ سنڌ جي حبدار سنڌي اديبن ۽ عالمن پنھنجي پنھنجي سماجي سوچ ۽ علمي وت ۽ سمجھ آھر ڪافي ڪوششون پئي ڪيون آھن. انھن مان ڪن ان سلسلي ۾ وڌيڪ بنيادي نوعيت جو ڪم ڪيو آھي.

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ نہ رڳو شاھ جو نبستاً جديد ۽ گھڻ- پاسائن وارو رسالو تيار ڪيو ۽ ان جي ان وقت تائين جي سڀ کان وڌيڪ سمجھ پري سمجھاڻي لکي، پر ان سان گڏ شاھ جي تاريخي وجود کي ڏندڪٿائي دنيا مان ڪڍي، حقيقي دنيا ۾ پڻ آندو. ھن شاھ جي اڻ پڙھيل ھجڻ بابت جاھلاڻين ڏند ڪٿائن کي رد ڪري، اھو ڏيکاريو تہ سندس ڪلام بنا شڪ شبھي جي ثابت ٿو ڪري تہ، ھو پنھنجي وقت جو وڏو عالم ۽ فاضل ھو.

ھند ۽ سنڌ جي وطن دوست سنڌي اديبن، عالمن، دانشورن ۽ ٻين وطن دوستن ان ڳالھ کي اتان کٽي اڳتي وڌايو ۽ پنھنجي پنھنجي سمجھ ۽ وت آھر شاھ جي ڪلام کي وطن دوستيءَ، عوام دوستيءَ، جدوجھد ۽ انقلاب جو جھنڊو ٻڌائي، اوچو لھرايو.

کير ۾ جيتري کنڊ وجھبي، اوترو وڌيڪ مٺو ٿيندو.

ھتي اسين شاھ جي ڪلام کي عالمي تاريخي، فڪري، ثقافتي، سياسي ۽ سماجي پس منظر ۽ ماحول ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ڪنداسون ۽ ماضيءَ توڙي اڄوڪي دور جي حوالي سان ان کي ۽ ان جي اھميت ۽ مرتبي کي سمجھڻ ۾ مدد ڏيڻ جي ڪوشش ڪنداسون.

انھيءَ سلسلي ۾ اسين سندس ڪلام جي چئن مکيہ پاسن: (1) تصوف، (2) عشق، (3) وطن دوستي، ۽ (4) جدوجھد ۽ انقلاب تي خاص طرح ويچار ڪنداسون.

تصوف

شاهه جي شعر جي تصوف واري پاسي تي ويچار ڪرڻ کان اڳ، اهو معلوم ڪرڻ ضروري آهي ته شاهه صوفي ته هو پر ڇو؟ تصوف ۾ اها ڪهڙي ڳالهه هئي، جنهن ان دور ۾ شاهه جهڙن انسانن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو ٿي؟

صوفي لفظ ڪٿان آيو؟ تنهن بابت جيڪي مختلف اندازا لڳايا ويا آهن، تن مان ڪهڙو صحيح آهي، ڪهڙو ڪونهي، ان پراڻي لاحاصل بحث کي ورجائڻ مان ڪوبه فائدو ڪونهي، ان ڪري ان بحث کي ڇڏي، پاڻ هتي تصوف بابت ڪي مکيه ۽ بنيادي حقيقتون ۽ ڳالهيون ورجائينداسين.

تاريخ فلاسفة الاسلام (عربيءَ مان اردو ترجمو: ڊاڪٽر ولي الدين) جو مصنف علامه محمد لطفي جمعه تصوف بابت چوي ٿو:

"مسلم تصوف جي شروعات ۽ ترقي ٽئين دور (يعني عباسي دور) ۾ ٿي. هي جديد شرعي علمن مان هڪ آهي ۽ ان جي اصولن جو اصل عبادت جي گهٽائي آهي. خدا تعالي ڏانهن مڪمل لاڙو دنياوي زيب زينت، ڪمال ۽ رعب جي لڏت کان پاسو ۽ خلق کان پاسو ڪري پاڻ کي عبادت لاءِ وقف ڪرڻ آهي." (اردو ترجمي جو صفحو 269)

"صوفين جي طريقي جو بنياد يا انهن جو طريقه عمل ماورا الحقيقت يا حقيقت کان بالاتر آهي." (ص 270)

"هي هڪ قوم جو باطني نظام آهي، جو ظاهري طرح راز جي پردي ۾ هوندو آهي ۽ حقيقت جي خيال کان زبردست آهي." (ص 270)

ابو هاشم، عثمان بن شريڪ عرفي کي پهريون صوفي چيو آهي.[1]

ابو سعيد حسن بن ابي حسن سيار الميساني بصري (وفات: 110هـ)، ابو اسحاق ابراهيم بن ادهم بن المنصور (وفات: 141هـ)، ثوبان بن ابراهيم ابوالفيض ذوالنون مصري (وفات: 445هـ)، ابو محفوظ معروف بن فيروز عرفي (وفات: 200ع)، ابو يزيد طيفور بن عيسيٰ البسطامي (وفات: 261ع)، ابوالقاسم جنيد بغدادي (وفات: 910ع)، ابو عبدالله الحسين بن منصور حلاج (شهادت 309هـ) ۽ محمد بن علي محمد بن احمد بن عبدالله

---

[1] نفحات الانس از مولانا عبدالرحمان جامي.

شيخ محي الدين ابوبكر طائي حاتمي الاندليسي عرف ابن العربي (وفات: 638هـ) تصوف جا پايو وجهندڙ ٿي گذريا آهن.

انهن بزرگن مان ڪن تصوف جي تعريف هيئن ڪئي آهي:

خواجہ ذالنون مصري فرمائي ٿو: "ظاهري فعلن کي گناهن کان ۽ باطني حالت ۾ فضول ڪمن سان پاڻ کي آلوده نہ ڪرڻ ۽ خدا جي حڪمن مطابق ثابت قدم رهڻ جو نالو تصوف آهي."[1]

خواجہ جنيد بغدادي چيو آهي. "دل کي خلقن جي مراجعت کان پاڪ ڪرڻ، طبعي اخلاق کي دنيائت کان دور ڪرڻ، بشريت جي صفتن کي نفساني خواهشن کان دور رکڻ، روحاني صفتن جو پيدا ٿيڻ، حقيقي علمن ڏانهن ترقي ڪرڻ، اهڙين شين کي عمل ۾ آڻڻ، جيڪي ابد تائين ڪم اچن، خلق کي نصيحت ڏيڻ، حقيقت حال تي باوقار رهڻ ۽ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي پيروي تصوف آهي."[2]

حضرت غوث اعظم عبدالقادر جيلاني چيو آهي: "تصوف جو بنياد هنن اٺن شين تي آهي: سخاوتِ ابراهيم، رضاءِ اسحاق، صبرِ ايوب، مناجاتِ ذڪريہ، غربتِ يحيٰ، خرقہ پوشيءِ موسيٰ، سياق و تجرد عيسيٰ ۽ فقيہ محمد (فتوح الغيب)."

مسلمان تہ ڇڏيو ڪهڙو ڪافر بہ چوندو تہ اهي ڳالهيون خراب آهن؟

پر هڪ وڏي عرصي تائين صوفي وقت جي حڪومتن ۽ سنڊن حامي عالمن سڳورن جي عتاب هيٺ رهيا.

شيخ شهاب الدين (مصنف حڪمت الاشراق) کي صلاح الدين ايوبيءَ هٿان قتل ڪرايو ويو ۽ سرمد کي اورنگزيب هٿان. ٻيا صوفي بہ اڪثر عذاب ۾ رهيا.

ههڙيون پليون ڳالهيون ڪرڻ وارا وقت جي اسلامي سرڪار نامدار کي چو نٿي وٺيا؟

ان سان گڏ ٻيو بہ سوال آهي. جيڪي ماڻهو مسلمان حاڪمن ۽ سنڊن حامي شريعت سڳوريءَ تي هلندڙ عالمن سڳورن کي نٿي وٺيا،

---

(1) تاريخ تصوف از عبدالصمد صارم الازهري ص 11)

(2) سڀ حوالا مٿي ڄاڻايل "تاريخ تصوف" جي صفحي 11 کان اڳتي)

سي مسلمان ماڻهن جي وڏي گهٽائيءَ وٽ ايڏا مقبول ڇو هئا؟ ماڻهو جاهل ۽ اڻ ڄاڻ آهن، انڪري؟ ڪنهن حد تائين اها ڳالهه به صحيح ٿي سگهي ٿي، پر اهي ساڳيا ماڻهو ته هئا، جن عالمن سڳورن ۽ مسلمان بادشاهين کي ان منزل تي پڄائڻ واري مڙس، يعني حضور اڪرم ﷺ جن جي ڳالهه سمجهي ورتي هئي ۽ پنهنجو اباڏو ڏاڏاڏو دين ڇڏي، ان جي پٺيان پنهنجا ٻار کهائي ڇڏيا هئائون. ان جي ئي نتيجي ۾ هي بزرگ بادشاهيون ماڻي رهيا هئا. جاهل ۽ بيوقوف ته ماڻهو ان وقت به ساڳيا اهڙا ئي هئا! پوءِ اها ڳالهه ڪيئن سمجهي ورتائون ۽ هنن مسلمان بادشاهن ۽ سندن حامي عالمن سڳورن جي ڳالهه نٿي سمجهيائون ۽ وڃي ٿي ٻين جي پويان لڳا؟

انهن سوالن تي غور ڪرڻ بي فائدو نه ٿيندو. وڏي ڳالهه ته اهو اسان کي صوفي شاعرن جي عام طرح ۽ شاهه لطيف جي صوفي شاعري ۽ سندس سوچ جي سرچشمن کي معلوم ڪرڻ ۾ سمجهڻ ۾ پڻ مدد ڏيندو.

ٻي هر شيءِ ۽ خيال وانگر تصوف جي به هڪ تاريخ آهي. اهو سدائين هڪڙي صورتحال ۾ ڪونه رهيو آهي. اهو به سرجڻ، اوسر، جواني ۽ پوڙهي موٽڻ، وري اڳتي وڌڻ ۽ وري موٽڻ جي دورن مان گذريو آهي.

پهرئين دور جي صوفين حسن بصري، امام جعفر صادق، معروف عرفي، دائود طائي، بشر بن الحارث، ابراهيم ادهم، شقيق بلخي ۽ سفيان ثوري جي خصوصيت هئي، "پنهنجي گنهگار ۽ آخرت جي عذاب جو شديد احساس!"[1]

اڳتي هلي ان ۾ خدا سان عشق يا عشقِ حقيقي جو تصور شامل ٿيو. ان جا باني ذوالنون مصري (وفات: 860ع) جنهن کي صوفي پهريون قطب مجيندا آهن ۽ بي بي رابعه بصري آهن.[2]

بيبيءَ سڳوريءَ جو ئي قول آهي: "مون کي خدا جي محبت کان واندڪائي ڪانه ٿي ملي، جو ڪٽي ڪنهن غير (شيطان) سان نفرت ڪريان."

بايزيد بسطامي (وفات: 875ع)، تصوف ۾ مستي ۽ وجد جو واڌارو ڪيو. هن ئي بزرگ جي مستيءَ جا اهي اعلان آهن:

---

(1) "وحدت الوجود"، پروفيسر سيد علي عباس جلالپوري، ص 141_142

(2) "وحدت الوجود"، پروفيسر سيد علي عباس جلالپوري، ص 144

"سبحاني ماأعظم شاني!" (منهنجي ذات پاڪ آهي، منهنجو شان ڪيڏو نہ اوچو آهي!)

"منهنجي جبي هيٺ خدا آهي. آءٌ ساقي آهيان، آءٌ ئي پيالو آهيان، آءٌ ئي پيئندڙ آهيان."

"آءٌ خدا کان خدا ڏانهن ويس تہ منهنجي اندران آواز آيو: "اي تون آءٌ!"

"آءٌ خدا جو عرش آهيان، آءٌ لوح محفوظ آهيان، آءٌ قلم آهيان."

صافي الله يا خدا ۾ سمائجي ختم ٿي وڃڻ جو تصور تصوف ۾ شيخ الطائفہ جنيد بغدادي (وفات: 910ع) رائج ڪيو. هن چيو: "ازل جي ڏينهن ماڻهن جي روحن 'قالو بلىٰ' (چيائون هائو) چئي خدا کي عقيدت، بندگي ۽ محبت جو قول ڏنو هو. ان قول کي پورو ڪرڻ ئي انساني زندگيءَ جو اصل مقصد آهي."[1]

سنڌس چوٽي آهي: "صوفي ظاهر ۾ بندو آهي، پر باطن ۾ خدا آهي."

"ٽيهہ سال خدا جنيد جي زبان مان ڳالهائيندو رهيو پر ڪنهن کي پتو ئي ڪونہ پيو."

منصور حلاج اناالحق (آءٌ حق يا خدا آهيان) جو نعرو هنيو. هن لکيو:

"جي توهان خدا کي سڃاڻو ٿا تہ سنڌس نشان کي بہ سڃاڻو. آءٌ اهو نشان آهيان. آءٌ حق آهيان. حق جي طفيل ازلي حق آهيان....."[2]

وحدت الوجود يا خدا ۽ ڪائنات جي هڪ هجڻ ۽ هر شيءِ ۾ خدا جي سمايل هجڻ جو تصور امام الموجدون شيخ اڪبر ابن العربي تصوف ۾ رائج ڪيو.

هن چيو "يا خالق الاشياء فى نفسه انت كانخلقه جامع" (اي شين کي پيدا ڪرڻ وارا! جيڪي ڪجهہ تو پيدا ڪيو آهي، اهو تو ۾ موجود آهي.)

"تخلق مانيتهى كونه فيك فانت ضيق الواسع" (جيڪي ڪجهہ تو پيدا ڪيو آهي، ان جو انت تنهنجي ئي اندر آهي.)

"وجود المخلوقات عين وجود الحق" (مخلوق جو وجود عين خالق آهي.)

هو پنهنجي شعرن ۾ چوي ٿو:

---

[1] وحدت الوجود، ص.....

[2] الطواسي از منصور الحلاج.

"اڄ کان پهرين منهنجو اهو حال هو جو جيڪو ماڻهو منهنجي دين کي نه مڃيندو هو يا ان کان انڪار ڪندو هو ان کي آءٌ ڏاريو سمجهندو هوس، پر هاڻ منهنجي دل هر صورت کي قبول ڪريو وڻي. منهنجي دل هاڻ چراگاهه بڻجي ويئي آهي هر قسم جي هرڻن جي. اها عبادتخانو آهي عيسائي تارڪن جو اها آتشڪدو آهي مجوسين جو ڪعبو آهي حاجين جو. الواح آهي توريت جي ۽ صحيفو آهي قرآن جو. هاڻ آءٌ عشق جي مذهب جو پوئلڳ آهيان. عشق جو قافلو مون کي پلي ڪيڏانهن به وڻي وڃي. منهنجو دين به عشق آهي ۽ ايمان به عشق آهي."[1]

هن پنهنجي عشق کي خدا توڙي بندن ٻنهي لاءِ وقف ڪيو. "شوق الاشواق" ۾ سندس اهي جوشيلا عشقي قصيدا آهن، جيڪي هن مڪي ۾ حديث جو درس ڏيڻ واري ايراني عالم مسڪين الدين جي ڏيءَ عين الشمس (سج جي اک) نظام جي محبت ۾ چيا آهن.[2]

منهنجي جان قربان انهن ڳورين ڳورين شرميلين عربي چوڪرين تان، جن رڪن يماني ۽ حجر اسود کي چميون ڏيڻ مهل مون تان چرچا ڪيا.

"جڏهن حيران ۽ پريشان ٿي سندن ڳولا ڪيم. تڏهن سندن سهيلين مون کي سندن ڏس ڏنو.

"جي هوءَ پنهنجي چهري تان نقاب لاهي ها ته تون اهڙي روشني ڏسين ها جڙ سج پيو اپري ۽ اپرندو ئي رهي ٿو."

"سندس پيشاني چمڪندڙ سج آهي ۽ سندس وار ڪاري رات. کهڙو نه پيارو مکڙو آهي، جتي رات ۽ ڏينهن گڏ آهن!"[3]

شريعت جي صاحبن جو چوڻ آهي ته خداوند تعالىٰ "اليوم اكملت لكم دينكم" چئي پنهنجو دين مڪمل ڪري ڇڏيو آهي. خدا کي جيڪي پنهنجي بندن کي چوٽو هو هميشه هميشه لاءِ قرآن شريف ۽ حديث شريفن ۾ ذڪر ٿي چڪو آهي. خدا جو چوڻ ۽ سندس هدايتون اهي ئي هيون، وڌيڪ ڪونهن. خدا جي مرضي معلوم ڪرڻ جا فقط اهي ذريعا ۽ سرچشما آهن.

---

(1) ترجمان الاشواق از ابن عربي.

(2) وحدت الوجود، ص 149

(3) تاريخ فلاسفة الاسلام ص 388

پيو ڪوبہ ڪونهي. انهن کان وڌيڪ خدا کي ڪنهن بہ بندي کي پيو ڪجهہ چوڻو ڪونهي.

صوفين جو چوڻ آهي تہ، خدا پنهنجي خاص بندن سان سڌيءَ طرح بہ ڳالهائي ٿو. خدا جو خطاب رڳو نبين سان نہ، پر ولين سان بہ رهيو آهي ۽ رهندو.

"جيئن تہ صوفي ڪيترائي قول بيان ڪن ٿا..... جن کان هو پنهنجي حال جي دوران الهام، وحي، تجلي يا فتوح رباني ذريعي واقف ٿين ٿا، ان کي هر سلسلي حديثن، قدسي حديثن جو نظريو پيدا ٿيو."[1]

ابن العربيءَ چيو تہ، "رسول عربي صلعم تي نبوت ختم ٿي چڪي، پر الهام جاري آهي."[2] هن چيو تہ رسول صلعم تي وحي ملڪ جبريل ڪونہ آڻيندو هو. اٽلو الهام جو سرچشمو خود حضور جن صلعم جي باطن ۾ هو.

دوزخ جو عذاب جسماني ڪونہ هوندو. ذهني هوندو. جنت حقيقت ۾ وحدت الوجود آهي، جيڪا ڪثرت کي لڪائي ٿي. عذاب جي معنيٰ آهي مٽو ٿيڻ. ان کي دوزخ جو عذاب هميشہ رهڻ واري خوشي هوندي. حشر جو مطلب آهي تہ سمورن ماڻهن جا روح خدا جي ذات ۾ سمائجي ويندا. دوزخ جنت جو ڪوبہ ظاهري (خارجي) وجود ڪونهي.[3] پنهنجي ذات کي خدا جي ذات کان الڳ سمجهڻ دوزخ آهي ۽ خدا جي ذات سان ملي هڪ ٿيڻ جنت آهي.

صوفين جو ڪلمو اهو آهي تہ، "لا موجود الا الله" (خدا بنا ڪوبہ موجود ڪونهي.)

هن چيو "آءٌ آهيان خاتم الولايت، آئون هاشمي ۽ مسيح جي ورثي جو خاتم آهيان."

ابن تيميہ ۽ وهابي فرقي جي باني محمد بن عبدالوهاب، ابن العربيءَ تي ڪفر جي فتويٰ ڏني.

---

(1) تاريخ فلسفة الاسلام ص 383

(2) وحدت الوجود، ص 140

(3) وحدت الوجود، ص 150

حنفي عالم علامہ شافيءَ سندس باري ۾ چيو آهي: "فلا تعقل فی حقه شیء فانهه اجل کبیر فی الاسلام." (هن تي نڪته چيني نه ڪريو. هو اسلامي دنيا جي هڪ عظيم هستي هو.)

شاهہ ولي الله دهلوي، ابن العربيءَ کي پنهنجي دور جو فاتح سڏيندو هو ۽ وحدت الوجود جي عقيدي کي اسلامي سمجهندو هو.[1]

دنيا جي فڪر جي تاريخ ۾ ابن العربيءَ کي وجوديت جي فلسفي جي چئن وڏن بين الاقوامي بانين مان هڪ شمار ڪيو ويجي ٿو. اهي آهن: پارمي نائيدس (يوناني فيلسوف)، شنڪر آچاريہ (هندو)، ابن العربي (مسلمان) ۽ اسپنوزا (عيسائي).

صوفين پنهنجي نظرين جي اشاعت لاءِ نثر توڙي نظم ۾ پنهي کي ڪتب آندو.

جن اڪابر صوفين تصوف بابت ڪتاب لکيا، تن ۾ تاج الدين شاذلي (وفات: 709هـ)، جمال الدين ڪلشاني (وفات: 730هـ)، عفيق الدين يافعي (وفات: 768هـ)، قطب الدين الجيل (وفات: 826هـ)، عبدالرحمان الحروفي (وفات: 858هـ)، ابن ابي بڪر السملالي (وفات: نائين صدي هجريءَ جي پڇاڙيءَ ۾)، محمد بن سليمان ڪهنجي (وفات: 879هـ)، ابو عبدالله السنوسي الصوفي (وفات: 894هـ)، شهاب الدين البرسي الفاسي (وفات: 898هـ) شامل آهن.[2]

انهن کان سواءِ حارث بن المجاس (وفات: 781ع)، عبدالله بن مبارڪ، ابو نصر سراج (وفات: 988ع)، ابو طالب مڪي، ابو عبدالرحمان سليمي (وفات: 1021ع)، عبدالله انصاري، ابو نعيم الاصفهاني (وفات: 1038ع)، ابو قاسم القشيري (وفات: 1072ع)، شيخ علي هجويري (داتا گنج بخش) (وفات: 1072ع) جون تصوف تي تحريرون به آهن.[3]

انهن سيني ۾ سڀ کان جبري تصنيف شيخ اڪبر ابن العربيءَ جي تصنيف "الفتوحات المکيئہ" ليکي ويجي ٿي، جيڪا ڪل ٽن هزار صفحن جي چئن وڏن جلدن ۾ مشتمل آهي.

---

[1] وحدت الوجود، ص 158

[2] تاريخ فلسفة الاسلام، ص 279

[3] وحدت الوجود تلاً پنجابي شاعري، ص 159

پهرئين جلد ۾ هي شعر به آهي:

الرب حق والعبد حق..... (رب به حق آهي ۽ بانهو به حق آهي.....)

شعر ۾ صوفي تبليغ

فارسي شعر ۾ تصوف جي تعليم کي ابو سعيد ابوالخير (وفات: 1049ع) پنهنجي قطعن وسيلي رائج ڪيو. سنائي، عطار رومي، سعدي ۽ حافظ شيرازي ان کان متاثر ٿيا ۽ ڳالهه کي گهٽو اڳتي کڻي ويا.

صوفي سلسلا

تصوف جا سلسلا خواجه حسن بصريءَ جي وسيلي اميرالمومنين علي بن ابي طالب تائين پهچن ٿا. حسن بصريءَ جي باري ۾ روايت آهي ته هن علم لدني (سڏيءَ طرح خدا وٽان مليل علم) اميرالمومنين علي عليه السلام کان حاصل ڪيو.[1]

جعفر شريف[2] ۽ علامه ابوالفضل[3] چئن پيرن ۽ چوڏهن خانوادن جو ذڪر ڪيو آهي. پهريون پير آهي حضرت علي عليه السلام، ٻيو خواجه حسن بصري، ٽيون خواجه حبيب عجمي ۽ چوٿون عبدالواحد بن زيد ڪوفي. چوڏهن خانوادا آهن:

جيبي، طيفوري، عرفي، جنيدي، سقطي، گاذر ديني، فردوسي، طرطوسي، سهروردي، زيدي، عياضي، ادهمي، هبيري ۽ چشتي. تنهن کان سواءِ قادري، شاذلي، مولوي، شطاري، نقش بندي، حلاجي، جلالي، قلندري ۽ سهروردي آهن.

انهن مان گهٽا غير عرب هئا.

هندستان جا مکيه صوفي سلسلا

هندستان ۾ چار صوفي سلسلا قائم ٿيا: نقشبندي، سهروردي، چشتي ۽ قادري. انهن مان چشتي ۽ قادري سلسلا وڌيڪ مقبول ٿيا.

---

(1) وحدت الوجود، ص 144

(2) مصنف: قانونِ اسلام

(3) مصنف: آئينِ اڪبري

"سڀ کان پهرين هتي قادري سلسلو قائم ٿيو جنهن جو باني شيخ عبدالقادر گيلاني (پيدائش: 1078ـ وفات: 1144) هو جيڪو بغداد ۾ ابو حنيفہ نعمان بن ثابت جي مقبري جو مجاور هو. سندن فرزند سيد شاهہ مير هندستان آيو ۽ هتي بہ اهو سلسلو قائم ٿي ويو. چشتي سلسلو شيخ ابو اسحاق شاميءَ کان يادگار آهي، جيڪو شيخ العلو دنيوريءَ جو مريد هو. هو ايران جي هڪ شهر چشت ۾ آيو تہ ابو احمد ابدال سندن مريد ٻڌجي ويو.

خواجہ معين الدين حسن سنجيريءَ، خواجہ عثمان چشتيءَ کان فرقو ورتو ۽ هندستان ۾ اچي انهيءَ سلسلي جي اشاعت ڪيائين. سهروردي سلسلي جو باني شيخ شهاب الدين سهروردي (1234ع) هو جنهن بغداد ۾ پنهنجو سلسلو شروع ڪيو. خواجہ بهاءُ الدين ذڪريا ملتانيءَ بغداد وڃي شيخ شهاب الدين سهروردييءَ کان خلافت ورتي ۽ هندستان ۾ ان سلسلي کي رواج ڏنائين..... نقشبندي يا سلسلہ خواجگان ترڪستان ۾ قائم ٿيو هو. ان جو سڀ کان وڏو بزرگ خواجہ محمد اتاليوي هو پر ان کي مقبول خواجہ بهاءُ الدين نقشبند ڪيو. خواجہ باقي بالله (وفات: 1403ع) ان سلسلي کي هندستان وٺي آيو هو. سندس خليفي شيخ احمد سرهنديءَ ان کي زور وڌايو ۽ ان جو نالو مجددي پئجي ويو.[1]

عالمي فڪري پسمنظر

هر شيءِ ۽ هر ڳالهہ جو ڪو نہ ڪو ڪارڻ هوندو آهي. تصوف جي پيدا ٿيڻ جا ڪارڻ ڪهڙا هئا؟ ڪيئن مفڪرن ۽ عالمن ان ڳالهہ تي ويچاريو آهي ۽ قسمين قسمين رايا ڏنا اٿن.

شريعت جا ڪيترائي صاحب تصوف کي ڪابہ بنيادي اهميت ڏيڻ کان ئي انڪار ٿا ڪن. هو چون ٿا تہ مذهب جي روايتي ۽ سرڪاري طرح منظور ٿيل تشريح واري شريعت سڳوريءَ کان الڳ تصوف جو ڪوبہ وجود ڪونهي. سندن ڳالهين جو تت اهو آهي تہ:

---

[1] وحدت الوجود، ص 161ـ162

(1) پهريون صوفي حضرت ابوبڪر صديق هو نہ ڪو ٻيو. صوفي معني گهڻي عبادت ڪندڙ پرهيزگار مسلمان وغيره. سو جيڪي سڀ پرهيزگار مسلمان هئا، سي سڀ صوفي هئا.

(2) صوفين جيڪي سرمستيءَ جون ڳالهيون ڪيون آهن ۽ اناالحق جا نعرا هنيا آهن، اهي شطحيات بلڪ ڪفر جي دائري ۾ اچن ٿا. جن ڏانهن اهي ڳالهيون منسوب ڪيون وڃن ٿيون، سي وڏا بزرگ هئا، ان ڪري انهن کان اهڙين ڳالهين جو بيان ٿيڻ وسهڻ جهڙي ڳالهہ ڪانهي. اهي ڪافرن جا ڪوڙ آهن. اهي بزرگ اهڙا ماڻهو ئي ڪونہ هئا جو شريعت سڳوريءَ کان تر جيترو بہ هٽي ڪا ڳالهہ ڪن. ان ڳالهہ جي تائيد ۾ هو انهن بزرگن جا شريعت جي اطاعت بابت قول ڏهرائين ٿا.

(3) بهرحال جيڪڏهن ڪنهن واقعي اهڙيون گهٽ- وڌ ڳالهيون ڪيون آهن تہ اهو صوفي ناهي، ڪافر آهي. ان جي ڳالهہ تي ڏيان ڏيڻ جو ضرور ڪونهي. پاڻ ڪيس سزا ڏيڻ گهرجي.

(4) صوفيت جي آڙ ۾ جيڪي ڏنڊا، نام نهاد پير ۽ صوفي ڪن ٿا، تن مان ئي ثابت آهي تہ اهو سڄو قصو ڪفر جو آهي.

اوپر جي علمن ۽ ادبن جا مشهور مغربي عالم نڪلسن (مصنف: عربي شاعريءَ جي تاريخ) ۽ برائون (مصنف: فارسي شاعريءَ جي تاريخ) انهيءَ مسئلي تي غور ڪرڻ کان پوءِ انهيءَ نتيجي تي پهتا تہ تصوف يوناني فلسفي جي افلاطون جي شاگردن واري تصور جي بدليل صورت آهي.

ٻين اهڙن عالمن ڏوڙي ۽ فان ڪريمہ جو خيال آهي تہ اهو ٻڌمت، ويدانيت جي اثرن جي پيداوار آهي.

ڊاڪٽر اقبال تصوف تي ٻڌمت جي اثرن جي ڳالهہ ڪري ٿو. هو چوي ٿو "انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ تصوف جو وجود اسلام جي ڏرتيءَ تي هڪڙو اوپرو وڻ هو جيڪو عجمين جي دماغي آب و هوا ۾ اسريو هو. منهنجو عقيدو اهو آهي تہ حد کان وڌيڪ زهد ۽ رياضت ۽ وجود جو مسئلو مسلمانن ۾ ٻڌمت جو اثر آهي."[1]

---

[1] اقبال نامو جلد اول

انهن ڳالهين مان ڪا ڳالهه سچي آهي ڇا؟ جي آهي تہ ڪهڙي ۽ ڪيتري قدر؟

اها ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي هن جهان بابت انسان جي سوچ جي تاريخ تي هڪڙي اڏامندڙ نظر وجهڻي پوندي.

اڄڪين زمانن ۾ ماڻهوءَ ويچاري جو حال ئي ڪونہ هو. ڪيس هن جهان بابت ڏاڍيون گهٽ ۽ ڏاڍيون غلط خبرون هيون.

ناول نويس ڪاريل ڪاپيڪ پنهنجي ناول "پچڙ تارو" جي مهاڳ ۾ لکي ٿو:

"اسان انسانن کي هن جهان جي هڪڙي ڦار (Slice) کوجنا ڪرڻ لاءِ ملي آهي. اسين ڪيترن ئي رستن کان سندس اندر ۾ پيهي رهيا آهيون. اسان پنهنجي ڪمن ۽ پنهنجي سائنس وسيلي، پنهنجي شاعريءَ ۽ پنهنجي پيار وسيلي ۽ پنهنجي مذهب ۽ ٻين ڳالهين وسيلي ان ۾ هٿوراڙيون ڏيئي، ان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون."[1]

سائنسي محقق ۽ مورخ پارنوو هن جهان کي سمجهڻ لاءِ انسان جي شروعاتي وکن جي ڏکيائيءَ جي ڳالهه بابت سوچيندي لکي ٿو:

"آءٌ جيئن قلم کڻي پهرين اڇي ڪاغذ تي ڪجهه لکڻ لاءِ سنيريس، تيئن انسان ۽ ڌرتيءَ بابت ڪئين تصويرون منهنجي ذهن جي پردي مٿان ڊوڙي ويون. تصور ئي تصور ۾ ڏٺم تہ اجهو هو انسان اونداهي غار مان جهاتي پائي پري پري آسمان کي چتائي پيو ڏسي. تان جو ڏورانهن تارن سندس اکين ۾ موت جي جوت جاڳائي آهي. سيني ۾ اچرج جهڙي بي چيني ۽ چلهه جي پرسان ڪنهن نہ ڪنهن گيت جو آلاپ۔ انهن کان سواءِ ونس سامهون واري اٽاهه خلا کي ماپڻ لاءِ ٻيو ڇا هو؟ ڪئين صديون ۽ ڪئين هزارين سال لنگهي ويا. ڌرتي ۽ آسمان جا تصور سڄي ڪائنات جي اٽاهه ويڪرائين تائين ڦهلجي ويا. انساني سوچ کي ٻاڻ اونداهين سرنگهن مان هٿوراڙيون ڏيئي اڳتي رڙهڻو پيو آهي. اها صدين جون صديون ايئن مئن وانگر هڪ هنڌ پئي رهي آهي، جيئن تندرا ۾ ساهوارا سردين ۾ مئن وانگر پيا هوندا آهن. اها خود فريبين ۽ تضادن جي ڪاهين ۾ ڏڪا ٽاپا ڪائيندي رهي آهي، پر

---

(1) Karel Capek in "Meteor"

تہ بہ ازلي، ابدي ۽ اٽڪل فطرت سان پنهنجي جدوجهد مان انسان هميشہ وڌي شان سان سوپارو ٿي نڪتو آهي."[2]

سائنس ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ وحشي جانورن مان ڏاڪي بہ ڏاڪي موجوده صورت ۽ دماغ وارو انسان ٽئي اسان کي 4 لک کن سال ٿيا آهن. اسان جي موجوده تهذيب ۽ اسان جا مذهب وغيره انهن چار لکن سالن جي عرصي جي پيٽ ۾ جڙ هڪڙي لحظي کن اڳ جي ڳالهہ آهن ۽ سندن عمر ڪنهن حساب ۾ ڪانهي. موهن جي دڙي جي تهذيب بہ فقط سادا چار هزار ورهيہ اڳ قائم ٿي. يعني جيڪو انسان کي انسان ٽئي عرصو گذريو آهي، تنهن عرصي جون انسان ذري گهٽ نوي(90) پٽيون گذاري اچي چڙهيو هو تڏهن وڃي اها تهذيب قائم ٿي! وقت جو اهو سمند انسانن ڪيئن جهاڳيو ۽ ڪهڙن ڏهني ۽ روحاني ڪشالن، عذابن ۽ عقوبتن سان جهاڳيو تنهن جو ڪجهہ احوال اسان کي انهن ڪتابن مان ملي سگهندو جيڪي آڳاٽن اسان جي ويساهن ۽ عقيدن بابت لکيا ويا آهن.[1] ۽ [2]

انسان جون پهريون پهريون سوچون فطرت کان ڊپ جون هيون. هوا ۽ جاتل شيءِ، وڻ، پٿر، هوا، پاڻي، آسمان، مطلب تہ فطرت جي هر شيءِ کان ڊنو ٿي ۽ سمجهيائين تہ هر شيءِ ۾ جان آهي ۽ هر شيءِ سندس دشمن آهي. منجهانئن ڪي ماڻهو اهڙا نڪتا، جن ان ڊپ مان ناجائز فائدو وٺڻ شروع ڪيو. هنن چيو تہ اسين انهن دشمنن کي رشوت ڏيئي راضي ڪري سگهون ٿا يا انهن کان بچاءُ وٺي سگهون ٿا. انهن پاڻ کي جادوگر، ڪاهن ۽ ٻين نالن سان سڏايو ۽ ماڻهن کي جهان بابت ڪوڙيون خبرون ٻڌائي، ڏيڃاري، کين پنهنجي قبضي ۾ ڪري، موجون ماڻڻ پنهنجو پيشو کٽي بنايائون. اڳتي هلي آسماني ديوتائن ۽ خدا جو تصور پيدا ٿيڻ شروع ٿيو. اهڙيءَ ريت انسان سمجهہ ۾ نہ ايندڙ مشين ۽ ڳالهين جي خوف سبب جادوءَ ۾ ويساهہ جي ڏاڪي تي پهتو ۽ اتان هلي هلي منظم مذهبن جي ڏاڪي کي رسيو.

---

(2) E.I Parnov: At the Cross Road of Infinities, P 7-8

(1) جيمس فريزر "جادو ۽ سائنس"، ٽي جلد سنڌي ادبي بورڊ جا ڇپايل James Fraser: "Golden Bough"

(2) Allen Grant: "The Origin of the Idea of God"

اڙ جاڻائي ۽ خوف، وهم ۽ انڌي عقيدي جي وات تي هلندي هلندي ماڻهو وچ وچ ۾ پنهنجي پورهئي ۽ ٻئي عملي تجربي ۽ دماغي عقل ۽ ويچار جي مدد سان ڦڙو ڦڙو ڪري هن جهان بابت ايري سيري ڪچي پڪي، ڪجهه صحيح ڪجهه غلط گڏوچڙ جاڻ ۽ سمجهه ۾ ميڙيندو چونڊيندو رهيو.

تان جو هڪڙو ڏاڪو اهڙو اچي پهتو جتي ماڻهن هن جهان بابت جادوگرن، ڪاهنن ۽ غيب جون خبرون ڪرڻ وارن جي ڳالهين تي اکيون پوري ويساهه ڪرڻ بدران هن جهان کي پنهنجي عقل ۽ آزمودي سان سمجهڻ جي ڪوشش شروع ڪئي.

يوناني فلسفي جا ۾ ابتڙ گس

اڄ کان هزارين سال اڳ چين، هندستان ۽ مصر جي ڏاهن ماڻهن هن جهان بابت بنيادي کان بنيادي سوالن بابت باقاعدي عقلي نموني سوچڻ جي ريت وڌي. ان سوچ ڪلاسيڪي صورت يونان ۾ حاصل ڪئي. هر شيءِ ۽ هر ڳالهه جيڪا ظاهري طرح هڪڙي يڪي ۽ سڄي ساري هوندي آهي، سا حقيقت ۾ ابتڙن جو ميلاپ هوندي آهي. يوناني فلسفو ۾ ابتڙن جو ميلاپ هو. ان جون ۾ مکيه واتون هيون.

هڪڙي هئي جهان کي انساني عقل جي حوالي سان سمجهڻ جي وات. ٻي هئي ان کي ٻئي ڪنهن جهان جي غيبي قوتن ۾ ويساهه ۽ خيالي قياس آرائي ۽ وجدان جي حوالي سان سمجهڻ جي وات.

عالمي تاريخي سطح تي غيبي وات وٽ وارن يعني جادو، مذهب ۽ غيبي فلسفي (Idealistic) جي پوئلڳن هن جهان بابت سوالن جا جواب هن جهان کان ٻاهر غيب ۾ پئي ڳوليا آهن ۽ پنهنجي حساب سان الهام، وجدان ۽ عشق وسيلي سڀ جواب لڌا ۽ ڏنا آهن.

مادي فلسفي ۽ سائنس جن عقل جي وات ورتي، انهن، انهن سوالن جا جواب خود هن جهان منجهان پئي ڳوليا آهن ۽ پنهنجي حساب سان تلاش، تجربي ۽ عقلي قياس آرائي، آزمودي ۽ بار بار چڪاس وسيلي ڪيترن ئي سوالن جا جواب ڳولي لڌا ۽ پيش پئي ڪيا آهن.

شروعاتي ڇڃ عرصي تائين ڏري گهٽ سمورن ڏاهن جي هن جهان بابت سوچ ۽ عقلي توڙي غيبي ٻنهي واتن جا خيال گڏوچڙ هوندا هئا. فرق

اهو هوندو هو ته هڪڙن جي سوچ تي خيالي يا غيبي پاسو وڌيڪ حاوي هوندو هو ته ٻين جي سوچ تي عقلي ۽ مادي پاسو.

عقل جي واٽ

عقل جي واٽ ونڊ وارن جو خيال هو ته هن جهان کي انساني حواسن، عقل ۽ قياس وسيلي سمجهي سگهجي ٿو. يونان جو پهريون ماڻهو جنهن عقلي طرح ان مسئلي تي غور ڪيو ته هن جهان جي اصليت ڇا آهي، سو هو ٿيلس، جيڪو ايائي هزار سالن کان ٻه اڳ ٿي گذريو (640_550 ق_م يعني حضرت عيسيٰ کان اڳ)، ان کان پوءِ اناڪيسمندر (610_547 ق_م)، پٿاگوراس (582_500 ق_م)، ليوسيپس (500 ق_م)، اناڪساگورس (500_428 ق_م)، اسڊيبڊ وڪلس (492_432 ق_م)، فلولاس (470_399 ق_م)، ڊماڪريٽس (460_370 ق_م)، ارسطو (384_322 ق_م)، ايپيڪورس (341_270 ق_م)، ٽاليمي يا بطليموس (70_147) ٿي گذريا.

ٿيلس عقلي دليل ڏوڙائي چيو ته هي جهان بنيادي پاڻيءَ مان ٺهيو آهي ۽ موتي پاڻي ٿيندو. اناڪيسمندر چيو ته هي جهان بنيادي مادي (Primary Matter) مان ٺهيو آهي. پاڻي ۽ ٻيون شيون ٻه ان بنيادي مادي مان ٺهيون آهن. اڄ هزارين سالن کان پوءِ سائنس ذري گهٽ ان ساڳئي نتيجي تي پهتي آهي. پٿاگوراس ڳوڙهو ويچار ڪري پوءِ چيو ته منهنجو عقل ٿو چوي ته ڌرتي گول آهي. ايئن گورس چيو ته جهان ۾ ڪابه شيءِ صفا نئين پيدا نٿي ٿئي ۽ ڪابه شيءِ صفا ختم نٿي ٿئي. اها ڳالهه سائنس جو بنيادي اصول ثابت ٿي آهي. ان وقت هن کي اهڙن ڪفر جي ڪلمن چوڻ ڪري موت جي سزا ڏني ويئي. سندس هاڪارن شاگردن پيريڪلس، يوپائيڊس ۽ سقراط منجهان پريڪلس وچ ۾ پئي سندس جان بچائي. ڪيس جلاوطن ڪيو ويو. چيائين، "مون پنهنجي عظيم شهر اٿينس کي ڪونہ ويجايو آهي. اٿينس مون کي ويجايو آهي."

ليوپس ۽ سندس شاگردن ڊماڪريٽس ۽ ايپيڪورس اڄ کان ايائي هزار ورهيہ اڳ اعلان ڪيو ته جهان مادي جي ائٽم جي ذرڙن مان ٺهيل آهي. اها ڳالهه ٻه اڄ سائنس جو بنيادي قانون آهي.

ارسطو جنهن جي شاگردن ۾ سڪندرِ اعظم به شامل هو سو سڀني جو شهنشاهه هو. هن جهان بابت ڪي اهڙيون حيرت انگيز قياس آرائيون ڪيون، جن تي اڄ به حيرت ونيو وڃي. هو دنيا جي سمورن زمانن جي چوندڙ دانائن مان هڪ ليکبو آهي. عظيم مسلمان فيلسوف ابن رشد چيو "ارسطو سمورين سائنسن جو حرفِ اول ۽ حرفِ آخر آهي." اها ڳالهه هن ارسطو جي مرڻ کان اٽڪل 14 صديون پوءِ ڪئي.

يوناني سائنسدان عقل چرخ ڪندڙ انسان هئا، پر هئا پوءِ به انسان. هنن جي عقل همالیه جبل کان به اوچا چال ڏنا، پر سندن ڪئين ڳالهيون ڪچيون ۽ هوائي هيون.

سندن ڏوهه ڪونه هو. هو فقط هڪ ٽنگ تي ٽي هليا. انومان ۽ عقلي قياس جي ٽنگ تي. تجربي ۽ چڪاس جي منزل اڃا نه آئي هئي. هڪڙي وڏي ۾ وڏي غلطي اها ٿي جو عظيم ارسطو جي جزوي طور صحيح نظرين کي قطعي ۽ اٽل ۽ حرفِ آخر سمجهيو ويو جنهن ڪري اهي نظريا انساني عقل ۽ سائنس جي ترقيءَ جي واٽ ۾ صدين تائين ٻنڊيون بڌجي ويا.

جيئن ته اسين اڄتي گهڻي قدر ڳالهه خيالي، غيبي ۽ غير سائنسي واٽ ۽ ان تي هلندڙن جي ڪنداسين ۽ جيئن ته ان واٽ کي سمجهڻ لاءِ ان جي ابتڙ واٽ يعني عقلي، مادي ۽ سائنسي واٽ بابت به ڪجهه ڄاڻ ضروري آهي، ان ڪري اسين هتي ٿوري دير رُڪجي سائنس ۽ سائنسي واٽ بابت ٿوري ڳالهه ٻولهه ڪندا هلنداسين.

فلسفو ۽ سائنس

فلسفو زمانن جا زمانا مذهبن جي رحم ۽ ڪرم تي پئي رهيو آهي ۽ انهن جي قهر ۽ ستم جو نشانو بڻيو رهيو آهي. خيالي فلسفو سدائين پنهنجي پنهنجي حد جي حاوي مذهبن جي ڏهه آني ڇهه آني پريندو ۽ ڪين راضي رکڻ لاءِ واجهه وجهندو رهيو آهي. سائنس دير دير سان مادي فلسفي مان پيدا ٿي ۽ ڇڄ زمانو ان جو حصو بڻي رهي. صدين جون صديون ڪنهن ڪيس ليکيو ئي نٿي. اها يتيم ۽ غريبڙي ٻار وانگر جڳ جهان جون جهٽڪون، دڙڪا، داٻا ۽ ستم سهي، بنا ڪنهن ظاهري فائدي جي "نڪي هٿ نه ساڻ، ڏيهاڙي چنگ چڙهان" واري ڳالهه وانگر پورهيا ۽ ڪشالا

ڪندي، پگهر ۾ رت وهائيندي رهي آهي. تان جو اڄ سائنس ڪير سڏائي! جن جي اڳين صدين ۾ پڇ لانگ پئي لڳي ۽ ٽيپ جهلڻ جي ڪانه هئي، سي سندس در تي سوالي ٿيو بيٺا آهن!

دنيا جي سائنس هزارين غلطين، ڪيترن زوال جي دورن جي باوجود هر وقت حرڪت ۾ آهي، وڌي ويجهي پئي ۽ نيون نيون منزلون سر ڪندي رهي ٿي. اها خاموش، نهٺي ۽ اوڇ پورهيت آهي. اها ٿي ٽيندي جي خبر رکڻ جي دعويدار ڪانهي. اها چوي ٿي ته ان ڪائنات جي بنيادي سوالن جا جواب ايڏا مس هاڻ ڳولي لهڻ شروع ڪيا آهن، تنهن ڪري اها ايڏا ڪيترن ئي بنيادي ڪان بنيادي سوالن جا جواب ڏيڻ جي پوزيشن ۾ ڪانه آئي آهي، پر اها انهن سوالن بابت نسورا زٽ هڻڻ کان صاف انڪار ٿي ڪري اها جنهن رفتار سان اڳتي وڌي رهي آهي، تنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته انسان جو عقل، سندس سائنس هن جهان جي اسرارن کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جو عمل ويندا ڏينهون ڏينهن وڌيڪ تيز ڪندا ۽ ڪٿي به رُڪجي بيهي ڪونه رهندا.

ايندڙ دور ۾ جڏهن سائنس تي سامراج جي هڪ هٿي ٽٽندي ۽ هو ان کي دنيا جي عوام خلاف هٿيار ڪري ناجائز طرح ڪتب آڻي نه سگهندو ۽ جڏهن اهي عوام سائنس کان کين بدظن ۽ محروم ڪرڻ جي سمورين سازشن ۽ منصوبن کي ناڪام بڻائي، سائنس کي به پنهنجي قبضي ۾ ڪندا، تڏهن سائنس ايڏا به ڪا هي ڳالهه بڻجي ويندي

سائنس جي ريت

خيالي ۽ غيبي ذات وٺڻ وارن جي ابتڙ جيڪي چون ٿا ته هي جهان هڪڙو اهڙو اسرار آهي جنهن کي انسان پنهنجي حواسن ۽ عقل سان ڪڏهن به سمجهي نه سگهندو سائنس جو چوڻ آهي ته هن جهان کي جيتوڻيڪ ڪنهن هڪڙي انسان يا ڪنهن هڪڙي دور جي سمورن انسانن جي حواسن ۽ عقل وسيلي ڄاڻي ۽ پروڙي نٿو سگهجي، پر انسان پنهنجن حواسن ۽ عقل جي عالمي تاريخي عمل ذريعي ڏاڪي به ڏاڪي، نسل در نسل، ڪڏهن آهستي آهستي ۽ ٿورو ٿورو ڪري ته ڪڏهن وڏا ڇال ڏيئي گهٽي قدر هن جهان کي ڇڳيءَ طرح سمجهي سگهي ٿو ۽

سمجهي رهيو آهي. هو ان جي سمورن اسرارن جي تهہ ۾ گهڙي وڃي سگهي ٿو. ان جو چوڻ آهي تہ هن جهان کي فقط هن جهان جي مطالعي ذريعي ئي سمجهي سگهجي ٿو ۽ نہ ڪنهن ٻيءَ ريت. انساني خيال ۽ وجدان هن جهان جي مادي وجود ۽ زندگيءَ جا اولڙا آهن ۽ صحيح يا غلط پر ان جي ئي عڪاسي ڪن ٿا. خيال مادي زندگيءَ مان ئي پيدا ٿيا آهن ۽ انهن کان سواءِ وجود ۾ اچي ئي نٿا سگهن. اهڙيءَ ريت مادي وجود اول آهي، خيال ۽ وجدان پوءِ ۽ ان جي پيداوار آهن. البت مادي زندگيءَ مان پيدا ٿيڻ کان پوءِ اهي موت ۾ مادي زندگيءَ تي اثر وجهڻ شروع ڪن ٿا. خيالي ۽ مادي زندگيءَ جي هڪٻئي تي اثر ۽ جوابي اثر جو اڻ کٽ سلسلو جاري آهي.

سائنس جي ريت اها آهي جو ان ۾ ڪنهن ڳالهہ تي شڪ ۽ بي ويساهي ڪرڻ خراب نہ پر چگي ڳالهہ ليکي ويندي آهي. اها هر ڳالهہ تي سوين هزارين شڪ ۽ اعتراض ڪري ان کي اڪيچار ييرا چڪاسي ۽ آزمائي، پوءِ ان کي قبول ڪري تي ۽ پوءِ ٻہ اها گنجائش هر وقت ڪليل ڇڏي تي تہ متان ڪنهن ٻہ وقت نين حقيقتن جي معلوم ٿيڻ ڪري اها غلط نہ ثابت ٿئي. سائنسدانن لاءِ غلط ثابت ٿيڻ عيب ناهي، البت غلط ثابت ٿيل ڳالهہ کي غلط نہ ميڙڻ ۽ ان کي ڇهڻو رهڻ سائنس اڳيان شرم جي ڳالهہ آهي. ڪي درويش اڄ ٻہ آئن استائن جي نظرين کي غلط ييا ثابت ڪن. يلي ڪو سمورن سائنسدانن ۽ سمورن سائنسي نظرين کي غلط چوي، سائنس وٽ ان جي ڪابہ سزا ڪانهي. سائنس شڪ، سوال جواب ۽ تنقيد کان نٿي لهرائي ۽ ڊڄي. اها انهن جي ئي پيدائش آهي ۽ انهن تي ئي پلجي وڏي تي آهي.

جن ڳالهين جي خبر ئي نہ هجي، تن بابت اپ ڦاڙڻ يا ڪنين ٻڌل ٺلهين ڳالهين کي ورجائيندي رهڻ جي سائنس مخالف آهي. مشهور انگريز طبعي ۽ ڪيميائي سائنسدان رابرٽ بائل (1627_1691ع) جو هي قول سائنس جو رهنما اصول رهيو آهي، "ٺلهي ڪنين ٻڌل ڳالهہ ڪار ناهي!" مطلب تہ جيسين تجربي ۽ چڪاس ذريعي پڪي پختي نموني ڪا ڳالهہ قطعي طرح عقل جي ڪسوٽيءَ تي صحيح ثابت نہ ٿي آهي، تيسين زباني توڙي لکيل ٺلهين خبرن ۽ دعوائن جي ڪابہ اهميت ڪانهي. فرينچ سائنسدان رينيي ڊيڪارتي جو قول آهي، "آزمودو، آزمودو ۽ وري ٻہ آزمودو!" يعني هر ڳالهہ ۽ هر دعويٰ کي آزمودي جي ڪسوٽيءَ تي پرکيو ۽

بار بار پرکيو تجربا ڪريو، پوءِ جيڪا جيتري پاڻيءَ ۾ ثابت ٿئي! انگريز طبعي سائنسدان فرانسس بيڪن چيو ته، "فيلسوف (يا سائنسدان) کي نه رڳو پنهنجي ذاتي تجربي جي پوڄا ڪندڙ ماڪوڙو ٽيڙ گهرجي يا نه وري ڪوريئڙي وانگر پنهنجي ئي ذهن مان ڪوريئڙي وارا ڄارا ڦاهي، ان ۾ ڦاٽو رهڻ گهرجي. هن کي ماکيءَ جي مک وانگر ٻنين ۾ وڃي هر گل مان رس ڪنو ڪرڻ گهرجي يا پوءِ ان مان ماکي ٺاهڻ گهرجي." عقل، تجربو آزمودو يا چڪاس- اهي آهن سائنس جا اهي هٿيار جن سان هن ڪائنات جي اسرارن کي فتح ڪيو آهي يا ڪري ٿئي.

خيالي يا غيبي وات (Idealistic Path)

آرفي مت جا عقيدا

جادو انڊي ويساهه يا خيالي شين جي پوڄا واري شروعاتي دور ۾ يونانين هڪڙو خيالي ديوتا ٺاهيو "ديونيس." چي، "اهو انگور يا شراب جو ديوتا آهي." ان جي پوڄا ڪندڙن مان هڪڙو فرقو آرفي فرقو هو جنهن جو باني هڪڙي ڪجهه خيالي يا ڪجهه حقيقي شخصيت "آرفيوس" هو. ان فرقي وارا سنسار چڪر يعني مري يا وري بار بار نئين جوڙ وڻڻ واري عقيدي ۾ ويساهه رکندا هئا. هنن جو اهو به عقيدو هو ته زندگي ڏک آهي، هي جڳ قيدخانو آهي، جنهن ۾ انساني روح ڦاسي پيو آهي.

جان برنٽ لکي ٿو ته، "يوناني آرفي فرقي وارن جا گهڻائي خيال ان زماني جي هندن جي خيالن سان مشابهت رکندا هئا.[1]

پئٿاگوراس (فيثا غورث)

هي سنسار چڪر يا آواگون کي مجيندو هو. هن جو خيال هو ته بدن روح جي قبر آهي. جنم چڪر مان فقط فيلسوف ئي نڪري سگهندا. سندس شاگرد يامبليڪيس کي دنيا جي وحدت الوجود يا همه اوست جي نظرئي جو باني سمجهيو ويندو آهي. "هي جهان ڇا مان ٺهيل

---

[1] جان برنٽ: اوائلي يوناني فلسفو Early Greek Philosophy

آهي؟" ڪنهن چيو هوا. ڪنهن چيو پاڻي. ڪنهن چيو باهه. پاري نائيڊس چيو "ڪائنات جو بنيادي اصول وجود، هستي يا هجڻ آهي. ان وجود يا اڪيلي حقيقت کي اسين عقل ۽ سوچ سان ڄاڻي سگهون ٿا. باقي جيڪو جهان حواسن يعني اکين، ڪنن وغيره سان معلوم ٿئي ٿو جنهن ۾ اڪيچار مختلف شيون آهن، اهو حقيقي نه پر ڪوڙو جهان آهي! اهو فقط ڏيک ۽ وهم آهي، نظر جو دوکو آهي.

ٻئي خيال پرست فيلسوف زينو الياتيءَ چيو ته "خدا ۽ ڪائنات هڪڙي شيءِ آهن. ڪائنات کان الڳ ۽ ان کان ٻاهر ڪوبه خدا ڪونهي." ارسطو اهو نظريو قبول ڪيو ۽ اڳتي وڌي چيائين ته "ڪابه شيءِ عدم يا نئين مان پيدا نٿي ٿئي، ان ڪري هي جهان خلقيو ڪونه ويو آهي. ان کي ڪنهن به ڪونه جوڙيو آهي. اهو ازل کان موجود آهي ۽ ابد تائين موجود رهندو.

افلاطون 427 ق.م ۾ ائينس جي هڪڙي امير گهراڻي ۾ پيدا ٿيو. هن چيو ته، "هن جهان ۾ جيڪي به شيون يا ڳالهيون آهن، انهن جا نمونا (Ideas) يا ڪارب هن ڪائنات کان ٻاهر غيب ۾ ازل کان وٺي اڳوات ئي ٺهيا رکيا آهن. انهن کي ڪنهن ٺاهيو ڪونهي. اهي ازل تائين رهندا. مادي مان ٺهيل جهان ۾ جيڪي شيون ۽ ڳالهيون آهن، تن تي انهن ڪاربن جا نمونا لڳل آهن." افلاطون به چيو ته، "هي مادي جهان، جيڪو حواسن مان ٺهيل آهي، سو خيالي آهي ۽ نظر جو دوکو آهي." هو به سنسار چڪر جو قائل هو. هن چيو ته، "نيڪ بندي جو روح موت کان پوءِ پنهنجي اصل ديس ڏانهن هليو ويجي ٿو. باقي بدروح ٻيو جنم وٺن ٿا."

هن چيو ته، "روح به آهن: هڪڙو فاني، ٻيو غير فاني. غير فانيءَ کي خدا پيدا ڪيو آهي ۽ فانيءَ کي ڪو ديوتا ٺاهي ٿو. غير فاني انسان جي مٿي ۾ رهندو آهي ۽ فاني ڇاتيءَ ۾ رهندو آهي."

صوفين جي حسن مطلق (Absolute Beauty) جي تصور جو باني به افلاطون هو. پنهنجي هڪڙي مڪالمي "مباحثي" (Symposium) ۾ هو عشق کي ايراس (Eros) سڏي ٿو. جنهن جو لاڳاپو شروع کان ئي حسن مطلق سان هليو اچي. جڏهن کو ماڻهو هن جهان ۾ ڪنهن سهڻي ماڻهوءَ کي ڏسي ٿو ته سندس روح ۾ ان حسن مطلق جي ياد نئين سر اپريو اچي، جنهن جو اولڙو ان سهڻي ماڻهوءَ جي مکڙي تي پيو پوندو هوندو آهي.

هن چيو تہ، "ذات احد يا واحد جي ڪائنات کان الڳ آهي. ڪائنات ۾ واحد وچ ۾ واسطو روح رکن ٿا، جن جو اڳواڻ لوگس آهي. اهو واحد جو تجلو آهي. هيءَ ڪائنات واحد جي ذات مان ايئن ڦٽي نڪتي آهي، جيئن سج مان ڪرڻا ڦٽي نڪرندا آهن. ذات واحد جي سچاڻپ عقل سان نہ پر اندر جي روشنيءَ يا اشراق سان ٿي سگهندي"

يونان جي غيبي (Idealistic) ريت جو آخري وڏو ترجمان فلاطينوس مصري هو. هو افلاطون جو پوئلڳ هو. افلاطون وانگر هو بہ چوندو هو تہ اسان جي جيئڻ جو وڏو مقصد اهو آهي تہ هن مادي ۾ حواس جي دنيا کان لاڳاپا ٽوڙي، پنهنجي روح کي بدن ۾ حواس جي قيد کان آزاد ڪرايون. ان عمل کي هن Kathasis يا پاڪ ڪرڻ جو عمل سڏيو آهي. صوفين پوءِ ان عمل کي تزڪيہ نفس سڏيو. هن چيو تہ، "انسان جو روح مادي جي قيد مان نڪري آزاد ٿئي تہ اهو واپس پنهنجي اصل ڏانهن اڏامي ويجي ۾ ان ۾ سمائجي ويجي." صديون پوءِ صوفي ان کي فصل (هڪڙي ذات کان الڳ ٿيڻ)، نزول (هڪڙي ذات کان جدا ٿيڻ کان پوءِ مادي جهان ڏانهن هيٺ اچڻ جو عمل)، صعود (بدن ۾ حواس جي قيد مان آزاد ٿي روح جو هڪڙي ذات ڏانهن مٿي ويڃڻ جو عمل) ۾ جذب (هڪڙي ذات ۾ سمائجي ويڃڻ جو عمل) سڏڻ لڳا.

رواقيت (Stoicism)

قبصرص جي قنيقي نسل جي يوناني فيلسوف هن فلسفي جو بنياد رکيو. هن چيو تہ، "ڪائنات جو علم فقط جسماني حواسن ذريعي ئي ملي سگهي ٿو." هن بہ چيو تہ، "ڪائنات کي ڪنهن بہ جدا شخصيت رکندڙ خدا نہ خلقيو آهي. ڪابہ شيءِ نئين مان وجود ۾ نٿي آڻي سگهجي، ان ڪري خود جهان جو وجود مطلق يا خدا آهي." پويان ايندڙ صوفين بہ جهان يا وجود مطلق کي خدا سڏيو. مغربي فيلسوف شوپنهار چيو آهي تہ، "خدا جي ڪائنات ۾ سمايل هجڻ واري ڳالهہ شخصي خدا جي روايتي مذهبي تصور کان فضيلت وارن اکرن ۾ انڪار آهي."[1]

---

(1) وحدت الوجود، ص: 120

دوزي، فان ڪريم ۽ علامہ اقبال جي راءِ آهي تہ تصوف هندو ويدانيت يا ٻڌمت جي اثرن جي پيداوار آهي. ڪن جو تہ مورڳو چوڻ آهي تہ خود خيال پرست يوناني فلسفي ۾ باطني ريت ئي هندستان جي فلسفن جي اثر هيٺ وجود ۾ آئي آهي. اچو تہ ان ڳالهہ جي بہ جاچ ونون.

جيئن اسان اڳ چئي آيا آهيون تہ انساني سوچ جا وهڪرا ڦري گهري هڪٻئي سان ملندا رهيا آهن. دنيا جي جادوءَ جي تاريخ پڙهبي تہ مختلف پري پري وارين قومن ۾ جادوءَ جون ساڳيون رسمون ڏسبيون. جنهن جو مطلب ٿيو تہ انهن قومن جي جادوءَ بابت سوچ ۽ ريت هڪٻئي کان متاثر ٿي. هر قوم صحيح يا غلط ڪجهہ ڏنو ڪجهہ ورتو ڪجهہ سکيو ڪجهہ سيکاريو. هر مذهب طرفان خاص الخاص ۽ انجو نئون نڪور نہ هجڻ جي سمورين دعوائن جي باوجود مذهبن جي بہ هڪڙي باقاعدي تاريخ آهي ۽ اهي هڪٻئي کان متاثر ٿيا آهن. هڪٻئي تي اثرانداز ٿيا آهن ۽ ٿين پيا. جادو ۽ مذهب، فلسفو ۽ سائنس منفي توڙي مثبت نموني هڪٻئي تي اثرانداز ٿيندا رهيا آهن ۽ اڄ ڏينهن تائين ٿين پيا.

مشهور يوناني مورخ هيروڊوٽس پنهنجي تاريخ ۾ لکي ٿو تہ سنسار چڪر يا بار بار نئين جوُڙ متائڻ جو تصور يونانين مصرين کان ورتو. اسان کي خبر آهي تہ هندستاني دانائن جي علم جي هاڪ يونان جي ڏاهن تائين پهتل هئي ۽ اهي انهن کان علم پرائڻ لاءِ بي چين هئا. جي۔ ٽي گيرٽ چوي ٿو:

"مصر جي شهر سڪندريہ ۾ ٻڌن جو هڪڙو يڪو پاڙو آباد هو. اهي هندستان مان پرچار ڪرڻ آيا هئا. يوناني فلسفي فلاطينوس (جنهن جي بنيادي صوفيائڻ تصورن جو مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي. ر.ب.پ) جي خيالن تي ٻڌمت جو اثر ٿيو هو. فلاطينوس هندي فلسفي جو شيدائي هو ۽ سندس دلي خواهش هئي تہ هندستان جي عالمن ۽ فيلسوفن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪريان. پر سندس اها آس پوري نہ ٿي.[1]

هندي فلسفو

هندي فلسفو بہ ڪئين ابتڙن جو ميلاپ آهي. مڪيہ ابتڙ اها آهي تہ هندي فلسفي جا ڪي فرقا ڪائنات کان الڳ ڪنهن ٻي هستي يا خالق

---

[1] جي۔ ٽي گيرٽ، هندستان جو ورثو Legacy of India

کي مجين ٿا ته کي نٿا مجين. کي ويدن کي مجين ٿا کي نه. کي سنسار چکر کي مجين ٿا کي نه. هندي فلسفي جا هي ڇهه مکتب ويدن کي مجين ٿا ۽ موت کان پوءِ حياتيءَ جا ۽ سنسار چکر جا قائل آهن:

(1) اتر ميمانسا (2) پروا ميمانسا (3) جوگا (4) نيايا (5) سانکيا (6) وئسيشکا.

انهن مان ميمانسا ۽ سانکيا جا فيلسوفي مکتب ڪائنات کان الڳ ڪائنات جي ڪنهن خالق هستيءَ جي تصور کي نٿا مجين. انهن جا باني ڪپلا ۽ جئي مني ڪائنات کي ڪنهن جي جوڙيل تسليم نٿا ڪن.

هندي فلسفي، تهذيب ۽ ادب جي مشهور عالم آرٿر مئڪڊونل سانکيا فرقي جي فلسفي تي تبصرو ڪندي چوي ٿو ته، "هنن دنيا جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو انساني ذهن جي مڪمل خودمختياريءَ جو اعلان ڪيو ۽ جهان جا مسئلا عقل جي مدد سان ئي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون."[1]

پارنوو جي چوڻ موجب، "وئسيشکا وارن جو چوڻ هو ته هر شيءِ تمام ننڍڙن مادي ذرڙن (ائٽمن - ر.ب.پ) مان ٺهيل آهي."[2]

گوتم ٻڌ ۽ جين ڌرم جو باني مهاويرِ ويدن کي سند ڪري نه مجيندا هئا. گوتم ٻڌ جو خيال هو ته هن جهان کي سمجهڻ لاءِ انسان هن جهان کان الڳ ڪنهن ٻي هستيءَ جو محتاج ڪونهي. انسان پاڻ جهان کي چگيءَ طرح سمجهي سگهي ٿو.[3] هن ويدن ۽ انهن جي ذات پات جي سرشتي کي رد ڪري ڇڏيو ۽ يگيه، هون، شراڌ ۽ ٻين مذهبي رسمن لاءِ چيائين ته اهي برهمڻن جا مڪر آهن. هن روح جي وجود کان انڪار ڪيو. اپنشدن ۾ جنهن خدا (برهم) جو ذڪر آهي، ان کي هو نٿو مڃي.

بدهستيءَ جا پوئلڳ چارواڪ، جيڪي گوتم کان اڳ موجود ۽ سرگرم هئا، سي گوتم کان به پري ٿي ويا. هو اٽڪل ايائي- ٽي هزار سال اڳ نهايت سرگرم هئا ۽ مهاتما ٻڌ به کانئن متاثر ٿيو هو.

---

(1) آرٿر مئڪڊونل، سنسڪرت ادب جي تاريخ، ص: 386 / A History of Sanskrit Literature P-386

(2) اي- اي پارنوو: لاحد جي چوواٽن تي.

(3) وحدت الوجود، ص: 72

هندستان جو جڳ مشهور فيلسوف ۽ پارت جو اڳوڻو صدر ڊاڪٽر راڌا ڪرشن سندن بابت اسان کي ڪجهه تفصيل سان احوال ٻڌائي ٿو. هو چوي ٿو ته، "هو ڪلم ڪلا مذهب جي خلاف تقريرون ڪندا هئا. هو انهيءَ ڳالهه جا قائل هئا ته جهان مادي جو ٿهيل آهي..... چارئي ويد مڪريل برهمڻن عوام کي ٺڳڻ لاءِ لکيا آهن ۽ عبادتن خيرائن وغيره (يگ، هون، شراد) جون رسمون پنهنجي پيٽ پرڻ لاءِ ٺاهيون اٽن..... سنسار چڪر يا مرڻ کان پوءِ جيئڻ ۽ جوُڙ ٻيائڙ اهو سڀ ڪوڙ آهي. مرڻ بعد ماڻهو مٽيءَ سان گڏجي مٽي ٿي ويندو آهي. ماڻهوءَ جو روح (جيو آتما) به جسم جو هڪ لازمي حصو آهي، جيڪو موت کان پوءِ ختم ٿي ويندو آهي. سندن علمي نظريو اهو هو ته (جهان جو) علم انساني احساسن ۽ پروڙن ذريعي حاصل ٿئي ٿو (عشق ڪرامت آڪاش واڻي يا الهام ۽ وحي ذريعي نه.) مادو اڪيلي حقيقت آهي، جنهن جي پروڙ پنجن حواسن ذريعي ڪري سگهجي ٿي..... هو ڪنهن به خدا يا ڀڳوان کي نه مڃيندا هئا ۽ چوندا هئا ته سمجهه انسان جي مادي جسم جي هڪ صفت آهي. جسمن جي ميل جول سان نيون نيون حقيقتون پيدا ٿين ٿيون. ان جي باري ۾ هو اهو مثال ڏيندا هئا ته پان جي پتيءَ کي سوپاريءَ ۽ چن سان ملائي چٻبو ته ڳاڙهو رنگ پيدا ٿئي ٿو. جيڪو انهن ۾ ڌار ڌار هئڻ جي حالت ۾ ڪونه هوندو آهي. اهڙيءَ ريت جسماني بناوت ۽ حياتيءَ جي ملڻ سان سمجهه پيدا ٿئي ٿي ۽ جسم جي ميڙجي ويڃ سان اها سمجهه به ميڙجي ويڃي ٿي."[1]

آرٽر مئڪڊولڊ به چارواڪن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ لکي ٿو ته، "هو چوندا هئا ته جي (برهمڻ جي چوڻ موجب) قربان ٿيل جانور وڃيو بهشت کي رسي ته پوءِ پنهنجا پيءُ ڇو نه ٿا ڪهيو قربان ڪن ته سڌا بهشت ۾ وڃي سهڙن!"[2]

اڄتي هلي هندستان جا ماڻهو گهڻي قدر ويدانيت جا قائل ٿيا. عام ماڻهو هڪڙا شيو ۽ وشنو جي اوتارن رام ۽ ڪرشن جي پوجا ڪرڻ لڳا، ٻيا شڪتيءَ يا مها مايا درگا جي.

---

(1) ڊاڪٽر راڌا ڪرشن: هندستاني فلسفو

(2) آرٽر مئڪڊولڊ: سنسڪرت ادب جي تاريخ، ص: 407

روايتي هندو فلسفي جا بنيادي اصول هي آهن:

(1) هي جهان حقيقت مطلق يا وجود مطلق (برهمن) مان نڪتو آهي ۽ آخر ان ۾ سمائجي ويندو.

(2) بدي يا شر جهان جي خمير ۾ شامل آهي ۽ اها ڳالهه ئي سنسار چڪر ۽ انسان جي دکن دردن جو ڪارڻ آهي.

(3) مادو غير حقيقي آهي ۽ مادي دنيا ظاهري ڪثرت اسان جي اکين جو دوکو آهي، مايا آهي.

(4) انساني زندگيءَ جو سڀ کان وڏو مقصد اهو آهي ته انساني روح (جيو) کي مادي جي آلائش کان پاڪ ڪري وجود مطلق (برهمن) ۾ سمايو وڃي.

(5) ماڻهوءَ جو ذاتي روح (جيو) ۽ ڪائنات جو روح (خدا) هڪ آهن. انهيءَ کي آتما ـ برهم ـ ايڪتا سڏيو وڃي ٿو.

هندو مت ڇوٽڪاري جا ٽي رستا (مارگ) ڏسيا آهن:

(1) علم جي واٽ يا جنانا مارگ

(2) عمل جي واٽ يا ڪرم مارگ

(3) عشق جي راهه يا پڳتي مارگ

اپنشدن ۾ علم جي واٽ، جوگ ۾ عمل جي واٽ ۽ گيتا ۾ عشق جي واٽ ڏسيل آهي.

ويدانيت

بادراين

هندو فلسفي جي ويدانتي روپ جو باني بادراين آهي. هن چيو ته، "خدا ۽ جهان هڪ آهن. هو هڪئي کان ايئن جدا ٽي نٿا سگهن جيئن ڪوزو مٽيءَ کان ۽ هرندڙ اگر باهه کان الڳ ٽي نٿا سگهن.

شنڪر آچاريه

هي عباسي دور جي شروعات ۾ 788ع ۾ ڏکڻ هند ۾ پيدا ٿيو ۽ خليفي مامون الرشيد جي دور ۾ 820ع ۾ وفات ڪيائين. هن بادراين جي ويدانيت يابرهم شاستر ڪتاب جي شرح لکي. هن "ٻيائي ڪانهي" (آ ـ دويت ـ واد)

جو نظريو ڏنو. چيائين تہ جهان ۾ خدا جو الڳ وجود ئي ڪونهي. حقيقت هڪ آهي. گهڻائي دوکو آهي، مايا آهي، ڪوڙ آهي.

هي گهڻ- پاسائين شخصيت جو مالڪ هو. هو فيلسوف به هو تہ شاعر ۽ درويش به هو. عالمن لاءِ ادويت واد جو نظريو پيش ڪيائين. عام لاءِ مدحون ۽ گيت به چيائين.

رامانج

جيڪڏهن شنڪر جو نظريو وحدت الوجود وارو هو تہ رامانج جو وري وحدت الشهود وارو هو. هن چيو تہ خدا ۽ جهان به الڳ الڳ وجود آهن. هن چيو تہ هي جهان نظرن جو دوکو نہ پر حقيقي آهي. هن چيو تہ بندو روح خدا ۾ ڪونہ سمائيو. بندي کي ڪپي تہ خدا جي صفتن کي پاڻ ۾ سمائي.

شنڪر آچاريہ جي ويدانيتي فلسفي کي هند جي باشعور ماڻهن ۾ وڏي مقبوليت حاصل ٿي.

يوناني تصوف (پٿاگوراس، افلاطون، فلاطينوس وغيره) ۽ هندو تصوف، خاص ڪري شنڪر آچاريہ جي ويدانيت کي پيٽي ڏسبو تہ انهن ۾ هيٺيون ڳالهيون هڪجهڙيون آهن:

(1) هي جهان جيڪو حواسن ذريعي ڏسجي ٿو سو ڪوڙو آهي، نظر جو دوکو آهي.

(2) جهان ۽ وجود مطلق (خدا) هڪ آهن.

(3) چوٽڪاري جو طريقو اهو آهي تہ انسان جي روح کي مادي جي آلائش کان پاڪ ڪري، وجود مطلق سان ملايو وڃي.

اهي ٻئي ڏريون هڪٻئي سان ڪڏهن به ڪونہ مليون هيون. هڪٻئي جا ڪتاب به ڪونہ پڙهيا هئائون، تہ به خيالن ۾ اها حيرت جهڙي هڪجهڙائي هئي.

ساڳيءَ طرح هڪڙي پاسي ارسطو جهڙا سائنسي ذهن رکندڙ فيلسوف ۽ رواڪي تہ ٻئي پاسي چرواڪ به هڪٻئي سان ڪونہ مليا هئا. هڪٻئي جي وجود کان به بي خبر هئا، تہ به سندن خيالن ۾ حيرت انگيز هڪجهڙايون هيون. ساڳين مسئلن تي، ساڳئي نقطء نظر ۽ طريقي سان سوچڻ سان ڏري گهٽ ساڳيا نتيجا نڪتا هئا.

عيسائي تصوف

يوناني تصوف (سريت، باطنيت، نواشراقيت Mysticism) جا عيسائي توڙي مسلمان مفڪرن تي اثر سنوان سڏا ۽ گهرا پيا. سينٽ آگسٽائين افلاطون کي فيلسوفن جو مسيح ڪري سڏيندو هو. فلاطينوس جو وڏو مداح هو. چوندو هو ته فلاطينوس جي فلسفي ۾ ٿوري گهٽي ڦيرڦار ڪبي ته اهو عيسائي مذهب ٿي پوندو. هن عيسائي مذهب ۽ افلاطون جي فلسفي کي پاڻ ۾ ملائي هم آهنگ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.[1]

سينٽ ڪنيميٽ به خود فلاطينوس جو وڏو شيدائي هو. ان هن فلسفي ۽ عيسائي دين کي پاڻ ۾ هم آهنگ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. "فرانس ۾ چارتري واري عيسائي مذهبي دارالعلوم ۾ عالمن ۽ اديبن جو هڪڙو گروهه پيدا ٿيو جيڪي افلاطون جي فلسفي جي اثر هيٺ هئا. انهن مان سڀ کان وڌيڪ قابل ذڪر برنارڊ سلوتيسرس ۽ الين ڊي لل هئا. ان دور جي مشهور انگريز انسان دوست جان آف سالسبريءَ تي به اهي اثر هئا."[2]

عيسائي صوفين جا ڪئين سلسلا شروع ٿيا. ڊاڪٽر گربخشاڻي لکي ٿو:

"عيسائي مذهب جي شروعات ۾ هڪڙو فرقو پيدا ٿيو جنهن ظاهري عبادت جو رستو ڇڏو ڪري، اندر اجارڻ تي گهڻو زور ڏنو..... وري چوڏهين صدي عيسويءَ ۾ جرمني ملڪ ۾ مسٽر ايڪفرٽ ۽ پوءِ فرانس ۾ سندس مشهور چيليءَ مادم گيئان انهن معنوي اصولن جو نئين سر پرچار ڪيو ۽ ڪين پائڪست يعني زاهد جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو."[3]

ڊاڪٽر سورليءَ ۽ جرمن مائي ائن ميري شميل شاهه کي هميشه عيسائي صوفي شاعرن سان پئي پيٽيو آهي.

---

(1) انسائيڪلوپيڊيا برٽينڪا، ص: 1099

(2) انسائيڪلوپيڊيا نرٽينڪا، ص: 1101

(3) ڊاڪٽر گربخشاڻي، شاهه جو رسالو ص: 29

يوناني فلسفي ۽ تصوف جو مسلمان صوفين ۽ مفڪرن تي اثر

روم مان فلسفي کي نيڪالي

529ع ۾ روم جي عيسائي قيصر جسٽينسن يونان ۽ روم جي علمي مدرسن کي بند ڪري ڇڏيو ۽ فيلسوفن کي جلاوطن ڪري ڇڏيائين. انهن مان ست فيلسوف ايران جي شهنشاهه خسرو نوشيروان وٽ آيا. سندن ايران جي مجوسي فيلسوفن ۽ عالمن سان بحث مباحثا ۽ مناظرا ٿيا. 550ع ۾ نوشيروان خوزستان صوبي جي گنديشاپور شهر ۾ مدرسو کوليو جنهن ۾ طب ۽ فلسفي جي تعليم ڏني ويندي هئي. نسطوري فرقي کي عيسائيت مان خارج ڪيو ويو. انهن به فلسفي جا مدرسا کوليا. عراق ۾ صران جي مدرسن ۾ به يوناني فلسفي جي تعليم ڏني ويندي هئي. اها سموري تعليم يوناني فلسفي جي خيالي ۽ غيبي پاسي واري ڏني ويندي هئي. ارسطو جيڪو زماني سارو عقلي پاسي جو امام هو تنهن جي تعليم کي به خيالي رنگ ۾ پيش ڪيو ويندو هو.

هارون الرشيد جي زماني ۾ بغداد ۾ دارالحڪمت ۽ دارالترجمة کوليا ويا. جن ۾ علمن ۽ فلسفن جي يوناني، هندي، سرياني ۽ ٻين ڪتابن جي ترجمي ۽ پڙهائيءَ جو ڪم ڪيو ويندو هو. اهو سلسلو 750ع کان 900ع تائين ڏيڍ صدي جاري رهيو.

عقلي ۽ سائنسي ذهن رکندڙ ارسطو جي ڪتابن جي نالي ۾ خيالي ذهن رکندڙ افلاطون ۽ فلاطينوس جا ڪتاب ترجما ڪيا ويا. 226هـ ۾ ارسطو جي الاهيات جو عربي ترجمو ڪيو ويو. اهو درحقيقت فلاطينوس جي مشهور ڪتاب اينڊز جي آخري ٽن بابن جو تت هو. اهڙيءَ طرح جيڪو فلسفو مسلمانن تائين پهتو ۽ مقبول ٿيو سو ارسطو جو نه فلاطينوس جو هو.[1]

فرنيڪ ٽليءَ لکيو آهي ته ارسطو جي فلسفي تي صدين کان افلاطون جي پوئلڳن طرفان ڪيل (پنهنجي مطلب جي) تشريحن جا پردا پئجي چڪا هئا.[2]

---

(1) وحدت الوجود، ص.....

(2) فرنيڪ ٽلي: فلسفي جي تاريخ

افلاطون ۽ سندس پوئلڳن جي غيبي فلسفي جا اثر مسلمانن ۾ ٽن ڏرين تي پيا. فيلسوفن تي، اخوان الصفا نالي وارن عالمن جي گروهہ تي ۽ مسلمان صوفين تي.

مسلمان فيلسوفن تي افلاطوني اثر

ابو يعقوب اسحاق الڪندي (وفات: 864ع) مسلمانن ۾ نوفلاطونيت (افلاطون جي ٽن شاگردن طرفان افلاطون جي فلسفي کي ڏنل روپ) جو پهريون سمجهاڻي ڏيندڙ سمجهيو وڃي ٿو. هو عباسي خليفي مامون الرشيد جي بيت الحڪمت ۾ ترجمي جو ڪم ڪندو هو. هن ارسطو جي ڪتاب "النفس" جي ترجمي تي نظرثاني ڪئي. انهيءَ ڪتاب جي سمجهاڻي سڪندر افروديسي مذهبي رنگ ۾ ڪئي. اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئائين تہ ارسطو روح جي بقا يا موت کان پوءِ وري جيئرو ٿي اٿڻ واري ڳالهہ جو قائل هو. ڪنديءَ بہ اهو عقيدو ارسطو ڏانهن منسوب ڪري ڇڏيو.

ڪنديءَ جو خيال هو تہ خدا ڪائنات کان الڳ آهي. هن عقل کي ٻن حصن ۾ رهايو: عقل فعال (Active) ۽ عقل مفعل (Passive). هن چيو تہ انساني روح بہ ٻن قسمن جا آهن: هڪڙو علوي (مٿانهون) ۽ ٻيو سفلي (هيٺاهون). علوي روح مادي جي گرفت کان آزاد آهي ۽ سفلي مادي جي ملاوٽ سان بنجي ٿو.

معلم ثاني الفارابي (260هـ-339هـ) بہ ارسطو جي سمجهاڻي نوفلاطوني اثر هيٺ ۽ انهيءَ رنگ ۾ ڪئي آهي. هن وجود جا بہ قسم بيان ڪيا آهن: هڪڙو واجب الوجود (Necessary Being) ۽ ٻيو ممڪن الوجود (Contingent Being). هو روايتي مذهبي معنيٰ ۾ موت کان پوءِ حياتيءَ جو قائل ڪونہ هو.[1]

شيخ الرئيس بوعلي سينا (وفات: 1037) خدا کي واجب الوجود سڏي ٿو ۽ ان کي ڪائنات کان الڳ سمجهي ٿو. هو هر موجود شيءِ کي اصلي ۽ حقيقي سمجهي ٿو ۽ نہ مايا يا فريب. هو بہ انساني بدن جي موت کان پوءِ وري جيئري ٿيڻ جو قائل نہ هو. هو صوفين جي وجد ۽ حال، زهد ۽ رياضت

---

[1] وحدت الوجود، ص: 831

کي فضول سمجهندو هو. هن جو چوڻ هو تہ خدا ۽ جهان کي سمجهڻ لاءِ وڏي ۾ وڏو وسيلو آهي عقل ۽ نہ وجدان وغيرہ. ڪارڻ نتيجي ڪان جدا ٿي نڪو سگهي، ان ڪري ڪائنات ڪان الڳ ڪو خدا ڪونهي. سندس مشهور ڪتاب "دانش نامہ علائي" جو خاتمو هنن لفظن سان ڪيو اٿس: "الحمد لواهب العقل." (تعريف ان خدا جي، جيڪو عقل عطا ڪري ٿو.)

آخري وڏو مسلمان فلسفي قاضي ابن رشد (وفات: 1198ع) هو. هو موت کان پوءِ جسم جي وري جيئري ٿيڻ جو قائل نہ هو. هن چيو تہ ڪا شيءِ ڪينَ مان پيدا ٿي نڪي سگهي، ان ڪري هن جهان کي ڪنهن بہ خلقيو ڪونهي. اهو ازل کان موجود آهي ۽ ابد تائين رهندو. هو وجد ۽ حال، عشق ۽ اشراق کي بي فائدي شيون سمجهندو هو. سندس فلسفي کي تصوف معقولي (عقل تي ٻڌل تصوف) ۽ صوفين جي تصوف کي تصوف حالي (حال تي ٻڌل تصوف) سڏيندا آهن.

ٻيا مسلمان فيلسوف، جهڙوڪ: ابن باجہ (وفات:: 533ھ)، ابن طفيل (وفات:: 1185ع)، ابن هشيم (وفات:: 430)، ابن سطويہ (وفات:: 421ھ) ۽ ٻيا بہ ساڳئي افلاطوني فلسفي کان گهريءَ طرح متاثر هئا.

اخوان الصفا

چوٿين صدي هجريءَ (يارهين صدي عيسويءَ) ۾ عالمن ۽ مفڪرن جي هڪڙي ڳجهي جماعت تيار ٿي، جيڪا حاڪم طبقي جي حامي سرڪاري رجعت پرست ملن جي فتوائن جي ڊپ کان هن جهان جي مسئلن بابت ڳجهہ ڳوهہ ۾ سوچيندي ۽ لکندي هئي. ان جماعت جا پنج باني هئا: (1) ابو سليمان محمد بن معشر البتي مقدسي، (2) ابوالحسن علي بن هارون الزنجاني، (3) ابو احمد المهدجاني، (4) العوفي ۽ (5) زيد بن رفاعہ.

انهن عالمن ڳجهہ ڳوهہ ۾ غور فڪر ڪري 53 ڪتاب لکيا، جن ۾ فلسفي، سائنس، مذهب ۽ فن جي بنيادي مسئلن تي هنن پنهنجا نقطہء نظر پيش ڪيا آهن. هنن ڪائنات، ستارن، حيوانن، وٽن ۽ وٽن، رياضي، عشق، نبوت، فزڪس، زمين ۽ آسمان جي اصل حقيقتن، زمين جو مٿاڇرو ۽ ان ۾ ٿيريون گهيريون، ڪائنات جا بنيادي اصول، راڳ، منطق، انگ ۽ ٻين اهڙن بنيادي مسئلن تي لکيو.

صوفين تي اثر

وحدت الوجود وارن صوفين يوناني خيالي يا غيبي فلسفي جي هيٺين نقطن کي قبول ڪيو. اهي نقطا يوناني، ويدانتي، عيسائي ۽ مسلمان تصوف ۾ بنيادي طرح ساڳيا آهن:

(1) وجود مطلق يا واجب الوجود يا خدا (يا برهم) ئي اصل حقيقت آهي. ان کان سواءِ جيڪي ڪجهہ آهي، ان جو وجود حقيقي نہ، اعتباري آهي، دوکو ۽ فريب آهي، مايا آهي.

(2) جهان بہ آهن: ظاهري ۽ حقيقي. ظاهري جهان کي اسين حواسن سان ڄاڻي سگهون ٿا، پر حقيقي جهان تائين وجدان (Intuition) جي ئي پهچ ٿي سگهي ٿي.

(3) جهان خدا يا واجب الوجود (يا برهم) جي ذات مان ايئن درجي بدرجي نڪتو آهي، جيئن سج جا شعاع سج مان نڪرن ٿا، ان ڪري جهان ۽ خدا هڪ ٻئي کان الڳ ناهن.

(4) انسان جو روح حقيقي جهان سان واسطو رکي ٿو ۽ ظاهري جهان ۾ اچي مادي جي قيد ۾ قاسي پوي ٿو. ان قيد مان فقط مراقبي، تپ تياڳ ۽ زهد عبادت وسيلي سيني کي روشن ڪري آزادي حاصل ڪري سگهجي ٿي.

(5) انسان جي جيئڻ جو مقصد اهو آهي تہ روح کي مادي جي قيد مان ڇڏائي، ان کي ٻيهر خدا جي ذات ۾ جذب ڪيو وڃي. انهيءَ فنا ۾ سندس بقا جو راز آهي.

(6) جهان ازلي ۽ ابدي آهي، ان کي ڪينَ مان پيدا نہ ڪيو ويو آهي. (اهو خلقيل ڪونهي.)

(7) ڪائنات جي هر شيءِ واجب الوجود يا حسنِ ازل ڏانهن حرڪت ڪري ٿي. ان چرپر ۽ ڇڪ جو نالو عشق يا عشقِ حقيقي آهي.[1]

تصوف: هڪڙو عالمي فڪري ۽ روحاني لقاءُ

اهڙيءَ ريت ڏٺو ويندو تہ تصوف ۽ خاص ڪري وحدت الوجود؛ تصوف، جنهن جو شاهہ لطيف قائل هو تنهن جون صورتون ڪٿي مختلف

---

[1] وحدت الوجود، ص: 134_135

مذهبن ۾ ڏار ڏار آهن. پر ته به اهو بنيادي طرح سوچ جي ساڳين بنيادي جزن مان ٺهيل آهي. اهو ڪنهن هڪڙي ملڪ يا مذهب جو مامرو ناهي، پر سمورن وڏن مذهبن ۾ تصوف جي ڪانه ڪا صورت پيدا ٿي آهي، ان ڪري تصوف هر مذهب جو هڪڙو خاص مظهر هئڻ سان گڏوگڏ هڪڙو عالمي ۽ ڪل مذهبي فڪري ۽ روحاني لقاءِ (Phenomenon) پڻ آهي.

اسان اهو به ڏسون ٿا ته يوناني ۽ هندي فلسفا انهيءَ سلسلي ۾ ڪيترين ڳالهين ۾ هڪجهڙائي سان پور-وچوٽ ليڪن تي (Parallel) پئي وڌيا. هي اها ڳالهه به صاف آهي ته جيتري قدر عيسائي ۽ مسلمان تصوفن جو واسطو آهي ته انهن تي يوناني خيالي ۽ غيبي فلسفي ۽ خاص ڪري افلاطون ۽ سندس پوئلڳن جي Idealistic سوچ جو سڌو سنئون، گهرو ۽ بنيادي اثر پيل آهي.

پر سوال آهي ته عيسائي ۽ مسلمان پڙهيل ڳڙهيل، نهايت ذهين ۽ قابل مذهبي ماڻهن جي ڇڳن گروهن پنهنجي پنهنجي عالمن سڳورن جي ڏنل هيڏي ساري ڀرپور ۽ تفصيلي ديني علم جي هوندي يوناني فلسفي جي انهيءَ قسم جي تعليم طرف ڏيان ڇو ڏنو ۽ ان کي ايڏو ڇاهه سان قبول ڇو ڪيو؟ خود هندو ڌرم ۾ به برهمڻ عالمن ۽ پنڊتن ديني علم لکڻ ۽ پڙهائڻ ۾ ڪابه گهٽتائي ڪانه ڪئي، پوءِ به منجهن ويدانيت جو فلسفو جنهن جو جوهر (Essence) برهمڻي تعليم جي جوهر جي سراسر خلاف آهي، ڇو ايريو؟ هيو سوال اهو آهي ته عوام جي گهٽائي پنهنجن پوپن، پادرين، برهمڻن، پنڊتن، عالمن، قاضي القضائن ۽ شيخ الاسلامن جي هوندي هندو عيسائي، مسلمان صوفين ڏانهن وڏيڪ لاڙو ڇو ڏيکاريو ۽ لکن ڪروڙن جي تعداد ۾ انهن جا پوئلڳ ڇو ٿي ويا؟ ڇا اهو رڳو هڪ تاريخي اتفاق هو يا فقط ماڻهن جي دستوري بي سمجهيءَ جو نتيجو هويا وچان ڪا ٽئين ڳالهه هئي؟

تصوف جي اوسر ۽ مقبوليت جا ڪارڻ

جيتري قدر مسلمان تصوف جو واسطو آهي ته پروفيسر علي عباس حسيني انهيءَ ڳالهه جي باري ۾ چوي ٿو:

"اصل ڳالهه جو پتو ڪڍڻ لاءِ اسان کي تاريخ جي مدد وٺڻي پوندي.....

بنو امير جبر ۽ تشدد سان سلطنت قائم ڪئي هئي، ان ڪري انهن جي خلاف ماڻهو اٿي ڪڙا ٿيا. بغاوتن کي دٻائڻ لاءِ حجاج بن يوسف جهڙن ظالمن کي اڳتي وڌايو ويو. انهيءَ ڪاسائي هڪ لک ويهه هزار ماڻهن کي چونڊي چونڊي قتل ڪرايو ۽ هزارين مردن ۽ عورتن کي رڍن ٻڪرين وانگر واڙن ۾ پوري ڇڏيائين.[1] بنو امير هڪڙو ظلم اهو ڪيو جو انهن ماڻهن کان ۽ جزيو وصول ڪرڻ لڳا، جيڪي مسلمان ٿي چڪا هئا. ان ڪري جڏهن ۽ ڪا بغاوت ٿيندي هئي، تڏهن غير عرب مسلمان ان ۾ زبردست حصو وٺندا هئا. عباسين، اموين سان مقابلو ڪيو ته عجمي (ايراني ۽ ٻيا غير عرب) عباسين سان شامل ٿي ويا..... اموين جي زماني جا عالم ٻن ڏرين ۾ ورهائجي ويا: هڪڙا هئا مرجيه يعني ملتوي ڪرڻ وارا (جيڪي چوڻ لڳا ته ڪنهن کي اهو حق نٿو پهچي ته قيامت کان اڳ ڪنهن مسلمان کي فاسق يا ڪافر سڏيو وڃي. اهو فيصلو قيامت جي ڏينهن خدا ڪندو.) اهي مولوي سرڪار جا طرفدار هئا. ٻيا قدريه هئا (قادري نه) جيڪي چوندا هئا ته ظالم ۽ جابر کي حڪومت ڪرڻ جو ڪو به حق نٿو پهچي ۽ ان کي تلوار جي زور تي ظلم کان باز رکڻ هر مسلمان جو مذهبي فرض آهي. هو چوندا هئا ته ماڻهو مجبور ناهي، مختيار آهي. اهو ظالمن کي روڪڻ جو اختيار رکي ٿو. قدريه وارن مان معبد، جهني ۽ غيلان دمشقي اموي حاڪمن جي ڏاڍ خلاف لڙيا ۽ کين قتل ڪيو ويو. اڳتي هلي انهن قدريه وارن کي معتزله (الڳ ٿيڻ وارا) سڏيو ويو. مرجيه ۽ قدريه کان الڳ هڪڙو فرقو زاهدن جو هو جيڪو بادشاهن جي ظلمن کان تنگ ٿي، گوڏا ٻڌي، وڃي ورد وظيفي کي لڳو. صوفي انهن زاهدن مان نڪتا هئا.

اها ڳالهه نوٽ ڪرڻ جوڳي آهي ته پهريان صوفي، ڪوفي ۽ بصري جي شهرن ۾ رهندا هئا، جيڪي اموي سرڪار جي ظلم جا وڏ ۾ وڏ نشانا ٻڌيا هئا.

صوفين جي اڪثريت غير عرب هئي. عربن مان ڪو ورلي ان راهه تي هليو.[2]

---

(1) انهيءَ ساڳئي حجاج بن يوسف ئي خليفي وليد سان سندس مان ڦرلٽ جي مقرر رقم جي بولي ڪري سندس تي حملو ڪرائي، ان تي قبضو ڪرايو هو. (ڏسو چچنامي ۾ سندس تي قبضي ٿيڻ وقت حجاج بن يوسف جا محمد بن قاسم ڏانهن لکيل خط)

(2) وحدت الوجود، ص: 140_142

هن ڳالهه جي اصليت تائين پهچڻ لاءِ ايا به ڪجهه وڌيڪ ويچار ڪرڻ جو ضرورت آهي.

اسين ڏسي آيا آهيون ته تصوف هڪڙو عالمي تاريخي ۽ ڪل مذهبي فڪري ۽ روحاني لقاءُ آهي، ان ڪري هن ماجرا جون پاڙون به انسان ذات جي عالمي تاريخي وجود ۽ عمل ۾ ڳولهڻيون پونديون.

زندگيءَ جي هر هڪ ڳالهه ۽ ماجرا وانگر مذهبي توڙي سياسي ۽ ثقافتي وغيره تحريڪون تضاد جون پيداوار ۽ انهن جا مجموعا هونديون آهن. سندن هڪ تاريخ هوندي آهي. اندروني تضادن جي ڪري ڪڏهن مٿن تضادن جو هڪڙو پاسو چانيل هوندو آهي ۽ ان جي ڪري سندن جوهر هڪڙو هوندو آهي ته اڳتي هلي ڪڏهن وري انهن تي اڳئين جي ابتڙ پاسو چائنجي ويندو آهي ۽ سندس ظاهر ساڳيو رهندو آهي پر باطن ۽ اصليت بدلجي اڳئين جي ابتڙ ٿي پوندا آهن.

هي هر مادي توڙي فطري حقيقت وانگر مختلف مذهبن ۽ عقيدن ۾ خصوصيت توڙي عموميت جا پاسا ساڳئي وقت موجود هوندا آهن. منجهن ڪيترين شيون مڪاني، وقتي ۽ نرالين هونديون آهن ۽ ڪيترين ٻيون شيون عالمي، نسبتاً دائمي ۽ عام هونديون آهن.

مذهب ۽ عقيدي جي بنياد تي هليل تحريڪن جي تاريخ جو غور سان مطالعو ۽ چنڊچاڻ ڪرڻ سان بي انداز مڪاني، وقتي ۽ خاص ڳالهين سان گڏ منجهن هيٺيون ڳالهيون عالمي تاريخي سطح تي لازمي، هڪجهڙيون ۽ عام ڏسڻ ۾ ايندڙيون آهن:

(1) انهن جا باني اڪثر حالتن ۾ يا ته شروع ڪان ئي عوام منجهان يا عوام کي ويجها هوندا آهن يا پوءِ اچي ويندا آهن. سندن رهڻي ڪهڻي اڪثر ملڪ جي غريب ترين طبقي جهڙي هوندي آهي. مهاتما ٻڌ شاهي محلات ڇڏي وڻ جي هيٺيان اچي ويٺو. ڪرشن مراري ڳئون چاريندو هو. عيسيٰ عليہ السلام مسڪين پورهيت جو پٽ هو ۽ غلام قوم جو فرد هو. حضور اڪرم جن مسڪين ۽ يتيم هئا. سندن تعليم اڪثر مظلومن جي فائدي ۾ ۽ ظالمن جي خلاف هوندي آهي. سندن تعليم جي خالص ڏرمي ۽ ديني پاسي سان گڏ سماجي پاسو به هوندو آهي. ان تعليم جو سماجي نچوڙ وقتي حالتن آهر سماج کي بدلائڻ ۽ ان ۾ انقلاب آڻڻ هوندو آهي.

(2) ان ڪري چند نرالين حالتن کي ڇڏي، عام طرح انهن تحريڪن جي حمايت ۽ علمبرداري محروم ۽ مظلوم طبقا ۽ قومون ڪنديون آهن. مفت خور، ڦورو ۽ ظالم طبقا ۽ قومون انهن جي ننهن چوٽيءَ تائين مخالفت ڪنديون آهن.

(3) جڏهن عوام جي محنتن، قربانين ۽ سورهيائين جي ڪري تحريڪون ڪامياب ٿي ويندیون آهن ته سندن دشمن اعلان ڪندا آهن ته هاڻ اسين اوهان جي ڳالهه جا قائل ٿي ويا آهيون. اسان جي دلين ۾ ڦيرو اچي ويو آهي ۽ اسين آڻ مڃي اوهان سان شامل ٿا ٿيون.

(4) بنيادي طرح اها ڳالهه هڪڙي جنگي چال ۽ زبردست عالمي تاريخي فريب ۽ ڊونگ هوندي آهي.

(5) ان ڏاکي کان پوءِ اهي ماڻهو تحريڪ جي باني ۽ وارث عوام کي آهستي آهستي ۽ ڏاکي به ڏاکي پوئتي ڌڪي، انهن کي تاڙڪ ۽ لاوارث ڪري، تحريڪن جي مرڪزن تي قبضو ڪري، انهن جا والي وارث ۽ علمبردار پاڻ بڻجي ويهي رهندا آهن ۽ عوام جي طرفان ڪيل محنتن، قربانين ۽ سورهيائين وسيلي جيڪي فتحون حاصل ٿيندیون، تن جي فصلن ۽ ميون تي قبضو ڪري، عوام کي تحريڪ کان اڳ واري دور کان به وڌيڪ محروم ۽ مظلوم بڻائي، تحريڪ کان اڳ واري دور کان لک دفعا وڌيڪ موجون ماڻيندا ۽ عيش عشرتون ڪندا آهن.

(6) اهڙيءَ ريت اهي تحريڪون پوءِ صدين جون صديون ڦورو ۽ ظالم طبقن ۽ قومن طرفان هٿ جي باز هٿيار ۽ آڙ طور استعمال ڪيون پئي ويندیون آهن.

(7) اهي طبقا انهن تحريڪن جي اصل مظلوم دوست عوامي انقلابي جمهوري جوهر ۽ روح کي قتل ڪري، ان جي عيوض ان جي ٻاهرئين بي جان بنايل روپ کي وڏي شد مد ۽ بم بکيڙي سان جاري رکندا آهن ۽ اعلان ڪندا آهن ته تحريڪ جي اصل ڳالهه اها آهي. تحريڪ زور شور سان جاري آهي. اسين جيڪي ڦريون ماريون ۽ قتلام ڪريو عيش عشرتون پيا ڪريون، سي ان تحريڪ جي اصولن جي عين مطابق آهن ۽ تحريڪ کي ترقي ڏيارڻ لاءِ ئي آهن.

(8) اهڙيءَ ريت هڪڙي نهايت مختصر عرصي کان پوءِ، تاريخي حساب سان جڙ گهڙيءَ کان پوءِ، اهي تحريڪون پنهنجي اصل خاصيت بدلائي ابتڙ ۾ تبديل ٿي ويندیون آهن. اهي ڦريل ماريل ماڻهن ۽ قومن جي آسري ۽ واهرو وسيلي مان ڦري، ڦورن ۽ ظالمن جا هٿيار ۽ ارڙون بڻجيو پون.

هر ڳالهه ڪن خاص حالتن ۾ ٿي سگهندي آهي، ٻين ۾ نه. مذهبي عقيدي تي ٻڌل تحريڪن جو بنيادي محور جيئن ته عقيدو هوندو آهي، ان ڪري جن کي انهن تحريڪن تي ناجائز قبضو ڪرڻو هوندو آهي، سي ان عقيدي جي معنيٰ ۽ مطلب تي هڪ هٿي ڇمائيندا آهن. ان لاءِ هو هيئين صورتحال جو ناجائز فائدو وٺندا آهن:

(1) خدا جي جيڪا مرضي آهي ته دنيا ۾ انسان هيئن نه هيئن هلن، سا اسان جي فلاڻي مذهبي ڪتاب ۾- وید، زبور، توريت، انجيل يا قرآن ۾- لکي پئي آهي، پئي هنڊ ڪانهي. ان کان وڌيڪ خدا کي ڪنهن کي به قيامت کان اڳ ڪجهه به چوڻو ٻڌائڻو ڪونهي. انهيءَ ڪتاب ۾ هاڻ تر جو به تفاوت ٿيڻو ناهي. جيڪي آهي سو اهو آهي، وڌيڪ سوال جواب بند آهي.

(2) اهي خدائي ڪتاب ماڻهن جي ٻوليءَ ۾ لکيل آهن ۽ ماڻهن جي ئي سمجهڻ لاءِ آهن.

(3) ماڻهن وانگر ماڻهن جون ٻوليون به اڻ پوريون ۽ ناقص آهن. ساڳين اکرن جي ڪنهن مهل معنيٰ هڪڙي ته ڪنهن مهل ٻي. زير زبر جي تفاوت ڪري به ڪڏهن ڪڏهن قصو ابتڙ ٿيو پوي.

(4) انساني سماج ڪن جڳن کان اهڙن گروهن، ٽولن ۽ طبقن ۾ ورهايل آهي، جن مان هڪڙن جو جنهن ڳالهه ۾ نفعو ٻين جو ان ۾ نقصان. ان ڪري انساني گروهن وغيره جي وچ ۾ ايامن کان ظاهري توڙي ڳجهي جنگ چالو آهي، جيڪا زندگيءَ جي هر ميدان ۾ لڙي پيئي وڃي. ان ۾ هر قسم جي ڳالهه کان هٿيار جو ڪم ورتو ويندو آهي. لئين، پالن ۽ بندوقن جي به ويڙهه آهي ته دماغن، اکرن ۽ ڪتابن جي به. انهن پاڪ ڪتابن مان به هر ڪا مخالف ڌر پنهنجو فائدو ڳولي ٿي.

(5) جڳ جو ڪارخانو اٽاهه آهي. دنيا ۾ ماڻهن، ملڪن ۽ قومن جو اٿو مٿو ڪونهي. سندن ضرورتون، مسئلا ۽ مامرا اڻ کٽ آهن. جيئن جيئن زمانو گذرندو وڃي، تيئن تيئن اهي وڌن وڌندا ۽ ڦهلجندا.

(6) سڄي دنيا جي سيني زمانن جي ماڻهن جي سمورن مامرن جو سربستو ۽ چٽو بيان ۽ انهن لاءِ ذري پرزي هدايتون هڪڙي ٿ ڇا پر لکين ڪتابن ۾ بہ پوريءَ طرح سمائجي ڪونہ سگهنديون. ان ڪري هر مذهبي ڪتاب ۾ انهن ڳالهين جو بيحد مختصر ذڪر آهي. اڪثر رڳو بنيادي اصول ۽ نڪتا بيان ڪيل آهن. ڪيتريون ڳالهيون اشارن ۽ اهڃاڻن وسيلي بيان ٿيل آهن.

(7) انهن ڪتابن ۾ ڪم آندل لفظن جو صحيح مطلب ڇا آهي، تنهن تان مخالف ٽولن ۽ طبقن ۽ قومن جي وچ ۾ اصل کان وٺي لٽ لڳندي رهي آهي. ان ڳالهہ تان هر مذهب ۾ فرقا ٻڌيل آهن. هر ڏر ڇاهيندي ۽ گهر ڪندي رهي آهي ٿ ٻيا سڀ منهنجي مطلب جي معنيٰ قبول ڪن.

(8) جيڪڏهن ڪو بري ۾ برو ماڻهو ڏنڊي جي زور تي ملڪ تي قبضو ڪري اعلان ڪري ٿ هن پاڪ ڪتاب جي معنيٰ ۽ مطلب هي نہ هيءَ آهي ٿ ڪيس ڪوڙو ڪرڙ وارو ڪوہ ڪونہ هوندو. خدا ڪوڙي سچي جو فيصلو قيامت ۾ ڪندو. تيسين ڪوڙ کي ڏکهو رسو مليل هوندو. اهڙيءَ ريت اهو برو ماڻهو ڏنڊي جي زور تي پاڻ کي ان ڪتاب جي اصل معنيٰ جو اڪيلو ڄاڻندڙ ۽ ڀڳوان، گاڊ يا خدا جي مرضيءَ ۽ منشا جو اڪيلو محرم ۽ علمبردار ٺهرائي، سندن آڏ ۾ ستن پيڑهين تائين قابض رهي، خدا جي خلق کي پيڙهي، موجون ماڻي سگهي ٿو.

(9) ان ڪري شروعاتي دور کان پوءِ ان ڳالهہ جو هر دم غالب امڪان آهي ٿ انساني سماج ۾ انهن پاڪ ڪتابن جو مطلب ۽ معنيٰ گهٽو ڪري انهن ماڻهن وارو ئي رائج هوندو جن وٽ سيني کان وڏو ڏنبو هوندو ۽ جيڪي سيني کان وڏيڪ ان ڪتاب جي انصاف پسند روح ۽ جوهر جا مخالف هوندا.

ٽورين استشنائن کي ڇڏي تاريخ ۾ ايئن ئي ٿيندو رهيو آهي. ڏنڊي جي زور تي پاڪ ڪتابن جي صحيح مطلب ۽ معنيٰ جو ٺيڪيدار ٻڌجي، انهن کي پنهنجي ناجائز مقصدن لاءِ ڪتب آڻڻ وارن جي واردات جو طريقو هي پئي رهيو آهي:

(1) پهريائين ڏنڊي جي زور تي ملڪ تي قبضو ڪجي.

(2) جيڪي پنڊت، پادري يا ملان تڪراري معاملن بابت عوام جي خلاف مفت خورن ۽ ڦوروئن جي فائدي واريون فتوائون ڏيندڙ هجن يا ڏني ورتي اهڙيون فتوائون ڏيڻ لاءِ تيار ٿي وڃن، تن لاءِ اعلان ڪجي ته دين ۽ ڌرم کي سمجهيو ئي انهن آهي. اهي ئي علم جا سمنڊ آهن. اهي ئي اوتارن يا پيغمبرن ۽ رسولن جا سچا وارث آهن. کين وڏا وڏا لقب ڏيئي، سرڪاري طرح دين ڌرم جو ٺيڪيدار مقرر ڪجي ۽ هر ڳالهه جو فيصلو ڪائنئن ڪرائجي.

(3) جيڪي پنڊت، پادري ۽ ملان ايئن ڪرڻ لاءِ تيار نه هجن ۽ ڏني ورتي به نه ٿين، تن کي مذهب جي مٿي ذڪر ڪيل سرڪاري ٺيڪيدارن کان فتوائون ڏياراڻي، ماري ڪٽي ۽ ذليل ڪري چپ ڪرائجي يا لٽي پٽي کين قتل ڪرائي ڇڏجي.

(4) مذهبي ڪتابن ۾ هزارين ڳالهيون ٿين ٿيون. هڪڙين ڌرين کي هڪڙيون ڳالهيون پنهنجي مطلب جون لڳنديون آهن ٻين کي ٻيون. مثال طور: سيني مذهبي ڪتابن ۾ هر قسم جي ملڪيت جي بچاءَ لاءِ سخت قانون آهن. ملڪيت وارن طبقن کي اهي قانون ڏاڍا وٺن ٿا. بکين کي وري ٻيا قانون وڌيڪ وٺن ٿا. جن ۾ هڪجهڙائي، خلوص، محبت ۽ غريبن جي حقن ۽ ماڻهن جي آزادين جون ڳالهيون ڪيل آهن. فتوائون ڏياري، آهستي آهستي ڪري انهن ڪتابن ۾ لکيل عوام جي حقن، حفاظتن ۽ آزادين واريون ڳالهيون بي معنيٰ ۽ بي حقيقت بڻائي ڇڏجن. حاڪم طبقن جي پسند جي ڳالهين ۽ قانونن کي وڌائي وڙ ڪري ڇڏجي، تان جو عوام جو انهن ڪتابن ۾ ڏنل حقن ۾ ڪاتو ڪوکو بڻجي وڃي ۽ انهن ڪتابن کي ڦيرائي، ماڻهن کي ٻڌو ٻانهو بڻائي، قيد رکڻ جي اهڙي ڪوڙڪي بڻائي ڇڏجي جهڙي ڪوڙڪيءَ جو حضرت حافظ شيرازي عليه الرحمت هنن لفظن ۾ ذڪر ڪيو آهي:

حافظا! مي خور و رندي کن و خوش باش وللآ،
دام تذ ويرمکن چو دگران قرآن را.

(اي حافظ! جي نٽو مڙين ته پلا ڪٽي شراب پي، مست ٿي، موجون ڪر، رڳو ٻيلي هڪڙو ڪم متان ڪرين. ٻين جيئن قرآن کي ڦيرائي ماڻهن کي قيد ڪرڻ جي ڪوڙڪي بڻائي وڌو آهي، تيئن متان ڪرين!)

حاڪم طبقن جي دلين جي پسند جي انهن سرڪاري معنائن ۾ سمجهاڻين کي سوين هزارين ڪتابن ۾ لکائي، انبار لڳائي ڇڏجن ۽ اعلان ڪجي ته پاڪ ڪتابن کان پوءِ اهي ئي پلارا ڪتاب آهن. انهن سان جنهن اختلاف ڪيو سو دين کان ڦريو. اهو شودر[1]، انفيڊل[2] (infidel)، ڪافر، زنديف ۽ واجب القتل آهي.

(5) ٻئي طرف جن ڪتابن ۾ پاڪ ڪتابن جي ذري جيتري به عقل ۽ انصاف مطابق معنيٰ ۽ تشريح ڪيل هجي، تن جي لکندڙن کي مٿن ۾ ڏوڙ ۽ ڳچيءَ ۾ پادر وجهي ذليل ڪجي ۽ ڦٽڪا هڻائي يا سوريءَ تي چاڙهي مارائجي، سندن ڪتابن کي ساڙائي ڇڏجي ۽ سڄن ملڪن ۾ پڙهڻ ڏيارجن ته ڪوبه انهن کي نه پڙهي، نه پاڻ وٽ رکي. اهڙيءَ ريت دهشتگردي ۽ ڏهڪاءَ وسيلي ماڻهن کي اهڙو ڊيڄاري ڇڏجي، جو وري ڪوبه ڪا حق جي ڳالهه لکڻ جو سوچيندي به ڏکي وڃي. پوءِ اعلان ڪجي ته سمورو دين ۽ ڌرم اسان جي پسند جي پنڌتن، پادرين ۽ ملن جي لکيل ڪتابن ۾ اچي ويو ٻيو ڪجهه آهي ئي ڪونه. انهن واري حاڪم پرست تشريح کان سواءِ پاڪ ڪتابن جي ٻي ڪا تشريح ۽ سمجهاڻي آهي ئي ڪانه، ڇي ئي نٿي سگهي. هجي ها ته ڪتابن ۾ لکيل ڪانه هجي ها؟ ڏسو! آهي ڪو اهڙو ڪتاب، جنهن ۾ هنن ڪتابن جي ابتڙ ڪا راءِ ڏنل هجي؟ هجي ته ڏيکاريو!

(6) خدا، برهم، گاڊ، اوتارن، پيغمبرن ۽ رسولن ۽ ڌرمي ديني ڪتابن جي تعليم جي روح جي خلاف ۽ جنهن حد تائين به ان روح مطابق ڪو سماجي نظام قائم ٿيو هجي، ان جي خلاف عملي غداري ۽ بغاوت ڪجي. ان غداري ۽ بغاوت تي پردو وجهڻ لاءِ خدا، ڌرمي ۽ مذهبي ڪتابن، اوتارن ۽ پيغمبرن جي لفظي تعريفن جا انبار لڳائبا رهجن. اٽندي ويهندي سندن نالو اچاربو رهجي. عوام کان ڪيل ناجائز ڦرلٽ

---

(1) پنڊت سڳورا گوتم ٻڌ کي به شودر سڏيندا هئا، جوته هن سندن ڪتابن جي اشارن ۾ پريل سرڪاري تشريحن جي پوڄا ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

(2) پادرين جي نظر ۾ غير عيسائي.

جي مال مان ڪليسائون، مندر مسجدون ۽ سنساگاگ (يهودي عبادتگاهه) ٺهرائجن ۽ ماڻهن کي ڏنڊا هڻي، انهن ۾ ظاهري عبادتون ڪرائجن. ٽي سگهي ته پاڻ به دينداريءَ جي انهيءَ ڏيک ۽ ڍونگ ۾ شريڪ ٿجي، پر عبادتون جنهن خدا ترسيءَ، انصاف، سچائي، خلوص ۽ قرباني‌ءَ جون نشانيون آهن ۽ جن اهڙين ڳالهين جي اهي تقاضا ڪن ٿيون، تن جون ڏڃيون اڏائجن. ان فعل کي رڌيل منصوبي مطابق، نسل در نسل، عبادتن جي مٿئين قسم جي زبردست، منظم ۽ ڍونگ سان لڪايو ويندو هجي.

(7) هر مذهبي تحريڪ بنيادي صورت ۾ ڪوبه ڪو ڪنهن نه ڪنهن حد تائين هڪڙو نسبتاً جمهوري نظام رائج ڪرڻ گهري ٿي، جنهن ۾ اعليٰ اقتدار ۾ عوام جي ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ شرڪت ٿئي ٿي. ڪنهن قوم يا طبقي جي دنيا ۾ وڏي ۾ وڏي ملڪيت اعليٰ اقتدار يا حڪومت جو اختيار آهي. ان لاءِ قومون ۽ طبقا صدين جون صديون وڙهندا رهندا آهن، جوته ماڻهن جي بازن جي ڪمائي، حق حقوق، گهر گهاٽ، ٻار ٻچا، عزت آبرو ۽ آزادي حڪومتن جي رحم ڪرم تي رهن ٿا.

جنهن طبقي يا قوم جو اقتدارِ اعليٰ يا حڪومت جو اهو اختيار ڪسيو تنهن وٽ پوءِ پلي ڪٽي سون جا جبل هجن پر انهن جو هڙ ڪڪ به نه بچيو. اڻندي شرط ماڻهن جي ان سڀ ڪان وڏي ملڪيت تي ڏاڙو هڻي، ان تي قبضو ڪجي ۽ اهڙيءَ ريت هن زمين، آسمان جي وچ ۾ بندو خدا جي خلاف ۽ ماڻهو ماڻهن جي خلاف جيڪو وڏي ۾ وڏو سماجي ڏوهه ڪري سگهي سو ڪجي.

ڏرمي ۽ ديني پاڪ ڪتابن جون سرڪاري معنائون ڪيندڙن ۽ سمجهاڻيون ڏيندڙن هٿان گاهه جي گاڏي جي چوري ڪندڙ بڪئي چور لاءِ هڪدم اعلان ڪرائجي ته، "ان کي ڦري ۾ ڦري سزا ڏيئي ونو ساعت دير نه ڪريو نه ته خدا ناراض ٿي ويندو!" پر جڏهن کو ماڻهو يا ٽولو حڪومت تي ناجائز قبضو ڪري، ڏنڊي جي زور تي هٿرادو مقدس رومي شهنشاهه (Holy Roman Emperor) مهاراج ڏيراج يا جعلي خليفة المسلمين ۽ اميرالمومنين يا سلطانِ عادل بڻجي، ڪروڙين ماڻهن جي ملڪيت، ٻارن

ڇڻ ۽ لڇن، جانين ۽ آبروئن تي قابض ٿيڻ جو سنگين کان سنگين ڏوهه ڪري ته اعلان ڪرائجي ته اهو مسئلو قيامت کان اڳ کڻڻو ڪونهي. قيامت ۾ خدا پاڻهي ان کي حل ڪندو. اوهين ماڻ ڪري ويٺا هجو. گوڙ ڪندا ۽ پنهنجي ڦر ڪيل اقتدار ۽ سماجي نظام جي واپسيءَ لاءِ ڪوشش ڪندا ته دين ۽ ڏرم خلاف سنگين ڏوهه ڪندا. اوهان کي قتل ڪرڻ ديني ۽ ڏرمي فرض ٿي پوندو. قيامت ۾ اوهان جي جاءِ نرڳ يا دوزخ ۾ ٿيندي.

(8) ماڻهو متان پنهنجي ڦريل حقن ۽ دين ۽ ڏرم سان ڪيل غداري ۽ بغاوت بابت سوچين ويچارين ۽ کو حل ڳولڻ جو خيال ڪن، تنهن ڪري کين سدائين دنيا ۽ آخرت جي خوف ۾ رکجي، ته جيئن ڦورو ۽ ظالم طبقا ڏرم جي آڙ ۾ ري ڪٽڪي موجون ماڻيندا وتن. ماڻهن کي چئجي ته اوهين پيدائشي گنهگار آهيو. اوهين اسان جو چوڻ نه مڃيندا ته ڪتا ٻلا ٿي پوندا يا دوزخ جو ٻارڻ ٿيندا. وڏا ٽلها ڪتاب لکارائي عوام جي هر ڳالهه کي گناهه بڻائي ڇڏجي. سڄو ڏينهن سزائن جون ڳالهيون ڪجن. ڪليسائن، مندرن، سنساگاگن ۽ مسجدن ۾ 24 ڇوويهه ڪلاڪ عوام کي ڏمڪائجي، ڊيڄارجي ۽ سندن ساهه قبض ڪري رکجي. ان مطلب لاءِ پڳوان، گاڊ يا خدا جا رڳو نهايت ڊيڄارينڊڙ ۽ پوائتا تصور پيش ڪجن.

(9) چوٽين پنجين درجي جي خسيس فروعي مسئلن بابت هر دم ايڏو شور غوغا ۽ هل هنگامو جاري رکجي جو دلير کان دلير ۽ بهترين کان بهترين به اقتدارِ اعليٰ حڪومت جي صحيح نظام ۽ عوام جي حقن ۽ آزادين جهڙن بنيادي مسئلن بابت سوچي ئي نه سگهي. سڄي عمر رڳو انهن مدي خارج مسئلن بابت پنهنجو ۽ ٻين جو مٿو کائيندي ۽ هل فساد ۽ خونريزيون ڪندي ڳاري ڇڏجن.

(10) مڪر ۽ منافقي، ڀهروپ ۽ ڊونگ، فريب ۽ دوغلي پڻ کي سماج جي اخلاقي پيڙهه ۽ هلي چلي بڻائي ڇڏجي. عوام کي بي وقوف بڻائي ۽ ڏهائي سڄو ملڪ ڀيلڙ جي پنهنجي ڏرمي ۽ مذهبي "حقداريءَ" ۾ واڌارو ڪرڻ لاءِ، پاڻ کي دين ڏرم جو وڏو ڀيل پايو ۽ شيدائي ثابت ڪرڻ لاءِ ۽ پنهنجي ديني ڏرمي آڙ کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ ٻين مذهبن جي پيٽ ۾ پنهنجي دين ڏرم جي باري ۾ خوب پروپيگنڊا

ڪرڻ تہ ان ہين جي ڀيٽ ۾ ماڻهن کي فلاڻا فلاڻا حق، حفاظتون ۽ ضمانتون ڏنيون آهن، مزدورن کي هي، هارين کي هي، زالن کي هي، غلامن کي هي، عوام کي گڏيل طرح هي هي آئيني ۽ قانوني جمهوري حق ۽ پاور ڏنا ويا آهن. انهن ۾ اکر جي بہ گهٽتائي ڪرڻ جي اجازت ڪانهي. فلاڻو ويد، فلاڻو انجيل، فلاڻي آيت، فلاڻي حديث، فلاڻي جو قول، فلاڻي جي فتويٰ سڀ مظلوم عوام جي لاءِ ۽ سندن ويري ظالمن جي خلاف! پر جڏهن عوام اهي حق، پاور ۽ آزاديون گهرن تہ هڪدم فتويٰ جي تلوار لهرائڻ. چي: "ايئن ڪيئن؟ سڀ غلط! فلاڻو ويد، فلاڻو انجيل، فلاڻي آيت، فلاڻي حديث، فلاڻي جو قول، فلاڻي جي فتويٰ! اهڙو ڪوبہ حق ڀق ڪونهي! شريعت صاف پيئي آهي، ہڏو ۽ مجيو! وڌيڪ ڪابہ گهر ڪندا تہ ڪافر ٿيندا ۽ ٻنهي جهانن ۾ سزا جي لائق ٿيندا. هتي جلاد جي تلوار يا سوري ۽ هُتي دوزخ جو آڙاهہ.

(11) اهڙيءَ ريت سڄي سماج کي اقتصادي، سماجي، ذهني، جذباتي ۽ روحاني طرح ڏٻائي، چيپاتي پنگلو ڪري، آزاد ۽ باغيرت انسانن جي ذهنن، ضميرن ۽ زبانن تي تالا هڻي، حق جي ڳولا، تحقيق ۽ بيان کي ڏيهہ نيڪالي ڏيئي، ناحق ۽ ڪوڙ کي قادرِ مطلق بڻائي ڇڏجي.

ذات پات جي نظام ۽ ٻين اختلافي ڳالهين کي ڇڏي، جيڪڏهن هڪڙي پاسي ويدن ۽ گيتا جي نيڪيءَ جي تعليم جي اعليٰ روح کي ڏسبو ۽ ٻئي پاسي هندو غلامدار جاگيردار حاڪم طبقن جهڙي قسم جو مادي ۽ روحاني نظام ڏرم جي آڙ ۾ عوام تي مڙهيو تنهن کي تپاسجي تہ زمين آسمان جو فرق نظر ايندو.

ساڳيو حال عيسائي حاڪم طبقن عيسيٰ عليہ السلام جي هدايتن ۽ تعليم سان ڪيو. ان تعليم جي اصل روح سان سئين سڌي بغاوت ڪري، ابنِ مريم جي دين جي نالي ۽ آڙ ۾ هڪڙو ڦرلٽ، دهشت ۽ ڪوڙ جو ليانڪ نظام دنيا تي مڙهيو ويو. ان دوکي، ڏاندلي ۽ مڪاريءَ جي عوام شمن مادي ۽ روحاني نظام جي ڪارستانين جي ذڪر سان سڄي يورپ جي تاريخ ڪاري سياهہ ٿي پئي آهي.

لطيف جي شاعريءَ جا فڪري سرچشما

لطيف شناسيءَ جي باري ۾ ڪم ڪافي اڳتي وڌيو آهي. ان تي گهڻن ماڻهن پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو آهي. سڀ کان وڏو ڪم پهريائين ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ڪيو تنهن کان پوءِ سائين جي ايم سيد لطيف بابت وطن جي حوالي سان اُهاڳالهه هولهه ڪئي ۽ "پيغام لطيف" جهڙو شاهڪار ڪتاب لکيائون. پوءِ وري اسين جيڪي ترقي پسند اديب هئاسون، ون يونٽ جي دؤر ۾ انهن اهي ڳالهيون ڪيون تہ عوامي جدوجهد جي حوالي سان لطيف جو ڪهڙو شان ۽ مرتبو آهي. اسان جي اُن جدوجهد ۾ لطيف سائين وٽ ڇا آهي؟ هر دؤر اڳوڻن دؤرن کي پنهنجي نظر ۽ فڪري انداز کان ڏسي ۽ پرکي ٿو. هر دؤر جي پنهنجي ورثي جي باري ۾ تورَ ٽڪ ۽ تشريح نئين ٿئي ٿي. اسين بہ اڄ جي حالتن ۾ ان ڪم ۾ شريڪ آهيون. دراصل لطيف بابت بنهه اڄ اسين جيڪا ڳالهه هولهه ڪريون ٿا اهاَ سمنڊ جي هڪڙي ڦُڙي برابر آهي. اسان ڪوشش ڪنداسين تہ لطيف جي باري ۾ هيتريون ٻيون جيڪي ڳالهيون ٿيون آهن تن ۾ هڪڙي ننڍڙيءَ ڳالهه جو پاڻ بہ واڌارو ڪريون. اهو ڪم پاڻ سڀ گڏجي ڪنداسين.

لطيف سن 1689ع ۾ جائو هو. اهو دؤر عالمي حوالي سان ڪهڙو هو تنهن جي باري ۾ بہ ٿي ٿلهيون ڳالهيون اسين اڳ ۾ ڪنداسين. اڄ جي گفتگوءَ ۾ سڄ تہ منهنجو گهڻو احوال لطيف جي دؤر بابت هوندو. لطيف بابت بہ حقيقي ۽ گهڻ طرفو ادراڪ تڏهن پيدا ٿيندو جڏهن سندس هم عصر مقامي توڙي عالمي دؤر جي پروڙ پوندي.

ڪائنات سڄيءَ جا بہ اصول مڪيہ آهن. هڪڙو تہ ڪائنات جي هر ذري ۾ تضاد آهي ۽ ان تضاد جي آڌار تي ان ذري جو وجود قائم هجي ٿو ۽

ٻيو ته ڪائنات سڄي جي سڄي هڪڙي ٻه آهي. اڪائي ٻه آهي ۽ ان جون سڀ ڳالهيون يا شيون جيڪي ڳڻڻ کان ٻاهر آهن، هزارن لکن رشتن سان پاڻ ۾ وري گڏجن ٿيون ۽ ساڳئي وقت ذري ۾ ذرو ڪائنات جو ننڍي ۾ ننڍو جز آهي، رڳو ان ۾ فقط اِڪائي ڪانهي، تنهن ۾ ٻه تضاد آهي. ائٽمن جي اندر جيڪي ذرا "ذرڙا" يا "جُزڙا"، آهن جن کي (Particles) چيو ويو آهي، انهن ۾ ٻه تضاد آهي. ڪائنات جون يا ڪائنات سان لاڳاپيل اهي ٻه اُبتڙ خاصيتون ڪائنات گير آهن.

لطيف بابت ٻه پاڻ اڄ هڪڙو ته مشرق جي حوالي سان ڳالهه ٻولهه ڪنداسين ۽ ٻيو مغرب جي حوالي سان ٻه ڪنداسين. جيتوڻيڪ ان جو سڌو تعلق بظاهر لطيف جي شاعريءَ سان ڪونهي ٻه ۽ آهي ٻه. فقط پيٽ جي خيال کان هن ڳالهه جي سڄي تاڃي پيٽي کي سمجهڻ لاءِ ايئن ڪنداسين ته ٻه جاڻ ۾ اسين گهڻي قدر مالا مال ٿيندا سين.

هي جيڪو اسان جي سڄيءَ جيوت جو ننڍڙو "ڳوٺ" آهي جنهن کي "دنيا" چئون ٿا، (هاڻي دنيا "ننڍڙو ڳوٺ" ٿي وئي آهي) اُن ۾ لطيف جي دؤر جي پنهنجي ننڍڙي "ڳوٺ" يعني سنڌ جي باري ۾ اسين هڪڙو ٽورو پس منظر معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته اُن وقت دنيا جي ٻئي پاسي يعني اُن جي ٻين ننڍڙن "ڳوٺن" ۾ ان دؤر ۾ ڇا پئي ٿيو.

لطيف جو دؤر تمام زبردست هو. اهو هندستان ۾ زوال جو دؤر هو. مغل شهنشاهت جي پڃاڻيءَ جو دؤر هو. يورپ ۾ ٿي تمام وڏيون تحريڪون اُٿيون هيون ۽ هلندڙ هيون، پهرين Humanism جي تحريڪ هلي، جنهن کي اسين "انسان دوستيءَ جي تحريڪ" سڏيون ٿا. جيڪا تيرهين صديءَ کان شروع ٿي هئي، تنهن کان پوءِ سڌاري يا اصلاح جي تحريڪ هئي، جنهن کي Reformation چيو ٿي ويو ان ۾ مذهب جي اصلاح ۽ سڌاري جو سوال هو. 1522ع ۾ مارٽن لوٿر مذهب جي سلسلي ۾ هڪ ڪليو احتجاج (Protest) ڪيو هو. هي اهو سال آهي جنهن سال اسان وٽ ارغونن جي حڪومت قائم ٿي هئي، يعني 1520ع ۾ ان سال يورپ ۾ اهو وڏو انقلاب آيو هو جنهن کي "اصلاح" يا "سڌارو" Reformation سڏيو ويو هو. ان کان پوءِ "ردِ اصلاح" (Counter Reformation) ٻه ٿي ۽ ان سڀ کان اڳ ۾ پهرين تحريڪ، "نئين سجاڳيءَ جي تحريڪ (Renaissance) جي نالي

سان ايري هئي، جنهن کي "نئين جنم جو دؤر" يا "نئين جنم جي تحريڪ" چيو ويو. ان انگريزي لفظ جو مطلب ئي آهي "نئون جنم" يا "نئين زندگي" جنهن جي معنيٰ ته پهرين به جاڳ هئي، پهرين به ڪو جنم يا زندگي هئي، جا مري وئي هئي يا ماند پئجي وئي هئي. نئين دؤر ۾ اها سجاڳي وري آئي هئي وري اها نئين زندگي يورپ جي حوالي سان هئي، پر اڄ اسان جي پنهنجي حوالي سان اُن ئي "نئين زندگيءَ" جي جاڳ جو دؤر آهي. ڇاڪاڻ جو يورپ ۾ جيڪو اهو ڪجهه وهيو واپريو اهو اسان تائين هاڻي پهچي ويو ۽ هاڻي اسان تي وارد ٿي رهيو آهي ۽ اهو ڪجهه ئي اسان جي اڄ جي "نئين" دنيا ۽ (Culture) ڪلچر جو بنياد آهي. پهرين جيڪي ڪجهه يونان ۽ روم جي غلاميءَ واري دؤر ۾ ٿيو اهو يورپ جو پهريون جنم ۽ ان کان پوءِ جو ڪجهه جرمنيءَ، انگلينڊ ۽ فرانس ۾ ٿيو سو يورپ جي نئين جنم ۽ نئين ثقافت جو بنياد هو. هاڻي دنيا جي ترقيءَ جي جيڪا تاريخ آهي تنهن جي ابتدا جو نُقطو به اتان شروع ٿيو هو. اها مغربي ثقافت اهو مغربي شعور اها مغربي ڇاڪ، عالمگير ٿيندي وئي ۽ بدستور ٿي رهي آهي. اڄ دنيا ۾ جيڪا ٽيڪنالاجي ۽ سائنس آهي، تنهن جو بنياد به مغرب جو اهو نئون شعور ۽ ڇاڪ آهي ۽ جيئن ته مغرب جي ڪلچر ۽ ثقافت جو پهريون پٿر يا اصل بنياد يونان ۽ روم آهن، تنهن ڪري رومي ۽ يوناني (Greeco-Romon) ثقافت کي سڄيءَ روءِ زمين جي اڇوڪيءَ نئينءَ، مادرن تهذيب جي پيڙهه جو پٿر سمجهڻ ڪپي.

يورپ جي ان نئين سجاڳيءَ (Renaissance) جو شروعاتي قدم هڪڙي فرانسسڪن پادرين جي فرقي ڪنيو هو جن تڏهوڪي پادرين زده عيسائي مذهب جي حوالي سان چيو ته دنيا رڳو رنج ۽ غم جي دنيا ڪانهي، پر دنيا سڪ ماڻڻ جي ۽ سڻي ۽ موچاري شيءِ به آهي. تنهن ڪري قدرت جون جيڪي نعمتون آهن، انهن کي به ڏسڻ ڪپي. انهن سجاڳ فرانسسڪن پادرين جي حوالي سان ماڻهن دنيا کي مذهب جي نقطي نگاهه سان، مذهب جي ئي هڪڙي فرقي طور ۽ مذهب جي ئي تشريح جي روشنيءَ ۾ نئين سر اتليءَ ۾ ۽ بين علاقن ۾ شين ۽ ڳالهين کي ڏسڻ ۽ پرکڻ شروع ڪيو. ان "نئين سجاڳيءَ" جا ادب ۾ وڏي ۾ وڏا باني به ماڻهو ٿي گذريا آهن،

بُڪيشو (Boccaccio, 1313-75) ۽ پيٽيارڪ (Petrach, 1304-74) هيءَ اڄ جيڪو جديد ادب اسين ڏسون ٿا، تنهن جو بنياد اتفاق سان انهن بن ماڻهن تي آهي. وري اهي به ماڻهو متاثر هئا، هڪڙي ٽئين ماڻهوءَ کان، جيڪو يورپي نہ هو ۽ اهو هو ابن رشد، جيڪو مسلمان هو. اهو ابن رشد جنهن کي مسلمانن لعنتي قرار ڏيئي گهٽيون عقوبتون ڏيئي پڇاڙيءَ جو مرڻ ڪنڊيءَ تي پهچائي ڇڏيو هو. اهو به "نئين سجاڳيءَ جي دؤر"، (Renaissance) جي اصل بانين مان هڪ هو.

مون توهان جي سهولت لاءِ ماڻهن جو هڪڙو خاڪو ٺاهيو آهي تہ لطيف جڏهن ڄائو هو تڏهن دنيا ۾ ڪهڙا ماڻهو جيئرا هئا، ۽ ان دؤر جو ماحول ڪهڙو هو سو بہ رڳو تاريخ جي حوالي سان. ۽ جڏهن لطيف گذاري ويو ان کان چار پنج سال پوءِ جا واقعا ڪهڙا ٿيا ۽ جنهن سال ڄائو هو تنهن سال هن ڌرتيءَ تي ماڻهو ڪهڙا رهندا هئا. سنڌ ۾، هندستان ۾، ۽ دنيا ۾، انهن چند ماڻهن جي مون هڪڙي ست ٺاهي آهي. جنهن مان توهان کي اندازو ٿيندو تہ لطيف جو دؤر ڇا هو ۽ هن جا عالمي طور هم عصر ڪير ڪير هئا؟

جڏهن لطيف 1689ع ۾ ڄائو تڏهن اورنگزيب ايڪهتر سالن جي عمر ۾ دهليءَ جي تخت تي حڪومت جا ٽيهہ سال پورا ڪري چڪو هو. ان وقت هو دکن ۾ هو. جتان وري هو جيئرو دهليءَ موٽيو. روس جو پيٽراعظم جيڪو 1672ع ۾ ڄائو ۽ 1725ع ۾ گذاري ويو. اهو سترنهن سالن جو هو. پيٽر اعظم روس جو وڏي ۾ وڏو پايو رکندڙ ۽ باني آهي. ان کي باباءِ روس چيو ويو آهي. پيٽر اعظم ئي روس کي جديد ڪيو. هو ڏاڍيءَ رنگين شخصيت جو مالڪ هو. سندس وڏو مطالعو ٽيڪ ڪپي ۽ ڪيس سمجهڻ ڪپي. جيئن پاڻ وٽ هندستان ۾ اڪبر آهي، تيئن روس جي عظمت جو باني ۽ جديديت جو باني پيٽراعظم آهي. لطيف جي جمڻ وقت اهو سترنهن سالن جو هو. هو 1699ع ۾ تخت تي ويٺو. سلطان باهو پنجاب جو وڏو صوفي شاعر تڏهن سَٺ سالن جو هو. انگريز شاعر جان ڊرائيڊن (John Dryden) پنجاهہ سالن جو هو. جنهن قديم انجيل جي هڪ آڪاٿيءَ کي بنياد بڻائي پنهنجي دؤر جي سياسي صورتحال تي انگريزيءَ ۾ چٽر طور هڪ ڪتاب لکيو هو ۽ اورنگزيب جي ڏيئ، زيب النساءِ

بيگم سليم ڳڙهه جي قلعي ۾ اٽن سالن کان پيءُ جي حڪم تحت قيد هئي. نيوٽن دنيا جو مشهور معروف سائنسدان به ان ئي سترهين صديءَ جي آخر جو ماڻهو هو. (فزڪس جا چار وڏي ۾ وڏا سائنسدان ٿي گذريا آهن، جن منجهان هيءُ هڪڙو هو. فزڪس جو پهريون باني ارسطو هو ان کان پوءِ گليلو هو ان کان پوءِ نيوٽن ۽ چوٽون آئن استائن هو جو بنهه هاڻي گذاري ويو آهي). نادر شاهه جنهن سنڌ کي لُٽي ماري برباد ڪيو هو سو ايڪيهن سالن جو هو. شاهه عنايت صوفي ٽيويهن سالن جو هو ۽ مشهور سنڌي شاعر شاهه عنايت اٺهن سالن جو هو.

لطيف جي جمڙ کان فقط هڪڙو سال پهريان يورپ ۾ هڪڙو وڏي ۾ وڏو انقلاب آيو هو جنهن کي "اعليٰ شان وارو انقلاب" (Glorious Revolution) چون ٿا. 1688ع وارو انگلينڊ جو انقلاب، جنهن موجب اسٽيوئرٽ (Stuart) گهراڻي جي اُتي حڪومت ختم ٿي ۽ انگلينڊ جي تاريخ جو جديد دؤر شروع ٿيو. انگلينڊ جي اُن دؤر جو بنياد انهي سال پيو. لطيف جي جمڙ کان هڪڙو سال اڳ ۾ ۽ انهيءَ سال لطيف جائو اتي انساني حقن جي قانونن جي ڳالهه نڪتي يعني (Bill of Rights) وٽن اختيارن جو وڏو دستاويز (Magnacarta) ان کان به ڪافي ڪجهه اڳ تسليم ٿيو. بهرحال انگلينڊ جي سياست جي جديد سرشتي جو بنياد سال 1689ع جي (Bill of Rights) مطابق ٿيو. هي جيڪو حڪمرانيءَ جو ڪيبينيٽ سسٽم يعني وزارتي سرشتو آهي، سو لطيف جي ننڍپڻ جي سالن ۾ شروع ٿيو. يعني مادرن جمهوريت جيڪا آهي، تنهن جو انگلينڊ جي پارليامينٽ طرفان ان "حقن جي قانون" پاس ڪرڻ سان، انهن سالن ۾ پيو. سندس جمڙ جي ٻئي سال انگريز مفڪر جان لاڪ (Jon Locke) حڪومت بابت به مقالا پيش ڪيا، جيڪي تاريخ ۾ مشهور آهن، جن جي بنياد تي يورپ جي لبرل حڪومت جو تصور رکيل آهي. ان سال اسان وٽ محمد هاشم ٺٽوي ۽ علي حيدر ملتاني ڄاوا، علي حيدر ملتاني سرائيڪيءَ جو پهريون وڏو شاعر آهي.

بابا فريد کان پوءِ لطيف جو همعصر آهي. انهيءَ سال سلطان باهوءَ وفات ڪئي ۽ بلهي شاهه جائو. لطيف 1704ع ۾ جڏهن پندرنهن سالن جو هو تڏهن مشهور فرينچ مفڪر والتيئر جائو هو. والتيئر به رينا سانس جي بانين مان هڪ ۽ يورپ جي انقلابي سياست جو ابو آهي. فرينچ انقلاب

جي مفڪرن مان هڪ وڏو مفڪر آهي. انهيءَ سال انگلينڊ ۾ انگلينڊ جي پهرين سرڪاري بئنڪ (Bank of England) قائم ٿي. لطيف ڇهن سالن جو هو تہ انگلينڊ ۾ پريس جي آزاديءَ جي هوا اُٿي. پاڻ 7 سالن جو هو تہ اڳ ذڪر ڪيل پيٽر اعظم روس جو زار ٿيو. پاڻ ڏهن سالن جو هو تہ ٽئي ۾ آيو. انهيءَ سال پنجاب ۾ "خالصال" جو بنياد پيو. جنهن پوءِ سک گورنمينٽ قائم ڪئي. پهريائين ٻارهن سک لشڪرن (جيڪي سردارن جي اڳواڻيءَ هيٺ گڏ ٿيا هئا) تن لاءِ سڪن جي جرڳي فيصلو ڪيو تہ هنن سيني ڪي گڏي پڪي آرماڙ ٺاهي وڃي، جنهن پوءِ رنجيت سنگهہ جي اڳواڻيءَ هيٺ سڄو پنجاب فتح ڪيو. لطيف يارنهن سالن جو هو تہ نادر شاهہ ايراني نور محمد ڪلهوڙي جي پٺن ڪي يرغمال ڪري، ايران وٽي ويو ۽ انگلينڊ هندستان ۽ سنڌ جي ڪپڙي مٽان انگلينڊ ۾ آڻڻ تي بندش وڌي، جو تہ ان ڪپڙي سان انگلينڊ جو ڪهرو ۽ ردي ڪپڙو چٽا پيٽي نٽي ڪري سگهيو ۽ انگلينڊ جي ماڻهن هندستان ۽ سنڌ جي ڪپڙي جي هوندي انگلينڊ جو ڪپڙو نٽي ورتو جو هيءُ وڏيڪ نازڪ ۽ نفيس ڪپڙو هو. انهيءَ ڪان ڪجهہ اڳ واري سال لاءِ يعني 1700ع لاءِ چيو ويندو آهي تہ اها صدي شروع ٿي جنهن کي "عقل جي صدي" (Age of Reason) ۽ پڻ روشنيءَ (Enlightenment) جي صدي چيو ويندو آهي. پاڻ ٻارنهن سالن جو هو تہ يار محمد ڪلهوڙو اورنگزيب ڪان سنڌ جي حڪومت جو پروانو وٽي آيو. پاڻ تيرنهن سالن جو هو تہ شهزاديءَ زيب النساءَ پنهنجي والد شهنشاهہ اورنگزيب هٿان سليم ڳڙهہ قلعي ۾ ٻارنهن سال قيد رهڻ کان پوءِ گذاري وئي. پاڻ تيرنهن سالن جو هو تہ انگلينڊ ۾ پهرين روزاني اخبار شروع ٿي. پاڻ چوڏنهن سالن جو هو تہ شاهہ ولي الله ڄائو هو. پاڻ ارڙنهن سالن جو هو تہ شهنشاهہ اورنگزيب اٽيتاليهہ سال حڪومت ڪرڻ کان پوءِ اٺانوي سالن جي عمر ۾ ٽي مارچ 1707ع ۾ وفات ڪئي. سندس وڏو پٽ معظم، ان وقت افغانستان ۽ پنجاب جو گورنر هو سو بهادر شاهہ اول جي نالي سان هندستان جي تخت تي ويٺو. انهيءَ سال فرانس جو پيو مشهور مفڪر رُوسو ڄائو ۽ روس جي پيٽر اعظم پنهنجو تخت گاهہ ماسڪو مان ڦيرائي سينٽ پيٽرس برگ ۾ ڪيو. ٻئي سال 1713ع ۾ بهادر شاهہ جو پٽ جهان داد شاهہ قتل ڪيو ويو. ساڳئي سال لطيف جو سهرو مرزا مغل بيگ قتل ٿيو. 1716ع

۾ لطيف جڏهن ستاويهن سالن جو هو تڏهن سک سپهه سالار "بندي بيداگيءَ" کي اٺويهين جون 1716ع ۾ بغاوت جي ڏوهه ۾ جهلي چيو ويو ته پنهنجن پٽن کي قتل ڪري ۽ پاڻ به قتل ٿي ويو. 1719ع ۾ جڏهن لطيف اٺٽيهن سالن جو هو تڏهن سنڌ ۾ ميان يار محمد ڪلهوڙي وفات ڪئي ۽ ميان نور محمد ڪلهوڙو گاديءَ تي ويٺو. هندستان ۾ ان سال خواجه مير درد صوفي شاعر جنم ورتو. اردوءَ جو پهريون وڏو شاعر ولي دکني دکن کان دهليءَ آيو ۽ انهيءَ سال دهليءَ ۾ اردو شاعريءَ جو رواج پيو. مشاعرا ٿيا ۽ جديد رنگ ۾ اردو شاعريءَ کي زور ونايو ويو. ساڳئي سال مرهٽو جرنل بالاديِ وشوناٿ، بارهه جي سيدن حسين علي شاهه ۽ عبدالله شاهه جي مدد سان دهليءَ تي ڪاهي آيو ۽ دهليءَ تي سوپ پاتائين. 28 فيبروريءَ 1719ع تي رفيع دولهه مري ويو ۽ هفتي کان پوءِ محمد شاهه رنگيلي کي تخت تي ويهاريو ويو. جنهن سيد پائرن کي قتل ڪرائي ڇڏيو. ساڳي سال انگريز ناولست ڊينئل ڊيفو (1713_1660) پنهنجي جڳ مشهور تصنيف "رابنس ڪروزو" شايع ڪئي. ٻئي سال 1720ع ۾ برطانيا جي پارليامينٽ قانون پاس ڪري سنڌ ۽ ڌاڪا جي ڪپڙي مٿان انگلينڊ نيٽ تي مڪمل بندش وجهي ڇڏي. سال 1721ع ۾ انگلينڊ ۾ باقاعدي حڪومتي وزارتي (Cabinet) سرشتو شروع ٿيو. رابرٽ وال پول انگلينڊ جي تاريخ ۾ سڀ کان پهرين وزيراعظم ٿيو. ساڳئي سال نادر شاهه مئو 1722ع ۾ مشهور پنجابي شاعر وارث شاهه ڄائو ۽ ان کان هڪ سال پوءِ 1723ع ۾ جڏهن لطيف جي عمر چوٽيهه سال هئي، تڏهن انگريزن جي اقتصادي ماهر ائبم سمٿ جنهن پوءِ پنهنجو جڳ مشهور اقتصادي ڪتاب "قومن جي دولت"، (Wealth of Nation) لکيو. اهو ڄائو هن ئي سال هندستان ۾ مير تقي مير ڄائو. ٻئي سال 1724ع ۾ جرمنيءَ جو جڳ مشهور فيلسوف ڪانٽ ڄائو. 1725ع ۾ روس جو پيٽر اعظم روس تي پنجٽيهه سال حڪومت ڪري گذاري ويو. انهيءَ سال مشهور انگريز جنرل، جنرل ڪلائيو انگلينڊ ۾ پيدا ٿيو. 1726ع ۾ انگريز مصنف جوناسن سُئفٽ پنهنجي مشهور تصنيف "گليور جو سير ۽ سفر" لکيو. سال 1727ع جڏهن لطيف اٺٽيهن سالن جو هو تڏهن دائود پوٽن شڪارپور جو شهر (12 سالن جي راج ڪرڻ کان پوءِ) خالي ڪيو ۽ بهاولپور طرف روانا ٿيا. انهي سال سنڌ جو مشهور مؤرخ شاعر ۽ عالم مير علي شير قانع ڄائو ۽ انگلينڊ

ڀر ويهين مارچ 1727ع تي دنيا جو چوٽيءَ جو سائنسدان، آئزڪ نيوٽن جيڪو 1642ع ۾ ڄائو سو پنجٽيهه سالن جي عمر ماڻي گذاري ويو. شاهه لطيف ايڪيتاليهه سالن جو هو تہ 1730ع ۾ نادر شاهه افغانستان جي حاڪم ايران جي بادشاهه شاهه افشار کي شڪست ڏيئي افغانستان تي قبضو ڪيو. 1732ع ۾ آمريڪا جي آزاديءَ جو باني ۽ ان جو پهريون صدر جارج واشنگٽن ڄائو. 1733ع ۾ سنڌ جو شاعر روحل فقير ۽ پنجاب جو شاعر هاشم شاهه ڄاوا. ٻئي زبردست شاعر آهن. انهن کي پڙهڻ کپي. انتهائي ماڊرن شاعر آهن. 1736ع ۾ جڏهن لطيف جي عمر ستيتاليهه سال هئي تڏهن نادر شاهه ايران جو بادشاهه ٿيو ۽ قندار تي قبضو ڪيائين. انهيءَ سال مغلن سڃيءَ سنڌ جو قبضو نور محمد ڪلهوڙي جي حوالي ڪيو. 19 مارچ 1738ع تي نادر شاهه دهليءَ تي حملو ڪيو ۽ لاڳيتا ٻه مهينا اتي ويهي ان کي لُٽي مال خزانا کٽي روانو ٿيو. ٻئي سال هي "سفاڪ ناپاڪ" سنڌ تي ڪاهي آيو. ساڳئي سال عبدالرحيم گرهوڙي ۽ سڄل ٻئي ڄاوا. ٻئي سال ثابت علي شاهه سنڌ جو مرثيه نگار شاعر ڄائو. ان کان ٻئي سال 1740ع تي جرمنيءَ تي فيلبرڪ اعظم جرمنيءَ جي جاڊرن حڪومت جي بانيءَ ۽ آسٽريائي مهاراڻي ماريا جون حڪومتون قائم ٿيون. انهيءَ سال انگلينڊ ڪپڙي جي معاملي ۾ خود ڪفيل ٿيو ۽ ٻاهران ان جي آمدني بند ڪري ڇڏيائين. ٻئي سال 1741ع ۾ جڏهن لطيف جي عمر ٻاونجاهه سال هئي تڏهن ٽيپو سلطان ڄائو ۽ قلات تي مشهور بلوچ حاڪم نصير خان نوريءَ جو راج شروع ٿيو. نصير خان بلوچستان جو سپ کان وڏو نامور طاقتور ۽ هر دل عزيز حاڪم ٿي گذريو آهي. 1742ع ۾ جڏهن لطيف جي عمر ٽيونجاهه سال هئي تڏهن سندس والد شاهه حبيب گذاري ويو. 1747ع ۾ نادر شاهه قتل ٿي ويو. سورنهن سال راج ڪيائين ۽ احمد شاهه ابدالي سندس جاءِ نشين ٿيو. ٻئي سال 1748ع ۾ انگريزي ٻوليءَ جو مشهور شاعر رابرٽ برنس اسڪاٽ لينڊ ۾ ڄائو. رابرٽ برنس زبردست شاعر آهي، عوامي شاعر آهي، ان جو مشهور نظم آهي، ".....Aman is man" سنڌس ٻيا ٻه ڪيترائي مشهور نغما آهن، ٻه چار مون ترجمو ڪيا آهن. تمام وڏو ترقي پسند ۽ جمهوريت پسند شاعر آهي. ان کي تمام گهڻو پڙهڻ کپي. ٻئي سال 1749ع ۾ جڏهن لطيف جي عمر ست ورهيه هئي، تڏهن جرمنيءَ جو

جڳ مشهور شاعر گوئٽي ڄائو. 1750ع ۾ جڏهن لطيف جي عمر ايڪهٽ سال هئي تڏهن سامي ڄائو. ٻئي سال 1751ع ۾ فرانس ۾ انسائيڪلو پيڊيا جو پهريون جلد شايع ٿيو جيڪو ڊڊرات جي مُهنداريءَ ۾ تيار ٿيو. اهو انساني تهذيب جي تاريخ ۾ تمام وڏو واقعو هو جو ڊڊرات سرانجام ڏنو. ان کان اڳ ۾ اخوان الصفا وارن به انسائيڪلو پيڊيا لکڻ جو ابتدائي ڪم هٿ ۾ کنيو هو پر ان کي پورو ڪري نه سگهيا هئا. هندستان ۾ ان کان اڳ ۾ چين ۾ ان کان اڳ انسائيڪلوپيڊيا ٺهيا هئا. 1752ع ۾ لطيف ٽيهٽ سالن جي عمر ۾ گذاري ويو. ٻئي سال احمد شاهه ابدالي سنڌ تي ڪاهه ڪئي، جنهن سال لطيف گذاري ويو. ان سال بلي شاهه ست سالن جو هو. هاشم ٺٽوي ٻاهٺ سالن جو هو مخدوم گرهوڙي تيرنهن سالن جو هو انگريزي جو مشهور نثر نويس جانسن ٽيتاليهن سالن جو هو خواجه ميردرد ٽيتيهن سالن جو هو ميرعلي شير قانع پنجويهن سالن جو وارث شاهه 30 سالن جو ثابت علي شاهه ٻارنهن سالن جو ميرتقي ميراٺتيهن سالن جو گوئٽي ٽن سالن جو پنجابي شاعر هاشم شاهه سترنهن سالن جو ثابت علي شاهه ٻارنهن سالن جو سچل تيرنهن سالن جو نذير اڪبر آبادي سترنهن سالن جو سامي نون سالن جو شاهه ولي الله اوٽونجاهه سالن جو آمريڪي سائنسدان ۽ سفارتڪار من فرنڪلن ڇائيتاليهه سالن جو ڊاڪٽر جانسن تيرنهن سالن جو مشهور صوفي فيلسوف اسپنوزا چوويهن سالن جو هو.

لطيف جي وفات کان پوءِ ٽئين سال نور محمد ڪلهوڙي وفات ڪئي ۽ پنجن سالن کان پوءِ 1757ع ۾ غلام شاهه ڪلهوڙو سنڌ جي تخت تي ويٺو. انهيءَ سال مرهٽن دهليءَ تي قبضو ڪيو لارڊ ڪلائيو پلاسيءَ جي جنگ کٽي بنگال تي قابض ٿيو ۽ هندستان ۾ انگريزن جي باقاعدي سلطنت شروع ٿي. 1758ع ۾ لطيف جي وفات کان ڇهه سال پوءِ پنجابي شاعر بُلي شاهه گذاري ويو. ٻه سال پوءِ 1760ع ۾ محمد هاشم ٺٽويءَ وفات ڪئي ۽ لطيف جي وفات کان سورنهن سال پوءِ غلام شاهه سنڌ ۾ پنهنجي تختگاهه اسان جي شهر حيدرآباد ۾ قائم ڪري، ان جو سنگ بنياد رکيو.

لطيف جي حوالي سان پسمنظر طور لطيف جي ذهني ۽ علمي سرچشمن تي به ڳالهه ڪرڻي پوندي. لطيف جن ماڻهن کي پسند ڪيو

آهي، سندس "گنج" ۾ انهن ماڻهن جا شعر مليل آهن. ڏسجي ٿو ته هو ٽن قسمن جي سرچشمن کان متاثر هو. هڪڙو هندستاني شاعريءَ کان ڪبيرُ، تلسيداسُ ۽ خاص ڪري مرهٹا شاعر ۽ گجراتي شاعر جيڪي پاسي ۾ هئا. ۽ پنجابي شاعر خاص ڪري شاهه حسين جنهن جون ڪافيون به "گنج" ۾ ڏنل آهن. ماڻهو سمجهن ٿا ته اهي لطيف جون آهن ۽ ٻيو فارسي شاعريءَ جو مٿس زبردست اثر آهي.

رومي ۽ حافظ سندس دلبند شاعر لڳن ٿا. هندي شاعريءَ جي حوالي سان ڳالهائيو ته ان جي شروعات ڀڳتي تحريڪ کان ٿي. ڀڳتيءَ ذريعي، پريم ذريعي خدا جو قرب حاصل ڪرڻ، اهو هندومت جو هڪڙو رستو آهي، ٻيو آهي عملن ذريعي ان کي حاصل ڪرڻ، ٽيون آهي علم ذريعي ان کي حاصل ڪرڻ. علم، عمل ۽ پيارُ هندو مذهب جي فلسفي جا گويا ٽي حصا آهن، جن ذريعي مختلف ماڻهو خدا جي وصال حاصل ڪرڻ جون ڪوششون ڪندا رهيا آهن. ڀڳتي مارگ جي سلسلي ۾ سڀ کان نامياروسنت اسان کي شنڪر آچاريہ ملي ٿو. وڏو مفڪر آهي. هن جي تاريخ پاڻ کي معلوم آهي. 788ع ۾ ڄائو 820ع ۾ ننڍي عمر ۾ هو به گذاري ويو. ان ئي هن مارگ جي شروعات ڪئي، جنهن کي اسين ڀڳتي چئون ٿا. ڪبير آهي، تلسيداس آهي، انهن سيني ۾ ڳرو شخص ڪبير آهي. ڪرشن ڀڳتيءَ جي حوالي سان ميران ٻائيءَ جو دوُر به آهي، جيڪا اسان جي مشهور معروف درويش ۽ ڏاهي بادشاهہ جلال نندي جي زماني ۾ ڄائي هئي. هوءَ 1504ع ۾ ڄائي هئي. ان زماني ۾ هڪڙو سال آهي، جنهن ۾ هندستان ۾ اسان وٽ اِلاهي اهم ماڻهو پيدا ٿيا آهن. 1533ع ۾ ڄائو الکل ناٿ ۽ پنجن سالن کان پوءِ 1538ع ۾ شاهہ ڪريم ڄائو هو. جيڪو اسان جو وڏو صوفي شاعر آهي. انهيءَ سال ماڏو لال حسين به ۽ ان کان ٻہ سال پوءِ اڪبر اعظم ڄائو. اهي سڀ آزاد خيال ماڻهو هئا ۽ الڳ الڳ ٻن سالن جي اندر ڄاوا. ٿوري عرصي کان پوءِ مرهٹو صوفي شاعر سنت نڪارام آهي. هندیءَ ۾ به شاعري ڪئي اٿس.مطلب ته اُن دوُر ۾ لطيف جي جنم کان تقريبن هڪ سئو سال جي اندر هندستان ۾ ڀڳتي شاعريءَ جو وڏو بنياد رکيو ويو.

دنيا ۾ تصوف جون ٽي وڏيون تحريڪون هليون آهن، جن مان ٻن جو بنياد هڪڙي شهر مان ٿيو. اهو شهر هو قسطنطنيہ (ڪانسٽينويل)

قسطنطنيہ ۾ جڏهن فلسفين تي بندش وڌائون، سن ستين صديءَ ڏاري ۽ عيسائي مُلن اُتي فيصلو ڪيو تہ فيلسوف مردود آهن، انهن کي ڪڍي ڇڏيو تہ اتان هو آيا ايران ۾، اتي گنداپور نالي شهر جو پايو وجهي شهنشاهہ جمشيد انهن کي رهايو. هنن پوءِ اتي "دارالحڪمت" جي نالي سان پنهنجو مرڪز قائم ڪيو ۽ ان ۾ ويهي هنن پنهنجي ڪتابن جا ايراني ٻوليءَ ۾ ترجما ڪيا. تنهن کان پوءِ جلدي ايران تي مسلمانن جو قبضو ٿيو. خليفي المنصور جي زماني ۾ بغداد ۾ فلسفين لاءِ بندوبست ڪيو ويو ۽ اتي ڏار هڪ دارالحڪومت قائم ٿيو. جتان پڻ ڪتابن جا ترجما ٿيا. انهن عالمن ۽ دانشمندن ۾ مسلمان هئا، عيسائي بہ هئا ۽ ٻيا بہ مختلف دينن جا ماڻهو هئا، انهن يونانين جا ڪتاب ترجما ڪيا، جن ان دؤر جي علمي دنيا تي اثر ڪيو. ايئن اڳتي هلي حڪمت ۽ فلسفي جو گهٽو چئوپول شروع ٿي ويو. مسلمانن ۾ پهريون فيلسوف الڪندي آهي، جيڪو خليفي هارون رشيد جي دؤر جو هو. تنهن کان پوءِ الفارابي آهي ۽ ان کان پوءِ اسلامي فيلسوفن جو وڏو سلسلو شروع ٿيو. نيٺ انهن مان ڪن گڏجي پاڻ کي اخوان الصفا سڏايو. فلسفي جي اثر هيٺ انهن پهرين انسائيڪلو پيڊيا لکڻ يا ترتيب ڏيڻ شروع ڪيو. وچ مشرق ۾ ۽ يورپ جي تاريخ ۾ هي پهريون دفعو هو جو ههڙي علمي ڪم لاءِ عالم هئا، جيڪي تيار ٿيا هئا. هنن مان هڪڙي هڪڙي عالم دنيا جي سمورن علمن مان پاڻ لاءِ ڪو علم چونڊي ان جي تحصيل، ترغيب ۽ تصنيف شروع ڪئي. هنن ان رٿا جي تعميل جو ڪم هڪٻئي جي صلاح سان، بحث مباحثي سان، مطالعي ۽ مناظري سان گڏجي هٿ ۾ کنيو هو. اخوان الصفا جي هيءَ تحريڪ اسلامي صوفياءِ ڪرام جي تاريخ جو هڪ ڏگهو ۽ دلچسپ داستان آهي. هنن جي سوچ ۽ فڪر جو دائرو يوناني فيلسوف، سائنس، ٽيڪنالاجي، سياست، تاريخ، منطق ۽ خالص فلسفي تي پکڙيل هو. هن ڪوشش ۾ سائنسي علم ۽ مذهبيت جون جيڪي ڏارائون گڏ هيون ۽ ٻنهي ڏارائن تي هڪٻئي جو اثر ٽيڙو هو. اهي ماڻهو سائنس ۽ مذهب جي سيني دائرن ۾ دلچسپي رکندڙ هئا ۽ انهن کان واقف پڻ هوندا هئا. اسلامي تصوف بہ ايئن پيدا ٿيو ۽ انهيءَ ئي ڪوشس جو هڪ نتيجو چئي سگهجي ٿو. تصوف جي اثر هيٺ هڪڙو شاعر ابوالخير نالي اتي پيدا ٿيو جيڪو پهريون ماڻهو هو جنهن اسلامي

تصوف جي حوالي سان شاعري شروع ڪئي. سچو نالو ابو سعيد ابوالخير هوس. هيءُ يارهين صديءَ جو ماڻهو هو. ڪانئس اڳي رودڪي به هو جو فارسي شاعريءَ جو ابو ليکجي ٿو. پهرين اسلامي فيلسوفن ۾ الڪندي جو نالو سرفهرست آهي، پر ان کان پوءِ جيڪي مسلمان فيلسوف ميدان تي آيا تن مان شاعرن ۾ خيام آهي، سعدي آهي، حافظ آهي ۽ ايئن وڏو هڪڙو سلسلو آهي ۽ پوڄاڙيءَ جو رومي به آهي.

ان فلسفي، ان تصوف ۽ خاص ڪري ان شاعريءَ جو لطيف تي تمام گهرو اثر پيو. ايئن مشرقي شاعريءَ جو جيڪا هندي شاعري به هئي، جنهن ۾ ميران ٻائي، تلسيداس، تڪارام، ڪبير جهڙن ماڻهن جي شاعريءَ جو به لطيف جي شاعريءَ تي تمام وڏو اثر هو. ٽيون اثر لطيف تي سنڌ جي شاعرن جو آهي. سنڌ جي شاعرن جو پهريون سگهارو نالو آهي. سمنگ چارڻ جو جيڪو 950ع جي لڳ ڀڳ جو ماڻهو هو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ابتدائي تخليقي اظهار جي انداز تي ڪافي پنهنجو هڪ اثر رکي ٿو. عوامي ادب ۾ خاص ڪري لوڪ ادب ۾، مثال طور "ڳاهن سان ڳالهيون"، چنيسر جي ڳالهه آهي، هيءَ اسان جي قديم ۽ وڏي اهميت واري شاعري آهي. اڳي غزل هوندا هئا ۽ ماڻهو چوندا هئا، "شاعري آهي ئي غزل" جڏهن ماڻهن جن هاڻيءَ جا ڪن ئي ڏٺا تہ چيو هاڻي آهي ئي اهو ايئن جن غزل پڙهيا ۽ ٻڌا تن چيو تہ شاعري آهي ئي غزل. ڪنهن ٽيڙو ٿي پڙهيا ۽ ٻڌا تنهن چيو شاعري معنيٰ ٽيڙوا تنهن ڪري فارمن ۾ ماڻهو رهجي ويا. تمام وڏي شاعري اسان جي آهي، بنيادي شاعري اسان جي آهي، جيڪا ڳاهن جي صورت ۾ آهي.

ارڙهن ڏَڪَ تراڙ جا، لڳا ننگر مٽڙي تان،
ٽڪر ٽريو ڪونہ ڪو پيو جبل ڪونہ سما،
سانَ وڙهن ايئن سومرا، جيئن ڳوڌا ڳاهہ وهن.

(سمنگ چارڻ)

تمام اعليٰ درجي جي اصلوڪي قديم دؤر جي شاعري هيءَ آهي، جنهن تي يورپ جا شاعر به ناز ڪري سگهن. ان دؤر کان شاعري شروع ٿئي ٿي ۽ اڄتي ايندي اُن جي ڪلاسيڪي انداز ۾ وڏا نالا آهن. مثلاً قاضي قاضن آهي، تمام وڏو ۽ مُک شاعر آهي، جنهن اهڙا شعر چيا آهن جيڪي

لطيف بہ ڪونہ ڇيا آهن. لطيف ان کان تمام گهڻو متاثر آهي. اهڙو ڪيترو شعر آهي جو ٻين جو آهي، لطيف ۾ اچي ويو آهي. شاهہ ڪريم جا ڪيترائي شعر آهن، جيڪي گنج ۾ موجود آهن ۽ شاهہ جا ليکجن ٿا. شاهہ ڪريم تمام وڏو شاعر آهي. لطيف تي تمام وڏو ۽ سڏو اثر شاهہ ڪريم جو آهي. شاهہ ڪريم جي حوالي سان جيڪا غريب دوستيءَ جي روايت آهي، اها تمام گهٽ ڪن معاشرن ۾ موجود ٿي سگهي ٿي. شاهہ ڪريم اهو ماڻهو هو جنهن وٽ مهمان ايندا هئا تہ گڏهہ تي چڙهي ٻنَ ڪرڻ ويندو هو. پني سڄي ملڪ مان ڦري اٽو وٺي ماني پچائي پوءِ مهمانن کي کارائيندو هو. اها جيڪا شاهہ ڪريم جي فقيري آهي، سا لطيف جو وڏو فخر آهي. غريب ماڻهن سان دوستي، غريب هجڻ تي فخر.

لطيف جو اُنهن تي ناز ڪرڻ تہ ڏسو:

مارو پاڻ امير، مليرون مرڪڙو!

انهن تي رحم کائڻ، قياس ڪرڻ، ڪهل اڇڻ، سڄي دنيا ۾ ائين آهي تہ غريب ويچارو آهي، مسڪينڙو آهي، اٻالڙو آهي، نہ هي ويچارا نہ آهن.

مارو پاڻ امير، مليرون مرڪڙو!

سنڌي شاعري بہ پنهنجي دل کي گهٽي حد تائين بلڪ پهريون اثر اسان جي سنڌي شاعريءَ جي ارتقا جو آهي. ڪوبہ شاعر آسمان مان ڪونہ ٽوڪري اهو پيداوار ٿئي ٿو سماج جي، تاريخ جي شاعرن کي گهاڙيٽا ملن ٿا، احساس ملن ٿا، لفظ ۽ اصطلاح ملن ٿا، جيڪي بہ اهي لطيف ۾ موجود آهن، انهن مان گهڻا پنهنجن اڳين شاعرن جا وٺس آيا آهن، تمام ڪمزور حالت ۾، تمام ڪروڙ حالت ۾، تمام معمولي حالت ۾، پر مليا هُن کي ورثي ۾ آهن. مثلاً مارئيءَ جو داستان اڪبر جي زماني ۾ پيش ڪيو ويو هو. روايت آهي "تاريخ طاهري" جي تہ اڪبر جي اڳيان ڪنهن مارئيءَ جي گلا ڪئي تہ اڪبر ان تي سخت ناراض ٿيو تہ آڻون عمرڪوٽ جو آهيان ۽ مارئي عمرڪوٽ جي آهي. توهين گلا ٿا ڪريو! توهان کي سخت سزائون ملڻ کپن. اڪبر ٿر جي باري ۾ تمام حساس هوندو هو تہ اها هڪڙي روايت آهي مارئيءَ جي. خاص سنڌي روايت آهي، جيڪا شروع کان وٺي هلندي ٿي اچي. بدقسمتيءَ سان "ڳاهن سان ڳالهين" ۽ داستانن جي روايت گهڻو وقت

قائم نہ رهي سگهي. اها روايت پنجاب ۾ تمام زبردست آهي. ميان محمد جي آهي. خاص ڪري هڪڙي دل تي تري ٿي اچي. "مرزا صاحبان" ۾ آهي ته "ميڊي گهوڙي تون ڊري فرشتي. تي مين تون ڊري خدا" نعوذ بالله! ڳالهه ئي ان قسم جي آهي ته. "منهنجي گهوڙي ايڏي زوراور آهي جو ان کان فرشتا ڊڄندا آهن ۽ مون کان خود خدا ڊڄي ٿو." جن "مرزا صاحبان" کي پڙهيو هوندو اهو ان جي بيان جي جاهه ۽ جلال کان واقف هوندو ته اهي ٿي سرچشما آهن. انهن ٽنهي کي سمجهڻ کانسواءِ شاهه لطيف جي شاعريءَ کي سمجهڻ ۽ ان جي سرهاڻ ۽ سونهن کي سڃاڻڻ ۽ ان کي انجواءِ ڪرڻ مشڪل آهي. چوٽين ڳالهه جيڪا لطيف جي آهي اُها اُنهن ٽنهي شين کان جدا الائي ڪيئن وٺس آئي آهي. ان جي سڪ مون کي به ڪاڻ ٿي سُجهي. پر ڪيترين ڳالهيون آهن جيڪي (Explain) ڪري سمجهائي ئي نہ سگهبيون آهن. پر ايتري سا ڳالهه آهي ته انهن ٽنهي شين کي لطيف ناهي. جوڙي هڪڙيون اهڙيون ڳالهيون به ڪيون آهن. جن جو ڏُس اُن سموري دؤر ۾ نٿو ملي. نہ رڳو اُن دؤر جي ماڻهن ۽ شاعريءَ ۾ جن کان هو آشنا ۽ واقف هو پر اها شاعري جنهن کان هو آشنا نہ به هو. سندس اها ذات ان کان اڳيري هئي. مثلاً يورپ جي شاعريءَ جتي ان وقت هڪڙو لاجواب ماڻهو هو لارماسوف. لارماسوف انساني تهذيب جي سمورن عظيم هستين مان هڪ آهي. موچيءَ جو پٽ هو پيرن اڳهاڙو ماسڪو ۾ آيو هو. گهران پڇي آيو هو. اتي پوءِ پڙهيو سڃيءَ انساني تهذيب جيڪي اهڙا ٻنهه لاجواب ماڻهو پيدا ڪيا آهن. جهڙوڪ نيوٽن. آن استائين. اهڙا ماڻهو جن جي اڳيان اڪيون چرخ ٿي وڃن. انهن ۾ هڪڙو اڪيون چرخ ڪندڙ ماڻهو لارماسوف هو. همدان يعني جن جي خبر نہ پوي ته ڪهڙا علم اٿن؟ اُهي عجب عجائب ماڻهو جن جي انت جي خبر نہ پوي ته ڪهڙا علم اٿن؟ اُهي عجب عجائب ماڻهو جن جي انت جي خبر نہ پئي. جيڪي علم ۽ فن جا ست سمنڊ ٽين ٽا. جن جو ڪاڏو ئي نہ ٽئي. لارماسوف اُنهن مان هو "شاعر هو سائنسدان هو ۽ يگانو ماڻهو هو" جيڪي وڏي ۾ وڏا سائنسدان ٿي گذريا آهن. اُنهن منجهان هوا اهو ٻار جيڪو پيرين اگهاڙو هو. ان جي ڳالهه پئي ٿي هلي. ان دؤر ۾ يورپ جي انگلينڊ ۾ ڊرائيڊن نالي شاعر هو جان ڊرائيڊن (1780_1631ع) اتي ان ئي دؤر ۾ اليگزينڊر پوپ (Alexander Pope) به شاعر هو ٻيا به اتي وڏا وڏا شاعر ٿي

گذريا آهن. اتي ملٽن (74_1608ع) به هو ان کان اڳي شيڪسپيئر (1616_1564ع) پر ٿي ٿي گذريو هو. ان کان اڳ يورپ ۾ تمام وڏا شاعر هئا. جن جون اڄ به تمام گهڻيون تعريفون ۽ هاکون آهن ۽ مشرقي شاعريءَ جي ڳالهه ٿي ڪجي ته چين ۾ "لي" به گذريو آهي. لطيف اڳ جو آهي. هندستان جو ڪاليداس به اڳ ۾ ٿي گذاري ويو. پرتري هري به آهي. جيڪو سنسڪرت جو وڏو شاعر آهي. مطلب ته وڏا وڏا شاعر ٿي گذريا آهن. يوناني ۽ رومي شاعر به آهي. جن ۾ ورجل آهي. اهي سڀ لافاني شاعر آهن. تنهن کان پوءِ دنيا جا ماڊرن شاعر آهن. مثلاً يورپ جي روشن خيالي‌ءَ جا امين ۽ ترجمان شاعر. هنن سيني شاعرن ۾ ٻيون گهڻي ئي ڳالهيون آهن. جن هنن کي عظيم ۽ امر درجو ڏنو آهي. اها جيڪا هڪڙي شيءِ لطيف ۾ آهي ۽ اها ڪٽان لطيف ۾ آئي جيڪا مون لاءِ ڳجهارت آهي. اوهان لاءِ ڳجهارت آهي. اها شيءِ دنيا جي انهن شاعرن ۾ ڪانهي پر لطيف ۾ آهي. منظر شيءِ. سندس سوچيل سمجهيل. گهري ۽ مضبوط لطيف جي خاص اها شيءِ آهي غريب دوستي. آئون ان کي ايئن ٿو سڏيان ۽ اها دنيا جي ناولن ۾ نٿي ملي. دنيا جي هولين ۾ وڏا وڏا نالا گهٽا جبرا لکيل آهن. مثلاً The history of red paisiho چين جو مشهور معروف ناول هو. يا دنيا جو پهريون ناول جيڪو جپان ۾ لکيو ويو هو. ٻيو نمبر ناول "ڊائريءَ طور" لکيل هو اهو ڪوريا جي خاتون لکيو جيڪا دولت کي نندي ٿي. جيڪا برباد ٿي ڪري ماٺهن جي ماٺهپي کي. اخلاق کي. پوءِ بيشمار ٻيا ناول لکيا ويا. ڪهاڻيون لکيون ويون دنيا ۾ پر انهن ۾ اها هڪڙي شيءِ جيڪا لطيف آندي ۽ پيش ڪئي انهن ۾ ڪانهي. هڪڙي منظم سوچيل سمجهيل مضبوط شيءِ يعني "غريب" دوستي. غريب کي آسمان تي نيٽ جي. غريب کي آئيڊيلائيز ڪرڻ جي. غربت کي نہ

اسين تتان آئيون. جتي ڪُهنبو ناهہ
وڃون ڪنهن وهانءِ. تہ پڻ مٽن لوئيون.

اها جيڪا سوچيل سمجهيل غريب دوستي. جنهن ۾ غريب کي گهٽ سمجهڻ جو خيال شامل نہ هجي. اها نرالي آهي. توهان کي ان وقت جي روءِ زمين جي شاعريءَ ۾. نہ ملٽن نہ شيڪسپيئر ۾. نہ سعديءَ ۾. نہ حافظ ۾ اها ڳالهہ ملندي.

مارڪس يونانين جي باري ۾ لکيو آهي ته يونانين پنهنجي دؤر ۾ ويهي ڏاڍيون وڏيون ڳالهيون سوچيون هيون ۽ ڪيون هيون. انهن ئي اندازا لڳايا هئا ته هي ڳالهه هيئن آهي، هي ڳالهيون هيئن آهن، جن ڳالهين جو ثبوت البته هو ڏيئي نه سگهيا هئا ان سڄي دؤر جي انهن ڳالهين کي "قياسي سائنس" چئجي ٿو. هن سائنس جي باري ۾ به ڳالهيون ڪيون. اهي سڀ ڳالهيون قياس آرائن تي ٻڌل هيون، جو ته (Experimentation) جو ان دؤر ۾ رواج گهٽ هو بلڪ هو ئي ڪونه. تجربا ان کان پوءِ آيا. تجربن ذريعي ڳالهين مهاڙين ڪرڻ جي بدران اهو دؤر سڄو قياس آرائن جو هو. اندازن جو هو ڏکن جو هو ۽ فروضن جو هو. اندازن جا هو بادشاهه هئا، ڏرتيءَ جي ماپ جيڪا ٻڌايائون تنهن ۾ ٻن ٽن ميلن جو ڪو فرق آهي! حيرت انگيز معجزا آهن. انهن جا اندازا انساني سمجهه جا معجزا آهن، پر تجربو نه هو آزمائي ڏسڻ (Verification) جي تصديق ڪرڻ جي ڳالهه ڪانه هئي. تصديق سان نالي، اهو ريناسانس جو قصو آهي. علم اهو جنهن جي تصديق ٿي سگهي، جنهن کي پڇي سگهجي. ائين نه ته علم رکو ڳالهه ڪري ڇڏجي ۽ موڪائي ان مٿان سوال جواب بند ڪري ڇڏجي! سوال جواب ڪرڻا نه آهن، "بس مون چئي ڇڏيو"! اهو مذهب جو ڪم آهي، علم معنيٰ سوال جواب کان پوءِ تصديق ٿيل ڳالهه. سڄي ڳالهه. اها جيڪا چيڪ ڪجي ته به اها ائين نڪري، ته لطيف ان دؤر ۾ هو جڏهن اهڙيون ڳالهيون هيون ڪونه.

دنيا جي مشهور مؤرخ ٽوائن بيءَ جن ماڻهن جي تاريخ ۾ تبديلي آندي آهي، تن جو هڪڙو لڇڻ ٻڌايو آهي، هڪڙو خاص طريقو ٻڌايو آهي، اهو طريقو آهي (With Drawal) جو جنهن جي معنيٰ ته پنهنجي روز مرهه جي زندگيءَ جي معمولات مان پاڻ ڇڏائڻ، ٻين ڳالهين مان پلوَ آجا ڪري، هڪ منو ٿي ويهڻ، معمول جي جاءِ کان، طرز زندگيءَ کان، رهائش جي رواجي طور طريقي کان آجو ٿي، سڀ کي گويا ترڪ ڏيئي ٻاهر ٽيڻ ۽ پوءِ جيڪي ماڻهوءَ جي دل چاهي ان سان سڄي جي سڄي پنهنجي دل ڳنڍي ڇڏڻ. ان حوالي سان ٽوائن بيءَ ۽ ٻين مثالن سان گڏ جيڪي مثال ڏنا آهن، تن ۾ حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جو مثال ڏنو اٿس. هونئن پاڻ مڪي ۾ هئا، سندن ڪئين لاڳاپا هئا، رويا هئا، فرض ۽ ذميواريون هيون،

جيڪڏهن پاڻ انهن سان ڳنڍيل رهن ها تہ اها شيءِ نہ ٿهي ها. سا تاريخ ۾ اها شيءَ جيڪا تاريخ ۾ سندن مٿان نازل ٿي سا نہ لهي ها. سڀ لاڳاپا لاهي پاڻ غار حرا ۾ پنهنجي منهن ٿي ويڻا. ۾ پوءِ ٻئي موقعي تي مڪي مان نڪري ويا مديني. جيڪو پڻ سندن هڪ قسم جو (Withdraw) هو. حال في الحال ئي سهي. پر هڪ دنيا ڇڏي. جنهن کين ڪجهه ڪرڻ نٿي ڏنو مديني جي ٻي دنيا ۾. ان ڪري روين کان هٽي جيڪي رائج الوقت طريقا آهن تن کي ڇڏي. رائج الوقت عادتون آهن. رائج الوقت معيار مليل. حاصل ٿيل. پراڻا فڪر ۽ عمل جا بنياد آهن. انهن سيني کي ترڪ ڪرڻ. تاريخ کي بدلائڻ جي تحريڪ جو بنياد رکڻ ۾ سڀ کان پهرين پهرين ضروري ڳالهه سمجهي ويو ٿي. جيڪي بہ وڏا ماڻهو ٿي گذريا آهن. انهن پنهنجي دؤر کي هڪ حد تائين ترڪ ڪيو آهي. انهن کان الڳ ٿي ويا آهن. انهن سان رشتا ٽوڙيا اٿن. تنهن کان پوءِ انهن وڏا ڪارناما حاصل ڪيا آهن. لطيف بہ دراصل جڏهن پهرين هن جي محبت ڪامياب ڪانہ ٿي. تڏهن اها ڇڏي هتان نڪري ويو هو. سندن مان ٻاهر نڪري ويو هو. ٻيا علائقا هن ويو ڏٺا. لطيف جي شاعريءَ ۾ ان ڳالهه جو وڏو دخل آهي تہ هو سندي هو. پر سندين وانگر نہ هو. لطيف جي شاعريءَ جي هڪ مکيہ خصوصيت آهي. تہ هُن اهي سڀ ڪم ۽ ڳالهيون چيون آهن. جيڪي سندين جي مزاج جي اُبتڙ آهن. جيڪڏهن مزاج ۽ طبيعت جي لحاظ کان ڏسجي ۽ روايتي سنڌيءَ جو چيد ڪري ڏسجي تہ پوءِ جيڪو ماڻهو سڀ کان وڌيڪ اينٽي سنڌي آهي. سو لطيف آهي! سنڌي ماڻهو جن پيرن تي ويڻا آهن اتان اُٿڻ پنهنجي شان جي اُبتڙ سمجهن ٿا. لطيف مارئيءَ واتان وطن جي بہ ڳالهه ڪئي آهي پر هلڻ کي ڦرڻ کي هڪ جاءِ ڇڏڻ کي ٻئي هنڌ وڃڻ کي بہ اهم ڄاڻايو آهي. مٿي کنيو آهي. اُپاريو آهي. هلڻ کپي. پري وڃڻ کي. ڪوشش ۽ جاکوڙ جي انتهائي حد تائين پهچڻ کپي. هيءَ ڏرتي ڇڏي وڃڻ کي. جاءِ بدلائڻ. جاگرافيائي ۽ سماجي شان مان طور يا نفسياتي طرح اسان جو جيڪو تصور آهي. وطن جي حُب جو ان جي اُبتڙ اهي وطن ڇڏڻ وغيره جون ڳالهيون آهن.

سنڌي ماڻهو سست رهيو آهي. آرام وارو. عزت سان هلڻ جو عادي آهي. آهستي وک کڻڻ تي هريل آهي. هيءُ تيزيءَ جو زمانو آهي. برق

رفتاريءَ جو. لطيف انهن نبارشين ۾ جدوجهد جو تصور ڏنو آهي، انهن جاکوڙي شين کي مثالي طور ڪيو آهي، جن جو سنڌي سماج ۾ چؤپول ۾ تصور بہ نہ آهي ۾ رائج الوقت جيڪي ڀالهيون آهن. انهن سيني کي هن اُلٽو ڪيو آهي. لطيف تضادن جو ذڪر ڪيو آهي. آئون سمجهان ٿو تہ تضادن واري ڀالهہ گهڻن مسلمان مفڪرن، شاعرن ڪئي آهي. عمر خيام جيڪو وڏي ۾ وڏو آرام، سڪون ۾ خوش گذارڻ جو حامي هو تنهن کان پڇيائون تہ تضاد ڪٿان آيا آهن؟ جواب ڏنائين تہ، "تضاد شين جي اندر آهن." تضاد جو وڏي ۾ وڏو علمبردار تضاد کي سمجهڻ وارو ماڻهو رومي بہ هو. لطيف ڇاڪاڻ تہ غير روايتي معنيٰ ۾ روميءَ جو شاگرد هو تنهن ڪري اها ڀالهہ سمجهڻ ۾ اچي ٿي تہ تضاد جي بنيادي ڪائناتي فلسفي کي هن سمجهيو هو ۾ اقبال تي جيڪو اثر آهي، تضاد کي سمجهڻ جو شين جي ٽڪراءَ ۾ شين مان نئين شين ڦٽڻ جو اُن حوالي سان لطيف ۾ اقبال ٻنهيءَ جو مرشد ساڳيو آهي ۾ اهو رومي آهي. عظيم تر ڀالهہ اها بہ آهي تہ لطيف هڪڙي قسم جو ماڻهو هو، اقبال ٻئي قسم جو ماڻهو هو، پر مرشد ٻنهي جو رومي هو. سڀ کان وڏو اثر اُنهن تي روميءَ جو هو. هن ۾ اها تضاد جي ڀالهہ پوريءَ طرح موجود آهي، سنڌي ماڻهن جا عام رويا آهن، انهن جي ابتڙ ۾ ان ڏوڙ جو جيڪو مزاج هو ان جي ابتڙ لطيف ڀالهہ ڪئي آهي.

جيتري قدر تصوف جو مامرو آهي، تصوف جا تمام گهڻا مرڪز هئا. نقشبندي، چشتي، قادري وغيره. لطيف پاڻ کي ڪنهن بہ هڪ تائين محدود نہ رکيو. هاڻي جيڪا نئين ڀالهہ لطيف جي فڪر ۾ جذبي جي مون پئي ڪئي، اِها هيءَ آهي تہ لطيف اُنهن سيني کي گڏي ان مان پنهنجو هڪ نقطي نظر ٺاهيو آهي، يونانين وانگر جنهن جو ذڪر مارڪس پنهنجي ڪتاب ۾ ڪيو آهي. تصوف جون اهي سڀ ڀالهيون بہ آهن، پر لطيف وٽ ان کان علاوه اُهي ڀالهيون آهن جيڪي ان سموري فلسفي ۾ آهن ئي ڪونہ، سڄي ان ڏوڙ تائين، پر کي ڀالهيون اهڙيون بہ ڪيون اٿس، جيڪي انهن سيني ۾ ڪونهن. مثلاً: عوام سان عشق، متحرڪ شين سان عشق، شين کي تبديل ڪرڻ لاءِ اٿاهہ جاکوڙ ڪرڻ سان عشق (Abstract) ۾ جدوجهد. جدوجهد ان حوالي سان نہ تہ ويچارو مجنون ليليٰ جي عشق ۾ هو

۾ بُنڊ ٽيو ويٺو هو "جنهن کي ويڙهي ٽي ويون ولڙيون الا!" نہ. هڪڙي (Objective) طور مکيہ مقصد طور پنهنجي پنهنجي وسيع تر معنائن ۾ مخصوص جاگرافيائي وسعتن ۾ جدوجهد ڪرڻ. ان کي هڪڙو آئيڊيل ۾ آدرش ڪري پيش ڪرڻ. هڪ حد تائين اهو رخ اڳوڻن ۾ بہ آهي. جيئن حافظ آهي ۾ ٻيا بہ آهن. انهن ۾ بہ آس آهي. جدوجهد. وڙهڻ. پر اهو ان سطح تي نہ آهي. جنهن سطح تي ان کي لطيف ڪٽي آيو آهي. سُر ڪاهوڙيءَ ۾. سُر رامڪليءَ ۾. سسئيءَ ۾. سهڻيءَ ۾. جنهن ليول تي لطيف جدوجهد کي اُڃايو آهي. اعلانيو آهي. آئيڊيالائيز ڪيو آهي. ان جو مثال اسان جي سموري شاعريءَ ۾ هندستان ۾ ايران جي شاعريءَ ۾. يورپ جي شاعريءَ ۾ ڪٿي بہ ڪونہ ٿو ملي. هومر جي حالت ۾ صرف هڪڙي خاص داستان جي حوالي سان هڪڙو ماڻهو هلي ٿو. جو وڙهي ٿو ۾ علامتي طور "باهہ" کي قبضي ۾ ڪري ٿو. جدوجهد فردوسيءَ ۾ بہ آهي. تمام گهڻي پر اها بادشاهن جي آهي. ائين نہ تہ عام ماڻهن لاءِ. سڄيءَ خلق آهي. هڪڙو انساني آدرش آڏو آندو ويجي تہ سڀ ماڻهو جدوجهد ڪن. پنهنجي گڏيل پلي لاءِ. نجات لاءِ لطيف جا جدوجهد ڪرڻ وارا ماڻهو جيڪي آهن لطيف جا آدرشي ڪردار جيڪي آهن. اهي ماڻهو آهن جيڪي اسان جي ڀڳڙ ۾ هوند نہ اچن. ڏڻل وائڙل عام ماڻهوءَ کان بہ گهٽ ماڻهو. ان ڪري چا ٿو ٿئي؟ اهو ئي تہ اهڙا ماڻهو جدوجهد ڪري سگهن ٿا تہ اسين بہ ڪري سگهون ٿا! يعني لطيف اهڙن ماڻهن کي هيرو ڪري پيش ڪيو آهي. جن ماڻهن جي پيٽ ۾ اسين ايئن ڪونہ ٿا محسوس ڪريون تہ سائين وڏا ماڻهو هئا. اهي تہ ڪري سگهن ٿا. اسين ڪين ڪنداسون؟ عام ماڻهو سوچيندو تہ آئون ڪونہ ٿو ڪري سگهان. لطيف جا جيڪي پاندي آهن. جيڪي جاکوڙي آهن. اهي تمام هيٺ آهن. ان ڪري انهن جي پيٽ ۾ ڪهڙو بہ ماڻهو وڌيڪ آسانيءَ سان انهن آئيڊيلس جي پٽيان ويجي سگهي ٿو. هندي شاعريءَ جو مون وٽ فوري ڪو مثال ڪونهي. پر ٻين شاعرن جي حوالي سان اسين ٽوري ڳالهہ ٻولهہ ڪنداسين. مثلاً: ٻن شاعرن جي حوالي سان جن کان لطيف متاثر هو هڪڙو انهن مان ان دؤر جو پنجابي شاعريءَ جو سڀ کان وڏو نالو هو شاهہ حسين جو. لطيف جا پيشرو ايراني ۾ پنجابي ڏسجن ٿا. انهن جي شاعريءَ ۾ ڪيفيت ان وقت ڪهڙي هئي جنهن کان لطيف بہ متاثر هو تہ ان باري ۾

پهريائين اسين شاهه حسين بابت ٻن ٽن ڳالهين کي سمجهڻ جي کوشش ڪنداسون. اول ته هن جي تصوف جي ڪيفيت ڪهڙي هئي، ان لاءِ شاهه حسين جو ڪلام مشهور آهي:

ٻلا هويا ڪُڙ مَڪان کاڏا، اسان ڀُڻ ڀُڻ ٽُون ڇُٽياسي. وري به اتي (With Drawl) جي ڳالهه آهي. دنيا کي ترڪ ڪرڻ جي ڳالهه آهي، دنيا ۾ ملوث نه ٿيڻ جي ڳالهه آهي. ترڪ ڪرڻ لاءِ هڪڙو شرط لازم آهي. ترڪ ڪري دنيا کي ڇڏي، موتي دنيا ۾ پوري شان سان اچجي ۽ دنيا کي پنهنجي مرضيءَ سان بدلائجي، نه ته به انهيءَ جي گند ۾ شريڪ نه ٿجي. ترڪ هڪ Negative انڪاري آهي، غير تخليقي آهي، اهو ته ماڻهو ڇڄي ويجي لڪي ويهي رهي. اهو فراري ترڪ آهي ۽ ٻيو ترڪ آهي Positive يعني هاڪاري آهي. شين کي تبديل ڪرڻ لاءِ يا غلط شين جي حصي ٿيڻ کان پاسي رهڻ لاءِ.

جيڪو سچ کان وڏو مسئلو آهي سو آهي هن دنيا ۾ هن پوري سسٽم جو حصو نه ٿيڻ. سسٽم جو حصو نه ٿجي پر ڇڄي به نه ويجي، فرار به حاصل نه ڪجي. اهي به ڳالهيون ضروري آهن. سسٽم جو حصو نه ٿيڻ ۽ لڪي ويهي نه رهڻ، ٻي ڳالهه وڌيڪ اهم آهي، ڇو ته ڪم واري اُها آهي، سسٽم کان بالاتر ٿيڻ، ان کي تبديل ڪرڻ. هيءَ مشهور وائي آهي، شاهه حسين جي، جنهن ۾ وڏي درجي جي اونهائي آهي.

جيون بيتي تون بيتي سجڻان، جيون بيتي تون بيتي،
سُرت دي سُئي، پريم دا ڏاڳا، ڪمان گدڙي سيتي.

تمام وڏي شيءِ آهي، هيءَ اسان جي گودڙي ٺهيل آهي، ٻن شين مان، هڪڙو شعور مان، رڳو پريم نه. هيءَ عظمت آهي شاهه حسين جي رڳو پريم نه. ماڻهن رڳو پريم جي ڳالهه ڪئي، ميران ٻائيءَ رڳو پريم جي ڳالهه ڪئي آهي، هيءُ چئي ٿو نه، سُرت جي سُئي، سُرت به هجي، شعور به هجي، ائدوانس خيال، اڳتي وڌيل خيال به هجي.

سُرت دي سُئي پريم دي ڏاڳي، ڪمان گدڙي سيتي،
پريم صراحي عرشون اُتري، نال سجڻ دي پيتي،
جيون بيتي تون بيتي، سجڻان، جيون بيتي تون بيتي،

ڪهي حسين فقير سائين دا نظر شاهان جي ڪيتي،
جيون بيتي تون بيتي سڃڻان جيون بيتي تون بيتي."

هيءَ ٻي سنڌس مشهور وائي آهي:

بُريان بُريان بُريان وي بُريان بُريان وي،
اسين بُريان دي لوڪا، بُريان ڪونہ ٻهوي،

برا آهيون، برا آهيون، ملامتي! پر هيءُ رڳو ملامتي ئي نہ آهي، قلندر وانگر ملامتي مڪمل طرح نہ آهي، وچ تي آهي.

اسين بُرا آهيون، بُرا آهيون ڙي، بُرن سان گڏ نہ ويهو!

سنڌي ٻوليءَ جي لهجي ۾:

چاري پلو ڇُنڙي دي، نين روندي دي ٻهتي،
آوڙ آوڙ ڪهہ گئي تي ماه ٻارهان پُني،
لکڙ هارا لک ڳيا، ڪي هوندا اي رُني،
روئڙ سان چا ٿو ٿئي! رُني چا ٿو ٿئي!

صفا سنڌي آ ٻولي.

ڪالي هرنا چرڳئي، شاهہ حسين دي ٻني.

ڪالي هرنا معني؟ ابن العربيءَ چيو آهي تہ اڳي مون کي منهنجي مذهب جون ڳالهيون وٺنديون هيون، جنهن مسلڪ تي هوندو هئس، ٻيون ڳالهيون مون کي وٺنديون ڪونہ هيون، پوءِ منهنجو ذهن سر سبز گاهہ وانگر ٿي پيو ۽ جيڪي بہ هرڻ جنهن بہ قسم جا ڪارا ۽ آڇا، اُهي ايندا هئا ۽ اچي مون وٽان چريو ويندا هئا. منهنجي دل ڪشادي آهي جيڪو اچي پلي اچي، چري وڃي، اڳي تنگ نظر هئس، ڪنهن جي بہ ڳالهہ ٻڌندو نہ هئس، اها روايت ٿي وئي هئي، پر ماڻهو جي دل سبز گاهہ جي ميدان وانگر هجي، پري پري جا هرڻ جيڪي اچن، پنهنجي حصي جو چري وڃن ۽ ماڻهوءَ جي دل تي اثر نہ پوي. اڪبر وارو نقطي نظر بہ اهو هو. جيڪو وڏو وسيع، روشن خيال تصور. اهو هو ابن العربيءَ جو ٻارهين صديءَ ۾ ايشيا جو تصور جيڪو يورپ چار پنج صديون پوءِ قبوليو ۽ پنهنجو ڪيو. مذهب جي حوالي سان هي بہ ٿي ستون جيڪي پوءِ بلي شاهہ اُنهن کي اڳتي کنيو آ.

سڄو ڏينهن مين ڪتدي ڪتدي ٿڪي.

لطيف سائينءَ هڪ هنڌ چيو آهي ته ڪتڻ ڪپي، عبادتون ڪرڻ ڪپن، رياضتون ڪرڻ ڪپن، هيءُ ٿو چئي منهنجون سهيليون، آئون ڪتي ڪتي ٿڪي پئي آهيان. بيزار ٿي پئي آهيان، ياد رکڻ گهرجي ته ڪتڻ علامت آهي، عبادت جي.

بلي شاهه هن ڳالهه کي هيئن چيو آهي:

پلا هويا ميڙا چرخا ٽُٽا، ميري جند عذاب دون ڇٽي.

"ڏاڄ" صوفين جي علامت آهي، ته "ڏاڄ ڌاهي وڻو جو سهرن جي گهر ويڙهو آهي." قيامت جي ڏينهن توهان وٽ ڏاڄ هوندو عبادت جو رياضتن جو ته توهين ڏاڄ ڪٽي ويندؤ اتي ڏينڊؤ ساهرن وٽ توهان جو قدر ٿيندو! پر

"ڏاڄ دهيج نون اسي کي ڪرنا، جس پريم ڪٽوري مُني."

اسان جي هٿ ۾ مُٺ ۾ پريم جي ڪٽوري آهي ته اسان کي ڏاڄ ڀاڄ جي ڪا به ضرورت ڪانهي. اسان جو محبوب اسان تي اڳي ئي فدا آهي. تنهن ڪري انهيءَ جي ضرورت ڪانهي! پنجابي شاعريءَ جي اها ريت لطيف ۾ ڪافي آهي ۽ ان شيءِ کي هن اڳتي ڪنيو آ. لطيف ان کي تمام نازڪ انداز ۾ ڪنيو آ:

تاجي توريائون، ته عيب نڪتا اڳيان
ڪوٽي ڪاپائتين کي پَرِ ۾ پُڇياڻون،
اگلڙي آئون مون کان پڙا پڳا نه ٿيا."

هونءَ تصور آ خدا جو ته خدا هڪڙو قادر آهي، جيڪو ڪنهن سان به رحم نٿو ڪري، ڪاپائتيون جڏهن ايندينون، ڦولڻ وارا ڦولينداِ، خبر پوندي ته اڙي هيءَ ته هڙ خراب آ! پوءِ هڪدم هن کي اُڇلائي ڇڏيندا، اُگهاڙي ٿيندي، هن کي ڪو به انعام نه ملندو، سزا ملندي، جزا ۽ سزا جو تصور آ، پر لطيف چئي ٿو:

ڪوٽي ڪاپائتين کي پَرِ ۾ پڇياڻون.

پنهنجيءَ پَرِ ۾ پڇيو ويو ماڻهن جي اڳيان نا! پڇا جو تصور آهي ته وڏي هڪڙي خواري ٿيندي، راڄ گڏ ٿيندا، ماڻهو پيا ڏسندا، اڙي تون ههڙو تهڙو آهين! هُن هي ڪيو هُن هي ڪيو هُن هي ڪيو! انتهائي قسم جي هڪڙي سخت گير عدالتي نظام جي جاءِ تي:

ڪوئي ڪاپائتين کي، پر ۾ پڇيائون،
اگلڙي آئون، مون کان پڙا ڇڳا نہ ٿيا.

يا آهي تہ:

جيڪي ڏڏن ڏي، ڳُجهائين ڳُجهہ ۾،
سو جي سُٹن ڪنن سين، ڪِرتِ وارا ڪي،
تہ ساز مڙوئي سي، هوند پٽون ڪن پلڪ ۾.

عبادتون يا رياضتون جيڪي ڇڳا ماڻهو ڪن ٿا، ان کي لطيف سائين ڪاريگريءَ سان پيٽيو آهي، سڏا ماڻهو هيءَ، قابل ماڻهو هي، هوشيار ماڻهو! لطيف وڏو آرٽسٽ ماڻهو هو. تنهن ڪري ٽڙُ لفظ چوندي ڪم آڻي ٿو جيڪي ماڻهو عابد آهن رياضت ڪن ٿا، اهي سڏا ماڻهو آهن، انهن کي لطيف سائين "ڪرت وارا" ڪاريگرن، هنرمندن، ڪرت جي ضامن محنت ڪندڙن، پورهيو ڪندڙن سان پيٽي ٿو ۽ انهن کي ايئن چوندي خراج تحسين پيش ڪري ٿو تہ هي پورهيو ڪن ٿا پر تصوف جي حساب سان الله سائين انعام جيڪو ڏئي ٿو سو ڪرت جي حساب سان، نماز روزن جي حساب سان ڪونہ ٿو ڏئي. ان کي لطيف سائينءَ پنهنجي فنڪارانہ انداز ۾ "ڪرت وارا" سڏيو آهي ۽ ٻيا جيڪي نمازون وغيرہ نٹا پڙهيو ڇاڻن، سي آهن ڏڏ، جاهل، احمق، اُهي جيڪي ڏڏ ماڻهو آهن، جاهل آهن، نٹا ڇاڻن، لطيف سائينءَ انهن کي مٹي ڪيو آهي، پڏايو آهي، آئيڊيلائيز ڪيو آهي.

جيڪي ڏڏن ڏيئي، ڳُجهائين ڳُجهہ ۾،
سو جي سٹن ڪنن سين، ڪرت وارا ڪي،
تہ ساز سمورا سي، پٽون ڪن پلڪ ۾.

**

ڇاڻين تہ بہ نہ ڇاڻُ، ايءُ در اٻوجهن جو،
اُنَ دَرِ سَي ئي اگهيا، جن نہ پانيو پاڻُ،
ريجهاڻو راڇاڻ ، آهي اٻوجهن سين.

عبادت جو جيڪو نظام علماءِ ڪرام خاص ڪري اڳتي هلي علماءِ دربار ٺاهيو هو. لطيف ان کي نهايت فنڪارانہ انداز ۾ صوفي روايت جي تسلسل سان الٽ ڪيو آهي.

روزا ۽ نمازون، ايءُ پڻ چگو ڪر،
اوڪو ٻيو فهم جنهن سان پسجي پرينءَ کي.

جيئن گورنمينٽ، هتي متبادل گورنمينٽ ٿيندي آهي، تيئن مذهبي اختياريءَ جي نظام ۾ ٻه مقابل هئا، جنهن ۾ تصوف اپوزيشن ۾ هو. علماءِ ڪرام جي سرڪاري حمايت حاصل ڪيل نظام جي هي اپوزٽ نظام هو ۽ لطيف ان کي خوبصورت ترين انداز ۾ پيش ڪيو. چاڪاڻ ته ٻُلي شاهه سندس همعصر آهي ۽ ساڻس گڏ رهيل آهي، سو تمام سخت آهي، جنهن ان معاملي ۾ چيو:

جي تون غازي بنڻا، لڪ بن تلوار،
پهلي مُلان مار کي، پيچون ڪافر مار.

اهو برملا آهي، تنهن ڪري، جيڪڏهن مقصد آهي ته مذهبي ڊڪٽيٽر شپ ۽ روحاني آمريت خلاف ڪهڙي ماڻهوءَ وڌيڪ جهاد ڪيو آهي ته اهو بلي شاهه آهي.

اسان کي هتي عمومي طور ٻه ٽي ڳالهيون سمجهڻيون پونديون، هڪڙو ته ڪو ٻه دنيا ۾ اهڙو فنڪار پيدا نه ٿيو آهي، جو "پلا پلي جو ڇيهه ڪونهي." جو ان تي ڪنهن نه ڪنهن طرح اطلاق نه ٿئي. لطيف ڪيتريون ئي حاصلاتون ڪيون آهن. هُن جي فڪر ۽ جذبي جا ڪيترائي ڪمال آهن، پر اها ڳالهه واضح هجڻ کپي ۽ آئون ان تي زور ڏيڻ چاهيان ٿو ته مثلاً اسان جو حفيظ ٽيوٽو هو. لطيف جي خاڪ جي ٻه برابر ڪونه هو پر حفيظ جهڙي، ڪا شاعري لطيف ٻه ڪانهي ڪئي ۽ ڪري سگهندو ٻه ڪونه. آئون سمجهان ٿو ته هن جي وس ۾ ٻه اها ڳالهه ڪانه هئي ته هو اهڙي ڪا شاعري جيڪا ٻين شاعرن جي ڪنهن جي ٻه شاعريءَ کان مٿي هجي: مثلاً حفيظ ٽيوٽي جي هيءَ شاعري:

تڏهن سوڍو اُٽيو سَنيري، ڪُوپو ساهي ڪَرُ،
ته مُهت ڏيارج مون ڏٺي، آهيان تو آڏر،
هاڻي هڪ جيڏن ۾، منهنجي پت رکج پرور،
ڪل ڇُري ڪڙڪو ٽيو هاڀا هُل حشر،
ممون ڳوهون ڳورپٽ، ٻيا جَرَ جا جناور،

بحر بلائون بچڙيون، ٻيون آفتون اجگر،
وات وڃڻ جي نہ ليي، ٻيا پکڙي ڪوڙ ڪپر.
(وغيره وغيره)

مطلب تہ هتي لطيف کان ڳالهہ زور آهي. ساڳيءَ طرح اسان جو سچل آهي يا سامي آهي يا ٻيا آهن، آئون چوان ٿو تہ لطيف شناسي وهم ۽ چتائيءَ جي گَڏُ وچڙ غبار مان نڪري. لطيف سائين اسان جو وڏو هو پوءِ اُتي ايئن چئون تہ هو اُنيون بہ چارينڈو هو ۽ ملاکڙي جو ملهہ بہ هو سڀ ڪم لطيف ڪنڈو هو. اها هڪڙي انتهائي جاهليت جي ڳالهہ آهي. ان کان لطيف کي آئون پري رکڻ چاهيان ٿو ۽ Disown ٿو ڪريان، قبول نٿو ڪريان تہ لطيف ۾ سڀ ڳالهيون هيون. لطيف نہ عمر خيام ٿيندو نہ ئي ڪو حافظ، هر گز نہ، ۽ نہ ئي وري عمر خيام، حافظ يا ٻيو ڪو شاعر لطيف ٿيندو. لطيف فقط لطيف هو ۽ ائين هن لاءِ چوڻ سڀ ڪجهہ هُن لاءِ چوڻ آهي.

اهو جيڪو سونهن جي باري ۾ ڪلام آهي، اهي جيڪي تڪرا آهن، قهر جا آهن، جيڪي وارث شاهہ ڳايا آهن ۽ اتي جيڪو سينگار ۽ حسن جو بيان آهي، اهو ڪڏهن لطيف Attempt نہ ڪيو آهي. اها نہ هُن جي گهٽتائي آهي نہ هُن جي وڏائي آهي. هڪڙو نظم آهي خواجہ فريد جو:

ميڏا يار وي تون، دلدار وي تون،

جن ٻڌو هوندو عين اُن جهڙي لطيف هڪڙي بہ شيءِ نہ چئي آهي ۽ آئون نٿو سمجهان برصغير ۾ ان مقابلي جي ٻي ڪا شاعري بہ آهي.

ميڏا مانِ وي تون، مَن موهن مَستان وي تون!

ان هڪڙيءَ شيءِ ۾ شاعر جيڪي انداز پنهنجي محبوب جا بيان ڪيا آهن، تنهن جو مثال برصغير جي سموريءَ شاعريءَ ۾ ڳولڻ ئي محال آهي.

حُسن جي شاعري فقط مشرقي شاعر وڌيڪ ڪري سگهن ٿا. ڪو عقلمند ماڻهو ايئن چوي تہ هيءَ "شاعري..... من موهن مستان وي تون" ايشيا جا چيني بہ نٿا ڪري سگهن!" يا هي تہ "چينين ۾ اها ڳالهہ نہ آهي، جپان ۾ آهي، ڪنهن حد تائين هندستان ۾ فقط سنسڪرت شاعري ئي ڪري سگهي ٿي. ايراني شاعري بہ ڪجهہ ڪجهہ ڪري سگهي ٿي.

عربيءَ ۾ به اها ڳالهه ڪانهي....." وغيره وغيره. ايئن چئي سگهجي ٿو ته ان طرح جي دعوائن جو بنياد حقيقتن تي گهٽ، ذاتي راين تي وڌيڪ ٿي سگهي ٿو ايئن ناهي ته لطيف جو ڪٿي به مقابلو ڪونهي. هر ڪنهن جي پنهنجي پنهنجي جاءِ آهي، پنهنجا پنهنجا بي پناهه جولان آهن، پنهنجي پنهنجي شوخي آهي، پر لطيف جنهن انداز سان پنهنجي حساب سان، پنهنجي ڳالهه ڪري ٿو اهو لطيف جو ئي خاص مقام آهي، خاص شان آهي، ان خيال سان لطيف ۾ هڪ بي به شيءِ آهي، جيڪا ٻئي ڪنهن ۾ به ڪانهي، اها به غور طلب آهي:

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
نه ڪوڏونگر ڏيهه ۾، نه ڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٽيس پاڻ، سسئيءَ تان سُور هٽا.

❊❊

جَڪرو جَسَ ڪَرو، ٻيا مڙيئي ميرِ،
متي ان خمير، اصل هئي ايتري.

❊❊

نه ڪنهن ڄائو ڄام ڪي، نه ڪو ڄام وياءُ،
ننڍيءَ وڏيءَ گندريءَ، سين آهه سِياءُ.

❊❊

لم پِلد ولم يُولد، ايءُ نجابت نياءُ،
ڪبرُ، ڪبرياءُ، تخت تماچيءَ ڄام جو.

❊❊

چنيسر چؤرنگ، ٻرنگو لوڪ ٻيو،
تنهن سين چنيو سنگ، وڃيو هار هٽ ڇُهين!

توهان نوٽ ڪيو ته خدا تعاليٰ کي ۽ رسول صلي الله عليه وسلم کي سنڌي ماڻهن جي نالن سان سڏي ٿو. يعني خدا کي تماچي سڏي ٿو ٽيندو هيئن آهي ته ماڻهوءَ کي شينهن سڏبو آهي، "فلاڻو ماڻهو شينهن جهڙو مڙس آهي"، "فلاڻو ماڻهو هرڻ-اکيون آهي." لطيف اڪيلو ماڻهو هو، ٻيو ڪوبه اهڙو ڪونهي، فردوسيءَ به ڪونه ڪيو ڪنهن به ڪونه ڪيو آ، اها جسارت ڪنهن

ڪانڌ ڪئي آ. لطيف سائين ئي آهي، جيڪو بي حد و حساب الله سائينءَ جي تعريف ڪرڻ گهري ٿو تہ ان کي ڪنهن سنڌي ماڻهوءَ جو نالو ٿو ڏئي.

ڪِبر ڪبرياءُ، تختُ تماڇيءَ جو.

ظاهر آهي تہ هتي تماڇي، تماڇي تہ آهي ئي ڪونہ

پنهون ٽيس پاڻ، سسئيءَ تان سُورَ هٽا.

پاڻ جيڪو پنهون آ سو سسئيءَ لاءِ هر ماڻهوءَ لاءِ ايئن چوي ٿو.

جڪرو جَس ڪرو، ٻيا سڀ انيرا،
جيان جڙيو جڪرو، تيان ئي نہ ٻيا،
مٽي ان ماڳا، اصل هئي ايتري.

اها ڳالهہ نوٽ ڪرڻ کپي تہ لطيف سائينءَ ان ڳالهہ کي عيب نہ سمجهيو آ. سڀ کان وڌيڪ جڏهن الله سائينءَ جي تعريف ڪرڻ چاهي ٿو تہ ان کي ڪنهن سنڌي هيري جو نالو ڏئي ٿو.

لطيف سائينءَ جو هڪڙو بي مثل شعر آهي، جيڪو سيني شين تي حاوي آهي. جيڪڏهن لطيف جي شاعريءَ کي سمجهڻو آهي تہ ان کي اهو "هڪڙو" شعر بہ Interpret ڪري سگهي ٿو. اهو آهي:

اک اُلٽي ڏار ونءُ اُلٽو عام سين،
جي لهوارو لوڪ وهي، تہ تون اوچو وه اوپار.

لطيف جي سڄي شاعريءَ کي توهان ڏسندؤ تہ ان جو تت اوهان کي ان نقطہ نظر ۾ ملندو. ماڻهن وڏين شين جي تعريف ڪئي آهي. فلاڻو وڏو هو، پهلوان هو، بهادر هو، دلير هو، لطيف بہ تعريف ڪئي آهي، سيني وڏين شين جي، خوبصورت شين جي، ماڻهن جا سهڻا ڪپڙا، سندن سهڻيون اکيون وغيره پر بلڪل عام کان اُلٽي نموني وڏن جي بدران ننڍن کي، اوچن جي بدران ننڍن کي تعريفن جو ماڻ يا ماپو ٻڌائي.

ننڍو تہ ڪوهہ، پر، وڪين آهي وترو،
وجيو ڪاڪ ڪنڊيءَ، پَهَس پکيءَ جيئن پوءِ،
ان ڪُرَ سندو ڪوءِ، ميو مانو نہ ٿئي.

**

مٽن ٽُپڪ ٽُپڪڙا، چڪندڙا اچن،
ڪڙيون ڪُيھ پڪليون، پگھر سر پيرن،
ايءُ وڙُ ويڙيچن، مون لوڏائين لکيا.

٭٭

ٽمندي نيٽين، آن کي ڪاھوڙي گڏيا.

ته ويران ۽ زوال ٿيل ماڻھو غريب ماڻھو مسڪين ماڻھو ڪمزور ماڻھو پٽن ۾ پيل ماڻھو ھُن جا ھيرا اھي آھن، پکي، جانور ڪونجون، ڪمزور ۽ قابل رحم. انھن کي خاص ڪري پيش ڪرڻ. جوڳي انھن کي ھُن جيئن سُورمون (Heroic) بڻايو آھي، جو ماڻھو انھن تي عاشق ٿي پويا ۽ اڻي انھن جو حق ادا ڪريا جنھن کي به انھن مان اوھان چاھيو تنھن جوا جيڪڏھن توھان صوفين ۽ جوڳين جو ڪردار پنھنجي ذھن ۾ رکو يا جي ڪاھوڙي آھن تن جو توھان ھڪڙي پاسي ليلائون رکو مجنا رکو ميھار به آھن، رانجھا به آھن. "مين رانجھا رانجھا ڪردي تي، مين آپي ھي رانجھا ھوئي." بلڪل ئي توھان ذھن ۾ رکو پر جيڪي وصفون ڪاھوڙين جون بيان ٿيل آھن، جيڪي وصفون ساموندين جون بيان ٿيل آھن، جيڪي جوڳين جون آھن، انساني آدرشن جون جيڪي جھلڪون انھن ۾ آھن، سي توھان کي انھن وڏن وڏن ۾ نہ ڏسبيون. لطيف پنھنجو پورو پيار پنھنجو پورو پاھوھ، پنھنجي شعور جون پوريون قوتون سڀ ليٽائي انھن ۾ وڌيون آھن، قوتن کي اوچائڻ خصلتن کي آدرشائڻ Idealise ڪرڻ، ڪنھن فرد کي نہ، فرد جيئرا ھئا، سندس دؤر ۾، الاھي ھئا، نور محمد ۽ ٻيا ڪلھوڙا حاڪم وينا ھئا، ٻيا ماڻھو وينا ھئا، ماضيءَ ۾ به ھئا، ۽ لطيف تعريف ۽ قصيدي جي فائدي ۾ آھي، خلاف نہ آھي، ماڻھو چون ٿا ته قصيده گوئي خراب آھن، پر نہ، لطيف سڀين شين جي تعريف ڪئي آھي، سيني ڪئي آھي، جيتري ڪئي آھي، ان وقت جي جڪرن جي ڪئي آھي، ابڙن جي ڪئي آھي، تمام گھٽي تعريف ڪئي آھي.

ڪوءُ نہ ڄُھاريين جکرو....

ڄُھاريين پچي ٿو ڄُھاريين معنيٰ تعريف ڪرڻ ۽ اھا صحيح ڳالھ آھي، چڱين ڳالھين جي تعريف نہ ڪرڻ گناھ ناھي ته پوءِ ٻيو ڇا آھي؟

ڪوهه نہ جهُارين جکرو، جنهن ڏيهه ڏيبا ڏيئي،
جي لُڏيا ٿي لينگهُن ۾، شالُن ۾ سيئي،
سمي سيئي، طاماعو تار ڪيا.
تار ڪري ڇڏيئين، پلٽي ڇڏيئين، تعريفون ته ڏسو.

"هيلي ۽ گرنار، ونو گنگا جر جيئن جکرو" هيلي ۽ گرنار جي وچ ۾ سمو سخاوت سان ايئن هو جيئن گنگا جو بند ٽُٽي پويا ۽ جيئن ان جو جر وهي اٿي هلي، ايئن سخاوتون پيئي ڪيائين، تعريفون ڪيائين، تمام گهڻيون، پر مڪيه تعريفون جکري کان به وڌيڪ ڪيائين، هيٺن ۽ مسڪينڙن جون:

هولي ٻُجهارت، جوڳيءَ سنديءَ ذات جي،
ڏورڻ گهٽو ڏاکڙو هلڻ ۾ حيرت،
عجب عبادت، پَهہ پروڙُ اُن جوا

❊❊

فقيراٽي ويس، اسل ڏين اُتوريا!

❊❊

هُن سيکندي هتڙا، مون ڳاڙبندي ڳَلَ.

اهي توهان منظر جيڪي ڏسو ٿا، جي توهان ۾ شاعري آهي ته محسوس ڪري سگهو ٿا. ڇاکاڻ ته جيڪڏهن توهان ۾ شاعري نه آهي ته نه آئون توهان ۾ لطيف وجهي سگهندس. نڪي ٻيو شاعر وجهي سگهندو. شاعري ماڻهوءَ جي روح ۾ هوندي آهي، سنڌي ماڻهوءَ ۾ گهٽ آهي. عام طرح ڇاکاڻ جو اسان نه مشاعرن ۾ هلون نه اُٿون ٿا، نه پڙهيل آهيون، ٻهراڙيءَ ۾ اهي ڳجهارتون، سجو ڪلچر هڪڙو سيٽيڊ ڪلچر آهي، وڏ ۾ وڏ سينگار آهي، جيڪا شاعري گنير گت چُرڻ کان ايجان نڪري نه ٿي، محبوب جي داستان ۾ ايجان گنير مان جند نه ٿي ڇُٽي. اهو هندي شاعريءَ جو نقل آهي، ۽ ان کان مٿي ناهي وڏي، اسان جا وڏا وڏا سڃاڻ ماڻهو اها ڳالهه نٿا محسوس ڪن ته سينگار جي شاعريءَ جي ارتقا نه ٿي آهي. اها سنڌي لفظن ۾ ايجان نه آئي آهي. ايجان هنديءَ جي پراٽي دقيانوسي فريم ورڪ مان ٻاهر نه نڪتي آهي. سينگار جي شاعري ٽيڙ ڪپي، پر اها سنڌي شاعري ٽيڙ ڪپي، ان ۾ اسان وٽ جلال ڪٽي آهي ۽ ٻيا آهن، پر اها ايجان

بلنديءَ تي پهچڻ کپي. ان وچ ۾ هاڻي ڪجهه خاص ماڻهن جو ذڪر ڪندس، جيڪي لطيف سائينءَ جي دؤر جا هئا. اهي ٽي چار ماڻهو ئي منهنجي ذهن ۾ آهن. هڪڙو انهن مان هو پيري بيل فرانس ۾ لطيف سائين جڏهن چوڏهن سالن جو هو تڏهن فرانس جو بادشاهه لوئي چوڏهون گذاري ويو ان کان پوءِ فرانس جي جديد دؤر جي شروعات ئي ٿي هئي ۽ ان دؤر جا چار پنج ماڻهو نهايت اهم آهن. جيڪي لطيف جي دؤر ۾ جيئرا هئا ۽ انهن فرانس تي ۽ اڇوڪي ادب تي تمام گهڻو اثر وڌو آهي. انهن مان هڪڙو پيري بيل هو ۽ ٻيو فانيٽنري. تن کان پوءِ ٽي مشهور ماڻهو آهن. انهن جا نالا اوهان ٻڌا ٻه هوندا. هڪڙو هو مانسٽيڪو Montesquien-1684-1755 اهو ان سال ڄائو هو جنهن سال لطيف ڄائو هو يعني 1689ع ۾. لطيف سان گڏوگڏ مشهور ماڻهو ڄاوا. ٻيو آهي، والٽيئر (Voltair) جيڪو 1694ع ۾ ڄائو ۽ ٻيو آهي ڊيڊرٽ (Diderot1713-84) جيڪو 1778ع ۾ گذاري ويو. والٽيئر ته يورپي ادب جو بادشاهه هو بلڪ شهنشاهه هو. علم جو ادب ۽ جديد خيالن جو فرينچ ادب جي بانين مان آهي ۽ ڊيڊرٽ اهو ماڻهو هو جنهن فرينچ هوليءَ ۾ انسائيڪلو پيڊيا پيش ڪيو جنهن جو مشرق ۾ اسين ايڏا پورو تصور ٻه ڏهن ۾ ويهاري نٿا سگهون. اهو دؤر جيئن ان کان اڳئين دؤر ۾ بو علي سينا ۽ البيروني جهڙا ماڻهو پيدا ٿيا، جن جي منزل ۽ مرتبي جو تڏهن مغرب ۾ تصور ٻه ڪونه هو. نئين يورپ جو اهو پندرهن صديءَ کان پوءِ وارو هڪ نئون دؤر هو ۽ اهو وٽن بو علي سينا ۽ البيروني ۽ جي دؤر کان پوءِ آيو هو. ساڳئي قسم جو اهڙو وارو اسان وٽ ٻه اڇٽو آهي، سو ايندو مثلاً مائوزي تنگ جهڙو ماڻهو يورپ ۾ هن دؤر ۾ آهي ئي ڪونه. چين جيڪي ماڻهو پيدا ڪيا، جنرل جياپ جهڙا ماڻهو. ويٽ ۾ اهڙو جنرل اڄ آهي ئي ڪونه. سن زو جهڙو جنرل ٻه ويٽ ۾ اڄ ڪونهي. اهي وقت جي نار جا لوٽا آهن. جي ڦرن ٿا، دارا جهڙو حاڪم ڪڏهن ويٽ ۾ ٽيو ئي ڪونه. دارا اول جهڙو پوءِ دارا ثاني ٽيو جو بيوقوف هو دارا اول قهر جو ماڻهو هو. لبرل، ترقي پسند، روشن خيال، جنهن ماڻهن کي مذهبي آزاديون ڏنيون، ته اهي ماڻهو هئا، پنهنجي پنهنجي دؤر جا. يعني ان وقت جهڙا ماڻهو اهڙا دؤر ۽ ايئن ٻه چئجي ته جهڙا دؤر اهڙا ماڻهو. يورپ بلندين تي پهتل هو ۽ اڄ ٻه آهي، ۽ سندڙ دنيا جي ٻين اڪثر علائقن وانگر زوال جي طرف هئي ۽ ايان ٻه آهي ۽ وٽن

جيڪا تصوف جي شاعري هئي ان ۾ ڪي جبريون قوتون به ڪونہ هيون، جيڪي آزاد خياليءَ ۽ روشن خياليءَ ۽ روشن ضميريءَ جي ڪا جٽادار پيڙهہ ڪنهن هڪڙيءَ نئين نشاط ثانيہ لاءِ فراهم ڪن، پر ان دؤر جي بنهہ پوئين ڏاڪي تي منهنجي ڄاڻ مطابق ايشيا جي سرزمين سنڌ ۾ هڪڙو اڪيلو لطيف ئي هو جنهن وٽ اهو Conceptual Frame Work هو. ذهني ۽ تصوراتي قالب هو تصوراتي، ذهني، ادبي، جذباتي ۽ روحاني فريم ورڪ هو جيڪو نہ رڳو مغرب جي سجاڳيءَ سان هم آهنگ هو پر ڪيترين ئي ڳالهين ۾ ان کان اڳتي هو. يورپ جي لبرل ازم جي آزاد خياليءَ جي توهان تاريخ پڙهي هوندي تہ يورپ جا جيڪي روشن ضمير ماڻهو پيدا ٿيا هئا، انهن جو خيال هو تہ انسانيت جي فروغ لاءِ انساني سماج ۾ انساني آزادين جو هجڻ لازم هو. اول اول تہ سماج ۾ سياسي لاءِ هڪ جهڙو قانون هئڻ کپي، پيو تہ ان قانون جي سڌاري ۽ بالادستيءَ جو هڪ نظام هئڻ کپي. ان نظام تي گهري نظر رکندڙ ۽ هلائيندڙ ماڻهن جا چونڊيل شخص هجن، جن جو اختيار ۽ طاقت ڇڙواڳ نہ هجي. ثقافتي آزادي هئڻ کپي، اخبارون آزاد هئڻ کپن، پر غلامي هئڻ کپي، عورتن کي ان نظام ۾ ڪا راءِ نہ هجي ۽ غريب ماڻهن کي بہ ڪا راءِ نہ هجي. توهان ان دؤر جي يورپ جي صورتحال تي غور ڪندؤ تہ حيران ٿي ويندؤ سين روشن خياليون فقط امير طبقي لاءِ هيون، غريب لاءِ نہ، عورتن لاءِ نہ، فتح ڪيل ملڪن لاءِ نہ، جن کي ڪالونيون، بينڪون سڏيندا هئا، بالادست ۽ حاڪم ملڪن جي بہ فقط چند ماڻهن لاءِ سڄي روشن خيالي، آزاد حق، وزارتون وغيره وغيره، پر اتان جي عوام لاءِ ڪابہ ڳالهہ نہ. فرينچ انقلاب جي اثر هيٺ آيل خود فرانس جي ترقي پسندي بہ جيڪا هئي سا ان جي مڊل ڪلاس تائين اچي پوءِ اتي بيهي ٿي رهي. ان کان هيٺ ان جي فيض آڏو بند ٻڌل هئا، نہ هاري ۽ نہ مزدور جو ايتري جو ايترو ڪو شمار هو. نيٺ جڏهن پنجاهہ سالن کان پوءِ 1848ع ۾ جڏهن مزدورن ۾ ڪجهہ چر پر اٿي تہ مٿن خون شام (Bloody Jue) جهڙا وار ٿيا، سورنهن هزار ماڻهو پئرس شهر ۾ هڪڙي ڏينهن ۾ ماري ڇڏيائون. روشن خياليا! پر عام ماڻهن لاءِ نہ "ماڻهو" هنن جي نظر ۾ رڳو وچون طبقو (مڊل ڪلاس) هو معنيٰ تہ وڪيل معنيٰ تہ ڊاڪٽر. "People" (ماڻهو) جو اکر جيڪو هو انهن لاءِ برابري، مساوات، برادري ۽ پائيپي، فقط مڊل ڪلاس

لاءِ بور جوازيءَ لاءِ، هاري ۽ مزدور کان مٿي واري لاءِ، هاري اهو جو لوئيءَ کي ووٽ ڏئي لوئي بونا پارٽ کي ووٽ ڏئي! هاريءَ جو ڪم به رڳو ووٽ ڏيڻ، بس. وڏيڪ گوڙ ٻوڙ نه ڪري مزدورن کي ته ڳالهائڻ ئي نه ڪپي، تنهن ڪري اهو جو "لبرل ازم" هو ڪشاده ذهني يا آزاد خيالي جا هئي سا مٿئين طبقي لاءِ هئي ۽ ان جي شاعري، ان جو ادب ۽ ان جو ڪلچر، سڄي جو سڄو روشن، چمڪندڙ ٻهڪندڙ پر غريب دشمن، "عوام" جي وصف هئي "مڊل ڪلاس" ، مڊل ڪلاس معنيٰ اپر ڪلاس سان ڇهندڙ اپر ڪلاس سان چوٽي گسائيندڙ هيٺو طبقو (لوئر) ڪلاس جنهن کي اسان ٽا چئون اهو نه، ڪالونيون نه، اهي ته انسان به نه هئا.

عين ان وقت لطيف وٽ "ماڻهوءَ" جو جيڪو تصور (Concept) آهي، سو اهو نه هو جهڙو ان دؤر جي اديبن جو هو يعني صفا پاتال ۾ ڪريل، نالي ماتر ماڻهو، تنهن کي باشعور طريقي سان کهڙو چريو ڪري ڏيکارجي، پنڪيون ڪائيندڙ ۽ واڇائين طرح جو ۽ ڳالهائي ته ڳالهائي نه ڇاٽي. ڏيپل ۽ گدلو جيئن خود اسان جي ادب ۾ اڄ به ڪڏهن ڪهاڻين جو اهڙو ڪردار اسان جا کي وسيع فلسفيانه روشن خياليءَ جي دعويٰ رکندڙ پر غريب ۽ مسڪين عوام کان ڪوهين پري رهندڙ اديب ان جي ڪردار نگاري ڪندا آهن ۽ ان پنهنجي مخصوص عوام شناسيءَ تي ناز ڪندا آهن. يورپ جي تڏهوڪي وسيع خيال ۽ روشن "ذهن" جي دعويٰ رکندڙ دؤر ۾ جڏهن "عوام" جو تصور به اهڙو هو تڏهن مشرق جو هڪڙو شاعر پنهنجي "عام ماڻهو" کي سماجي اصلاح لاءِ گهربل جدوجهد ۾ جنهن ڪردار نيائڻ لائق ٿي سمجهيو سو هو هڪ جوڳيءَ هڪ ڪاهوڙيءَ، پهاڙ جهاڳيندڙ سسئي، وقت جي بادشاهه وٽ باندي هڪ باغيرت ۽ بهادر مارئيءَ جو ڪردار روشن خيال، اڳتي وڏيڪ تصور هتي جو شاعر ڪيئن ٿي ڪري سگهيو؟ جڏهن ته يورپ ۾ به اهي تصور رائج نه هئا. يورپ لاءِ اهڙا ماڻهو ته ايجا "Alien" يعني "ڌاريا" "پرايا" ۽ پري اڇلائي ڇڏڻ لائق هئا. يورپ ۾ ته فرينچ انقلاب تائين اهي ڳالهيون هيون ڪونه يوتوپيائي سائنسدان خيالي جنت جي تصور رکڻ وارا عالم ۽ اديب بعد ۾ آيا ۽ دير دير سان ويهين صديءَ ۾ جڏهن سوشلزم اتي آيو تڏهن وڃي چيائون ته غريب به سماجي طور سرگرم ٿي سگهيو ٿي، تڏهن هنن ماڻهن جو خيال هو ته شريف ماڻهو (Gentle Men)

ئي حڪومت ڪندا، عوام تہ "ڊورن وانگر" آهن، انهن کي ڊور ئي رهڙ ڪيي، ان جا سبب ڪهڙا آهن؟ جو مشرق جو ماڻهو لطيف، هنن کان انهن ڳالهين ۾ اڳتي ۽ ايڊوانس ٿي ويو. ان تي مون ڪجهہ غور ڪيو تہ مون ڏٺو ته هيئن سمجهي تہ پهرين سجاڳي جيڪا پيدا ٿي هئي، اها يورپ ۾ ڪانہ پيدا ٿي هئي. هڪڙي ڳالهہ ٻي بہ سمجهڻ ڪپي، جيڪا آئون توهان جي ڏيان تي آڻڻ چاهيان ٿو اها هيءَ آهي تہ جنهن کي اڄ عالمي ثقافت ٿو چئجي اها ايجا تائين يڪطرفي آهي، ايجان تائين اها "يورپ جي دائري واري" آهي. ايجان تائين عالمي ثقافت جي نمائندگي يورپ ڪري ٿو. جيڪو صحيح معنيٰ ۾ مشرق جي نمائندگي نٿو ڪري ۽ انسائيڪلو پيڊيا ۾ توهان ڏسندؤ تہ توهان کي حافظ شيرازيءَ بابت فقط ٽي چار سٽون ملنديون، ۽ انگلينڊ جو رديءَ ۾ ردي شاعر جيڪو ڇهہ پئسا بہ ڪونہ لهي ان تي صفحن جا صفحا ڪارا ٿيل آهن، ڪي تہ يورپ جا برابر وڏا شاعر آهن، مثلاً جان ڊان آهي (John Donne 1573-1631) قهر جو شاعر آهي. ان سان اتي انصاف بہ ايجا نہ ٿيو آهي. يورپ جو رابرٽ برنس (Robert Burns1759-96) ايجا ڪونہ شايع ٿيو آهي. ڪيترائي فرانس جا اديب ۽ شاعر آهن، جيڪي وڏو رتبو رکن ٿا، اهي سڀ پنهنجا سڃيءَ انساني تهذيب جا معمار آهن، انهن کي ڏاريو سمجهڻو نہ آهي. پاڻ سڃي ڏرتيءَ جي گولي جا رهواسي يا شهر واسي (Citizens) آهيون ۽ اهي سڀ پنهنجا شاعر آهن، والٽيئر پنهنجو آهي، جان ڊان جيئن اڳ چئي چڪو آهيان تہ قهر جو شاعر آهي. مُلو آهي، پادري آهي پر قهر جو شاعر آهي. جنهن چيو آهي تہ:

"گهنڊ وڄن ٿا تہ ايئن نہ چئو تہ ٻئي ماڻهوءَ جي موت تي وڄن ٿا، اهي تنهنجا آهن. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن هڪڙو انسان ڪٽي پيو تہ ڄڻ انسانيت سڃيءَ ۾ ڪوٽ ٿي وئي آهي."

بهرحال اڄوڪي ثقافت جيڪا آهي، اڄوڪو عالمي ڪلچر جيڪو اسين چئون ٿا، سو يڪ طرفو آهي، ايشيا جي تمام وڏي جيڪا برتري آهي، مثلاً جيڪا سنسڪرت شاعري آهي، ان جي باري ۾ ميڪ ڊويل جو لکيل ڪتاب اهم آهي، اهو بہ اسان کي پڙهڻ ڪپي. مطلب تہ مشرق جي باري ۾ علمي ۽ ادبي دنيا وٽ ايجان پورو انصاف نہ ٿيو آهي ۽ ان جو حساب ڪتاب ايجان پوءِ ٿيندو. اها ڳالهہ سمجهڻ ڪپي، ڇاڪاڻ تہ پروسيس تائين

اها تسليم ٽيل ڳالهه آهي ته يورپ ائڊوانسڊ (Advanced) نه هو ۽ سڀ قبول ٿا ڪن ته ايشيا ائڊوانسڊ (Advanced) هو يعني ٻارهين تيرهين صديءَ تائين بلڪ 1495ع تائين جڏهن ترڪن قسطنطنيه تي قبضو ڪيو هو تنهن کان پوءِ يورپ ۾ Age of Dicoveries شروع ٿي ۽ پوءِ يورپ اڳتي وڌيو پوءِ هنن ملڪن تي قبضا ڪيا. تيستائين هندستان جي وڏي شهنشاهيت هئي، يا ترڪن جي شهنشاهيت پوءِ ٿي ۽ چين جي وڏي شهنشاهيت هئي، اهڙي ته ڪا به يورپ ۾ ڪانه هئي. انگلينڊ ته ان دؤر ۾ بلڪل ئي غريب هوا اتان جو ٽامسن جهانگير جي دربار ۾ آيو ته فوراً پنهنجي حڪومت کي خط لکيائين ته. "منهنجي ٻارهين مهيني جو پگهار هتي جي امير جي ڪپڙن جي هڪڙي وڳي جي به برابر نه آهي، هاڻي هيڏين خطرناڪ شهنشاهيتن ڏانهن اسان کي سفير ڪري موڪليو ويو آهي! پنهنجو ملڪ غريب، پاڻ وٽ پگهار لاءِ پئسا ڪونهن، هتي جيڪو رديءَ ۾ ردي امير آهي، تنهنجا پنجاهه ماڻهو نوڪر آهن، انهن وٽ هيرن جواهرن جا ڍير لڳا پيا آهن، هي امير ملڪ آهي، هتي سفير موڪلڻ اسان غريب ملڪن جو ڪم ناهي." توهان هن جي خطن مان ڏسندؤ ته دولتون سڀ هتي هيون، ترقي ۽ خوشحالي سڄي هتي هئي، علم هتي هئا، ان دؤر تائين، پوءِ به علم ۽ تهذيب ۾ هتي واڌارا ٿيندا رهيا. مثلاً ايران ۾ علم ۽ فڪر جي دائري ۾ جتي خيام پهتو ان جي مقابلي جو ڪوبه ويسٽ ۾ شاعر ان وقت جو يا گهٽي وقت تائين پوءِ جو به ڪونهي. مطلب اهو ناهي ته خيام کان وڌيڪ سڀيون ڳالهيون ڪرڻ وارا اتي ڪونه هئا، پر خيام کي ڳالهيون ڪيون آهن، جيڪي انهن ڪونه ڪيون. وري سڀيون ڳالهيون پنهنجيءَ جاءِ تي يورپ ۾ به پوءِ زبردست ڳالهيون، يگانيون ڳالهيون ٿيندڙيون رهيون. مثلاً مانٽيسڪو جهڙيون ڳالهيون هتي جي ماڻهن ڪيون ڪونهن. هتي جي ماڻهن اوب لال جهڙيون ڳالهيون به ڪونهن ڪيون. پيٽرياڪ جيڪي ڪيون آهن سي به هنن نه ڪيون آهن، ته ان جو مطلب ٿيو ته جيڪي هنن ڳالهيون ڪيون آهن. اهڙو ماڻهو پاڻ وٽ ڪونه هو پر جيڪي هتان جي ماڻهن ڳالهيون ڪيون آهن، سوال ئي نٿو پيدا ٿئي ته يورپ جي ڪنهن ماڻهو اهي ڪيون هجن. هڪ پيري آئون سنڌالاجيءَ ويس ته هڪڙو ٽڪرو مون پڙهيو. جنهن ۾ لکيل هو ته "جيڪڏهن دنيا جو سمورو حُسن،

سمورو فن، سمورو شان، سموري شوڪت گڏ ڪجي ٿہ ان جو نالو هڪڙو رکجي، اهو نالو آهي "شڪنتلا" ۽ هيءَ خراج تحسين ڪنهن ڏنو هن ڪتاب کي؟ ان لکيل ٽکري هيٺان نالو پڙهيم ٿہ آئون حيران ٿي ويس. اهو ماڻهو هو گوئٽي! اهو خيال آئون پاڻ بيان ڪرڻ پيو ڪريان پر گوئٽي جيڪو دنيا جي عظيم ترين شاعرن مان هڪڙو آهي، ان جو اهو خيال آهي! هاڻي ان گوئٽي کي ٿہ مون پڙهيو آهي، شڪنتلا کي بہ مون پڙهيو آهي! مون سمجهيو هو ٿہ رڳو آئون ڪالیداس جي شڪنتلا تي عاشق هئس پر هتي گوئٽي جهڙا ماڻهو بہ آهن، جيڪي سنسڪرت جي هن شاهڪار لاءِ ان قسم جي راءِ رکن ٿا. سنسڪرت جهڙي شاعريءَ لاءِ سوال ئي ڪونہ ٿو پيدا ٿئي ٿہ يوناني شاعري يا هي ڪا شاعري ان جي آڏو بيهي سگهي! انگريز ٿہ ويچارا ان جي آڏو ڏکي استارت ٿا لڳن. شيڪسپيئر تمام زبردست آهي، پر ڪالیداس ٿہ هي شيءَ آهي يا پرتري هري ان جون جيڪي شوخيون آهن يا خيام آهي، يا چيني شاعر لي پو (Li Po, 70-62) آهي، انهن جون پنهنجي حساب سان ڪيل ڳالهيون آهن يا جپان جي قديم شاعري آهي، جتان جي پوءِ جي شاعريءَ ۾ البت افعال ڪونهي. جپان جي ڪلاسيڪل شاعري آهي، ان جي قديم فوڪ شاعري آهي، سوال ئي ڪونہ ٿو پيدا ٿئي ٿہ يورپ ان جي بلندين تي پهتو هجي، يورپ هڪ ننڍڙو علائقو آهي، تنهن اڳوٽي زماني ۾ اهڙيون وڏيون ثقافت جون شيون پيدا نہ ڪيون، پوءِ ڪيون اٿس، پر اهي هنن جهڙيون نہ آهن، وري اتي جيڪي آهن تن جهڙا شاهڪار پاڻ وٽ ڪونهن. فارسي شاعريءَ جو ڪو جواب ئي ڪونهي، ڪو سوال ڪونهي. ان جي شوخي ۽ ان جي ڳالهہ سان پڄڻ جو. ان وقت اسان جي لطيف ۽ ڪائنس اڳ جي سنڌي ادب جي دؤر جي ڳالهہ ٿي ڪجي ٿہ چوٽو ٿو پوي ٿہ تڏهوڪيءَ دنيا جو سڀ کان وڌيڪ ڪلچرڊ علائقو جيڪو هو اهو فارسيءَ وارو هو. انساني فخر جي شوخيءَ جي وڏي ۾ وڏي اڏام جيڪا تڏهن هئي سا فارسي شاعريءَ ۾ موجود آهي، خاص ڪري خيام ۽ حافظ ۾. سعديءَ جهڙو دنيادار ماڻهو ان جي مقابلي ۾ ڪو ماڻهو هتي ڪونہ آهي، يورپ ۾ ڪو سعدي نہ آهي، حافظ بہ ڪونهي، خيام بہ ڪونهي، اُتي اِهي ٽيٽا ئي ڪونہ هئا. فردوسيءَ جهڙو ڪٽي ڏسو. هوڏانهن يورپ جو هومر آڏو رکو. اهي ماڻهو

انهن جون شوخيون، انهن جون نزاڪتون، انساني قدرت جا ڪرشما آهن. رگو مشهور فارسي شاعر جاميءَ جي ڳالهه ڪي ڏسو! مثلاً، هن جو فارسي شعر آهي، خدا جي باري ۾ چوي ٿو ته:

"اسان جو دين غريب آهي، تنهن ڪري ٻيا ماڻهو شراب پي جيڪو اوبارو بچائيندا آهن، اسان جو جيڪو پير آهي، سو اهو پيئندو آهي! ۽ نه ڪو ان وٽ زور آهي، ته ڪا زر به ڪانهيس. اسين ته هونئن ئي غريب آهيون، پر اسان جو پير به ائين آهي، پر هڪڙي ڳالهه هن وٽ آهي، سا ٻين وٽ ڪانهي، اها هيءَ آهي ته هن وٽ هڪڙو اهڙو خدا آهي جيڪو عطائون ڪري ٿو ۽ خطائون ڏڪي ٿو. ٻين وٽ جيڪو خدا آهي، سو ظالم آهي، قهر ڪريو دوزخ ۾ رگو ماڻهو پيو اڇلائي. اسان وارو پير غريب آهي پر پلوڙ خدا رکي ٿو، جيڪو عطائون به ڏئي ٿو ۽ خطائون به بخش ڪري ٿو." اها شوخي انگريزي شاعر کي ڪانه ايندي، جرمن شاعر کي ڪانه ايندي، جيئن نفيس قسم جو مذهب تي هُن انڪ ڪيو آهي، يا هن جي تصور جو جيڪو خدا آهي، تنهن تي اها جيڪا ڳالهه هُن ٻڌي آهي، يورپين شاعرن ۾ اهڙي نزاڪت آهي ئي ڪانه جو اهڙيون ڳالهيون ڪري سگهن. تنهن ڪري لطيف جي جاءِ جو اثر آهي، هن وٽ وڏو ڪلچر هو، ايران جهڙو ڪلچر جرمنيءَ ۾ ڪونه هو ڪٽي به ڪونه هو، انگلينڊ ۾ به نه هو. ڏکي استارت شاعر هئا، پوءِ جي پيداوار هئا، يورپ ۾ اهڙو ڪلچر هو ئي ڪونه، لطيف ان ڪلچر کان متاثر ٿيل آهي. پاڻ ان کي (Create) به ڪيائين. هندي ۽ فارسي ڪلچر کي گڏيو ته اهڙو هڪڙو وسيع نظام ٺهي پوي ٿو، وسيع حُسن جي حوالي سان، عشق جي حوالي سان، هيومنزم جي حوالي سان، عشق جي حوالي سان. اها ڳالهه چڱي ٿي لڳي، جنهن ۾ ڪنهن چيو ته رنيسانس (نئين سجاڳي) پهرين مشرق ۾ ٿي هئي، ۽ هيومنزم به مشرق جو الڳ آهي، هونئن عام خيال يورپ ۾ آهي ته انسان دوستيءَ جي جيڪا تحريڪ شروع ٿي، سا فقط يورپ ۾ شروع ٿي. هاڻ اتي جيڪي جاهل وينا آهن تن کي خبر ئي ڪانهي ته انسان دوستيءَ جي تحريڪ اسان وٽ هتان شروع ٿي، تمام گهڻي زماني کان پرتريءَ جي زماني کان وٺي ۽ ان کان به قديم زماني کان وٺي انسانيت هتي آهي.

خير هاڻي پاڻ وري موتي ٿا اچون لطيف ڏانهن، ان جي فڪر ڏانهن ۽ سندس ان تعليم ڏانهن جنهن ۾ خبر کان پوءِ سفر آهي، مسلسل شعور جي روشنيءَ ۾ سفر ۽ پنڌ. چو ته ڪيترائي ماڻهو آهن، جن کي جڏهن صحيح رستي جي خبر پوي ٿي ته پوءِ چا ٿا ڪن؟ پوءِ ويهو رهن! اسان چار چار پنج پنج سال ماڻهن تي محنت ڪئي هوندي، ابا پوءِ هيئن ٿيو پوءِ هونئن ٿيو هڻي هڻي چوندا، "ايئن ته ڪونهي." چڱو پلا هلون ٿا، پوءِ ڏسنداسين، وري گڏباسين. اسان پائينداسين ته هاڻي هي جهنڊو ڪٽي سنڊ لاءِ لڙندو. هاڻي هيءُ ڪم ڪندو پر نه هتي ته چڱو ماشاءَ الله هاڻ هلون ٿا.

لطيف چئي ٿو:

پيئي جن پرک، گنجي ڏُونگر گام جي،
واري سپ ورق، لوچي لاهوتي ٿيا.

خبر پئي پوءِ ويهي رهجي، پوءِ چا؟ چڱو سائين هاڻي هلون ٿا، تو کي خبر پئي هاڻ ته هل نا!

پيئي جن پٽي، گنجي ڏُونگر گامَ جي،
ڇڏي ننڊ گهٽي، لوچي لاهوتي ٿيا.

پيئي جن پروڙ گنجي ڏونگر گام جي،
ڇڏي سپ ضرور، لوچي لاهوتي ٿيا.

پيرُ پروڙي پاءِ، گنجي ۾ گُن گهٽا،
ڪاهوڙي ڪرا ويا، نڪا اوڏي ماءِ،
جنين ڏني جاءِ، تنين موڙ مهڻو.

لطيف جو ڏس ٻيو آهي:

جت نه پڪيءَ پيرُ، تت ٽمڪي باهڙي،
ٻيو ٻاريندو ڪير، ڪاهوڙي ڪير ريءَ.

لطيف چئي ٿو ته سنئين گَس تان هلجي ئي نا! ڪير ٿو چئي مون لطيف پڙهيو آهي، ماڻهن لطيف پڙهيو ئي ڪونهي. سڏيءَ نگاهه سان ڪنهن ڪٽي پڙهيو آهي؟ لطيف چئي ٿو ته، منهنجو ماڻهو سنڊي اهو آهي جيڪو گس هن

لاءِ اوهان فريبين ناهيو آهي، ان تان هلندو ئي ڪونہ. اوهان وارا گس ڪوڙا آهن، ڪپن ئي ڪونہ. جيڪي ريتون جيڪي رسمون، جيڪي گس، جيڪي شاهي رستا آهن، اهي تہ منهنجي ماڻهن جي ڪم جا ئي ڪونهن، اتان تہ هلڻو ئي ڪونهي. ان کان تہ سچو ۽ سنئون گس اهو آهي، جيڪو هنن سمجهي سوچي، پنهنجي پلائيءَ لاءِ پاڻ ورتو آهي. جنهن کي اوهين "ڪُپيري" ٿا سڏيو پر اهو تہ نئون گس آهي، جيڪو هنن پنهنجي پاڻ لاءِ چونڊيو آهي!

ڪُپيريءَ ۾ پيرُ، ڪنين پاتو پيريين.

ڪپيري معنيٰ اها جاءِ جتي پير نہ رکجي، جيڪا پير رکڻ جي جاءِ نہ هجي، جتي گس نہ هجي، جتي پير نہ رکڻ ڪپي، جتي پير رکڻ سان ڪنڌا لڳندا، جيڪو رستو سُکائون ناهي، پر:

ڪُپيري ۾ پيرُ، ڪنين پاتو پريين،
جهان منجهڻ ماڻهئين، سڃڻ تهائين سيرُ

ٻين لاءِ جتي منجهڻ آهي، منهنجو سڃڻ اهو آهي، جنهن لاءِ اهو سير آهي، اها ڪپيري ئي تہ هن لاءِ صحيح رستو آهي.

هن پُونءِ سندو پير، ڪوڙن منجهان ڪولهي.

چوي ٿو تہ، "ڪروڙن مان هڪڙو هوندو جيڪو منهنجي ڳالهہ سمجهندو." ان ۾ وٽ ڪهڙو آهي؟ شاهي جيڪي سڙڪون وهن پيون تن تان نہ هلو!

شاهي سڙڪ معنيٰ رشوت وٺي، ڪروڙ پتي ٿيو ڪوڙيون مارڪون وٺي آفيسر بڻجو، حرامپائي ڪريو مڪر ڪريو سچو ڏينهن ڪوڙيون ڳالهيون ڪريو. اهي رستا وٺو! اصل ڪپيري تہ انهن فريبڪارن جي اها وات آهي، جيڪا "سڏي وات" ڇئي اوهان کي اوڙاهہ ۾ ڦٽو ٿا ڪن، اتي لطيف ڦري دشمن جي "سڏيءَ وات" کي "ڪپيري" ٿو سڏي ۽ چوي ٿو تہ:

ڪپيريان پري ٽيا، اَڀڏي ٻڏائون....

غور تہ ڪريو توهان چئو ٿا تہ لطيف پڙهون ٿا، لطيف چئي ٿو تہ، مون کي ماڻهو اُهي گهرجن، جيڪي منهنجي اڻ ٻُڏي ٻڏن، اڻ ٻڏيون ڳالهيون ٻڏن، جيڪي انهن اڳ ٻڏيون ئي ناهن، جيڪي بہ ڳالهيون ٻڏل آهن، سي سپ رد. اهڙي ڳالهہ ٻڏو ۽ ڪريو جيڪا نہ ٻڏي نہ ڪئي وئي آهي.

هائو اهڙا ماڻهو آهن، لطيف جا ماڻهو ته اُهي آهن:

ڪپيريا پري ٽيا، اَڀڏي ٻڏائون،
انين کي آئون، هير ڏسي آئيو!

ڀ جيڪي توهان "صحيح" چئو ٿا، سو ته غلط آهي، ڪپيري ته اصل اها آهي: جنهن کي توهان "هدايت" چئو ٿا، سا گمراهي آهي، جنهن کي توهان "سونهپ" چئو ٿا، سو ته مونجهارو آهي، نڱي ڀ دولاب انهي کي چئبو آهي، تنهن ڪري "اک الٽي ڏار". وري به ياد ڪريو لطيف کي:

سونهپ ۾ سپ گهٽا....

سونهپ جو جيڪو ڏيکاريل رستو آهي، جيڪو ماڻهن ڏيکاريو آهي، اتي ته نانگ وينا آهن، رشوت جا، غداريءَ جا، موقعي پرستيءَ جا، فريب جا.

نڱ سونهون ئي ته اوجهڙ ۾ اڇلي ٿو. ڪوڙو رڳو رهنما ڪونهي، اهڙن رهنمائن جي پٺيان هلندؤ ته اتي ته نانگ وينا آهن.

سونهپ ۾ سپ گهٽا، مُنجهڻ ماکي هوءِ،
پرو تنهين پوءِ، جو اُجهي پُيئي ان تان.

جيڪو تجربو ڪندو تنهن کي خبر پوندي ته هنن رهبرن جي پويان هلڻ نانگن جي ور چڙهڻ آهي. جيڪو رُلي ٿو پنهنجي منهن هلي ٿو مُنجهي ٿو ڀ راهه پائي ٿو ته اها راهه هن لاءِ ماکيءَ جيئن مٺي به آهي ڀ سٺي به آهي. هيءُ مغربي دنيا جو تصور آهي.

"Depend upon your self, find the way and don t give up, reach the bridge and you will cross it"

ثابت ڪيل ٽيل علم کان سواءِ ٻيو علم بي پروسي آهي، Question the received Knowledge اهي يورپ جي سجاڳيءَ واري دؤر جا تصور آهن. منجهڻ پلو پلي منجهو، پر هلو ويهو نه، چو جو هلندا سي نه مُنجهندا. منجهڻ ماکي هوءِ، جهنگل هليا سي نه پليا، راهه هليا ڦُرجن. ڪويلن جي راهه تي هلبو ته ٽپڙ وڃائبا. لطيف جا قاعدا پنهنجا آهن، سڄو ڏينهن يا لطيف! يا لطيف! ڪرڻ سان لطيف ڪونه ٿو واهر ڪري، لطيف کي پڙهڻ کان وڌيڪ پُرجهبو هن کان پڇبو ته جواب هُن وٽ هڪيا آهن. لطيف چوي ٿو:

جهنگل هليا سي نہ ٻُليا، راهہ هليا ڦرجن،
اوجهڙ سي نہ ٻُونِ، ٻيئي جنين ڇڏيون.

ٻيئي معنيٰ ڇا؟ هيءَ دنيا ۽ هوءَ دنيا، نمازون پڙهيون تہ بهشت ۾ پئون، بهشت جي آسري جي ايئن وينا انهن ٻہ ٽپڙ نہ ڪيا. هتي رشوتون وٺي مال ميڙڻ تان تہ هٿ کڻڻو آهي، پر هتي رشوتون ڏيئي حورون هٿ ڪرڻ، ان جو آسرو ٻہ ڇڏڻو آهي.

لطيف جهڙا جيڪي اسان جا دلبر ماڻهو آهن، انهن کي ٿورو اونهو ڏسڻ کپي، هنن کان وڌيڪ هيرا روءِ زمين جي شاعريءَ کهڙا پيدا ڪيا آهن؟ پاڻ تي غور ڪريو پاڻ تي اسين سنڌي ماڻهو گهٽ غور ٿا ڪريون، انهن جي اندر ۾ شريعت يعني انصاف يا فيصلو آهي ئي ڪونہ. رڳو شريعت شريعت جي رٽ لڳايو وينا آهن، اڙي ڏٽي ڪا سولي ڪري، ڪا شريعت ڪريو ڪو فيصلو ڪريو ڪو انصاف ڪريو ۽ سڀ کان اول پنهنجي پاڻ سان، ڇا "شريعت" جي معنيٰ فيصلو يا انصاف ڪونهي!

نوري ۽ ناري، جوگيئڙا جهان ۾.....

"جوگيئڙا" جوگي! لطيف جي انهي پاڙهيل ۽ پرت پرئي لفظ تي غور ڪريو!

نوري ۽ ناري، جوگيئڙا جهان ۾،
ٻري جن ٻاري، آءٌ نہ جيئندي ان ري،

رڳو ٻر نہ، ٿورو ان تي ٻہ غور ٽيڙ کپي، ٻيو لطيف جو هڪڙو شعر آهي، جيڪو ڪنهن نہ سمجهيو آهي:

ٻريائي تہ ٻار ڦوڪ تہ لڳي انبرين.....

"انبرين" معنيٰ "آسمان تائين" چوي ٿو جيڪڏهن ٻري اچئي! پهرين تہ ٻار نہ، ٽانڊي ۾ هٿ نہ وجهہ پر ڪو تو کي ٻاري ڇڏي، ٻري اچي تنهنجي مٽان، تہ پوءِ رڳو دفاع نہ ڪر، پوءِ ٻار جيڪو تنهنجي پٽيان پوي ۽ جيڪو تنهنجي لاءِ ٻاري رکي ۽ تو لاءِ ٻاري، ٻاريائي معنيٰ ٻري اچئي، تہ پوءِ ٻار ۽ ٻاري رڳو ويهي رهئين! نہ! "ڦوڪ تہ لڳي انبرين" او وڃي آسمان کي لڳي، هيءَ آهي لطيف جي صلاح.

نوري ۽ ناري، جوگيئڙا جهان ۾،
ٻري جن ٻاري، آءٌ نہ جيئندي ان ري،

پهرين پاڻ کي ٻاري (پهرين پاڻ ٻرن ٿا) پوءِ جهان کي ٻارين ٿا. فرد تائين پاڻ کي محدود نہ ٿا ڪن. "پنهنجو اجايو" "ذات جو نرواڻ" نٿا ڳولين. روايتي تصوف سڄو قيدُ آهي. ذات جي نجات ۾ اها گرفت ڇڪتي مت کان نڪتي آهي. جيڪا هندومت کان نڪتي. عارفي مت کان نڪتي ۽ پوءِ ٻُڌ کان آيل آهي. پنهنجي ذاتي (Personal) انفرادي Individual نجات. اهو آهي Ideal هنن جو پر جوڳيئڙن. پانڌيئڙن. ڪاهوڙين وٽ ايئن ناهي.

"هري جن ٻاري"

ٻين لاءِ ٻاري. هي سڄو Public-Sprit اُمنگ آهي. سڄو Collective Spirit آهي. صوفي يا صوفين جو جنهن معنيٰ ۾ تصوف اڄ وٽن آهي؟

جوڳيئڙا جهان ۾ هٿا منجهه حمام.....

گرم پاڻيءَ جي ديگ ۾ وينا هٿا.

جوڳيئڙا جهان ۾ هٿا منجهه حمام
آراٽا آرڳ ٽيا. اوڏا نہ آرام
ڪيائون قيام آءٌ نہ جيئندي ان ري

"آئون نہ جيئندي ان ري" ان ۾ وراڻي جيڪا آدرشتاً آهي. بار بار جو هانءُ تي ڏڪ لڳي ٿو اهو "آءٌ نہ جيئندي ان ريءَ" "ان سان لطيف پنهنجي من جي ڪيفيت اسان کي ٻڌائي ٿو. انهن ماڻهن کان سواءِ آئون جي نٿو سگهان. اهي ڪهڙا ماڻهو آهن؟ انهن جي من جا راز ڪهڙا آهن؟ اهي جيڪي "جوڳيئڙا جهان ۾ هٿا منجهه حمام" انهن وانگر ايئن زندگيءَ ۾ رهجي. جيئن ديگ تتل پاڻيءَ جي رجهي بي آرام بي چيني. اهو ساڳيو تصور لطيف ٻئي هنڌ ٻہ بيان ڪيو آهي.

جيئن سو تئي ترو ڪامي ڪوري وچ ۾
مون کي ڏنو سڄڻين. منجهان سڪ سرو
وَرُ جهيڙو اِيُ ٻرو مَ ڦوڙائو سڄڻين.

جيئن سو هرڻ هُماءِ. سر گردان سنسار ۾
هُو پڳُ نہ کوڙي پٽئين. هو ڏر سر ڏري نہ ساهُ
جيڪس تن مُلاءُ. سسئي سور پرائيا.

بيچين روح، سڄو وقت هن جهان کي بدلائڻ جي فرض جي ادائگيءَ ۾ مصروف ماڻهو لڇندڙ ۽ لوچيندڙ. لطيف جو آئيڊيل بي چين ماڻهو آهي، لطيف جو آئيڊيل گهر ويڙل ماڻهو ناهي، پُر سڪون ماڻهو لطيف جو آئيڊيل ماڻهو ناهي، ۽ ٻيا ماڻهو ڪير، ٻيا به آئيڊيل اٿس.

سُتي سيجَ هُياس، مون کي آهه اُٽاريو
جنين جاڳاياس، آءٌ نه جيئندي ان ري

***

صبح سڳڙيون ڪٽي، ويا وڃائي ويرُ،
ڏوريان، ڏوريان نه لهان، تن بيراڳين ٻهير،

هي توهان جي اڳيان ڪجهه منظر آهن. هاڻ توهان غور ڪريو ته ڪهڙا منظر آهن. لطيف کي ڪهڙا ماڻهو وٽن ٿا. لطيف جا Ideals ڪهڙا هئا. لطيف جا هيرا ڪهڙا آهن؟ رڳو هن ۾ توهان به تي منظر ڏسو.

صبح سڳڙيون ڪٽي، ويا ڃائي ويرِ.

سڳڙين کي توهان "تبليغ" چئو. سڳڙيون وڃائڻ هي ته علامتن جو راڳ آهي، هڪڙو ماڻهو ويو ويجي. اٿاريائين، ويجي سڄي ڳوٺ کي اٿاريائين، "ابا! هيءَ سنڌ تباهه ٿي ٿئي، مڙس ماڻهو ٿيو اتي ٻيهوا اِهي هيرا اُهي آهن، هر دؤر ۾ شاعريءَ جو فهم نئون ٿيندو آهي، نئين حالتن مطابق.

صبح سڳڙيون ڪٽي، ويا وڃائي ويرُ،
ڏوريان، ڏوريان نه لهان، تن بيراڳين ٻهير،

هن چئي هُن چئي پيا ويجن. چوي ٿو "پيا ويجن." هڪڙي هنڌ ڪونه ويٺا آهن، اسين ويجون نه ۽ جي ويجون ته هڪڙي هنڌ ويهو رهون.

جن آسڻ منجهه نبير، آءٌ نه جيئندي ان ري

***

پسيو آسڻ اُن جا ٻانهُن وجهان وات،
هو جي ڪهيا ڏانهن قلات، آءٌ نه جيئندي ان ري

قلات وڃڻ وارا، گهر ۾ ويڙل نه، انهن مان لطيف بيزار آهي.

هُو جي ڪهيا ڏانهُن قلات، آءٌ نه جيئندي ان ري

*

نڪي ڪٽن پاڻ سين، نڪي ساڻن پاڻ.

پاڻ معنيٰ خودي انا.

نڪي ڪٽن پاڻ سين، نڪي ساڻن پاڻ،
اهڙا جن اهجاڻ، آءٌ نہ جيئندي ان ري

*

پاڻهي وينا پاڻ سين، پر ۾ ٽين پرياڻ.

پنهنجو پاڻ سان وينا ڳالهائين. ان تي غور ڪريو ٻيو ماڻهو ڪونهي. پاڻ ۾ وينا آهن. هڪ ٻئي سان صلاحون پيا ڪن. انگريزي ناول نويس چارلس ڊڪنس (70_1812ع) لاءِ ڪنهن ماڻهوءَ چيو تہ جڏهن ننڍڙو هو تڏهن ڪنڌ ۾ وينو هو. ماڻس ڳولي ڳولي ٽڪجي پيس تہ آهي ڪٽي! ڏسي تہ ڪنڌ ۾ وينو آهي.

"ڪتا! تون اتي لڪو وينو آهين؟"

"ماڻ! آئون پاڻ کي آکاڻي ٻيو ٻڌايان." (I am telling myself a story) تہ هي اهي ماڻهو آهن.

پاڻهي وينا پاڻ سين، پر ۾ ڪن پرياڻ،
اهڙا جن اهجاڻ، آءٌ نہ جيئندي ان ري

*

ويراڳين وڻن، ڏسڻ گهڻو ڏهلا

ويراڳين جون جيڪي صورتون آهن، انهن جي رنگن کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ لاءِ هڪ ٻولي ٻوڙن سين، ٻيو سندا فانين فَنَ

ماڻهو ساڻن ڳالهائي ٻيو جڻ ٻوڙن سان ٻيو ڳالهائي. ٻوڙا آهن ڪوڙا، پر جهڙا ٻوڙا.

هڪ ٻولي ٻوڙن سين، ٻيو سندا فانين فَنَ،
کي گهرجن گَنَ، آءٌ نہ جيئندي ان ري

انهن کي ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ کي ٻيا ڪن ڪپن، هي ڪن ڪوڙ ڪپن.

"جُزو وڃايو جوگئين."

ڪائنات کي سڃو يڪو هڪ ڪري وڻن ٿا. جز نہ، هي عيسو موسو وغيره وغيره ننڍڙي ڳالهہ آهي، ائين نہ.

جَزُوِجايو جوڳين، ڪُلَ سين آهين ڪم.

انسان ذات جنهن حالت ۾ آهي، ان جي ڪليت ان تصور کي ٽورو توهين سمجهڻ جي ڪوشس ڪريو. ان مان توهان کي گهڻو علم ملندو جي پڙهندؤ تہ

آسڻ جن عدم آءُ نہ جيئندي ان ري

هاڻي هيءَ هڪڙو ذڪر آهي، ڪجهہ ڏينهن جو جن ۾ ہڏايل آهي تہ جوڳي چا ٿا ڪن. ڏسو تہ ڪهڙو رومانٽڪ منظر آهي، هنن جي ڪمن ڪارن جو تصور جو اهو بہ لطيف پاڻ بيان ڪيو آهي. توهان ڏسو تہ لطيف جي نظر ۾ اهي ماڻهو ڪير آهن ۽ چا ٿا ڪن. هي هڪڙو لطيف جو عالمي تاريخي تصور Concept آهي. اهي ماڻهو جيڪي لطيف کي وٽن ٿا، جيڪي جوڳي آهن، جيڪي ڪاپڙي آهن، جيڪي سامي ۽ سنياسي آهن، لطيف انهن جي مشغولين جو هڪڙو ڏهن ہارهن ڏينهن جو تصور پيش ڪيو آهي، ان مان توهان کي سمجهہ پوندي، تہ هنن جي اندر ۾ ڪهڙي ديگ پئي رجهي، هنن جو تصوراتي فريم ورڪ ڪهڙو آهي؟

ڪيم ڪاپڙين جي، پهرئين ڏينهن پروڙ
سگها ساعت نہ هيڪڙي، چارئي پهر ڇُور
سدائين سيد چئي، هُون سنياسي ۾ سُور
جوڳي ساڻ ضرور، لڪا پٽن لوڪ ۾.

لڪا پٽن، زور "لڪڻ" تي آهي، پبلسٽي نہ. لڪا پٽن لوڪ ۾.

ويهي ويراڳين جو ہئي ڏينهن ہُڏم حال،
ان جا ڏاڳا ڏوڙ ٻُڪليا، جاڳوتا زوال،
تن جاڻي جٽائون ڇڏيون، چوتا چڱي چال،
ويچارا وجود جي، ڪنهن سان ڪن نہ ڳالهہ،
نانگا ٽيا نهال، لڪا پٽن لوڪ ۾.

غمگين ناهن، فارسيءَ جو لفظ "غمگين" جي معنيٰ ۾ غمگين! پنهنجي قصي تي ڪو غم ڪرڻ ايئن ناهي، حافظ ٽو چئي:

"وفائون ڪندا آهيون ۽ ان جي عيوض ملامتون ملنديون اٽئون ۽ پوءِ خوش ٽيندا آهيون، خوش رهندا آهيون! جو تہ اسان جي "طريقت" "شريعت" ۾ ڪم ڪندي مليل ڏکن تي رنج ٽيڻ ڪفر آهي."

ٽئين ڏينهن ٽمڪائين، دونهيون دائرن ۾،
ميڙيو ڪڙڇ ڪائيون، جوڳي جلائين.

ڪائيون گهٽيون ڪونہ اٽن، بند بہ ڪونہ اٽن، مڇ لاءِ صحيح ڪائيون ڪپن، اهي بہ ڪين اٽن، پر جوڳي استاد آهن، ننڍڙيون ننڍڙيون ڪانڙيون ڪٽيو تن مان هيڏيون باهيون ٻاريو وينا آهن، "وسيلا ٿورا اُپت گهٽي."

ميڙيو ڪڙڇ ڪائيون، جوڳي جلائين،
سنديون ڪامڻ خبرون، آديسين آهين،
ڳُجهہ نہ ڳالهائين، لڪا ٽِڻن لوڪ ۾.

❊❊

چوٽين ڏينهن چوگان ۾، ڪنهن جنهن پهہ پيا،
وَهَمَ پريان جي وڌيا، تن ۾ ڪوڙ ڪها،
اندر آديسين کي، اچن جوش جِها،
سامي سونَ ٽيا، لڪا ٽِڻن لوڪ ۾.

❊❊

سونُ ٽيو لڪا پيا آهن، ڏوڙ ٽيو ڪونہ لڪا پيا آهن.
ڪنهن جنهن پُور پچائيا، پنجين ڏينهن پئي؟
اندر آديسين کي، سُورن شاخ ڪئي،
محبت جي ميدان ۾، لاشڪ پيا لهي،
تن کي ساري رات سيد چئي، گوندر ساڻ گئي،
ڪيو سيڙ سهي، لڪا ٽِڻن لوڪ ۾.

سندن ساٿي ئي هنن کي سجاڻن ٿا، پيا هنن کي سجاڻي ڪونہ سگهندا.
پيا ڪنهن پَرياڻ ۾، ڇهين ڏينهن ڇٽي
اندر آديسين کي، ڏُريان ئي ڏٽي،
هري ٻاجهارا ڪيا، ڪائنيءَ خاڪ ڪٽي.

انهن کي هري وسائل خاڪ وانگر، هري هري پاڻ بہ اهڙا ٻاجهارا ءِ شفيق ٿي ويا آهن.

پنيو پنج ڪٽي، لڪا ٽِڻن لوڪ ۾.

ستين ڏينهن سيد چئي، ڏاڃا ڏوتائون،
ايي الک سامهون، ٻانهون ٻڌائون،

وري به ڏسو وري به لطيف آهي.

وڏيءَ ڪنهن ولات جا اُهج آندائون،
پيتوڙي ٽيو اتي پيا هجن، اتي جي ڀالهه ناهي ڪنهن وڏي ڪم
۾ آهن.

روح پنهنجو رام سين، پر ۾ پوتائون،
ڪٽيو کدائون، لکا ڀٽن لوڪ ۾.

اٽين ڏينهن اُيي ويا، جوڳي جاءِ بجاءِ
هڪڙو مڪمل آپريشن آهي.

سا پر سامي سکيا، جا پر جوڳ جُڳاءِ،
ويروتار وجود ۾ ان کي رام رهيو ئي آهه،
ڪنهن جي ڪمائي لاءِ، لکا ڀٽن لوڪ ۾.

کا ننديڙي ڀالهه کانهي، وڏي ڪنهن ڪم ۾ جُتيل آهي.
نائين ڏينهن نيٽان، اوجاڳي اُجاريا،
سباجهي ٻاجهه کي، سيجاڻي سيٽان،
جتي نظر ناڻ جو اتي اوتاران،
اهي اُهجاڻان، لکا ڀٽن لوڪ ۾.

اهجاڻ رهي اٽن.

ڏهين ڏينهن ڏک ٽيا، پرين پاڻهيا، پَسَ،
ورق جي وصال جا، سي واري ڪيائون وَسُ.

اها جدوجهد ڪري وصال پنهنجو وس ۾ ڪري ڇڏيائون.

لڏائون لطيف چئي، سندو گروءَ گَسُ،
جوڳي ڪنيو جَسُ، لکا ڀٽن لوڪ ۾."

لطيف جا جيڪي Ideals آهن، جيڪي آدرش آهن، سي سڄ پڄ عالمي سطح جا آهن، سنڌي يا سنڌ جا ناهن. توهان جڏهن عالمي ڪلچر کي نه سمجهندؤ تيستائين لطيف کي نه سمجهندؤ. جيڪڏهن عالمي

ثقافتي، روحاني ۽ مادي تاريخ کان توهان اڻ واقف هوندؤ تہ هي جيڪي آدرش آهن، توهان کي اجنبي لڳندا. توهان چوندا، "اهي رڳو شاعرن جون ڳالهيون آهن!" پر توهان پاڻ جيڪا تاريخ پڙهي آهي، توهان گليلو پڙهيو آهي، توهان ڪولمبس جو سفر ڏٺو آهي، توهان مارڪس جي ڳالهہ ٻڌي آهي، توهان هوچي منهہ پڙهيو آهي، ان جي ڳالهہ ٻڌي آهي، توهان حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جو جيڪو انقلاب آهي، تنهن کي پڙهيو آهي، توهان فرينچ انقلاب پڙهيو آهي. توهان انگلش انقلاب پڙهيو آهي، ايڏا وڏا انساني فخر جا ڪارناما توهان جي پڙهيا آهن، تہ پوءِ توهان ضرور چوندؤ تہ هي ماڻهو برابر هوندا. ههڙا ماڻهو ٿيندا آهن، ههڙا ماڻهو ٿي سگهن ٿا ۽ ههڙا ماڻهو ٿيڻ کپن. لطيف جو مقصد آهي تہ سنڌي سماج جيڪو موجود آهي ۽ جيڪو سنڌي سماج ۽ ان جي ارد گرد انساني سماج آهي پر خاص طرح هن جي سامهون جيڪو سنڌي سماج هو ان کي نئون بڻائڻ، آدرشي ليول تي آڻڻ ۽ ان لاءِ صرف خيالي ڳالهيون نہ پر ان جي جدوجهد لاءِ اهو سيڪجهہ ڪرڻ جنهن جدوجهد لاءِ ڏس ان کي سندس ئي سامين، جوگيڙن ۽ ڪاهوڙين مان بہ ملي ٿو ۽ پنهنجي ڳالهہ ڏانهن اسان جي پوري ڌيان ڇڪائڻ لاءِ ان مان پوري فائدي ونڻ لاءِ اسان کي واٽ ڏسيندي چون ٿا:

سيوا ڪر سموند جي، جت جَرُ وهي ٿو جال،
سوين وهن سير ۾، ماڻڪ موتي لال،
جي ماسو مليئي مال، تہ پوڃارا پُرِ ٽئين.

❋

ڪاري ڪيڙائو متي مٺي موٽيا،
سودو ڪن نہ سون جو وڏا وهائو،
موتي جي مهراڻ جا، تن جا تامائو،
ساموندي سائو لنڪا لُوڻي آئيا.

اهي ساموندي جن جو ميدان، جن جي ڪيڙ هن زمين تي ناهي، جن جي ٻني سمند آهي، ڪارو ٿا ڪيڙين، مٺي تہ زمين آهي، ڪارو ڇا آهي؟ جيڪو چار ياڳي ٽي هن ڌرتيءَ جو حصو آهي. سنڌي ماڻهو سمند ۾ ويو ئي ڪونہ. لطيف ان ويڃي کي پنهنجي ذهني ذات سان چيري چڏيو. سنڌي هندو ويندا هئا، مسلمان

تہ گھر کان ٻاهر هاڻي بہ ڪوبہ ٿو نڪري هيءُ سمنڊ جي ڳالهہ ٿو ڪري ڏرتي هن جي اڳيان ڪجهہ ڪونهي، سمنڊ آهي، وشال دنيا. فڪري طرح، ذهني طرح هن جو سچو خواب آهي. هڪڙو نئون انسان، هڪڙو نئون سماج، هڪڙو نئون تصور، هڪڙو نئون احساس، هڪڙي نئين روحاني، مادي ۽ فڪري دنيا. تنهن جي لاءِ لطيف هڪڙو نقشو ڏنو آهي. هڪڙي راهہ عمل ڏني آهي، هڪڙو اسان کي اتساهہ ڏنو آهي، هڪڙي اسان کي نصيحت ڪئي آهي، هڪڙي اسان کي راءِ ڏني آهي ۽ روحاني طرح اسان کي حڪم ڏنو آهي، لطيف جي وصيت بہ آهي، اسان جي سمورن ايندڙ ۽ اڃوڪن نسلن لاءِ هڪڙو حڪم بہ آهي، جيڪڏهن اسان هن کي پنهنجو مرشد سمجهون ٿا، هادي سمجهون ٿا، مذهبي معنيٰ ۾ نہ پر فڪري، روحاني ۽ نظرياتي معنيٰ ۾، اسان لاءِ هي هڪڙو حڪم آهي. لطيف اسان جو هڪڙو اوچو فڪري جدوجهد جو سپ ڪان اوچو پرواز ڪندڙ جهنڊو آهي. لطيف ڪان اوچو جهنڊو ڪنهن قوم کي مليو ئي ڪونهي، جرمن قوم کي بہ نہ مليو اسان خوشنصيب آهيون جو اسان وٽ هڪڙي اهڙي شيءِ آهي، "هڪ رانجهو لکان دا مٽ"، پي قوم کا بہ اهڙي خوشنصيب نہ آهي، جهڙا پاڻ آهيون، ۽ هن معنيٰ ۾ پاڻ کان بدنصيب بہ کا قوم ڪانهي تہ اسان اُن ائنگل (Angle) سان ان نقطي نگاهہ سان هن کي تمام گهٽ ڏنو آهي. منهنجي توهان کي گذارش ٿيندي تہ توهان هن کي ان انداز سان پڙهو ۽ ان وسعت سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو ۽ وڏي ڳالهہ آهي تہ ان مطابق پاڻ عمل ڪريون، منهنجي خيال ۾ هي ڳالهہ اسان جي لاءِ اسان جي مستقبل جي پنڌ کي مختصر ڪندي ۽ اسان جون راهون روشن ڪندي.

جيئي سنڌ ـ جيئي لطيف

سنڌ انٽليڪچوئل فورم طرفان ڪرايل ليڪچر پروگرام ۾ رسول بخش پليجي جي ڏنل ليڪچر جو مڪمل متن. هي پروگرام محمد ابراهيم جويي جي صدارت هيٺ 19 ڊسمبر 1997ع تي پليجو هائوس، پرنس ٽائون، حيدرآباد ۾ منعقد ٿيو.

لطيفي روايت ۽ ان جي پوئيواري

سنڌي شاعريءَ ۾ هڪڙو نالو اول ۽ آخر آهي. سنڌي شاعريءَ جي اعليٰ روايتن ۽ بلند قدرن جو سرچشمو 'لطيف' آهي. هر نقطہ نظر، هر ذوق، هر لياقت ۽ هر قسم جي سنڌيءَ جي اڳيان لطيف جي شاعري اسان جي ادب جي سڀ کان بي بها ميراث آهي. لطيف جي شاعريءَ کي هر ڪنهن پنهنجي پنهنجي نموني پڙهيو، پروڙيو ۽ پيار ڪيو آهي. ٻين وانگر، اسان جا موجوده شاعريءَ جا ابا ۽ باقاعدي شاعر بہ شاهہ جي عظمت جا قصيدا ڳائين ٿا.

ڏسڻو هي آهي تہ آيا اهي شاهہ جا معتقد ۽ مريد رهڻو عقيدت جا لفظي 'پڑ چاڑهڻ' جا ملوڪ آهن، يا سچ پچ سندس روايتن ۽ قدرن تي ايمان رکن ٿا، انهن جي پيروي ڪن ٿا ۽ ان وات تي هلن ٿا. پلا، شاهہ جي هن بي پناهہ مقبوليت جا اصل سبب ڪهڙا آهن؟ ماڻهو چون ٿا تہ هو انهيءَ ڪري مقبول آهي، چاڪاڻ تہ هو صوفي، درويش، ولي ڪامل، حق آگاهہ، بحر معرفت، مخزن اسرار الاهي، ۽ شارح قرآن هو. هو بيشڪ اهو سڀ ڪجهہ هو، پر سوال آهي تہ سنڌ ۾ جتي خدا جي فضل سان گهر گهر عيد آهي، شهر شهر بلڪ ڳوٺ ڳوٺ کي پنهنجو ڪامل ولي، مرشد حق آگاهہ، درويش معرفت رشيده آهي، اتي هڪڙو ٻيو بہ ولي پيدا ٿيو تہ ڪهڙي وڏي ڳالهہ آهي. رهڳو اسان جي نٽي واريءَ مڪليءَ ۾ ئي چون ٿا تہ سوا لک اولياء الله جا پيا آهن. سڀ درويش، سڀ ڪامل، سڀ ولي، سڀ ڪرامتن جا صاحب هڪڙو ٻئي کان زور. سيوهڻ، روهڙي ۽ جهوڪ. چوطرف ڪرامتون، اسرار لقاءَ، حال، قال! در حقيقت سنڌ ۾ ولين کان سواءِ ٻيو آهي ڇا؟ پر سچي سنڌ ۾ لطيف فقط هڪڙو آهي ۽ رهندو. چو تہ هو ولي هجڻ کان قطع نظر، هڪ نرالو ۽ پيارو انسان هو. خدا رسيده تہ گهڻائي پيا آهن،

پر هو انسان رسيده هو. هن انسانن جي روح ۾ جهاتي پائي، انسانن جا دک درد، سندن جذبا ۽ احساس ڏٺا هئا.

هو سچو مومن هو اسلام جو پيرو ۽ توحيد پرست هو. پر هن عرب ۽ ايران جي بدران پنهنجي دل جو ڪعبو بدنصيب ۽ پياري وطن، سنڌ، کي بنايو. ايران جي آبجو ۽ شيراز جي باغن ۾ نڙندڙ سرو، سمن، لالہ، نرگس ۽ سنبل جي بدران هن پنهنجي وطن جي پُسين، پيرن ۽ ڏونرن جي حسن جا نغما ڳايا. جتي ان وقت جي هند ۽ سنڌ جا نام ڪنيا شاعر بهادريءَ ۾ رستم، سهراب ۽ اسفنديار جا مثال ڏيندا هئا، اتي هن پنهنجي وطن جي هيرن- ابڙي، جکري ۽ سپڙ- تان گهورون گهورون، سندن سخا، مردانگي ۽ دليريءَ جا داستان ڳائي، کين امر ۽ لازوال ڪري ڇڏيائين. هو جڏهن خود خدا جي رحم، ڪرم، عنايت، محبوبيت ۽ بي نيازيءَ جي شان بينا ڪرڻ لاءِ حسين استعارا ڳولي ٿو تڏهن کيس وطن جا دلير ۽ بانڪا ياد پون ٿا ۽ هو خدا کي پنهون، تماچي، جکرو، چنيسر، راڻو ۽ سپڙ سڏي ٿو. هيءَ ڳالهہ آهي، جا ڪنهن بہ عرب ايراني، هندي يا سنڌي شاعر نہ ڪئي آهي. هن جي انهيءَ خوبصورت دليريءَ اڳيان خود روميءَ جهڙي مست جي سموري ڳ ۽ جلال عاجز ٿا لڳن.

لطيف هر ڳالهہ ۾ پنهنجي دور جي ٻين شاعرن کان نرالو آهي. ان وقت سند ۽ سنڌ تي فارسيءَ جو راج هو. درٻار جي زبان فارسي هئي. علم ۽ فن ي زبان فارسي هئي. سنڌي شاعري صرف ڳوٺن ۾ نامعلوم جڳهن تي ڪو ڪندي هئي، نہ تہ هر هند فارسي شاعريءَ جو بول بالا هو. لطيف هيءَ روايت ۽ دستور کي اورانگهي ۽ لتاڙي، پنهنجي الڳ راهہ ورتي. هن هنجي وقت جي فارسي گو شاعرن وانگر فارسي شاعريءَ جي تقليد ۾، رسي بحرن ۽ وزنن ۾ بہ شاعري ڪانہ ڪئي، نہ وري هن ان وقت رائج اعريءَ جي مضمون يا انداز جي پيروي ڪئي. هن جي ٻولي، بحر، وزن، سبيهون، استعارا، بندشون، موضوع ۽ انداز نظر خاص پنهنجا ۽ دنيا کان لا هئا. ان وقت جا ناليرا شاعر مثنويون، قطعا، غزل، نظم، شهر آشوب ۽ ليءَ قسم جا ٻيا ايراني طريقا اختيار ڪري، مقبوليت حاصل ڪندا هئا.

پنهنجي مادري ٻوليءَ کي انهيءَ لائق ئي نہ سمجهندا هئا تہ ڪو اها عريءَ لاءِ ڪتب آندي وڃي. تنهن ڪري لطيف جي پهرين خصوصيت

روايت کان مڪمل بغاوت آهي. جتي شاعريءَ جا موضوع فقط هجر ۽ فراق، ظلم ۽ هرجائي محبوب، رقيب، روسياهه، فلڪ ناهنجار، معشوق جي قدبت جي تعريف ۾ زمين آسمان هڪ ڪرڻ ۽ سندس ڪمر جي تلاش ڪرڻ هئا، اتي لطيف ڏٺ، ڏورينڊڙ ڏوٽين، برسات لاءِ واجهائينڊڙ هارين، جهنگلن ۾ ٻڪندڙ ماروئڙن، سمنڊ ۾ اکا وجهندڙ هندو ڇوڪرين، ساڻياڻين، مهاڻين، ماڳرين، جوڳين، ڦورو سردارن، سندن ستايل پاڳين، سخي ڏاتارن، مڱڻهارن، اڻن، هنجن، روهه جي ڪونجڙين، سپن، ڪپرن، ۽ ٻين اهڙن سنڌي زندگيءَ جي ڪردارن کي پنهنجو موضوع بنايو آهي. هن جا ڪردار اهي آهن، جيڪي سنڌ ۾ سچي پچي معنيٰ، مقصد ۽ حقيقت رکن ٿا. هن کي پنهنجي وطن جي ڇپي ڇپي سان، ۽ سندس هر مرد، ٻار ۽ عورت سان، هر مظلوم، هر ڏکويل، هر خوبصورت ۽ پياريءَ شيءِ سان والهانه محبت آهي. هو شاعري انهيءَ ڪري نٿو ڪري ته ڪو ڪيس پنهنجي شاعرانه ڪمال جي نمائش ڪرڻي آهي. پر ڇاڪاڻ ته ڪيس اهڙي ته حساس، عميق ۽ انساني همدردين سان ڀرپور دل آهي، جو هو بي اختيار پلٽيو پوي. هن کي سنڌي ٻوليءَ سان عشق آهي. هو ان زبان جو اهو جوهري آهي، جنهن وٽ ماڻڪن جا مٽ ٻريا پيا آهن. هن سنڌي زبان جي معمولي لفظن مان، ڪڏهن ماکيءَ جو ڪم ورتو آهي، ته ڪڏهن شراب جو نشو پيدا ڪيو آهي. انهن لفظن مان هو ڪڏهن احساس جا تاندا ۽ مچ ٻاري ٿو ته ڪڏهن احتجاج ۽ بغاوت جا بارود ٻري ٿو. ڪو به اهڙو موضوع ڪونهي، ڪو به اهڙو واقعو نه آهي، ڪو به اهڙو احساس نه آهي، جنهن کي لطيف شاعري جي معيار کان گهٽ سمجهي، نظر انداز ڪيو هجي. هن سنڌ جي عام ماڻهن، مردن ۽ عورتن، خاص ڪري عورتن جي جذبن جي، جنهن خلوص، امنگ ۽ جذبي سان ترجماني ڪئي آهي، تنهن جي بيان لاءِ دفتر ڪپن. شاهه جي شاعري در حقيقت هتي جي عام ماڻهن جي زندگيءَ جو درد انگيز من موهيندڙ داستان آهي.

لطيف جي عظيم روح ۽ سندس فن جي عظيم روايتن کي برقرار رکڻ ۽ ان کي اڳتي وڌائيندڙ ۽ سنوارينڊڙ ئي سنڌ جا صحيح اديب ۽ شاعر آهن نه اهي جن ان جي انسانيت پرور جرات مندانه ۽ تخليقي روايتن کان پڇ ٽلهي تڪبنديءَ جي بي روح ۽ بي معنيٰ رينگٽ مچايو آهي.

سنڌيءَ کي مڏيءَ کاتيءَ سان ڏبح ڪرڻ. سنڌي شاعريءَ جي شاندار ۽ روشن ڇهري کي داغدار ڪرڻ. سنڌ جي ماحول ۽ قومي مزاج سان چٽر ڪرڻ. سنڌي شاعريءَ جي قافلي کي اوجهڙ ڏانهن منهن ڏيڻ ۽ سنڌ جي پنهنجي ادبي روايت کان بغاوت ڪري، بين جي غلامي ڪرڻ وارن مان هڪڙو بزرگ خاص طرح اڄ ڪلهه لطيف جي غم ۾ سينو ڪٽي، اوچنگارون پيو ڏئي: ان لطيف جو دم پيو پري، جنهن جي منڙي هوليءَ کي پاڻ ۽ سندس قبيلي جي ماڻهن جيئري قبر ۾ پوري ڇڏڻ ۾ ڪين گهٽايو جنهن جي هوليءَ مان ڪين ڏپ ٽي آئي، جنهن جي فني روايتن کي هنن حقارت سان ٺڪرائي ڇڏيو ۽ جنهن جي جاري ڪيل شعر جي آبحيات جهڙين شفاف ۽ حيات بخش نهرن کي ڪن ۽ گند سان پرڻ هنن پنهنجي زندگيءَ جو مقصد بنائي ڇڏيو.

شاهه جي حب جو سانگ رچائڻ ۽ پنهنجن چاڙڻن جي هٿان ٺڪو ڏيئي حشر پٽائڻ جو مقصد ڪهڙو آهي؟ هي اردوءَ ۽ فارسيءَ جي شاهي درٻارين جا منصبدار، پنهنجي زماني جا فردوسي ۽ حافظ، مير ۽ غالب، عرفي ۽ رودڪي، ادبي آسمانن جا باشندا، عاج جي محلن جا مُڪين، اڄ هن حال ۾ هيٺ زمين تي ڇو پيا ڏسجن؟ ڪين اوچتو جهانگين ۽ مارن جو 'شاهه'، ۽ پٽن ۽ وڻاٽن جو 'لطيف' ڪيئن اچي ياد پيو آهي.

اهڙن فارسي زده تڪبند 'شاعرن' نه رڳو هئيت جي اعتبار کان بلڪ موضوع مواد ۽ اسلوب جي نقطه نگاهه کان پڻ سنڌي شاعريءَ جي ماضيءَ جي عظيم ورثي کان بغاوت ڪئي. هنن ڪلاسيڪي ۽ روايتي سنڌي شاعريءَ جي روايتن کي پُٽ ڏيئي ۽ سندس بي بها خزانن کي نظر انداز ڪري، نه رڳو فارسي هيئتون ۽ سانچا اختيار ڪيا، بلڪ سندن هولي، محاورا، تشبيهون، استعارا، ترڪيبون، بندشون ۽ ماحول سڀ غير سنڌي ۽ اوپرا هئا. سندن تڪبنديءَ جون پاڙون سنڌ بدران ايران ۾ لتڪيل هيون. سندن راهه بلڪل الڳ هئي. اها الڳ راهه سنڌي شاعريءَ کي ڪنهن نئين شاداب ۽ سرسبز منزل ڏانهن نه، پر هڪ پراڻي، لتاڙيل ۽ پڙيانگ اوجهڙ ڏانهن وٺي ٽي ويئي. ان جا مکيه سبب هي هئا:

(1) هنن پنهنجي وطن، هوليءَ ۽ روايتن کان پاڻ کي ڇني، ڌار ڪري، ٻئي ملڪ، ٻيءَ هوليءَ ۽ ٻئي ماحول سان ناتو ڳنڍيو. جنهن ڪري سنڌين لاءِ سندن شاعريءَ ۾ ڪا به دلچسپي ۽ اصليت نه رهي.

(2) جنهن ڏارينءَ شاعريءَ جي روايتن ۾ سانچن تي هنن هلڻ شروع ڪيو خود ان ۾ جيڪي ارتقائي تبديليون ٿيون ۽ ويهين صديءَ تائين اها موضوع ۽ هئيت جي خيال کان جنهن منزل تي پهچي چڪي هئي، تنهن جي هنن کي کا بہ خبر ڪانہ هئي. هنن ويهين صديءَ ۾ ويهي فارسيءَ جي ان دور جو نقل ڪرڻ شروع ڪيو جو 8_9 صديون اڳ ۾ ختم ٿي چڪو هو.

(3) جنهن 8_9 صديون اڳ جي فارسيءَ کي هنن سامهون رکيو ان جي زبردست روح عظيم ۽ معيار کي قائم رکڻ ۽ ان جي روايتن کي پنهنجي ڪرڻ جي منجهن صلاحيت نہ هئي. هو حافظ سعدي، خيام ۽ رومي جي زندهہ خيالن، گهرن ۽ جانبدار احساسن ۽ بلند پروازين کي سمجهڻ ۽ پنهنجي ڪرڻ بدران فقط معمولي قسم جا نقال ۽ لکير جا فقير ئي رهجي ويا، جنهن ڪري نہ هيڏانهن جا رهيا نہ هوڏانهن جا. سندن شاعري فارسيءَ جي اعليٰ ۽ روشن خيالن ۽ شاندار فني ڪارنامن جي هڪ بي روح، بي جان ۽ مرده تصوير هئي. فارسيءَ جي اٿاهہ گهري ۽ سدا شاهوڪار سمنڊ مان ٽهيون هڻي، موتي ميڙڻ بدران، هنن فقط چلرن ۾ چنهبيون ٻوڙيون ۽ ستيون ۽ سانگوٽا ميڙيا. در حقيقت هنن جي شاعريءَ کي فارسي شاعريءَ جي تقليدي شاعري ڪوٺڻ بہ فارسي شاعريءَ جي شاندار نالي تي هڪ بدنما داغ ۽ زبردست بهتان آهي. انهيءَ بي بنياد، نقلي، بي جان ۽ نام نهاد شاعريءَ جي رائج ٿيڻ ڪري سنڌي شاعريءَ جو واڌارو بيهي رهيو ۽ ان جو مستقبل سخت خطري ۾ پئجي ويو.

ڪتاب: وهڻ مون نہ وڙاءِ مان ورتل، ص 66 کان 71)

لطيف جي تخيل جي اڏام

رٿابندي به هڪ آرٽ آهي. رٿابنديءَ لاءِ بنيادي اصول ڪهڙو آهي؟ رٿابندي لاءِ ڪهڙي شيءِ ڪپي؟ رٿابندي لاءِ پهرين شيءِ ڪپي، بي پناهه تخيل! تخيل جي معنيٰ ڇا آهي؟ جيڪا شيءِ توهان اکين نه ڏٺي هجي، ان جو دماغ ۾ ڦوٽو ڪڍڻ. توهان اک سان جيڪا شئي نه ڏٺي ان جو سڄو نقشو تفصيل سان پينٽر وانگي ناهيو. پينٽر ٽورو ئي ڏسندا آهن، هو پنهنجي تصور سان ڪم ڪن ٿا. فرض ڪريو ته توهان ڪنهن اهم مشن تي وڃو ٿا، توهان تصور سان ذرو ذرو ڏٺو سڀو پلانر اهو آهي، جيڪو تصور سان هر شيءِ کي ڪشادو ڪري وڌائي.

لطيف چيو آهي:

"ناز منجهاران نڪري، جڏهن پرين ڪري ٿو پنڌ"

پرين جنهن زمين تي پير رکي ٿو ته پوءِ اها زمين ڇا ٿي ڪري، جو اڳيان اٿيو الٽي ۽ پيٺي ٿيو ان جاءِ تي وري زمين کي زمين جو ٻيو حصو چمي ٿو جتي جتي هُن پرينءَ پير رکيو آهي. لطيف جو تخيل ته ڏسو. هن جا خيال، ويچار ۽ خيالي تصور ته ڏسو هي ته ٿيو پٽ تي لقاءَ، هاڻي لقاءَ مٽي آهي:

"ايئون گهٽي ادب سين، حورون حيرت هنڌ"

حورون ته پاڻ ملوڪ آهن، پر هن جي سامهون! واتڙيون نه پر گهٽي ادب سان، ڪيڏانهن حسن، ڪيڏانهن ادب! معنيٰ حسن ڦري هڪڙي جاهه ۽ جلال ۾ تبديل ٿي ويو جنهن جي ڪري ادب جي ضرورت پئي. حسن رڳو جسم جو معاملو نه رهيو مرد ۽ عورت جي ميلاپ جو نالو به نه رهيو جاهه ۽ جلال ۾ تبديل ٿي ويو.

سائينءَ جو سوڳنڌ، منهنجو ساجن سينئان سهڻو.

هاڻي لطيف ۾ تصور کشي ۽ منظر نگاري ڏسو. "جنهن تڙ ڏوڙون ڏون"

تصور سڀ تصور! "انقلاب جي اڌ معنيٰ آهي خواب ڏسڻ". خواب ڪيئن ڏسبا آهن، تصور ڪبو آهي، محبوب آيو اڇڻ سان ئي ياڪر ۾

پريائين پوءِ سڄي رات چميون پيو ڏئي، پاڪر ۾ وجهيو ويٺو آهي، خوابن جي دنيا! اڏ تخيل خواب آهن.

"جنهن تڙ ڏوڙون ڏون" هڪڙو تڙ آهي، پاڻي جو ڪنارو ڏوڙ ويني آهي، ڏوڙ معنيٰ منتخب روزگار! زماني جي چونڊ حسينہ هڪڙي نہ، پر گهڻيون. هڪڙو تڙ آهي، جنهن تي ڏوڙون ويٺيون آهن، چا ويٺيون ڏوئن "چوٽا". چوٽا معنيٰ مٽو. چندن تہ مهانگو آهي نا هي ڏوڙون اهي ٿورو ئي آهن، جيڪي غريب هجن. هنن جو مٽو چڪ ٽيل آ، هاڻي چندن سان مٽو چڪ ٽيل آهي. خوشبوئي خوشبو آهي! تڙ تي ويٺيون آهن.

"جنهن تڙ ڏوڙون ڏون، چوٽا چندن چڪ ڪيو"

هاڻي چندن کي پاڻيءَ ۾ ڏوتئون، پاڻي سڄو هيڪار سان ڀرجي ويو. پوءِ چا ٿيو. هيڪار جي ڪري نشوءِ خمار پيدا ٿيو. چو تہ چندن ۾ نشو آ.

"اچن پوئنر پنيولیا، پاڻي تنهين پون."

پوئنر اچن پيا، پر ڪيئن پيا اچن، پنيولیا، مست ٿيا، لامارا ڏيندا، خبر ئي ڪانہ ٿي پوين.

"راول رتو رون، ڪو وهہ لڳو واسيين."

جيڪو ماڻهو صبح ٽئي ٽوءِ پوءِ صبح جي بابت سوچي ٿو درياءَ جي ڪپ تي بيهي ءِ پوءِ چوي هي درياءَ آهي، جيڪو ماڻهو سهڻي چوڪريءَ جي اڳيان بيهي پوءِ چوي تہ هي سهڻي آهي تہ انهيءَ چا ڪيو؟ جيڪو ماڻهو سؤ ميلن جي پنڌ تي بيٺو آهي ءِ پوءِ تصور ڪري ٽوءِ سدا بهار تصور! رڳو تصور! ڪا شيءِ موجود ئي ناهي، ان کي تصور ۾ موجود ڪرڻ.

میں بند کیے آنکھ تصور میں پڑا ہوں،
ایسے میں کوئی چھم سے آجائی۔
(غالب)

تصور ۾ چمر جو آواز اچڻ، پهرين بي پناهہ تصور ٿا ڪن، لکن پوءِ ٿا. تنهن ڪري هر شيءِ ۾ ماهر ٿي ڳالهہ ڪرڻ آهي، جنهن ۾ فن هجي. لطيف سائين چيو آهي:

محروم ئي مري ويا، ماهر ٿي نہ مٺا،
حُباب ئي هٺا، انهيءَ وادي‌ءَ وچ ۾.

پاڻي جا ڦوڦينڌا هئا، بيڪار عارضي شيءِ لاءِ آيا، جهڙڪو ڏيکاري گم ٿي ويا. ڪو دائمي ڪم نہ ڇڏيئون. ڪا اهڙي قابليت، ڪو اهڙو هنر، ڪو عمل نہ ڪيائون، جيڪو دائمي هجي، پاڻي جي ڦوٽي وانگر گُم ٿي ويا.)

پاڻ کي ماهر ٿيڻو آهي، پنهنجو ڪم اهڙو ڪرڻو آهي، جنهن ۾ حسن هجي، جنهن ۾ سونهن هجي، جنهن ۾ توازن هجي، جنهن ۾ خوبصورتي هجي.

(ڪتاب: ڏورج ڏيئو هٿ ڪري، ص 87،88،92،93)

پاڻ کي هاڻي عظيم شاعري گهرجي

چئي ويا آهن تہ شاعري پيغمبريءَ جو جزو آهي ۽ دنيا جي ڪئين وڌن ماڻهن شاعري ۽ شعرن کي زبردست خراج تحسين ڏنو آهي. صديون اڳ يونان جي هاڪاري داناء سقراط چيو هو: "اهي شاعر جيڪي ناهين تا، کوريگو ڏاهپ سان ڪونہ تا ناهين. پر..... اهڙي قدرتي ذات ۽ اندر جي سوجهري وسيلي ناهن تا. جيڪا ذات ۽ جيڪو ..... جهڙو غيب جي ڄاڻن کي حاصل هوندو آهي...." ويلس جي شاعر ڊائلان ٿامس چيو هو تہ "جڏهن هن جهان ۾ هڪڙي سڻي نظر جو واڌارو ٿئي ٿو. تڏهن هي جهان ساڳيو اڳي جهڙو نٿو رهي. هڪڙو سڻو نظر ڪائنات جي صورت ۽ اهميت تبديل ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو."

عام طرح هر ڪو پنهنجي پيشي يا شعبي کي وڏيڪ اهميت ڏيندو آهي پر دنيا جي هن نئر نويڻن، ايمرسن ۽ سمر سيٽ ماهم خود پنهنجي شعبي، يعني نئر جي پيٽ ۾ شاعريءَ جي شعبي کي جيڪا اهميت ڏني آهي، سا ٻُڌڻ وٽان آهي. عظيم دانا ايمرسن چوي ٿو: "شعر جو هڪڙو بند، نئر جي سڄي ڪتاب کان ڳرو هوندو آهي." ۽ هاڪارو ناول نويس سمر سيٽ ماهم چوي ٿو: " ادب جو ڇٽ شاعري آهي. اها ان جي انتها ۽ مقصد آهي. اهو انساني ذهن جو بلند ترين عمل آهي. اها حسن ۽ نزاڪت جي حاصلات آهي. جڏهن شاعر اچي لنگهي ٿو تڏهن نئر لکندڙ پاسيرو ٿي ڪيس رستو ڏئي ٿو.

سوال آهي تہ عظيم شاعري ڪٿان پيدا ڪجي؟ ان جا موضوع ڪهڙا هجن؟ ڪهڙو ماڻهو عظيم شاعر ٿي سگهي ٿو ۽ ان لاءِ ڪيس ڇا ڪرڻ گهرجي ۽ ڇا نہ ڪرڻ گهرجي؟

شاعريءَ جا سرچشما سڄي جهان ۾ هر هنڌ موجود آهن. سچي شاعر ٿيڻ لاءِ قدرتي ذات سان گڏ ڏاڍاءُ بہ هجڻ گهرجي. هوليءَ سان عشق هجي، ماڻهن سان عشق هجي، دل ۾ محبت ۽ درد جو احساس هجي. جذبن ۾ خلوص ۽ سچائي هجي. مشهور آمريڪي اديب چارلس ڊڊلي وارنر چيو آهي: "سچي دنيا شاعريءَ سان ائين پري پئي آهي، جيئن منيءَ سان. ماڻهوءَ کي رڳو اها خبر هجي تہ اها

کوڻي ڪيئن ڪڍجي." آمريڪي شاعر ڊبليو ايڇ آدن چيو آهي، "شاعر سڀ کان پهرين هڪڙو اهڙو ماڻهو آهي، جنهن جو ٻوليءَ سان عشق هوندو آهي.

انگريز شاعر لارڊ الفريڊ ٽينيسن چيو آهي، "سموري سڻي شاعري آهستي آهستي صبر سان ڪڙيءَ ڪڙيءَ سان ملائي. رت ۾ لڙڪن سان ناهي ويندي آهي." آمريڪي اديب پروفيسر آليور ويندل لومس ساڳي ڳالهه کي هيئن بيان ڪيو آهي.

"سچي ۾ بهترين شاعري سڙي خاڪ ٿي ويل جذبي جي رک مان جڙندي آهي."

هر شيءِ، لقاءَ، حقيقت ۾ ڳالهه تاريخي هوندي آهي. هر ماجرا ارتقا جي ڏاکن مان لنگهي ٿي. عظيم شاعريءَ جا موضوع به ڏاکي به ڏاکي اسريا نسريا آهن ۾ انهن ۾ تبديليون ۾ واڌارا ٿيا آهن. عظيم شاعريءَ جو روپ ماڳ مڪان ۾ زماني آهر هوندو آهي، پر ان جو ڀر ۾ روح پنهنجي زمان ۾ مڪان کان ٽيندو گهٽو گهٽو اڳتي نڪري ويندو آهي. جيڪا شاعري فقط پنهنجي دؤرجي سڀ کان اوچين سماجي سوچن تائين محدود هوندي آهي، اها جٽادار عظمت ماڻي نه سگهندي. ان جون پاڙون پنهنجي دؤر ۾ ماڳ مڪان، وطن ۾ ملڪ جي پاتال ۾ ڪتل هڻڻ گهرجن، پر ان جي سماجي فڪري اڏام ستن آسمانن کان بلند هجڻ گهرجي.

جت عرش نه اُپُ کو زمين ناهه ڏرو
نڪي چارو چنڊ جو نڪو سج سرو
اتي آديسين جو لڳو دنگ درو
پري پين پرو نات ڏنائون نانهن ۾.
(شاهه)

**

ڪنول پاڙون پاتال ۾، يڙنري پري آڪاس،
ٻنهي سندي ڳالهڙي، رازق آندي راس،
تنهن عشق کي شاباس، جنهن محبتي ميڙيا.
(شاهه)

عظيم ترين شاعريءَ جا موضوع ٻين ڳالهين سان گڏ تمام وسيع ۾ سموري انسان ذات کي پنهنجي پاڪر ۾ پريندڙ هڻڻ گهرجن. شيڪسپيئر

شاعريءَ کي اعليٰ سنجڌگيءَ وارو مامرو A matter of high serious ness ڪري ڪوٺيو آهي.

لطيف ساڳي ڳالهه کي پنهنجي مخصوص ثقافتي اصطلاحن ۾ بيان ڪري ان کي ايڏا به وڏيڪ بلندين تي کڻي ويو آهي:

"دوست تون دلدار عالم سڀ آباد ڪرين."

❋❋

جي تو بيت پانئيا، سي آيتون آهين،
نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي
(شاهه)

ياد رهي ته لفظ آيت کي اسان جي عظيم صوفي شاعرن اشعاري طور وسيع ترين معنائن ۾ به استعمال ڪيو آهي ۽ صرف ان جي مخصوص مذهبي معنيٰ تائين محدود نه رکيو آهي.

جاميءَ جو مشهور شعر آهي:

"از آسمان برمن محنت زده، زرحمت و لطف،
آيتي بودُ ڪ ناگاه فرود آمده بود.

(منهنجو محبوب! جڏهن مون کي مليو تڏهن مون کي ائين لڳو جڻ، آسمان طرفان مون ڏکن جي ماريل تي، مهرباني ۽ ڀاجهه وچان ڪا آيت نازل ٿي، اوچتو هيٺ لهي آئي آهي.)

اسان وٽ اڇڪلهه اعليٰ شاعريءَ جي ڪوٽ آهي. ان جا ڪي ڪارڻ هيٺيان آهن:

1). اڇوڪي سنڌي سماج ۾ سنڌي زبان سان ۽ شاعريءَ جي عظيم شهپارن ۽ قدرن سان عشق ڪندڙ ٻڌندڙن، پارکن ۽ ايماندار ۽ سڃاڻ نقادن ۽ تنقيدي نشستن جي اٽاٽ آهي.

2). اڇڪلهه سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۽ محاورن جي صحيح استعمال بابت واقفيت گهٽجي پئي وڃي ۽ اهڙي واقفيت جي ضرورت گهٽ محسوس ڪئي وڃي ٿي.

3). ڪن شاعرن جي شاعريءَ ۾ نثري نظمن جي نالي ۾ سنڌي لفظن جو غلط ۽ اجايو استعمال وڌي ويو آهي. بم بکيڙي واري سکڻي يا اکر بازي ۽

جديد قسم جي ٽلهي تڪبنديءَ جو فيشن پئجي ويو آهي. اهڙن نظمن جون ڪيتريون ئي مُعنائون ۽ مفهوم پاڻ ۾ ٽهڪندڙ نه هوندا آهن ۽ "ڪيڏانهن منهن مريم جو ڪيڏانهن ٽنڊوالهيار" وارو ڪم هوندو آهي. ان صورتحال جي تدارڪ جي ٻين صورتن سان گڏ هڪڙي اها به هجي ته شاعر کي عرض ڪجي پنهنجي ڪلام کي Paraphrase ڪري ٻُڌائي. يعني ان جو سمورو مطلب نثر ۾ بيان ڪري ٻُڌائي. جي ان بيان مان ڪو هر طرح ٽهڪندڙ معنيٰ ۽ مفهوم نه نڪري ۽ ڳالهه ٽنگ ڪٽي ٻيهي رهي ته سمجهي ويڙ گهرجي ته بظاهر خوبصورت ۽ سدا ملوڪ لفظن جي پر مار وسيلي ٽلهي اکر بازي ۽ تڪبندي پئي ٿئي.

4). اڇڪلهه پراڻي بدنام ۽ لتاڙيل گل ۽ بلبل واري شاعريءَ جي جاءِ تي نئين دؤر جي گل ۽ بلبل جي "نڪور" شاعريءَ جو رواج ٻيل آهي ۽ سنڌي عوام کي موضوع ۽ تاثر جي حساب سان "ساڳيا ٽڪر ساڳ سان"، "ادو مئو ادي ڇائي" وارو ڪم آهي.

5). هر دؤر جي عظيم شاعري عظيم فڪري ۽ سماجي تحريڪن جو عڪس ۽ پيداوار هوندي آهي. روس ۾ سوشلزم جي زوال کان پوءِ اڪثر لکيڙ جا فقير ۽ ڪُٽيءَ کائڻ وارا مجنا سوشلسٽ حضرات ۽ سنڌن عقيدتمند، نظرياتي جنس بدلائي بلڪ جوڙ متائي، بلڪل "ٻيون شيون" بنجي ويا. اسان جي ادب شاعري، ثقافت ۽ سياست تي ان ڳالهه جا به ڪافي منفي اثر پيا آهن. اسان جي شاعرن مان ڪيترن جا ذهن عظيم سماجي ۽ فڪري ادراڪ ۽ آدرشن کان محروم ۽ سنڌن سماجي سوچون عام سطح کان مٿي اپرڻ کان قاصر آهن.

6). اڇڪلهه علم جو معيار بلڪل هيٺ آهي، علم سان پيار گهٽ آهي. انساني سماج بابت گهري ۽ وسيع ڄاڻ جي اُڇ ڪن ٿورن کي آهي. عام پڙهيل هالو چالو نالي ماتر علم مان ڪم ٽپائين ٿا. ان صورتحال جو اثر اسان جي شاعري تي پيو آهي.

7). اسان جا ڪي شاعر ڪافي سمجهو حساس، ٻوليءَ جا ڄاڻو ۽ ڪافي فني ڏانو رکندڙ آهن. پر هو اڳتي وڌيل سماجي شعور ۽ اعليٰ عالمي شاعري جي مطالعي جي شوق، اهليت ۽ صحيح سمجهه کان محروم هئڻ ڪري پنهنجي ذات ۽ ڏانوَ جو پرپور اظهار ڪرڻ کان قاصر آهن.

هو پنهنجي فن جي شينهن جي شڪار جي رائيفلن کي ڳيرن ۽ جهرڪين جهڙن موضوعن تي وڃائڻ تي مجبور ٿيا ويٺا آهن.

8). سنڌ ۾ ڪجهه شاعر وطن دوست، انسان دوست، سماجي موضوعن تي چڱي موچاري شاعري ڪن پيا. پر اسٽيج ۽ ميڊيا تي ڪافي حد تائين جديد اکر بازي ۽ جديد تڪبنديءَ واري گل ۽ بلبل واري شاعريءَ جو قبضو آهي. ان ڪري عوامي، وطن دوست ۽ انسان دوست شاعريءَ کي اسرڻ ۽ وڌڻ ويجهڻ جا گهربل موقعا نه پيا ملي سگهن. سنڌي ماڻهن کي جديد رنگ ۽ ڍنگ ۾ ٽيندڙ ساڃي پراڻي پاروٽي غلط سلط اکر بازيءَ، ٺلهي، بي جان تڪبنديءَ ۽ گل ۽ بلبل جي داستان سرائيءَ واري مسئلي طرف پورو ڌيان ڏيئي ان جي گهيري ۾ واڌيل شاعريءَ جي ڪوڪلائپ کي صحيح ۽ تز تنقيدن ذريعي بي نقاب ڪري انهن جو تدارڪ ڪرڻ گهرجي ۽ عظيم سنڌي شاعري جي اُسرڻ، وڌڻ ويجهڻ ۽ پوري آب تاب کي رسڻ لاءِ ميدان صاف ۽ تيار ڪرڻ گهرجي.

اسان جي عام شاعري جي اڇوڪن موضوعن بابت اهو ڏسڻ ئي ڪافي آهي ته سنڌي ماڻهن سان هيڏيون ڪربلائون ٿي ويون آهن پر اسان جي عام شاعريءَ کي مجموعي طرح جديد گل ۽ بلبل جي داستان سرائيءَ کان فرصت ئي ڪانهي، جو ان بابت ڪا واقعي گهري، دل گرمائيندڙ ۽ ڪارآمد ڳالهه ڪري سگهي.

ڪنهن زماني ۾ لاڙڪاڻي ۽ ٻين هنڌن تي جمعيت الشعرا وغيره تنظيمون روايتي شاعريءَ تي فن ۽ معنيٰ جي حساب سان تمام زبردست تنقيدي معرڪا برپا ڪنديون هيون، تنهن ڪري ڪنهن کي جرات ئي نه ٿيندي هئي ته ڪو بي وزن يا زبان ۽ محاوري جي غلط استعمال وارو شعر پيش ڪيرڪري سگهي. اڄ جي سنڌي شاعري کي به اهڙن آزمائش مان نه ڪڍبو ته اسان جي شاعري جديد قسم جي فعولن فاعلات کان اڳتي وڌي نه سگهندي.

پيار ازلي ابدي جذبو آهي. سترهين صديءَ جي انگريز شاعر جارج چئيمبن ان کي "فطرت جو ٻيو سج" ڪوٺيو آهي. سمورن انسانن کي پيار جي خوشي، ڪيف ۽ سرمستي ماڻڻ جو هڪجهڙو حق حاصل هئڻ گهرجي. سهڻي لطيف دنيا جي هر انسان کي ڪيف ۽ سرمستيءَ سان جيءَ سگهڻ جي دعا ڪئي آهي:

ڪيف ڏارون ڪوءِ، جيئي ڪومَ جهان ۾.
(شاهہ)

پيار کان وڌيڪ خوشيءَ، ڪيف ۽ سرمستيءَ جو ٻيو ڪهڙو سرچشمو ٿي سگهي ٿو؟ پر اها خوشي، اهو ڪيف ۽ اها سرمستي ڪهڙي جنهن جو حق رڳو پاڻ لاءِ گهرجي ۽ پاڻ جهڙن ٻين محروم ۽ واجهائيندڙ انسانن لاءِ نه گهرجي؟ پيار جو سچ اپارٿو آهي تہ سيني لاءِ ايري، ڪنهن هڪڙي لاءِ اُيري چا ڪندو؟ اها ڪهڙي وڏ جي عاشقي آهي جو پنهنجي پيار جو حق گهرجي ۽ ان جي نہ ملڻ تي نظر يا نظم ۾ ڳوڙها ڳاڙهجن ۽ روح ۾ ماتم ڪجي، پر جيڪو هٿراڏو مڙهيل جاگيردار ۽ قبائلي سرمائيدار ۽ سامراجي انسان دشمن، سماجي ۽ اقتصادي سياسي ۽ ثقافتي گهاٽو ايامن کان پنهنجي پيار توڙي ٻين ڪروڙن انسانن جي پيار کي پيڙهيندو رهي ٿو تنهن جو نالو بہ نہ وٺجي؟ پنهنجن پيارن سميت جڳ جهان جي پيارن جي پيار کي پيڙهجندو ڏسجي، ٻڙڪ بہ ٻاهر نہ ڪيڃي. فرمانبردار خاموشيءَ سان ڪنڊ هيٺ ڪريو ويٺو انهن ڦهري ڪلورن جو تماشو ڏسجي ۽ ڪڍهن بہ نہ چئجي.

گهاٽي گهوٽ اسان جا گهايا، اچو گهاٽي کي گهايون،
گڏجي سڏجي ميڙ مچايون، مڙسالا مايون.
(استاد بخاري)

سڄي وطن جي زرخيز زمين، فصل، مالن ۽ انسانن جو درياهہ لٽجي ويجي، منڙا ۽ معصوم، سهڻا ۽ من مهڻا محبوب ماڻهو پاٽيءَ جي ڦڙن لاءِ ٻاکاريندا وتن ۽ شاعر پنهنجي چپن تي چونو لايو پنهنجي هڪڙي اڪيلي محبوب جي تصور ۾ مدهوش ۽ سندس حسن جي شان ۾ غزل جا بند جوڙڻ ۾ مشغول هجي. سا ڪالهہ عاشقيءَ جي ڪهڙي ڪتاب ۾ جائز ٿي سگهي ٿي؟

اوڻيهين صدي جو آمريڪي شاعر جيمس رسيل لارل چئي ويو آهي تہ: "اهو هڪڙي شخص لاءِ پيار جنهن مان جڳ جهان جي (پيارن) ماڻهن لاءِ پيار ڦٽي نڪري سو ڪنهن ڪم جو ڪونهي."

ارڙهين صدي جي فرينچ ناول نويس سينٽ ايسوپري چيو آهي: "زندگيءَ اسان کي سيکاريو آهي تہ سچو پيار فقط هڪ ٻئي کي چتائي ڏسڻ ۾ ناهي، پر هڪ ٻئي سان گڏجي ساڳئي طرف ٻاهر نهارڻ ۾ آهي."

عاشق لطيف جي عظيم الشان روايت آهي تہ محبوب سان پيار ڪرڻو آهي تہ سندس سموري وڳر ۾ ڪڙم جي خوشين ۾ ڏکن سميت، ستاءَ ۾ ساڻ سميت ۾ راڄ بلڪ جهان سميت ڪرڻو آهي، ساڻس واسطو رکندڙ ميدانن، پوٽن، ڪوهن، ڍنڍين، درياهن، سمندن، سميت ڪرڻو آهي. هڪڙي سڃڙ سان ناهہ معني ان سڃي ساڻيهہ سڃهي جهان سان ناهہ جنهن ان کي جنم ڏنو جنهن ۾ اهو پليو نپنو ۾ جنهن ان کي خوشيون ۾ ڏک، موقعا ۾ محرومين ڏنيون.

ڪاجا ڪُنَ گرين، پنيءَ پُٺ جهُڙ پاڻ ۾،
اکيون تنهن آب کي، آڏيءَ اکجيرين،
توڻي تِڪون ڏين، تہ بہ اڄ انين کي نہ لهي.

❊❊

ككيءَ هاڻيون كاريون، ڇڇيءَ هاڻا ڇَڄَ،
پاند جنين جي پاند سين، لڳو ٽئي لڄ،
سمو ڄام سهڄ، ايو ڪري ان سين.

❊❊

ڪاريون ڪوجهيون ڪوڙيون مور نہ موچاريون،
وڻي ويٺيون وات تي، ككيءَ جون كاريون،
انين جون آريون، سَمي ري ڪير سهي!

❊❊

ٽيا تماچيءَ ڄام سين، مهاڻا محروم،
ننڍيءَ وڏيءَ گندريءَ، مٿي ماڙيءَ ڏوم،
جي ڪينجهر جي روم سي سپ انعامي ٽيا.

❊❊

سميون ڪري سينگار راءُ ريجهائڻ آئيون،
ڄام هٿ ۾ ڄار ڄلي ڄبيرن وچ ۾.

❊❊

آئون ڪيئن چڏيان، سومرا تن پهنوارن پچار،
جڙ جنين جي جان ۾، لڳي رِيءَ لهار،
ميخون محبت سنديون، هنئڙي منجهہ هزار،
پكا ۾ پُنوهار ڏني مون ڏينهن ٽيا!

**

چُرَن چٽڪن چت ۾، رهيا اندر روح
اُٿي ويڙا اُڪري، مارو مٿي موه،
ويون ولوڙڻ جون، ساريان گهٽو صبوح،
ورسي کارا کوه، سنجيم جي ساڙيهه جا!

**

بير ڪنيائون بَر ۾، پيارين پَهُون،
سنجن ساٿيڪن تي، وڏيءَ ويرَ وهون،
پايو جَرُ جَنڊن ۾، ڪوڙان ڪن ڪهون،
ڏينهان ڏينهن نئون، مون کي وره ويڙيچن جي.

**

پنيءَ جي پُوٽن، پيج پٽڪو نہ سڻان،
سنجڻ واريون ستيون، وڃي ويڙه ورن،
پيا سيٽ سڙن، ترهي ٻنهين ڪنڌيين.
(شاهه)

اسان جي اڃوڪن عام شاعرن جي محبوبن جا ڪڙم، قبيلا، راڄ، ڳوٺ، شهر ، وسنديون، سندن سمورو جڳ جهان هڪ ڪار منافق ۽ سفاڪ مدي خارج ۽ مرٽينگ بي حيا ۽ بي شرم سماجي ۽ اقتصادي سياسي ۽ ثقافتي نظام وٽ يرغمال آهن ۽ هنن مان گهٽن جي ڪن تي جونءَ بہ ڪانہ ٿي سُري ۽ هو پنهنجي جديد عشقي اکر بازي ۽ تڪبنديءَ ۾ گم آهن:

ڪنين ڪامڻ ڪياءِ؟ ڪيئن ٻنيولئين؟ ڪرها!
اکين مٿي اکيا، پڙ ۾ پير ڇُناءِ!
وڃ ڪ وسرياءِ؟ ٻڌو جيئن گهاٽي وهين.

شاعر رسول حمزاتوف سڃاڻ ۽ باضمير اديبن، شاعرن، دانشورن ۽ مفڪرن کي پنهنجي قبيلي ۽ قوم جي مقدس آڳ جو نگهبان ۽ سنياليندڙ سڏيو آهي. سندن اهو ڪم آهي تہ قوم جي ذهن ۽ ضمير جي

روشنيءَ ۽ سندس پنهنجي حقن، آزادين ۽ وسيلن خاطر ويڙهه ڪرڻ جي جذبي جي آگ کي ڪڏهن به وسامڻ نه ڏين.

لطيف اهڙا اعليٰ ۽ مقدس قومي عوامي انقلابي ڪم ڪرڻ وارن کي آڳڙيا، متارا، چارڻ، ڪاهوڙي، ساموندي، سامي، ڪاپڙي، ڏاتار وغيره سڏيو آهي. ۽ سندن ڳڻ ڳايا آهن:

اڄ آڳڙيا آئيا، سوڌا سراڻي،
پياري پاڻي، تيغون ڪندا تکيون.

**

اڄ آڳڙيا آئيا، سائو ڪي سڃاڻ،
لاهيندا موريان، رک ڪريندا پڌرو.

**

قاتل ڪمائي ڪري، وه ماکي جي ڪن،
وڃان ويهي تن، پيج کي پياليون.

**

وجهج واتاڙئن تي، ميخاني جي ماڪ،
ٽيندي ستڙ سپ ڪنهن، هنڌ هنڌ پوندي هاڪ،
پرهه جا پياڪ، جُه سي اڳُڻ آئيا.

**

جُه سي اڳُڻ آئيا، ته سرو ڪندا سُڄ،
سائي ٽيندين اڄ، هي پيتو! هو آڻ ڪي!

**

ڪاري ڪيڙائو متي مٿي موٽا،
سودو ڪن نه سون جو وڏا وهائو
موتي جي مهراڻ جا، تن جا طاماعو
ساموندي سائو لنڪا لوڻي آئيا.

**

جنين سُکُ ناه کو چاوَڻ سي چئجن،
رُجن راهَ پُڇن، متي ڪُلهن ڪينرا.

**

الا! جُنگ جيئن، جنين اجهي گهاريان،
شالَ مَر سُکي، ويئري، جئان پي پين،
مُرکڙ! اکڙين، تو ڏني مون سک ٽئي.

٭٭

ڏوٽي سا ڏورين، جا جوءِ سُئي، نہ ٻُڏي،
پاسا مٽي پاهٽين، کاهوڙي کوڙين،
وڃا اُتِ ووڙين، جت نهايت ناه کا.

٭٭

تون وَڻُئن ويهي آءٌ، اڳُڙ کاهوڙين جي،
جوش ڏنائون جيءَ کي، لکائي لوکاءُ،
ڏوٽين ڪنهن ڏکاءُ، سُمهي سُک نہ ماڻيو.

٭٭

ٽئين ڏينهن ٽمکائين، دونهيون دائرن ۾،
ميڙيو ڪڙج ڪائيون، جوڳي جَلائين،
سنديون کامڙ خبرون، آديسين آهين،
ڳجهه نہ ڳالهائين، لکا پٽن لوڪ ۾.

٭٭

ڏيهه ڏيهاڙي ناهه، جت پير نہ پکيان،
تتي کاهوڙيان، وَرَ ڏيئي وَڃَ چوندبيا.

٭٭

جت نہ پکيءَ پيرُ، تت ٽمکي باهڙي،
ٻيو ٻاريندو ڪيرُ، کاهوڙکيءَ کيرَ ري؟

٭٭

تهڙا ڳڙڇَ ڪکرا، جهڙا جائُن ڦُلَ،
تن سامهُن جي سڌ مَران جن جي گودڙين ۾ گل،
اندر مُلان مُلَ، ٻهرَ ڪوجها ڪاپڙي.

٭٭

ٻين مڙني ڏنيون، ڏئي تہ ڏونگر راءِ،

اڻ ڏٺين آڏو ڦري، ڏٺيون ڏٺي ڪياءِ،
لوڙيون لک مٽاءِ، ان مٽيري موٽائيون.

٭٭

لاکا لک سڄن، پر ڦلاٽيءَ ڦير ٻيو
جنهن پر راڻا راڄيا، ڪوٽن منجهه ڪنبن،
جنهن جو جاڙيجن، ستي سنڇو نه لهي.

٭٭

اڄ گهرجين تون، بڏاماڻي پنرا،
مٽي مٽان مون، ويرين واٽون لائيون.

هڪڙي ڳالهه سمجهڻ ضروري آهي، پنهنجي ڪنهن شيءِ يا ڳالهه کي رڳو ان ڪري، جو اها پنهنجي آهي، حد کان وڌيڪ پڌائڻ، خود ان جي اهميت کي ڏڪ رسائڻ آهي. ٻئي طرف پنهنجي شيءِ يا ڳالهه جي رڳو ان ڪري، جو اها پنهنجي آهي، اهميت اصل کان گهٽائڻ ٻه غلط آهي. پنهنجي هجي يا پرائي، ڳالهه جئن هجي تئن بنا گهٽ و ڌ جي ڪرڻي آهي.

ان حساب سان اها ڳالهه صاف سمجهڻي آهي ته جتي ٻيءَ دنيا جي ٻيٺ ۾ سنڌ تمام پوئتي پيل آهي ۽ دنيا جي ٻين ڪيترن ملڪن جا ماڻهو سنڌي ماڻهن مٽان سوين هزارين ڳالهين ۾ وڌيون برتريون رکن ٿا، اتي سنڌ هڪڙيءَ ۽ في الحال فقط هڪڙيءَ ڳالهه ۾ ٻي سڄي دنيا تي برتري رکي ٿي. اها ڳالهه هيءَ آهي ته وسيع ترين عالمي تاريخي معنائن ۾ دنيا جو وڏو ۾ وڏو عوامي انقلابي عظيم شاعر سنڌ جو شاعر لطيف آهي ۽ ان ڳالهه ۾ سندس ڪو ٻه ٽاني شريڪ ڪونهي. جڏهن ڀاڙ ڪافي عالمي شاعري پڙهي ۽ سمجهي سگهنداسين ۽ اهو ٻه سمجهي سگهنداسين ته وسيع ترين عالمي تاريخي معنائن ۾ عوامي ۽ انقلابي شاعري ڇا ٿيندي آهي. تڏهن ڀاڙ کي سمجهه ۾ اچي سگهندو ته عالمي ثقافتي تاريخ ۾ لطيف جو درجو اهو ئي آهي، جيڪو بيان ٽيل آهي ۽ ڀاڙ کي ان ۾ ڪو ٻه وڌاءُ نظر نه ايندو. جڏهن ڀاڙ علمي ۽ ثقافتي طرح ڪافي اڳتي نڪري ويندا سين، تڏهن ڀاڙ اها حقيقت ٻي دنيا جي حقيقت پسند ماڻهن کي سمجهائي ۽ مجرائي سگهنداسين.

ڀاڙ جهڙين اڏر نڏر ايري ۽ غمن ۾ گهوماٽيل قومن کي چاڪ چگو ٻلو ۽

نوبنو بنائڻ لاءِ ڏهني ۽ روحاني علاج ۽ وسيع ترين حڪمت عملي جا نسخا پاڪستان ۾ چالو سامراج پرست، ڪريل ويڪائو ۽ مافيائي سياست جي ڊونگ واري "حڪمت" جي دڪان تان ڪو نه هٽ اچي سگهندا.

ڪٽيس ڪويجن، تن طبيب نہ گڏيا،
ڏيئي ڏنپ ڏڏن، پاٽان ڏيل ڏکوئيون.
(شاهه)

فقط روايتي استعاري ۽ ادبي آدابن واري معنيٰ ۾ نه پر زميني حقيقتن تي ٻڌل تز ٽوس ۽ سماجي سائنسي معنيٰ ۾ اسان وٽ قومي ڪمزورين ۽ بيمارين لاءِ عالمي تاريخ جو وڏي ۾ وڏو انقلابي، عوامي ويج ۽ جراح موجود آهي.

پاڙي ويج هٿام، تان مون مور نہ پچيا،
تيلاهين پيام، موريسر اکين ۾.

❋❋

هيئن تہ ويجن وٽ، تون ڪئن جيءَ جڏو ٿئين؟
سر ڏيئي م ست، ڪوهه نہ ڪيئي ڏيڙا؟

پاڻ کي هاڻ اهڙي عظيم شاعري ۽ ان جي روشني ۾ هلندڙ اهڙي عملي ۽ سوياري عوامي انقلابي حڪمت عملي گهرجي، جيڪا اسان جي واتان اعتماد سان اعلان ڪرائي سگهي تہ هاڻ:

"هٽ ڪڙيون ۽ پير ڪڙيون، سڀ ٽيندا چڪنا چور"
(محسن مگٽهار)

اسان جي قوم جي ٻچي ٻچي کي ذهني، روحاني ۽ جسماني طرح شاهه جي ڳايل وڃايل دلير ۽ دانا سورمن جي سونهاري ساٿ ۾ شامل ڪري، سندن سوياري واٽ تي اڳتي وڌائي ۽ شاندار منزلن تي رسائي.

ٽڪيائي تر ٽيلهه، چڙهه ڇڪيائي چوٽيين،
هلندي هوت پنهونءَ ڏي، يَوَ مڙيئي ييل،
اڻي رائو ريل، وينن تان واري وري
(شاهه)

(ڪاوش 18 جنوري 2003ع ۾ ڇپيل)

لطيف جي نظر ۾ اعليٰ انساني آدرش

سچو ادب سيکاري ٿو تہ پنهنجي وڌ ۾ وڌ قرباني کي بہ عظيم مقصد جي پيٽ ۾ هيچ سمجهي.

ڪڙهي ۽ ڪڙي، پر ۾ پير پنهون جو
سڪ ٻڌائين سندرو جانب لاءِ جڙي
لانچي لڪ لطيف چئي، منڌ جهيڙي ۽ جهڙي
پٽي تان نہ پڙي، جي عمر سپ ايئن ڪري

(شاهہ)

سسئي ڪيتريون بہ قربانيون ڪري ۽ سندس مقصد ايڏو عظيم آهي، جو سڄي زندگي بہ جيڪڏهن ايئن پهاڻن تي چڙهندي، لڪ لتاڙيندي، روئندي، رڙهندي هلي تہ بہ اها قرباني ان مقصد جي برابر نہ آهي، مقصد هر کارنامي کان عظيم تر آهي. کيڏي بہ قرباني ڏيئي ڇڏجي پر دل ۾ هڪڙي لحظي لاءِ بہ اهو خيال نہ اچڻ ڏجي تہ ڪا مون مقصد کان مٿاهين قرباني ڏيئي ڇڏي آهي، ڪڏهن بہ نہ ڪنجهجي ڪرڪجي، ڪڏهن بہ نہ سوچجي تہ منهنجو قدر ڪونہ ٿيو.

حافظ: "وفائون ڪندا آهيون، ملامتون سهندا آهيون،
۽ خوش گذاريندا آهيون. چو تہ اسان جي مذهب ۽ دين ۾ محبوب جي راهہ تي رسيل ڏکن تي رنج ٿيڻ ڪفر آهي."

سچو ادب سيکاري ٿو تہ:

وچين وينا هون، سانجهي رهن سمهي،
مهيسي منهن پنهنجو ڏاران ڏوڙ نہ ڏون،
ڪنهن کي ائين نہ چون، تہ ڪي آديسي آهيون.

(شاهہ)

انسان دوست، عوام دوست، قوم پرست ادب ماڻهو کي ذهني طور بي همٿي، مايوسي ۽ پاڙپائي خلاف ذهني ۽ روحاني طرح هٿياربند ٿو ڪري، مستقل مزاجي، ثابت قدمي ٿو سيکاري.

جان جان هئي جيئري، ورچي نه ويئي،
وڃي پون پيئي، سڪندي کي سڃٽين.
(شاهه)

۽ هر صورتحال جي باوجود پنهنجي حق پرست ڳالهه تان نه لهڻ، آخري حدن تائين وڙهڻ ٿو سيکاري جنهن کي انگريزي ۾ چئبو آهي، "Sky is The Limit" اسان جي حد آسمان اوريان ڪانهي.

جي لوڻ لڳين لائيين، چيري چيري چمر،
مون ڪُر اڳي نه ڪيو اهڙو ڪو جهو ڪمر،
جان جان دعوا دم، تان تان پرت پنهوارن سان.
(شاهه)

قومي جدوجهد لاءِ حقيقي ويڑهه ڪرڻ، زندگي ۾ هر پل، هر حالت ۾ وڙهڻ ۽ آخري حد تائين، پوئين پساهه تائين وڙهڻ اهو تصور ڪنهن ڪتاب ۾ لکيل ڪونهي. اهو ادب ۾ ۽ شاعري ۾ آهي، قومي جدوجهد ۾ ڪنهن ماڻهو جي واسطيداري ۽ Commitment جي سطح حد ۽ دائرو ڪهڙو هڻڻ گهرجي اهو بنيادي مسئلو آهي. ادب اسان کي سيکاري ٿوته واسطيدار ۽ وفاداري جي ليول عاشق واري هڻڻ گهرجي.

گهڙي گهڙو هٽ ڪري، چيلهه ٻڌي چوتو،
منهنجو من ميهار کي، پار وڃي پهتو،
گوتي ۾ گوتو مون کي محب ميهار جو.
(شاهه)

سونهن! جسم جي سونهن به آهي، ۽ جسم جي سونهن جا تمام گهٽا قسم آهن.

حافظ شيرازي چيو آهي: "سونهن فقط محبوب جي چال ۽ هلڻ، چلڻ ۽ رفتار ۾ نه آهي، ڪيتريون ئي ادائون آهن، محبوبن جون جن جو ايجا تائين نالو به نه رکيو ويو آهي."

تيئن جسماني سونهن جا بہ سوين قسم آهن، جن مان ڪن تي نالا رکيا ويا آهن، ڪن تي ايا تہ نالو بہ نہ رکيو ويو آهي.

لطيف تمام گهڻين ڳالهين جو مبلغ، گهڻين ڳالهين جو ترجمان ۽ گهڻين شين جو عاشق آهي. لطيف پاڻ بہ عاشق هو پر عاشقن جو بہ عاشق هو. لطيف عاشق هو اعليٰ انساني آدرش جو، اعليٰ انساني گڻن جو، اعليٰ انساني عملن جو پر جيڪڏهن جن گڻن تي لطيف عاشق هو تن جو نچوڙ ڪڍجي تہ لطيف وڏيڪ سونهن جو عاشق هو.

لطيف بنيادي طرح جن گڻن جو عاشق هو، بنيادي طرح هو سونهن جو عاشق هو ۽ سونهن جا قسم آهن: جسماني سونهن، ذهني سونهن، روحاني سونهن، عقل جي سونهن، فهم ۽ ادراڪ جي سونهن، علم جي سونهن، ۽ سونهن جا تمام گهٽا رنگ آهي.

لطيف سائين منزلون مارڻ جو شاعر آهي. هي سڄي زمين جيڪا هجي، سا ان قوم جو جولان گاهہ هجي، ان قوم جو شاعر آهي، يا گهٽ ۾ گهٽ اهڙي قوم ڏسڻ چاهي ٿو جنهن جو جولان گاهہ هلڻ جو ميدان سڄي دنيا هجي.

ورچڻ لطيف جي شريعت ۾ گناهہ آهي. چا بہ ٿي پوي، عذاب اچن، غداريون ٿين، ماٺهو ڏنگين، پنهنجا خنجر هڻن، پر ورچڻ، ٽڪڻ، آ ڪرڻ، ويهي رهڻ ميار ڏيڻ، پڇي وڃڻ، لطيف جي مذهب ۾ جائز ئي ڪونهي.

"جان جان هئي جيئري، ورچي نہ ويئي
وڃين پوءِ پيئي، سڪنديءَ کي سڃڻين."

(جشن لطيف تنبو ڇاڻ)

سنڌي ماٺهن ۾ هر قسم جا جوهر بي پناهہ آهن پر ڪير انهن کي جاڳائي، تربيت ڏي، همت ڏياري، رهبري ڪري ۽ ڪم وٺي تہ هو هر ميدان ۾ لڙي سگهن ٿا، پر ڪوٺ صحيح ليڈرشپ جي آهي. صحيح واٽ جي آهي، صحيح نظريہ ۽ صحيح ڪم جي ڏنگ جي آهي.

ڪاش سنڌي ماڻهو گهرجي ڪنڌ ۾ پوٽ سڃائي لڪي ويهڻ بدران سڄي دنيا جي ڇهن ئي ڪنڊن ۾ پکڙي پون ۽ نوان علم، نوان عقل، نيون طاقتون نوان دوست ۽ نيون نظرون حاصل ڪري صدين جي غلامي جي اثرن کي تاريخي لفظن ۾ ختم ڪري رکن.

ويون پٻ پيئي، ڪيرو ڪاهوڙين جون
آءٔ تن ڏوٽين جو پڇان پير پهي،
رجن رات رهي، ڏونگر جنين ڏوريا.
(شاهه)

ڪتاب پليجي جا قول مان ورتل:
ص 17، 18، 20، 21، 91، 92، 110، 111، 112، 117.

لطيف جي شاعريءَ جو انقلابي ڪردار....

ڪوڙين ڪايائون، تنهنجون لکن لک هزار
جيءُ سپ ڪنهن جيءَ سين، درسن ڏارو ڏار
پريم تنهنجا پار ڪڙا چئي ڪهڙا چوان.

انساني تاريخ جا اصلي خالق پورهيت عوام آهن ۽ نہ شهنشاهہ، فوجي جنرل وغيرہ. پر تہ بہ انساني واڌاري ۾ اڪيلن عظيم انسانن جي اهم ڪردار کان انڪار نٿو ڪري سگهجي.

ڪنهن ڪنهن انساني ذهن ۾ اندر جي اک، عام جسماني اکين کان هزارين ڪوهہ ۽ هزارين سال پري ڏسي سگهندي آهي. سندس پُتيلن ۾ هزارن، لکن ۽ ڪروڙن اکين جا نظارا سمائجي، هڪ نئون ۽ نرالو روپ ونڊندا آهن. ڪي نگاهون اهڙا بہ روپ ۽ نظارا پسي ونڊيون آهن، جن جو جسماني وجود سوين هزارين سال پوءِ پيدا ٿيڻو هوندو آهي. ڪي اڪيلا ماڻهو سوين هزارين انساني نسلن جو ذهني ۽ روحاني نچوڙ هوندا آهن. سندن سوچ ۽ عمل، قومن ۽ تهذيب جي صدين جي تجربي، سوچ ۽ ڏاهپ جو چڪايل عَطُر هوندو آهي.

ڪلهوڙن جي دؤر ۾ سنڌ ۾ اهو ڪڏهن بہ نہ لهندڙ سج ايريو ۽ چمڪيو جنهن سنڌ جي صدين جي گڏ ٿيل ذهني، جذباتي، نظرياتي ۽ روحاني اوندهہ جو سينو چيري چڏيو ۽ سنڌ، هند بلڪ دنيا جي ذهني ۽ روحاني آئيندي کي روشن ڪري چڏيو.

ماڻڪ مٺ سندوم، اونداهيءَ ۾ سوجهرو!
(شاهہ)

لطيف جنهن دنيا ۾ اک ڪولي سا ڏاڍن ماڻهن، ڦورو طبقن ۽ ظالم قومن جي هٿان هيٺن ماڻهن، اشراف ۽ محنتي طبقن ۽ مظلوم قومن سان اُرهہ زورائيءَ جي دنيا هئي. ان دنيا جا خيال، نظريا ۽ فلسفا اُرهہ زورائيءَ جا حامي هئا.

لطيف جو وطن صدين کان جاگيرداري، قبائلي سردارن، ڏارين حاڪمن ۽ فوجي سردارن جو شڪار گاهه هو. اهو شڪار هميشه اسلامي حڪومتن جي ويس ۾ ڪيو ويندو هو. اُموي، عباسي، افغان، مغل، ايراني، ارغون ۽ ترخان حملو ڪندڙن انهيءَ ويس ۾ هڪٻئي پويان لطيف جي وطن تي ڏاڙا هنيا ۽ ان کي غلام بڻايو.

اسلامي تحريڪ جا شروعات ۾ عرب جي غلامن، مسڪينن بدوين ۽ ٻين هيٺين قومن جي حامي هئي ۽ ڏارين قومن جي ستايل عرب قومن جي آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جي علمبردار هئي، تنهن تي جڏهن اڳتي هلي عرب جي جاگيردارن، سيئين، اميرن ۽ فوجي سردارن جوابي حملو ڪيو ۽ ان کي پنهنجي قبضي ۾ ڪري ان کي مسڪين عربن ۽ عرب قوم مٿان فوجي ڊڪٽيٽرشپ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. تڏهن ان تحريڪ جو نالو لباس ۽ نعرا ظالم طبقي جي هٿ جو هٿيار بڻجي ٻيا. جيڪا تحريڪ دنيا لاءِ سماجي، اقتصادي ۽ روحاني سجاڳيءَ، ترقيءَ ۽ بلنديءَ جي نئين انقلابي لهر بڻجي اُپري، تنهن کي ڦورو ۽ ظالم ٽولن پهريائين عرب عوام ۽ عرب قوم کي غلام بڻائڻ ۽ پوءِ ٻين ملڪن کي غلام بڻائڻ لاءِ هٿيار طور استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. ان ڪري آسان بڻائڻ لاءِ اسلام جي نالي ۾ ڪوڙ ۽ جعلي فلسفو ٺاهيو ويو. جنهن موجب عرب قوم تي قبضو ڄمائيندڙ هر ڏاڍي کي خليفو تسليم ڪري، ان جي هر فعل کي اسلامي فعل ۽ خداوند ڪريم جو حڪم ٺهرايو ويو. ۽ وارين مسڪين قومن جا ٻونگا ٻينگ ڪرڻ ۽ ڪائنڪ سندن گذر جا وسيلا کسي، کين ٻارن ٻچن سوڌو غلام بڻائي، ڏورن وانگر وڪڙڻ ۽ وهائڻ کي اسلامي جهاد ۽ اسلامي فتح ڪوٺيو ويو. اڳتي هلي نوبت اتي وڃي پهتي جو خود ڪلمي پائي، مسلمان قومن کي ڦرڻ، لُٽڻ ۽ غلام بڻائڻ وارا بين الاقوامي رهزن ڏاڙيل ۽ اسلامي مجاهد ۽ غازي سڏائڻ ۽ سڏجڻ لڳا.

اُموي، عباسي، مغل ۽ ٻين سامراجين جي ايجاد ڪيل انهيءَ رجعت پرست، مظلوم دشمن فلسفي جو هر دؤر ۾ حق پرست عالمن، دانائن ۽ فنڪارن مقابلو ڪيو. ابن العربيءَ کان شمس تبريز منصور، خيام، حافظ رومي ۽ بو علي سينا تائين هر ڪنهن ڇاٽوءَ پنهنجي ڇاڻ ۽ پهچ آهر هن ڦهر جي ڪوٽ تي وار ڪيا، پر ڪنهن به عالم، داناءَ ۽ فنڪار ان تي اهڙا سنڌائتا ۽ پرپور وار ڪري، ان جي پيڙهه کي اهڙو پاڻ کان نه ڏنڌاڙيو جهڙو لطيف.

سنڌ جي هن عظيم داناءِ، يگاني انقلابي مفڪر، بي مثل روحاني پيشوا ۽ لافاني شاعر ظلم، ڏاڍ ۽ مڪر جي سامراجي فلسفي جا سمورا ٽنڊ ۽ ٽوٽيون اُکوڙي ڇڏيا.

پچڑ گھٽا پچائيا، تون پچڑ کي پچاءِ (شاھ)

سھسين سائر ہوڙيون، منڌ ہوڙيو مھراڻ:

سنڌ جي شاھ کان اڳ عرب، ايراني ۽ ہين ملڪن جي حق پرستن پنھنجي سوچ کي ان سامراجي فلسفي جي ڪن باريڪ نُقطن ۽ ظاھري خيالي روپن تائين محدود رکيو. ھنن مان ڪنھن بہ ھن سامراجي فلسفي جي ڪِن باريڪ نُقطن ۽ ظاھري خيالن تائين ھن پنيان لڪندي بنيادي حقن جي مڪمل ۽ اصلي صورت نہ پرکي. ھو جھالت، تعصب، بي انصافيءَ ۽ ظلم بابت ڄاڻندا ھئا تہ، اھي رُڳو ڪن نالائق ۽ بيڪڙن ماڻھن جا ڪُڌا ڪرتوت آھن. ھو اھا ڳالھ سمجھي نٿي سگھيا تہ اھي نالائق ۽ بُيڪڙا ماڻھو اھڙا نالائق ۽ بيڪڙا ڇو ٿيا آھن؟ ڪيئن ٿيا آھن؟ ڪھڑي سبب کين کو روڪڻ ۾ ڪامياب نٿو ٿئي؟ کين خبر نہ ھئي تہ ان جو اصل ڪارڻ اھو آھي تہ دنيا جا ماڻھو ۽ قومون ہن ٽولن ۾ ورھايل آھن. ھڪڙن ماڻھن جي ٽولي يا طبقي جو گذر ئي انھيءَ ڳالھ تي آھي تہ "پرائي مال تي ٽوپي نراڙ تي" رکي ھلجي ۽ ہين جي پورھئي جو ڦل ڦڙڪائجي. ڪن قومن جو بہ اھو ئي ڏنڏو ٿي پوندو آھي. اھڙن ڦورو طبقن ۽ قومن جو ڏنڏو ھلائڻ وارا ماڻھو پاڻ بہ جاوا ڪندا آھن ۽ پنھنجي طبقي ۽ قوم کي بہ جاوا ڪرائيندا آھن. پاڻ بہ ھيٺن طبقن ۽ قومن کي پيڙھيندا ۽ ستائيندا آھن تہ سندن طبقي وارن کي بہ ڦرلٽ ۽ ظلم ڪرڻ جو موقعو پيدا ڪري ڏيندا آھن. لطيف کان اڳيان شاعر ۽ اديب، ظاھري ۽ اڪيلا يزيد، حجاج، چنگيز ۽ نادرن جا طبقا ۽ قومون ڏسي نہ سگھيا. ان ڪري ھُو سڀ ميم ۾ مارئي ڳائيندا ۽ اُپ ۾ تراريون ھڻندا رھجي ويا. ھنن مرض جي اصل نس نہ پڪڑي، تنھن ڪري سندن خيال ماڻھن جي مغز ۾ ويھي نہ سگھيا ۽ سندن ڪارائتا ھٿيار ٻڌجي نہ سگھيا. پر داناءِ لطيف تاريخ جي نبض پروڙي ورتي ۽ ان کي لڳل مرض جا اصلي سبب معلوم ڪري ورتا. ڪيس خبر پئجي وئي تہ منھنجي مظلوم مارن ۽ مظلوم وطن سان ھي ھاڃا ڪھڑي زور تي پيا ٿين ۽ ڪھڑي مڪر جي آڙ ۾ پيا ٿين، ھن انھيءَ مڪر جا ٽيئي روپ پروڙي ورتا اھي ھئا:

(1) قومن جي وجود تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ، ماڻهن کي پنهنجي وطن ۽ پنهنجي قوم سان پيار ۽ وفاداري ڪرڻ کان منع ڪرڻ ۽ روڪڻ.

(2) ظالم ماڻهو، ظالم طبقا ۽ ظالم قومون مظلوم ماڻهن، مظلوم طبقن ۽ مظلوم قومن سان جيڪو ظلم ڪن ٿا، تنهن تي چشم پوشي ڪرڻ، ان کي جائز ٺهرائڻ، ان جي حمايت ڪرڻ ۽ ان جي مخالفت ڪرڻ کي نندڻ ۽ ڪُچلڻ.

(3) مذهب جو اصلي، نيڪي ۽ انصاف پريو مطلب ڦيرائي ان کي ظالم حاڪمن، ظالم قومن جي ظلم جو هٿيار بڻائڻ.

وطن دوست ۽ مظلومن جي يار لطيف ان سامراجي ۽ ظالم فلسفي کي سمجهي، ان کي مڪمل طور رد ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي مظلوم قوم، توڙي دنيا جي سمورن مظلوم انسانن، مظلوم طبقن ۽ مظلوم قومن کي هڪ ٻرپور ۽ مڪمل وطن دوست، انصاف پسند، جمهوري، قومي ۽ عوام دوست فلسفي ۽سچي اعليٰ روحانيت سان هٿياربند ڪري ڇڏيو.

لطيف پنهنجو فلسفو اهڙي ته پياري، آسان، صاف، اثرائتي ۽ هر ڪنهن جي دل ۾ گهر ڪندڙ نموني سمجهايو جو هر ڪنهن سمجهيو ته منهنجي دل جي ڳالهه ڪئي اٿس. ۽ هيستائين ڪنهن به لطيف جي فلسفي جي عالمي تاريخ ۾ نظرياتي حيثيت ۽ بين الاقوامي انقلابي اهميت جو پورو انت نه لڌو آهي. ڪنهن کي به سماءُ نه پيو آهي ته هو پنهنجن پيارن مٽڻ بيٺن ۽ واين ۾ ڪهڙي وهه مان ماکي ٺاهي، ڪهڙا ڪاڪ محل ۽ قهري ڪوٺ ڪيرائي، ڪهڙي روح کي رتيون ڪري، ڪهڙي خوفناڪ مهراڻ کي ٻوڙي، ڪيڏي اجگر مڇ کي ماري، ڪهڙي جهونا ڳڙهه کي جلائي ويو آهي.

مظلوم طبقن ۽ مظلوم قومن کي غلام بنائيندڙ اُموي، عباسي، مغل، افغان، ايراني، ارغون ۽ ترخان سامراجين ۽ سندن عوام دشمن ڊڪٽيٽرشپن جي غلام ڊنيورچين فتويٰ ڏني ته:

سچي مذهب جا ڪي به اعليٰ انساني، روحاني ۽ عوام دوست قدر ناهن مذهب معنيٰ جسماني عبادت ۽ خيرات جي هدايتن جي رسمي پورائي. سهٽي لطيف چيو ته نه، مذهب ۽ سچي روحانيت فقط رڪارڊ جي پورائي

ناهي ۽ رڳو جسماني اُٽ ويهه ۽ رسمن جي بجا آوري ناهي، پر ان جو اصلي جوهر، اصلي روح، اصلي مقصد انهيءَ کان گهڻو وڌيڪ بلڪ ٻيو آهي.

روزا ۽ نمازون، ايئن پڙ چگو ڪم،
او ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.

ان دؤر جي سامراجين، بادشاهن، جاگيردارن ۽ قبائلي سردارن جي فوجي ڊڪٽيٽرشپ جي ڏينهن ڏورچين چيو ۽ سيکاريو ته برن، ٽرن ۽ رهندڙ مارو پورهيت عوام جاهل، بزدل ۽ ذليل آهن. انهن کي ڏکاريو ۽ جانورن وانگر وهايو. سلطان، بادشاهه، امير، جاگيردار، قبائلي، فوجي سردار، وڏيرا ۽ سندن ڊڪٽيٽري حڪومت شاندار ۽ اعليٰ آهي. انهن جي پوڄا ڪريو سندن قصيدا ڳايو.

داناءُ لطيف چيو ته نا مسڪين ۽ اشراف ماروئڙا ڪٽي ڪهڙا به ميرا، ٻُڪيا ۽ ڏکيا آهن، ته به اهي اوهان جا پنهنجا ۽ پيارا آهن. هوئي حقيقت ۾ اعليٰ ۽ عظيم آهن. ظالم ماڻهو ۽ ظالم طبقا ڏسڻ ۾ ڪهڙا به شاندار اڇن پر حقيقت ۾ هو نيچ، ڪميڻا، ڦورو ۽ پرمار آهن:

ڪانڊ نه ڪنديس ڪو ٻيو ڪٽيرو ئي خوب،
ميرو ئي محبوب، اسان مارو من ۾.

**

جيها جي تيها، مون سي مارو مڃيا،
اٽم آس اها، ڪڏهن ڪيرائيندين ڪوٽ کي.

**

ٽورا نه ٽورا، مون تي ماروئڙن جا،
پلايون پيرا، ڳٽي ڳٽيان ڪيترا.

**

هڏ نه پڙان هيڪڙي، ٽوري ٽر ڄاين،
مون کي ماروئڙن، ميري ڪري نه مڃيو.

ان زماني جي نظرياتي ماحول جو فرمان ۽ دستور هو ته ستايل طبقن ۽ غلام قومن جا، عزت جي لائق، قابل، ڪامياب ۽ بختاور ماڻهو اهي آهن، جي ٽورو وڌيڪ سمجهو ۽ سُکيرڙا ٽين ته هڪدم پنهنجي مظلوم پائرن ۽

ستايل قوم کي پُٺ ڏيئي، ڊوڙي وڃي ان جي دشمنن سان ملن ۾ انهن جا شڪاري ڪُتا ٿي پنهنجن ڀائرن ۽ قوم کي ڏاڙهين ۾ پٽين.

لطيف ان ڪميني فلسفي ۽ نظريي کي رد ڪري، پنهنجي مظلوم طبقي ۽ ستايل قوم سان ساٿ ڏيڻ ۾ مرڻ گهڙيءَ تائين وفادار ٿي رهڻ جو حڪم ڏنو.

ايءَ نہ مارُن ريت، جو سيڙ مٽائين سون تي،
اڇي عمرڪوٽ ۾، ڪندين ڪانہ ڪريت،
پکن جي پريت، ماڙئين مور نہ مٽيا.

❋❋

مَر سپني مارئي، مئي مَر ڄائي،
جنهن اڇي عمرڪوٽ ۾، لوئي لڄائي،
جا سانگين سيڏائي، سا ڪيئن مَرکي ماڙئين.

جاگيرداري ۽ شهنشاهي سرشتي عام ماڻهن ۾ تنگ نظريءَ، بزدلي، ڏاڍن جي پوڄا، نفسا نفسيءَ ظاهر پرستيءَ، لڪير جي فقيري، ۽ انڌي عقيدت جا جيڪي زهريلا مرض پيدا ڪيا، تن جون پاڙون پٽڻ لاءِ لطيف عوام کي هڪ مڪمل عوام دوست، انسانيت پرور انقلابي ۽ عوامي فلسفو ۽ نظريو ڏنو.

هن ماڻهن کي وقت جي چالو نيچ خيالن کي رد ڪرڻ ۽ ان کان مڪمل بغاوت ڪرڻ جو سبق ڏنو ۽ حڪم ڏنو تہ ردين جي ڊڻ وانگر اکيون پوري گهٽن جي پويان نہ هلو. پنهنجو ذهن، طاقت ۽ گهٽائيءَ جي جاهل دٻاءُ کان آزاد ڪريو. آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ سان سوچڻ جي جُرئت ڏاريو. غلط خيالن، ماڻهن ۽ قوتن جي مخالفت ڪريو:

اک الڻي ڏار، ونئن اُبتو عام کان،
جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهہ اوپار.

جيڪو سڃاڻ انسان تاريخ جو ڳوڙهو ۽ سائنسي مطالعو ڪندو، انسان جي روحاني ۽ مادي جدوجهد، ارتقا ۽ واڌاري جون منزلون ۽ انهيءَ جا قانون معلوم ڪندو، مذهبن، فلسفن، علمن، نظرين، سماجي سائنسن ۽ دنيا جي ادب جو ڳوڙهو اپياس ڪندو، تنهن کان لطيف جو سڀ طرفو گهرو ۽ مڪمل مطالعو ڪري يقينن ڇرڪ نڪري ويندو. ڪيس اهو معلوم ڪري

حيرت وٺي ويندي تہ ادب جي دنيا ۾ هيءُ ئي اڪيلو سمنڊ آهي، جنهن ۾ اعليٰ انسانيت، سچي روحانيت، حقيقي عوامي انقلابي فلسفي، نظريي ۽ اڻ لپ ذات جا ڏار ڏار هنڌن کان نڪرندڙ ۽ ڏار ڏار رستن تان وهندڙ درياهہ اچي پاڻ ۾ سمائجن ٿا ۽ موجون مارين ٿا.

دنيا ۾ پلا پليءَ جو ڪو ڇيهہ ئي ڪونهي. ڏاتُ ۽ ڏاهپ جي ڪوٺ ڪانهي. سڀفو ورجل، دانتي، ڪاليداس، تلسيداس، خسرو خيام، حافظ رومي، گوئٽي، شيڪسپيئر، مايا ڪافسڪي، والٽ وٽئمن ۽ ٻيا دنيا جا سوين هزارين قديم ۽ جديد شاعر پنهنجي پنهنجي نموني انسان جي ازلي ۽ ابدي، جذباتي ۽ روحاني تمنائن توڙي پنهنجي زماني جي ماحول جي ترجماني ڪن ٿا. سيني وٽ ڏاتُ آهي. سيني وٽ ڪانہ ڪا سچائي ۽ سونهن آهي. سيني وٽ ڪنهن نہ ڪنهن روشنيءَ جا ڏيا ۽ لاٽون آهن. سڀ انسان جي دل جي ڳالهہ ڪن ٿا، پر انسان ذات جي مجموعي، بنيادي ۽ تاريخي حقيقتن، مسئلن ۽ ضرورتن کي ڪوبہ ڏاٽي اهڙي چٽي، صاف ۽ مڪمل نموني نٽو پروڙي سگهي، جهڙو لطيف. ڪوبہ انسان ذات جي اهڙي وک تي، هر موڙ تي، سڀ طرفي، پکي پختي، جذباتي، روحاني ۽ نظرياتي رهبري نٽو ڪري، جهڙو لطيف. ڪو بہ فنڪار ۽ داناءِ انسان سنڊن عظيم مقصدن حاصل ڪرڻ جي جدوجهد لاءِ روحاني ۽ جذباتي طور اهڙو تيار ۽ هٿياربند نٽو ڪري جهڙو لطيف. ڪنهن بہ شاعر ۽ اديب لطيف کان وڌ پاڻ کي انسان ذات جي انفرادي ۽ اجتماعي، نندڻن خواهہ وڌن نيڪ ۽ اعليٰ مقصدن کي حاصل ڪرڻ جي راهہ روشن ڪرڻ جو ذميوار نہ سمجهيو آهي.

لطيف ڪائنس اڳ جي اديبن ۽ شاعرن توڙي پنهنجي ايشيائي خواهہ يورپي هم عمر فنڪارن کان سماجي ۽ تاريخي شعور، عوامي احساس، انقلابي ۽ جدلي سوچ جي طريقي ۾ صديون اڳتي هو.

حقيقت ۾ سموري دنيا ۾ جيڪڏهن ڪو اهڙو شاعر آهي، جو سنڌ کان وٺي فلسطين تائين ۽ ويٽنام کان وٺي وينزويلا تائين اڄوڪي طوفاني ۽ مجاهدانہ دؤر جي سرڪش انسانن، انقلابي عوام ۽ مجاهد قومن جي حيرت انگيز ۽ شاندار باغي ۽ فاتح جدوجهد جي ترجماني ڪري سگهي اهو فقط لطيف آهي.

تاريخ جي سائنس جي جڳ مشهور ماهر فريڊرڪ اينگلس سورهين ۽ سترهين صديءَ جي روپ جو ذڪر ڪندي چيو آهي تہ ان تاريخي دؤر غير معمولي انسانن جي تقاضا ڪئي. هرفن مولا، مڪمل بلڪ ديون جيڏا وڏا ماڻهو ان دؤر کي ملي ويا. هن اهڙن ماڻهن ۾ ليوناردو ڊاونچي، ميڪاولي، مارٽن ليوٿر، ڊيڪارٽس ۽ نيوٽن وغيره کي شمار ڪيو آهي. اينگلس جيڪي گهڻيون زبانون ڄاڻندو هو تن ۾ جيڪڏهن عجيب اتفاق سان سنڌي بہ شامل هجي ها تہ جيڪر هو ان دؤر جي سچي پچي هر فن مولا، مڪمل ۽ ديوَ جيڏي انسان، اڪابر، داناءِ ۽ ذاتُ، ڏٺيءَ لطيف جو نالو هر گز نہ وساري سگهي ها. جنهن ارڙهين صديءَ جي رجعت پرست جاگيرداري ايشيائي ماحول ۾ رهي، ان تاريخي سماجي شعور جو جوهر پروڙي ۽ پنهنجي فن ۾ جذب ڪري ورتو جيڪو سماجي شعور ترقي يافتہ سائنسي يورپ ۾ بہ ان کان هڪ سئو سال پوءِ ويجي خود پاڻ ۽ سندس عظيم ساٿيءَ ڪارل مارڪس دريافت ڪيو ۽ مڪمل صورت ۾ آندو.

اڄوڪي دؤر جي حق پرست انقلابي نظريي جا بہ مکيہ اصول اهي آهن تہ دنيا جي مظلوم عوام ۽ دنيا جي مظلوم قومن سان پيار ڪجي ۽ انهن جي دشمنن سان مرڻ گهڙيءَ تائين جبر و مقابلو ڪجي. سائنسي هوليءَ ۾ انهن اصولن کي طبقاتي جدوجهد ۽ قومي جدوجهد سڏيو ويندو آهي. انقلابي استادن سيکاريو آهي تہ انهن ٻنهي حق پرست جدوجهدن کي ملائي هڪ ڪيو وڃي. تڏهن ئي دنيا جي قورن ۽ سندن ڊنڊورچين جو تڏو پٽبو. فني ۽ روحاني ميدان ۾ دنيا جي ڪنهن بہ ٻئي شخص لطيف کان وڌيڪ انسان ذات کي انهن ٻنهي جدوجهدن لاءِ تيار ۽ هٿياربند نہ ڪيو آهي. ڪنهن بہ انهن کي گڏيل روپ ۾ پيش نہ ڪيو آهي.

(ڪتاب: تخليقي ۽ تنقيدي ادب: ص 261 کان 267)

لطيف وٽ هڪ انقلابيءَ جو تصور

انقلابي ڪارڪنن ۾ ڪهڙيون خوبيون ٿيندڙيون آهن، انقلابي ڪارڪن ڇا کي چئجي؟ انهن ۾ ڪهڙا گُڻ آهن؟ جنهن ڪري ماڻهو انقلابي ٿيندو آهي. انقلابي ڪارڪنن ۾ سوين هزارين گُڻ ٿيندا آهن. ان ۾ کي مکيہ گُڻ هي آهن:

انقلابي ڪارڪن فقير ٿيندو آهي، هو مال ملڪيت جو پوڃاري نہ هوندو آهي. شين جو پوڃاري نہ هوندو آهي، مال دولت پنهنجو معيار زندگي وڌائڻ، ماڻهو جهڙو ماڻهو ٿيڻ، هڪ جيڏن جهڙو ٿيڻ ٻين سان چٽا ڀيٽي ڪرڻ، اهو انقلابي ڪارڪن نہ هوندو آهي. جڳ جهڙو ٿيان، انهن جيڪي ڪپڙا پاتا آهن اهي پايان، جهڙي هنن جي موٽر آهي تهڙي منهنجي هجي. اهو ڪم فقيرن جو نہ آهي. فقير شين سان محبت نہ ڪندا آهن. اهي ماڻهن سان، مقصدن سان، ڳالهين سان محبت ڪندا آهن. لطيف سائين چيو آهي:

ڪچي ڪاچوٽي، نانگن ٻڌي نينهن جي،
جهڙا آيا جڳ ۾، تهڙا ويا موٽي،
سڪ نہ ستا ڪاپڙي، لاهي لانگوٽي
تنين جي چوٽي، پورب ٿيندي پڌري

ڪاچوٽي ٻڌائون، نہ مال، نہ ملڪيت، پر چاڪاڻ جو اها ترڪ ڪرڻ جي ڪري، انهن پنهنجو ڪم وڌيڪ آساني سان ڪيو تنهن ڪري انهن پنهنجا سڀ بار لاهي پنهنجون سموريون توانايون، پنهنجون طاقتون، پنهنجا هنر، پنهنجون ڪاريگريون، پنهنجا علم ۽ عرفان، پنهنجون سمجهون ان پاسي لڳايون، تنهن ڪري لطيف سائين چوي ٿو تہ ان جي چوٽي پورب ٿيندي پڌري، جڏهن پورب مان سج نڪرندو جڏهن اهو زمانو ايندو جڏهن روشنايون ٿيندڙيون، جڏهن انقلاب ايندو. تڏهن هنن مڙسن جي بلندين جي خبر پوندي، جيتوڻيڪ بظاهر انهن ماڻهن زندگي ۾ ڪا بہ ڪاميابي حاصل نہ

ڪئي، "جهڙا آيا جڳ ۾" ابا! قلاٽي ڪجهه ڪونه ڪيو ابا! فاضل چا چڏي ويو پُٽ چڏي ويو مينهون چڏي ويو. ڪجهه ڪونه ڪيائين، ڪا به ترقي نه ڪيائين. ابا قلاٽو خان! چار چار گاڏيون در تي، پنج هزار ايڪڙ زمين. هن پاسي "جهڙا آيا جڳ ۾ تهڙا ويا موتي" ان جي چوڻي پورب ٿيندي پڏري"

لطيف سائين ٻئي هنڌ چيو آهي:

هورين هاڙهو لنگهيو ڳوريون پاسي ڳوٺ،
ڪيچ تنهين کي ڪوٺ، ڪين جنين جي ڪچ ۾.

هوريون معنيٰ هلڪيون، جنهن تي مال ملڪيتون گڏ ڪرڻ جو بار نه هو اهي وڃي هاڙهي جبل کان نڪتيون. ڳوريون معنيٰ مال دولت واريون، اهي پنهنجي ڳوٺ مان ٻي نه نڪتيون.

انقلابي ڪارڪن فقير هوندا آهن. لينن ۽ مائوزي تنگ فقير هئا. انهن وٽ ڪجهه به ڪونه هو جي ڪجهه ڪونه هو تہ انهن وٽ سڀ ڪجهه هو. ايئن شيون ابتڙ ٿيندڙيون آهن. لينن جڏهن لنڊن ۾ هو دوستن کي چوندو هو تہ "جڏهن هتي انقلاب ايندو تہ پاڻ هن وڏي شاندار بلڊنگ ۾ مزدورن لاءِ اسپتال ٺاهيندا سين. هتي پاڻ ڪارڪنن جي تربيت جو محل ٺاهيندا سين." لنڊن جي سيني چگين جاين کي لينن ورهائي چڏيو هو تہ قلاٽيءَ جاءِ ۾ هي ڪم ڪندا سين، قلاٽيءَ جاءِ ۾ مزدورن جي هارن لاءِ اسڪول ٺاهيندا سين. لينن جو لنڊن تي قبضو تہ نہ ٿيو پر ماسڪو ۾ لينن گراڊ تي قبضو ڪيائين. لينن جا جيڪي خواب هئا، اهي سڀ پورا ٿيا. سنڊس ذاتي شيءِ ڪا به ڪانه هئي، پر سڄي روس جي بادشاهي سنڊس هٿ ۾ هئس. اڄ پاڻ سڀ لينن جا ماڻهو ٿيو ويٺا آهيون.

چا مائوزي تنگ کي ڪا خبر هئي تہ اڄ اسين هتي ويٺا سنڊس ڪارنامن تي ڳالهايون: جڏهن هڪڙي شيءِ چڏبي، تڏهن ٻئي شيءِ ملندي، ٻئي گدرا مٽ ۾ ڪونہ ٿيندا آهن.

ڪو سوچي تہ ٽپڙ به گڏ ڪيان، ڪوئي جي مٽان ڪوئي ٺاهيان، گهوڙا به ونان، جيپ به ونان، اهي ڏنڏا ڪبا تہ پوءِ هيءَ ڳالهه ڪانه ٿيندي. تنهن ڪري فقيريا! ٻيو انقلابي ڪارڪن عاشق ٿيندا آهن. هاڻي هڪڙو ماڻهو فقط ڪنهن هڪڙي ماڻهوءَ تي عاشق هجي، ان لاءِ ان کي چا چا نڏو ڪرڻو پوي، جيڪي ليلا مجنون ٽائيپ عاشق آهن، اهي صرف هڪڙي ماڻهو سان عشق

ڪن ٿا، پر جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو جو عشق سچي انسان ذات سان هجي،
هيترن ڪروڙن ماڻهن جو عاشق هجي ان کي چا ڪرڻو پوندو لطيف کان پڏو:

جڻان گهڙي تڻان گهيڙ، ڪپر پچن ڪوڙيون،
سندي پائئين نيڙ، جنهن کي سڪ ساهڙ جي.

❋

چوڏاري چڙا، ٻُرن ٻيلاين جا،
ستي سنيارن جو پيم ڪن پڙاءُ،
ويهڻ مون نہ وڙاءُ، سُٽيو جهاڻءِ جهجي هنئيون.

❋

ٻڏان تہ ٻن، اولجان تہ ان پار ڏي،
ڪنڈيءَ اچيو سپرين، مانَ ہر ہر ڪن،
ميائي سين تن، جيڪر اڻي نڪران.

"هي سپ ميهار خان لاءِ مصيبتون آهن، جيڪو مچون وٽيو گهر ويٺو هو.

لهر مڙوئي لال، وهڻ ڪتوريا وترو،
اوبهارا عنبير جا، جر مان اچن جال،
ڪُنن گهڙي ڪالهہ، سڪ پريان جي سهڻي.

❋

ماءُ وهاڻو وارِ ڪڻ پٽراڻي پنهنجي،
جيڪي ڏنئي ڏيج ہِ سو سيوئي سار،
وڃان ٿي وٽڪارِ ڏئم پير پنهونءَ جو.

❋

ڪتين ڪر موڙيا، ٽيڙو اُيا ٽيئي،
راڻو رات نہ آيو ويل ٽري ويئي،
مون کي ڏنءُ ڏيئي، وڃي ڏولیو ڏٽ قراريو.

❋

اُيي اياريام، نڪٽ سپ نَئِي ويا،
هڪ ميو ہيو ميندرو رات سڄي ساريام،
ڳوڙها ڳل ڳاڙيام، سورج شاخون ڪڍيون.

اها صرف هڪڙي ماڻهوءَ جي ڳالهه آهي، پر جنهن جو لکن ماڻهن سان عشق هجي، پوءِ ڇا ڪجي. جيئن عاشق حساب ڪونه ڪندا آهن، تيئن انقلابي ڪارڪن به حساب نه ڪندا آهن. فارسيءَ جو شعر آهي:

"جيتوڻيڪ بيداد آهي، جيتوڻيڪ انصاف به ڪونهي، تڏهن
به عشق جو سودو دنيا جو خوبصورت سودو آهي."

تنهن ڪري واپار ڪاروبار فائدي نفعي، حساب ڪتاب جو ڏنڏو ڪري پوءِ ماڻهو انقلابي ڪارڪن ٿيو اها ڳالهه مناسب نه آهي. انقلابي ڪارڪن جو پنهنجي پارٽي، پنهنجي عوام سان ڪو حساب ڪتاب ائين فضول آهي، جيئن عاشق پنهنجي محبوب سان حساب ڪري ته هيترو مون توتي خرچ ڪري ڇڏيو اهو پري ڏي خرچ پرائي ڪونه وڻبو آهي، عشق جي ڪا به حد مقرر نه آهي.

جان جان هئي جيئري، ورچي نه ويئي،
وڃي پوءِ پيئي، سڪندي ڪي سڃٽين.

عشق ۾ ڪو به تائيم نه ٿيندو آهي، عاشق ڪڏهن به رٽائرڊ نه ٿيندو آهي.

اچي عزرائيل، ستي جاڳائي سسئي،
ٽي دوڙائي دليل، ته پنهونءَ ماڻهو موڪليو.

عزرائيل ويو ساهه ڪيڙ، ان وقت به سسئي سمجهي ٽي ته شايد پنهونءَ ماڻهو موڪليو آهي.

سپاهي جا گڻ ڪهڙا آهن. سپاهي جي معنيٰ ڇا آهي؟ سپاهي ڇئبو ڪنهن کي آهي.

انقلابي ڪارڪن سپاهي ٿيندو آهي. حڪم جي تعميل ڪندو آهي. آرڊر مليو ته موت جي منهن ۾ هليو ويو هڪ منٽ دير نه ڪيائين، وڃي دشمن سان وڙهيو.

"هٿين، چڪين، ڪاتين، وڙهج ويريءَ سان."

انقلابي ڪارڪن انقلابي جدوجهد جو مزدور آهي. مزدور هيٺو پاڻ نه وهيٽو ٻئي جي ٻڌيان هلڻ وارو خسيس ۽ معمولي ڪم ڪرڻ وارو انقلابي ڪارڪن انقلابي جدوجهد جو مزدور هوندو آهي. پنهنجي پارٽيءَ

ڀرڪو بہ اهڙو ڪارڪن نہ آهي، جيڪو معمولي، ردي، ڪنا، گندا، نہ ڪرڻ جهڙا، خسيس، بيڪار مزدور ٽائيپ ڪم نہ ڪري، انهن سيني گُڻن جي باوجود اهو انقلابي ڪارڪن ٿي ويندو جواب آهي نہ۔

انقلابي ڪارڪن صحيح معنيٰ ۾ عالم هڻڻ کپي، علم جو اٿاهہ سمنڊ هڻڻ کپي، معمولي ۽ خسيس ۽ خسيس ڪم بہ ڪري، پر جڏهن علم جي ڳالهہ نڪري تہ علم جو درياءُ ٿي وڃي. عمل بنا علم بيڪار آهي، يا عمل علم بنا انڌو آهي. هڪ ڪوڏي برابر نہ آهي، تنهن ڪري ڪارڪن کي عالم ٿيڻ کپي. لطيف سائين چيو آهي:

"محروم ٿي مري ويا، ماهر ٿي نہ مڻا."

انقلابي ڪارڪن کي سمورن واسطيدار علمن تي عبور هجي، جيڪا بہ ڄاڻ گهربل آهي، ان ڄاڻ کي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪجي. ڄاڻ حاصل ڪرڻ بہ هڪ لڙائي آهي، ان لاءِ پگهر وهائڻو آهي، پاڻ سان وڙهڻو آهي، پنهنجي دماغ کي چريو ڪرڻو آهي. انقلابي ماڻهو ۾ ڪجهہ ٻيا بہ گُڻ هڻڻ کپن. انهن ۾ رازداري اهم گُڻ اهي.

"نہ ڪلن نہ ڪين کي، نڪي ڳالهائين،
ڪنهن جنهن ۾ آهين، سا پر پروڙڻ ڏاکڙو."

❊

"آئون ماري تنهين ماڻِ، جيجان جوڳيڙن جي،
"ڪي فقيرن، موران پني ماڻ جي."

❊

"ڪڏهن پئجي ڪن ٿي، ڪڏهن ٿجي وات"

انقلابي ماڻهو ٻتاڪ نہ هڻندو آهي، غير ضروري نہ ڳالهائيندو آهي. انقلابي ماڻهو رازداري وارا ڪم ڪري مري ويا، ڪنهن کي بہ خبر ڪانہ پئي، انهن جي فقط واسطيدار ادارن جي ماڻهن کي خبر هئي. اها خبر نہ پٽ کي، نہ ڏيءَ کي، نہ زال کي، نہ پاءُ کي. جيڪا ڳالهہ هڪڙي کي معلوم آهي سا ٻئي ڪنهن نہ آهي.

(ڪتابچو: انقلابي پارٽي ۽ انقلابي ڪارڪن.
ص. 13 کان 17 تائين)

لطيف وٽ ڏک ۽ سک جو تصور

ڏک ۽ سک کي الڳ شيون آهن يا ساڳيءَ ڳالهه جا ٻه پاسا آهن ۽ هڪ ٻئي تي دارومدار رکن ٿا ۽ هڪڙي کان سواءِ ٻيو ڪونهي؟ مورڳو ائين ته ناهي ڪنهن خيال کان سک کان ڏک وڌيڪ قيمتي آهي ۽ مورڳو سورن بدران ڳولا ڪجي ئي، ڏکن جي؟ يا وري مورڳو ڏک سک ٻئي رڳو وهم ۽ خيال ته ناهن! ائين ته ناهي ته ڏک ۽ سک ڪجهه ناهن، سڀ ڪجهه مايا آهي، احساسن جو مهاڃار آهي! اهي ازلي ۽ ابدي سوال تڏهن کان ونيِ انساني ذهن کي جهنجوڙيندا رهن ٿا جڏهن کان انسان لکين سال اڳ پنهنجي غارن مان ڪائنات ۾ ليئا پائڻ شروع ڪيا هئا.

ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ري (شاه)
سؤ سکن ڏيئي، ورهه وهايم هڪڙو. (شاه)
سؤ سکن ڏيئي، ساٽو ڪجي سور جو. (شاه)

مڌ پيٽو مسرور ٽياسي،
ڏک سک، سڀ کان ڏور ٽياسي. (ايياز)

يا جيئن شيليءَ چيو آهي:

We look before and after,
And pine for what not,
Our sincerest laughter with same pain is fraught,
Our sweetest songs are those which tell about saddest thought.

"اسين پويان (ماضي ۾) ۽ اڳيان (مستقبل ۾) ڏسون ٿا ۽ جيڪي ناهي تنهن کي ڳوليون ٿا. اسان جي بي اختيار ۽ قدرتي کل ۾ ٻه ڪونه ڪو درد سمايل آهي. اسان جا سڀ کان منڌرا ۽ پيارا گيت ۽ نغما اهي هوندا آهن جيڪي سڀ کان غمگين سوچن جوداستان ٻڌائيندا آهن."

مڑس کال ڪونڙيءَ ۾ قاسي جو انتظار پيو ڪري زال بکي اگهاڙي جڳ جي طعنن ۽ مهڻن جي وچ ۾ زندگيءَ جو زهر ڦڙو ڦڙو ڪري پئي پيئي. ولر ابهر ٻچن جو قرض، مرض، وڇوڙا، ڪيسن جا خرچ، اپيلون، وڪيل وڙا، پوليسون، قيد ۽ ملاقاتون، بي عزتيون، ذلتون، ٻنهي مان ڏک ڪنهن جو وڏو زال جو يا مڑس جو؟

هڪڙي ياءُ کي اوچتو ئي اوچتو گردن توڙ بخار ٿي پيو. اچان ٻه ڏينهن ئي ڪونہ گذريا تہ مڑس ڏٽڪي ڏٽڪي پورو ٿي ويو. پنيان سندس سڄو عيال ٻئي غريب ياءُ جي ڳچيءَ ۾ پئجي ويو. وڌيڪ همدردي ڪنهن سان ڪجي؟ مئل ياءُ سان يا جيئري سان؟ پاڻيءَ جي واري تان جهيڙو ٿي پيو. هِن هُن کي ڪهاڙي هنئي. هُن هِن کي. هڪڙو ڏڏي ٿي مري ويو. ٻيو قاسي گهاٽ پهچي ويو. ٻنهي مان ڏک ڪنهن جو وڌيڪ؟

ٻن چوڪرين ساڻئي محبوب سان محبت ڪئي. هن هڪڙي کي ڇڏي ٻيءَ سان شادي ڪئي. چئن ڏينهن جو چشڪو پورو ٿي ويو. هاڻي مڑس جو اهو چاهه ڪونهي ۽ پاڻ ٻہ سندس بدليل رخ ڏسي، روئي رڙي، هاڻي منجهائنس نا اميد ۽ ڪٽي ٿي پئي آهي. هاڻي سس سهري ۽ ٽٽانن جا طعنا مهڻا سهيو. مارون کايو. مڑيئي حياتيءَ جو گهنگهر پئي گهاري. ٻيءَ جي شادي ٻئي ماڻهوءَ سان ٿي پر دل ۾ اهو ئي اڇيون محبوب ان ئي رنگ ۾ پيو وسيس ۽ نت نئين ورونهن ۾ ورتي پيئي آهي.

نئين سج نئون، ورهہ ويڙهيچن جو! (شاه)

ٻنهي مان ڏک ڪنهن جو ڳرو؟

ساڻي ڳالهہ ۾ ڏک ٻہ ڇوٽڪارو ٻہ ڪير چوي تہ ڏک وڌيڪ يا ڇوٽڪارو وڌيڪ؟ ماءُ جو پٽ سوريءَ تي ٽنگيو اذيت پيو ڪاٽي. اطلاع مليس تہ مري ويو. ماءُ سندس سور کان ڇٽڻ تي ڇوٽڪارو محسوس ڪري يا مرڻ تي ماتم؟

هن جهان ۾ ايجان ڪي ساهميون، توراڙا ۽ ماپا ٺهيا ئي ڪونهن جو جن سان انسان جي ڏکن ۽ سورن جو وزن ۽ قدبت ڪيڇي سگهجي. ساڻي تڪليف، ساڻيو سور، هڪڙن لاءِ معمولي ڳالهہ، ٻين لاءِ ناقابل برداشت.

ڏکن سکن جو دارو مدار حقيقتن سان گڏوگڏ ڏک سک محسوس ڪندڙ ماڻهوءَ تي، سندس ماضي ۽ حال تي، سندس جذباتي روين ۽ لاڙن ۽ احساس ۽ سمجهہ جي جهل پل کان آزاد اڪيچار ڳالهين تي آهي. انهن ۾

هر وقت هر لحظي بجليءَ جي تيزيءَ سان تبديلي ايندي رهي ٿي جنهن کري ساڳي جاءِ تي ٻيئل ماڻهو انهي ساڳي پل ۾ "گهڙي ماسو گهڙي تولو"

ڪڏهن من ماکوڙي، ڪڏهن ڪيهر شينهن. (شاه)

ساڳي ڳالهه. ساڳيو ماڻهو ڪڏهن روح جي راحت ڪڏهن عين عذاب.

سائي راحت روح جي، سو ئي عين عذاب (شاه)

ڏک سک جا حساب ڪتاب ڪري سگهڻ وارو قاضي ايجان ماءُ جي پيٽان جائو ئي ڪونهي. هيءَ اها منزل آهي جتي فرشتن جا پر به جلن ٿا.

انت بحر دي ڪل نہ ڪائي رنگي رنگ بڻ آيا. (سچل)

ڏک سک جي ماپ تور ڪرڻ جي ڪوشش آهي، جڙ ڪوه ۾ پيل منڊي ماکوڙيءَ جو اُپ ڳچڻ!

ڪنز قدوري قافيا، جي پڙهي پروڙين سپ،
تہ منڊي ماکوڙي کوه ۾، پئي ڪچي اُپ

(قاضي قادن)

باقي ماڻهو پنهنجي من جي مرضيءَ مطابق ماپا تورا ناهي اندازا پيو ڪندو ۽ ڏکا پيو هڻندو تنهن کي ڪير روڪيندو؟ ۽ تنهن ۾ اربعا خطا به کهڙي ٿيندي؟ هر ڪو پنهنجي دل جو بادشاه آهي.

ماڻهوءَ جي پسند يا ترجيح جو به ڪو مقرر ٿيل معيار ڪونهي. جيڪا راءِ کي وٽي سان راٽي. زنده يا گذري ويل ماڻهن بابت به هر ڪنهن جي راءِ پنهنجي پنهنجي. هر ڪو پاڻ سان پنهنجيون ساهميون ۽ گز ڪنيو پيو هلي، جنهن کي جيڪي پسند اچي. جيئڻ توڙي مرڻ جي به ڪا هڪڙي ادا تہ ڪانهي!

خوبي همين کرشمہ و ناز خرام نيت،
بيار شيو هاست بنارا کہ نام نيت.

(محبوب جون ادائون، محبت جون ادائون بي حساب آهن، رڳو هلڻ جي لوڏ ۽ ناز ادا تہ ڪونهي. ڪيئي اهڙيون ادائون آهن جن تي اڄا ڪو نالو ئي ڪونہ رکيو ويو آهي.)

(ڪتاب: وهڻ مون نہ وڙاءِ، ص 102 کان 105)

لطيف سچ جو پرجهلوءِ طرفدار

لطيف جي تعريف ۾ اسان جيتريون تعريفون ڪيون آهن، اهي گهٽ آهن.

ڪنهن پر روئان پرينءَ کي؟ روئي نہ ڄاڻان،
مٽي ڪيون پٽان، هنجن هاڻا هٽڙا.

ڪڏهن ڪڏهن ڪن قومن جي مٿان تاريخ اوچتو اوچتو ٻنا اطلاع جي مهربان ٿيندي آهي، ڪڏهن قومون ۽ هستيون تاريخ ۾ پهريائين هيٺ هونديون آهن تہ انهن قومن تي اوچتو ٻنا سبب جي نعمتون عطا ٿيندیون آهن. حالانڪ سبب گهٽا وڌا هوندا آهن، پر اهي بظاهر ڏسڻ ۾ نہ ايندا آهن. اهڙيءَ طرح سان ڪڏهن ڪيترا عذاب نازل ٿيندا آهن، جن جا بظاهر سبب ڏسڻ ۾ ناهن ايندا. اسان جي مٿان تاريخ جي طرفان تمام وڏي نعمت عطا ڪئي وئي، اسان جي تاريخ جو سڀ کان وڏو سڀ کان قيمتي ۽ سڀ کان اڻ لڀ شخص شاهہ لطيف آهي، فقط اهو هڪڙو ماڻهو هو جيڪو دنيا جي زبردست ۽ ڪنڌار سائنسدانن، اڳواڻن، رهبرن، شاعرن، ڪماندرن ۽ مفڪرن جي صفن ۾ اسان جي طرفان نمائندگي ڪري سگهي ٿو. اهو صرف لطيف آهي، ٻيو ڪوبہ ڪونهي. اسان جي سموري پنج هزارن سالن جي تاريخ جو جيڪو ڳر آهي، جيڪو نچوڙ آهي، جيڪو مکڙ آهي، اهو دراصل اهو لطيف آهي. لطيف بابت اسين اها ڳالهہ رکو تعريف جي حوالي سان نہ ٿا ڪريون، ڪنهن ماڻهوءَ جي اجائي تعريف ڪرڻ ان جي بي عزتي آهي. ماڻهن جو حق فقط ايترو آهي، جو ان جي صحيح ڳالهہ ڪئي وڃي. غلط ڳالهہ ڪرڻ اصل ئي بيڪار آهي. لطيف لاءِ اهڙيون ڳالهيون ڪجن، جيڪي وڏي شاعر لاءِ واجب نہ آهي تہ اهي ڳالهيون بلڪل فضول ٿيندیون، تنهن ڪري اسين چئون ٿا تہ فڪر جي حوالي سان روءِ زمين جا وڏي ۾ وڏا سمجهو ڏاها، نيڪ ۽ سُٹا ماڻهو ٿي گذريا آهن. مون سڃي تاريخ پڙهي آهي. سڃي دنيا جي پنج هزار سالن جي تاريخ جا ثقافتي، سياسي، فڪري، اقتصادي ۽ جنگي پاسا وڏي غور سان ڏسنداسين تہ اسان کي

معلوم ٿيندو تہ اسان جو لطيف ئي اها وڏي شخصيت آهي، جنهن کي دنيا جي وڏن، طاقتور، اڻ لڀ، بي بها شخصيتن جي وچ ۾ مور واري حيثيت ڏئي سگهون. ٻيو ڪوبہ ماڻهو اسان کي پنج هزار سالن جي تاريخ ۾ معلوم ناهي، جيڪو ان جي جاءِ والاري سگهي يا ان جي ڀرسان ويهي سگهي تہ:

ڪوڙي ڪايائون تنهنجون، لکن لک هزار
جيءَ سڀ ڪنهن جيءَ سين، درسن ڏاروڻن ڏار
پريم تنهنجا پار ڪهڙا ڇئي ڪهڙا ڇوان.

تہ لطيف سائين اڻ لڀ ۽ بي بها آهي. اسان جي بدقسمتي اها آهي، جو اسان جي پيرن ميرن جون تعريفون ٿيندڙيون آهن، سياسي ليڊرن جون تعريفون ٿيندڙيون آهن، رڳو تعريفون ڪري اکر ٽا اُچاريون، آئون چاهيان ٿو تہ اسين سنڌي ماڻهو لطيف جهڙن آدرشي انسانن جهڙا انسان ٿيون، لطيف سائين جيڪي گُڻ اسان کي ٻُڌايا آهن، اهي اسين پاڻ ۾ پيدا ڪريون. لطيف سائين جيڪو وڏي ۾ وڏو ماڻهوءَ جو گُڻ اسان کي ٻُڌايو آهي، اهو آهي سچائيءَ جو. سچ وڏي شيءِ آهي، ذات وڏي شيءِ ناهي.

"هڪڙو ماڻهو لک ٿئي ٿو جي هو سچ چوي ٿو."

سڀ کان پهرين ڳالهہ سچ جي آهي ۽ سڀ کان وڏي ڪوٽ اسان جي ملڪ ۾ سچ جي آهي. رڳو زباني گفتگوءَ ۾ نہ، پر رڪارڊ ۾ بہ سچ جي بدران ڪوڙ لکيو ويو آهي. اسان جو رڪارڊ بہ ڪوڙو آهي. اسان جي تاريخ بہ ڪوڙي آهي، اسان جون تعريفون بہ ڪوڙيون آهن، اسان جون گلائون بہ ڪوڙيون آهن. هڪڙو ٽوٽل اي ٽو زيڊ تائين ڪوڙ جو دفتر ٺهيل آهي. مثال طور، توهان کي مثال ٻُڌايان تہ هوشو شيدي تمام بهادر ماڻهو هو. تمام زبردست ماڻهو هو، پر سپاهي هو. سپاهيءَ ۽ ڪمانڊر ۾ فرق ايترو آهي، جيترو آبدار ۽ چيف انجنيئر ۾ هجي ٿو. سپاهي سرفروش، اڻ موٽ، ٻوٽيون ٻوٽيون ٽي وڃي، پرزا پرزا ٽي وڃي، پوئتي نہ موٽي، پر ڪمانڊر هڪ بي شيءِ آهي، سڀ سالار جي دنيا ئي بي آهي. اسين چئون ٽا هوشو سڀ سالار (ڪمانڊر) هو. اسان ڪيترن ئي ماڻهن کي پڇ ٻڌي مهري ڪيو آهي ۽ ڪوڙيون تعريفون ڪري، هڪڙو ڪوڙ ٻيو ۽ ان مٿان ٽيون ڪوڙ ۽ ايئن اٽ اٽ ماڙ ڪوڙ هٽي دنگ ڪندا آهيون.

مان جيل ۾ هئس. جيڪڏهن منهنجي روح ۾ لطيف نه هجي ها تہ مان جيل جون حالتون برداشت نہ ڪري سگهان ها. سنڌ ۾ وڏي جنگ آهي، وڏا مسئلا آهن. آئون لطيف جي حوالي سان ڳالهہ ٿو ڪريان تہ لطيف کي ڇڳيءَ طرح سمجهي، ان جي فڪر ۽ واٽ تي عمل ڪريو. عمل ڪرڻ جي معنيٰ آهي تہ جيڪي بہ اسين ڪريون ٿا تہ ان جي اُبتڙ وڃڻ. لطيف کي رڳو شاعر سمجهي ڳالهہ ڪندؤ تہ سمجهو ڪم لهي ويندو. شاعريءَ کي ڇڏي ڏيو. لطيف کي بنيادي طور هڪ سماجي سائنسدان ۽ مفڪر طور سمجهي ڳالهہ ڪريو. لطيف کي مجاهد سمجهي ڳالهہ ڪريو. شاعر بہ زبردست آهي.

توڙانهن گهٽو نهاريان، تارا تيلاهين،
سڃڻ جيڏانهين، تون تيڏاهين اُپرين.

❊❊

تارا، تر، تروڪٽيون، متن ڦُلڙيون،
ڪوءِ سي راتڙيون، جي مون پرينءَ پڃاڻان پيئيون.

لطيف جي حُسن ۽ محبت جا داستان ٻيا آهن، پر بنيادي ڳالهہ اها ناهي تہ حُسن ۽ محبت جا شاعر ٻيا بہ آهن. وارث شاهہ بہ سبحان الله واهہ جو شاعر آهي. فريد بہ تمام وڏو شاعر آهي.

"ميڏا يار وي تون، ميڏا دلدار وي تون."

خواجا فريد جي ان هڪڙي ڪلام تان سوين هزارين شاعريون قربان ڪري ڇڏجن. عالمي ادب ۾ پنهنجي محبوب کي اهڙو خراج تحسين پيش ٿيل آهي ئي ڪونہ. لطيف بہ تمام گهڻيون سهڻيون ۽ سُٻيون ڳالهيون ڪيون آهن پر اهم ڳالهہ اها آهي تہ دنيا ۾ جيئرو ڪيئن رهجي. اسين خطري ۾ آهيون. آئون توهان کي نٿو چوان، چو تہ اسين سنڌي ماڻهو بادشاهہ ماڻهو آهيون. اهو سڀ ٺيڪ آهي، پر هينئر پاڻ سڀ پڇ اهڙي خطري ۾ آهيون.

منافقن کي لطيف سائين بلڪل پري کان سڃاڻندو هو. لطيف منافقيءَ جي خلاف هو پاڙي ٽيڙ جي خلاف هو.

اڃان تو منجهانءُ، ڪک ڇُتي رت نڪريا
منهن ۾ محبوبن جا، ڪيئن جهليندين گهاءُ؟
سوتون ڪُجاڙيا، سڪڻ جون سڏون ڪرين؟

اسان جي اندر ۾ اهڙيون جرئتون ڪونهن، اسان جي سنڌي زندگيءَ ۾ اهي جرئتون نه آهن، اسان جي زندگي اهڙي آهي ڪانه، اچو ته صاف گو ٿيون. پنهنجي زندگيءَ ۾ اهڙا ڪارناما ٿين ئي ڪونه ٿا، جنهن مان اسان کي اتساهه ملي. اسان وٽ اهڙا ماڻهو ئي ڪونهن، جن کي ڏسي، ايئن چئون ته اسين به اهڙا ٿيون. اهڙا ماڻهو اسان وٽ دراصل آهن ئي ڪونه. لطيف سائينءَ جو هڪڙو شعر آهي ته:

اکين سو ئي اوڙکيو جو ڪنين سوم ڪرن،
ماڻا منهنجو من، جام پسنديئي پتيو.

ڪي اهڙا ماڻهو ٿين ٿا، جن کي ڏسڻ سان ئي ايمان اچيو وڃي. اهڙا ماڻهو پاڻ وٽ آهن ئي ڪونه جن پرين کي ڏٺوءَ هجي، پرين ته مون ڏٺا ئي ڪونه. تن جي ڳالهه به نٿي ڪري سگهجي. پرين ته الائي ڪهڙا هئا.

جيڪڏهن اسان لطيف کي پنهنجي هينڙي ۾ حل ڪيوسين، ان کان انسپائريشن ورتي سين، ان کان جيئڻ جا ڍنگ سکياسين، پهريون ڍنگ ڪهڙو آهي، جيڪي به اسين آهيون، جيئن آهيون، جهڙيءَ طرح رهون ٿا، تنهن کي رد ڪريون، جيڪا به اسان جي موجوده زندگيءَ ڏانهن روش آهي، جيڪو ڍنگ آهي، جيڪو انداز آهي، ان کي رد ڪريون. لطيف سائين چوي ٿو ته:

اک اُلٽي ڏار وَنءَ اُبتو عام سين،
جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهه اوپار.

لطيف جي هڪ هڪ ڳالهه بنهه سچي ۽ ڪري ڳالهه آهي.

بهرحال هينئر ميدان ۾ لهي وڃڻ جو وقت آهي، سنڌ ۽ سنڌين جي دشمنن سان. هر منافقي، هر مڪر، هر بدمعاشي، هر عوام دشمنيءَ جو نقاب لاهي، چيري ڦاڙي، ان کي ظاهر ڪجي سچ چوڻو آهي. شيخ اياز جو شعر آهي ته:

ڪوئي آهي ڪوئي آهي، جيڪو سچ چوي،
ڏينهن ڏٺي جو هن ڏانئڻ تان جيڪو گهونگهٽ لاهي،
ڪوئي آهي ڪوئي آهي، جو سانگ سياست جا سمجهي،
ناهه نڳيءَ جو ڍاهي، ڪوئي آهي ڪوئي آهي، جيڪو سچ چوي.

(قمبر ۾ لطيف تي ڏنل ليڪچر، سال 2008)

لطيف مظلومن ۽ محڪومن جو آواز

ڪوڙين ڪايائون تنهنجون، لکن لک هزار،
جيءُ سپ ڪنهن جيءَ سين، درسن ڏارو ڏار،
پريم تنهنجا پار ڪهڙا چئي ڪهڙا چوان.
(شاهه)

لطيف جي باري ۾ پاڻ تعريف ڪريون، بيان ڪريون، ان لاءِ پاڻ کي تمام وڏو وقت گهرجي. اڄوڪي محفل ۾ اسين فقط ٿوريون ڳالهيون ڪري سگهون ٿا.

لطيف اسان کي ٻڌايو آهي ته هن ڌرتيءَ تي بهترين انسان ڪيئن ٿيو. هن ڌرتيءَ تي بهترين ڪم ڪهڙو آهي ۽ ان بهتر ڪم کي ڪرڻ وارن بهترين ماڻهن ۾ بهترين گُڻ ڪهڙا هئڻ گهرجن. لطيف سائينءَ چيو آهي ته بهتر ڪم اهو آهي ته هيءَ دنيا بري آهي، تنهن کي بدلائجي. هاڻي دنيا ۾ ان تي تمام گهڻو غور ٿيو آهي. دنيا ۾ ايڏا ته ڏک ۽ تڪليفون آهن، جو بيان ڪبا ته ڪري ڪونه سگهبا. داستان لکڻ ۽ بيان ڪرڻ کان هيءَ ڳالهه مٿي آهي.

حقيقت هن حال جي، جي ظاهر ڪريان ڏري،
لڳي ماڻ مِرُن کي، ڏونگر پون ڏي،
وڃن وڻ ٻري، اوڙ اُپڙي ڪين کي.

اها آهي انسان جي هن ڌرتيءَ تي بهتريءَ جي حالت. هاڻي ان تي غور ڪجي، ڏک ڪجي، داستان لکجن، ڪچهريون ڪجن. لطيف چئي ٿو ته اها ڳالهه به ضروري آهي، پر ڪافي ناهي. دنيا ۾ حُسن آهي، عشق آهي، شعور آهي، فراق آهي، سپ ڪجهه آهي، پر بنيادي ڳالهه اها آهي ته، هن دنيا کي ماڻهو بدلائي۽ اهو سوچي ته هن دنيا کي ڪيئن تبديل ڪجي، ۽ ان لاءِ ڪهڙي ڳالهه جي ضرورت آهي. ان لاءِ ضروري آهي ته هڪڙو نئون

انسان کپي. هر دؤر ۾ ڏاهن چيو آهي ته انسان نئون کپي. نئين دنيا کي نئين انسان کانسواءِ اڄ دراصل ممڪن ئي ناهي. نئون ماڻهو کپي، ان کي نوان خيال هجن، نوان ڳُڻ هجن، نوان آدرش هجن، نيون سوچون هجن، نوان رويا هجن، نئون مقصد هجي، نيون آسون، نيون تمنائون، نوان حوصلا ۽ نوان معيار هجن. ڪاميابي چا کي چئجي؟ ناڪام ڪير آهي؟ ڪامياب ڪير آهي؟ منزل چا آهي؟ حاصلات چا آهي؟ انهن سمورين شين ۽ ڳالهين کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ وارو نئون ماڻهو/ انسان هجڻ گهرجي.

هڪ نئون جهان ناهڻ کپي، پر رڳو نئون جهان ناهڻ ڪافي ناهي. نئين جهان سان گڏ نئون انسان به هجي، جنهن جي فقط شڪل نئين نه هجي، لباس نئون نه هجي، پر ان جون سوچون، ان جا معيار، ماپا، رويا، سمجهه ۽ خيال نوان هجن. رڳو مختلف نه پر نرالا ۽ اُبتڙ به هجن. لطيف سائينءَ چيو آهي.

هي جي آيا هير، سي مون اڳ نه ڏٺا ڪڏهن،
آئون ترسان هو تکڙا، پٽ نه لائين پير.

لطيف جو فن ۽ شاعري ته زبردست آهي، پر هن جي سوچ ان کان به وڌيڪ اعليٰ ۽ مٿانهين آهي. لطيف جو شاعر هجڻ، ٻئي درجي جي ڳالهه آهي، لطيف هڪ عظيم انسان، سوچيندڙ داناءِ ۽ ڏاهو هجڻ پهرين درجي جي ڳالهه آهي. پهرين هن جي دانائي آهي، پهرين هن جي انسانيت آهي، پهرين هن جي محبت آهي، پهرين هن جي انقلابيت آهي، هن انقلابيت کي جنهن فن سان پيش ڪيو آهي، اها هن جي زبردست، عظيم ۽ اعليٰ ڳالهه آهي. ايئن چئجي ته هن جي شاعريءَ ۾ اتفاق سان اهي سڀ ڳالهيون اچي ويون آهن، ايئن ناهي. پهرين هو نرالو يگانو ۽ بي مثال انسان هو. آئون نٽو چوان ته لطيف جهڙا شاعر ٻيا ڪونه هئا، تمام گهٽا شاعر هئا، اهي ڪيترين ئي ڳالهين ۾ ته لطيف کان به تمام گهڻو اڳتي هئا، وارث شاهه، غالب، رومي، ذڪريا، بوعلي سينا، ڪنهن جي ڳالهه ڪجي، دنيا ۾ شاعري زبردست ٿي آهي.

شيڪسپيئر ۽ ڪالي‌داس دنيا جا بي مثال شاعر هئا. آئون نٽو چوان ته سيني ڳالهين ۾ لطيف انهن کان وڌيڪ هو. ڪيترا لطيف کان گهڻو

اڳتي آهن. پر لطيف ٽوٽل ۾ جنهن ڳالهه جي ڪري دنيا جي مشهور شاعرن کان وڌيڪ اڳتي وڌيل آهي، اهو آهي هن جو دنيا کي بدلائڻ وارو شعري مثال. جيڪو دنيا جي شاعريءَ ۾ ملي نه سگهندو. اها ڳالهه مون لنڊن ۾ به ڪئي، آمريڪا ۾ به ڪئي. شاعر تمام گهٽا آهن. پر مجموعي طور ڏسو ته لطيف جيڪي ڳالهيون، جنهن زماني ۾ ڪيون آهن، اهي ان زماني ۾ هيون؟

جيها جي تيها، مون سي مارو مڃيا،
مون جيڏيون مليز ۾، چونڊن موڪ ميها،
اٿم آس اها، ڪڏهن ڪيرائيندي ڪوٽ کي.

محبوب جو ذڪر شيڪسپيئر به ڪيو آهي، پر لطيف چئي ٿو:

آيو سو اتور جنهن ڏُکيون ڏک ويهاريون.

مطلب ڳالهه جو آهي ته لطيف پهريون ماڻهو آهي، جنهن مظلومن تي رحم نه ڪاڏو آهي. انهن کي قابل رحم نه سمجهيو آهي. اهي ڳالهيون تمام وڏي غور ۽ فڪر واريون آهن. لطيف چيو ته، هي جيڪي ماڻهو مظلوم آهن، غريب آهن، ستايل آهن، اهي رڳو ويچارا ناهن. اهي وڏا عظيم آهن، وڏي ڳالهه آهي:

مٿن ٽُهڪ ٽُهڪڙا، چڪندڙا اچن،
ڪڙيون ڪيهه پُڪليون، پگهر سر پيرن،
اي وڙ ويڙيچن، مون لوڏان ئي لکيا.

جيڪي هن جهان ۾ مظلوم آهن، محروم آهن، انهن سيني کي لطيف ٻئي رنگ ۾ پيش ڪيو آهي.

منڌ نه منجهان تن، پسي لڪ لُڏن جي،
جا پر ڪاهوڙين، سا پر سِکِي سسئي.

عورت، مظلوم، ڪمزور ۽ بيوس ناهي، لطيف جي نظر ۾ عورت پهاڙن کان وڌيڪ مضبوط ۽ ارڏي آهي. قابل فخر مرد ناهي، دراصل قابل فخر عورت آهي. دنيا جي ڪنهن به شاعر لطيف وانگر اهڙو تصور پيش ناهي ڪيو. هزارن سالن تائين (اسان کي خبر آهي لطيف کي خبر نه هوندي) جيترو وقت عورت جي ڪنڌ تي مرد چڙهيو ويٺو آهي، تنهن کان ڏهوڻو

وقت انسان ذات جي اڳواڻ عورت هئي، جنهن کي مادري سماج چون ٿا. جيڪڏهن هن مردن جي حاڪميت کي ڏهه ويهه هزار سال ٿيا آهن تہ گهٽ ۾ گهٽ ٻہ لک سال عورت قبيلي جي سردار ٿي رهي آهي. دراصل لطيف کي اها خبر هئي تہ صحيح معنيٰ ۾ بهادريءَ ۾ عورت مرد کان وڌيڪ آهي. ڏکن ۾ انسانيت جا اعليٰ ترين گُڻ عورت ۾ آهن. سکڻي طاقت ۾ اُگهاڙي طاقت قابل فخر ناهي، جسم جي طاقت کي برتري ناهي، روح، ضمير ۾ ذهن جي طاقت کي برتري آهي. لطيف چئي ٿو تہ جسماني قوت دراصل درندگيءَ جو دليل آهي، حُسن شرافت ۾ آهي، نيڪي ۾ آهي، پاڻ اڀرڻ ۾ آهي. اسين مرد حقير آهيون، اها ڳالهہ لطيف کان وڌيڪ بهتر ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ نہ ڪئي.

لطيف کي سمجهڻ جي معنيٰ آهي تہ هيءَ دنيا ٿوري آهي، منزل وڏي رکجي، مقصد وڏا رکجن، سڃيءَ جهان کي بدلائجي، لطيف جي نظر ڳوٺ تي ۾ هئي، مائٽن تي ۾ هئي ماحول تي ۾ هئي. لطيف چيو آهي تہ:

سائينءَ سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سُڪار،
دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.

سڃو جهان ۾ سڃي انسانيت کي تبديل ڪرڻ ۾ انقلاب آڻڻ، سکڻو انقلاب نہ، پر مڪمل ۾ ٽوٽل انقلاب آڻي، هيئين کي مٿي ۾ مٿين کي هيٺ ڪرڻ آهي. اهي مقصد وڏا آهن.

سيوا ڪر سَموند جي، جِت جَر وهي ٿو جال،
سَوين وَهن سِيرَ ۾ ماڻڪ موتي لال،
جي ماسو ملئي مال، تہ پڃارا پُر ٿئين.

مقصد وڏا ۾ حوصلا ڏرڻي جيترا ايئن نہ هجي. نئون انسان اهڙو هجي، جنهن جي منزل زبردست ۾ سمنڊن جيڏي هجي.

سموند جي سيوين، تنين ماڻڪ ميڙيا.

مقصد ڪهڙو هجي، منزل ڪهڙي هجي، يونين ڪائونسل جي چيئرميني، ميمبري، پندرهن روپين جو بيلنس، زمين جا ڪجهہ ايڪڙ، بدمعاشي، اسا منزل ناهي. منزل اڻاهہ هجي، ماڻهوءَ جو مقصد عظيم هجي، اهڙو عظيم هجي، جو سندس اندر ۾ ڪيس مڙس ماڻهو چوي.

لطيف سسئيءَ کي چوي ٿو:

عمر سڀ عشق سين، پنهون جي پُڇن،
ريس ريزاليون تن سين، ڪُجاڙي لڳ ڪن
مارڳ جي مرن، وڏا طالع تن جا.

جيڪي سڄي عمر پنهونءَ جي عشق ۾ پچائون ڪن ۽ صحيح منزل جي چونڊ ۽ صحيح منزل جي پويان وڃن، اهو مڪمل منزل جي حاصلات جو انعام آهي، صحيح منزل ۽ صحيح رستي تي هلندو رهڻ وڏو انعام آهي. دنيا جا ماڻهو اهو چون ته فلاڻي جو مقصد هيءُ آهي ته اهو وڏو انعام آهي.

مومل ناهي مينڊرو، توڙي منجهه نصيب،
مون کي مون حبيب، طعنو ئي تنهنجو.

معنيٰ: ماڻهو چون، هو مينڊري جي مڙان مشتاق آهي، اهو ڪافي ناهي. ماڻهو چون هي انقلابي آهي، چون:

آءٌ طعنن سوڌي تنهنجي، تون طعنو ئي مون،
سو ڪي سريوسون، جو سر تيون ڪنهن نہ سريو.

مان بنيادي طور ڪو شاعر ناهيان، مان هڪ سياسي ڪارڪن آهيان ۽ خيالن جي دنيا وارو ماڻهو ناهيان، وڪيل آهيان، تنهن ڪري آئون شاعر جي شاعريءَ جي هر خبر کي خبر ڪري بيان ڪرڻ وارو ماڻهو ناهيان، پر آئون هڪ سائنس جي شاگرد جي حيثيت سان هڪ تڪيل توريل ڳالهه چوان ٿو ته، لطيف وٽ هڪڙي پاسي انقلاب جو جيڪو فلسفو آهي، اهو ٻئي پاسي رومانوي طرح لطيف جو رستو آهي، اهي ٻئي شيون گڏبيون، تڏهن ئي هي جهان تبديل ڪري سگهبو هن ۾ انقلاب آڻي سگهبو. نوان ماڻهو ناهي سگهبا، نئين دنيا ناهي سگهبي، نئون جهان ناهي سگهبو ۽ هن ڌرتيءَ تي نيون جنتون جوڙي سگهبيون. جيڪڏهن لطيف جو ۽ انقلابي سائنس جو ڳوڙهي عمل سان، اعتماد سان اطلاق ڪيو ويي، ادراڪ ڪيو ويي ۽ ان تي عمل ڪيو ويي.

جيئي سنڌ

(لطيف تي ليڪچر، ميرپورخاص، 20 نومبر، 2004ع)

لطيف: بي خبريءَ ۾ غفلت خلاف چتاءُ

اٽ تڏهن ٽي رڙيا، جڏهن هورا ٽي سبيا

انسان ۾ جانور ۾ هڪڙو فرق اهو هوندو آهي جو جانور آئنده بابت سوچي نه سگهندو آهي ۽ انسان ايندڙ حالتن جو اندازو لڳائي انهن بابت اڳواٽ بندوبست ڪري سگهندو آهي. انگريزي ۾ چوندا آهن. Fore warned in Fore armed.

"جنهن کي ڪنهن خطري جي اڳواٽ چتاءُ آهي سو جڻ ته اڳ ۾ ئي هٿياربند آهي." اها ڳالهه رڳو فردن سان نه پر گروهن، ٽولن، پارٽين، قومن، تهذيبن بلڪ سموري انسان ذات سان لاڳو آهي. اڳواٽ خبر، چتاءُ، بندوبست کان سواءِ انسان ذات جنهن جاءِ تي اڄ بيٺي آهي تنهن تي هر گز پهچي نه سگهي ها. خبر، چتاءُ، اڳڪٿي، اڳواٽ جاڻ ۽ اڳواٽ رٽابندي اڄ دنيا ۾ جنهن عروج تي پهتل آهن، تنهن جو اسين تصور به نٿا ڪري سگهون. چي "اڄ کان هيترا سال، مهينا ۽ ڏينهن پوءِ فلاڻي ڏينهن هيتري وڳي هيترن منٽن ۽ سيڪنڊن تي چنڊ گرهڻ يا سج گرهڻ ٿيندي، هيڏو طوفان ايندو، چنڊ ڌرتي کان هيتري مفاصلي تي فلاڻي جاءِ تي پهچندو، مريخ سج کان هيترا لک ميل هيترا فرلانگ پري هوندو." سڀ حساب ڪتاب لڳايو ڌرتيءَ تان راڪيٽ موڪلين تڏ ته ٺيڪ ويجيو چنڊ کي لڳي! حالانڪ زمين ۽ چنڊ ٻئي گردش ۾ آهن، ٻنهي جون رفتارون مختلف آهن، پر حساب ڪتاب ۽ اڳواٽ رٽابندي اهڙي ڪمال جي، جو مجال آهي ته چنڊ تي موڪليل راڪيٽ رٽيل جڳهه کان هيڏانهن هوڏانهن ٽئي!! اسان جو شاهه سڃو بي خبريءَ ۽ غفلت خلاف چتاءُ آهي ۽ اڳواٽ خبرداريءَ ۽ تياريءَ جو سڏ آهي:

اوريائين آٽين، ميڙيو معلوم خبرون،
ساتان سُڌ نه ڏين، جتي وهه ويڌ ڪري!

❋

ٻيڙي پراٽي، وکر پاءِ مَ وترو،
ترهي مِ تن پيا، پاسنئون پاٽي،
هيءَ هڏ ويهاٽي، ڪڙهه ڪالهوٽي ڏينهن ڪي.

❊

وينو تن تنينس، مک ڏهاٽي مڪڙي،
سنباهي سيد چئي، مٿي نيدوءَ نينس.
وٽائي وڏاندرا، لاڃو لڳائينس،
آخر اهرائينس، تہ جوکو ٽئي نہ جهاز ڪي.

❊

جُتو وان جهاز گڏيو گورابن سين،
پوريندي هن پار ڏي، سڏر ڪڇ ساز،
اچن تا آواز ستاٽي سمنڊ جا.

❊

ٻيڙياتا! ٻيئي، تو نہ ڦهنديون ڳالهڙيون،
سڃيون راتيون سمهين، پر سکان ڏيئي،
صباح سپيئي، پار پڇندءِ خبرون.

❊

وه تک وهڪرا، جت لنگر نہ ٿَهرَن،
وڏاندريون وه سامهيون، جهجهي زور جنبن،
نيڏُوءَ مِ ناتاريون، وٽجارا وجهن،
ملان معلمن، مون ڳري سئي ڳالهڙي.

❊

وٽجارا! ويئي، تو نہ سرندي شاهہ ري،
مک پنهنجي مڪڙي، چگي ڪر چيئي،
پاسا پاکڙين جا، سمنڊ ٽو سيکي،
جي لُنڊا مِ ليکي، ويڑ وڙهندي تن سين.

❊

بندر جان ٻئي، تہ سکاٽيا مَ سمهو،
ڪپر ٽوکن ڪري، جيئن ماڻيءَ منجهہ مهي،
ايڏو سور سهي، ننڊ نہ ڪجي ناکئا!

لهرين ليکو ناهه ڪو جت ڪپر ڪن ڪارا!
اڇارا عميق جا، اڇن اوپارا،
اٿي آسارا! ويڙهنديءِ وسيرا!

❊

ملا حظو مهراڻ جو مور مَ لاهه مناءِ،
ساموندبي! سنيال ڪي! سمهڻ آيءِ ساءَ،
جاڳي جر مٽاءِ، تاري وانءِ تراز ڪي.

❊

تاري وانءِ تراز ڪي، منجهان موج ملاح!
دانهون ڪن درياءَ جون، اونهي جا آگاهه،
سونهن جي صلاح، وٺ تہ ويڙ لنگهي وڃين.

گهر جا ويري ۽ دشمن جا ايجنٽ، ايامن کان ڪوڙ بدوڙ ۽ مڪر منافقيون ڪري ڏونگ رچائي صحيح خبرون ۽ حقيقتن جا رستا روڪيندا رهيا آهن. سچيون خبرون آڻيندڙ قاصد مارائيندا رهيا آهن. صحيح سمجهه ۽ عقل تي ٻڌل اڳڪٿيون ڪندڙن خلاف پنڌيون ٻاريندا رهيا آهن، خوشفهمين جا چريا ڏاتورا پياري ماڻهن کي بيهوش رکندا ۽ قومون ۽ ملڪ تباهه ڪرائيندا رهيا آهن. جيئن پاڪستان ٿيو آهي، تيئن دشمنن سان مليل گهر جون ويرياڻيون زبان دراز ڏوتيون سنڌي قوم سان اها ڪار ڪريو وينديون آهن. اڄ سنڌي قوم تباهيءَ جي جنهن ڪناري جي پر سان بيٺي آهي تنهن کي انڌو بہ ڏسي سگهي ٿو. اڄ حقيقتون الف ٽيو وچ بازار ۾ بيٺيون آهن. قتل گاهه تيار آهي. ڪات سراڻ تي تڪا ڪري رکيا ويا آهن. جلاد فيصلن جا مالڪ ٿي چڪا آهن، مقتولن جا لاش جوابدارن جي ڪنڌڙن ۾ پيا آهن. ۽ قاتل عدالت جي ڪرسيءَ تي جلوه افروز آهن. چنيسر دودن جو شاهي لباس پهريو تاريخ جي استيج تي وڏي آڪڙ ۽ ڏونڊ سان چهل قدمي پيا ڪن. خوني ناچ جي لئي اڳي کان بہ تيز ٽيڙ واري آهي. اڄ سنڌي قوم جي خطرناڪ ۽ دردناڪ حالت کي صحيح بيان ڪرڻ لاءِ گهربل لفظ ڪٿان آڻجن.؟

حقيقت هن حال جي، جي ظاهر ڪريان ڏري،
تہ لڳي ماڻ مرن کي، ڏونگر پون ڏري،
وڃن وڻ هري، اوپڙ ايڙي ڪين کي.

❁

وڏا وڻ وڻڪار جا، جت نانگ سڄڻ نيلا،
اتي عبداللطيف چئي، ڪيا هيڪلن حيلا،
جتي ڪڙم نہ قبيلا، اتي رهبر رسج راهہ ۾.

❁

وڏا وڻ وڻڪار جا، جتي جائو جمر جر،
ڪوسا تپن ڪکرا، ۾ي دم دم تپي ڏر،
ويچاري ڏي ور، پير نہ لهي پرينءَ جو.

❁

دهشت دم درياءَ ۾، جتي ستاڻا سيسار،
بي حد باڳو بحر ۾، هيبتناڪ هزار،
ساريان ڪانہ سرير ۾، طاقت توهان ڏار،
ساهڙ ڄام ستار، سگهو رسج سير ۾.

❁

دهشت دم درياءَ ۾، جتي ڪڙڪون ڪن ڪري،
توڙي تاڪن وچ ۾، مڻان ويڙ وري،
آءٌ ساهڙ منهنجا سپرين، پرتان پير پري،
هادي هٿ ڏري، اونهي مان اڪارين.

❁

دهشت دم درياءَ ۾، جت جايون جانارن،
نڪو سنڌو سير جو مپ نہ ملاحن،
سڃا ٻيڙا ٻار ۾، هليا هيٺ وڃن،
پرزو پيدا نہ ٿئي، تختو منجهان تن،
ڪوجو قهر ڪنن ۾، ويا ڪين ورن،
اتي اڻ تارن، ساهڙ سير لنگهاءِ تون.

❁

دنگي وچ درياءَ، ڪي ٻڏي ڪي اپڙي،
هو جي وڍي واڻيا، سي سونهڙ سپ سڙيا،
معلم ماڳ نہ اڳئين، ڦلنگي منجھ ڦريا
ملاح تنهنجي مڪڙيءَ، اچي چور چڙهيا،
جتي ڊينگ ڊريا، تتي تاري تنهنجي.

*

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، الاهي توهار،
جنگھ جرڪي وات ۾، سسي ڪي سيسار،
چوڙا ٻيڙا چڪ ۾، لڙ ۾ لڙهيس وار،
لکين چهٽيس لوهڻيون، ٽيلهيون ٽرنؤن ڌار،
مڙيا مڇ هزار، ياڳا ٽيندي سهڻي.

کتاب: سياسي ادب، جلد ٻيو تان ورتل، ص 418 کان 421)

ڏک سکن جي سونهن

ڏيکاريس ڏکن، گوندر گس پرين جو!
(لطيف)

"عرفي! دل آباد بيک جو نہ خرد عشق،
من هم دل ويران، بدو عالم نہ فروشم!
(عرفي)

(عرفي! عشق ڪنهن آباد ۾ خوشحال دل کي هڪڙي جَوَ جي داڻي عيوض به ڪين ونندو! خوشيءَ پريل دل کي وڻي چا ڪبو؟ ان جي قيمت ئي ڪهڙي؟ آءٌ به پنهنجي ويران ۾ تباهه دل ہن جهانن عيوض به نہ ڏيندس!)

وللي واويلائي ادب، هڪ طرفائيءَ ۾ وڏاءَ کان ڪم وڻي، انساني دل جي سمورن رنگ برنگي جذبن کي فقط ڏکن تائين محدود رکي ٿو ۾ ڏک جو رد عمل فقط مايوسي ڏيکاري ٿو. مايوسيءَ کي وري هڪ نسبتي، جزوي ۽ عارضي جذبي بدران قطعي، دائمي ۽ آخري جذبو ڪري پيش ڪري ٿو. اهڙيءَ ريت اهو دائمي ڏک ۽ مايوسيءَ جو پرچار ڪري، انسانن سان همدرديءَ جي آڙ ۾، کين ڏکن ۽ مايوسين سان ويڙهه جي ۽ ڏک ۽ مايوسيون ڏيندڙ ماڻهن ۽ قوتن سان مقابلي جي خواهش ۽ سگهه کان محروم ڪري ڇڏي ٿو. اهڙيءَ ريت اهو دوستيءَ جي روپ ۾ ماڻهن سان دشمني ڪري ٿو ۽ انهن يزيدي قوتن جي خدمت ۽ دلالي ڪري ٿو. جيڪي چاهين ٿيون تہ ماڻهو هڪڙي معمولي چوٽ کائڻ شرط ئي ڏکن ۽ مايوسين ۾ اهڙا وڻجي وڃن، جو وري يا عمر ڪنڌ مٽي ڪٽي، دشمن جي منهن ۾ نهاريڻ جو سوچي به نہ سگهن.

اهو ڏک جي مسئلي کي فقط ميڪ ميڪ ڪرڻ تائين محدود رکي ٿو. انساني ڏک جي بنيادي عالمي تاريخي ڪارڻن بابت، ان جي عالمي تاريخي نوعيت ۽ ان جي بنيادي علاج بابت، ڏک ڏيندڙ قوتن ۽ ڏک جو

علاج ڪندڙ قوتن بابت، نہ رڳو هو پاڻ چپن کي چنو لايو ويٺو آهي ۽ ٻڙڪ بہ ٻاهر نڪو ڪيڊي پر ٻين کي بہ نڙيءَ تي گھٽو ڏيو ويٺو آهي تہ انهن ڳالهين بابت اکر بہ ڪڍيو اٿو تہ اوهان کي نعريباز ۽ پروپيگنڊا باز اديب ٺهرائي، ادب جي ملڪ مان ڏيهہ نيڪالي ڏيئي ڇڏيندا سين.

اهو ڏک سک جي توازن کي نظر انداز ڪري، ڏک ۽ مايوسيءَ کي مطلق (Absolute) ۽ قطعي، آخري ۽ دائمي ٺهرائي، ان کي سندس پس منظر، اڳ پٺ کان الڳ ڪري، ان بابت خيالي ۽ بي بنياد تصور ڪڙا ڪري، ان کي هڪڙو پوت بنائي، انساني ڏک جي حقيقي ۽ تخليقي ترجماني ڪرڻ بدران ان کي بگاڙي، غلط ۽ گمراهہ ڪندڙ نموني ۽ بيهودي ۽ واهيات انداز ۾ پيش ڪري، ان کي خوار ڪري ٿو.

ڏک جي پوت جهڙن خيالي ۽ هٿراڏن تصورن جي آڙ ۾، اهو انسانن جي حقيقي ڏک جي صحيح ۽ ڀرپور اظهار جو رستو روڪي ٿو. اهڙيءَ ريت هو پنهنجن سامراجي آقائن جي خدمت ڪري ٿو. جيڪي دنيا جي اربين ڏکويل ماڻهن جي حقيقي ڏک کان ڌڃن ٿا. کين خبر آهي تہ جيڪڏهن اهو سمنڊن جهڙو اٿاهہ ڏک گڏ ٿيو ان کي سندس صحيح ڪارڻن ۽ صحيح علاجن سميت، صحيح نموني سمجهيو ۽ پروڙيو ويو تہ اهو دنيا ۾ اهڙو انقلابي طوفان بنجي اٿندو جنهن جي ست همالياہ جبل بہ سهي ڪونہ سگهندو.

اهو ادب جنهن بيهودي نموني ۾ هٿرادي ڏک جو واهيات اظهار ڪري ٿو تنهن جي ڪري ماڻهو ڏک بابت ڳالهہ پڙهڻ لاءِ تيار نٿا ٿين. بلڪ جيڪي پڙهندڙ هنن جي پروپيگنڊا طوفان جي اثر هيٺ اچي، هن ادب کي ئي ادب سمجهن ٿا ۽ ان ۾ پيش ڪيل ادب کي ئي ماڻهن جي اندر جي پيڙا جو اظهار ڪندڙ ادب سمجهن ٿا، سي سموري ادب کي هڪڙو هوائي، بيهودو ۽ بورُ ڪندڙ سمجهي، ڪنهن بہ حقيقت پسند ادب ڏانهن منهن ڪري بہ نٿا نهارين ۽ وڇيو جادوئي، اسراري، جاسوسي ۽ نام نهاد تاريخي ڪهاڻين جي ڏهڑ ۾ ڦاسن. اهڙيءَ ريت اهو ادب ان تڙ ڪرڻ واري وانگر آهي جيڪو شڪار کي هڪليو وڇيو شڪاريءَ جي بندوق جي سامهون آڻي! هي ادب ماڻهن کي حقيقي ادب کان ڊوڙايو، پڇايو، وڇيو آفيمي ادب جي حوالي ڪري.

اها ڳالهه هر ڪو ڄاڻي ٿو ته ماڻهن جي وڏي ۾ وڏي گهٽائي اڄ سوڌي هميشه محرومين، مصيبتن، مونجهارن ۽ عذابن جو شڪار ٿئي رهي آهي. اڪثر حالتن ۾ وٽن چوٽڪاري جو ڪوبه رستو ڪونهي، منجهائٽن گهٽا اڪثر ماڻ مڻيءَ ۾ يا ڪجهه مقابلي ڪان پوءِ، ان ڳالهه کي پنهنجي تقدير ۽ لکئي جو ليک سمجهي، برداشت ڪن ٿا ۽ زندگيءَ جو زهر ڦڙو ڦڙو ڪري پي، ڇُٽي ڇُٽي، حياتيءَ جي قيد جا ڏينهن پورا ڪن ٿا. سندن اندر هر دم روئندو سڙندو پچندو ۽ ٻرندو رهي ٿو. ڪي ته ڏک وچان پاڳل ٿيو پون ۽ جيئري ئي مٽن گڏ ٿيو وڃن.

ڏک، پيڙائون، مايوسيون ۽ موت زندگيءَ جون ازلي ۽ ابدي حقيقتون آهن. اهي اڃوڪي انسان جي زندگيءَ ۾ به موجود آهن. پر ڇا زندگيءَ ۾ انسان جي دل ۾ فقط ڏک ۽ پيڙائون ئي آهن؟ ڇا انهن ڏکن ۽ پيڙائن جي ڪري ماڻهو فقط دل ۾ رجهن پچن ٿا، رڳو مايوس ئي ٿين ٿا، رڳو ماتم ئي ڪن ٿا ۽ ذهني، جذباتي ۽ روحاني طرح رڳو مرن ۽ ختم ئي ٿين ٿا؟

نه. ماڻهن جي زندگيءَ ۾ رڳو ڏک، ناڪاميون ۽ مايوسيون ۽ موت جون تمنائون ڪونهن. زندگيءَ ۾، بدترين دورن ۽ حالتن ۾ به، ڪي سک، ڪي ڪاميابيون، ۽ ڪي زنده رهڻ جون آسون هجن ٿيون.

لازم-ملزوم!

انساني زندگي به ابتڙن جو ميلاپ آهي. ان ۾ ڏک ۽ سک ٻئي آهن. ٻئي هڪ ٻئي جي ابتڙ به آهن ته لازم ملزوم به آهن. اهي زندگيءَ جون اهڙيون هڪ ٻئي سان لاڳاپو رکندڙ ۽ هڪ ٻئي تي دارومدار رکندڙ ابتڙون آهن جهڙا ڏينهن ۽ رات، جم ۽ موت ۽ سردي ۽ گرمي. نه سک بنان ڏک جو تصور ڪري سگهجي ٿو نه ڏک بنان سک جو. ٻنهي جو هڪ ٻئي تي دارو مدار آهي ۽ هڪ ٻئي ۾ سمايل آهن. جيئن ٽڪ بنان آرام جو اوجاڳي بنان ننڊ جو، رات بنان ڏينهن جو ۽ سرءُ بنان بهار جو احساس ٿي نٿو سگهي. تيئن جنهن کي ڏکن جي خبر ڪانهي تنهن کي سکن جو ڪهڙو احساس، ڪهڙو قدر ٿي سگهي ٿو؟

اُڄ نه هوندي ته شربت به ڪونه وٽندو ڏاول ماڻهو ست رڄي طعامن ڏانهن به اک کٽي ڪونه نهارينڊو. جنهن جي حرم ۾ هزارين سهٽيون زالون

فالتو وينيون هونديون. ان کي کڻڻي خبر ته پرديسي محبوب سان اوچتي ملاقات ڇا ٿيندي آهي؟

در حقيقت خوشيءَ جو ڪافي دارو مدار ڏک تي آهي. سچو سک پيدا ئي ڏک مان ٿئي ٿو. ماءُ ڏک ڏسي ٻار ڇٽي ٿي، تڏهن ان کي ٻار ايڏي خوشي ڏئي ٿو. محبوب جي هڪڙي جهلڪ ان عاشق لاءِ خوشيءَ جو خزانو آهي، جنهن ان لاءِ ڪانگ اڏايا ۽ فالون پاتيون آهن. تارا ڳڻيا ۽ راڄن جون غلاميون ڪيون آهن.

ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏک ريءَ.

(لطيف)

رڳو لٽ ٻڌي سکن پٽيان ڪاهجي پئبو ته اهي سک ڪُري وڏي ۾ وڏا ڏک ۽ مصيبتون ٿي پوندا. ماڻهو بک نه ڪاٽي ۽ سچو ڏينهن وينو ڪائڻ جون لستون وٺي، جاڳي نه رڳو ستو پيو هجي ته جيڪر سندس کهڙو حال ٿئي؟ ڏک ئي سکن جي راهه ڏيکارين ٿا ۽ انهن کي پيدا ڪن ٿا.

ڏيکاريس ڏکن، گوندر گس پرين جو. (شاهه)

ڪي ڪي ڏک ته اهڙا به آهن. جو ماڻهو هزارين سک انهن تان قربان ڪري ڇڏي. ماءُ کي ته پلا ڇئجي ته تون هرو پرو پاڻ کي اوجاڳا نه ڏي، ڇڏ ته ٻار پلي پيو رڙيون ڪري، صبح جو آرام سان اٿي خبر وٺجانس! جي عاشق کي ڇئجي ته "ميان! چو ٿو اجايو آزار ۾ پئين! ڇڏ ته پرائي ڏيءَ پلي پرٽجي وڃي.

تون آرام سان گهر ۾ ويهي آرام ڪر!" ته جيڪر کهڙو جواب ڏئي؟ ڪڏهن ماڻهو سؤسک عيوض ۾ ڏيئي. زندگيءَ جي بازار مان هڪڙو وڏو ڏک به خريد ڪندو آهي. چاهي اهو ذاتي هجي يا طبقاتي ۽ قومي يا عام انساني.

سـوَ سکـن ڏيـئي، وِرهه وهايم هيڪڙو. (شاهه)

ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي. ڏک ۽ درد ئي علاج پيدا ڪندا آهن، طبيب ۽ ڊاڪٽر تيار ڪندا آهن. ڏک ئي نه هجي ته علاج ڇا جو؟

جان جان ناهه ضرور، تان تان طبيب ناهه ڪو. (شاهه)

جـو سـو سَـرئو سـور، تـه ڪـر ويج ور پيـو. (شاهه)

(جيسين ضرورت ڪانهي، تيسين طبيب ڪونهي. سور حاصل ٿيو معنيٰ جڙ ان جو علاج ڪرڻ وارو ويجي يا طبيب هٿ اچي ويو!)

خوشي رڳو خوراڪ ڪانهي!

(چوندا آهن تہ 'خوشيءَ جهڙي خوراڪ ڪانهي، ڏک ۽ ڳڻتيءَ جهڙو مرض ڪونهي.' ٻين پهاڪن ۽ چوٽين وانگر هي پهاڪو بہ فقط جزوي طرح صحيح آهي. هن ۾ بہ ٻين وانگر هڪ طرفائيءَ ۽ وڌاءَ ڪان ڪم ورتو ويو آهي. خوشي برابر ماڻهوءَ کي طاقت ڏئي ٿي ۽ ڏک ڪمزور ڪري ٿو. ۽ هر وقت نہ ۽ سدائينءَ لاءِ نہ. محرومي ۽ ڏک ڪجهہ عرصي کان پوءِ محروم ۽ ڏکويل ماڻهن، قومن ۽ طبقن ۾ ڪيترين ڪمزورين سان گڏ سهپ، جفاڪشيءَ، دور انديشيءَ، بي خوفيءَ ۽ قرباني‌ءَ جون قوتون بہ پيدا ڪري ٿو. سکين ماڻهن، طبقن ۽ قومن ڪان اهي ڳالهيون آهستي آهستي ڪري نيٺ موڪلايو ويون. ان ڪري نيٺ ڪنهن ڏينهن محروم ۽ ڏکيا ماڻهو قومون ۽ طبقا سکين کان زور ٿيو ويون، سندن ڏک سکن ۾ بدلجيو ويون.

ڏک تخليق ڪندڙ ۽ اڏيندڙ بہ آهي!

ڏک رڳو ڏاهيندڙ ۽ ناس ڪندڙ نہ پر ڪيترين حالتن ۾ اڏيندڙ ۽ تخليق ڪندڙ بہ آهي. هر عظيم ۽ پياري شيءِ ۽ ڳالهہ مسئلن ۽ مونجهارن، ڏکن ۽ پيڙائن سان مقابلي ۽ ويڙهہ مان پيدا ٿي آهي. ڏک انسانيت جا گهڻا اعليٰ ترين گڻ پيدا ڪن ٿا. انسان ۽ انسان جي وچ ۾ ويجهي ۾ ويجها ناتا، گڏيل ڏک، گڏيل پيڙائون پيدا ڪن ٿيون. ماڻهوءَ جي آزمائش سکن ۾ نہ ڏکن ۾ ٿئي ٿي. ڏک ۽ پيڙائون ئي انسانن کي صحيح معنيٰ ۾ انسان بنائين ٿا.

دنيا جا پياري ۽ پيارا، املهہ ۽ املهہ ماڻهو ڏکن ۽ پيڙائن جي اوڙاهن جهاڳڻ وارا ماڻهو ٿيا آهن. الجزائر، ويٽنام، روس، چين، فلسطين جي آزاديءَ جي پروانن ۾ زمان، مڪان ۽ مرتبي جي هر فرق جي باوجود، هڪ ڳالهہ ساڳي آهي. انهن سمورن سکن سان سگ ڇڏي، ڏکن سان پاڻ اڙايو هو ۽ انهن سان مقابلو ڪيو هو.

سورن سانديياس، پورن پالي آهيان،
جُيڪس آءٌ هياس، ڪا گُري گوندر ول جي. (شاه)

مايوسي قطعي ۽ آخري جذبو ڪونهي!

ڏک جو رد عمل رڳو مايوسي ڪانهي. ڏک ڪاوڙ ۽ بدلي ۾ جدوجهد ۽ ويڙهه جا جذبا، سورهيائي ۽ قرباني ۽ جا جذبا به پيدا ڪري ٿو. خود مايوسي به ڪو قطعي، آخري، تبديل نه ٿيندڙ ۽ دائمي احساس ڪونهي. مايوسي ڪجهه وقت کان پوءِ بدلجي اميد به ٿي سگهي ٿي. اها ڦري ڪاوڙ ۽ مقابلي جو جذبو به ٿي سگهي ٿو. احساس ۽ سمجهه جي سفر ۾ مايوسي هڪ قدرتي منزل آهي، پر اها آخري منزل ڪانهي. ماڻهن، طبقن ۽ قومن جي زندگيءَ ۾ مايوسين جون ڪئين ڀاڙ اونداهيون راتيون اچن ٿيون ۽ اميدن جي سپاڻ صبحن کي جنم ڏيئي گم ٿيو وڃن. ڪڏهن ڪڏهن اهي راتيون سڀ کان اونداهيون ان وقت نظر ايندیون آهن جڏهن پرهه جي ڦٽڻ ۾ باقي ڪي گهڙيون هونديون آهن.!

انسان جي انفرادي توڙي گڏيل زندگيءَ جو سفر لاهين چاڑهين ۽ ورن وکڙن جي باوجود، بنيادي طرح، ڏکن ۽ مايوسين کان سوين ۽ خوشين ڏانهن سفر آهي.

جمڙ مهل ماءُ جي اذيت پريل دانهن ۽ ٻار جي رڙين کان ماءُ جي ڪک ۾ ٻار جي معصوم ٿهڪڙن ۽ ماءُ جي چهري تي مرڪ جي ست رنگي اندلڻ تڙي پوڻ تائين جو سفر، غلام انقلابي اسپارٽڪس جي دليرانه بغاوت ۽ ان جي حيوانيت سان ڪچلجي وڃڻ کان وٺي، آمريڪا ۾ غلام دارن جي بغاوت جي ڪچلجي وڃڻ ۽ غلامن جي آزاد ٿيڻ جو سفر، بنو هاشم جي مڪي مان ٻيڪالي ۽ سندن قريش سرمايه دارن طرفان حُقي پاڻي بند ٿيڻ کان وٺي، مڪي جي فتح، تائين جو سفر. روس ۾ 1905ع جي انقلاب جي ڪچلجي وڃڻ کان عظيم آڪٽوبر انقلاب جي شاندار ڪاميابيءَ تائين جو سفر. شانگهائيءَ ۾ چيانگ ڪائي شيڪ طرفان 1927ع ۾ دغا سان انقلابين جي قتلام ڪرائڻ کان 1949ع ۾ چيني انقلاب جي ڏرتي ڏوڏيندڙ فتح تائين جو سفر، ويٽنام ۾ 1933ع جي پورهيت بغاوت جي ڪچلجي وڃڻ کان پوءِ ڊين بين ڦو جي عظيم فتح ۽ 1975ع واري سڄي ملڪ جي آزاديءَ جي جنگ ۾ زبردست سوپ تائين جو سفر وغيره ڏکن ۽ مايوسين کان سوين ۽ خوشين ڏانهن عالمي تاريخي سفر جي راهه ۾ جيڪي لکين حد نشان آهن، انهن مان ڪي ٿورا حد نشان اهي آهن.

(سندي ذات هنجن، ص 70 کان 79 مان ورتل)

ڏيڪاريس ڏکن، گوندر گس پرينءَ جو

تاريخ جي هن ڏاکي تائين، ماڻهن جي وڏي اڪثريت جي دنيا، ڏکن جي دنيا آهي. ان ڪري دنيا ۾ سڀ کان وڏو انساني رشتو سڪ جو نہ، ڏک جو آهي. اڄ تائين ڏک ئي انساني سماجي زندگيءَ بابت ڄاڻ ۽ سمجهه جو وڏي ۾ وڏو وسيلو بنيو آهي، جنهن سڏي يا اڻ سڏيءَ طرح ڏک نہ ڏٺو آهي، تنهن کي ڏکويل ماڻهن جي هن دنيا جي کهڙي خبر پئجي سگهندي، روشن خيالي، ترقي پسندي ۽ انقلابيت معنيٰ ماڻهن جي اڪثريت لاءِ ڏکن جي دنيا بدلائي سگهن جي دنيا بنائڻ. جن ڏکن جي دنيا جو عذاب ئي برداشت نہ ڪيو هوندو سو ان کي بدلائڻ جي کهڙي ضرورت محسوس ڪري سگهندو ۽ ان تبديليءَ جو کهڙو قدر ڄاڻندو؟ اهڙو ماڻهو پلا روشن خيال، ترقي پسند ۽ انقلابي ڇا جي لاءِ ٿيندو؟ ۽ جي ڪنهن سبب ۽ ڪنهن وقت وقتي طرح ٿي به پوي ته به هميشه لاءِ ڇو ٿئي؟ ڪو به فائدو نہ ڏسي ۽ ڏٺو وائٺو نقصان سمجهي به ڇو سدائين ترقي پسند ۽ انقلابي رهي؟

مطلب اهو ناهي ته جنهن گهٽي ۾ گهٽا ڏک ڏٺا سو پاڻمرادو وڏي ۾ وڏو انقلابي ٿيندو يا جنهن ڏري جيترو به سڪ ڏٺو سو روشن خيال ۽ انقلابي ٿيندو ئي ڪونہ. حد کان وڌيڪ ڏک تيز باهه وانگر آهي. جيڪي سامهون ايندس تنهن کي ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيندو. ان ڪري ٻي هر ڳالهه وانگر، ڏک به فقط هڪ حد تائين فائديمند آهن. ۽ سو به تڏهن جڏهن سندس ڪوڙاڻ پيڃڻ لاءِ ساڻس کي گهڻيون نہ ته ٿورڙيون سنهيون ٽلهيون خوشيون به شامل هجن، يعني ڪجهه ڏک ته ڪجهه سڪ. خوشيءَ جي ملاوٽ کان بلڪل خالي بنهه حد کان وڌيڪ ڏک نقصانڪار ٿيندو. حد ڪيتري هجي؟ اهو هر ماڻهوءَ جي جسماني، ذهني، روحاني قوت ۽ سهپ تي مدار رکي ٿو.

۽ خوشيءَ جي معنيٰ ڇا؟ ٻين لکين قسمن جي خوشين کان سواءِ، پيارن پيارن ماڻهن سان روبرو يا ڪتابن ۾ ملاقات به خوشي آهي. ماڻهن

جي سچي ۽ باشعور عزت ۽ خوشي آهي. ضمير جو اطمينان ۽ خوشي آهي. بري کي سيکٽ ملڻ جو تصور ۽ خوشي آهي. سيان جي ڪاميابي جي پڪ ۽ خوشي آهي ۽ ڏک؟ اهو ۽ ماڻهوءَ ماڻهوءَ تي ۽ ماحول تي مدار رکي ٿو. ٻين هزارين لکين ڳالهين کان سواءِ ڪنهن ناول ۾ ڏکويل مظلوم ماڻهوءَ جي ڳالهه پڙهڻ ۽ ڏک آهي هزارين سال اڳ جي ڏکويلن جي ڳالهه ٻڌڻ ۽ ڏک آهي. سمورين انسان ذات جي سمورين پيڙائن جو تصور ۽ ڏک آهي ۽ انهن سيني ڏکن جو هڪدم ڪو نه ڪو تدارڪ نه ڪري سگهڻ سيني کان وڏو ڏک آهي.

ماڻهوءَ جي ڏکن ۽ خوشين ۾ خاص ڪري ڏکن ۾ ياڳي پائيوار هجڻ کان سواءِ هن دور تائين جو انسان، انسان دوستيءَ جو گس لهي سگهي ئي نٿو. سوين سال اڳ لطيف انساني زندگي ۾ ڏک جي احساس ۽ شعور جي ۽ ٻين جي سورن ۾ شريڪ ٿيڻ جي اهميت جو ذڪر هيئن ڪيو آهي:

ڏيکارس ڏکن، گوندر گس پرين جو
پسو پرائن، سورن آڏو سسئي،
ساجن مليس سور سڪ نه ميڙيس سپرين.

**

سکن مون سين ڪين ڪيو سورن لڌيم سارون
سو سکن ڏيئي، ورهه وهايم هڪڙو
ٻڌي گوڏ گرٽ، سانو ڪجي سور جو.

ظاهر آهي ته هي شعر شاعراڻي وڏاءَ کان خالي ناهن، پر انهن ۾ اها بنيادي عظيم عالمي تاريخي سچائي سمايل آهي، ته انسانيت جي زبردست اڪثريت جو ساڻ ڏکن جو ساڻ آهي، جيڪو ماڻهو انسانيت جي زبردست اڪثريت جو ساڻ ڏکن کان ۽ وڌيڪ نوان ڏک سودي ٿو. اهو دنيا جو وڏي ۾ وڏو سودي جو ڪاروبار آهي. گوتم ۽ عيسيٰ ۽ انهن کان گهڻو اڳ کان وٺي اڄ تائين ڪيترائي ماڻهو اهو ئي ڪاروبار ڪندا، جڳ جرڪائيندا ۽ جڳ جڳ جيئندا رهيا آهن.

سڄي جهان جي انهن ڏکن جي زهر کي چڪائي هو ان مان اعليٰ انسان دوست سرت ۽ سمجهه جون روشنيون، تعليمي عمل جون ماکيون

مصريون خوشي جون خوراڪون ۽ عزت ۽ شان جون سرهاڻيون بنائيندا رهيا آهن.

قاتل ڪمائي ڪري، وه ماڪي جي ڪن،
وٽان ويهي تن، پيج ڪي پيالين.

سڪن عيوض سور سورڻ وارا اهي سوداگر ئي هن ڌرتيءَ جي سوين صدين جو بهترين فصل آهن. اهي سرواڻ انهيءَ وکر جا سونهارا ساڻ پري، برن، ٽرن، جبلن ۽ جهنگلن ۾ روشنيون ۽ سرهاڻيون پکيڙين ٿا ۽ برن پنيورن کي اجاري، لوڪ جي دلين تان هور ۽ خوف لاهي، ڏکين کي ڏک وهارين ٿا.

بر مڙيو ئي بوءِ، چپر چاڻيون مڪين،
ڪيائين سرهين، واساڻين وڻڪار
اچي آريءَ جام جو وڻ وڻ منجهان واس،
برو هو پنيور، آرياڻيءَ اجاريو.

حد اندر ڏکن سان گڏ حد اندر ڪي نه ڪي سنها ٽلها، وڏا ننڍا سڪ ۽ سهولتون به ماڻهوءَ جي شخصيت ۾ انقلابي واڌاري لاءِ فائديمند آهن، پر جيئن ته اڄ تائين جي انسان جي زندگيءَ ۾ ڏک گهٽا سڪ ٿورا، ڏک بنيادي ۽ سڪ ثانوي آهي. ان ڪري زندگيءَ جي صحيح سرت ۽ سمجهه عام طرح فقط ان کي پوندي جنهن وٽ ڏکن ۾ سکن جو صحيح توازن هوندو يعني جنهن وٽ ڏک جو احساس ۽ شعور وڌيڪ ۽ عام سڪ جي حاصلات ان جي پيٽ ۾ ٿوري هوندي، جنهن وٽ ڏک ٿورا ۽ سڪ گهٽا هوندا، ان جي زندگي بابت ڪرت ۽ سمجهه ۽ ان ڏانهن رويو عام طرح صحيح نه ٿي سگهندو.

لطيف سائين چوي ٿو ته هوندِ بوجو آهي. بوجي وارو ماڻهو بنا بوجي واري ماڻهوءَ جي پيٽ ۾ هلڻ ڏکيو ٿيندو. هوند وارا ڳورا آهن، وڌيون منزلون ڪري نه سگهندا، اڻ هوند وارا هلڪا يا (لطيف جي ٻوليءَ ۾) هورا آهن. ڳرن ۽ هورن ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. هوند واريون، بوجي واريون، ڳوريون پانڌياڻيون سنبرندي سنبرندي ڳوٽ رهجي ويندیون ۽ اڻ هوند واريون هلڪيون يا هوريون تيسين وجي هاڙي جي هُن پار پهچنديون؟

هورين هاڙهو لنگهيو ڳوريون پاسي ڳوٽ!
ڪيچ تنين کي ڪوٽ، 'ڪين' جنين جي ڪيچ ۾.

❋❋

ڪهي جا "ڪين" ڪٽي، پرينءَ پهتي سا،
هوندئا هوت پري، اوڏو آ اڻ هوند ڪي.

❋❋

هوند جنين سين هوءِ، هوت نہ هوندو تن سين،
نڪا هت نہ هت، ڳوري سندي ڳالهه،
ڪين پهتي مال، حال پهتي هوت ڪي.

ظاهر آهي تہ هي ڳالهيون قطعي ۽ تنگ معنيٰ ۾ اکر بہ اکر صحيح نہ ٿيون ٿي سگهن. پر اهي بنيادي، نسبتي ۽ وسيع معنيٰ ۾ بلڪل صحيح آهن.

چوندا آهن تہ 'ڏوڪ جهلي هڪڙو واڻيو ٻيو مينهن!'

رهٽيءَ ڪهٽيءَ جو اثر تمام وڏي ڳالهه آهي. چوٽي آهي تہ: "سڳا سي جن جا پڪا اوڏڙا". لطيف بہ چيو آهي:

گڏ جت گذران هو جڙ لڳي تنهن جاءِ

ماڻهوءَ جهڙي ماحول ۾ رهي ٿو. جهڙي قسم جي ماڻهن سان گڏجي گذران، اٺ ويهہ، واقفيت ۽ دوستي ڪري ٿو انهن جا خيال، چڱائي برائي جا ماپا ۽ معيار، پسندون ۽ ناپسندون، امنگون ۽ آدرش شعوري ۽ لاشعوري طرح سندن لونءَ لهرن ۾ سمائجي وڃن ٿا ۽ سندن قلب ۾ روح ڪي اڻ لکين زنجيرن ۾ جڪڙيو ڇڏيو ڇڏين!

من، اکيون، تن تت، جتي جنب جيڏين.

مڙس ۽ نامڙس، رجعت پرست ۽ ترقي پسند وغيره ماڻهن جي وچ ۾ فرق جي بنيادي ڪارڻن مان هڪڙو بنيادي ڪارڻ رهٽي ڪهٽي جو فرق ۽ تضاد بہ آهي. ڪو ماڻهو عوام سان پيار ۽ سندس خدمت ڪرڻ جون ڪيڏيون بہ ڳالهيون پڙهي، ٻڌي ۽ ڪري، پر جي سندس رهٽي ڪهٽي سراسر عوام جي ابتڙ هوندي، خواهش ۽ نيت ڪٽي ڪهڙي بہ سڻي هوندي تہ بہ عام طرح، هو عوام دوستي ۽ عوام جي خدمت جي ڳالهين تي مضبوطي ۽ ثابت قدميءَ سان ۽ توڙ تائين هر گز قائم رهي نہ سگهندو. ان ڪري ڪهٽيءَ سان گڏ رهٽيءَ جي بہ بنيادي اهميت آهي. شاهہ تڏهن هيئن چيو آهي:

تنهن ڪهٽيءَ ڪبو ڪوه؟ جي رهٽي نہ رهيو سپرين.

جي رهڻي سپرين کي رهائڻ جي لائق نہ هوندي تہ سکڻي وات جي کهڻي کيس کهڙو پاڻ ڏانهن ڇڪي پاڻ وٽ رهائي سگهندي؟

هي جي هيترا ماڻهو زندگي جي وڏي عرصي تائين بي مثال جاکوڙن، قربانين ۽ سورهيائين جي باوجود توڙ تائين سچا عوام دوست ۽ انقلابي نٿا رهي سگهن ۽ هڪڙي ڏينهن اوچتو ئي اوچتو کنهن نَڪاڻ جي مرض ۾ ورتل ٻکري وانگر نڪاءُ ڏيو پورا ٽيو رهن يا آهستي آهستي پوئتي هٽي ختم ٽيو وڃن سو ڇو؟ يا تہ ماڻهوءَ تي اصلوکي غلط رهڻي کهڻي جي ناناڻکي نک جي اوچتي ڇڪ پوندي آهي يا هو آهستي آهستي پنهنجي اصلوکي صحيح رهڻي کهڻي بدلائي دشمن طبقن جي غلط رهڻي کهڻي جي ڏاهڻ ۾ ڦاسي پوندو آهي.

جڏهن اسين انقلابي ماڻهو عوام دشمن جي طرفان، سندن پنهنجي ناجائز مفادن خاطر، عوام واسطي مقرر ڪيل ۽ متين گمراهيءَ ۽ زبردستيءَ وسيلي مڙهيل رهڻي کهڻي، معيار زندگي ۽ فيشن جي ڪسوٽين کي رد ڪري، پنهنجي عظيم مقصدن جي روشني ۾ پنهنجي حقيقي ضرورتن، سکن ۽ آسائشن جي شين ۽ ڳالهين لاءِ ڪوشش ڪنداسين تہ اسين ڏسنداسين تہ اسين زندگي جي هڪڙي زبردست جنجال ۽ پيڙا مان ڇٽا آهيون. هڪڙي گولپ ۽ غلامي مان آزاد ٽيا آهيون. ڇڻ هڪڙو جنڊ اسان جي ڳچي مان نڪتو.

اسين گهٽ پورهئي سان گهڻيون وڌيڪ بهتر ۽ ڪارائتيون ۽ دل گهريون شيون ۽ ڳالهيون حاصل ڪري سگهنداسين. اسان کي پاڳلن وانگر اجائي هڻ هڻان ۽ چتي وٽ ونان ڪانہ ڪرٽي پوندي ۽ اسان کي سک ۽ آرام وندر ۽ ورونهن ۽ پنهنجي بهتري واسطي سوچ ويچار لاءِ ڪجهہ وقت بہ بچي پوندو.

"هڪ سمجهو ۽ باشعور انقلابي مزدور ۽ مارو ماڻهن جي رهڻي کهڻي اختيار ڪرڻ سان ڇڻ ڪنهن اسم اعظم جي ڦٽي سان اسين ڪتن جي ڳير کان پڇندڙ ڊنل، هراسيل ۽ هوش خطا ٽيل ڏکندڙ سهي مان ڦري شينهن جا ٻچا ٿي پونداسين. ان رهڻي کهڻي ۾ ڪو اهڙو عجب اسرار سمايل ٿئي ٿو جو ماڻهوءَ جي ڪايا پلٽيون وڃي."

ڪوڪٽ آهي ڪو پسي پنهوارن ۾!

ان باري ۾ لطيف سائين اسان جي صاف ۽ روشن رهبري ڪري ٿو.

هر ڳالهه ۾ چالو نظام جي غلط شين، ڳالهين، ڪسوٽين ۽ معيارن جي نه رڳو مخالفت ڪريو پر ان جي جاءِ تي، انهن جي عين ابتڙ صحيح شيون ۽ ڳالهيون ۽ ڪسوٽيون ۽ معيار قائم ۽ رائج ڪريو اهي ڏسڻ ۾ پل ڪيڏيون ننڍڙيون، خسيس، ڪنهن جي نظر ۾ نه ايندڙ ڪنيون، ڪوجهيون ۽ اونڌيون ابتيون هجن انهن تي شرمسار هر گز نه ٿيو انهن بابت معذرت به نه ڪريو. انهن جو حقيقي ۽ اڻ لکو قدر قيمت سڃاڻو سمجهو، مشهور ڪريو ساراهيو، ڳايو ۽ وڄايو!

اک الڪي ڏار وَڻئ، ابتو عام کان،
جي لهوارو لوڪ وهي، تون اونچو وهه اوپار.

ههڙن هنڌن تي لوڪ جي معنيٰ آهي غلط نظام جي غلط ڪسوٽين ۽ معيار جي انڌي پوڄا ڪندڙ گمراه ماڻهو. عوام دشمن جي نظر ۾ جيڪي آهي سو نام نهاد قيمتي شيون، سون، رپيو ۽ انهن جا مالڪ! اهي ئي ساراهه جا، پيروي جا، دوستي جا ۽ عزت ۽ احترام جا لائق آهن. اوهين انهن شين ۽ سندن مالڪن کي رد ڪري ڇڏيو.

"پنهنجن سان ڪائو پنهنجن جهڙو ڪائو انهن جهڙو پهريو انهن وٽ ويهو انهن جي ٻوڌ کي جيءُ سمجهو، دشمن جي آڏر ياءُ کي ٽوڪاري ڇڏيو. محلن ۽ ماڙين کي گندو ۽ غليظ سمجهو ۽ انهن ۾ ويهڻ جي غلاظت پکن ۾ اچي ڏوئي صاف ڪريو. پنهنجي ملڪيت نه هجڻ تي شرم نه، فخر ڪريو. ملڪيت جا نه، مڙس جا پٽ ٿيو. شين جا پوڄاري نه پر ماڻهن جا پٽ ٿيو پوءِ نيٺ ڪنهن منزل تي اوهين سڄي ملير جا مالڪ ٿي ويندا ۽ هيءُ دنيا اوهان جي قدمن ۾ سر جهڪائيندي."

ننگا آهيون نڪٽا، اسين مارو لوڪ،
مارن ري نه مڇ! سيهو پانڻج سون کي،
دوستي ڪنهن سان ڪجي؟
جن ڪراين ڪڇ جا، ور ساهيڙيون سي.

❋❋

ڪراين ڪروڙ جا، چوڙا ڪوڙا جن،
سو مرڪ ماروڙين، جڏان لوڪ لڄ ٽئي.

❋❋

ڪارا ڪراين ۾، سون اسان کي سوءِ،
وَرَ جيڏين سين جُوءِ، فاقو فرحت پانئيان،
جنين سندي ٻوڏ ۾، پتيون پتين جيءُ،
ٽَنَ! تنين سان پيءُ، اوڏا اڏي پکڙا،
ڪاڏا ڪنهن سان ڪائجن؟

❋❋

ور اباڻن سين اڄ، ڪوءِ شربت تنهنجو سومرا.

❋❋

ڪوءِ طعام تنين جا، ور سا ڏونرن ڏئي!
باعزت ۽ باوقار رهڻي ڪهڻي ڪهڙي ڇڄي؟
ٿوري قوت قرارڻا، رهن سڀر ست
ڪٽي ۾ ڪيهه ڀُڪليا، پوڻن اهڙيءَ پت
پنهوارکي پت، پيهي پڇ مليرِ ۾.

(ٿورو ڪائن ٿا، گهٽن ڪپڙن بدران هڪڙيءَ ڪٽيءَ ۾ ويڙهيل آهن ۽ بدنن تي مٽي لڳل اٿن، بدن ۾ گهٽي طاقت ۽ دل ۾ قرار اٿن ۽ سيني کان پڇي ڏس ته سڄي مليرِ ۾ پت ۽ شان ڪيڏو اٿن!)

انسان جا وڏي ۾ وڏا مسئلا ۽ مقصد اهي آهن جيڪي رڳو ڪنهن اڪيلي ماڻهو يا گهر جي نفعي نقصان جا ناهن، نڪي ڪي ڪنهن اڪيلي ماڻهو يا گهر جي ڏکڻي عرصي جي ڪوشش سان حل يا حاصل ٿي سگهن ٿا، پر اهي اهي آهن، جيڪي گهٽن جا گڏيل آهن ۽ گڏپ وارين ڪوششن سان ئي حل ٿي سگهن ٿا، انهن سان گڏ بلڪ اڪثر انهن مان ئي ڪٿي نڪتل ٻيا انفرادي ننڍڙا روز مره جا مسئلا ۽ مقصد به آهن جيڪي هڪڙي ماڻهو يا هڪڙي گهر جي فوري يا ٿوري وقت جي ڪوشش سان فوري يا جلد حل ڪرڻ جا آهن.

توئي دين تعليم بابت چا چيو هو. "هي تعليم تو وٽ قوم ۽ وطن جي امانت آهي. ان کي ڪرسي ماڻڻ لاءِ نہ. پر قوم ۽ وطن جي خدمت ڪرڻ لاءِ ڪتب آڻڻي آهي."

جيڪڏهن ڪو ماڻهو واقعي تمام گهڻو چاهي ۽ تمام گهڻيءَ ۽ لڳاتار ڪوشش ڪري تہ زندگيءَ جي گهري مشاهدي ۽ وسيع ۽ اونهي مطالعي وسيلي جيڪي رڪاوٽون دور ڪري ماڻهپي جي وات تي قائم رهي تمام گهڻو اڳتي وڌي سگهي ٿو.

مثال طور عام طرح برابر مشهور ماڻهن جو اولاد ٿوٿو ڪونہ ٻاريندو آهي. پر ان جي ابتڙ خاص مثال بہ آهن. موتي لعل نهرو پاڻ بہ سرمائيدار سياستدان هو. پُٽَس جواهر لعل نهرو کانئس وڌيڪ مشهور ٿيو ۽ پوٽس اندرا بہ گهٽ ڪانهي. ڪِمرِال سنگ جو ڏاڏو ۽ پيءُ، پاڻ تہ مشهور وطن دوست ۽ انقلابي هئا پر سندس پٽ بہ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. هوڇي منهہ جي خاندان جي سڃي خبر آهي. نادیا جي مڙس جو سڄو گهر ساڻگئي رنگ ۾ رڱيل هو. ساڻگئي طرح ڪيترا اهڙا ماڻهو آهن جن جي زندگيءَ ۾ ظاهري طور ڪو وڏو ڏک يا محرومي ڪانہ هئي، مارڪس، اينجلس، لينن ۽ چو اين لائي ڏکين بکين گهرن جا اولاد ڪونہ هئا. اهي ذاتي ڏک جو نہ پر زندگيءَ جي وسيع مشاهدي ۽ مطالعي جي وات وٽي پنهنجي اعليٰ آدرشن ۽ تاريخ ساز ڪارنامن جي منزل تي رسيا. ٻي طرف بي انداز ماڻهن جي زندگي ڏکن سان ٽمٽارُ آهي پر هو پنهنجي ڏر جي پاسي نہ دشمن جو پاسو جهلائي زندگي گذارين ٿا. رهڻي ڪهڻي جي معاملي ۾ بہ ڪيئن خاص حالتون آهن. اينجلس هڪڙي ڪارخانيدار جي پائيوار جو پُٽُ هو ۽ پٽس پاران ان ڪارخاني ۾ ڪم ڪندو هو ۽ تونگرن جي زندگي گذارڻ تي مجبور هو. پر اها فضول ۽ واهيات زوالیت ڏانهن ويندڙ زندگي ڪيس دوستن کان، پنهنجي عظيم آدرشي منزلن کان دور ڪري نہ سگهي. هو فقط ڪنهن حد تائين جسماني طور ان ماحول ۾ رهندي، ذهني، روحاني ۽ عملي طور پنهنجي دل گهرئي دنيا ۾ رهندو هو.

وهي منجهين وڳ، ڪٿوريءَ ڏارچري
ماءِ منهنجي ڪرهي، پڏر پگ م لڳ
جڳ سين جهڙو جڳ هيئين سين هُت چري

سفيد پوش مارڪس سان نوابزادي شادي ڪئي ۽ توڙ نباهيو ۽ تونگر اينجلس وري پنهنجي اڻ پڙهيل نوڪرياڻيءَ سان شادي ڪئي ۽ توڙ نباهيو. ان جي مرڻ کان پوءِ وري ان جي اهڙي ئي اڻ پڙهيل پيڻ سان شادي ڪيائين! اهڙيءَ ريت هنن دنيا کي ڏيکاريو تہ سرمائيدار نظام جا زنجير هنن کي ڏهني طرح جڪڙي نٽي سگهيا.

نو نيئر، ڏهہ ڏانوڙيون، پندرهہ پئند پياس،
بگهاڙيون بغلن ۾، لکين لوهہ لڳاس،
جڏهن سڄڻ ياد پياس تہ چرک چنائين هيڪڙي
(شاهہ)

سوچون هميشه ساڳيون نٽيون رهي سگهن ۽ نہ رهڻ گهرجن. انهن ۾ هر وقت واڌارو ۽ سڌارو ايندو رهڻ گهرجي، پوئتي موٽ، واڌاري جو اهڙو لازمي جُزو آهي، جهڙيون لاهيون چاڙهيون ۽ ور وڪڙ. سوچون رڳو اڳتي نہ پوئتي هٽنديون. صحيح ايمان، انڌي عقيدي تي نہ پر شڪ، گمان ۽ مخالفن سان ڪامياب مقابلن جي ٽنين تي ئي قائم ۽ دائم رهي سگهندو آهي. ان ڪري شڪ ايمان جي راهہ ۾ هڪ لازمي ۽ بيحد مفيد منزل آهي، پر شڪن ۽ پوئتي موٽڻ جا بہ قسم هوندا آهن. هڪڙا شڪ ان لاءِ هوندا آهن تہ صحيح حقيقت جي صحيح صحيح خبر پوي تہ جيئن ان صحيح تي اٽل يقين سان عمل ڪجي. ساڳيءَ طرح ڪي پوئتي موٽون بہ ان لاءِ هونديون آهن تہ ٽڪ پيچي، ساهيون کٽي، قوتون گڏ ڪري، بهتر تياري ڪري اڳئين کان بہ وڌيڪ چوهٹ ۽ قوت سان واڌارو نئين سر جاري رکجي. پر ڪي شڪ رڳو سچ جي عائد ڪيل فرضن مان جان ڇڏائڻ لاءِ بهانا هوندا آهن ۽ "ريڍ اڳئين مرٽي، بد پيئي بگهاڙتي" وانگر هوندا آهن. ساڳي طرح ڪي موٽون بہ دائمي ثابت ٿيندڙيون آهن. ڪي ماڻهو ٿورو پوئتي هٽي، وري گهٽو اڳتي وڌندا آهن. ڪي ماڻهوٿورو اڳتي وڌي وري پوئتي موٽي ويندا آهن.

جيڪڏهن ماڻهوءَ جي زندگيءَ جو بنيادي مقصد صحيح ۽ ان کي حاصل ڪرڻ جو فيصلو اٽل آهي تہ پوءِ شڪ خراب نہ، پلي ۽ اڻ تر شيءِ آهي، انڌي عقيدت نہ رڳو بي معنيٰ پر نقصانڪار آهي. ان ڪري مون

سالن جا سال ٻيو ڇڏي رڳو مخالف ماڻهن جي مڪاني خواهه بين الاقوامي ويرين جون لکٽيون پڙهيون هونديون ۽ اڄ تائين وچ وچ ۾ ائين ڪندو اچان. آءٌ سندن هر دليل، هر ثبوت تي بلڪل ڪلئي دماغ ۽ صاف دل سان ڳوڙهو ويچار ڪندو رهيو آهيان ۽ توڙ تائين ڪندو رهندس. تڏهن ئي آءٌ موجوده سوچ، مقصدن ۽ آدرشن تي ٿوري گهٽي پئسي ٽڪي جيتري مضبوطيءَ سان قائم رهي سگهيو آهيان پر ان سان گڏ ٻيو بنيادي سبب اهو به هو جو پنهنجي زندگيءَ جي هر پل جي تجربي ۽ سوچ جي ڪري منهنجو پنهنجي ويڙهه واسين سان وفاداريءَ ۽ انهن جي ويرين خلاف ويڙهه جو وچن اٽل هو. منهنجي سدائين اها ئي ڪوشش رهي آهي ته حالتون کهڙيون به هجن، چاڙهه هجي چاهي لاٿ، چاهي سڪار هجي، چاهي ڏڪار. اهو وچن ڪنهن به صورت ۾ وساريٽو ناهي.

زندگيءَ جي ابتڙ واتن مان صحيح وات ڳولي هٿ ڪرڻ ۽ هر قسم جي حالتن جي باوجود انهن تي ثابت قدم رهي اڳتي وڌندو رهڻ توڙ نباهڻ زندگي جو سڀ کان مُکيه ۽ بنيادي سوال آهي.

زندگيءَ لاءِ چونڊيل وات کهڙي به صحيح ۽ عاليشان هجي پر جي ان تي ثابت قدميءَ سان قائم نه رهبو اڳتي نه وڌبو وات ۾ ئي گهڙ ڪري ويهي رهبو يا گوهي ڏيئي پوئتي پوڄي اچبو ته به ماڻهو منزل تي ڪين رسندو. لطيف صحيح راهه ڳولي لهڻ سمجهڻ، ان تي ثابت قدميءَ سان هر حال ۾ توڙ تائين وڌندي رهڻ تي سڀ کان وڌيڪ زور ڏنو آهي. سندس چوڻ آهي ته صحيح راهه سڃاڻڻ کان پوءِ، سواءِ اڳتي وڌڻ جي ٻي ڪنهن ڄَجت حيلي جي گنجائش ئي ڪانهي، صحيح راهه لڏي معنيٰ ان تي اڳتي هلڻ شروع۔

"جنين ڏني جوءُ، تنين ڪچيو ڪين ڪي"
"ڄاڻي سڃاڻي، وهان ڪيئن ماڻ ڪري"

"هوءِ هلن، آءٌ ويهان، ته ڪا ائين جڳاءِ؟" پوءِ ڪنهن به صورت ۾ ڪنڌ ڪيڏو يا موڙڻو ڪونهي.

"ڪين ڪيبو ڪنڌ، منجهان سگ سيد چئي."
"هلندي حبيبن ڏي، ڪرها موڙ مَ ڪنڌ"

کهڙيون به تڪليفون اچن ورچي پڄڻو ڪونهي، ثابت قدم رهڻو آهي.

"ڪيئن هلي ڪيئن هٽ ڪٽي، ڪيئن رڙهي ڪيئن روءِ"

"ڪندي پنڌ پهاڙ ڏي، ٽيڙهه روح رڙيون!"

"موتي مران مَ ماءُ موٽئ کان اڳي مران!"

"سوريءَ جي سزا وار ڏيهاڙي چنگ چڙهين،
جيمَ ورچي چڏيئن سڪئ جي پچار..."

هر هر منٽ يا سڏو سڏ جو انتظار به ڪرڻو ڪونهي، سمجهو مڙس کي هڪڙو اکر ڪافي آهي.

"اکر چتي هيڪڙي، ٻهون جي نه ٻجهن،
ڪوهه ڪبو کي تن، کي سڄي سڌاءِ ڳالهڙي؟"

اڪثر اها منزل به ايندي آهي جڏهن سموريون ڪوششون في الحال ناڪام ٿي ويندين آهن ۽ ائين لڳندو آهي جو جڙ ته جيڪو ڪجهه ڪيو ويو سو اجايو هو ان مان اصل ڪجهه ورٽو سرٽو ڪونه هو؟ لطيف چوي ٿو ته صحيح ڳالهه سان وفاداري توڙ تائين قائم رهڻ گهرجي، پلي اها ختم ٿي وڃي، پلي ان جو نالو نشان به ظاهري طرح ختم ٿي وڃي ته به مڙس اهو جو ان وفاداريءَ تي قائم رهي. ان کي ڪڏهن، ڪهڙين به حالتن ۾ پٺ نه ڏيءِ ان کان لا دعوا نه ٿئي.

سر سڪي سال ٽيا، هنج هريو ئي پير،
ڪنگ ويچارو ڪير، جو رسي انهيءَ رمز کي.

ٻئي طرف غلط وات تي انسان جيتري محنت، ايمانداريءَ، همت ۽ ثابت قدميءَ سان وڌندو ۽ جيترو تيز هلندو، جيترو "ڪامياب" ٿيندو اوترو ئي صحيح مقصدن ۽ منزلن کان پري ٿيندو ويندو.

"باشعور ۽ باضمير ماڻهن لاءِ ذهن، ضمير ۽ روح جا رشتا رت جي رشتن کان به وڌيڪ اهم آهن. اولاد، مائٽ ۽ عزيز قريب نهايت پيارا آهن. پر جن سان ذهن، ضمير ۽ روح جا رشتا آهن انهن لاءِ پيار سان گڏ لازمي طرح عزت به هوندي آهي انهن تي فخر به هوندو آهي. اها ڳالهه رت جي رشتن ۾ هر حالت ۾ لازمي ناهي."

ڇڄ مَ قطاران، سات چڙهندو لکيين،
مڇڻ ٽئين پئاءِ، وڳ وات ئي نہ لهين!

❊❊

ڪسر ڇڏ ڪنوات! وڪون وجهہ وڏنديون،
سئين سپرين جي، ونگي ڀانءِ مَ وات،
ڇڏي جهوري ڏي جهات، تہ هوندي رات هُت مڙون!

بابا سائين، پنهنجا روحاني ءِ ڏهني وڏا، جن تان پنهنجي جسماني وڏن جون سؤ پشتون قربان ٽين، تن جي ڳالهہ تہ خير پري رهي پر پنهنجا جسماني وڏا بہ گهٽ ڪونہ هئا. غريب ءِ بي سمجهہ هئا پر خدا پناهہ ڏي، زماني ساز ءِ پاڙيا ڪونہ هئا. پنهنجي وقت سمجهہ ءِ ماحول آهر قنڌار مڙس هئا. ڪڏهن بہ مهل تي ڪنڌ هيٺ ڪري گهر جي ڪُنڊ ۾ ڪونہ لڪا سدائين هڪل سان هڪل ڏنائون.

پاڻ کي بہ مڙسن جي اڳين صفن ۾ بيهڻو آهي، پوين ۾ نہ رهڻو نالو ڪرڻو ڪونهي. ٽيهن نسن جو زور لڳائڻو آهي. ٽياڪڙ ٽيڙو ڪونهي، توڙ ڪرڻو آهي.

اهڙين ڳالهين ۾ ميار جو گهاءُ مڙسن لاءِ تلوار جي گهاءُ کان بہ وڌيڪ ڏکيو آهي، پاڻ کي اهڙين ڳالهين ۾ ڪڏهن بہ هر گز هر گز مياري ڪرڻو ناهي. خود روزمره جي ڪم ڪار ۾ بہ شڪايت جو جائز سبب ڏيڻو ڪونهي. شڪايت مڙس لاءِ بانءُ آهي، پلا ءِ بڻياتا تازي وهت پاڻ کي بانڌا ڪونہ هڻائيندا آهن، رهڻو اشاري سان منزلون ماڻيندا آهن:

لک لاکيڻو ڪرهو ڪوڙين ڏيئي ڳڏوم،
اڳڙ سونهن ٽيوم، ملهہ مهانگو مَ چئو!

❊❊

لک لاکيڻو ڪرهو ڪوڙين ڏيئي ڪاهہ...
ڪٽ نہ ڪندو ڪاءِ، جي پلاڻيو تہ پرينءَ مڙي!

(ڪتاب: تخليقي ءِ تنقيدي ادب تان ورتل. ص466 کان 481)

ڪاهوري ڪيڙائو

سنڌي ماڻهن جي باري ۾ عام طرح مشهور آهي ته سنڌي ماڻهو گهر جا گلو آهن. گهر کان شل نه ٻه ٽي ميل پري ٽين، ڇڻ پرديس ۾ هليا ويا. جيڪڏهن ڪا نوڪري پري ملي پوي ته ٻه ڪونه ونندا ۽ ان کي اسين ماڻهو چئون وطن جي حب، پر سنڌي قوم ۾ صدين کان وٺي هڪڙو اهڙو گروهه پئي رهيو آهي، جنهن سنڌ جي مٽان هن بدنامي۽ جي ٽڪي کي نه رڳو لاٿو آهي، پر هنن دنيا جي ٻين قومن جي مقابلي ۾ پنهنجو پاڻ کي زبردست نموني موکيو آهي. ماڻهن جو اهو گروهه جنهن کي اسين سنڌي چئون ٿا، جيڪي واپاري هئا ۽ ايجا تائين آهن، توهان اڄ دنيا جي ڪنهن ٻه علاقي، ڪنهن ٻه ملڪ، ڪنهن ٻه ڪنڊ ۾ وڃو. آفريڪا، آمريڪا، جپان، يورپ جتي ٻه وڃو شهر جي اندر کي نه کي دڪان يا گهر سنڌي واپارين جا هوندا، جيڪي پاڻ ۾ سنڌي پيا ڳالهائيندا، بحث پيا ڪندا، پري کان پڏرا، پنهنجي مارن جون آئون ٻوليون سڃاڻان ۽ ماڻهو سمجهي ويندو ته هي سنڌي آهن.

لطيف سائين۽ جي زماني ۾ اهو گروهه پنهنجي عروج تي هو ٻيڙين ۾ چڙهي پري پري جي علاقن ۾ ويندا هئا، واپار ڪندا هئا، روس کان وٺي آفريڪا تائين مهينن جا مهينا، سالن جا سال سفر ڪندا هئا ۽ جڏهن موٽندا هئا ته پاڻ سان دولت جا انبار ۽ ٻيو وٽ ڪٽي ايندا هئا. حيدرآباد، شڪارپور ۽ ڪراچي۽ جهڙا شهر سرسبز ۽ آباد هئا. سنڌ ۾ پئسو ايندو هو ماڻهن کي ڏنڌا روزگار گذر جا وسيلا ملندا هئا. لطيف سائين غير معمولي ماڻهن جو عاشق هوندو هو بلڪ غير معمولي شين، پکين ۽ جانورن جو ٻه عاشق هوندو هو. لطيف سائين۽ کي اهڙن ماڻهن سان محبت هوندي هئي، جي سنڌ جي رواجي هلت چلت جي اُبتڙ ڪنهن خاص ڳالهه ۾ مشهور هوندا هئا، تنهن ڪري لطيف سائين ان گروهه جي ماڻهن کي تمام زبردست

خراج ڏنو آهي. ان سر جو نالو آهي، سُر ساموندي، هن ۾ سنڌ جي وڻجارن ۽ واپارين جو داستان بيان ڪيل آهي. ان داستان جا هيرا اهي ماڻهو آهن، جيڪي هزارين ڪوهه سمنڊن ۾ سفر ڪندا هئا ۽ ٻيڙن ۾ چڙهي هلندا هئا. انهن جو ذڪر ٻئي طرح آهي. لطيف ڪريلن، ڪمزورن، محرومن جو ڏٽڙيلن ۽ ڏکويلن جو ساٿي هو تنهن ڪري ان ڪاروبار ۾ جيڪا ڏکويل ڏر هئي، انهن کي ڳايو ۽ انهن جو ذڪر ڪيو آهي، انهن جي اندر جي اُڌمن، اُمنگن ۽ محرومين جو داستان بيان ڪيو آهي، اهي هيون وڻجاريون، وڻجارن جون محبوبائون، جيڪي هو پٽيان ڇڏي ويندا هئا تہ، ناڻن سان لڏجي ايندا هئا، پر اهو عُرصو جيڪو محرومين جو گذرندو هو هنن سان جيڪا حالت ٿيندي هئي، تنهن جو داستان "سُر ساموندي" ۾ آهي ۽ اهو سُر ساموندي دنيا جي اعليٰ شعري ادب جي بابن ۾ هڪڙو مخصوص ۽ اعليٰ درجي جو باب آهي. عورت جي وچوڙي ۽ محروميءَ جي داستانن ۾ هن جو ذڪر خصوصيت سان ٿيڻ کپي. اهي ماڻهو اعليٰ کان اعليٰ ۽ تمام وڏي درجي جا هئا. معمولي سودا بہ ڪندا هئا، پر هيرن، جواهرن ۽ موتين جا بہ سودا ڪندا هئا. ايئن لڳندو هو تہ سنڌي واپاري ۽ وڻجارا، دنيا مان لُٽ ۽ ڦر ڪري اچن ٿا. جڏ وڏا وڏا حملي آور ويندا هئا ۽ ملڪن کي ماري ڦري ايندا هئا. جيئن محمود غزنوي، سلطان چنگيز، هلاڪو وغيره، تيئن سنڌي واپارين لاءِ بہ مشهور هو پر فرق اهو هو تہ هي سنڌي واپاري سخت ڪشالا ڪري عقل، ڏاهپ ۽ سمجهہ سان سرن جا خطرا ڪٽي، چالاڪيءَ ۽ اٽڪل سان سڄي دنيا مان مال ميڙي ڪٽي ايندا اهئا، جنهن لاءِ لطيف چيو آهي:

ڪاري ڪيڙائو مٿي مڻي موتيا،
سودو ڪن نہ سون جو وڏا وهائو
موتي جي مهراڻ جا، تن جا طامائو
ساموندي سائو لنڪا لُوڻي آئيا.

ٻئي پاسي پٽيان صورتحال هيءَ هئي تہ هو محبوب وڻجاريون گهرن ۾ ويٺيون هوندیون هيون ۽ جيڪڏهن ڪنهن جي اک لڳي وئي يا ڪنهن جي ڪنهن وڻجاري سان محبت ٿي وئي هوندي هئي تہ هوءَ چوندي هئي:

ٻيڙي جي پٽن، نينهن نہ ڪجي ان سين،
اُڀيون ڏنپ ڏسن، جي سڙهہ ڏيئي سير ٿيا.

انهن وڻجارين جي صورتحال هيءَ هوندي هئي تہ جڏهن موتندا هئا تہ پئسن ۾ دولت جي لالچ ۾ ايجا گهر ايندا ئي ڪونہ هئا تہ وري وڃڻ جون وايون ڪندا هئا. رهندا تمام ٿورو وقت هئا. وڻجاريون سمجهنديون هيون تہ خدا ڪري هنن جو هيءُ سودو نہ هجي، هتي ڪو هٿ ٻٽ کوليو وينا هجن. ايتري ڪمائي ۾ ڏنڏو نہ ڪپي، موتي، هيرا ۽ جواهر نہ ڪپن، هي گهر هجن ها تہ بهتر هو.

لاهيندا ئي ڪن، ڳالهيون هلڻ سنديون،
ڏيندا مون ڏُکن، وه وجهندا جندڑو!

خاص ڪري اهي جيڪي ٻيڙياتا اُتر ۾ هلندا هئا، اُتر جي هوا لڳندي هئي تہ، اهي ٻيڙا نڪرندا هئا. هنن جو واپار خاص ڪري آفريڪا، آسٽريليا، هندستان جي ڪنارن سان هوندو هو. اُتر جي هوا انهن جون ٻيڙيون ڏکڻ ۾ مدد ڪندي هئي.

آئي اُتر مند، هينئين اُڀڪو نہ لهي،
وڃين لاڃو بند، ٻيهر مڪين ٻيڙيون.

هوا لڳندي هئي اُتر جي. لاڃو بند وڃي، ٻيڙين جي تياري ڪندا هئا. اهڙي هڪڙي وڻجاري پنهنجي ٻيءَ ساٿياڻيءَ کي چوي ٿي. اڄ وري بہ گهر وينداسين تہ ڳالهہ شروع ٿي وئي تہ هتان هلنداسين، پوءِ فلاڻي بندر تان، فلاڻي بندر کان اڳتي وينداسون. الاهي رُنم، دانهون ڪيم، منٿون ڪيم، آزيون ڪيم، پر جيڪي هلڻ وارا ماڻهو آهن، تن کي روڪبو ڪيئن؟ انهن کي ڪير چوي تہ ويهي رهو. هنن کي ڪپن مال، دولتون ۾ پڻ هنن کي تہ ڪپن وڏا ڪاروبار، اسان جي تہ ڳالهہ ٻڌن ئي ڪونہ ٿا.

اڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جون،
هلڻ هارا سُپرين، روئارن تان نہ رهن،
آئون جهليندي ڪيترو؟ آيل! ساموندين،
پڳهہ ڇوڙي جن، وڏا ٻيڙا ٻار ۾.

بدقسمتي اها هوندي هئي، جو ڪڏهن ايئن بہ هوندو تہ جيڪي ڪنواريون تازيون پرٽيل هونديون هيون، انهن ڪنوارين تازين محبوبائن کي بہ ڇڏي، هو هليا ويندا هئا، پوءِ هو پائيندڙيون

هيون تہ اسان شادي تہ ڪئي، پر هنن ماڻهن جي پويان پنهنجي جواني تباهہ ڪري ڇڏيسين. هي تہ ڏينهن آهن ڪلڻ جا، ڪائڻ جا، جوپن ماڻڻ جا، هنن ڏينهن تي هي سموندن پر هليا ويندا تہ اهڙي شاديءَ جو فائدو ڪهڙو؟

وڃيئي وسري شال، جو تو سودو سڪيو،
ايا آئين ڪال، پڻ ٿو سفر سنبهين!

❋❋

سي ئي جوپن ڏينهن، جڏهن سڃڻ سفر هليا،
روئان رهن نہ سپرين، آيل! ڪريان ڪي؟
مون کي چاڙهي ڇيئَن، ويو وڻجارو اُوهري،

اهڙي وڻجاري سان شادي ڪرڻ نہ ڪرڻ سان ڪهڙو فرق پوندو؟

وڻجاريءَ ڪانڌاءِ! مون ور ويني گهاريو،
لڳي اُتر واءُ، ڏوليو هلڻ جون ڪري،

❋❋

جي تون وڻجارو ڪانڌ، تہ مون هڏم لائون لڏيون،
پرڏيهہ متي سانگ، انئي پهر جنهن ڪيو.

اهي شادي ۽ محبوب هوندي، ورهہ ۽ وڇوڙي جا داستان، هنن جي لاءِ عذاب هوندا هئا. هنن کي پرواهہ ئي ڪانہ هوندي هئي، هو تہ پيا هلندا هئا، پيا ويندا هئا، پوءِ دانهن ڏبي ڪنهن کي؟

وڻجاري جي ماءُ، وڻجارو نہ پلئين،
آيو ٻارهين ماهہ، پڻ ٿو سفر سنبهي.

پوءِ ڪڏهن ڪڏهن ايئن ٿيندو هو تہ هو روانا ٿيندا هئا تہ هنن کي وڃڻ ئي ڪونہ ڏيندیون هيون، زبردستي جهازن تي چڙهي ويندیون هيون، جهازن جي منين پر هٿ وجهي بيهندیون هيون.

الوڙڻ نہ ڏئي، ور وڏائين ونجهہ کي،
رهہ اڃوکي راتڙي، لالڻ! مون لاءِ،
وڃ پر ڦوڙائي، ايڏي سفر سپرين.

سر لوهيڑا ڳيپيا، ڪُسر نسريا،
تو ڪيئن وسريا، ڍولڻا! ڏينهن اچڻ جا

ڪُسر معنيٰ ڪوڙو سر جيڪي ديرسان نسرندا آهن، اهي بہ نسري ويا آهن ۽ پرين تون ڪٽي آهين، تو کي چو اچڻ جا ڏينهن وسري ويا آهن.

تڙين تنوارين، ماڻڪ ساموندي آيا،
مون کي جيارين، وايون وڃارن جون.

سمنڊ جي ڪناري تي وڃي هر ڪا ڏسندي هئي تہ هي سڙهہ ڪهڙيءَ ٻيڙي جو آهي؟ اسان واريءَ ٻيڙيءَ جو آهي يا ڪنهن ولايتي عربن يا هندستانين جو آهي، پر هي عادي ۽ ماهر هٿ ڪري سڃاڻي ونڊيون هيون.

سِڙهہ سُجاڻيو چوءِ، ماڻڪ ساموندي آيا،
مان منهنجو هوءِ، جاني هن جهاز ۾.

پري کان جيڪي هنن جون جهنڊيون هوندیون هيون، سي اورتي ايندي ڏسنديون هيون، پر آهستي آهستي، انهن کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪنديون هيون.

وائنٽيون ٽيون وڙڪن، ايا سڙهہ نہ پڌرا،
سي ئي ٽيون مرڪن، جنين سندا آيا.

پر ڪي ايندا ئي ڪونہ هئا:

اوڙاهہ ويا، نہ وريا، آئون تنهن ماري ويڙ،
ڪري ساموندي سيڙ، جُسي جار پرائيو.

سُر ساموندي حُسن، محبت، وچوڑي ۽ ميلاپ جو هڪ بي مثال باب آهي. ان ۾ لطيف انساني محبت جا ڪي بهترين ۽ بي مثال منظر پيش ڪيا آهن.

آئون جن آساري، مٿي تڙ گذاريان،
مون کي وساري، شال نہ وڃن اوهري.

ائين قدم قدم ۽ چپي چپي تي مختلف منظر آهن. هن سُر ۾ لطيف درد ۽ وچوڑو پيش ڪيو آهي، سسئي ۽ مارئي سميت هر سُر ۾ پنهنجي

ڪيفيت آهي، هيءُ سُر صرف رومانس جو آهي. ڪٽي پهاڙ ڪٽي صحرا ۾ ڪٽي رڻ پٽ آهن، پر هيءُ سمنڊ جي باري ۾ آهي. سمنڊ، ناکٽا، ٻيڙيون، حَسين عورتون، سمنڊ جي ڪنارن تي انتظار ڪندڙ لڇون، اُتر جي مُند، ڏياريءَ جا منظر، عورتن جا انتظار، ناکٽا سمنڊ ۾ پنهنجي تصور جي اکين سان ڏسو تہ سنڊ جا هڪڙا بهترين مرد ۽ عورتون سمنڊ جي ڪنارن تي زندگي گهاري رهيا آهن ۽ پوءِ ڦهلجي وڃن ٿا، سيني ڪنڊن، سيني ملڪن ۾، وري بہ ڪو ڇار جيئن مهاڻو وجهي ۽ ان کي ڇڪي هڪڙي هنڊ گڏ ڪري، ايئن ڪنهن ڪشش سبب پري پري جا ماڻهو واپس ايندا هٺا شڪارپور، حيدرآباد، ڪراچي ۽ ٻئي جا شهر، اهڙيءَ طرح مالا مال ٿيندا هٺا. سنڊ جي عورتن جي محبت هٽي وڃي هنڊ ڪندي هئي، ويڇوڙو محبت جي وصال ۾ تبديل ٿي ويندو هو.

(ليڪچر سر ساموندي، ماهوار ڪاپڙي، جنوري 2006ع تان ورتل)

ماءَ کاهوڙي آيا

اکثر سوچيندو آهيان تہ "ڪاش سنڌي ماڻهو گهر جي ڪنڊ ۾ ٻوٽ سُڄائي لڪي وهڻ بدران، سڄيءَ دنيا جي ڇهن ئي ڪنڊن ۾ پکڙجي پون ۽ نوان علم، نوان عقل، نيون طاقتون، نوان دوست ۽ نيون نظرون حاصل ڪري، صدين جي غلاميءَ جي اثرن کي تاريخي لحظن ۾ ختم ڪري رکن!"

ويون پپ پئي، ڪيرون ڪاهوڙين جون،
آئون تن ڏوٽين جو، پچان پير پهي،
رُجن رات رهي، ڏونگر جنين ڏوريا.

(شاهہ)

نٽي، روهڙيءَ، هالن جي شهرن جي عظمت، سمنگ چارڻ، ڄام نندي، مخدوم هاشم، گرهوڙي شريف، هوشو هيمون، لطيف، خليفي نبي بخش، سسئي، مارئي ۽ تاريخ معصومي جي ڳالهين سان گڏوگڏ دنيا جي تاريخ، ڪاليداس، چيني، انگريزي، رومي، يوناني، ادب، تاريخ ۽ سائنس، نيوٽن، اينستائين، بوعلي سينا، منگول، فريڊرڪ اعظم، هٽنيبال، سنزوُ هومر، شيڪسپيئر، لارڊ بيڪن، هيگل، علم ڪائنات، علم الارض، علم سماج، علم انقلاب، خلائي سفر ۽ ادب، تاريخ جنگ، علم المستقبل (فيوچرالاجي آئيندي بابت سائنسي اندازا لڳائڻ) جهڙيون ڳالهيون بہ پڙهن ۽ انهن تي سوچين، مڪاني ۽ سنڌي ذهن بہ رکن ۽ عالمي تاريخي شعور بہ رکن.

وهي منجهين وڃ، ڪٿوريءَ ڏار چري،
ماءَ منهنجي ڪرهي، پٽر پگ مَ لڳ،
جڳ سين جهڙو جڳ، هيئين سين هُتِ چري،

(شاهہ)

ڏوري ڏوري ڏيهه ماءُ کاهوڙي آئيا!
مين پيرين ڪيهه ڪُهه جاڻان ڪنهن پار جي!
(شاهه)

ڪمزورن کي پنهنجي ڪمزورين جي تلافي ڪرڻ لاءِ هڪڙو ئي رستو آهي تہ هو پنهنجي ڪمزورين کي گهٽائڻ سان گڏ پاڻ ۾ اهڙا نوان گڻ پيدا ڪن، جو انهن جي مدد سان پنهنجي ڪمتريءَ کي برتريءَ ۾ بدلائي، نيٺ برابري حاصل ڪن. پنجن پيپرن ۾ ڪنيل گهٽ مارڪن جي تلافيءَ لاءِ جڏهن باقي پنجن ڪمن ۾ سيني کي ماربو تڏهن وڃي گهوڙي جا ڪن برابر ٽيندا. ٻيا تہ ٿهيو پر رڳو هن ملڪ جا ٻيا ٽي صوبا ڪيترين الڳ الڳ ڳالهين ۾ اسان کان برتر حيثيت والاريو وينا آهن. خود اسان جي صوبي ۾ بہ ٻين جي ٻيٽ ۾ اسان جي حيثيت ڇا آهي؟ آخر ان جي تلافي پاڻهي تہ ڪانہ ٿي ويندي. رڳو ميڪ ميڪ ڪرڻ سان تہ قومون زوال مان ڪمال ڏانهن ڪونہ وڌنديون. سنڌيو! جاگيردار غلاميءَ جي سوچ ۽ سندن ريڇعت پرست علم ۽ عمل جون زنجيرون ۽ ديوارون ٽوڙي اڳتي وڌو.“ بقول ڪنهن ڏاهي جي ”توهان وڃائي وڃائي وڌ ۾ وڌ اهي زنجيرون وڃائيندا. ڪٽڻ لاءِ سڄو جَهانُ اڳيان پيو آٿوَ.“ قومن ۽ ڇڙ وڇڙ واڙن هجومن ۾ فرق اُهو آهي جو قومون رڳو وقتي ٽائيم پاس ڪونہ ڪنديون آهن، پر پاڻ کي پنهنجي تاريخ، پنهنجي ايندڙ نسلن ڏانهن جوابدار سمجهنديون آهن.

عرب فيلسوف، قمر لطيف جمع جي ڪتاب ”اسلامي فيلسوفن جي تاريخ“ ويٺو پڙهان. منجهس الڪندي، فارابي، بو علي سينا، امام غزالي، ابن طفيل، ابن باجہ، ابن رشد، ابن خلدون، ابن عربي، ابن مسطوم، اخوان الصفا جي زندگين ۽ فڪرن جي تاريخ ڏنل آهي. لکندڙ روشن خيال ٿو ڏسجي، ماڻهو بہ سمجهو ٿو لڳي. انهيءَ موضوع تي چڱن ڪتابن جي مون کي سالن کان تلاش هئي. تصوف جي تاريخ جي تلاش اڃا ڪامياب نہ ٿي آهي. ڪا سڀي تاريخ هٿ ڪبي. ڪافي ماڻهن تي ڪم رکيل آهي. هي ڪتاب بہ وڏي ڪوشش سان هٿ آيو آهي. جيل جو ماستر صاحب جو خوش قسمتيءَ سان هڪڙو قابل عالم سڳورو بہ آهي، تنهن آڏي ڏنو آهي. مولانا صاحب انهن پلارن نوجوانن مان آهي، جيڪي قديم سان گڏ جديد علمن ۾ بہ يونيورسٽيءَ جي حد تائين فاضل آهي ۽ دين جي تبليغ جي

جذبي سان نوازيل آهن. قاضي ڪورٽن جو امتحان بہ ڏئي آيا آهن ۽ اميد تہ جلد قاضي مقرر ٿيندا. اسان جا گناهہ ڏسي اسان تي قياس ڪائي اسان کي ديني تعليم ڏيڻ جو ارادو فرمايو اٿن. مترجم قرآن شريف ڏيئي ويا آهن ۽ چئي ويا آهن تہ روز سبق وٺو. معنيٰ ۽ تفسير جو. اسين سندن ٿورائتا ٿيا آهيون ۽ سبق لاءِ بي چين ٿيا وينا آهيون. رڳو گرميون ڪجهہ ساهہ پٽڻ ڏين. هڪڙو ڏينهن سڄو لڳندو رڳو ڪائڻ انهن علمن ۽ ڪورسن جي معلومات حاصل ڪرڻ ۾، جن ۾ پاڻ خيرن سان فارغ التحصيل ڪري آيا آهن. مون کين پنهنجي بدقسمتيءَ ۽ گنهگاريءَ جو حال ٻڌائيندي چيو هو تہ "ديني تعليم کان بي بهرو آهيان. اها بہ خبر ڪانهي تہ ديوبندي سنا يا بريلوي، وهابي چڱا يا شيعا حضرات. وڏي بدقسمتي اها جو اهي فرق معلوم ڪرڻ جي اڻ تڻ بہ ڪانهيم. اسان جڏن جي پائي جنهن جي ڏاڙهي رکيل آهي ۽ جيڪو روزو نماز ڪري ٿو سو پڪو مسلمان. وڌيڪ خبر خدا کي، اوهين روشني وجهڻ پسند ڪندوءَ تہ ٻڌنداسين، نہ تہ خوش هجو. ذاتي طرح آئون لطيفي طريقي جو آهيان". پڇيائون: "اهو وري ڪهڙو طريقو آهي؟ مون تہ ڪڏهن ڪونهي ٻڌو". چيومانس: "اسين گمنام قسم جا ماڻهو اسان جا طريقا بہ گمنام قسم جا. مرشدنا شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي! استاد سندس هڪڙو شعر ٻڌايو هو ڪاتيءَ وارو. ڪاتيءَ تکيءَ وارو. اهو ٻڌائجو. ذرا! توهان کي ياد آهي؟" مون چيو "ڪاتين. وارا شعر مرشد سائينءَ جا الائي ڪيترا آهن. هي تہ ناهي؟"

ڪاتي تکي مَ ٿئي، مَر مُنيائي هوءِ،
مان ورمن توءِ، مون پريان جا هتڑا؟

فرمايائون: "اهوا اهو معنيٰ سمجهايو". سمجهايم. چيائون: "ها توهان پنهنجي طريقي جا اصول پئي ٻڌايا". مون چيو: "اصول تہ ڪجڻ آهن ۽ تفصيلي وضاحت بہ ڪرڻي پوندي، پر مختصر هي تہ مرشد سائينءَ جو مسلڪ آهي تہ، لاڪيتي، اڻ ورڇ سورهيائيءَ ۽ سرفروشيءَ واري پورهئي، جاکوڙ ۽ ويڑهہ ذريعي وطن دوستيءَ، عوامي دوستيءَ، انسان دوستيءَ، رواداريءَ، سهپ، سخاوت، وسيع نظريءَ، پيار ۽ محبت جي آدرشن کي عملي جامو پهرائي، مظلوم پيڙهيل ڪويل ماڻهن جي دنيا

ڀر انهن هٿان انقلاب آڻي، سڪ، سڪار ۽ خوشيءَ جو نئون جهان اڏڻ ۽ اهڙي ريت پنهنجي حقيقي محبوب جو قرب ۽ راضپو حاصل ڪرڻ. مرشد سائينءَ جي نظر ۾ دين جي ظاهري رسمن جي پيروي بہ برحق پر ان جو اصل روح ڪو ٻيو.

جيڪو ماڻهو ڏکويل انسانن لاءِ دوزخ بنيل هن جهان کي بهشت بنائڻ لاءِ جاکوڙ ۽ ويڙهہ نٿو ڪري، تنهن لاءِ رب جي بهشت ۾ ڪا بہ جاءِ ڪانهي. دين تي ٺيڪيداري جمائي اڳيئي ڏکويل ماڻهن جي زندگي ويتر ۽ وڌيڪ عذاب ۾ وجهڻ وارن کان وڌيڪ رب جي حضور ۾ لعنتي ماڻهو ٿي سگهي ئي نہ ٿو. الله، رسول ﷺ ۽ سنڊن مذهب کي ذاتي ۽ گروهي مفادن لاءِ استعمال ڪرڻ کان وڏو گناهہ ٻيو ڪونهي. هر قسم جي انفرادي توڙي اجتماعي ظلم سان وڙهڻ کان وڏو فرض ۽ وڏو ثواب ٻيو ڪونهي." ٻڌي ڪِلي وڌائين. چيائين: "شاهہ لطيف ٻڌائي توهان جي اها عالمانا تقرير ٻڌي ضرور داد ڏئي ها!" مون چيو: "توهان جو خيال آهي تہ آئون وڏاءُ ۽ مبالغہ آرائي ٿو ڪريان. هاڻ خود مرشد سائينءَ کي ٻڌو، پوءِ پاڻ فيصلو ڪريو تہ مون وڏاءُ ڪيو آهي يا ڳالهہ گهٽائي ڪئي اٿم:

روزا ۽ نمازون، ايئ پڙ ڇڏو ڪر،
او ڪو ٻيو فهم جنهن سان پسجي پرينءَ کي.

❋❋

اِن پر نہ ايمان، جيئن ڪلمي گو ڪوٺائين،
دغا تنهنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان
منهن ۾ مسلمان، اندر آذر آهين.

❋❋

تهڙا چاليها نہ چاليهہ، جهڙو پسڻ پرينءَ جو،
ڪهڙي ڪاتب ڪريين، مٿي پنن پيهہ،
جي ورق وارئين ويهہ تہ اڪر مڙيئي هيڪڙو.

❋❋

ملين مُئو ماءُ، پتو ڏاڏو پيٽ ۾،
سڃاڻي الله، ٽپي ڏنائين ڏوڙ ۾.

❋❋

جيڪي ڏڏن ڏي، ڳجهان ئي ڳجهه ۾،
سو جي سڻن ڪنن سين، ڪِرتِ وارا ڪي،
تہ ساز سمورا سي، هوند پٽون ڪن پلڪ ۾.

جيئن جيئن ورق وارئين، تيئن تيئن ڏئو ڏوهه
تتهن ڪهڻيءَ ڪبو ڪوهه، جي رهڻيءَ رهيو نہ سپرين

❋❋

ڪو ٿو ڪاڳر ڪورئين، وينو وڃائين مس،
ڏور تڻائين ڏس، اکر جڻائين جڙيا!

ءِ پوءِ ڪجهه مارئيءَ جا وطن دوستيءَ، غريب مارن سان وفاداريءَ ءِ آڻ نہ ميڙ بابت شعر بہ پڙهيم ءِ معنيٰ ڪري ٻڌايم. بزرگ جي منهن تي ڪيئي رنگ آيا ويا. پاڻ تي ضابطو هوس. سبحان الله! سبحان الله! ڪندو رهيو. سوچيم تہ لطيفي مسلڪ ءِ طريقي تي سنئون سڌو وار ڪونہ ڪندو ڪو ٻيو گس ڪيندو. ٿيو بہ ايئن. پڇيائين، "اوهان ڪهڙيءَ پارٽيءَ جا آهيو؟" ٻڌايم. "اوهان جو منشور ڪهڙو آهي؟" "سڄي ملڪيت قومي ملڪيت بنائڻ گهرون ٿا؟" آڏي پڇا شروع ٿي ويئي. بہ ڏينهن جاري رهي، ڪلهه ءِ اڄ. "مر" وچ وچ ۾ ڳالهه ڪري، مون ڏٺو تہ هي الائي ڪهڙيون خبرون ڪري ماڻ ڪرايومانس. مولانا کي اها اڻ تڻ تہ ڏسان تہ هنن مذهب کان اڻ ڄاڻ ماڻهن کي رستي تي آڻڻ ۾ گهڻي دير ٿي لڳي ءِ مون کي اهو ڏسڻ جو شوق تہ محترم جنرل ضياء جي دور جي "علماءِ اڪيڊمي" جا فارغ التحصيل 1982ع ماڊل مولانا صاحب ديني ءِ دنوي علمن جي ڪهڙن خزانن سان مالا مال آهن ءِ انهن کان ڪيئن فيض حاصل ڪري سگهجي ٿو. ہن ڏينهن جي گفتگو جو نچوڙ مون اهو ڪڍيو تہ، "حضور جن، چئن خليفن سڳورن ءِ خليفي عمر بن عبدالعزيز سميت ايڪٽيهن سالن جي حڪومت جي دور کي ڇڏي باقي گذريل چوڏهن سئو سالن ۾ جيڪي "مسلمان" حڪومتون رهيون آهن ءِ موجود آهن، سي نہ رڳو غير اسلامي هيون، پر اسلام دشمن بہ هيون ءِ انهن جو تختو اونڌو ڪرڻ هر سچي مسلمان جو فرض

هو.“ ڪسندي ڪرڪندي مولوي صاحب جن مس مس ڪنڌ لوڏ ڪئي. وٽن ڪي به دليل باقي بچيل ڪونہ هئا. لاچار چيائون: ”هاڻ اهو ٻڌايو تہ اسلامي حڪومت قائم ڪيئن ڪجي؟“

پورهيت انقلابي نظريي جو مطالعو تہ ڪري ورتو هوم ڪجھ سمجھي ۽ سڃي ڳالھ ويو هوس. هنن بابت ۽ معلوم ٿي ويم تہ علمي ۽ نظرياتي طرح ”اڃي پڳ م پس! اندر مڙيئي اڳڙيون“ وارو ڪم آهي. پر اصل سوال هو تبليغ ڪري ماڻھن کي نظريہ، عام واٽ ۽ حڪمت عمليءَ جو ڪائل ڪرڻ، تنظيم ٺاهڻ، هلائڻ ۽ وڏي ڳالھ تہ توڙ تائين جاري رکڻ. عوام جي راءِ کي ريجھائڻو هو:

الله جي آس ڪري، هليو هئائين،
چارڻ ٻڌا چنگ کي، جھوڙا ۽ جھائين،
ڏولي راءِ ڏياچ جي، ڏوران ڏنائين،
وينتيون واحد در تنهن وير ڪيائين،
سباجھا سائين! راءِ ريجھائينءَ راڳ سين!

سڃي سنڌ مان ۽ مون جھڙا ئي مستانا اڏ چريا مون سان متفق ٿيا. قومي مسئلي تي محمد حفيظ قريشي ۽ طبقاتي مسئلي تي ھڪڙو ٻيو يار. ٻئي ھڪٻئي کي ڏٺي نہ وٽن! هر ڪنهن جو ليکو الڳ ھاٿي باقاعدي ڪم لاءِ پر پئي ساهياسين تہ هي مسئلو ڪڙو ٿي ويو ۽ حادثا ٿي ويا! مٿان آءٌ ۽ حفيظ ڪنيجي ڪجي اچي جيل ۾ پياسين. ٽيون يار پنهنجي مرضيءَ جو مالڪ! چريءَ جو چوڙو ڪڏهن ٽنگ ۾ ڪڏهن ٻانهن ۾!

هي دور زندگيءَ جي ھڪڙي وڏي جذباتي پيچيدگيءَ ۽ ڪشمڪش جو المناڪ دور ۽ بنجي ويو. بسم الله ٿي غلط هئي! هيڏانهن ھڪڙي قسم جي ہن ٻيڙين ۾ پير تہ هوڏانهن ٻئي قسم جي ہن ٻيڙين ۾!

ڳورا ٻئي پار هنيون حيرت ۾ پيو!
هينئڙو هيرڻ پن جئن، ڦٽي ٿيو ڦارون!

(لطيف)

هيڏانهن ماڻھو پٽاڻ ڪالونيءَ ۽ اڪثر اصغر چئمبرس جي وچ ۾ اول

پٽڻ. هوڏانهن دل هتي پر نس نس ۾ انهن عزيزن جي پرويڪنڊا جو زهر پريل لکنوي دهلوي انقلابي گادي نشينن جا چڱ وڏيا مريد.

چوندا آهن ته (Love is a many splendoured thing) "محبت گهڻن شانن ۽ شوقتن واري چيز آهي" برابر. پر شانن شوقتن سان گڏ اها گهڻن ننڍڙن ننڍڙن. اڻ لکن ۽ ظاهري طرح خسيس انساني گڏن جو نالو به آهي. اها هڪ حسين ترين حادثو ۽ وڏي خوشنصيبي آهي. پر ان کي رکو حسين حادثن ۽ خوشنصيبين جي زور تي ڇڄ دير قائم رکي نه ٿو سگهجي. ان کي سدا بهار گلاب جي گل جهڙو تازو ۽ سرهو رکڻ جي ڪوشش ڪرڻ وڏي ڏاهپ، جاکوڙ سهپ، سنيال، خبرداريءَ، پر گهور ۽ تياڳ جو ڪم آهي. محبت سلامت رکڻ پس پيش هڪ اعليٰ ترين انساني علم، هنر، فن ۽ بي مثال قابليت ۽ ڪاريگري آهي. پر هيءَ ڀالهه هونئن به شروع کان ئي اڻ ٽيٽي هئي.

مٽين به دليائيءَ کانسواءِ زندگيءَ بابت تصورن ۽ آدرشن، تمنائن ۽ تقاضائن ۾ ئي بنيادي تضاد هو. زندگيءَ جي ويڑهه ۾ جسماني ۽ روحاني طرح زخمي ٽيل مارو ماڻهن جي نصيب ۾ قلن چانيل نفيس ۽ نازڪ محبتون ڪٿي؟

جنهن جي چڱ چنبيليءَ ول جئن، سرهي سيج پريا!
ڏاڙهونءَ ڦوڳ ڦلاريا، منهن ۾ بهه بهه يار هريا!
پل پل تي ٿو پيار ڪمل جئن، ڪومل هٿ ڏريا!

(ايار)

جي قسمت سان اهڙيون محبتون ڪنهن حسين اتفاق سان حاصل به ٿي وڃن ته انهن جي اهليت ڪٿي؟ تن، من، ڏن محبوبن جي قدمن تي نڇاور ڪرڻ جي پهچ ڪٿي؟ زندگيءَ جو عظيم ترين مقصد محبت جي ڪاميابي ۽ سرفرازي بنائڻ جو اختيار ڪٿي؟

اب بهي دلڪش هي تراحسن، مگر ڪيا ڪيجئي،
لوٽ جاتي هي ادهر ڪو بهي نظر، ڪيا ڪيجئي!

(فيض)

سورن جي سانديل ۽ پورن جي پاليل، جاڻ، سمجهه ۽ تجربي جي کورن ۾ پکل بي چين ۽ بي قرار روح جن تي تاريخ سوين نسلن جا پار پلاند ڪرڻ ۽ صدين جا حساب ڪتاب ڪرڻ جا فرض رکي ڇڏيا آهن، تن کي سک ڪٿي؟

جئن سو هرڻ هماڻ، سرگردان سنسار ۾،
هي پير نہ ڪوڙي پٽين، هو ڏڙ سر ڏري نہ ساهہ،
جيڪس تن ملاڻ، سسيءَ سور پرائيا.

خاص ڪري تنظيمي ماٽهو چئ ڪنيو ٻڏل، 24ڪلاڪ ڊيوٽيءَ تي.
ڪڏهن ريل ۾ ڪڏهن جيل ۾، وڪيل گهوڙن جا ڪهڙا مُلهہ؟

جنين ڏٺي جوءِ، تنين ڪچيو ڪينڪي!

❊

ڏوري ڏوري ڏيهہ، ماڻ ڪاهوڙي آئيا
مين پيرين ڪيهہ ڪُهہ جاڻان ڪنهن پار جي؟

❊

ڪنهن جنهن ۾ آهين، سا پر پروڙ ڏاڪڙو!

❊

جوڳيڙا جهان ۾، هٿا منجهہ حمام،
آرامان ارڳ ٽيا، اوڏا نہ آرام
ڪيائون قيام، آئون نہ جيئندي اُن ري،

اهڙن ماٽهن سان اهڙا متي ڦريل ماٽهو هلي سگهن جن لاءِ "ڦرئي ڪان پوءِ ڊپ نہ هجي، لٽي ڪان پوءِ اوير نہ هجي!" جيڪي خوشي، رنج ۽ ڪاميابي ۽ ناڪاميءَ جا دستوري ۽ رواجي ساهميون توراڙا ڪنهن ڏنڊ جي تري ۾ اڇلائي، اڙ ٻڏل اڙ ڏڻل خوشين ۽ ڪاميابين جي منزل ماڙ جي اميد ۾ هر طرح جا نوان پراڻا ڏک ۽ ناڪاميون سهڙ لاءِ چيلهہ ٻڌي نڪري پون "ڪير لنگهيندي قاف؟ اي برهمڙ باسيو!"

مون سياڳيءَ ساڙ ڪير چلندي چپرين؟

❊

هوت ٻاروچي لاءِ، ڪنين ڪنر پائيان!

❊

تہ پڙ ٽي ويون، جي پنهونءَ پاڙ لڪائيو!

❊

جا لڪن لوساڻي سا سيج چڙهندي سسئي!

جن کي فرد سان گڏ سندس سموري ساڻ سان ۾ نينهن هجي.
هڙا هاروچاکين لهندينءَ کي ٻيا!

*

ڇڄ مَ قطارا! ساڻ ڇڙهندو لکيين،
مڇڻ ٽئين ٻئاءِ، وڃ واڻ ئي نہ لهين!
پوريا تون نہ پڇي، سبب ڪنهن ساڻ مڙين!
(لطيف)

اهڙن ماڻهن لاءِ مثالي محبت اها آهي، جيڪا جسم جي ساڻ ۽ سنگ سان گڏ پنهنجي دور جي سڀ کان اعليٰ انقلابي آدرشن ۽ مقصدن جي ساڻ، شعور ۽ عمل جي مڪمل هم آهنگيءَ تي ٻڌل هجي. مثال طور لينن ۽ نادیا جي يگاني تاريخ ساز محبت! ڪنهن ۾ وسان ڪونہ گهٽايو. پنهنجي جاڻ سمجهه ۽ حال سارو ساڻ کي سلامت رکڻ لاءِ هر ڪنهن ڏک ڏٺا. پر سازشي لنڊين، ڪوراڙين ۽ هڻ ڪٽين جي ڏنگن کان بچاءُ نہ ٿي سگهيو. پنهنجي بي سمجهين، نادانين ۽ بي وسين جو علاج نہ ٿي سگهيو. حالتن جي شيطاني چڪر پير ئي کوڙڻ نہ ڏنا. اڻ ٽيٽيءَ کي ٽيٽي بنائڻ جي ويڙهه جسمن ۽ روحن کي رتو رت ڪري وڏو. تان جو ساڻ هلي هلي، ٺوڪرون کائي کائي، رڙهي رڙهي ٻٽن سالن اندر هڪڙي ڏينهن اهڙو تتي پيو جو پوءِ ان کي ريهون ڏيڻ لاءِ طرحين طرحين حيلا ڪيا ويا پر نہ ڳنڍجي سگهيو تہ نہ ڳنڍجي سگهيو! آخر وقت جي ويرهر ڳالهه کي ائين ميساري ڇڏيو جڻ ڪا ڳالهه هئي ئي ڪانہ!

ڪارو تنين کي، جيڪس وهه وري ويو!
(لطيف)

بي درد ماڻهن سوپ ڪٽي، سندن لولو گيهه ۾ ڪري پيو. ڪيترن ڏسٽن، وائسٽن ماڻهن کي ڪيترا سال پئي ان دردناڪ انساني المي تان سياسي پيٽ پاريو. کي تہ ايڏا تائين ۾ لڳا پيا آهن!

حيدر کي خيال ۾ رکي همراهه کي شعر لکي موڪليم. دل پکي، ۾ هجي اميد ۾ قائم رهي! بدترين لاءِ ڏهني تياري ۽ بهترين جي اميد.

چڙهيو چڪاسين چاءِ، آگ هرندي آئيا،
وهسن واڙيءَ ڦل جيئن، محبتي مچ لاءِ،
آٽي پاڻ اڙاءِ، ڪٽي ڪوري وچ ۾.

٭٭

ڪنڊ ڪٽارو منهن وتي، عادت سندن ايءَ،
تنين تڪون ڏنيون، جُنبي منجهان جيءَ،
سروتن سبيءَ، حاصل جنين حال ڪيو.

٭٭

سر ڏيئي ست جوڙ ڪنهن پر ڪالن سين،
ڪاتي ڪرت ڪپار ۾، خنجر آٽي کوڙ
مرٽان منهن مَ موڙ وتي ٽي وڌ لهي.

٭٭

وٽ وٽ وٽيءَ ۾، مٽ مٽ منڊ ٻيو،
قدر ڪيف ڪلال جو پياڪن پيو،
اچن دُرس دڪان تي، ڪنڊ قبول ڪيو،
سرها سر ڏيو چکن سُرڪ سيد چئي.

٭٭

ڪي اوڏائي ڏور ڪي ڏور به اوڏا سپرين،
ڪي نه سنيرجن ڪڏهن، ڪي نه وسرن موُر
جيئن مينهن ڳُنديءَ پور، تئن دوست وراکو دل سين.

٭٭

چٽن چُٽڪن چت ۾، سدا منجهه سرير،
لڏي ڪنهن لوءِ ويا، مارو منجهه ملير،
ويٺي پوڇيان پير، مان ملنم ڪڏهين.

٭٭

ڏٺي ڏينهن ٽيام، ڪه جاٽان ڪهڙا پرين،
سهسين سجن اُيري، واجهائيندي ويام،
تن ري سال ٽيام، جن ري ساعت نه سهان.

٭٭

سُٽي سماٽيهه ڳالهڙي، لهي ويا لوهه،
اندر جا اندوهه، لٽا ڏک، سُک ٽيا.

**

عمر اڄ گڏيام، ڏوٽي انهيءَ ڏهه جا،
پارانيا پرين جا، اُيي ان چيام،
لهي لوهه پيام، لطف ساڻ لطيف چئي.

**

اتن اُت وري، ڪو ڏينهن آهين ڪوٽ ۾.

**

مليران مارُو پکي پيهي آئيو
وريا واهارُ هاٿو سپ هيٺا ٽيا.

(شاهه)

قاسي وارڊ سڄو خالي ڪرائي، ان ۾ "تخريبڪار" رکيا ويا آهن. قاسيءَ جي سزا مليل اٽڪل 70 مڙس پنجاب جي مختلف جيلن ڏانهن روانا ٿي ويا. اڄ سڄو ڏينهن افراتفري هئي. زنجيرن جو چٽاٽ هو. ٻيڙيون پئي چاڙهيون ويون ويندڙن کي. "تخريبڪار" سپ الڳ الڳ ڪوليءَ ۾ هڪ ماڻهو. منهنجا پاڙيسري اچي ٽيا آهن. ڇو ته قاسي وارڊ (قاسي گهاٽ) بند وارڊ (عام قيدين جي خاص سزا جو وارڊ) ۽ سيڪيورٽي وارڊ (خاص خاص سياسي قيدين کي بند رکڻ جو وارڊ) اسان عتاب هيٺ آيلن جو پاڙو هڪڙو آهي. هتي جو ڳالهاءُ، هُتي، هُتي جو هُتي.

ٻئي وينا رون، ڏکي ڏونگر پاڻ ۾،
ڪنهن کي ڪين چون، منجهن جو پريتڙو.

(شاهه)

رات "تخريبڪار" ايندي شرط الائي ڪنهن سان (پاڻ ۾ الائي ملازمن سان) جهيڙو لايو بيٺا هئا. رات گهٽي گهٽي تائين وڏا ڳالهاءُ پئي آيا. همراهه لوهه لڳا پيا آهن.

ڪانارئا ڪٽڪن، جنين لوهہ لڳن ٻہ،
محبت جي ميدان ٻہ، پيا لال لچن،
پاڻهين ٻڌن پٽيون، پاڻهين ڇڪيا ڪن،
وٽا وڍوڙئن، رهي اڇجي راتڙي!

❋❋

ويچارا وڍوڙ سدا شاڪر سورسين
تاڻين متي توڙ اوري ڪن نہ آسرو!

ڪتاب: ڪوٽ لکپت جو قيدي، ليکڪ رسول بخش پليجو
پاڳو پهريون تان چونڊ ڪيل، ص 74، 75، 183، 184، 185، 323، 324، 325، 326، 332، 333، 334، 335.

بروهو پنهور، پر آرياڻي اجاريو

پنهنجي شيءِ جي تعريف هر کو ماڻهو ڪندو آهي، جنهن به ڳوٺ ۾ توهان ويندؤ تہ چوندا تہ اسان جي پير جهڙو ٻيو پير ڪنهن به ڳوٺ ۾ ڪونهي. جنهن وٽ وڃبو تہ چوندو تہ منهنجن مائٽن کان وڌيڪ ٻيو ڪنهن جو به سُٺو مائٽ ڪونهي. ننڍي هوندي کان پاڻ جڏهن لطيف سائينءَ جي ڳالهہ ٻُڌي هئي، تڏهن ائين سمجهبو هو تہ جيئن تہ لطيف اسان جو پنهنجو سنڌي آهي، تنهن ڪري اسين پنهنجي سنڌيءَ جي تعريف ٿا ڪريون. هاڻي وري اسان جا ٻيا دوست آهن اردوءَ وارا، جيڪي وري غالب جي تعريف ڪن ٿا، پنجابي دوستن جو بُلهي شاهہ آهي، اهي وري ان جي تعريف ڪن ٿا. هر هڪ ماڻهوءَ کي اهو حق آهي تہ هو پنهنجي پنهنجي شيءِ جي تعريف ڪري ۽ مون ڏٺو تہ لطيف جي تعريف جي باري ۾ به تمام گهڻيون اهڙيون ڳالهيون ڪيون ويون، جو مون کي انهن ۾ ڪا خاص ڳالهہ ڏسڻ ۾ نہ آئي. مثال طور ڪنهن ماڻهو اهڙا شعر پيش ڪيا تہ فلاڻي شعر کان لطيف جو فلاڻو شعر سُٺو آهي. مون ڏٺو تہ ان ڳالهہ ۾ کو گهڻو وزن ڪونہ هو. ڇاڪاڻ تہ هر ڪنهن جا معيار پنهنجا آهن. هند جا پنهنجا آهن، سنڌ جا پنهنجا آهن. هرکو ماڻهو پنهنجي پنهجي علائقي، وطن ۽ پنهنجي پنهنجي قوم جي حوالي سان ڳالهہ ڪري ٿو. لطيف جهڙي ماڻهوءَ کي سمجهڻ لاءِ ضروري هيءُ آهي تہ اسين ٻيا به جيڪي ماڻهو آهن، تن کي ڏسون، رڳو پنهنجي ماڻهوءَ کي ڏسبو تہ ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ايندي، سمجهہ ۾ تڏهن ايندي جڏهن مارڪيٽ ۾ موجود ٻين شين کي به سمجهيو ويندو. تڏهن ئي دراصل ماڻهوءَ کي خبر پوندي تہ ڪهڙي شيءِ ڪيترو ٿي لهي، ۽ سڀ کان اهم سوال اهو آهي تہ کو شاعر وڏو آهي تہ ڇا ٿي پيو. زميندار وڏا ٽين ٿا، پوليس وارا وڏا ٽين ٿا، ڏاڙيل وڏا ٽين ٿا، ايڪٽر وڏا ٽين ٿا، راندين‌گر وڏا ٽين ٿا، سهڻا ماڻهو وڏا ٽين ٿا، پوءِ شاعر ڪٿيان پاڻ هيڏو وڏو ممڙ ٻڌيو ٻيٺا آهيون. لطيف وڏو شاعر

آهي، خير آهي ٺيڪ آهي، پر فلاڻي ماڻهوءَ وٽ مينهون سُنيون آهن، فلاڻي ماڻهوءَ وٽ ڪار سُني آهي، بنگلو سُنو آهي، فلاڻي جون ٻنيون سُنيون آهن، فلاڻي جا انب سُنا آهن، تہ پوءِ شاعر جي هر و پر و ايڏي وڏي ڳالهہ چو ڪجي؟ ان جو سبب اهو آهي تہ جن وٽ زمينون، جايون، باغ بنگلا، ڪارون، مينهون وغيرہ سُنيون آهن، اهي جڏهن مري ويندیون يا ختم ٿي ويندیون تہ اهي انهن کي ڪم نہ ايندیون، فردوسيءَ چيو آهي:

"مون تيهہ سالن پر عجيب قسم جا عذاب ڏٺا، پر مون پنهنجي وطن ايران کي ۽ فارسيءَ کي مظلوم ۽ مئل وطن کي هڪ پيرو ٻيهر جيئرو ڪري زندهہ جاويد بڻايو."

تنهن ڪري مال ملڪيتون، وڏا ماڻهو شيون، پئسا، دولتون، ميمبر صاحب، وزير، مشير، وزيراعظم صاحب توهان کي ياد آهي تہ سنڌ پر ڪهڙا وزير 15 سال اڳ جيئرا هئا؟ سنڌ پر جيڪي 1935ع کان وٺي وزير رهيا آهن، انهن جا ڪنهن کي نالا ياد آهن؟ ڪنهن کي بہ ياد ڪونهن. اڳي وڏا مير ڪهڙا هئا؟ ڪنهن کي ياد ڪونهي. ماڻهوءَ کان پڇبو تہ تنهنجي پڙ ڏاڏي جو نالو ڇا آهي؟ تہ ٿورن کي نالو ياد هوندو. گهٽن کي پنهنجي پڙ ڏاڏي جو نالو ياد بہ نہ هوندو. لطيف جو پڇبو تہ ڪير هو تہ توهان کي هزارين ماڻهو ٻڌائيندا. سبب تہ هو شاعر هو. هڪڙا وري پنڪي خور شاعر بہ آهن، جيڪي چون ٿا:

اڄ عشق پر اوهان جي، منهنجو متو اگهاڙو.

آئون نٿو چوان تہ اهو شعر خراب آهي. شعر تمام سُنو آهي، پر جنهن ليول جي پاڻ ڳالهہ ٿا ڪريون، اها ٻي ڳالهہ آهي. شاعر سڀ سُنا آهن، پر لطيف سائين چوي ٿو:

روزا، نمازون، اي پڻ چگو ڪم

روزا رکڻ گهرجن، نمازون پڙهڻ کپن، سڀ ڳالهيون سُنيون آهن، سڀ ڪم سُنا آهن، پر

روزا، نمازون، اي پڻ چگو ڪم
اُو ڪو ٻيو فهم جنهن سان پسجي پرينءَ کي.

شاعر سڀ سُنا آهن، پر ڳالهہ ٻئي فهم جي هجي. ڪارل مارڪس دنيا جو هڪ وڏو داناءُ هو هو جرمنيءَ جو هو جرمن وڏا ڏڏائي هجن ٿا، تنهن چيو

آهي تہ دنيا جا جيڪي بہ ڏاها هئا، تن پنهنجون زندگيون ان ڳالهہ تي گذاريون جڏيون تہ اها ڳالهہ سمجهجي تہ دنيا ڇا آهي؟ پر اصل ڳالهہ جيڪا هئي، اها انهن ڏاهن سوچ ۾ آندي ئي ڪانہ، اصل ڳالهہ هيءَ آهي تہ دنيا جهڙي بہ آهي تنهن کي بدلائي هڪ سُٺي دنيا ڪيئن ٺاهجي. دنيا ڇا آهي؟ ان بابت ٿورو ٿورو سيني کي خبر آهي، پر جيڪو نہ آهي، اهو ڪيئن ٺاهجي؟ جيڪا خراب آهي، اها ڪيئن ختم ڪجي؟ جهڙي دنيا هئڻ کپي، تهڙي دنيا ڪيئن ٺاهجي، اها ڳالهہ تہ ڏاها ماڻهو ڪن ڪونہ ٿا. هن ويهين صديءَ جي اها ڏاهپ آهي، جو ماڻهن هاڻي ان ڳالهہ کي ڏٺو آهي تہ دنيا کي بدلائي، سُٺو ۽ پنهنجي لاءِ قيمتي ڪيئن بڻائجي. بابا دنيا خراب آهي، بابا سڀ دنيا ۾ چالاڪي آهي، دنيا جا سمورا ماڻهو پنهنجي پر ۾ ڏاهپ ۽ عقلمنديءَ جون ڳالهيون پيا ڪن. اصل سوال آهي تہ اهي سڀ ڳالهيون آهن، پر انهن ڳالهين کي بدلائجي ڪيئن؟ منهنجو چوڻ آهي تہ مون هڪ ليڪچر ڏٺو هو جنهن ۾ مون ڇهن ٻولين جي ادب تي ڳالهايو هو. ان ۾ يوناني، لاطيني، سنسڪرت، چيني، فارسي ۽ عربي ادب جي تاريخ تي مون ڳالهايو هو. ڇاڪاڻ تہ اهي دنيا جا وڏا عالمي ادب آهن. ننڍا ادب پنجابي، سنڌي ۽ فلاڊو فلاڊو وغيره آهن. سو عالمي ادب هڪ سبجيڪٽ آهي. جيئن فزڪس سبجيڪٽ آهي، ڪيمسٽري سبجيڪٽ آهي ۽ ٻيا ڪوڙ سارا سبجيڪٽس آهن، تيئن عالمي ادب بہ سبجيڪٽ آهي. مون عالمي ادب پڙهيو آهي، گهٽا ئي ماڻهو پڙهن ٿا. الاهي ماڻهو وينا آهن. جڏهن عالمي ادب ۽ ٻيو علم پڙهجي ٿو تڏهن خبر پوي ٿي تہ اسان وٽ سائنسدان ڪونہ آهن. سنڌ جي پنج هزار سالن جي تاريخ ۾ توهان کي ڪوبہ هڪڙو سائنسدان سُجهي؟ ڪونهي. سنڌ جي پنج هزار سالن جي تاريخ ۾ توهان کي ڪو ايجاد ڪندڙ ملندو؟ جنگ جي بہ هڪ سائنس آهي، اهو وڏو علم آهي، تمام وڏو علم آهي، ان جا وڏا ماهر ٿي گذريا آهن. چيني ان جا وڏا ماهر هئا. اها سائنس سنڌ ۾ ڪونهي. سنڌ پنهنجي پنج هزار سالن جي تاريخ ۾ فقط هڪڙو ماڻهو پيدا ڪيو آهي. اهو شاعر آهي ۽ اهو لطيف آهي. مون هڪ مضمون لکيو هو ۽ ان تي ليڪچر بہ ڏنو هو تہ لطيف جي دور جا ماڻهو ڪهڙا هئا. پوءِ مون ٻڌايو تہ لطيف جنهن دور ۾ جيڪي ڳالهيون ڪيون، اهي اُن دور ۾ فرانس ۾ بہ ڪونہ هيون. پاڻ سڀ عالمي تاريخ جا شاگرد آهيون، پاڻ سيني کي خبر

آهي. لطيف ڪهڙي دور ۾ ڄائو ۽ ان دور ۾ جرمنيءَ ۾ ڪير هئا. پاڻ کي خبر آهي ته روس ۾ ڪير هئا؟ فرانس ۾ ڪير هئا؟ سنسڪرت ۾ ڪير آهي؟ سولي ڳالهه آهي. ڪتاب پيا آهن. پڙهڻ سان خبر پوي ٿي ته لطيف جي خيالن جهڙو ماڻهو ان دور جي دنيا ۾ هڪڙو به نه هو. يورپ ۾ به ماڻهو ڪونه هو. فرينچ انقلاب ۾ به ماڻهو ڪونه هو. شاعر جي اهميت ان ڳالهه ۾ آهي.

هارون رشيد وٽ هڪڙو ماڻهو آيو. تنهن چيو (عربن ۾ اهو عيب ناهي) "منهنجي پيٽ تمام خوبصورت آهي. تون امير المسلمين آهين. آئون توکي پنهنجي پيٽ جو سڳ ڏيڻ چاهيان ٿو." هارون رشيد ان کي جواب نه ڏنو ۽ چُپ ڪري ويو. پاسي ۾ ٻيو دوست ويٺو هوس. تنهن چيو ته. "هن تو کي آڇ ڪئي آهي. تون هن کي ڪجهه ڪونه ٿو ڏين؟" جواب ڏنائين. "ڏيانس ٿو هن کي سندڙ جو گورنر ٿو مقرر ڪريان." هن چيو ته. "توهان مون کي گورنر ڇا مقرر ڪريو ته پوءِ منهنجي پيٽ جي سڳ جو ڇا ٿيو؟ چيائين ته. "توکي پوءِ جواب ڏيندس." دوست پڇيس ته. "پلا تو هن سان سڳ جي ڳالهه چو نه ڪئي؟" چيائين. "سڳ ته مون کي ڪپي. پر مصيبت اها آهي ته فلاڻو شاعر جيڪو آهي. تنهن هن جي خاندان خلاف جيڪو فلاڻو شعر چيو آهي. اهو مون کي ياد آهي. ان شاعر انهن کي ان حد تائين کيرائي ڇڏيو آهي. جو آئون آڇ کي قبول نٿو ڪري سگهان."

اسين شاعري پڙهون ڪونه ٿا. ان ڪري اسان کي شاعريءَ جي گهٽي خبر به ڪانهي. لفظ ۾ ڪيتري قوت آهي. پاڻ سُٽو ڪم ٿا ڪريون. پر جانور به سُٽو ڪم ڪن ٿا. ڏيڳا به سُٽو ڪم ڪن ٿا. اينجلس وڏو داناءُ هو. تنهن چيو ته. ماڻهو کي پنهنجي ڏاهپ تي وڏو ناز آهي. پر ماڻهوءَ جو توهان امتحان وٺو ته ڏوڙ ۾ هرڻ سان مقابلو ڪري سگهندو؟ ماڻهوءَ جون اکيون هرڻ جهڙيون آهن؟ طاقت شينهن جهڙي اٿس؟ پکيءَ وانگر اُڏامي سگهي ٿو؟ ماڻهو ته ڏڦر آهي. جانورن جي پيٽ ۾ ته ماڻهو بيوقوف آهي. هڪڙي شيءِ اٿس. جو مغز اٿس. مغز جيڪو آهي. اهو زور آهي. طاقت ۾ ڪا شيءِ نه آهي. اصل ڳالهه جيڪا آهي ته وري ماڻهو ۽ ماڻهوءَ ۾ ڪهڙو فرق آهي. اهو آهي دماغ جو سمجهه جو سرت جو جانور ۽ ماڻهوءَ ۾ به فرق اهو آهي ۽ ماڻهو ۽ ماڻهوءَ ۾ به وري فرق اهو سمجهه جو آهي. ڏاهپ جو آهي ۽ انهن کان بالاتر انسانيت جو به آهي.

لطيف سائين سنڌي ماڻهن کي اهڙيون ڳالهيون ٻڌايون آهن، اهو مزاج پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، اها سائيڪالاجيڪل ٽريٽمينٽ پيدا ڪئي آهي، جيڪا هن قوم کي بدلائي سگهي. اڄي لطيف لاءِ چوندا هئا تہ اهو پٽ ۽ ڏيئون ٿو ڏئي. سئو ڏيڍ سئو سالن تائين لطيف جي شاعريءَ بابت چيو ويندو هو تہ لطيف جي شاعري ڪرامتن جي شاعري آهي. پوءِ چيو ويو تہ لطيف ۾ روحاني را آهن. پوءِ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ اچي چيو تہ لطيف ۾ روحاني راز ٻہ آهن، پر هو تمام وڏو شاعر آهي. ايئن آهستي آهستي لطيف جي باري ۾ ڳالهيون معلوم ٿيون. اسان سنڌي ماڻهو جيڪڏهن پاڻ کي تبديل ڪرڻ چاهيون ٿا تہ اسان لاءِ لطيف جهڙي ٻي ڪابہ ڳالهہ نہ ٿيندي ۽ خوش قسمتي آهي، جو اسان جو شاعر هن خطي جي شاعرن کان نرالو ۽ جديد آهي. جدوجهد ۽ عوام جو تصور ٻيءَ کنهن هوليءَ ۾ ٻئي کنهن شاعريءَ ۾ آهي ئي ڪونہ. جدوجهد ۽ ويڙهہ جو تصور بلهي شاهہ ۾ ٻہ ڪونهي، خوشحال خان خٽڪ وٽ ٻہ ٿورو آهي، اسان جي تلسي داس ۾ ڪونهي، ميران ٻائيءَ ۾ ڪونهي، هندستان جي ٻين شاعرن، سنسڪرت توڙي چين جي ان دؤر جي شاعرن ۾ ٻہ ڪونهي، جيڪو ڪم مفڪرن يونان ۾ ڪيو، اسان وٽ اها شيءِ پهتي ڪانهي، ان کي سمجهڻ جي ضرورت آهي. لطيف سائينءَ ڏٺو تہ هن ملڪ جي وڏي ۾ وڏي بدقسمتي عورت جي غلامي آهي. ۽ هن ملڪ ۾ انقلاب تڏهن ايندو جڏهن عورت جدوجهد جي ميدان ۾ ايندي. لطيف سائين اها هڪ نئين ڳالهہ ڪئي، لطيف جي شاعريءَ ۾ توهان ڏسندؤ تہ جدوجهد جي ڳالهہ آهي، وطن جي حُب جي ڳالهہ آهي، دنيا کي تبديل ڪرڻ جي ڳالهہ آهي، دنيا ڦيرائڻ جي ڳالهہ آهي. ٻئي هنڌ اهڙي ڳالهہ ڪانهي. توهان ڏسندو تہ ليلیٰ مجنون جي عشق ۾ دنيا ڦيرائڻ يا تبديل ڪرڻ جي ڳالهہ ڪانهي، عوام جي ڳالهہ آهي ڪانهي، انقلاب جي ڳالهہ ناهي، سماج جو نقشو بدلائڻ جي ڳالهہ ڪانهي. لطيف سائين چئي ٿو:

بُرو هو پنيور، پر آرياڻي اُجاريو.

هاڻي توهان ڏسندؤ تہ ڳالهہ هڪڙي ماڻهوءَ جي آهي لطيف وٽ، سسئي پنهون هجي، مارئي هجي، هڪڙي حوالي سان ڳالهہ ڪٽي سڄي جڳ جي ڪجي، اها لطيف جي امتيازي خصوصيت آهي جيڪا ٻين شاعرن ۾ ڪانهي.

سائينءَ سدائين ڪرين، متي سنڌ سُڪار
دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.

هيءُ جيڪو عالم ڪي آباد ڪرڻ جو تصور آهي، اهو 17هين صديءَ ۾ صرف لطيف پيش ڪيو آهي، اڳ ۾ اهو هوئي ڪونہ.

لطيف جي شاعريءَ جو مرڪزي نقطو تبديلي آهي. ٻيو تہ لطيف سائينءَ ميدان ۾ عورت کي مردن کان متي بہ ڪيو آهي، توهان ڏسندؤ تہ جيترو ڏک ۽ تڪليف عورت برداشت ڪري سگهي ٿي، اوترو مرد نٿو ڪري يا سهي نٿو سگهي.

مُنڊ نہ منجهان تن، پسي لڪ لُڏن جي،
جا پر ڪاهوڙين، سا پر سڪي سسئي.

لطيف جو آئيڊيل طريقو ڪهڙو آهي؟ ادا سنڌ سان ظلم ٿي ويو سنڌ تباهہ ٿي وئي، ويٺا گهر ۾ آهيون، پر چئون ويٺا تہ سنڌ تباهہ ٿي وئي. لطيف چوي ٿو تہ چا ڪرٽو آهي:

جي لوڻ لڳين لائين، چيري چيري چم،
مون ڪُڙ نہ ڪيو اڳ اهڙو ڪوجهو ڪم،
جان جان دعويٰ دم، تان تان پرت پنهوار سين.

جيئي سنڌ

(لطيف تي ليڪچر آڪلينڊ سوميرو)

نوريءَ جي نوازيو، ٽيو تماچيءَ تي....

ڪيسن ۾ سياسي دورن سانگي اڪثر سفر ۾ هوندو آهيان. گذريل هفتي سنگت سان ڪينجهر تي نوريءَ جي قبر تي وياسين. اسان جي ٻيڙيءَ کان اڳ هڪڙي ٻي ٻيڙي قبر سان لڳي بيٺي هئي. ان ٻيڙيءَ منجهه ويٺل ٻيا ماڻهو به اڪثر موچارا هئا، پر منهنجي ڀرسان بيٺل يار جون نگاهون وڃي جنهن ماڻهوءَ ۾ ڪتيون سو پٽيرو بينو هو. منهن ٻئي پاسي هوس، مون همراهه کي چيو "اهڙا مسئلا هن کان اڳ به گهٽن درويشن کي درپيش اچي چڪا آهن." پڇيائين"ڪهڙن ڪهڙن کي؟" مون چيو مٿلن لطيف جهڙن کي، جنهن چيو:

تان جي ٽين سامهان! پٽيرا سونهن!
سنڌون ورائي سپرين، منهن جي مانڊي ڪن،
رون سپ رچن، تن ۾ تازائي ٽئي!.

ڪجهه سمجهيائين، ڪجهه نه سوالي نظرن سان مرڪي مون ۾ نهاريائين. مون چيو "لطيف هڪڙي صورتحال بابت چيو آهي. هي جيڪي پٽيرا بيٺل سدا ملوڪ ماڻهو پٽيرائي هيڏا سهٽا ٽا لڳن، سي جي قسمت سان، منهن ورائي، سنڌون ڪري، منهجي طرف نهارين ته جيڪر منهنجو روح ۾ منهنجو بدن باغ بهار ٻڌجي وڃن."

جاهل جيئرا، باڪمال مٿلن جي قبرن وسيلي، جيڪو ساڻن حشر ڪندا آهن، تن جو هڪڙو مثال نوريءَ جي قبر آهي، جنهن جي ڀرسان هڪڙو ته تماچيءَ جي بدران شاهه هوندڙو صاحب جلوه افروز ڪري چڏيو اٿن. ٻيو وري قبر جي آسپاس سارنگ جا بيت لکي چڏيا اٿن. مون چيو "هن ماڻهوءَ جي قبر لاءِ سپ کان موزون بيت رسالي ۾ موجود آهي ۽ اهو هتي خوبصورت اکرن ۾ لکيل هجڻ کپي ها."

موجود دوستن مان هڪڙي کي اهو بيت اڳي ٻڌايو هوم. چيائين "ها! اهو بيت؟" مون چيو "ها!" ٻي پڇيو "ڪهڙو؟" مون چيو ته "سڄي سُر

ڪاموڏ ۾ لطيف ٻڌايو آهي تہ اعليٰ شان واري حاڪم ڄام تماچيءَ ڪيئن عشق جي اثر هيٺ شاهاڻيون نوازشون ڪري، ڪين جهڙن بدبودار گندرن جي لڏي جي نماڻي ڇوڪري نوريءَ کي سندس سموري لڏي سميت غريبي ۽ گند جي پستين تان کڻي عزت ۽ شان جي بلند آسمان تي پهچايو.

ڪو جو ڪامڙ مي، آهي اڪڙين ۾،
تن تماچيءَ ڄام جو ناپون پايو ني،
عشق ائين ڪري، جئن ڄارو ڄام ڪلهي ڪيو.

**

تون سمون آئون گندري، مون ۾ عيبن ڪوڙ،
پسي ككيءَ کوڙ متان ماڳر مٽيين.

**

ڪيكيءَ هاڻيون كاريون، ڇڇيءَ هاڻا ڇڄ،
پاند جنين جي پاند سين، لڳو ٽيي لڄ،
سمون ڄام سُهج، ايو ڪري ان سين.

**

ٽيا تماچيءَ ڄام سين، مهاڻا محروم،
ننديءَ وڏيءَ گندريءَ، مٽي ماڙيءَ ڏوم،
جي ڪينجهر جي روم سي سڀ انعامي ٽيا.

**

سميون ڪري سينگار راءِ ريجهائڻ آئيون،
ڄام هٿ ۾ ڄار ڄلي ڄهيرن وچ ۾.

**

مي هٿ ۾ مڪڙي، ڄام هٿ ۾ ڄار،
سڄو ڏينهن شڪار ڪينجهر ۾ ڪالهه هو.

**

هيٺ جر مٽي مچر، پاسي ۾ وڻراهه،
اڇي وڇي وچ ۾، تماچيءَ جي ساءِ،
لڳي اتر واءِ، ڪينجهر هندورو ٽئي.

مطلب ڳالهه جو ته تماچيءَ ڪيئن نه نوريءَ کي غريبي، ذلت ۽ گمناميءَ جي فرش تان کڻي دولت، عزت ۽ شهرت جي آسمان تي پهچائي ڇڏيو.

اهو سڄو خوبصورت داستان بيان ڪري، ان سان گڏ روءِ زمين جي عوامي انقلابي شاعريءَ جي آسمان جي روشن سڄ لطيف فقط هڪڙو بيت چيو آهي، جنهن ۾ مٿينءَ سموريءَ ڳالهه جو نراڙو ابتڙ پاسو بيان ڪري ڇڏيو اٿس. چيو اٿس: "اها ڳالهه سڄي ڪينجهر جي ماڻهن، سڄي جهان کي معلوم آهي ته، تماچيءَ نوريءَ تي ڪيڏا احسان ڪيا، پر ڪينجهر جي فقط ڪن ڪن ماڻهن کي اها خبر آهي ته رڳو تماچيءَ نوريءَ تي عام رواجي اهڙي نوازش ڪئي، جنهن جي پيٽ ۾ تماچيءَ جا سمورا احسان جڙ هيڄ ۽ بي حقيقت بنجيو وڃن. نوريءَ جي نئڙٽ پري نياز محبت ۽ صحبت تماچيءَ کي هزارين عام رواجي عياش حاڪمن مان ڪيرائي غريب دوست، انسان دوست ۽ دردمند دل رکندڙ عظيم 'ماڻهن ۾ ماڻهو هيڪڙو' بنائي، ڪيس امر ۽ لازوال تاريخي هيرو بنائي ڇڏيو. اهو بيت هي آهي:

نوريءَ جي نوازيو ٿيو تماچيءَ تي،
گاڏيءَ چاڑهي گندريءَ، ماڻهو ڪيو مَي،
ڪينجهر چوندا کي، ته سڄ سياڻي ڳالهڙي،

(ڪينجهر جا گهٽا ماڻهو ائين چون نه چون، پر کي ضرور مجيندا ته در حقيقت سڄي ڳالهه اها آهي ته، تماچي تماچي ٿيو ئي تڏهن (تي) جڏهن مهاڻيءَ (مي) کيس پنهنجو ڪري کيس ماڻهو بنائي ڇڏيو.)

نه ڪنهن ڄائو ڄام کي، نه ڪو ڄام وياءِ،
ننڍيءَ وڏيءَ گندريءَ، سين آهي سياءِ،
لم يلد ولم يولد، اي نجابت نياءَ،
ڪبر ڪبرياءِ، تخت تماچيءَ ڄام جو.
(شاهه)

(روزانه عبرت، 25 مئي 2001ع)

قربا پسي قيڻ

اچو تہ ٿورين گھڙين لاءِ پنھنجي اکين تي انھن نقلي نقادن جي اکين واري تنگ نظريءَ، ڪج فھميءَ، ڪج بحثيءَ ۽ مجھوليت جا کوپا چاڙھي، ادبي دنيا تي نظر وجھون، تہ ڪھڙا ڪرشما ٿا نظر اچن!

چگھ ھاڻي پريان ڏسو تہ ڪير پيو اچي؟ آھي تہ ڏنل وائڙل، پر اڄ ھنن کوپن چاڙھڻ ڪري سڃاڻڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي. الائي ڇو سندس شڪل بگڙيل، پوائتي ۽ ڏيڇاريندڙ پيئي لڳي! اکين مان اُلا پيا نڪرنس! ڪير آھي؟

اجھو ڪجھ پنھنجي منھن پيو ڳالھائي، ڪن لائي ٻڌونس تہ ڇا پيو چوي

نوري ۽ ناري، جوڳيئڙا جھان ۾،
ھري جن ھاري، آءٌ نہ جيئندي ان ري

**

واڃت ويراڳين جا، مون وٽ وڏي وٽ،
سون سيوئي سگھين، پسي ڪين مَ ڪٽ،
ويساھي ويل ڪھين، پورب ويندو پٽ،
ھَلُ! ڪنيائون ھٽ، آءٌ نہ جيئندي ان ري

**

نانگا نانيءَ ھليا، سامي سيبيئي،
وھڪ مون ويئي، آءٌ نہ جئندي ان ري!

(ڇا! تڏھن مسلمان ڪونھي! ڪنھن ھندو جوڳيءَ جو چيلو آھي، گرو ويو ھليو اٿس، تنھن کي پيو ياد ڪري)

ڪن ڪٽ، ڪاپٽ، ڪاپڙي، ڪنوٽيا ڪن چير،
سدا ويھن سامھان، عاشق اُتر ھير،
تسا ڏيئي تن کي، ساڙيائون سرير،
جي فنا ٿيا فقير، ھلو تڪيا پسون تن جا!

سامي ڪامي پرينءَ لئي، ڪُسي ٿيا ڪباب،
جهڙو ڏسن ڏوهه کي، تهڙو تِن ثواب،
اوتين ارتي گاڏئون، منجهان اکين آب،
سندو ذات جواب، ڪهڙو پڇين تن کي!

(مار هي ته ڪو دين دنيا کان نڪتل آهي! نڪو ڏوهه نڪو ثواب، نڪو بهشت نڪو دوزخ، هي ته ٻنهي پٽرن کان ٻاهر آهي. ڪو ڪٽو ڪافر ٿو ڏسجي!)

اکر پڙهي آياڳيا، قاضي ٿئين ڪياءِ؟
پيرئين ۾ پائنئين، ايڏا ائن نه آءِ،
ورق ورائيين وترا، ملا منيئي ماءِ،
ان سرکيءَ سندو ساءِ، پڇج عزازيل کي!

❋❋

عاشق عزازيل، ٻيا مڙيئي سڏڙيا،
منجهان سڪ سبيل، لعنتي لعل ٿيو.

(استغفر الله ربي! پيغمبرن جي وارثن عالمن سڳورن جي شان ۾ گستاخي ۾ شيطان ملعون جون ساراهون)

گهٽن ۾ گهٽڪن، وٽيون پين وه گاڏيون،
برخيز بده ساقي، پيار کي پرين،
پڪين نه پرچن، مٽ تڪيائون منجهيان!

❋❋

مون کي منڊ پيار، اونچو اونچي مٽ مان،
ڏيندي ڏاتارن کي، وٽيءَ وجهه مَ وار،
سر ڪٽي سردار، اڳڙ تنهنجي آئيا.

❋❋

جي سي اڳڙ آئيا، ته سرو ڪندا سڄ،
سائي ٽيندي اُڄ، هي پيتو هو آڙ کي!

❋❋

ڪنڌ ڪتارو منهن وڻي، عادت سندي اي،
تنين تڪون ڏنيون، جنبي منجهان جيءَ،
سرو تن سَڀي، جن حاصل ڪيو حال کي.

(وڏو ڪو گڙنگ موالي ۽ شرابي آهي! ماڻهن جا اخلاق ٿو خراب ڪري، کين حرام شين جي ترغيب ٿو ڏئي، بدعتي ۽ رافضي آهي!)

مو کي متارن جا، ننڍا ڪيم نهار،
ساماڻا سري ڏٺي، اڇا اڳڙ ڏار،
ناڙو ڪيم نهار سر پڙ ڏيندا ست ڀر.

(هاڻي تہ ليکو لنگهي ويو! ننڍن چوڪرن کي بہ آپاري، شرابي بنائي، سندن خانو خراب ٿو ڪري)

رات سهائي پوءِ سنئين، پرت نئين، پنڌ پور،
ميا! محبوبن جي، هلي وانءُ حضور،
جي چٽڪن چت ۾ سي ڪيئن سڃڙ ڏور؟
الله لڳ اسور اُتان ئي ٿي آءُ تون.

❊❊

چنڊ چتائي تنهنجي، سياهيءَ ۾ سور،
لايان لعل لنگُن کي، چندن پري ٻور،
ڪوماڙو ڪپور، مون واجهائيندي پرين کي!

❊❊

ايڙ چنڊ، پس پرين، تو اوڏا، مون ڏور،
سڃڙ ستا ولهه ۾، چوٽا پري ڪپور،
پيرين آءُ تہ پڇڙي، ٻاهل ڏئي نہ ٻور،
جنهن تي چڙهي اسور سنجهي سڃڙ سيڙيان.

(بداخلاقيءَ، حرامڪاريءَ جون ڪلر ڪلا ڳالهيون! هيءَ چوري ڪنهن لوفر سان ڪري پيئي آهي. بيحيا، اٺ کي پيئي منٽو ڪري تہ نئين نئين سنگت رکي اٿم. تڪڙو هلي يار وٽ پهچائينم تہ اڇو منهن ڪريان. چنڊ ٿو ايري تہ جڙ هن کي ٽيڙ تپ چڙهيو وڃي.

حرامخور، چوي ٿہ پنهنجي نازڪ بدن کي چندن جي خوشبوءِ ملي، يار لاءِ تيار ڪيو اٿم. پر هو آيو ئي ڪونهي ۽ منهنجو جسم ڪومائجي ويو آهي! يا وري خيال پئي ڊوڙائي ٿہ چگهس بدن کي ڪپور ملي اڳڙ ۾ ستو پيو آهي، پانئي ٿہ پٽس بيغيرت ٿي کيس گهوڙي تي چاڙهي ويڄي يار جي حوالي ڪري اچي. جو سدوريءَ ڏيءَ کان پنڌ نٿو پڄي. هڻڙي بي حيائي ۽ بي غيرتي ڪنهن ٻڌي؟)

جکرو جس کرو ٻيا مڙيئي مل،
سمي جي سهاڳ جي، ڪنهن نہ پئي ڪل،
متي ان مرسل، اصل هئي ايتري

**

جکري جهڙو جوان، ڏسان ڪونہ ڏيهہ ۾،
مهڙ مڙني مرسلين، سرس سندس شان،
فڪان قاب قوسين اوداني، ايءُ ميسرُ ٿيس مڪان
خبر لاءِ خليل جي، قادر مڪو قرآن،
ايءُ آڳي جو احسان جنهن هادي ميڙيم هڙو!

(لاحول ولا قوت الا بالله العليِ العظيم! جکري سمي کي هيءُ گستاخ "رسول" ڪري ٿو سڏي؟ ڇہ نسبت خاڪ را باعالم پاڪ! قادر جکري تي قرآن موڪليو؟ خدا جي پناهہ! رب منهنجا، تون پناهہ ڏي هن ڪفر کان!.... ڇا ٿا ڇئو؟ جکري کي رسول پاڪ ؐ نہ، پر رسول پاڪ ؐ کي "جکرو" ٿو ڪوئي؟ نعوذ بالله من شرذالڪ! اهو تہ ايجا بہ بدتر ٿيو. شرف ڏيڻ لاءِ اعليِ شين جو نالو ڏبو آهي. رسول پاڪ ؐ کي شرف ڏيڻ لاءِ تہ کيس "احمد بلاميم" ڇڏبو آهي، خاتم المرسلين ؐ سڏبو آهي. توبهہ، فخر موجودات، سرور ڪائنات، خير البشر ؐ کي ڪيرائي "جکرو سمو" ڪيو اٿس..... توبهہ، توبهہ!)

نہ ڪنهن ڄائو ڄام کي، نڪو ڄام وياءُ،
ننڍيءَ وڏيءَ گندريءَ، سيني آهي سياءُ،
لم يلد ولم يولد، ايءُ نجابت نياءُ،
ڪبر ڪبرياءُ، تخت تماچيءَ ڄام جو.

(هاڻ تہ حد ٿي ويئي! لم يلد ولم يولد، يعني نہ ڪنهن کي ڄڻي ٿو ۽ نہ ڪنهن ڄائو اٿس، سا تہ الله تبارڪ و تعاليٰ جي صفت آهي: ذات باري تعاليٰ کي "تماچي" سڏڻ يا تماچيءَ کي خدا جون صفتون ڏيڻ، نسورو شرڪ، نسورو ڪفر!)

اسين سڪون جن کي، سي تان اسين پاڻ،
لهي وڃ گمان، سهي سڃاتم سپرين.

❊❊

پيئي جان پاڻ ۾ ڪيم روح رهاڻ،
نڪو ڏونگر ڏيهه ۾ نڪا ڪيڇين ڪاڻ،
پنهون ٽيس پاڻ، ، سسئي تان سور هئا.

(تنهن جي معنيٰ تہ محبوب پنهون پاڻ آهي. عاشق ڪيئن محبوب ٽيندو؟ سسئي ڪيئن پنهون ٽيندي؟ هيءَ تہ سنئون سڌو گمراهہ صوفين وارو "اناالحق" وارو نعرو آهي تہ اسين پاڻ خدا آهيون. نعوذ بالله!)

ڪافر ٿي تہ ابهين، باب شرع جا ڇڏ،
من مشرڪن گڏ، تہ ويجهو ٿين وصال کي.

(يعني تہ اسلامي شريعت جا منڪر ٿي وڃي ڪافرن ۽ مشرڪن پيڙا ٿيو! هيءَ ڪافر بنائڻ جي، تحريڪ نہ آهي تہ هيو ڇا آهي؟ پارت جي مها سياڻي هندن جي شڏيءَ جو پرچار آهي. هي شخص پڪ پارت جو ايجنٽ آهي! ڏسو نٿا تہ رڳو واٽين جون خبرون پيو ڪري)

اُڀيون تڙ پوڄين، وهون وڻجارن جون،
آڻيو آکا ڏين، ڪتوري سموند کي.

❊❊

جنين ڪارڻ مون، ٿي تڙ پوڄارا پوڄيا،
پنيم اميدون، سي ئي سڄڻ آئيا.

❊❊

ڏني ڏياري، ساموندين سڙهہ سنباهيا،
ان کي مند اتر جي اوچتي آئي،
وڻجارن وائي، آهي پرئين پار جي.

٭٭

روح ۾ رهين رام، ڀر هولين ڪي ٻيو
پيالو پر ڪري، خوب پيتائون جام،
تهان پوءِ تمام، تن تڪيا تاڪي ڇڏيا.

٭٭

نڪي هيٺ نہ ٻيٺ، نڪي گبرين ۾،
رام ڪيائون ڏيٺ، وڃڻ ڪين ڪلهي ڪيو.

٭٭

اڄ نہ اوطاقن ۾، دونهين ڏنڊ نہ لاٽ،
ويا ويراڳي نڪري چت چڪائي چاٽ،
آءٌ ماريس تنهين ماٺ، جيجان جو ڪيڙن جي.

٭٭

ڪچي ڪاڇوٽي، نانگ ٻڏي نينهن جي،
جهڙا آيا جڳ ۾، تهڙا ويا موٽي،
سڪ نہ ستا ڪاپڙي، لاهي لانگوٽي،
انهن جي چوٽي، پورب ٽيندي پڏري.

٭٭

جي پانئين جوڳي ٽيان، تہ پر گروءَ جي پار،
هوائون هنگلاج ڏي، ويندي سپ وسار،
نانگا ناٺ نهار سامي وڏيءَ سڪ سين.

(ڳالهائڻ ۾ جوش ۽ جذبو ڏسوس ٿا؟ اکيون تہ ڪيئن پيئيون ٻرنس!
جي روس جو موڪليل ڪو ڪميونسٽ انقلابي هجي تہ بہ عجب ڪونهي!
ماٺهن کي ڏسو تہ ڪيئن نہ پيو پڙڪائي:)

پتنگ چائين پاڻ کي، پسي مڇ ۽ موٽ،
سهائي سپيرين جي، گهڙ تہ ٽئين گهوٽ،
ايا تون اروٽ، ڪوري خبر نہ لهين!

٭٭

ڏوڏا تون نہ ڏئين، آگ اوڏو نہ وڃين،
اُلا جي عشق جا، سي تان تون نہ سهين،
ايو ائين چئين، تہ آءٌ آڇڙيو آهيان.

❋❋

ڪٽ ڪڙهي، لوهہ ٻري، ڏوڏا جت ڏڳن،
مترڪن منهن ڪڍيا، سانداڻيون سهڪن،
اڄ پڻ آڇڙين، ميڙو آهي مڇ تي!

❋❋

چڙهيو چڪاسين چاءِ، آڳ ٻرندي آئيا،
وهسن واڙيءَ ڦل جيئن، محبتي مڇ لاءِ،
آڻي پاڻ اڙاءِ، ڪٽي ڪوري وچ ٻرا

❋❋

محبت جي ميدان ۾، ڪر پڙاڏو پٽ،
سرسوريءَ ڏڙڪنگرين، متان ڪچين ڪٽ،
عشق نانگ نپٽ، خبر ڪاڏن ڪي پوي!

❋❋

ڪنڌا مون پيرن ۾، توڙي لک لڳن،
آگر آڳوڻي نہ مڙي، ڇپون پير ڇنن،
ويندي ڏانهن پرين، جتي جات نہ پائيان!

❋❋

مرڻا اڳي جي مڻا، سي مري ٽين نہ مات،
هوندا سي حيات، جيڻا اڳي جي جيا!

(غريب عوام ۾ بي آرامي پيدا ڪرڻ ۽ طبقاتي ڪشمڪش پيدا ڪرڻ لاءِ، غريبن جي همدرديءَ جا نعرا پيو هڻي.)

ڪاهوڙي ڪجن، پسيو پورهيت ويسرا،
سي ڏوٽيئڙا ڏور ويا، رڄن جي رهن،
ڪامل آهي تن، مون پريان جي ڳالهڙي!

(مطلب اٿس تہ "پورهيت" ۽ مزدور طبقي کي ويسرو ۽ غافل ڏسي "کاهوڙي" يعني ڪميونسٽ انقلابي اڳواڻ افسوس ٿا ڪن: وٽن ڪو مخفي پيغام آهي، جو هو عوام کي ٻڌائڻ چاهين ٿا!

سڪا منهن سندن، پيرين پراڻا کيڙا،
سا جوءِ ڏوري آئيا، سونهان جت منجهن،
ڳجها ڳجهون ڪن، تنهان پرانهين پنڌ جون!

(وري به اهو ئي ساڳيو "مخفي پيغام!")

پيئي جنين باس، گنجي ڏونگر گام جي
چڏي سڀ لباس، لوچي لاهوتي ٿيا!

❊❊

پيو جن پرو گنجي ڏونگر گام جو
چڏي ڪيٽ ڪرو لوچي لاهوتي ٿيا.

❊❊

پيئي جن پٽي، گنجي ڏونگر گام جي
چڏي ننڊ گهٽي، لوچي لاهوتي ٿيا!

(اهو "گنجو ڏونگر گام" شايد روس کي ٿو ڪوٺي، جنهن جي حرص ۽ جيڪو ويو سو چٽو. هي شخص ماڻهن کي ڪميونسٽ بنجي روس وڃڻ لاءِ پيو هرکائي!)"

متان گهڙين سهٽي، اڄ درياءَ ۾ دم،
ڪاري رات ڪنن ۾ ڪهڙو اٽئي ڪم،
متان جاڳي ڏم، پچي پاڙي واريون.

❊❊

پچي پاڙي واريون، ڪوهہ ڪريندو ڏم،
ڪاريءَ رات ڪنن ۾ آهي ڪاٽيارن ڪم،
هي هڏو ۽ چم، گهوريو محب ميهار تان!

❊❊

سندو ڏم ڏهڪار هڏهين ڪونهي هن ڪي،
هن پاڻيءَ سين پانهنجو پسائي نہ سينگار
ڪارڻ منڊ ميهار ڪاريءَ رات ڪُنَ تري

(پلا اها سهڻي ڪير هئي؟ گهر گهاٽ ڪونہ هوس چا جو رات جو ڏاپا پيئي ڪائيندي هئي؟. ڏم نالي هڪ ماڻهوءَ جي زال هئي. هڪڙي ميهار سان عشق ٿي ويس. حرامخور چئبي ٻيو چا! پوءِ؟ رات جو لڪيو گهڙي تي تري يار وٽ ويندي هئي..... زانياڻي بي حيا ڪنهن جاءِ جي! پر هي شخص تہ اهڙيون تعريفون پيو ڪريس جڙ تہ ڪا وليائي هئي.)

تہ ڪر ڪيئن سئي، جي سير نہ گهڙي سهڻي،
هت حياتيءَ ڏينهڙا، هڏهين تان نہ هئي،
چڪي تنهن چري ڪئي، جا ڏنس ان ڏهي،
سهڻيءَ کي سيد چئي، وڏو قرب ڪُهي،
هونئن بہ هوند مئي، پر ٻڏيءَ جا ٻيڙا ٽيا!

(چئبو تہ هن جو خيال آهي تہ سڀ رنون مڙس ڇڏي ويجي يار هٿ ڪن تہ نالو ٿئين! هي شخص تہ ماڻهن جو مٿو ويجائي ڇڏيندو. جي بدڪار رنن کي ايتري هُشي ملي تہ پوءِ گهڙي پنهنجي مڙس جي گهر ۾ ويهندي.

جهڙا گل گلاب جا، تهڙا مٽن ويس،
چوٽا تيل چنبيليا، ها ها! هوا همیش،
پسيو سونهن سيد چئي، نينهن اچن نيش....

(اهي وري ڪير آهن؟
("واجاڻيون!"
("چا ٿيون ڪن؟"
("ماڻهو ڦاسائيندیون هيون."
("ڪير؟ ڪير؟"
(" جيڪو بہ اچي! هو چئي ڪين پيو:")

هلو هلو ڪاڪ تڙين جتي نينهن اُڇل،
نڪا جهل نہ پل، سڀ ڪو پسي پرينءَ کي.

❋

هلو هلو ڪاڪ تڙين، جتي گهڙجي نيهن،
نڪا رات نہ ڏينهن، سپ ڪا پسي پرينءَ کي.

("رات ڏينهن!"

("ٻيو ڇا"

("پر هيءَ شخص انهن بدڪارن جي ساراهہ ٿو ڪري؟"

"ٻيو وري ڇا؟ ٻڌا!!")

جهڙا پاڻن پن، تهڙيون شالون مٽن سايون،
عطر ۽ عنبر سين، تازا ڪيائون تن،
مڙهيا گهٽو مشڪ سين، چوٽا ساڻ چندن،
سونهن ربي سون سين، سندا ڪامڻ ڪن....
ڪيائون لال لطيف چئي، وڏا ويس ورن،
منجهہ مرڪيس من: "سوڍي سين سنگ ٽيو."

("اڙي، هي تہ سندن باقاعدي اشتهار بازي پيو ڪري!"

("هائو ايجا ٻڌا!")

گجر کي گجميل جون، تارن پر تبرون،
هٽي حاڪمن کي، زور پريون زبرون،
ڪاڪ ڪنڊيءَ قبرون، پسو پرڏيهين جون!

جت رانيائين راڻن کي، چندن چڪ ڪري،
هاڻي انهيءَ پيٽئين، وره وراڪا ڏي،
سوڍو سُڄ ڪري، مومل ماري هليو.

("راڻن کي رانيائين؟"

("هائو.

("راڻن کي يعني تہ هڪ نہ پر گهڻا؟"

("هائو."

("مومل کين رانيو معني؟"

("معني هنن مومل ماڻي!"

("يعني عام جام!"

("ڪُلمر ڪُلا جنسيت؟"

("تڏهن وري چا؟")

چنيسر سين چاڳ. متان ڪا منڊ ڪري،
جيئن مون پوءِ پروڙيو هيءُ نہ ماڻي ماڳ.
ڏمريو ڏاهاڳ. سگهو ڏي سُهاڳڻيين

("چنيسر ڪير هو."

(" واڻيو راجا."

("سسئي؟"

(" واجاڻي."

("پيجل؟"

("واڻيون مگڻهار"

("راءِ ڏياچ بہ واڻيو هو نہ؟"

("ها."

("راڻو؟"

("واڻيو."

("پلا مارئي؟"

("واجاڻي."

("سپ واڻيا؟" "پلا لاکو ڦلاڻي ڪير هو."

("ڏاڙيل!.

("ان جي تعريف ڪئي اٿس؟"

("زبردست!"

("سر ڪارايل ۾ چا ٿو چئي؟"

("پکين ۾ نانگن جي تعريف پيو ڪري!"

("۾ پورب ۾؟"

("ڪانگن جي ڳالهہ آهي."

("ڪنيات؟"

("اٺ کي منڻون پيو ڪري، ٻڌينس چا پيو چوي:"

رات سهائي، يونءِ سنئين پائي گهرجي پل،
آهر ۾ ايلاچيون، چندن چري چل،
مون تو سين ڳالهڙي، ٻئي ڪنهين مر سل،
هاهر ڪندو هل، ته ڪجايون ڪرن ڪي.

("ڏهر؟"

("مڇين ۾ پکين جي ڳالهه آهي."

("هي آهي ڪهڙي بلا؟"

("وڏو شاعر ٿا چونس!"

("شاعر؟ هي شاعر نه پر هڪ خطرناڪ جنسيت زده بداخلاقيءَ جو پرچار ڪندڙ پارتي ۾ روسي ايجنٽ، ۾ "فرائڊ" کان متاثر ٿيل! تو ڏسجي! پلا نالو چا اٿس؟ خير نالو پڇي چا ڪبو؟ اهو ڪو شاعر ٿورو ئي آهي جنهن جو نالو ياد ڪجي. اهڙا بيدين گهٽا!)

توهان ڏٺو ته جهالت ۾ تعصب جيڪڏهن پنهنجيءَ تي اچن ته فرشتن کي شيطان ثابت ڪري سگهن ٿا.

در حقيقت جيڪڏهن شاهه اڄ زنده هجي ها ته هي زهريلا نانگ ان کي به ڏنگڻ کان ڪونه رهن ها. پر چا ڪن لطيف جيئرو ڪونهي ۾ ٻيو ته لطيف تي سڌو حملو ڪرڻ کان ڍڄن ٿا.

هي ڪو رڳو اياز جا دشمن ڪينهن. هنن جي شعر سان دشمني آهي. ترقيءَ سان دشمني آهي. انساني عقل سان دشمني آهي. انساني سوچ سان ويڑ آهي. ڪين روميءَ، اقبال، سعدي، غالب، مير، شيڪسپيئر، لطيف، سچل. هر هڪ شاعر سان دشمني آهي. پر ڪيڏي نٽا سگهن. تنهن ڪري مڪاري ڪري رڳو موجوده دور جي زندهه شاعرن تي حملا ڪن ٿا. هنن کي اوندهه ڪپي، بند زبانون ڪپن. خالي ۾ ڪوڪلا ڏهن ڪپن. ويران ۾ اجڙيل دماغ ڪپن ته جيئن هو پنهنجي فوجداري هلائي سگهن. خلق خدا جو ساهه مٽ ۾ ڪري سگهن.

(ڪتاب: انڌا اونڌا ويڄ، چاپوٽيون مان ورتل، ص 79 کان 94 تائين)

وڃئينءَ وينا هون، سانجهيءَ رهن سمهي!

جيڪي مئخاني جا مير آهن، اُهي ته ڪا ٻي قيمت تا وٺن سا ته هرڪو ڏيئي ويندو آهي. ويٽنام ۾ جنرل جياپ کي چيائون: "تنهنجي فوج ڏاڍي بهادر آهي." چيائين: "اسان جي ته قوم اصل کان وٺي بهادر آهي، اها پراڻي ڳالهه آهي، اسان وٽ ته سڀ کو بهادر آهي." قومي جدوجهد ۾ پهريون شرط اهو آهي ته ماڻهُو بهادر هجي، پر ڇا صرف بهادر هجڻ ئي ڪافي آهي؟ بلڪل نه، هرگز نه! اصل ڳالهه آهي ته، ڇا واقعي سچار آهي، داناءُ آهي؟ قابل آهي؟ ڇيڙهو ملهه آهي؟ ڳرو ملهه آهي؟ ڇڙوڇڙ ماڻهُو گڏ ڪري سگهي ٿو؟ تنظيم سازي ڄاڻي ٿو؟ نهٺو آهي؟ بارگير آهي؟ اروڙي آهي؟ تخليقي ذهن اٿس؟ ڪِين مان ڪجهه بنائي سگهي ٿو؟ پچاڙيءَ تائين بيٺو آهي؟ شڪست جي باوجود وڙهي پيو؟ جتي ڪو گس ڪونهي اتان لوگهو ڪڍي لنگهي سگهي ٿو؟ سازش کي مُنهن ڏيئي ناڪام بنائي سگهي ٿو؟ اڳواڻي ڪري سگهي ٿو؟ آڳ ۽ طوفان کي مُنهن ڏيئي سگهي ٿو؟ خطرن جو اڳواٽ اندازو لڳائي سگهي ۽ بچاءَ جون تدبيرون ڪري سگهي ٿو؟ مئلن ۾ ساهه وجهي سگهي ٿو؟ رڍن کي بگهڙ بنائي سگهي ٿو؟ ٻيون ڪَئِين ڳالهيون بقول حافظ شيرازي جي:

هزار نڪته درين کاروبار دلدار يسن،
نه هرڪه سر بتراشد، قلندري داند.

(دلين کي موهڻ جي هن ڪاروبار ۾ هزارين نقطا آهن، جنهن به مٿو ڪوڙايو سو قلندر ڪونه بنجي پوندو)

شهر خاليست زعشاق بود نجر طرفي،
مردي ازغيب برون آبدوکاري بکند.

(سڄي شهر ۾ ڪو عاشق ڪونه رهيو آهي، هاڻي ايئن ٿئي جو غيب مان ڪو مڙس ماڻهو اچي ۽ ڪم ڪري)

لطيف سائين چيو آهي:

"اندر جنين آڳ، سُڌ سيڪا تن کي".

جڏهن زمانن جون هوائون ڦرن، جڏهن چؤطرف نفسانفسيءَ جو عالم هجي، جڏهن هر پاسي نااميدي هجي، زندگي جي آسمان تي ڪارا ڪڪر چانيل هجن. ماڻهُو چوي ته هتان چڙهندس ئي ڪو نه، اُميد جا سڀ دروازا بند ٿي وڃن، چونڪاري جو ڪو به رستو نظر نه اچي، تڏهن ڇا ڪجي؟ سچو ادب، عوامي ۽ قومي ادب، انسان دوست ادب سيکاري ٿو ته، ڇا به ٿي پوي پنهنجي وات تي ثابت قدم رهو.

سهسين سائر گجن، توءِ سهج نه مٿي سهڻي
ته کي نينهن ڇڄن، پرتهين پرين جي!
(شاهه)

گر باد فتنه هر دو جهان رابهم زند،
ما و چراغ چشم وره انتظار دوس
(حافظ)

(جيڪڏهن فتني جو اهڙو طوفان اٿي، جيڪو ٻنهي جهانن کي پاڻ ۾ هٽي ٽڪرائي ڇڏي ۽ زمين ۽ آسمان زير زبر ٿي وڃن، تڏهن به اهي ئي اسان جي اکين جا ٻرندڙ ڏيئا هوندا. اها ئي يار جي انتظار جي وات هوندي ۽ اهي ئي اسين يار جي انتظار ۾ ٻيٺا هونداسين.)

سچو ادب سيکاري ٿو ته، پنهنجي وڌ ۾ وڌ قربانين کي به عظيم مقصد جي پيٺ ۾ هيچ سمجهجي.

ڪڙهي ۽ ڪڙي، پَرِ ۾ پير پنهونءَ جو
سڪ ٻڌائين سندرو جانب لاءِ جڙي،
لانچي لَڪَ لطيف چئي، منڌ جهيڙي ۽ جهڙي،
پٽي تان نه پڙي، جي عمر سڀ ائين ڪري
(شاهه)

سسئي کيتريون به قربانيون ڪري، پر سندس مقصد ايڏو عظيم آهي، جو سڄي زندگي به جيڪڏهن ائين پهاڻن تي چڙهندي، لڪ

لتاڙيندي، روئندي، رڙهندي هلي، ته به اها قرباني اُن مقصد جي برابر ناهي. مقصد هر ڪارنامي کان عظيم تر آهي. ڪيڏي به قرباني ڏيئي ڇڏجي، پر دل ۾ هڪڙي لحظي لاءِ به اهو خيال نه اچڻ ڏجي ته ڪا مون مقصد کان مٿانهين قرباني ڏيئي ڇڏي آهي. ڪڏهن به نه ڪنجهجي ڪُرڪجي، ڪڏهن به نه سوچجي ته منهنجو قدر ڪو نه ٿيو!

سچو ادب فقيري سيکاري ٿو.

وڃئينءَ وينا هون، سانجهيءَ رهن سمهي،
مهيسي منهن پنهنجو ڏاران ڏوڙ نه ڏون،
ڪنهن کي ائين نه چون، ته ڪي آديسي آهيون. (شاهه)

زندگيءَ سان هزارين گوناگون لاڳاپن جي باوجود تعلق جي غلاميءَ کان مٿي صرف هڪڙي ڳالهه هڪڙي تات، هڪڙي تنوار پوري ٻي نه تات، جيڪا سا جتن جي! استالن جهڙي ملامتن جي مٽن ۾ ڏهيل ماڻهوءَ به چيو آهي ته "اديب انساني روح جا انجنيئر آهن." سچا اديب، سچا عالم، سچا مفڪر، سچا دل وارا انساني روح جي مشينري کوليو ان جي مرمت ڪريو اُن کي نئون ڪريو ڇڏين. هي مٽيءَ مان سون ٺاهين ٿا، ڪيمياگري جاڻن ٿا.

غلام همت آن رند عافيت سوزم،
سوزم که درگدا صفتي کيمياگردي داند

(ان اڳ پوءِ کان بي نياز مست تان قربان وڃان جيڪو فقيري حال ۾ مٽيءَ مان سون ٺاهڻ جي ڪيمياگريءَ جو ڪمال رکي ٿو).

اٽاويهه صديون اڳ جي تمام وڏي يوناني شاعر هومر، جيڪو دُنيا جو پهريون وڏو شاعر آهي، تنهن کان وٺي اڄ تائين عالمن، اديبن، شاعرن، مفڪرن، فيلسوفن، سائنسدانن انسان ٺاهيا آهن، ماڻهن پنهنجا گهر ٺاهيا آهن، ماڻهن ٻيا ڇڳا مٺا ڪم ڪيا آهن، پر جيڪا دُنيا جي سڀ کان قيمتي شيءِ آهي، جيڪا قيمتي ۾ قيمتي، ذڪي ۾ ذڪي مشينري آهي، يعني انسان، ان کي سنوارڻ وارا اهي اهلِ علم، اهلِ ادب ۽ اهلِ دل آهن. سچا اهلِ علم، اهلِ دل، ۽ اهلِ درد صاحب نظر ماڻهو جيڪي زمانن ۽ مڪانن کان مٿي آهن، جن جي اڳيان زمانا سجدا ڪن ٿا، جن جو فهم ۽ ادراڪ هن ڪائنات کي پنهنجي پاڪ ۾ وکوڙي ڇڏي ٿو جن جي تصور جون پاڙون هڪڙي طرف وقت جي

پاتال ۾ تہ ٻي طرف مستقبل جي اُفق ۾ ڪتل رهن ٿيون، تن جي رهنمائي ۽ ساڻ ڪان سواءِ جيڪا بہ قومي توڙي انساني حقن جي جدوجهد هلائي ويندي، سا جدوجهد مائو زيتنگ جي چواڻي: وات ۾ ئي پٽڪي ويندي، پنهنجي منزل تي نہ رسندي.

تنهن ڪري اچو تہ علم، ادب ۽ سائنس سان مُسلح ٿيون، پنهنجن ذهنن کي اهڙا فولادي قلعا بنايون، جن ۾ انسانيت سان، وطن سان، قوم سان وفاداري محفوظ هجي، جن ۾ فقيري هجي، جن ۾ عاشقي هجي، اچو تہ پنهنجو پاڻ کي سڃي عمر لاءِ، زندگيءَ جي آخري پساهن تائين پنهنجي قوم ۽ عوام واسطي، سموري انسانيت واسطي، انساني حقن جي سربلنديءَ واسطي ارپيون. اچو تہ انقلابي قومي علم، ادب ۽ سائنس سان هٿياربند ٿي هڪڙي اهڙي دُنيا اڏڻ لاءِ جدوجهد ڪريون، جنهن ۾ هر انسان هر مرد توڙي عورت توڙي ٻار عوام جو هر گروهہ، هر طبقو هر قوم هڪڙي آزاد، خوشحال، عزت آبرو ۽ سک واري زندگي ماڻي سگهي.

روزانہ اخبار ڪاوش: 16 فيبروري 2015ع ۾ چيپل

لطيف جو سال

هي سال سهڻي لطيف جو سال ڪري پيو ملهائجي. لطيف جي انقلابي، روحاني رهبري سندس ديس سان گڏ سڄي دنيا جي ديسن لاءِ به آهي. اڄ جڏهن دنيا جا سمورا ملڪ، سمورا ڪنڊ، ميدان جنگ بنيل آهن ۽ ڏرتيءَ جي ٻاڙيءَ ٻاڙيءَ تي دنيا جا مظلوم عوام ۽ مظلوم قومون انسان ذات جي دشمن عالمي سامراج ۽ سندس مڪاني چاڙٽن ۽ شڪاري ڪُتن سان ٻکين پيل آهن، تڏهن لطيف جي انقلابي تعليم سموري دنيا جي انقلابي عوام لاءِ هڪڙو جبرو ۽ فاتح روحاني هٿيار ثابت ٿي سگهي ٿو.

مرشد سائين دنيا جي مظلومن کي هدايت ڪئي آهي تہ پنهنجي اڻ هوند، بي وسيلائي ۽ ڪمزوريءَ کي ڏسي ۽ حق جي دشمنن جي مال ملڪيت، ساز سامان ۽ طاقت کي ڏسي هر گز مرعوب نہ ٿيو. نہ هنن جي برتري قائم رهندي ۽ نہ عوام جي ڪمزوري اهي ٻئي عارضي آهن. دنيا جا ظالم ۽ جابر، مڪار ۽ منافق، مڇ ۽ سندن چاڙٽا في الحال يلي ڪٽي ڪيڏا بہ مڇي مواڙ ٿي پون ۽ يلي ڪٽي ڪيڏيون بہ ٽاڏيون ڏين پر سندن پچاڙي ڪانهي. سندن انت برو ٿيڻ وارو آهي.

متو آهين مڇ! ٽلهو ٿو ٽونا هڻين،
تو جا پانئي اڇ، تنهن پاڻيءَ پنا ڏينهڙا!

سهڻو سائين سيکاري ٿو تہ ظالمن کي پنهنجي ظالم خرمستين جو ڪيتو آوس ڏيڻو پوندو. اڄ جيڪا مستي اٿن سياڻي اها قائم نہ رهندين:

واهڙ پريون مَ پاءِ! تو پڻ ليکو ڏيڻو
وِهاڻيءَ ويندءِ، اوير اُتانهن لهي.

جيڪي عوام اڄ ڪمزور ڏسڻ ۾ اچن ٿا، سي جي حق تي سندرو ٻڌي اورچائيءَ سان وڙهندا تہ وڏن وڏن ڏنگن جا ور لاهي سگهن ٿا:

سنها پاءِ مَ سپ، سُکا جنين پيٽ،
تنين جي جهپيٽ، جُنگن کي جوکو ٿئي.

سنڌس حڪم آهي تہ مظلوم عوام کي حق ۽ انصاف خاطر حوصلو ڏاڙڻ ڪپي. جرات ۽ دليريءَ کان ڪم وٺڻ ڪپي:

ڳڙ ڳڙ ڳُن! مَ وڃُ، ٻانڊي ٻوڙ م ٻار ۾،
مون تي جا ميهار جي، سا ڪيئن ڏوئان ڏڄ؟
توءِ گهڙندیس اڄ، جي اُبتا آر ڪرين!

❋

ڏونگر ڏکوين کي، تپي ڪندين ڪوهہ؟
تون جي پهڻ پب جو تہ لڳ منهنجا لوهہ
جنهن چوريءَ ۾ چوهہ، سا پٽون ٽيندي پير تي!

مرشد سائينءَ جو فرمان آهي تہ ڪنهن بہ ڏڪي دهمان ۽ ڪنهن بہ سختيءَ کان ڊڄي، پنهنجي صحيح راہ تان هٽي نہ وڃڻ ڪپي:

جي لوڻ لڳين لاهيين، چيري چيري چم،
مون گر اڳي نہ ڪيو اهڙو ڪوجهو ڪم،
جان جان دعوا دم، تان تان پرت پنهوار سان!

ڪو بہ ماڻهو سدائين ڪونہ جيئندو. موت برحق آهي. جيئڻ توڙي مرڻ ٻيئي حق خاطر هڻڻ ڪپن، جيئن ٻيئي سجايا ٿين. زندگي تہ زندگي پر موت بہ اهڙو هجي جو ٻڌيءَ جا ٻيٽا ٿي پون!

تہ ڪر ڪيئن سُئي، جي سير نہ گهڙي سهڻي؟
هت حياتيءَ ڏينهڙا، هڏهين تان نہ هُئي
چُڪي تنهن چري ڪئي، جو ڏنس ان ڏُهي
سهڻي کي، سيد چئي وڏو قرب ڪُهي،
هونئن بہ هوند مئي، پر ٻُڌيءَ جا ٻيٽا ٿيا!

لطيف جو ديس ۽ سنڌس ديس واسي ڪڏهن بہ سامراجي چاڙڻا ٿي ڪونہ رهيا آهن. سامراجي يوناني هجن يا ايراني، عرب هجن يا افغان، ارغون هجن يا ترخان، مغل هجن يا انگريز هي دودا ۽ دريا خان بنجي، مخدوم بلاول ۽ هوشو جو روپ ڌاري هر ظالم، هر جابر، هر سامراجيءَ ۽ سنڌس چاڙڻن سان سامهون ٿيا آهن. اڳي وانگر اڄ بہ هو دنيا جي سيني مظلوم ۽ مجاهد عوام سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي اڇوڪي عالمي سامراج

۽ سندس ظالم ۽ جابر، منافق ۽ مڪار مڪاني ڇاڙتن سان دليريءَ واري مقابلي ۾ رڌل آهن.

دنيا جي ٻين قومن جي مظلوم عوام وانگر لطيف جي ديس واسين جون اکيون به ازل کان آليون آهن:

سر جي تان سُور، ساماڻي تان سُک ويا!

هن دور ۾ هن ديس جي لکين لُڙڪن پريل اکين ۾ اٽاهه ڏک ۽ بيچينيءَ سان گڏ هڪڙي عجيب نئين جوت به پيئي تجلا ڏئي. اهڙي جُڳن کي جرڪائيندڙ جوت قومن جي اکين ۾ ڪن زمانن کان پوءِ ڪڏهن ڪڏهن نظر ايندي آهي ۽ پنهنجي پويان سونهن، سچائيءَ، سورهيائي ۽ سرويچائيءَ جا بي شمار عظيم ۽ امر داستان ڇڏي ويندي آهي. انهن داستانن جي ڪٿوريءَ جهڙي خوشبوءَ سان ولايتون واسجي ويندیون آهن. صدين جون صديون، نسلن پويان نسل انهن داستانن کي ڳائيندا رهندا آهن ۽ منجهانئن نت نيون روحاني قوتون ۽ طاقتون حاصل ڪندا رهندا آهن.

شال! لال لطيف جي نالي ڪيل هي سال سڄي دنيا جي عوام لاءِ سياڳو ۽ سوڀارو سال ثابت ٿئي. شال لطيف جا ديس واسي لطيف جي هن سال کي شاندار نموني ملهائين، جو اڳين پوين جون ميارون لهي وڃن ۽ جيڪي کين ننڍڙو ۽ حقير سمجهي کين ليکي ۾ نٿا آڻين تن جون به اکيون کلي پون:

ننڍڙو ته ڪوهه پر وکين آهي وترو
ويجهو ڪاڪ ڪنڊين ۾، پهس پکيءَ جيئن پوءِ
اِن ڪُر سندو ڪوءِ، ميو مانو نه ٿئي.
(شاهه)

(ماهوار "تحريڪ" اپريل 1978ع)

نئون نياپو آئيو

هڪڙا نسل آيا تڪليفون سٺائون، شعر و شاعري ڳائيون، زباني ڳالهه ياد رهي. لکيل ڪانه هئيءَ ڳالهه ختم ٿي وئي. ان کي تقريباً پنجويهه صديون ٽيون آهن، جڏهن کان وڻي، پنهنجي تاريخ، جنهن جو حساب ڪتاب پاڻ سُجاڻڻ لڳا آهيون، ابا حضرت نوح عليه السلام هيئن ڪيو حضرت آدم عليه السلام هيئن ڪيو ان کي پنجويهه صديون ٽيون آهن. ان کان اڳي 25 لک کان به وڌيڪ 40 لک کن سال پاڻ وٽ لکپڙهه هئي ڪانه. ماڻهو جمندا هئا، مري ويندا هئا. پهرين پهرين جيڪي تمام زبردست وڏا ڪم ٿيا، عقل جون جيڪي ڳالهيون ٽيون، اهي لکيون ويون. انهن مطابق پهرين پهرين وڏا وڏا عقل وارا ءِ سمجهه وارا ماڻهو يونان ۾ هئا، مصر ۾ هئا ءِ روم ۾ پيدا ٿيا. تنهن کان پوءِ هڪڙو دؤر آيو جنهن ۾ وري اوير طرف علم آيو. علم به سفر ٿوڪري، پنڌ ٿوڪري عربيءَ ۾ چوندا آهن:

اَلْحَقُّ دَغَّارُ (حق گردش ۾ آهي)

تهذيب جا مرڪز بدلجن ٿا. علم جا، سمجهه جا، طاقت جا مرڪز سدائين بدلجن پيا. هينئر يورپ تمام عقل وارو آهي، پر معلوم هجي ته سڀ کان پهرين وڏا عقلمند ماڻهو بهادر ماڻهو جن جو عقل اڄ تائين ناقابل شڪست آهي، اڄ تائين قائم آهي، اهي يوناني ءِ رومي هئا، مصر وارا به هئا، عراقي به هئا، هندستاني به هئا، چيني به هئا، پر اهڙي شئي جيڪا سيني کان اڳتي هجي، چوٽيءَ تي هجي، اها يونان ءِ روم ۾ هئي. ان کان پوءِ هڪ هزار سالن تائين، يورپ جو سج ڏڪي ويو. عيسائي مذهب آيو. پادرين چيو: "هي ڳالهه پاڪ ڪتاب ۾ ڪٿي لکيل آهي، انجيل ۾ ڪٿي لکيل آهي." هنن سائنس تي بندش وجهي چڏي، عقل تي بندش وجهي چڏيائون، چيائون: ڌرتي گول آهي، اهو ڪٿي لکيل آهي. لکيل ئي ڪونهي. انجيل ۾ آهي ئي ڪونا فلاڻي آيت، فلاڻي زبر، فلاڻي زير، بابا ڪٿي آهي؟ آهي ئي

ڪونہ! سائنس بند ڪري ڇڏيائون. اونداهي ڇانئجي وئي. يورپ اونداهو ٿي ويو. ان دور ۾ انهن علم کي نيڪالي ڏيئي ڇڏي. اهو علم ڏکجي ڏکجي طلاق وٺي جڙ ته يورپ مان نڪري ايران ۾ آيو. ايران مان وري مسلمانن جي دوڙ ۾ بغداد ۾ آيو.

يوناني ۽ رومين جو علم جڏهن بغداد ۾ آيو. تڏهن عربن ۽ ايرانين ان ۾ پنهنجو عقل گڏيو. جيڪو علم مري ويو هو جيڪو مذهبن اچي دفن ڪري ڇڏيو هو. ملن ۽ پادرين دفن ڪيو ان علم کي جيارڻ يورپ ۾ ڇڪبو آهي Renaissance رِنيسانس معنيٰ نئين حياتي! قتل ٿيل علم! ماريل سائنس! قتل ٿيل سمجهہ! جنهن کي پادرين ۽ مُلن گڏجي پنهنجون آيتون پيش ڪري گهي ڇڏيو هو. علم، ڏاهپ، سمجهہ، دماغ، عقل، اُهي وري اُٿيا، ته عقل و علم کي نئين حياتي (Renaissance) ملي آهي، پر گهٽن ماڻهن کي خبر ڪانهي ته اها پهرين حياتي يورپ ۾ نہ ملي هئي، پر ايشيا ۾ ملي هئي. علم جي نئين حياتي يورپ ۾ نہ، پر يورپ ۾ پهرين حياتي هئي، پر هوءَ پوءِ جيئري جا ٿي ته يورپ ۾ نہ ٿي، ايشيا ۾ ٿي هئي. پاڻ وٽ جڏهن سنڌ عربن فتح ڪئي، تنهن کان ٿورڙي دير پوءِ اها نئين حياتي شروع ٿي. ست سئو يارنهن (711ع) ۾ سنڌ غلام ٿي. ست سئو پنجاهہ (750ع) کان نوان دور شروع ٿيا. منصور عباسي جي ڏينهن ۾، خاص ڪري هارون الرشيد کان پوءِ، مامون الرشيد جي زماني ۾ عقل جو دور شروع ٿيو ايران جي مدد سان، تنهن ڪري ان کان پوءِ پورا ٽي چار سؤ سال، علم ۽ سمجهہ جو گهر ايشيا هو. پاڻ وٽ بہ هتي، منصوره ۾ ۽ ملتان ۾ علم جا وڏا مرڪز هئا ۽ اهو علم جيڪو ڦري ڦري هتي بہ آيو يورپ انهن ڏينهن ۾ اونداهو هو. يورپ ۾ رڳو ملان رهندا هئا ۽ اهي جانورن تي بہ ڪيس هلائيندا هئا، ته هي جانور ڪافر آهي. يورپ پوئتي هو. ان دور ۾ هتي جيڪو علم پيدا ٿيو ان ۾ ڪي ماڻهو تمام گهٽا مشهور آهن. يورپ ۾ ان وقت اهڙا ماڻهو ڪونہ هئا. البيروني، مولانا رومي، بوعلي سينا، ذڪريا رازي، عمر خيام، حافظ شيرازي، سعدي، فردوسي. اهڙيون شيون يورپ ۾ نہ هيون. پورن هڪ هزار سالن تائين يورپ هڪڙو اونداهو ڪنڊ هو. عيسائي ملن ان کي برباد ڪري ڇڏيو. اها دنيا جي ٻئي نمبر وڏي ڏاهپ هئي، پوءِ وري اهو علم اتان يورپ ۾ ويو. جتي عقل پيدا ٿيو. دماغ پيدا ٿيو.

ملن جي بادشاهي هجي يا عقل جي هجي، دوستي انسان سان هجي يا الله جي نالي ۾ ملن جي پادرين جي ڊڪٽيٽر شپ هجي، برهمڻ جي ڊڪٽيٽر شپ هجي، يا عقل جي مدد سان ظلم ۽ جبر سان مقابلو ڪجي. اهڙي تحريڪ وري هندستان ۾ به شروع ٿي. ان جو باني شنڪر آچاريا هو. هيڏانهن ماڻهن چيو ته، آسمان تمام سٺو فرسٽ ڪلاس، ملائڪ به سٺا، خدا ته خدا آهي ۽ لاثاني پيغمبر به آهن، پر ماڻهو به ڪا شي آهي. آسمانن جون ڳالهيون سپ ڪريو ٿا، ڪا ڌرتي جي ڳالهه به ڪريو ڪا ماڻهن جي ڳالهه به ڪريو ڪا انسان جي ڇڙن جي ڳالهه به ڪريو. آسمان گهٽو مٽي پر ڌرتي به ته ڪا شيءِ آهي. اها ڳالهه بغداد ۾ پيدا ٿي، ايران ۾ آئي، هندستان ۾ به آئي. يورپ ۾ اها ڳالهه نه هئي. پهرين سجاڳي، پهرين جرائت، پهرين تعصب ۽ گمراهيءَ جي خلاف بغاوت يورپ ۾ پيدا ڪانه ٿي. ايشيا ۾ ٿي، پاڻ وٽ ٿي، هن جڳهه تي نه پر ٽورو الهندين پاسي. ٻيو اها جيڪا ڏاهپ هئي، اها جيڪا بغاوت هئي، اها جيڪا انسان دوستي هئي، اها جيڪا غريب دوستي هئي، جيڪا يورپ ۾ وري چوان ٿو ڪانه هئي، هتي هئي. هڪڙي پاسي ايران هو ۽ عراق هو ٻئي پاسي هندستان هو. اهي ٻئي شيون گڏ ٿيون، پوءِ هڪڙو علم پيدا ٿيو جنهن کي تصوف به چون ٿا، پر تصوف به ايجان صحيح لفظ ناهي. بهرحال! وحدانيت يا تصوف جي ڳالهه آهي. مولانا رومي ۽ ٻيا تمام گهٽا ماڻهو هئا، لطيف انهن وهڪرن مان پيدا ٿيو. تنهن ڪري لطيف پنهنجي دور تائين جيڪي سڀ ڪان وڌيڪ انسان دوست خيال هئا، ايشيا ۾ جيڪي سڀ ڪان اوچا فڪر هئا، سڀ ڪان وڌيڪ انسان دوست فڪر هئا، عقل دوست فڪر هئا، سوچون هيون. رَوَيا هئا، انداز هئا، ان جو نچوڙ هو. تصوف جا ٻه قسم آهن. هڪڙو بادشاهه دوست ۽ ٻيو عوام دوست. لطيف عوام دوست هو. آئون دنيا جي ادب جو شاگرد آهيان. مون دنيا جي تاريخ به پڙهي آهي، ان جو شاگرد آهيان، اهي منهنجا سبجيڪٽ رهيا آهن. جيڪڏهن توهان روسي ادب پڙهيو هجي، فرينچ ادب پڙهيو هجي، انگريزي ادب پڙهيو هجي، ته توهان کي حيرت ٿيندي ته سترهين ضديءَ ۾ سن 1689ع لطيف سائين جائو آهي، ۽ 1752ع ۾ گذاري ويو آهي. ان دور ۾ لطيف سائين جيڪي خيال پيش ڪيا آهن، اهي روءِ زمين تي ان کان اڳ ۾ ڪونه هئا ۽ ان دور ۾ به ڪونه هئا. ايئن چو

آهي؟ اها سمجھ ۾ ايجان ڳالھ نہ ٿي اچي. ان تي ريسرچ ٿيڻ گھرجي، پر ايئن ٿئي ٿو تہ ڪيترا انسان فڪري طور تي پنھنجي دور کان ڪئين صديون اڳ ۾ جمندا آھن. ڪيترا انسان پنھنجي دور ۾ رھندا آھن ۽ اتي ئي ويڙا ھوندا آھن. گليلو نيوٽن ۽ ٻيا اھڙا تمام گھڻا ماڻھو آھن، جيڪي پنھنجي دور جي خيالن تائين محدود نہ ھئا. ھنن جي نظر صديون اڳتي ھئي. ڪيترا ماڻھو ھزارين ورھيہ اڳتي جو علم رکندڙ ھئا، مثلاً: يونانين ايتريون ڳالھيون ڪري ڇڏيون آھن، جيڪي ان دور جي ماڻھن جي خيال ۾ ڪونہ ھيون. ھنن چيو ھيئن آھي. ڇو آھي ۽ ثابتي ڪانہ ھئي، پر ھزار سالن کان پوءِ دنيا ڳولا ڪري وڃي ڏٺو سيني چيو: بابا ايئن تہ آھي، ڪٽي جو ڏسن تہ اھي ڳالھيون ارسطو ھڪ ھزار سال اڳي ڪري ويو آھي. انھن ڏينھن ۾ ثابت ڪانہ ٿي، ثابت تہ ھاڻي ٿي آھي، پر ھن ڳالھ ھڪ ھزار ورھيہ اڳي ڪئي آھي. ھاڻي ھي جيڪا لطيف وٽ ڳالھ آھي، مثلاً: غريب دوستي، سنگھار، پنھوار، مارو ھڪڑو نہ گھڻا. اڳوٽو ادب ڇئي ٿو شيرين جو محبوب فرھاد، فرھاد جي محبوبہ شيرين. سڄو داستان شيرين فرھاد، ۽ اھڙا ٻيا ڪيترائي تمام لازوال قصا آھن، زبرست آھن، عاليشان آھن، پر ھڪڑي ماڻھوءَ جي ڳالھ آھي. وٽ گھڻن جي ڳالھ آھي. گھڻا بہ غريب، مسڪين ۽ گھڻا مسڪين پر انھن کي ڪنو ۽ قابل رحم نہ سمجھڻ، انھن تي فخر ڪرڻ. اھا ڳالھ دنيا جي ادب ۽ فڪر ۾ ھئي کانہ ۽ ايجا بہ کانھي. ايجان بہ تمام گھڻن ملڪن ۾ اھا ڳالھ کانہ ٿي آ. وڌ ۾ وڌ ڇيھ ٿيندو. ادا غريب ويچارا! ويچارا غريب ادا! غريبن سان ظلم آھي! لطيف وٽ ايئن ڪونھي تہ غريب ويچارا آھن. انھن جي مظلوميت جي ڳالھ ڪبي، پر ويچارا ڇئي نہ!

مٿن ٽپڪ ٽپڪڙا، چڪندڙا اچن،
ڪُڙيون ڪِھ پڪليون، پگھر سر پيرن،
اِيُ وڙُ ويرھيچن، مون لوڏانھين لکيا.

❊❊

مارو پاڻ امير، مليرون مرکڻو.

مارو پاڻ تہ امير آھن ۽ مليرن بہ قابل فخر آھي.

اسين تتان آئيون، جت ڪنهبو ناهر
وڃون ڪنهن وهاڻ، تہ پڙ مٿن لويون.

لوئيءَ تي فخر آهي، شرم ناهي. غريب هجڻ قابل نفرت نہ! اڙي ادا، ويچارو مشڪين ماڻهو!

نڪي ڪٽن پاڙ سين، نڪي ساڻن پاڙ،
اهڙا جن اهجاڙ، آئون نہ جيئندي ان ري

مسڪين ۽ بي وسيلا ماڻهو جن وٽ ڪجهہ ڪونهي. چئي ٿو:

هورين هاڙهو لنگهيو.....

هوريون جيڪي هيون، جن وٽ مال ڪونہ هو جن وٽ ملڪيت جو بار ڪونہ هو لقب ڪونہ هئا، جاگيرون ڪونہ هيون.

هورين هاڙهو لنگهيو.....

اهي هاڙها جبل متي ويهون ۽ ڳئوريون، ملڪيت واريون، مالن واريون دولتن واريون پويان رهجي ويون.

هورين هاڙهو لنگهيو ڳئوريون پاسي ڳوٺ

اهي ڳوٺ ۾ ئي وينيون آهن. ڳريون معنيٰ وزن واريون، ملڪيتن واريون، جيئن هاٿي ڏسو ٿا. ابا ڪالاباغ ڊيم! پاڙ هلڪڙ!!

هورين هاڙهو لنگهيو..... ۽ ..... ڳوڙيون پاسي ڳوٺ.

هنن جا ڪنڌ هيٺ، ابا ڪالاباغ ڊيم جي ڳالهہ ڪر، ڪنڌ هيٺ، ڪچن ڪونہ ٿا، ڳرا آهن. پرمنٽون، مال، ٽپڙ ڪاڌا اٿن، پيٽ پريا پيا اٿن، هليو ڪونہ سگهن. ڳوٺن ۾ وينا آهن، ڪنڌ هيٺ ڪريو درياهہ چورائجي پيو ڳوڙيون پاسي ڳوٺ! پٽو مارجي ويو ڳوڙيون پاسي ڳوٺ! تنهن ڪري اهي جن وٽ ڪجهہ ڪونهي.

نہ ڪِلن، نہ ڪين ڪي، نڪي ڳالهائين،
ڪنهن جنهن ۾ آهين، سا پر پَروڙڻ ڏاکڙو.

*

وچينءَ وينا هون، سانجهيءَ رهن سمهي،
مهيسي منهن پنهنجو ڏاران ڏوڙ نہ ڏون،
ڪنهن ڪي ايئن نہ چُون، تہ ڪي آديسي آهيون.

ڪاميابيون: لطيف سائين چئي ٿو ڪاميابي ڇا آهي؟ ڪاميابيءَ جو تصور هن جو پنهنجو آهي. چئي ٿو ڪي اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي دنيا ۾ ايندا آهن ۽ خالي هٿين هليا ويندا آهن. چئي ٿو اهي ڳرا ماڻهو آهن. زندگيءَ ۾ ڪاميابين جو غلام نه بنجڻ ڪيي. هر حالت ۾ ڪاميابيءَ جي طلب نه ڪرڻ ڪيي. هر حالت ۾ عظيم تر اهي ناهن، جيڪي وڌيڪ ڪاميابيون حاصل ڪن ٿا. ڇو ته ڪاميابيون ڪڏهن ڪڏهن خسيس ۽ حقير به هونديون آهن، انهن ڪاميابين جي مقابلي ۾ جن ڪاميابين جا ٻج پوکيا ويندا آهن، سڄيون سڄيون زندگيون ڏيئي فقط هڪڙو ٻج پوکيو ويندو آهي ۽ جيئن،

ڪيي ڪاڇوٽي، نانگن ٻڏي نينهن جي،
جهڙا آيا جڳ ۾، تهڙا ويا موٽي،
انين جي چوٽي، پُورب ٽيندي پڏري

رڳو ڪو آواز ٻڏڻ ۾ اچي، "ادا فلاڻو ماڻهو هڪڙو هو" لطيف سائين چئي ٿو ڪافي آهي. اصل لطيف جي جيڪا وڏي ڳالهه آهي، سا آهي "ڪنسيپچيوئل فريم ورڪ" تصوراتي ڍانچو جنهن کي ماڊرن ۽ جديد ٻولي ۾ اسين سائنٽيفڪ لينگويج ۾ چئون ٿا (Conceptual frame work) ڪنسيپچيوئل فريم ورڪ. پنجابيءَ ۾ چوندا آهن ته "اناج کال نهين راج کال اي"ان جو ڏڪار ناهي، انصاف جو ڏڪار آهي، حڪومت جو ڏڪار آهي. پر وڏي ۾ وڏو ڏُڪار دنيا ۾ ڪهڙو آهي؟ وڏي ۾ وڏو ڏڪار آهي، جڏهن ماڻهوءُ وٽ صحيح تصور ئي نه هُجن ماڻهوءَ وٽ سوچ جا معيار ئي نه هجن، سوچ جا معيار ننڍڙا، پتڪڙا، خسيس هجن. وڏي ۾ وڏو ڏڪار ڪنسيپچيوئل فريم ورڪ جو آهي، وڏي ۾ وڏو ڏڪار هن ملڪ ۾ سوچن جو آهي، وڏي ۾ وڏو ڏڪار تصور ۽ خوابن جو آهي. خوشنصيب آهن اهي ماڻهو جيڪي صحيح خواب ڏسي سگهن ٿا. قومون جيڪي خواب نٿيون ڏسن، اهي حقيقتن ۾ عظيم تر حقيقتن جو ديدار ڪري نه سگهنديون آهن. وڏي ۾ وڏو ڏڪار هن ملڪ ۾ خوابن جو ڏڪار آهي. تصورن جو ڏڪار آهي. پُورن جو ڏڪار آهي.

پورن پالياس، سورن سانديي آهيان،

پورن جو پلجڻ، اهي دنيا جون وڏي ۾ وڏيون حقيقتون آهن. تنهن جي ڪري، لطيف اسان سيني کي، ٻين ڳالهين کان سواءِ هڪڙا تصور، هڪڙا پُور، هڪڙيون سوچون، ڏنيون آهن. جيڪي هن ڌرتي تي پيدا ئي نه ٿيون آهن، اهي سنڌ جون سوچون ناهن، هي سوچون روءِ زمين جي بهترين فڪري اڏامن ۽ پروازن مان نڪتل سوچون آهن. لطيف مشرق ۽ مغرب جي هزارين سالن جي تاريخ جا جيڪي سڀ کان وڏا پرواز هئا، انهن مان سڪيل آ. ماڻهو چون ٿا، لطيف اٽپڙهيل هو. جاهل ماڻهو چون ٿا ته اٽپڙهيل هو. ماڻهن کي شوق آ ته جيئن حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي نالي چوندا هئا ته اُمي هو. لطيف اُمي ڪونه هو پنهنجي وقت جي بهترين ۽ سڀ کان اوچن خيالن کان واقف هو ۽ ان کان وڌيڪ اهم ڳالهه ته هن انهن خيالن جي ڪايا پلٽي ڇڏي. هيءَ ڳالهه وري سمجهو جتي رومي ڳالهه ڇڏي، لطيف ان کي اتي نه ڇڏيو. جتي حافظ ڇڏيو لطيف حافظ کان اڳتي ڪٽي ويو. حافظ عوام جي ڳالهه نه ڪئي، حافظ جدوجهد جي ڳالهه ڪئي آهي، روميءَ ڪئي آهي. روميءَ شين جي ڪايا پلٽڻ جي ڳالهه ڪئي آهي، روميءَ بغاوت جون ڳالهيون ڪيون آهن. بلڪل رومي جيئن چئجي تيئن زبردست ماڻهو آهي.

من ز قرآن مغزدا، بردا شيتم
استخوان پيش سگان اندا ختيم.

مون قرآن مان مغز ڪڍي ورتو ۽ هڏا ڪتن اڳيان اڇلائي ڇڏيم سي پيا هڏن تي (جيئن) وڙهن!

رومي بادشاهه آهي:

بہ زیر کنگرہ کبریائے مردانم،
فرشتہ فیض پیمبر شکار یزداں گیر۔

هن آسمان جي نيري گنبذ جي هيٺان اهڙا ماڻهو پيا آهن، جيڪي پيغمبرن کي شڪار ڪن ٿا، جيڪي يزدان کي گردش ۾ وٺن ٿا، قبضي ۾ وٺن ٿا. اهڙا مرد نيري آسمان جي هيٺان پيا آهن. اهو آهي رومي.

تمام وڏو زبردست فڪر هو مون وري عرض ڪيو ته يورپ ۾ ان قسم جي پايي جو فڪر ڪونه هو جيڪو عظيم تر هو. يا خيام آهي.

گربر فلکن دست بدیسی بزداں
برداست میں منی خلق راز میاں
وزنئو فلک دگر۔۔۔۔۔۔۔۔۔

چئي ٿو جھڙو مولیٰ سائينءَ کي هن ڪائنات تي اختيار حاصل آهي. تيئن جي مون کي هن ڪائنات تي اختيار هجي ها تہ هن ڪائنات کي هٽ پر ڪٽي آئون زمين تي هڻان ها، تہ هو فرش تي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ختم ٿي وڃي ها. ۽ ان جي جاءِ تي آئون هڪڙي اهڙي نئين ڪائنات ٺاهيان ها، جنهن ۾ هي بدنصيب انسان پنهنجون تمنائون آسانيءَ سان حاصل ڪري سگهن ها. (ڏسو هي خيال نو سئو (900) سال اڳ جا آهن.)

اهي خيال انهن ڏينهن جا هئا. حافظ توهان نہ پڙهيو تہ لطيف نہ سمجهندؤ. رومي نہ پڙهيو جيڪا سڄي عقل جي تحريڪ آهي، يونان کان پوءِ بغداد ۾ آئي آهي، ان کي سمجهڻ کان سواءِ ان سان گڏ مستند جيڪا تاريخ آهي هندستان جي، اها نہ سمجهندؤ تہ اوهين لطيف کي سمجهي ڪونہ سگهندا. اسان جو بابا وڏو شاهوڪار آهي. اوهان جي نظر ۾ بابا سائين لطيف آهي. سائين اسان جو بابا سيني کان سٿو آهي، جنهن کان پڇو. تنهنجي ماءُ، ڇئي منهنجي ماءُ سيني کان سُهٽي. شيديءَ کان پڇ تنهنجو پُٽ؟ ڇئي منهنجو پٽ سڄيءَ دنيا کان سُهٽو! تيئن پنهنجو بہ شيديءَ وارو پٽ ٿيندو لطيف! ڇئي اسان جو شاعر سدا ملوڪ، گلاب جو گل آهي. ههڙو ٿيو ئي ڪونہ! ڇٽ جي تعريف کان وڌيڪ ڪنهن ماڻهوءَ جي ٿي نٿي سگهي.

لطيف جي اسان جهڙا جاهل ماڻهو تعريف ڪن، ان کان وڌيڪ ٻي ان جي گلا ٿي نٿي سگهي. "ابا! اسان جي دردن جو دارون لطيف آهي. ان معنيٰ ۾ لطيف کي سمجهڻ تہ عام پراٽي ڳالهہ آهي. اهو اُهي ماڻهو ٿا چون جن کي خبر ئي ڪانهي تہ لطيف ٿيندو ڇا آهي؟ لطيف ڇا آهي؟ لطيف اهو سپ ڪجهہ آهي، جيڪو اسين ناهيون. هاڻي اسين ڇا آهيون؟ جڏهن لطيف کي سمجهڻو هجي تہ پهرين سنڌ کي سمجهجي، ۽ پوءِ ان کي اُلٽو ڪجي. پوءِ جيڪي ٿيندو سو لطيف جو فڪر هوندو. هاڻي سنڌ کي سمجهون سنڌي ماڻهو معنيٰ ڇا؟ گهر جو گُلو؟ هتان اُٿي هن شهر تائين ويو چوندو

سائين پرديس ۾ اچي ويو آهيان!

ماسترن جون بدليون ڪرائي ڪرائي آئون چتو ٿي پيس. هِتان هُتي، وري هُتي وري هُتي بدلي! ايڏا ڇا ٿيو؟ چئين منهنجو ڇوڪرو پرديس ۾ هليو ويو آهي.

لطيف سائين ان جي ابتڙ چيو آهي.

اوڙاهه ويا نه وريا، آئون تنهن ماري ويڙ،
ڪري سامونڊي سيڙ، جُسي جار پرايو.

❊

ڏوري ڏوري ڏيهه، ماءُ ڪاهوڙي آئيا،
مين پيرين ڪيهه، ڪُهه ڇاڻان ڪنهن پار جي،

❊

ڪاهوڙين ڪٽي، ساجهر ٻڏا سندرا،
ڏورينديءِ ۾ ڏونگرين، ڪيائون پاڻ پٽي،
ڏکن ڏيل هٽي، ڇيهه لڏائون ڇپرين.

ڇپرن جو انت وڃي ڳولي لڏائون. سنڌي ماڻهو گهر جو غلام، گهر جو ويڑل، ڇُرڻ کان لاچار، فالج زده. لطيف ان جي ابتڙ فرمائي ٿو:

ڏوٽيئڙا ڪنهن ڏت ڪي، جنبيا ڏانهن جابان،
اهڙا جن اهجاڙ، آئون نه جيئندي اُن ريءَ.

پريا پريا.....

جتي عرش نه اُپ ڪو زمين ناه ڏرو،
نڪو چاڙهائو چنڊ جو نڪو سج سَرو،
اتي آديسين جو لڳو دنگ درو،
پري پين پَرَو ناٽ ڏنائون ناهه ۾.

❊

جت نه پڪيءَ پير، تت ٽمڪي باهڙي،
ٻيو ٻاريندو ڪير، ڪاهوڙڪيءَ ڪير ري.

جتي باهه ناهي، اتي ڪاهوڙي پهچي وڃن. لطيف جو آئيڊيل سڄي دنيا ۾ روءِ زمين آهي. لطيف جا آدرش آهن روءِ زمين تي هلندڙ ماڻهو. بيچين ماڻهو بي قرار ماڻهو، هڪڙي هنڌ سک ۽ آرام سان نه ويهڻ وارا ماڻهو.

جيئن سو هرڻ هماءُ، سرگردان سنسار ۾،
هو پير نہ کوڙي پٽيئين، هي ڏڙ سِر ڏري نہ ساه،
جيڪس تن ملاءِ، سسئيءَ سور پرائيا.

جيئن هرڻ سرگردان ۾ آهي، ڊوڙي ٿو تہ پٽ تي پير نٿو لڳيس. جيئن هماءُ آهي، ايڏو تيز هلي ٿو جو چئي ٿو مولا سائين مون کي ڏڙ نہ ڏجاءِ، آئون آهستي هلڻ تي مجبور ٿيندس، منهنجو رڳو ساه هجي، آئون رڳو هلان! سسئي بيچين هئي، جڏ تہ هن تي پاڇو پيو آ هرڻ جو هماءُ جو. بي چين، سرگردان، هلندڙ. لطيف جو آدرش اهو آهي. لطيف جو آدرش وڏو آهي، وڏيون شيون آهن، تن مان ننڍڙو ذرو! ذرڙي جيترا ۽ پتڪڙا ماڻهو نہ ٿيو. وڏا ماڻهو ٿيو تن مان بہ ذرڙو. ڪوالٽي، نات ڪوانٽٽي! ڪوالٽي! محبت جو بہ ذرو! هڪڙي پل..... سڄي عمر جي وصال جي مقابلي ۾ هڪڙي پل جي ملاقات پياري، قابل فخر. هڪڙي لحظي لاءِ! ۽ وفاداري ڇا؟ هڪڙو سڏ. سڄي عمر جو سڏ ۽ وصال نہ!

حبيبن هيڪار منجهان مهر سڏ ڪيو.

حبيب هڪڙي پيري ڇيو "لطيف هيڏانهن اچ" بس هڪڙو دفعو! سڄيءَ زندگيءَ ۾ هڪڙو سڏ!

حبيبن هيڪار منجهان مهر سڏ ڪيو
سو مون سيپ ڇمار، اورڻ اهو ئي ٿيو.

سڄي ڇمار ويٺو ريئون ريئون ڪري، نہ ڪوالٽي، نات ڪوانٽٽي! ڏگهو عرصو نہ! لحظو! اهو لحظو قيمتي، بي مثال، لاثاني ازل ۽ ابد کان ڳرو! مرڻ گهڙيءَ تائين وفا! سات سدائين لاءِ!

سر سُڪئي سال ٿيا....

درياه ۾، تلاءَ ۾، جنهن ۾ هنج وهنجندو هو سو سُڪي ويو. ڪو هنج ان ۾ هڪڙو دفعو وهنجي ويو هو. وري جو اچي ڏسي تہ اهو تلاءُ سڪي ويو. پر جيڪو تلاءَ جو پاڻي ان جي پرن تي پيو هو سو ان هنج سُڪڻ نہ ڏنو.

سر سُڪئي سال ٿيا، پر هنج هَريو ئي پير،
ڪنگ ويچارو ڪير، جو رسي انهيءَ رمز کي.

وفاداري توڙ تائين، پنهنجي مقصدن سان وفاداري، محبت بہ مقصد آهي، هر قسم جي محبت ان سان وفاداري.

جان جان هئي جيئري، ورچي نہ ويئي،
وڃي پونءِ پيئي، سڪندي کي سڃٽين.

چوندا آهن سائين قدرت جو لکيو هو. جنهن کان پڇ ابا ڇا ٿيو؟ سپ کو چوي، قدرت جو لکيو هو. سهٽي به چوي ٿي:

آئون ڪہ نہ ڄاڻان اي، تہ جر گهڙئي جوکو ٿئي.

وري به قضا جي ڳالهہ.

پر قضا جا ڪريم جي، تنهن کان ڪنڌ ڪيبو ڪيئن،

پر هڪڙي ڳالهہ آهي:

هڪ لکئي ٻئي نينهن.....

ڪجهہ لکيو به هو ڪجهہ اسان جو نينهن به هو.

هڪ لکئي ٻيو نينهن، آٽي اوليس اول ۾.

❋

تہ ڪر ڪيئن سُئي؟ جي سير نہ گهڙي سهٽي،
هِت حياتيءَ ڏينهڙا، هڏهن تان نہ هئي،
چُڪيءَ تنهن چري ڪئي، جا ڏنس ان ڏُهي،
سهٽيءَ کي سيد چئي، وڏو قرب ڪهي،
هونئين هوند مُئي، پر ٻڌيءَ جا ٻيٽا ٽيا.

گهٽيون شيون نہ، گهٽيءَ دير تائين مزا نہ!

رومي، حافظ بوعلي سينا، ابوالخير کسري ابوالخير جو شعر آ:

مون کي چئو ٿا تو لا ڪهڙو تحفو آٽيان چئي ٿو.
بنا درد جي متان اچين، ٻيو جيڪي آٽين سو ڪار آهي.

ڏکيون جان نہ مڙن، تان تان پنڌ نہ ٽيئي،
پٽڑ واروين پڌريون، ڳاڙها ڳل سندن،
ٻيون هونئن ئي هٿ هٽن، روئنديون روئڙ واريون.

❋

آيل ان نہ وِسهان، هنجون جي هارين،
آٽيو آب اکين ۾، ڏيهہ کي ڏيکارين،
سڃڙ جي سارين سي، نڪي رون نہ چون ڪي.

انداز پنهنجو طريقا پنهنجا، گفتگو شاعراڻي به ۽ ڪوڊ لينگويجز
چو ته ملان ڳهاڙو ڪٽيو وينا هئا. اتي جيڪو ڳالهائي، ان کي ڪافر ڪريو
وڃيو چڏين. تنهن ڪري لطيف وڏي ۾ وڏو فنڪار به آهي، پنهنجي ڳالهه
سڄو وقت حافظ وانگر ڪوڊ لينگويج ۾ ڪئي اٿس. لطيف جا ڪوڊ ورڊ
آهن، مثلاً: ڏاتار خدا جون تشبيهون آهن، ۽ ڪرت معنيٰ عبادت ڪرڻ.

ڪرت وارا ڪيترا، ڪرت ڪبو ڪوه
جيڪي ڏڏن ڏي.....

هڪڙا آهن سنا، عبادت ڪندڙ روزيدار متقي، پرهيزگار، وڏن جبن
وارا، وڏن عمامن وارا، سڄو ڏينهن آيتون پڙهندڙ لطيف سائين چئي ٿو اهي
خراب ناهن، اهي قابل آهن، عزت وارا آهن، ڳائڻ جا پڙ آهن، راجا کي
ريجهائن ٿا، راجا انهن تي خوش ٿئي ٿو. هنن کي وڏو فن آهي، محبوب کي
مجائڻ جو ۽ ٻيا وري ڏڏ آهن. توهان اسان سڀ ڏڏ سڀ جاهل. چئي ٿو اهي
سڀ ڏڏ آهن، هو قابل آهن، پر گڙ ٻڙ هڪڙي هيءَ تي پئي آهي، جيڪو ڏاتار
آهي، اهو پنهنجي مرضيءَ جو مالڪ آهي. هاڻي مصيبت هي ٿي پئي آهي
ته جيڪي ڪرت ڪريو اچن ٿا، سي هُن کي وٽن ئي ڪونه ٿا. هن کي وٽن
ٿا ڏڏ، سوچا ٿو ڪري:

جيڪي ڏڏن ڏي، ڳجهائين ڳجهه ۾،
سو جي سُٽن ڪنن سين، ڪِرت وارا ڪي،
ته ساز سمورا سي، هوند پٽون ڪن پلڪ ۾.

**

جي ڇاٽين ته به نه ڇاڻ، ايءَ در اٻوجهن جو.

مصيبت آهي هو مالڪ آهي. پنهنجي مرضيءَ جو حقي ڳالهه ته اها
آهي ته جيڪي ڇاٽون هجن تن کي انعام ملڻ کپي. پر هن کي ڪير چوي!
تنهن جي ڪري:

جي ڇاٽين ته به نه ڇاڻ، ايءَ در اٻوجهن جو.
ان در سي ئي اگهيا، جن نه پانيو پاڻ
مذهب جون به تشريحون تبديل ڪري چڏيون آهن.
روزا ۽ نمازون ايءَ پڻ ڇڏو ڪم.

خراب ڪم ناهي، روزا رکڻ ڪپن. نمازون پڙهڻ ڪپن، ان ۾ رڳو ٿوري ننڍڙي "پر" آهي.

پر اُو ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.

اهو جيڪو "اُو" ٻيو فهم آهي، تنهن ۾ سڄي ڳالهه ان وسيع معنيٰ ۾ ڪئي وئي آهي. اهو عقل اهو فهم اهو ذهن جيڪو انسان دوستيءَ جو آهي، اهو ڪوڊ لينگويج ۾ اچي ويو. اهو ڪو ٻيو فهم آهي. سڄو ڏينهن آيتون پڙهي ماڻهو مارائڻ جي ڳالهه نه آهي.

پنجاهه ڇٽن کي قاسي ڏيئي، 50 شيعا ڪهي ڇڏيو اسان صحابه جا پوئلڳ آحيون، خدا اوهان جو خانو خراب ڪري ماريو پيا مسلمان. اوهين انهن ماڻهن جا سپاهي ٿا پاڻ کي سڏايو جن وٽ انصاف هو رڳو مسلمانن لاءِ نه پر ٻين غير مسلمن لاءِ به انصاف هو. توهين انهن جي نالي جي آڙ وٺي پنهنجا ڪريل ڏنڊا ٿا ڪريو! انهن جي نالي کي لڄايو ٿا، توهان کي شرم نٿو اچي؟؟ لطيف سائين چئي ٿو

روزا ۽ نمازون ۽ ٻيو سڄو اسباب، سڀ ٺيڪ آهي، پر اُو ڪو ٻيو فهم جنهن سان پسجي پرينءَ کي.

هنن لاءِ ئي چيائين:

چَانئٽ پائي چت ۾، سنهو ڪتيو جن،
تن جو صرافن، دُکو داخل نه ڪيو.

ڪتيندڙ قابل هئا. سڀا هئا، فرسٽ ڪلاس ڪپڙا سبيئون، عاليشان، پر سندن چت (دل) ۾ فساد ملي ٿو.

جڏهن کين چئجي ٿو دنيا ۾ ڦڏا ۽ فساد نه ڪريو ماڻهو نه مارايو شيعا سني نه ويڙهايو چون ٿا ته اسين اصلاح پيا ڪريون. اسين ته فلاڻي جي لشکر جا سپاهي آهيون. ڏنڊو ڪهڙو؟ مسلمانن کي ٿا مارايون!

اَلَا اِنَّهُمُ الْمُفْسِدُونَ وَلٰكِنْ لَّا يَشْعُرُونَ

خبردار! اهي ئي پاڻ فسادي آهن، پر انهن کي خبر نه آهي.

اوهان کي خبر هجي نه هجي اهي مفسد (فسادي) آهن. لطيف جو سڄو پيغام، تنهن جو نچوڙ مڪر، منافقي، تعصب انسان بيزاري، مذهب جي نالي ۾ انسان کان نفرت ڪرڻ وارو ڪونهي.

سامي كامي پرينءَ لئہ، ڪُسي ٿيا ڪباب،
جهڙو ڏسن ڏوهہ كي، تهڙو تن ثواب،
اوتين ارتين گاڏئون، منجهان اكين آب،
سندو ذات جواب، ڪهڙو پچين تن كي.

تون هندو آهين، تون مسلمان آهين، تون شيعو آهين، سُني آهين، اهو ڪو سوال آهي؟

نئون نياپو آيو راڻي ملا رات،
لڏي سون لطيف چئي، ڪنان ڏاتر ذات،
ڪونہ پچي ٿو ذات، جي آيا سي اگهيا.

توڙل هن سماج ۾ جيكي بہ بدمعاشيون آهن، مكر آهن، منافقيون آهن، جيكڏهن اوهين لطيف كي پڙهندؤ تہ انهن كي جواب آهي، هر شيءِ جو. آئون وكيل ماڻهو آهيان، آئون چوان ٿو هر قسم جي جيكا منافقي آهي، تنهن جو جواب توهان كي ڳولهڻ كپي. توهان روحاني طرح مصلح ٿيڻ چاهيو ٿا ۽ هن دور ۾ چا ٿيڻ كپي؟ تہ پوءِ لطيف كي پڙهو ۽ سمجهو؟ اكر اكر سمجهو، رڳو صحيح خيال نہ.

گهڙي گهڙو هٿ كري، چيلهہ ٻڌي چوتو
منهنجو من ميهار كي، پار وڃي پهتو
گهوتي ۾ گهوتو مون كي محب ميهار جو.

**

گهڙي گهڙو هٿ كري، ٻهون نهاري ٻنگ،
"سر در قدم يار فدا شد چہ بجا شد"، وصل اهو ئي ونگ
رات جنين جو رنگ الا! سي اكارئين.

محبتون، قربانيون، سر فرشيون:

ڪِ كي ڪڙيان پير؟ ڪ ڪڙهان كيچ ڌڻين لئہ؟

محبوب كي ڳولي هٿ كريان يا غمءِ ماتم كريان.

ڪِ كي ڪڙيان پير؟ ڪِ ڪڙهان كيچ ڌڻين لئہ؟
اِيءَ ڏڻءَ ڏيئي ڏير، پاڻان پرانهان ويا.

مون کي ٽانڊو ڏيئي هليا ويا آهن. مون کي اهي به ٽانڊا آهن. هڪڙو ته پير ڪڙيان معنيٰ ڳوليان ۽ ٻيو وري ماتم ڪريان. هڪڙو غم آهي جيڪو هلڻ نه ٿو ڏئي، ٻيو وري ڳولڻو به ضرور آهي. جواب ٿو ڏي:

ڳڙهه پُٹ ڪيچ ڏٽين لئه، ڪڙ پٹ پير سندان

ڪڙهه به، معنيٰ غم به ڪاءِ ۽ پير به ڪڙ معنيٰ پير جا نشان ڳول.

ڳڙهه پُٹ ڪيچ ڏٽين لئه، ڪڙ پٹ پير سندان،
انهيءَ پر اُتان، پوندينءَ منڊ پهاڙ ۾.

پوءِ چئي ٿو:

ڪڙهي ۽ ڪڙي، پر ۾ پير پُنهونءَ جو
سڪ ٻڌائين سندرو جانب لاءِ جڙي،
لانچي لَڪَ لطيف چئي، منڊ جهيڙي ۽ جهڙي،
پٽيءَ تان نه پڙي، جي عمر سڀ ايئن ڪري.

ادا قوم لاءِ ۽ انقلاب لاءِ قربانيون ڏنيونسين. يارا نوڪري وڃائي ڇڏيسين، ادا! پيٽسان مري تباه ٿي وياسين. 1983ع جي جدوجهد ۾ خانو خراب ٿي ويو. بس ادا! پاڻ کي تباهه ڪري ڇڏيوسين. لطيف سائين چئي ٿو:

پٽيءَ تان نه پڙي، جي عمر سڀ ايئن ڪري.

جيڪڏهن سڄي عمر پاڻ ايئن جدوجهدون ڪري، ته به جيڪو مقصد عظيم آهي، تنهن جي پيرن جي پٽيءَ جي برابر به تنهنجي اها قرباني ناهي، پيرن جي پٽيءَ جي برابر به نه!

دوستو! ساٿيو! هن دور ۾ انسان ذات جيڪي به چڱايون ڪيون آهن، مذهب جي حوالي سان، فلسفي جي حوالي سان، نظرئي جي حوالي سان، سائنسي شعور جي حوالي سان، انهن سيني جو تت ۽ خمير لطيف جي اندر آهي. اها دعويٰ ناهي. ٽائيم هجي ته ان تي پاڻ مهينن جا مهينا ڳالهه ڪري سگهون ٿا ۽ جيڪڏهن سنڌ جا ماڻهو لطيف کي ان نظر سان ڏسن، پاڻ کي تبديل ڪن ۽ پاڻ ۾ انقلاب آڻين ته پوءِ

اک اُلٽي ڏار.....

جيڪڏهن هتي جيڪي توهان وينا آهيون. مرد ۽ عورتون ۽ ٻار. جيڪڏهن پنهنجي اک کي اُلتو ڪري، جيئن لطيف ٿو چوي ابتو هل ۽ اُبتا عام کان وَهو تہ توهان جي مٿان هي پوليس، جيڪا در تي ڏنڊو ڪنيو بيٺي آهي، هي جيڪي رينجر صاحب بينا آهن، پنهنجن گهرن ۾ هلڻ نٿا ڏين، هي جيڪي وزير صاحبان وينا آهن، رڳو پاڻ پيا ٽپڙ ڪائين ۽ هتي ماڻهو مري ويا آهن، هي جيڪي صاحب عاليشان اسلام جي نالي ۾ وينا آهن، اهي ڪجهہ ڪون آهن، ڪا شيءِ نہ آهن. لطيف جي وات تي هلندڙ ماڻهوءَ لاءِ هي ٻيلو ٻہ وڪون آهي. آئون توهان کي ٻڌايان ٿو بلڪل صحيح ڳالهہ ٿو ٻڌايان، جيڪڏهن آئون دنيا جا ڪتاب پڙهيو وينا هجان ها، وڪيل ٻہ هجان ها، ڪارل مارڪس پڙهيو وينو هجان ها، مائوزيتنگ پڙهيو وينو هجان ها. پر جيڪڏهن منهنجي ذهن ۾ روح ۾ لطيف نہ هجي ها تہ آئون اها ثابت قدمي نہ ڏيکاريان ها، جيڪا مون اڄ تائين ڏيکاري آهي. آئون ڪٽي نہ ڪٽي ڏهي پوان ها. سچ ٿو چوان، هي ٽارچر سيل، هي جيل ۽ سختيون تڏهن برداشت ڪري سگهيو آهيان، جو منهنجي روح ۾ لطيف جو فڪر سمايل آهي:

صحيح ٿو چوان، پر،

تہ ڪر ڪيئن سُئي، جي سير نہ گهڙي سهٽي،
هت حياتيءَ ڏينهڙا، هڏهين تان نہ هئي،

اسان جو ميهار ڪير هو؟ اسان جو ميهار لطيف هو.

چڪيءَ تنهن چري ڪئي، جا ڏُنس ان ڏُهي،
سهٽيءَ کي سيد چئي، وڏو قرب ڪُهي،
هونءَ ٻہ هوند مُئي، پر ٻڏيءَ جا ٻيٽا ٽيا.

هونءَ ٻہ پاڻ مري وڃون، جيڪي سڀ هتي وينا آهيون، جي پاڙيا ٽياسين، تہ ڪونہ مرنداسين؟ جي پاتلائي ٽيا وينا هجون تہ ڪونہ مرنداسين؟ جي اکيون ۾ ۾ ۾ ۾ وينا ڪريون ۽ سيئي ظلم پيا سَهون، پيٽسان پلي هُن تي پيو ظلم ڪري، آئون تہ شير ٽيو چمچاگيري ڪريو گهر ۾ وينو آهيان. سائين جي پيرن تي هٿ رکيو وينو آهيان. جيءُ سائين ڪريو وينو آهيان، پوءِ پاڻ ڪونہ مرنداسين چا؟ مري تہ اونهين وڃبو! پاڙيا

ٿي جيئون يا بهادر ٿي جيئون. لطيف جو سنئون سڏو فيصلو آهي: بابا مڙس ٿي جيئڻ چاهيو ٿا، يا ياڙيا ٿي جيئڻ چاهيو ٿا؟ پنهنجي وطن ۽ قوم سان وفادار ٿي رهڻ چاهيو ٿا، يا بيوفا ٿي رهڻ چاهيو ٿا؟ پچاڙيءَ تائين توڙ نيايو ٿا، يا اڌ ۾ ڇڏ وارا آهيو؟ غريب سان نفرت ڪريو ٿا يا غريبن کي پنهنجو ياءُ سمجهو ٿا؟ هن دنيا کي، جهڙي حال ۾ آهي، ان کي ڇڏي پاڻ ڦرلٽ ۾ شامل ٿيڻ چاهيو ٿا، يا هن دنيا کي بدلائڻ چاهيو ٿا؟ هن دنيا کي بهشت بنائڻ چاهيو ٿا، يا جهڙو دوزخ آهي، اهڙو ئي ڇڏي ڏيڻ چاهيو ٿا؟ لطيف جو پيغام توهان جي اڳيان آهي. توهان کي فيصلو ڪرڻو آهي. هي دنيا اڄ جيڪا خراب آهي، اهڙي اڳي به هئي، سدائين هئي. لطيف هڙيءَ دنيا ۾ آيو هو. هن کان به بدتر هئي، پر هن جا خيال ڏسو! هن جون سوچون ڏسو! هن جا انداز ڏسو! ۽ توهين ۽ اسين پنهنجي گريبان ۾ منهن وجهي ڏسون، اسان جا خيال ڪهڙا آهن! تنهن ڪري..

جيهر لوڪ جهپ ڪري، ذرو جاڳ نه هوءِ

جڏهن اسين تنهاين ۾ ويهون، پنهنجي اندر جي تنهاين ۾ هجون، ڪوبه نه هجي، تنهن وقت اسين لطيف کي ياد ڪريون. لطيف جيڪا ڳالهه ٿو ڪري، ان ۾ رڳو شاعري ڪئي اٿس، يا هن ۾ ڪا ڳالهه سچ به آهي.

جيهر لوڪ جهپ ڪري، ذرو جاڳ نه هوءِ،
اوهير اڇيو اديون، پهه پريان جو پوءِ،
جي ڪچو چونم ڪوءِ، تہ مَرڪَ پانيان ميهڻون

انتظار تہ آهي زندگيءَ ۾،

ڳوڙا ٻئي پار هينئون حيرت ۾ پيو
جي ويهان تہ ويرم ٿيئي، نينهن ۾ پوءِ نهار
جي وڃان تہ واڪو ٿئي، پاڙي پوءِ پچار
هُت ٿي واعدي وار هِت سُونڻون ڏينم سرتيون.

اهو تضاد آهي، هڪڙي پاسي پاڙي ۾ موقعي پرست ٿي، پاڙيو ٿي، ڪنڌ هيٺ ڪري وقت گذار، پاڙي واريون ايئن ٿيون چون، ڪنڌ هيٺ ڪر، پاڙيو ٿي، نٽاءِ، گساءِ ٽيم پاس ڪر. پر هُت ٿي واعدي وار، لطيف جهڙن مڙسن سان واعدو آهي، هوڇي منه جهڙن مڙسن سان واعدو آهي،

محمد عربيءَ سان ۽ حسين ابن عليءَ سان واعدو ۽ وچن آهي. انقلابين سان وچن آهي، سچن ۽ بهادرن ۽ جانفشاني ڪندڙن سان وچن آهي. ٻئي پاسي سرتيون ٽيون سوٽا ڏين، اسان سيني مان هڪ هڪ کي فيصلو ڪرڻو آهي ته هنن سرتين ۽ پاڙي وارين جي چوڻ تي هلڻون آهي يا وچن ڪرڻو آهي. اسان مان هر هڪ ماڻهوءَ جي ضمير جي اڳيان اهو سوال آهي ته اسين سچ ۾ لطيف جي راهه تي هلڻ جي جرئت پيدا ڪرڻ لاءِ تيار آهيون؟ چيلينج آهي، سنڌي ماڻهن لاءِ. لطيف لاءِ "آڻيو آب اکين ۾ ڏيهه کي ڏيکارين"، يا لطيف جي ڏنل پيغام تي عمل ڪرڻو آهي. حق سچ، حق سچ. يا علي، اهو رڳو ڳائڻو ۽ نچڻو آهي، يا واقعي به يا عليءَ جي رستي تي هلڻو آهي. واقعي مڙسن ۽ بهادرن جي رستي تي هلڻو آهي ۽ واقعي اڄوڪي دور جي معنيٰ سان سپ کان وڌي ڳالهه ته لطيف جي ان رستي تي هلڻو آهي، جو

اک اُلٽي ڏار وَنءُ ابتو عام کان،
جي لهوارو لوڪ وهي، تون اونچو وهه اوپار.

اڄ جي دور جون تقاضائون، لطيفي تقاضائون آهن، ته آرام جي خاطر پنهنجي زندگي گند ۾ گذاري هن دنيا مان بي نام و نشان ٿي وڃڻو ناهي. هن دنيا تي پنهنجي قدمن جا نشان ڇڏڻا آهن، پنهنجي پورهئي جا پنهنجي پگهر جا، پنهنجي علم جا، پنهنجي عقل جا، پنهنجي وجود جا. دنيا مان ايئن گذاري وڃڻو آ، جو وقت جي واريءَ جي مٿان نشان هجن. ايندڙ نسل چون هتي يار ڪو مڙس ماڻهو هوا جو هتي رهي ويو هو. فلاڻي فلاڻي هنڌ هو. الائي ڪير هو، پر نشان بيٺا آهن. لطيف چئي ٿو بنان نشانن جي هن ڌرتيءَ تان وڃڻو ناهي.

برو هو پنيور، آرياڻيءَ اجاريو
لاڻو سپ لوڪ تان، هاڙهي ڏٺيءَ هور،
چوريون چرڙ سکيون، پنهون ڪيائون پور،
آيو سو اتور، جنهن ڏکيون ڏِک ويهاريون.

اسان جي زندگيءَ جو مقصد ڏکين کي ڏک ويهارڻو آهي ۽ اها لطيف جي واڻ آهي. لفظن جي راند ڪانهي، تقرير ڪانهي، شاعري ڪانهي، سنئون سڌو فيصلو آهي. ڪهڙي واڻ، موقعي پرستيءَ جي واڻ ابن الوقتيءَ

جي وات، دشمنن جي اڳيان پيرن ۾ نُوس نُوس ڪرڻ جي وات يا پنهنجو لطيفي رستو وڃڻ جي وات وڻٽي آهي. لطيف عوام دوست آهي، ڪرسي دوست نہ آهي. ڪرسي دوستي يا عوام دوستي، انقلاب دوستي يا جيڪي عوام دشمن ۽ غدار قوتون آهن، انهن جي پيرن ۾ نُوس نُوس ڪرٽو آهي. سنڌون سڏو فيصلو ۽ چئلينج اسان جي اڳيان موجود آهي. رسالو پڙهو پنهنجي ضمير تي هٿ رکو ۽ پوءِ فيصلو ڪريو تہ لطيف جي لاءِ رڳو "جيئي لطيف" چوٽو آهي. يا لطيف جو سپاهي ٽيٽو آهي، لطيف جو عاشق ٽيٽو آهي، لطيف جي سسئي ۽ سهڻي ٽيٽو آهي، لطيف جو راڻو ٽيٽو آهي، لطيف جو جوڳي ۽ سامي ٽيٽو آهي، يا موقعي پرست ابن الوقت ۽ عوام دشمن قوتن جو ساٿ ڏئي، انهن جي پيرن ۾ ڪري نُوس نُوس ڪرٽو آهي.

فيصلو توهان تي ڇڏيل آهي، تہ توهان پنهنجي ذهن ۽ ضمير مطابق ڪهڙو ٿا فيصلو ڪريو. عوام دوستي وارو يا عوام دشمني وارو!

جيئي سنڌ

(نوشهروفيروز 1995ع تي ملهايل "جشن لطيف" ۾ ڪيل تقرير)

جت نہ پکيءَ پير

سنڌ ۾ علم ڪتان آيو؟ سنڌ جي سرزمين ۾ اسان کي ورثي ۾ مخدوم هاشم جا ڪتاب مليا آهن، اهي به فقهه جي باري ۾. ڪتو ڪوهه ۾ ڪري پوي ته ڏول گهٽا ڪيڊجن ته پاڻي پاڪ ٿئي؟ علم اهو آهي نه علم ڪهڙو هجي؟ لطيف کي چڏي، باقي سنڌ ۾ ڪهڙو سائنسدان پيدا ٿيو آهي؟ ڪهڙو ٽيڪنالاجسٽ پيدا ٿيو آهي؟ ڪهڙو مؤرخ پيدا ٿيو آهي؟ مؤرخ ٿورڙا! سنڌ ۾ علم اجنبي شيءِ آهي. هيءَ جنس هتي جي ناهي. هتي علم جو وڻ نه ٽيندو آهي. ڪي شيون ٻاهران ايندیون آهن، امپورٽيڊ هوندیون آهن. تنهن ڪري پنهنجو ڪنيڪشن اتليءَ سان هجي، جتي پروفيسر عبدالسلام نيون شيون پيو ڊسڪوَر ڪري، سڃو ڏينهن تجربا پيا ٿين. يونيورسٽي آف ڪيليفورنيا سان ڪنيڪشن ٿئي يا ماسڪو يونيورسٽيءَ سان.

روءِ زمين تي علم ۽ سائنس جي، ٽيڪنالاجيءَ جي هڪڙي گرڊ اسٽيشن آهي. پاڻ ڪٽي بينا آهيون؟ چا پيا ڪريون؟ پاڻ نعرن جي حوالي آهيون، پٽن تي چاڪنگ جي حوالي آهيون. پاڻ ڪٽجي ويا آهيون. هنن پاڻ کي ويهه سال ڪٽي چڏيو آهي.

اچو ته پنهنجو ڪنيڪشن انهن گرڊ اسٽيشنن سان لڳايون، جتان روشنيون اچن ٿيون. طاقت جو توازن تبديل پيو ٿئي. مغرب سِرکي پيو. علم هيڏانهن سِرکي پيو. پنج سئو سال اڳي، صليبي جنگين جي موقعي تي، جڏهن پهريون دفعو مشرق تي مغرب فتح پاتي ۽ چوڏهين صديءَ ۾ اقتدار ايشيا کان يورپ ڏانهن منتقل ٿيو اهو سڃو جيڪو چڪر هاڻي وري ڦري پيو هاڻي وري مغرب کان علم منتقل پيو ٿئي اوير ڏانهن، ايشيا ڏانهن. دولت هيڏانهن پئي اچي، ڪارخانا هيڏانهن پيا اچن، ٽيڪنالاجي هيڏانهن پئي اچي، سمجهه هيڏانهن پئي اچي، نوان خيال هتي جنم وٺن پيا، توهان جي ديسن ۾، ٽورو پريان اوير ايشيا ۾. دنيا جو سپ کان وڌيڪ ترقي پذير علاقو

يورپ نہ آهي، دنيا ۾ سڀ کان وڏا سائنسي خيال مغربي يورپ ۾ پيدا ڪونہ پيا ٿين، اهي اوپر ايشيا ۾ پيدا پيا ٿين. علم سائنس، ٽيڪنالاجي، اقتصاديات جو محور آمريڪا ۽ يورپ کان منتقل ٿي، اوپر ايشيا ۽ پئسفڪ جي علاقن ۾ پهچي چڪو آهي، اها رفتار تيز پئي ٿئي. پاڻ ڪٽيا پيا آهيون. پنهنجي ايندڙ نسلن جي مستقبل جو دارومدار ان تي آهي، تہ پاڻ انهن ۾ جيڪي عالمي رجحان آهن، تن ۾ پنهنجي پتيءَ جو علم، پنهنجي پتيءَ جي ٽيڪنالاجي، پنهنجي پتيءَ جي سائنس مان کڻو حصو ٿا وٺون.

جنگ فقط هنن ننڍڙين ڳالهين تي ناهي. علم سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو جيڪو عالمي ذخيرو آهي، ان ۾ سنڌ جي پتي کڻي آهي، ان تي به جنگ آهي.

بنيادي مسئلو اهو آهي تہ اوهان کي اڳتي وڌي دنيا جي بهترين سمجهہ رکندڙ ماڻهن سان چٽاپيٽي ڪرڻي آهي. ڏلهيون ٻتاکون نہ کپن، ٻتاکون تہ ٽڪي جا ماڻهو هٽندا آهن.

مون کان ڪنهن پڇيو تہ، بهادر ڪير آهي؟ مون چيو تہ، بهادر جي معني تہ وڙ چا آهي؟ جنهن وٽ هٿيار هجن، اهو فائر ڪري تہ بهادر ٿي ويو چا؟ بهادر تہ اهي آهن، جن وٽ ڪجهہ ڪونهي. ڪجهہ ڪونهي تڏهن بہ جابر انهن کان ڍڄن ٿا. اهي عورتون، جن جي ڪڇن تي ٻار آهن، مظاهرو ڪن ٿيون. تڏهن ويٽنامين لاءِ چيائون تہ، ڍگهن وارن واري فوج کان آمريڪا جو صدر ڏڪي ٿو.

ڍگهن وارن واري عورتن جي فوج، آمريڪا جي فوج کي مفلوج ڪري ڇڏيو. توهان ڏٺو تہ امن جي جيڪا تحريڪ يورپ ۾ هلي، انهن ائٽم بم کي پئرالائيز ڪري ڇڏيو.

سياسي جدوجهد، عوامي جدوجهد هٿيارن سان، پر ان کان اڳ هٿيارن بنا، ذهن سان، آدرشن سان، لڙڪن سان، ٿهڪن سان، شعرن سان، نغمن سان جيڪا جنگ لڙي وڃي، اها هٿيارن کان هزار ڀيرا طاقتور آهي. اها هزار ڀيرا جٽادار جنگ آهي. هٿيار پوءِ، علم پهرين، سمجهہ پهرين، شعور پهرين، نيڪ نيتي ۽ سچائي پهرين.

لطيف ڳگانو شاعر آهي، بي مثال شاعر آهي، هو هادي آهي. هي مسئلو ڪرامتن جو ناهي، هي تعريف جو مسئلو ناهي، سائنسي سچ آهن. لطيف بہ۔

تي ڳالهيون ٻڌايون آهن. چوي ٿو تہ خسيس نہ ٿيو ننڍڙا ماڻهو نہ ٿيو ننڍڙا آدرش نہ رکو. پورو عالم ۽ هيءَ جيڪا سڄي ڌرتي آهي، اها توهان جو جولان گاهہ آهي. جامشورو نہ، رڳو سنڌ نہ هيءَ سڄي ڌرتي توهان جو ورثو آهي.

سمنڊ جي سيوين، تنين ماڻڪ ميڑيا،
چلر جي چوئين، تن سانڪوٽيا ۽ ستيون.

ننڍڙا دماغ، ننڍڙا خيال، ننڍڙيون سوچون، ننڍڙا انتقام اهي آهن، سانڪوٽيا ۽ ستيون.

وڏا خيال:

ڪاري ڪيڑائو مٽي مٺي موٽيا،
سودو ڪن نہ سون جو وڏا وهائو
موتي جي مهراڻ جا، تن جا طامائو
ساموندي سائو لنڪا لوپي آيا.

وڏا خيال، وڏا اِرادا:

جت نہ پکيءَ پير، تِتِ ٽمڪي باهڙي،
ٻيو ٻاريندو ڪير، ڪاهوڙڪي ڪير ري،

***

جت عرش نہ اُپ ڪو زمين ناهہ ذرو
نڪو چارو چنڊ جو نڪو سج سرو
اُتي آديسين جو لڳو دنگ درو
پري پين پرو نات ڏنائون ناهہ پر.

ننڍڙا فاصلا، ننڍڙا خيال، ننڍڙا دماغ، سنڌيت جا دشمن آهن. ننڍڙائيءَ تي حملو، خسيس پڻي تي حملو فتني، فساد، ڪوڙ مڪر، منافقي ختم ڪجي. وڏا ٿيون، ايجا وڏا ٿيون، جيترو وڏو ٿيڻ جي ضرورت آهي، اوترا وڏا ٿيون، دل جا سخي ٿيون، ڪشادا ٿيون، دلين کي وسعت ڏيون، هن ڌرتيءَ لاءِ وشال ٿيون ۽ ذهن ۽ روح جي سخاوت ڪريون. لطيف سخاوت جو شاعر آهي:

ڪوهہ نہ جهاريين جڪرو، جنهن ڏيهہ ڏِايا ڏيئي،
جي لڏيا ٿي لينگهن پر، سالن پر سيئي،
سمي سيئي، طامائو تار ڪيا.

وڏيون سخاوتون علم جون، سمجھ جون، دانائيءَ جون، اقتصادي علم جون ھجڻ کپن، پنھنجن دوستن کي وڌيڪ دوست بنائڻ، دشمنن کي دوست بنائڻ، دشمنن سان ڊيل ڪرڻ، قربانيون ڪرڻ، وڏن مقصدن لاءِ پنھنجون عارضي خوشيون ڇڏي ڏيڻ، ايئن وڏو ٽيٽو آھي، ايڏو وڏو ٽيٽو آھي. سڄي ڏرتيءَ کي پاڪ ۽ پرڙ وارو علم، ذھن ۾ فڪر کپي.

دوستو! ھينئر ٻـ ٽي مسئلا آھن، جيڪي ڪوڙھ ۾ ڪينسر وانگر آھي. ان جو بھتر طريقي سان علاج ٽيڻ کپي. سنڌ ۾ نئون انسان پيدا ٿئي. غيب مان ڪو مڙس اچي، سنڌ جي ڪنڊ مان ھيئن پڙڪا ڪائي، جيئن لاوا اُٿندو آھي، تيئن ماڻھو اٿن، نوان ماڻھو آزاد ۾ ھن سموري گند، بدبوءِ، ننڍڙا ننڍڙا ڪوڙ ۾ مڪر، جيڪي سنڌ کي ڪوڙھ وانگر ويڙھيا پيا آھن، تن کان نڪري آزاد انسانن جو مجموعو ٽيڻ کپن، جيڪي سنڌ کي ايڪيھين صديءَ ۾ ونڊي ھلن. ايڪيھين صدي، جيڪا خوشبوئن جي صدي آھي، انساني حقن جي صدي آھي، ترقيءَ جي صدي آھي، غربت کان نجات جي صدي ھجڻ کپي. ھڪ نئين، قابلِ احترام ۾ پنھنجو پاڻ کي، پنھنجي نفس کي، عزت ۾ احترام بخشيندڙ انسان جي صدي ھجڻ کپي، تنھن ۾ سنڌ داخل ٿئي، تنھن لاءِ اھڙا مرد کپن، مردن مان مراد عورتون بـ آھن ۾ اھي مرد لطيف اسان کي ٻڌائي ويو آھي. لطيف جا آدرشي مرد ۾ عورتون، لطيف جا اھي مرد، جن جا اوھان خواب ڏٺا ھئا، اُھي توھان ٽي سگھو ٿا، اسان ٽي سگھون ٿا. اچو تہ لطيف جي آدرشي انسانن وانگر، ھڪ نئون جھان اڏيون، ھڪ نئين سنڌ کي اڏيون، نوان ماڻھو پيدا ڪريون، نوان رشتا، نوان لاڳاپا، جن جا ڪنڊ آسمانن وانگر بلند ھجن، فڪر بلند ھجن، سوچون بلند ھجن.

ماءُ ڪاھوڙي آئيا، ڏوري ڏوري ڏيھ،
مين پيرين ڪيھ ڪھ جاڻان ڪنھن پار جي؟

***

ماءُ ڪاھوڙي ھليا، دکائي دونھان،
چپر جا سونھان، ڏوٽين ڏٺ چتائيو.

اچو تہ ھن ننڍڙائپ مان نڪرون، خسيس پڻي مان نڪرون، دوکي مان نڪرون. پنھنجي ھن سرسبز ۾ گلزار سنڌ، تاريخ جي ھڪ روشن شاھراہ واري سنڌ، تنھن کي ھڪ نئون جنم بخشيون. پاڻ عزت سان ھلون. عزت

جهڙي شيءِ دنيا ۾ ٻي ڪهڙي آهي؟ عزت کان سواءِ جڳ ۾ جيئڻ ڪهڙو؟ عزت کان سواءِ وجود جو جواز ڪهڙو؟ غيرت کان سواءِ هلڻ ڪهڙو؟

سنڌ جا باشعور، اهلِ دل ۽ اهلِ نظر انسان، مزدور ۽ عورتون! اچو تہ پاڻ گڏجي، هٿ هٽ ۾ ڏئي، اڳتي وڌون، گڏجون، ڪچهريون ڪريون، علم کي موڙائي آڻيون. علم پاڻ کان رُسي ويو آهي. لطيف پاڻ کان رُسي ويو آهي.

وڃر ڪيو وتن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيڙڻ، ماڻهڻان ميڙ گهٽو.

لطيف جا ڪئين ڪردار آهن، ڪيئي جڪرا، ڪيئي جادم، ڪيئي ڏياچ آهن، جي چون تا تہ اسان کي وري زندهہ ڪريو.

هن دور کي ڏياچن، سهڻين، سسئين، ماروين جي ضرورت آهي. لطيف کي خراج تحسين ڏيڻ جو بهترين طريقو آهي، اهي ڪردار وري زندهہ ۽ جاويد ڪري ڏيکارجن.

جيئي سنڌ، جيئي لطيف!

(تقرير "جشن لطيف" سنڌ يونيورسٽي، 25 نومبر 1993ع)

هورين هاڙهو لنگهيو

لطيف سائين عاشقن جي ساراهه ڪئي آهي، سونهن جي ساراهه ڪئي آهي. لطيف سائين سهڻيءَ جي، ميهار جي، سسئيءَ جي، پنهونءَ جي، مومل جي، راڻي جي، مارئيءَ جي، ان قسم جي ماڻهن جي ساراهه ڪئي آهي. لطيف سائين رڳو عارضي قسم جي ساراهه ڪرڻ وارو ماڻهو ڪونه هو، پر هو خود شناس هو. هو خود وڏو عاشق هو هو عاشقن جو به عاشق هو. هو عاشق هو سچائيءَ جو، بي باڪيءَ جو، جرئت جو، عظيم ۽ اعليٰ ۽ وڏن آدرشن جو. ننڍا آدرش نه، ننڍڙا مقصد نه، ننڍڙيون ڳالهيون نه!

سيوا ڪر سمنڊ جي، جت جر وهي ٿو جال،
سوين وهن سير ۾، ماڻڪ موتي لال،
جي ماسو ملئي مال، تہ پوڄارا پُر ٿئين.

ڪرسيون نه، خسيس ۽ ٽڪي پئسي جون نوڪريون نه، پئسا، ڏوڪڙ، اهي نه ڪپن.

روزا ۽ نمازون، ايئن پڙ چگو ڪم،
او ڪوبيوفهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي،

عظيم آدرش!

سمنڊ جي سيوين، تنين ماڻڪ ميڙيا،
چلر جي چوئين، تن سانکوٽيا ۽ ستيون.

عظيم مقصدن وارن کي ئي ماڻڪ ملندا.

لطيف عاشق هو اعليٰ آدرشن جو اعليٰ مقصدن جو ۽ انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ، جيڪي اڳتي وڌن ٿا، تن جو به عاشق هو. عاشق هو دردن جو، بهادرين جو، عزم جو، وڏن ارادن جو، محنت جو، جفاڪشيءَ جو، وڏا ميدان مارينڊن جو، وڏن فاصلن کي طئي ڪندڙن جو.

لطيف روايتي ڳالهين جو به ذڪر ڪيو آهي، پر لطيف گهٽو غير معمولي ڳالهين جو ذڪر ڪيو آهي. لطيف غير معمولي عاشق هو دلير ۽ بهادر ماڻهن کي چاهيندڙ هو.

ڪوهه نه جهارين جڪرو، جنهن ڏيهه ڏيا ڏيئي؟
جي لڏيا ٿي لينگهن پر، شالن پر سيئي،
سمي سيئي، طاماعو تار ڪيا.

لطيف اعليٰ آدرشن جي پويان هلڻ وارن ماڻهن جي تعريف ڪئي. هن سهڻي ميهار جا داستان ٻڌايا، تعريف ڪئي. معمولي کان معمولي گڻ جيڪي انسان ۾ هئا، سي ٻڌايا.

هنجن سين هيڪار جي ڳڻ ڪري نهارئين،
ٻگهن سين ٻيهار هوند ٻيلهه نه ٻڌين ڪڏهين.

لطيف جيڪي داستان بيان ڪيا آهن، تن ۾ سونهن آهي ۽ هر قسم جا رنگ آهن. عظيم شاعرن ۾ جيڪا خوبي آهن، سا هُن ۾ آهي.

ڪوڙين ڪايائون تنهنجون، لکن لک هزار،
جيءُ سپ ڪنهن جيءَ سين، درسن ڏارون ڏار،
پريم! تنهنجا پار ڪهڙا چئي ڪهڙا چوان.

هلو هلو ڪاڪ تڙين، جتي نينهن پچار،
ڪانهي ٻي تنوار سيڪا پسي پرينءَ کي.

حسن جو بيان سيني شاعرن ڪيو آهي. شيڪسپيئر ڪيو وارث شاهه ڪيو ۽ اردوءَ جي ٻين شاعرن به ڪيو آهي، پر لطيف سونهن جو جيڪو ذڪر ڪيو آهي، اهو بي مثال آهي. ان لاءِ اوهين عربي شاعري پڙهو، فارسي پڙهو اردو ۽ انگريزي شاعري پڙهو ۽ پوءِ لطيف کي به پڙهو فرق واضح ٿي ويندو.

هلو هلو ڪاڪ تڙين، جتي نينهن اچل،
نه ڪا جهل نه پل، سيڪا پسي پرينءَ کي.

***

هلو هلو ڪاڪ تڙين، جتي گهڙجي نينهن،
نه ڪا رات نه ڏينهن، سيڪا پسي پرينءَ کي.

***

آءُ لانگوٽيا لال، ڪنهن پر ڏٺئي گجريون؟
آب ارتو اکيين، لڙڪ وهائين لال،
ڏٺئي جي جمال، سامي! ڪُهه نه سلئين؟

***

گُجر کي گجميل جون، تارن ۾ تبرون،
هٽي حاڪمن کي، زور پريون زبرون،
ڪاڪ ڪنڊيءَ قبرون، پسو پرڏيهين جون.

***

مومل کي مجاز جا، اکين ۾ الماس،
نه ڪا عام نه خاص، جي ويا سي وڃيا.

***

مومل کي مجاز جا، اکين ۾ انبور،
هٽي حاڪمن کي، پٽ نهاري پور،
گهوٽ پهرين گهور، جي ويا سي وڃيا.

جهڙا گل گلاب جا، تهڙا مٽن ويس،
چوٽا تيل چنبيليا، ها ها هو هميش،
پسيو سونهن سيد چئي، نينهن اچن نيش،
لالن جي لبيس، آٽڻ اکر نه اُڇهي.

***

جهڙا پانن پن، تهڙيون سالون مٽن سائيون،
عطر ۽ عنبير سان، تازا ڪيائون تن،
مڙهيا گهڙو مشڪ سين، چوٽا ساڻ چندن،
سنهن رپي سون سين، سندا ڪامڻ ڪن،
ڪيائين لال لطيف چئي، وڏا ويس ورن،
منجهه مرڪيس من، سوڍي سين سگ ٽيو.

لطيف جو سونهن تي اختيار آهي، پر مقابلو جدوجهد سان آهي، همت سان آهي، جرئت سان آهي، قرباني سان آهي، سخاوت سان، بهادري سان آهي، پنهنجو پاڻ سان آهي، پنهنجو پاڻ کي بلندين تي پهچائڻ سان آهي.

وڃ وڻ وٽڪار جا، جت جائو جمر جر،
ڪوسا تپن ڪکرا، هي دم دم تپي ڏر،
ويچاري ڏي ور، پير نہ لهي پرين جو.

***

وڃ وڻ وٽڪار جا، جت نانگ سڃن نيلا،
اتي عبداللطيف چئي، ڪيا هيڪلين حيلا،
جت ڪڙم نہ قبيلا، اُت رسج رهبر راهہ ۾.

***

آئون ڪ نہ ڄاڻان اِيءُ، تہ جر گهڙيي جوکو ٿئي،
قضا جا ڪريم جي تنهن کان ڪنڌ ڪيبو ڪيئن؟
هڪ لکيئي، هيو نينهن، آٽي اوليس اول ۾.

***

هڏان تہ هن، اولجان تہ ان پار ڏي،
ڪنڌيءَ اڇيو سپرين، مان هر! هر! ڪن،
مُيائي سين تن، جيڪر اڻي نڪران!

***

دهشت دم درياهہ ۾، جت جايون جانارن،
نڪو سنڌو سير جو، مپ نہ ملاحن،
درندا درياهہ ۾، واڪا ڪيو ورن،
سڃا ٻيڙا ٻار ۾، هليا هيڻ وڃن،
پرزو پيدا نہ ٿئي، تختو منجهان تن،
ڪو جو قهر ڪنن ۾، ويا ڪين ورن،
اتي اڻ تارن، ساهڙ سير لنگهاءِ تون.

لطيف سائين لاثاني قوتون ڏنيون آهن، جيڪي هر دور ۾، جڏهن انسان ڳالهائي نہ سگهي، اظهار نہ ڪري سگهي، ذهن ڪم نہ ڪري، اتي

لطيف جي شعر ۾ لطيف شناسيءَ وارا انسان ئي انسان ذات جي ترجماني ڪن ٿا.

انهن سيني حالتن ۾ ڇا ٿيڻ ڪپي؟ جرئت، محنت، طاقت ۽ پنهنجي اصلاح ٿيڻ ڪپي.

ڪنهن کان پڇيائون تہ: "ڪامياب ٿيڻ لاءِ ڇا ڪپي؟" هن چيو "جرئت!" پڇيائون، "ٻيو ڇا ڪپي؟" چيائين، "وڌيڪ جرئت!" پڇيائون، "ايڇا ٻيو ڇا ڪپي؟" چيائين، "هميشہ هميشہ جرئت!"

ڳڙ ڳڙ ڪُن! مَ وڃ، ٻانڊي ٻوڙ مَ ٻار ۾،
مون تي جا ميهار جي، سا ڪيئن ڏٺان ڏڄ؟
توءِ گهڙيندس اڄ، جي ابتا آر ڪرين.

جرئت ۽ صرف جرئت ڪپي.

ڏونگر ڏکوئين کي، تپي ڪندين ڪوهہ؟
تون جي ڦهڻ ٻپ جو تہ لڳ ٻہ منهنجا لوهہ،
جنهن چوريءَ ۾ چوهہ، سا پٽون ٿيندي پير تي.

جرئت، جرئت ۽ وري جرئت! جرئت جسماني ٻہ جرئت شعور جي، جرئت سمجهہ جي، هر حالت ۾ جرئت ڪپي. انسان جي شعور جي جرئت، فقط هٿ جي جرئت نہ پيرن جي جرئت نہ رڳو جسم جي نہ شعور جي اها جرئت هجي، جو ڪوئي ماڻهو تصور ٻہ نہ ڪري سگهي. هي جيڪي وڏا سائنسدان هئا ۽ آهن، تن جرئت ڪئي، اڻ ٿيٽي ڳالهہ کي ممڪن ڪري ڏيکاريائون. ڪو چوي تہ هيءَ ڳالهہ ناممڪن آهي، تہ سائنس ان ڳالهہ کي مڃي يا تسليم ڪري ڪونہ ونندي، چاکاڻ تہ سائنس نالو آهي، اڻ ٿيٽين شين کي ممڪن بنائڻ جو. اڻ ٿيٽيون ڳالهيون، جيڪي هڪ دور ۾ ناممڪن هيون، جيڪڏهن ذهن بيدار آهي، ذهن وسيع آهي، ذهن ۾ فولادي طاقت آهي.

جيئن دنيا جا سمنڊ گڏ آهن، جيئن هوائون گڏ آهن، جيئن روشني گڏ آهي، تيئن هن ڌرتيءَ تي، سمجهہ، ڄاڻ، شعور ۽ عقل جي روشني، انهن سيني جي هڪڙي وڏي گرڊ اسٽيشن آهي، جيڪا ستن صدين تائين پکڙيل آهي. اهي سڀ شيون لنڪ آهن. ارسطو پري ڪونهي، اهو هتي آهي. مدبر سائنسون، مدبر علم، مدبر شعر، مدبر شاعري هڪڙو سلسلو

آهن. انهن سيني جي روشنيءَ کان، جيڪي قومون ڪنجي ويون آهن/ ڪنجي وڃن ٿيون، انهن جو نالو نشان باقي نٿو رهي.

مارڪس چيو آهي ته، "اپرندڙ ۽ اُسرندڙ قومون ذهني فتحون حاصل ڪنديون آهن، جسماني فتحون نه" پهرين عظيم ذهني فتحون ماڻجن، عظيم ذهن پيدا ڪجن، لطيف جي سرزمين جو ذهني فتحن جي گرد استيشن کان ڪنيڪشن ڪٽيل آهي، پهرين اهو بحال ٿيڻ کپي.

سنڌ ۾ بي علمي جي تبليغ پئي ٿئي. سائنس ۽ ٽيڪنالاجي مخالف تبليغ پئي ٿئي. سنڌ ۾ ڇڳا خاصا پڙهيا لکيا به تعليم جي خلاف، علم جي خلاف، سائنس جي خلاف، ٽيڪنالاجيءَ جي خلاف، سڄو قصو ابتو لڳو پيو آهي. لطيف جي اڳواڻيءَ هيٺ سمجهه ۽ شعور جون نيون روشنايون حاصل ڪري، عظيم ذهن ۽ دماغ پيدا ڪجن. لطيف تي اڄا وڌيڪ ريسرچ ٿيڻ کپي. حافظ رومي، خيام، بو علي سينا، ارسطو لطيف، اهي سڀ پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن. اهي سڀ وهڪرا آهن. لطيف جو روح آهي ته ڪنهن به هڪ جاءِ تي نه بيهڻ. لطيف کي غور سان پڙهو. لطيف جي Spirt کي سمجهو. لطيف جو جيڪو Spirt آهي، تجسس، ڳولا، هلڻ، لطيف جو هڪڙو شعر آهي، جنهن مان اسپرٽ جي خبر پوي ٿي ته:

جيئن سو هرڻ هماءُ، سرگردان سنسار ۾،
هو پير نه کوڙي پٽئين، هُو ڏڙ سر ڏري نه ساهه.
جيڪس تن مُلاءِ، سسئيءَ سور پرائيا.

توهان لطيف جي شاعري پڙهندؤ ته خبر پوندي ته هن جو Spirt هلڻ آهي، متحرڪ هجڻ، ائڪشن (Action) ۾ هجڻ.

ويون پپ پئي، ڪيرون ڪاهوڙين جون،
آءٌ تن ڏوٽين جو، پچان پير پهي،
رجن رات رهي، ڏونگر جنين ڏوريا.

***

ڪاهوڙين ڪٽي، ساجهر ٻڏا سندرا،
ڏوريندي ۾ ڏونگرين، ڪيائون پاڻ پٽي،
ڏکن ڏيل هٽي، ڇيهه لڏائون ڇپرين.

جبلن کي وڃي ڳولي لهن. سرگردان ٿيڻ، متحرڪ هجڻ، هلڻ، تبديل ٿيڻ ۽ غلام نه هجڻ، قيد نه هجڻ، ملڪيتن جو قيدي نه هجڻ.

هورين هاڙهو لنگهيو ٿيءُ جريدي جوءِ،
هوند جنين سين هوءِ، هوت نه هوندو تن سين.

جن وٽ مال ملڪيت نه هو سي هيون هوريون، سي وڃي لنگهيون ٻئي پار. جن وٽ مال ملڪيت گهڻو هو بنگلا، ماڙيون، دولت هئي، سي هيون ڳوريون، تنهن جي ڪري بار ڪٽي ڪونه سگهيون، سي ڳوٺ ۾ ئي رهجي ويون.

هورين هاڙهو لنگهيو ڳوريون پاسي ڳوٺ،
ڪيچ تنين کي ڪوٺ، "ڪين" جنين جي ڪچ ۾.

هورو ٿجي، هلڪو ٿجي ته جيئن آسانيءَ سان لنگهي وڃجي. ملڪيت جو پوڃاري نه هجڻ، خوفزده نه هجڻ، پاڻ کي تبديل ڪرڻ، سگهارين قوتن سان مقابلو ڪرڻ، رٽا ڪرڻ، سوچڻ.

ستا اٿي جاڳ، ننڊ نه ڪجي ايتري!
تون ستو پيو آهين، پراٽيون ڪهاڻيون ۽ قصا ڪٽيو ويٺو آهين.
سلطاني سهاڳ، ننڊون ڪندي نه ملي.

غرق ٿي ويون قومون! ڪٿي آهن سميري؟ ڪٿي آهن بابلي؟ ڪٿي آهي سنڌ جي تهذيب؟ ڪٿي آهن رومي؟ رومي جيڪي ڳالهائيندا هئا ته زمين لڏندي هئي.

"روم ڳالهايو ۽ معاملو ختم ٿي ويو!"

ڇو ته روم ڳالهائيندو هو ته پوءِ معاملو ختم ٿي ويندو هو. معاملو رهندو ئي ڪونه هو. ڳالهه ختم ٿي ويئي. جوليس سيزر چيو آهي: "آئون انگلينڊ ۾ آيس، مون ڏٺو، مون فتح ڪيو." رومي به ايئن هئا. آيا، ڏٺائون ۽ فتح ڪيائون. Finish. روم پهتو معاملو ختم ٿي ويو. اهڙيون قومون ڪيڏانهن ويون؟ فردوسيءَ چيو آهي ته، "سانڍي جو گوشت کائي، اُنين جو کير پي، عربن جو دماغ ايڏو خراب ٿي ويو آهي، جو ايران جي تخت گاهن تي حملا ڪريو ان کي حاصل ٿا ڪن! اي آسمان، ٽُڪ اٿئي! اي آسمان! ٽُڪ اٿئي!"

زمانو تہ متحرڪ آهي، زمانو تہ بي چين آهي. هيءَ دنيا تہ هميشہ ڪان بي قرار آهي. پاڻ آهيون جو سڄي دنيا ڪان ڪٽيا پيا آهيون ۽ پاڻ کي اڪيلو ڪريو ويٺا آهيون، اڻ ڄاڻ ٿيو ويٺا آهيون.

ڪا خبر آهي ڪونہ، ۽ نہ ئي خبر رکڻ ۾ دلچسپي آهي. خيام چيو آهي:

"اي عراق! هن سڄي جهان ۾ ڪو سڪ جو ساهہ ڪٽڻ جي جاءِ هجي ها!

اي عراق! هن ڏکهي ۽ ختم نہ ٿيندڙ سفر جي ڪا آخري منزل هجي ها!

اي عراق! هينئر ٿهيو پر سئو صدين کان پوءِ بہ ڪا خوشي، گاهہ وانگر ڏرتيءَ مان پاڻهي نڪري ها تہ پوءِ دنيا کي ڪا اميد ٿيندي تہ انسان پنهنجي منزل کي رسي سگهي ٿو."

خيام چوي ٿو: "هن ڏرتيءَ جي مٿان، جيئن الله سائين کي وس آهي، تيئن جو منهنجو وس پڄي ها تہ آئون هن کي ڪٽي، هيئن جو زمين تي هٽانس ها تہ پرزا پرزا ٿي پوي ها ۽ جيئن الله سائين هڪڙو جهان ناهيو آهي، تنهن جي بدران آئون هڪڙو نئون جهان ناهيان ها، جتي ڪوبہ آزاد فڪر آدمي، پنهنجي آرزوئن ۽ تمنائن ۾ ناڪام نہ ٿئي ها ۽ آسانيءَ سان حاصل ڪري سگهي ها."

اسين هن جڳ جي سمورن مدبرن کي گڏ ڪري ڪو نئون جهان ناهيون. بيماري ماڻهن جي سوچن ۾ آهي، بيماري ماڻهن جي لياقتن ۾ آهي، سمجهہ ۾ آهي، جن کي تبديل ڪرڻو آهي. هي جديد زمانو آهي، هر شيءِ ۾ سائنٽيفڪ طريقا آهن، هر شيءِ سائنس آهي. هر شيءِ کي علم آهي. هر شيءِ جا قانون آهن.

ماريا ويج مياس، سُڌ نہ لهين سور جي،
پريان کي چونڊياس، تہ ترس طبيبن ڇڏيو.

***

انڌا! اونڌا ويج! ڪل ڪجاڙيا ڪائين؟
اسان ڏکي ڏيل ۾، تون پيارئين پيج!
سوري جنين سيج، مرڻ تن مشاهدو.

ڊاڪٽريءَ جو فرق آهي. هيءَ بيماري آهي، جنهن جو مشاهدو ڪرڻو آهي، تجربا ڪرڻا آهن.

عرب چوندا آهن: "اڳوٽي تجربي مان جيڪا بهترين شيءِ هجي، سا ڪٽو جيڪا ڪوڙي آهي، سا ڏني ڪريو."

هي سائنس جو دور آهي، تجربن مان سکڻو آهي ۽ بيماريءَ کي جڙ مان ختم ڪرڻو آهي، جيئن وري نه ڦٽي.

لطيف جو شعر مون کي وڻندو آهي ته:

نئين سج نئون، مون کي ورهه ويڙهيچن جو.

حافظ جو شعر آهي:

"خدا ڪري تنهنجو غسل روزانو تازو هجي ۽ تنهنجو
عشق به خدا ڪري نئون هجي."

جيڪا دنيا جي World Intellectual Phenomenon آهي، جنهن ۾ ماڻهوءَ جي جيڪا ٽيسٽ ڪئي وڃي ٿي ته ڏهني خوراڪ، ڏهني خوشي، ڏهني فرق، تنهن ڪري لطيف کي پڙهو ته توهان کي ڏهني خوشي ملي، ڏهني خوراڪ ملي، ته جيئن نوان ڏهن، نوان دماغ جنم وٺن.

لطيف وڏو ماهر آهي. "اڪ التي ڏار" اها سائنس آهي.

اڪ التي ڏار ونءُ التو عام سين،
جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهه اوپار،
منجهان نوچ نهار پر پنيرو پرينءَ ڏي

لطيف کي سمجهڻ لاءِ، لطيف جي شاعري پڙهڻ سان گڏ، اسان کي دنيا جي ٻين شاعرن کي به پڙهڻو پوندو تڏهن اسان صحيح معنيٰ ۾ لطيف کي سمجهي سگهنداسين.

سنڌ جي تاريخ ۾، جيڪڏهن ڪو وڏي ۾ وڏو سورمو (منهنجي نظر ۾) پيدا ٿيو آهي ته اهو لطيف آهي ۽ اهو واحد آهي.

لطيف تي جيڪو مون ڳالهايو آهي، اها ٿورڙي ڳالهه آهي. لطيف کي پاڻ پڙهو لطيف تي ريسرچ ڪريو پنهنجي قابل احترام استاد کان لطيف تي ليڪچر وٺو. ٽيسز ۽ مقالا لکو ۽ سيني کي پڙهي ٻڌايو.

اچو تہ گڏ ٿيون، سنڌ ۾ وري علم جا سرچشما ٻڌجون، تعليمي ادارن ۾ تعليمي ماحول جوڙيون، ڪتابن کي پنهنجو دوست ٻڌايون، علم سان محبت ڪريون، سچ چوڻ جي پاڻ ۾ جرئت پيدا ڪريون. "هڪڙو ماڻهو لک ٿئي ٿو جي هو سچ چوي ٿو." ثابت قدم رهون، بيهي رهون. آخري شعر ۾ لطيف جو ئي آهي تہ:

اڏر نڏر ايري، غمن گماڻي،
سا ڪيئن ويهي ويسري، جا گهائي گهماڻي،
پيئي پيش پنهونءَ جي، اُسن ۾ آڻي،
جا لڪن لوساڻي، سا سيج چڙهندي سسئي.

جيئي سنڌ، جيئي لطيف!

(12 فيبروري 1991ع تي "جشن لطيف" لياقت ميڊيڪل ڪاليج جام شوري ۾ ڪيل تقرير)

اڪ اُلٽي ڌار

لطيف تي گفتگو ڪرڻ خوشنصيبي ۾ آهي ۽ اڄوڪي دؤر ۾ انتهائي ذڪيو ڪم ۾ آهي. اڄ سنڌ جي صورتحال اوهان جي سامهون آهي.

حقيقت هن حال جي، جي ظاهر ڪريان ڏري،
لڳي ماڻ مِرُوئن کي، ڏونگر پون ڏري،
وڃن وڻ هري، اوير اُيري ڪينڪي.

اڄ اسين پنهنجي تاريخ جي بدترين ڪنڊيءَ تي پهتا آهيون. اڄ اسان کي ڪا خبر نه آهي ته اسان ڪيڏانهن پيا وڃون. آهستي آهستي، بنا رفتار جي اسين جڙ ته تاريخي طرح گمناميءَ جي ڪُن جي طرف گهلبا ٿا وڃون. لطيف جي هوندي، لطيف جي تعليم جي هوندي، لطيف جي موجودگيءَ جي هوندي، اسان سان هيءُ حال ٿئي، تنهن ۾ اسين ڇا ٿا چئي سگهون.

وڏا وڻ وٽڪار جا، جت جائو جمر، جر،
ڪوسا تپن ڪکرا، هي دم دم تپي ڏر،
ويچاري ڏي ور، پير نه لهي پرينءَ جو.

دهشتگردي واڳونءَ جيڏو وات ڦاڙي آهستي آهستي اسان کي ڳڙڪائيندي ٿي وڃي. اسان وٽ رڳو بيان آهي، اسان جيڪو به علاج ڪريون ٿا، اهو نه ٿو لڳي، جيڪا ڪوشش ڪريون ٿا، اها رائيگان آهي. ٻڌي جون ڳالهيون ڪريون ٿا ته منتشر ٿي وڃون ٿا. سڀ ماڻهو سنڌ جي ڳالهه ڪن ٿا، ڪوبه ماڻهو هي ڳالهه نه ٿو ڪري، هر ڪو چئي ٿو "ٻڌي، ٻڌي، اتحاد، سڀ سنڌي ياٿر." لفظ ساڳيا، ڳالهيون ساڳيون، بيان ساڳيا، اکين ۾ ڳوڙها، زبان تي پڪارون، آهون، دانهون، سور، ڏڪا، لاش، ماتم پر چوڏو چوڏو ڪنهن نه اوڏو! جڙ هن قوم کي ڪو نانگ سُنگهي ويو هجي. تاريخ جي ڪا بددعا آهي، جو سنڌ جا ماڻهو ان سموري ڪمال جي باوجود، سموري روشن ۽ چمڪندڙ ماضيءَ جي باوجود، دودن ۽ دريا خانن، هيموئن ۽

هوشوئن جي داستانن جي باوجود هڪ نہ ٿا ٿي سگھن. پنھنجو پاڻ بچائي نہ ٿا سگھن. پنھنجو وجود. پنھنجي ڏرتي بچائي نہ ٿا سگھن. جنھن لطيف پيدا ڪيو جنھن دودا ۽ دريا خان پيدا ڪيا. اسان ان کي بچائي نہ ٿا سگھون. اسان جي اکين اڳيان. اسان کان اسان جي ڏرتي کسي پئي ويجي ۽ اسين جيڪي بہ ڪريون ٿا. جي سون کي هٿ وجھون ٿا تہ اھو ڏوڙ ٿي ويجي ٿو. جيڪڏھن اسين ڪنھن بھترين منصوبي کي ونون ٿا. ڪنھن بھتر ڪم ۾ هٿ وجھون ٿا. ڪنھن ماڻھوءَ ۾ هٿ وجھون ٿا. اھو ناڪام ٿي ويجي ٿو. اڄ اسان کي لطيف جي پيغام کي سمجھڻ جي ضرورت آھي. ان کان حوصلو ونڻ جي ضرورت آھي. اوتري تاريخ ۾ اڳ اسان کي ضرورت ڪانہ هئي. جيتري اڄ آھي. حوصلي جو سرچشمو سندڙ ۾ لطيف کان وڌ ٻيو ڪوبہ ڪونہ آھي. هر حالت ۾ هر شيءِ جي باوجود هو چئي ٿو:

جانَ جانَ هئي جيئري. ورچي نہ ويئي.
ويجي ٻوُن ٻيئي. سڪندي کي سڃٽين.

آئون ڪِے نہ جاڻا اِيءَ؟

ماڻھو کي خبر هجي تہ هيءَ نتيجو نڪرندو ماڻھو کي خبر هجي تہ اھو لاحاصل آھي. ناممڪن آھي. ان جي باوجود تاريخ ۾ پنھنجو قومي فرض سرانجام ڏيڻ. لطيف جي پيغام مان اولين پيغام آھي. سھڻي چئي ٿي:

"آئون ڪيہ نہ جاڻا اِيءَ"

چري تہ ڪانہ آھيان.

مون اڳي هڪ مضمون لکيو هو جنھن ۾ هن سجيءَ ڳالھہ جي پيشنگوئي ڪئي هئم. جيڪا ھاڻي ٿئي پئي. اڄ هر ڪنھن کي پنھنجو قومي فرض سرانجام ڏيڻو آھي. هر شيءِ جي باوجود پنھنجو فرض ادا ڪرڻ گھرجي. هر ڳالھہ جي باوجود. شڪست ۽ فتح جي تصور کان بالاتر رهي فرض ادا ڪرڻ گھرجي. اسان جو رهنما ۽ رهبر لطيف چئي ٿو تہ هر دؤر ۾ پنھنجو فرض ادا ڪريو. پنھنجي ضمير جي سامھون. تاريخ جي سامھون. ماضيءَ جي سامھون. پنھنجي وڏن جي سامھون ۽ تنھائيءَ ۾ بہ ماڻھو چئي سگھي تہ مون پنھنجو فرض ادا ڪيو آھي. ان کان وڌيڪ زندگيءَ جو ٻيو ڪو اھم ڪم نہ آھي.

لطيف چئي ٿو:

آئون ڪِ نہ ڄاڻا اِيءَ، تہ جَرَ گھڙئي جوکو ٿئي،
قضا جا ڪريم جي، تنھن کان ڪنڌ ڪيبو ڪيئن؟
ھڪ لکئي ٻيو نينھن، آڻي اولِيس اول ۾.

رڳو لکيو نہ ھو رڳو تقدير نہ ھئي، پر منھنجي خواھش ھئي، منھنجو نينھن ھو منھنجو شوق ھو منھنجي پنھنجي مرضي ھئي، جو مان ھنن لھرن ۾ ٽپي پئي آھيان. تنھن ڪري ھر ڳالھ جي باوجود، ھر مشڪل جي باوجود ۽ جاڻي، سمجھي پوءِ بہ پنھنجو فرض ادا ڪرڻ لطيف جي آئين ۾ انسان لاءِ بلند ترين رتبو رکي ٿو. لطيف سائين ست رنگي ۽ گوناگون جذبن جو شاعر آھي.

جھڙا گل گلاب جا، تھڙا مٽن ويس،
چوٽا، تيل چنبيليا، ھا! ھا! ھو ھميش،
پسيو سونھن سيد چئي، نينھن اچن نيش،
لالڻ جي لبيس، آٽڻ اکر نہ اُجھي.

محبت ۽ نفرت جو انتظار جي ڪيفيتن جو انساني ڳلبن جي وارداتن جو اظھار:

ڳورا ٻئي پار ھينئون حيرت ۾ پيو
ويھان تہ ويرم ٽئي، نينھن ۾ پوءِ نھار،
وڃان تہ واکو ٽئي، پاڙي پوءِ پچار
ھُتِ ٽي واعدي وار ھِتِ سوٽو ڏينم سرتيون.

ماڻھو ڪيڏو بہ بي حس ھجي، سُسست ھجي، چٽ ھجي، جيڪو موڪلائي ويندو آھي ۽ جيڪو ڇُرڻ کان لاچار ھوندو آھي، ان کي چيو ويندو آھي تہ تون سچو سنڌي آھين. ھڪ سچو سنڌي ھجي، آسپاس سخت گرمي ۽ ولولو ھجي تہ ردي ۽ کان ردي ۽ بيڪار کان بيڪار ماڻھوءَ کي ويھڻ نامناسب لڳي. لطيف ان ڪيفيت کي چئي ٿو:

چوڌاري چڙا، ٻُرن ٻيلاين جا،
ستي سنيارن جو پيم ڪن پڙاءِ،
ويھڻ مون نہ وڙاءِ، سڻيو جھاڻءِ جھجي ھينئون.

لطيف همتن ۾ قربانين جو شاعر آهي:

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، چيلهه ٻڌي چوتو
منهنجو من ميهار کي، پار وڃي پهتو
گوتي ۾ گوتو مون کي محب ميهار جو.

جيڪڏهن ماڻهو طلب ۾ جستجوءَ ۾ ڪامياب نه ٿئي ۽ مري به وڃي ته پوءِ لطيف جي نظر ۾ ان موت مان به ڇڻي سگهجي ٿو.

ٻڏان ته ہن، اولجان ته اُن پار ڏي،
ڪنڌيءَ اچيو سپرين، مانَ "ہَرا! ہَرا!" ڪن.

۽ پوءِ ڪنڌيءَ تي بيٺل ميهار هجي، سهڻي درياهه ۾ هجي، ترندي وڃي، ٻُڏي وڃي، ان جو لاش ٻُڏندو وڃي، پر ميهار سمجهي ته سهڻي جيئري آهي ۽ درياهه مان نڪري نه ٿي، پوءِ ميهار ڇڻي، سهڻي دير ڇو ٿي ڪري، نڪري نٿي.

ٻڏان ته ہن، اولجان ته اُن پار ڏي،
ڪنڌيءَ اُيا سپرين، مانَ "ہَرا! ہَرا!" ڪن،
ميائي سين تن، جيڪر اُٿي نڪران.

لطيف عظمتن جو شاعر، محبت جو شاعر، زندگيءَ جي ڪشمڪشن، زندگيءَ جي ويڑهين، ٽڪرن، مقابلن جو شاعر آهي ۽ ان لاءِ گهربل اخلاقي ۽ انساني قدرن ۽ سياسي نظامن جو شاعر آهي.

ڪي ماڻهو زندگيءَ ۾ اچن ٿا، رهڻو گلائون، رهڻو مخالفتون، نه پئسو نه پائي، اڪيلا آيا، ٻُڪيا اگهاڙا آيا، ٻڪيا اگهاڙا ويا هليا. منهنجو هڪڙو مائٽ آهي، جيڪو ڳوٺ ۾ چوندو آهي ته رسول بخش پڙهيو تمام گهڻو پر "ڪاميات" (ڪامياب) ته ڪونه ٿو ٿئي. مان جڏهن ڳوٺ ويندو آهيان ته هو طعنو هڻندو آهي: "جيڪو پڙهين، ان مان فائدو ته نه ورتئي، ڪاميات ته نه ٿئين." هن وٽ ڪاميابيءَ جو مطلب آهي وزير ٿيڻ، بنگلا ونڊ، گاڏيون ونڊ وغيره ماڻهو چون ٿا ته قوم وڪٽي به ڪامياب ٿجي، ملڪ تباهه ڪري به ڪامياب ٿجي ۽ سڀ ٽپڙ وڪٽي به ڪامياب ٿيڻ ضروري آهي. ان لاءِ لطيف چئي ٿو ته، اها غلط ڳالهه آهي. اها ڳالهه ڪامياب نه آهي.

ڪچي ڪاچوٽي، نانگن ٻڏي نينهن جي،
جهڙا آيا جڳ ۾ تهڙا ويا موتي،
تنين جي چوٽي، پورب ٽيندي پڏري.

انهن جون زندگيون رائيگان نه ويندیون. جڏهن پورب ۾ سج اُپرندو اونداهيون لهنديون، روشنيون ٽيندیون، ماڻهن جون اکيون کُلنديون، تڏهن خبر پوندي ته دنيا ۾ اهڙا به مڙس آيا هئا، جيڪي جهڙا آيا تهڙا ويا. انهن جون روشنيون سدائين جڳمڳ جڳمڳ جرڪنديون رهنديون ڪا به ڪاميابي ڪونه ڏسبي، ڪابه وزارت ڪونه ڏسبي، ان وقت وزارتون ڪونه نظر ايندیون، پر انهن جي روشنائي جرڪندي رهندي سنڌ جا وڏيرا ملڪيت جي پٽيان ڇتا ٿي پيا آهن، جيئن ڪا ڳجهه هجي ۽ ڏوندڙ جي مٿان ڪري پئي، تيئن هي به ڇتا ٿي پيا آهن. لطيف چئي ٿو:

نڪي ڪٽن پاڻ سين، نه ڪي ساڻن پاڻ.
نه رڳو پاڻ سان سامان نه ڪٽن، پر پاڻ سان گڏ پنهنجو وجود به نه ڪٽن.
نه ڪي ڪٽن پاڻ سين، نه ڪي ساڻن پاڻ،
اهڙا جن اهجاڻ، آئون نه جيئندي اُن ري.

نمائش، شوبازي، استيج بازي، ڏيکاءَ، ڪوڙَ مڪر ڪي نندي ٿو:

وڇينءَ ويناهون، سانجهيءَ رهن سُمهي،
مهيسي منهن پنهنجو ڏارا ڏُوڙَ نه ڏون،
ڪنهن ڪي ايئن نه ڇُون ته ڪي آديسي آهيون.

آهن آديسي، پر چوَن ڪنهن ڪي به ڪونه ٿا ته اسين آديسي آهيون.

ڦڪي فقيرن، موران پني ماڻ جي.

جتي اونداهي هجي، خاموشي هجي، سناٽو هجي، اتي ڇا ڪجي؟ لطيف چئي ٿو ته ڪهڙي به جڳهه هجي، ڪهڙو به سناٽو هجي، پلي سڄي چر پر بند هجي، هبس هجي، هوا بند هجي، اتي لطيف جا جيڪي آدرش آهن، اتي لطيف جا جيڪي جوڳي آهن، اهي هر حالت ۾ ڪمزور ترين قوتن سان زندگيءَ جي آڳ ڪي پڙڪائين ٿا:

ٽئين ڏينهن ٽمڪائين، دونهيون، دائرن ۾،
ميڙي ڪڍج ڪائيون، جوڳي جلائين.

جوڳي ننڍڙيون، سنهڙيون ڪائيون چونڊي، ان مان باهه ٻارين ٿا، هو ٻُنڊ ڪونه ٿا ٻارين، ٻُنڊ ٻارين ته پوءِ ڪهڙو ڪمال ٿيو هو وڏا ڪامل آهن:

ٽئين ڏينهن ٽمڪائين، دونهيون دائرن ۾،
ميڙي ڪڍج ڪائيون، جوڳي جلائين.
سنديون ڪامڙ خبرون، آديسين آهين،
ڳُجهه نه ڳالهائين، لڪا پُٽن لوڪ ۾.

❊❊

ڏوري ڏوري ڏيهه، ماءِ ڪاهوڙي آئيا،
مَين پيرين ڪيهه، ڪُهه جاڻا ڪنهن پار جي.

❊❊

جت نه پڪيءَ پير، تت ٽمڪي باهڙي،
ٻيو ٻاريندو ڪير؟ ڪاهوڙڪيءَ ڪير ريءَ.

جتي شيون ملڻ ناممڪن آهن، ڪجهه به نه هجي، جتي روشني نه هجي، لطيف جا ڪاهوڙي اتي باهه ٻارين ٿا. جتي ناممڪن آهي، جتي اهو معلوم ئي نه آهي ته ڇا ڪجي؟ لطيف اتي به وڙهڻ جو درس ڏئي ٿو. جتي ڪو به آسرو نه هجي، ڪنهن به قسم جي اميد جي روشنيءَ جو ترورو نه هجي، اتي به وڙهڻ، اتي به جمي ٻيهڻ اتي به ثابت قدم رهڻ ۽ پنهنجي وطن ۽ پنهنجي قوم لاءِ هر وقت جاکوڙيندو رهڻ. لطيف جي اها سکيا اڄ اسان جي ڪم اچي ٿي.

عمر! تو مل عيد، سا اسان سوءِ ورتي، سومرا،
ويئي ويچارن وِسري، خوشي ۽ خريد،
سڪڙ ڪيا شهيد، مارو جي مليرِ جا.

اڄ ڪجهه اسان جا دوست بنگلن ۾ ويٺا آهن، ايڇا ڪپڙا ڪارون، موٽرون، انهن تي چڙهيل سرڪاري جهنڊا، چور دروازن کان وڃي ايوانن ۾ ويٺا آهن، لطيف چئي ٿو، اها شيءِ نه گهرجي.

آئون ڪيئن سُوڙين سُمهان؟ مون ور گهاري ولهه!

منهنجا عزيز منهنجا قريب، منهنجا مائٽ ولهه ۾ ستڻ ۽ آئون سوڙين ۾ سمهان، محلن ۾ رهان، هوائي جهازن ۾ اڏامان، ايئن ڪيئن ٽيندو؟

آئون ڪيئن سوڙين سُمهان، مون ور گهاري ولهه،
ڪٽيريءَ تان ڪل، عمر ڪج مَ اهڙيءَ!

*

ڪراين ڪروڙ جا، چوڙا ڪوڙا جن،
سو مرڪ ماروئڙن، جيان لوڪ لڄ ٽئي.

ماروئڙن کي ڪروڙن جا چوڙا پيا آهن، اهي ڪوڙا آهن، تنهن ڪري اهي ڪوڙا چوڙا هن جي نظر ۾ ڪروڙين رپين جا آهن.

اسان تتان آيون، جتي کهنبو ناهِ،
ويون جي وهان، تہ پڙ مٽن لوئيون.

عزت، آزادي ۽ شان واري غربت کي لطيف هزارها دفعا وڌيڪ ان دولت جي مٿان فوقيت ڏني آهي، جيڪا پنهنجي وطن کي، پنهنجي قوم کي، پنهنجيءَ آبروءَ کي وڪڻي حاصل ڪجي.

عمر اڄ گڏيام، ڏوڻي اُنهين ڏيهه جا،
پارايا پرين جا، اُيي ان چيام،
لهي لوهه پيام، لُطف ساڻ لطيف چئي.

محبوبن جا، دوستن جا، ساٿين جا، پنهنجي عوام جا، پلي ماڻهو زنجيرن ۾ هجن، تہ به ماڻهو ايئن محسوس ڪري تہ منهنجا زنجير لهي ويا، لطيف جو سڄو نظام Superiority of Quality on Quantity تي آهي. شيون گهڻيون نہ هجن، انهن جي اپيئرنس (ڏيکاءُ) نہ هجي، هن شين جي گهڻائي تي نہ، پر انهن جي لياقت کي اهميت ڏني آهي.

سيوا ڪر سموند جي، جت جر وهي ٿو جال،
سوين وهن سير ۾، ماڻڪ موتي لال،
جي ماسو ملئي مال، تہ پوڄارا پر ٽِئين.

***

سموند جي سيوين، تنين ماڻڪ ميڑيا.

(سيوين معني سيوا ڪرڻ)

جيڪي عظيم مقصد ڌارين ٿا، تن کي موتي ملن ٿا. مقصد زندگيءَ جا ڪهڙا هئڻ گهرجن، ننڍا، خسيس، سترهين گريڊ جي نوڪري، ڇهين پئسين جي وزيري، ٽڪي پيسي واري وزارت عظميٰ واري ڪرسي، جنهن ڪيترن ئي ميندرن جهڙن ماڻهن کي هوڙي غرق ڪري ڇڏيو آهي. لطيف انهن کي عيب سمجهي ٿو. اها ڪرسي ناتر واري ڪرسي آهي، جنهن ڪيترائي ماڻهو غرق ڪري ڇڏيا، ڪيئي ڪلندا ڪلندا آيا، پر ويا تہ شرم کان ڪنڌ هيٺ، اکين ۾ ڳوڙها ڳاڙي ڪيئن لطيف سائين چئي ٿو زندگيءَ جا مقصد عظيم کان عظيم تر رکو. زندگيءَ جو فقط هڪڙو لمحو بہ جيئجي تہ شان سان جيئجي، مقصد عظيم رکجن، پوءِ اهي حاصل تڏهن ٿيندا، جڏهن اهي عظيم کان عظيم هوندا.

سموند جي سيوين، تنين ماٽڪ ميڙيا،
چلر جي چوئين.....

چلر معنيٰ پاڻيءَ جا ننڍڙا ڏُها، تن مان سانگوتا ۽ سپون ملنديون، جيڪي پاڻيءَ جون سپون ٿينديون آهن، اهي ملنديون پر موتي نہ ملندا.

سموند جي سيوين، تنين ماٽڪ ميڙيا،
چلر جي چوئين، تن سانگوتا ۽ سپيون.

عظيم مقصدن لاءِ پنهنجو پاڻ کي اربي ڇڏڻ، حاصلات گهٽي نہ ٿورڙي ذرڙي ۾ ۽ ماڻهو اوچو هجي، اوچي کان اوچو هجي، هنجن وانگر.

ماڻهو سيڀ نہ سهڙا، پکي سيڀ نہ هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهہ اچي بوءِ بهار جي.

تسبيون پڙهن پيا، نمازون پڙهن پيا، نرڙ تي نشان اٿن، ڪلما پڙهن پيا، پر چون ٿا تہ هنن کي ماريو هن قوم کي نيست ۽ نابود ڪيو ڪلمي جي هوڪر لڳي پئي اٿن، سونهاريون مبارڪ وڌيون اٿن، پر هن قوم کي قتل ڪرڻ جي فتوائن ۾ لڳا پيا آهن.

سهڙو لطيف چئي ٿو.

ان پر نہ ايمان، جي ڪلمي گو ڪوٺائيين،
دغا تنهنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان،
منهن ۾ مسلمان، اندر آذر آهين.

حج، زڪواتون سڀ سڀا عمل آهن، لطيف چئي ٿو:

روزا نمازون، ايءُ پڻ چڱو ڪم،
اوڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.

❊❊

ٿڙا چاليها نہ چاليهه، جهڙو پسڻُ پرينءَ جو،
کهڙي ڪاتب! ڪريئين، متي پنن پيهه،
جي ورق ورائين ويهه، تہ ٻہ اکر مڙوئي هيڪڙو.

ماڻهو پائين ٿا تہ گهٽي ڪمائي ڪنداسين تہ بهشت ۾ حورون ملنديون.

لطيف سائين ان قسم جي ڏيکاءَ جي عبادت کي ڪرت ٿو چئي ۽ پاڻ جهڙن گنهگارن بندن کي ڏڏ ٿو چئي. عقل هجي تہ روزا رکن، نمازون پڙهن، ثواب ڪمائين، پنهنجي لاءِ ڪا بهشت ۾ جاءِ ٺاهين. عقل نہ ٿيو معنيٰ ڏڏ ٿيا، پر لطيف سائين چئي ٿو:

جيڪي ڏڏن ڏي، ڳجهيان ئي ڳجهه ۾،
هو جيڪو داتا آهي، سو ڏڏن کي لڪائي لڪائي ٿو ڏئي.
سو جي سڻن ڪنن سين، ڪرت وارا ڪي،
ساز سمورا سي، هوند پٽون ڪن پلڪ ۾.

اعليٰ ماڻهو پنهنجي فن ذريعي، پنهنجي علم ذريعي، پنهنجي فلسفي ذريعي، هن ڪائنات تي ۽ هن ڪائنات ۾ رهندڙ هنن انسانن جي وچ ۾ رشتي تي غور ڪندا رهيا آهن. ارسطو ۽ سقراط کان اڳي هندستان ۾ ماڻهو سوال پڇندا رهيا آهن تہ ڌرتي ڇا آهي؟ ڪائنات ڇا آهي؟ زمانو ڇا آهي؟ ماڻهو ڇا آهي؟ وغيره. انسان سوال پڇندڙ آهي. ڏڳو ڪڏهن نہ ٿو پڇي تہ هي روز مون کي ڳڇيءَ ۾ رسو وجهيو ڪيڏانهن ٿا وڃن؟ ٻکر ڪونہ ٿو پڇي تہ مون کي چو ٿا ليٽائي ڪات سان ڪهو؟ ٻکر ٻکر ان ڪري آهي، جو هو سوال نہ ٿو پڇي. ڏڳو وڏو آهي، گينڊو وڏو آهي، هاٿي تہ تمام وڏو آهي، پر اهو سوال تہ نہ ٿو پڇي. ماڻهو ننڍڙو آهي، پر سوال پڇي ٿو تہ، هيءَ ڌرتي ڇا آهي؟ آسمان ڇا آهي؟ هوائون ڇا آهن؟ فضائون ڇا آهن؟ ماڻهو مريو چو ٿا وڃن؟ ماڻهن کي بهتر ڪان بهتر شين جي تلاش آهي. انسان ذات سوچيندا رهيا آهن. ڪنهن زماني ۾ حافظ شيرازيءَ چيو

هو تہ ماڻهو ڪٿي آهن؟ ماڻهو ڪپن. هن جهان ۾ ڪو ماڻهو ئي ڪونهي. ٽيڻ تہ ايئن ڪپي جو نئون جهان ٺاهجي ۽ ان ۾ جيڪي ماڻهو هجن. اهي بہ نوان هجن. حافظ جو شعر آهي:

"هن خاڪي جهان ۾ ڪو ماڻهو نہ ٿو ملي،
ٽيڻ تہ ايئن ڪپي جو ڪو نئون جهان جوڙجي،
۽ ان ۾ نوان ماڻهو ٺاهجن."

خيام چئي ٿو:

"جيڪڏهن هن ڪائنات تي منهنجي ايڏي دسترس هجي،
جهڙي خدا جي آهي،
تہ آئون هن جهان کي مٿي کڻي، جو زمين تي هٽانس تہ
ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃي،
۽ ان جاءِ تي اهڙو جهان ٺاهيان،
جنهن ۾ ڪنهن بہ انسان جي تمنا اڻپوري نہ رهي."

ڪائنات ۾ هر دؤر ۾ نئين انسان جي تمنا ٽيندي رهي آهي. لطيف سائين ان تمنا ۾ شريڪ رهيو آهي. لطيف سائين ان قسم جي ماڻهن جو عاشق رهيو آهي. نون ماڻهن جا هن ڳڻ ٻڌا آهن ۽ هن تعداد جي پيٽ ۾ معيار تي زور ڏنو آهي. هن نيون ڳالهيون ڪيون آهن. هو چئي ٿو:

اک اُلٽِي ڏار....

مان چوندو آهيان تہ لطيف سائين سنڌي ماڻهن جي سمورن اوگڻن جي نفي آهي ۽ عالمگير گڻ هن پاڻ ۾ جذب ڪيا آهن. سنڌي ماڻهو مٽان رلي ٽنگي هيٺ گوڏ ٻڌيو ويٺو آهي. چئي سائين اهو اسان جو ڳوٺ آهي. پڇبو: ڪٿي ويٺو آهين؟ چئي: ان ڳوٺ ۾ ويٺو آهيان. ڪڏهن کان ويٺو آهين. چئي: ارڙهن پيڙهيون ٿي ويون آهن. چئبس: ڪو پَٽُ مٽاءِ چئي وڏڙن کان ويٺا آهيون. اهو وري ڪيئن مٽايون؟ ۽ ان ڳالهہ تي وڏو فخر ڪندا تہ اسان کي پنهجي وطن جي حب آهي. وطن کهڙو؟ اهو جنهن ٿوهر تي رلي ٽنگي پئي آهي. لاڙڪاڻي ڪونہ اچبو ڇو تہ اهو پرديس آهي. لطيف سائين نين شين جي ڳولا ڪئي آهي. هلڻ هکلڻ جو چيو اٿس. نوان ماڻهو نوان خيال. هي جيڪي بہ اسان جا اوگڻ ڏسو ٿا، تن جي لطيف سائين نفي ڪئي آهي. هو چئي ٿو:

اک اُلٽي ڏار ونڻ اُلٽو عامر کان.

اهڙي جي ڳالهه کي ٻيو ڪري ته سسي لاهي وٺنس. چئي ٿو ته عام ماڻهن جي رستي تي نه هل، اهو ته رڍن ۽ ٻڪرين جو رستو آهي. ان رستي تي هلي هزارين نسل چٽ ٿي ويا. متان انهن جي پويان وڃين. تنهن ڪري:

اک اُلٽي ڏار ونڻ اُلٽو عام کان،
جي لهوارو لوڪ وهي، ته تون اوچو وه اوپار.

اسان جي سنڌ ۾ چوندا ته، "بابا وڏا آهيون، صحيح پيا چئون، ايئن اُس ۾ ته اڇا وار ڪونه ڪيا اٿئون. تو هان کلهو ڪا چورا وات ڳاڙها، اوهان کي ڪهڙي خبر؟" لطيف چئي ٿو:

ننڍو تان ڪوهه؟ پر وڪين آهي وترو
وڃو ڪاڪ ڪنڊيءَ ۾، پهس پڪي جيئن پوءِ،
ان کُر سندو ڪوءِ، ميو مانو نه ٿئي.

**

لک لاکيٽو ڪرهو ڪوڙين ڏئي ڳڏوم،
اڳڙ سونهن ٽيوم، مُلهه مهانگو مَ چئو.

نيون شيون، ننڍڙيون ۽ ڪارگر شيون، عمر ننڍي پرواهه نه آهي، دماغ وڏو آهي. تعداد ٿورو آهي، پرواهه نه آهي. رستو بظاهر اُبتو آهي، ان لاءِ چئي ٿو ته رستو ته آهي ئي اهو. لطيف چئي ٿو ته ڪڏهن ڪڏهن روايتي سڌا رستا ناڪامين ڏانهن وٺي ويندا آهن، روايتي سڌن ۽ستن کان پاسو ڪي مرد ڪندا آهن. جتان رستو سهي هجي، اتان سيپ کو ٿو گذري، جتي سڙڪ هجي، رستو هجي، اتي سيپ پيا اچن وڃن، عام ماڻهو انهن رستن کي چڏي، انهن رستن تان هلندو آهي، جتان بظاهر اوجهڙ هوندي آهي. اوجهڙ کي لطيف سائين ڪپيري چيو آهي. ڪُ جي معنيٰ نه غلط نه خراب آهي:

ڪُپيريءَ ۾ پير، ڪنين پاتو پيريين..
کي کي ماڻهو اهڙا آهن، جيڪي اوجهڙ ۾ هلندا آهن.
جيان مُنجهڙ ماڙهئين، سڃڙ تئان ئي سير،
ان پونءِ سندو پير، ڪُوڙن منجهان ڪو لهي.

سڏا رستا، روايتي رستا، عام رستا جڏهن قومون بحرانن ۾ اينديون آهن تہ اهي رستا تباهين ڏانهن وٺي ويندا آهن. ان وقت ڪُپيري کپن، سنئين رستي وارا نہ، نوان ماڻهو کپن. لطيف سائين ماڻهن جو عاشق هو ماڻهن جو مداح هو. ماڻهن بادشاهن جون تعريفون ڪيون آهن، پر لطيف انهن جو عاشق هو جيڪي زمانن متان پنهنجو مُهرون هڻن.

اکين سوئي اوڙکيو جو گنين سُو م ڪرن،
ماءُ منهنجو من، ڄام پسندي ئي پتيو.

❊❊

لاکا لک سُجن، فُلاٽيءَ پير ٻيو
جنهن پر راڻا راڄيا، ڪوٽن منجهه ڪنبن،
جنهن جو جاڙيجن، سُتي سنڇو نہ لهي.

هو اهڙن انسانن جو عاشق هو.

ايندي لٽي اُڃ، پير پريندي ٺريا،
منجهه ويڙي سُڃ، گَرَ لڏي رڻ اُڪاريين.

پريان اهڙا اهڙا ماڻهو پيا آهن، جن سان اسان گڏياسين ڪونہ، پر ڪيفيت اهڙي آهي تہ جيئن واٽهڙو رڻن پٽن تان لنگهندا هجن. پريان پاڻي ڏسندي انهن جا پير ٺري پون. ڪي ڪي ماڻهو اهڙا آهن، جن کي ڏسندي روح ٺريو پوي، جيئن رڻ پٽن ۾ پٽڪندڙ ماڻهن کي چشمي جي خبر پئجي وڃي.

ڪوڙين ڪايائون تنهنجون، لکن لک هزار
جيءَ سيپ ڪنهن جيءَ سين، درسن ڏارو ڏار
پريم تنهنجا پار ڪهڙا چئي ڪهڙا چوان.

اهو بيت لطيف لاءِ آهي. لطيف جو مطالعو اڄ ڪرڻو آهي. آئون عالمي ادب جو شاگرد آهيان. يوناني، انگريزي، روسي، فرانسي، چيني، عربي، فارسي، سنسڪرت، هندستاني وغيره وغيره، ان ڪري عالمي ادب منهنجو سبجيڪٽ آهي. مون کي ڪجهه ڏينهن اڳ ٽي وي‌ءَ تي "عالمي ادب تي هڪ نظر" جي موضوع تي ڳالهائڻو هو. ان ڪري مون وري عالمي شاعريءَ جو مطالعو ڪيو جنهن ۾ عربي، فارسي ۽ سنسڪرت وغيره تہ هونئن ئي پڙهجن ٿيون، پر مون انهن جو ۽ دنيا جي ٻين ٻولين جي شاعريءَ

جو نئين سر مطالعو ڪيو. ڪجھ ڏينھن اڳ جمال ابڙي چيو "مان ھومر ويٺو ٿو پڙھان، ھو تمام وڏو شاعر آھي." چيومانس تہ "ڪيترو وڏو شاعر آھي؟" سو ھُو سوچ ۾ پئجي ويو چيائين تہ "ھيو تہ ڪونہ سُجھي، لطيف جھڙو وڏو شاعر آھي." ھومر اڄ کان ٽي ھزار سال اڳ ٿيو آھي، دنيا جو پھريون وڏو ڄاتل سڃاتل شاعر آھي. پوءِ ورجل، پوءِ دانتي، پوءِ ڪاليداس وغيرہ. ھي ان جوڙ جو شاعر آھي، سندڙ جيڪڏھن ڪو Intellectual Giant پيدا ڪيو آھي تہ اھو لطيف آھي. سندڙ ھڪ علمي رڙ پٽ آھي، ان ۾ جيڪڏھن ڪو ھمالیا بيٺو آھي تہ اھو لطيف آھي. جيڪڏھن اوھان کي جسماني سونھن سان عشق آھي تہ سونھن رڳو جسماني نہ ٿيندي آھي، فڪر جي بہ سونھن آھي. حافظ چيو آھي:

"خوبي رڳو محبوب جي ھلڻ جي انداز ۾ ڪانھي،
سھڻن ۾ ھزارين اھڙيون دلربايون، ٽين ٽيون،
جن تي اڃان تائين ڪو نالو بہ نہ رکيو ويو آھي."

لطيف جھڙا ماڻھو جن ۾ اھڙيون ادائون آھن، اھڙيون خوبيون آھن، اھا سونھن آھي، جنھن تي اڃان تائين جماليات جي سائنس (Esthetics) ڪو نالو بہ ڪانہ رکي سگھي آھي.

جسم جون بہ لذتون آھن، جسم جي لذت کان سواءِ دنيا ۾ ڇا آھي؟ پر سوچ جي لذت، فڪر جي لذت، سوچڻ سان ماڻھو ڪائنات ھٿ ڪري ٿو. لطيف کي اوھان فقط سندڙ ھئڻ جي ناتي نہ ڏسو ان کي اوھان بين الاقوامي معيار ۽ سطح تي ڏسو اوھان کي لطيف کي ساراھڻو آھي تہ شيڪسپيئر کي پڙھو ڪاليداس پڙھو سنسڪرت شاعر آھي، اھا سونھن جي شاعري آھي، تشبيھن جي شاعري آھي، تڏين تڏين ھوائن جي شاعري آھي، ڏينڌن، ندين، تلائن ۽ سمنڊن ۾ ترندڙ ڪنول جي گلن جي شاعري آھي. برتري ھريءَ جي شاعري آھي، نفاست ۽ نزاڪت جي شاعري آھي، ايران جي شاعري آھي، ان ۾ جامي آھي، سندس ھڪ شعر آھي، جيڪو مان لطيف جي حوالي کان پڙھندو آھيان:

"منھنجا محبوب آئون ٽڪل ھوس،
آئون مصيبتن ۽ محنتن جو ماريل ھوس،
تون آئين، تہ مون سمجھيو

مون مصيبتن جي ماريل، ۽ تباهه ڪيل جي مٿان،
آسمان مان رحمت ۽ لطف جي، ڪا آيت هئي،
جا اچي مون، مٿان نازل ٿي."

اچو ته اهي سپ پڙهي پوءِ لطيف کي ساراهيون، اهي سپ پڙهڻ کانپوءِ لطيف جي سطح جي خبر پوندي ته هو ڪهڙي پايي جو شاعر آهي. اڄوڪي دؤر ۾ جڏهن ڪسمپرسي آهي، سپ رستا بند آهن، سپ روايتي نعرا آهن. پراڻا پاروٽا ۽ اُلٽيون ڏيارينڊڙا احوال آهن، جنهن ۾ ڪابه عقل جي ڳالهه نه آهي، سمجهه جي ڪا ڳالهه ڪانه آهي، تڏهن لطيف رستو ڏيکاري ٿو. آئون روايتي طرح ڳالهه ڪونه ڪندو آهيان، آئون دل جي گهراين سان چوان ٿو جيڪڏهن اڄ رستو هٿ ڪرڻو آهي ته لطيف گهرجي، هو چئي ٿو؟

هُئين ته ويڄن وٽ، تون ڪيئن جيءُ جڏو ٽئين،
سر ڏئي ۾ سَٽَ، ڪُهُ نه ڪيئي ڏبڙا؟

**

ڪُنيس ڪويڄن، تن طبيب نه گڏيا،
ڏيئي ڏنپ ڏڏن، پاٽان ڏيل ڏکوئيو.

جيئي سنڌ

(24 ڊسمبر 1990ع، چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج ۾ ملهايل "جشن لطيف" ۾ ڪيل تقرير)

گنگا جَرَ جيئن جڪرو

لطيف جون ٻہ حيثيتون آهن. هڪڙن ماڻهن جي نظر ۾ هو هڪ متبرڪ ۽ پاڪ شيءِ آهي ۽ سنڌ جي علامت آهي. سنڌ پيرن فقيرن جو ديس آهي، تنهن ڪري سڀ چون ٿا تہ لطيف هڪ وڏو درويش هو وڏو داناءُ ۽ زبردست ماڻهو هو. سندس هڪ اها حيثيت آهي. هن شعر ۽ بيت ڪهڙا چيا؟ يقيناً سڀا چيا هوندائين ۽ چگي ڳالهہ ڪئي هوندائين. ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو وڏا هوندا آهن، پر هنن جون ڳالهيون خسيس هونديون آهن، ڪڏهن ماڻهو صفا ننڍڙا هوندا آهن، پر هو ڳالهيون ڏاڍيون زبردست ڪندا آهن. تاريخ ۾ ائين ڪڏهن ڪڏهن ٿيندو آهي تہ ڪو ماڻهو ٻہ وڏو هوندو آهي ۽ سندس ڳالهہ ٻہ وڏي هوندي آهي.

شاعري لطيف جي وڏي ۾ وڏي خوبي هئي، اسين ۽ دنيا جا ماڻهو شاعرن جي باري ۾ چو ايترا متفڪر آهيون، جو پنهنجا ڪم ڪاريون ڇڏي، ڏنڊا ڏاڙي ڇڏي، هڪ شاعر جي ڳالهہ ٻڌڻ آيا آهيون. ان تي ويچار ٿيڻ گهرجي. چئي، "فلاڻي پير تي هلو." چئي، "هلو رام ناٿ جي ميلي تي هلو". چئي، "هلو فلاڻي پير جو ميلو آهي" وغيره. هڪڙي بي سمجهيءَ جي ڳالهہ آهي ۽ بي سمجهہ جي ڳالهہ آهي. جيڪڏهن ڳالهہ سمجهہ جي آهي تہ پوءِ لطيف جي باري ۾ هيڏي وٺ وڻان ڪري اچڻ، ٻوڙڻ ۽ ڏينهن ملهائڻ جو مقصد ڪهڙو آهي؟ هڪ شاعر کي ايڏي اهميت ڏيڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ اهو وڏو سوال آهي، جيڪو اسان مان هر هڪ کي سمجهڻ گهرجي. ڪنهن ماڻهوءَ چيو آهي تہ "شاعري سُڻن خيالن کي، سُڻن کان سُڻن لفظن ۾ پيش ڪرڻ جو نالو آهي." انسان کي جانورن مان انسان ٿئي. چون ٿا تہ چالیهہ لک سال ٿيا آهن. پر جديد معنيٰ ۾ انسان کي انسان ٿئي فقط ست هزار سال ٿيا آهن. سميرائي تهذيب کان پوءِ ماڻهوءَ لکڻ سکيو ۽ هڪڙن جا خيال ٻين تائين پهتا، آڪاڻو ماڻهو هومو سيپيئنز انسان هو. جنهن جي معنيٰ عقلمند جانور آهي. ان کان پوءِ هو ماڻهو ٿيو پر مهذب انسان تڏهن ٿيو جڏهن هو لکڻ سکيو ۽ هڪ

نسل جا خيال ۽ئي نسل تائين منتقل ٿي سگھيا. شاعريءَ مان خبر پئي ته اڳين نسلن جا خيال ڪھڙا ھئا. شاعريءَ ۾ ان قسم جي ڳالھ ماڻھوءَ کي انسان نما جانور مان تبديل ٿيڻ ۾ مدد ڪري ٿي. پاڻ روز ماني کائون ٿا، سڀ ماڻھو روز ماني کائين ٿا، جانور به روز ڪجھ نه ڪجھ کائين ٿا. ماڻھو جيڪڏھن سڄي عمر رڳو پيو دڪان ھلائي، رڳو پيو وڪالت ڪري، رڳو پيو ڊاڪٽري ڪري، رڳو پيو گاھ ڪري، رڳو پيو ڪائيون ڪري، يا گھر ۾ جنڊ پيھي، يا ماني پچائي، يا ٻار ڇٽي، ٻارن جي سنڀال ڪري ته پوءِ ماڻھوءَ ۽ جانورن ۾ ڪو وڏو فرق نه آھي. ماڻھوءَ ۽ جانورن ۾ وڏي ۾ وڏو فرق دماغ جي ڪري آھي. لکين سال ماڻھو جانورن وانگر ھو تڏھن کيس دماغ نه ھو تڏھن ھن منزل تائين نه پھتو ھو ان ڪري انسان جي وڏي ۾ وڏي وٽ سندس دماغ آھي، جيڪا کيس جانورن کان جدا ڪري ٿي. دماغ جون ڪي بھترين پيداوار ٽين ٽيون، نه ته شينھن ڏسو ته ڪيڏو نه طاقتور آھي؟ پر انسان ان کي ڇھڪ سان ھلائي ٿو. ھاٿي ڏسو ته ڪيڏو وڏو آھي، ھرڻ ڏسو ته ڪيڏو تيز آھي، ڪاڻ ڏسو ته ڪيڏو ڇالاڪ ۽ عيار آھي، لومڙ ڏسو ته ڪيڏو استاد آھي وغيره. اينجلس چيو آھي ته ماڻھوءَ کي جيڪڏھن جانورن جي گُڻن جي خبر ھجي ھا ته ھن کي پنھنجي انسان ھجڻ تي ايڏو ناز نه ھجي ھا ۽ پاڻ کي اشرف المخلوقات نه سمجھي ھا. اشرف المخلوقات ٻيا آھن، پر فقط دماغ جي ۽ سمجھ جي ڳالھ آھي. سمجھ به ھڪ گھڻ رُخي آھي، سمجھ جون به ڪيفيتون، ھيٺايون ۽ مٿانھيون آھن.

شاعريءَ جو تعلق انسان ذات جي خوبصورت ترين خيالن سان آھي. حُسن سان آھي، ذھن سان آھي، نفاست سان آھي، اعليٰ ترين سوچن سان آھي، بلنديين سان آھي. جنھن قوم وٽ سھڻو شعر نه آھي، پوءِ پلي انھن وٽ لکين ھيرا ھجن، جواھر ھجن، ملکيتون ھجن، پر جي ان جي سوچ گندي، معمولي، ڪسي، ردي، رواجي ۽ بازاري آھي ته پوءِ اھا قوم سُڄي ۽ ڪنگال قوم ھوندي. اوھان ڪيترائي ماڻھو ڏٺا ھوندا، جن وٽ تمام گھڻي دولت آھي، پر ذھني طور اھي صفا چريا ۽ چڙون ھوندا، تيئن قومون به ٽيندیون آھن، انھن وٽ مال ملکيتون گھڻيون ھونديون آھن، پر انھن جو ذھن خراب، گندو ۽ ڪنو ھوندو آھي. شاعري جيڪڏھن سھي قسم جي آھي ته ان ۾ ھڪ قسم جو جوھر ۽ جادو آھي. شاعري ڪڏھن ڪڏھن انسانن کي ھيٺين درجن تان کڻي مٿي بلندين تي پھچائي ٿي. لطيف دنيا جي

يگانن شاعرن منجهان آهي. لطيف ان قسم جي يگانن شاعرن مان آهي، جن جي اسان کي ضرورت آهي. لطيف رڳو يگانو شاعر هجي ها تہ مان ان ۾ ايڏي دلچسپي نہ وٺان ها، ڇو تہ دنيا ۾ ڪيترين ئي شيون سُنيون آهن. مثال طور ماڻهو بہ تمام بهترين آهن، آئون رسول بخش پليجو ذاتي طور لطيف ۾ Interest ٿو وٺان، رڳو ان ڪري نہ تہ هو رڳو وڏو شاعر هو مون لاءِ لطيف ۾ دلچسپي وٺڻ جو وڏي ۾ وڏو سبب اهو آهي تہ، لطيف اهڙو شاعر آهي، جنهن جي اسان کي سخت ۾ سخت ضرورت آهي. لطيف چواڻي:

"اڄ گهرجين تون، ٻُڌاماڻي پُنرا،
مڻي مٽا مون، ويرين واٽون لايون."

ويري منهنجي مڻي تان ايئن ٿا وڃن، جڙ اهو منهنجو مٿو نہ آهي پر ڪا واٽ آهي. آئون سمجهان ٿو تہ هن وقت دنيا ۾ ڪا اهڙي شيءِ آهي، جا هن پنهنجي بدنصيب قوم جي حالتن ۾ زبردست تبديلي آڻي سگهي ٿي، جهڙي جپان ۾ 1868ع ۾ آئي هئي، جپاني قوم تمام پسمانده هئي، وڏيرڪي قوم هئي، لٺ ۽ منشي جي قوم هئي، جاگيردارن جي ماريل قوم هئي، جاگيردار ۽ وڏيرڪي طبقي فيصلو ڪيو تہ دنيا کان پاڻ کي ڪٽي ڇڏڻ گهرجي. هنن چيو تہ ڪوبہ جپاني ٻاهر نہ وڃي ۽ ڪوبہ ٻاهرين دنيا جو ماڻهو جپان ۾ اندر نہ اچي، تہ جيئن اسين وڏيرا قبضا ڪريو ماڻهن کي ماريو ڪٻاب ڪريو وينا هجون. جپان جي باري ۾ هڪ زبردست فلم آئي هئي، ان ۾ بہ خبر پئي ٿي تہ جپاني وڏيرا شاهي ڇا هئي؟ پاڻ وٽ وڏيرا شاهي آهي، پر جپان ۾ ٻي شيءِ هئي. 1853ع ۾ آمريڪا جون فوجون زبردستي جپان اندر لنگهي آيون، پهرين بحري ٻيڙو آيو جنهن کي جپاني وڏيراشاهي روڪڻ ۾ ناڪام وئي ۽ جپان جي حڪمران چيو تہ ڪيل ختم، پيسا هضم، زميندارين نظام نہ ڪپي، موچڙا ڪائيندا سين، سرمائيداري نظام ڪپي. هنن جاگيرداري نظام ختم ڪري سرمائيداري نظام اختيار ڪيو ۽ اڄ اوهان ڏسو ٿا تہ جپان ڪهڙي شيءِ آهي. اسين هن وقت تحت السرا ۾ آهيون، اسين هن وقت اهڙيءَ حالت ۾ آهيون، جو نہ جيئڻ ۾ رهيا آهيون ۽ نہ مرڻ ۾. شاديءَ جا دهل وڄن پيا ۽ اسان وٽ لاش رکيل آهن. اقبال چيو آهي:

واءَ ناڪامي ڪاروان جاتا رها،
ڪافلي والون کا احساس زيان جاتا رها.

بدنصيبيءَ جي انتهائي ڪيفيت اها آهي جنهن ۾ ماڻهوءَ کي خبر ئي نه رهي ته آئون بدنصيب آهيان. بدنصيبيءَ جي اهڙي ڪيفيت جنهن ۾ ماڻهوءَ کي پنهنجي غم جي خبر ئي نه هجي. اوهان هڪ نظم پڙهيو هوندو.

And whom they brought warier dead

اهو نظم ڇهين درجي جي ڪتاب ۾ هوندو هو. هڪ عورت جو محبوب مڙس گذاري ويو. هن جو لاش رکيو هو. هن جي زال کي روئڻ نه ٿي آيو. ڇيائون ته جي هيءَ نه رُني ته مري ويندي. اها ڪيفيت آهي، جنهن ۾ روئڻ به نه اچي. بظاهر ائين ٿو لڳي ته خير آهي. قومن کي ڪابه خبر نه پوي. ڪين ڪجهه به سمجهه ۾ نه اچي، سمجهه جواب ڏئي ويجي. ڪڏهن ڪڏهن قومون ڪن دورن ۾ پس مانده ٿي ويندیون آهن.

لطيف عالمي سطح جو اهو واحد ماڻهو آهي، جيڪو سنڌ پيدا ڪيو آهي. باقي جيئن شيديءَ کي پنهنجو هار سڄيءَ دنيا جي ماڻهن کان سهڙو لڳندو آهي، پين معاملن ۾ اسان سان به ائين آهي. درياهه خان اسان جو آهي، ان ڪري چئون ٿا ته سڪندر چا آهي؟ سڪندر ته هن جو پٽيوالو ٽيڙ جي لائق نه هو. عالمي سطح جو اسان وٽ ڪو جنرل پيدا ڪونه ٿيو آهي اهو مڃڻو پوندو. عالمي سطح جي هستي اسان سواءِ لطيف جي هي ڪابه پيدا نه ڪئي آهي.

ڪاهوڙين ڪٽي، ساجهُر ٻڌا سندرا،
ڏورينديين ۾ ڏونگرين، ڪيائون پاڻ پٽي،
ڏکن ڏيل هٽي، ڇيهُ لڏائون ڇپرين.
ڇپر ويجي جتي انت ڪيو هنن به اُتي ويجي انت ڪيو

***

سامي ڪامي پرينءَ لئه ڪُسي ٿيا ڪباب،
جهڙو ڏسن ڏوه کي، تهڙو تن ثواب،
اوتين ارتي گاڏئون، منجهان اکين آب،
سندو ذات جواب، تون ڪهڙو پُڇين تن کي؟

***

نه ڪي ڪٽن پاڻ سين، نه ڪو ساڻن پاڻ،
اهڙا جن اُهجاڻ، آئون نه جيئندي ان ري

***

ٽئين ڏينهن ٽمڪائين، دونهيون دائرن ۾،
ميڙيو گڙڇ ڪاٽيون، جوڳي جلائين،
سنديون ڪامڙ خبرون، آديسين آهين.
ڳجهه نه ڳالهائين، لڪا پُٽن لوڪ ۾.

سامي، جوڳي، ڪاپڙي، صوفي، سڄا قبيلن جا قبيلا، ماڻهن جا گروهه، مظلوم عوام، غريب، سُڄا "مون کي ماروئڙن سُڄ ڳٽائي سيڄ ۾" انهن طبقن کي هيرو ڪري پيش ڪرڻ وارو اهو تصور فقط لطيف وٽ هو. سترهن ۾ ارڙهين صديءَ جي وچ ۾ مان شڪر گذار ٿيندس ان جو جيڪو مون کي روسي شاعريءَ مان، چيني شاعريءَ مان، انگريزي شاعريءَ مان، فرينچ يا جرمن شاعريءَ مان، ان قسم جو مثال ٻڌائي، جنهن مان عوام کي هيرو بڻايو ويو هجي ۽ اهو به ان ڳالهه ۾ نه ته عوام ويچارو آهي.

مون لوڏان ئي لکيا....

خوبصورت پنڌ آهي، هلڻ ان هن جو سُنو آهي.
سنهين لڪ، نڪ سنئين، ڪجل پنل نيٽ،
سامونڊي مون سيڻ، کي تو ڪالهه لنگهايا.

اهي غريب هتان لنگهن ٿا، اهي هن جا سيڻ آهن، اهي مسافر، مارو غريب، مسڪين، بي واها ۽ بکيا آهن پر هيرا، شاندار، عظيم ۽ بي مثال آهن. غريبن کي بنيادي حق آهن ۽ ان جو عمر سان ٽڪر آهي. ظالمن ۽ جابرن سان ٽڪر آهي، اتي هو چئي ٿو:

جهَ سي لوڙائو ٽيا، جنين سندي ڏير،
ماروئڙا فقير، ڪنهن در ڏيندا دانهڙي.

ان کان علاوه هن وٽ ٽيون تصور آهي، اهو ٻئي ڪنهن وٽ نه هو اهو هن دنيا کي بدلائڻ جو تصور آهي، اهو اڻ ٽڪ جدوجهد جو تصور آهي. هن کان اڳ اهي تصور تمام ضعيف ۽ ڪمزور هئا. انهن تصورن کي لطيف تمام پاور فل نموني ۾ مٽي ڪيو آهي ته جدوجهد ڪريو، جدوجهد ڪريو ڪاهوڙين جي روپ ۾ مٽي چئي ٿو ته:

ڏوٽي سا ڏورين، جا جوءِ سُئي نه ٻُڏي،
پاسا مٽي پاهٽين، ڪاهوڙي ڪوڙين،
وڃا اُت وُوڙين، جت نهايت ناهه ڪا.

هو چئي ٿو جدوجهد ڪريو جدوجهد ڪريو:

ڏوٽيئڙا ڪنهن ڏُٺ کي، جنبيا ڏانهن جابان،
اهڙا جن اهجاڻ، آئون نہ جيئندي ان ري.

٭٭

ڏوري ڏوري ڏيهہ، ماءِ ڪاهوڙي آيا.

ڏورڻ، ڳولڻ، جدوجهد ڪرڻ، تلاش ڪرڻ، جستجو ڪرڻ، وڙهڻ، قسمت کي ميار نہ ڏيڻ پر وڙهڻ.

هو جدوجهد جي منزل جي ڀالهہ ڪري ٿو. آخر تائين ثابت قدميءَ سان لڙڻ جي ڀالهہ ڪري ٿو. آئون هميشه شعر پڙهندو آهيان:

جان جان هئي جيئري، ورچي نہ ويني،
وڃي ٻونءِ پيني، سڪندي کي سڃٽين.

توڙ پڃائڻ اهو سنڌي ماڻهوءَ جو ڪم ئي نہ آهي. اسان ۾ جيڪي قومي اوگڻ آهن، لطيف انهن جو اُلٽ آهي. هو پاڻ بہ چئي ويو آهي:

اک اُلٽي ڏار ونءِ اُبتو عام سين

لطيف جي شاعريءَ جي اک اُلٽي آهي. جيڪي سنڌي ماڻهن جون طبيعتون آهن، تن جي سڃو اُبتڙ آهي. توهان سنڌي ماڻهوءَ جي طبيعتن کي اُبتو ڪندا تہ لطيف جي شاعري ٿي پوندي سنڌي ماڻهو گهر جو غلام، پينگهي مان پير هيٺ لاهيندو تہ ڇڻ پرديس هليو ويندو. پر هيڏانهن لطيف چئي ٿو تہ:

ڏوري ڏوري ڏيهہ، ماءِ ڪاهوڙي آئيا،
مين پيرين ڪيهہ، ڪُهہ ڇاڻان ڪنهن پار جي.

٭٭

اوڙاهہ ويا نہ وريا، آئون تنهن ماري ويڙ،
ڪري سامونڊي سيڙ، جُسي جاڙ پرايو.

٭٭

ڪاري ڪيڙائو مٿي مٿي موٽيا،
سودو ڪن نہ سون جو وڏا وهائو
موتي جي مهراڻ جا، تن جا تامائو
سامونڊي سائو لنڪا لوڻي آئيا.

❊❊

سمنڊ جي سيوين، تنين ماٽڪ ميڙيا،
چلر جي چوئين، تن سانڪوٽا ۽ سُتيون.

مشهور بيت آهي تہ:

سيوا ڪر سمنڊ جي، جت جر وهي ٿو جال،
سئين وهن سير ۾، ماٽڪ، موتي، لال،
جي ماسو ملئي مال، تہ پُڄارا پُر ٿيئين.

پُر ٿيڻ جي ڳالهہ آهي، ماٽڪن جي ڳالهہ آهي، موتين جي ڳالهہ آهي، سمنڊ سيوڻ جي ڳالهہ آهي، سمنڊن ۾ وڃي ڪاري ڪي ڪيڙڻ، مڻي ڪي ڪيڙڻ جي ڳالهہ آهي، توهين جيڪو هي ڏيڍ ايڪڙ ٻني پيا ڪريو هنن لاءِ سڄو ڪارو سمنڊ ٻني آهي، تنهن کي هو ڪيڙين ٿا، تنهن لاءِ لطيف چئي ٿو تہ "ڪاري ڪيڙائو مٽي مڻي موتيا." هوائن ۾، پهاڻن ۾ آخر حد تائين اوهان لطيف پڙهندو تہ اوهان کي خبر پوندي، جنهن سمي جي هن تعريف ڪئي آهي، جنهن جڪري جي هن تعريف ڪئي آهي، جنهن ڏياڇ کي هن مٽي ڪنيو آهي، اهو سمو هو پاڻ آهي، اهو ڏياڇ هو پاڻ آهي، اهو جڪرو هو پاڻ آهي.

"ٻيلي ۽ گرنار، ونو گنگا جر جيئين جڪرو."

گنگا درياهہ جيئن جڪرو پلٽي پيو علم عرفان، قومن کي اڏڻ، انسانيت کي اڏڻ، حق جي حفاظت ڪرڻ، حقن لاءِ لڙڻ، پنهنجي انسانيت جي حقن جو دفاع ڪرڻ، انسان جي بلندين کي قائم رکڻ، ڪين مان ڪجهہ ٿيڻ، ڏري مان آفتاب ٻڌجڻ، ان جو ڏس لطيف جي سخاوت، لطيف جي عنايت ۽ لطيف جي سنڌ لاءِ سوغات آهي، لطيف جو پيغام ايئن آهي، جيئن سنڌو درياهہ، لطيف جي پيغام کي جي اسان سمجهون تہ هيءَ قوم امر ٿي وڃي. جيئن سنڌو درياهہ کي ناپاڪ بند ٻڌڻ جي ڪوشش جي خلاف پاڻ کي لڙڻ گهرجي، تيئن لطيف جي پيغام کي فقط ڪتابن، چيئرن ۽ رسمن تائين بند ٻڌڻ جي بدران، گنگا جر جيئن جڪري وانگر ڪرڻ اسان جو بنيادي ۽ اولين فرض آهي.

جيئي سنڌ

(26 آڪٽوبر 1994ع تي "جشن لطيف" خيرپور ميرس ۾ ڪيل تقرير)

اڳيان ٽڪر ٽر

دادو سنڌ اندر هڪ خاص مقام رکي ٿو. علائقو گهڻو ڪري پٽريلو آهي، ان هوندي بہ دادوءَ جي ماڻهن سنڌجي تاريخ ۾ نهايت شاندار ۽ قابل فخر ڪارناما سرانجام ڏنا آهن.

سر زمين سنڌ تي جڏهن بہ ڪا آفت ڪڙڪي آهي، تڏهن هن علائقي جا ماڻهو سنڌ جي پاران، پنهنجي وطن جي پاران، پنهنجي عوام جي پاران، پهرين صفن ۾ وڙهيا آهن ۽ سنڌ جو مانُ مٿانهون ڪيو اٿن.

ارغون هجن، ترخان هجن يا ان کان پوءِ جا وقت، زمانا ۽ حڪومتون ڏاريا ۽ يلغارون هجن، دادوءَ جي ماڻهن مخدوم بلاول کان وٺي، مغلن جي ڏينهن ۾ گوريلا جنگ ڪرڻ وارين فوجين کان وٺي، هن دؤر تائين، سنڌ جي تاريخ ۾ هڪڙو نمايان ۽ اڏول ڪردار ادا ڪيو آهي، جنهن تي نہ رڳو اوهان کي بلڪ سموريءَ سنڌ کي ناز آهي.

گذريل ايمر آر ڊي (MRD) جي جدوجهد ۾ دادوءَ وري پاڻ ملهايو. دادوءَ نہ فقط دادوءَ جو نالو روشن ڪيو سنڌ جو نالو بہ روشن ڪيو پر هن ملڪ ۽ انسان ذات جو بہ نالو روشن ڪيو ۽ اهو ئي سبب آهي جو هيءَ علائقو سنڌ دشمنن، جمهوريت جي دشمنن ۽ انسانيت جي دشمنن جي اکين ۾ ڪنڊي وانگر چيندو رهيو آهي. ڏاڙيلن کي ختم ڪرڻ جي ڀهاني سنڌ جي ٻين علائقن سان گڏ هن ضلعي ۾ جيڪي ڪجهہ وهيو واپريو آهي، ان کي نہ رڳو توهان، پر سنڌ جا سمورا حق پرست ۽ انصاف دوست چڱيءَ طرح سمجهن ٿا تہ توهان جيڪو سُنو آهي، توهان جيڪو برداشت ڪيو آهي ۽ اوهان تي جيڪي ڪجهہ وهيو واپريو آهي، تنهن جي سيني کي خبر آهي، پر جا هي تشدد، دٻاءُ ظلم ۽ زبردستيون اوهان جا حوصلا پست ڪري سگهيون آهن؟ انهن اوهان کي جهڪايو آهي؟ اوهان کي گوڏن ۾ ڪيرايو آهي؟ نا! آءٌ ڏسان ٿو تہ توهان جا ڳاٽ اوچا آهن. توهان جون هِمتون اٽل آهن ۽ توهان جوڌا جوان آهيو.

اڄ لطيف جو ڏينهن آهي، لطيف جي ساراهه لاءِ لفظ ڪٿان اچن! لفظن جو وينجهار، ماڻڪ موتين جهڙن لفظن جو خالق، تنهن جي تعريف لاءِ ڪهڙي زبان آڻجي. ڪهڙا لفظ استعمال ڪجن؟ ڪهڙي ٻولي استعمال ڪجي؟ سندس ئي ٻولي اُڌاري ونجي. ڪيس ئي چئجي ته تون ٻڌاءِ ته اسين تو کي ڪيئن ساراهيون!

ڪوڙين ڪايائون تُنهنجون، لِکَن لَکَ هزارَ
جيءَ سيپ ڪنهن جيءَ سين، درسن ڏاروُن ڏارَ
پِريمر! تُنهنجا پارَ ڪهڙا چئي ڪِهڙا چوان.

ماڻهو پنهنجي جذبن جو اظهار نه ڪري سگهندو آهي، اهو احساس لطيف سائينءَ کي به هو.

ڪنهن پَر روئان پرينءَ کي، روئي نه ڄاڻا،
مٿي ڪيو پُوڻان، هنجن هاڻان هٽڙا.

لطيف اهو سيپ ڪجهه آهي، جيڪو هڪ شاعر کي هٿ ڪپي، اهو سيپ ڪجهه آهي، جيڪو هڪ مفڪر کي هٿ ڪپي، اهو سيپ ڪجهه آهي، جيڪو هڪڙي يگاني ۾ بي مثال انسان، هڪ عظيم روشنيءَ جي مناري کي هجڻ ڪپي. لفظ ڪُٽي ويندا ۾ لطيف جي تعريف ختم ٿي ڪانه سگهندي.

هو حُسن جو شاعر آهي:

جَهڙا گُل گلاب جا! تِهڙا متَن ويسَ،
چوٽا تيل چنبيلِيا، ها! ها! هوا همَيشَ،
پَسيو سُونهن سيدُ چئي، نِينهن اَچَن نيشَ،
لالَڻَ جي لبيس، آٽِڻ اکرَ نه اُڇهي.

حُسن جو شاعر آهي ته:

جنهن تَڙ ڏوڙون ڏَون، چوٽا چندن چڪ ڪيو
اچن پوئنر پَنيولِيا، پاڻي تهين پُونِ،
راول رتو رون، ڪو وِهه لڳو واسئين.

لطيف همتن جو شاعر آهي، جرئتن جو شاعر آهي، عظمتن جو شاعر آهي، عظيم مقصدن جو شاعر آهي. چئي ٿو ته:

جان جان هئي جيئري، ورچي نہ ويئي،
وڃي پون پيئي، سِڪنديءَ کي سڃڻين.

ماڻهن وٽ پتڪڙا مقصد هوندا آهن، هي ڪم ڪريون، ميمبر يا ڪائونسلري ماڻيون، وڪالتڙي ڪريون، چار ڏوڪڙ ڪمايون، ڪمرو ٺاهيون، ٿورو لان اڳيان هجي، هڪڙو فرج به هجي، در تي ڪار به بيٺل هجي- هر هڪ ماڻهو جا ننڍڙا ننڍڙا مقصد، ننڍڙا ننڍڙا ارادا هوندا آهن.

ٿورڙي ڪوشش ڪندا آهيون، ٿڪجي پوندا آهيون، هڪڙي ڪوشس ڪئي سين، پي ڪئي سين، سال جيل ۾ پياسين، ڦٽڪا لڳا، گهر برباد ٿيو، قرضي ورائي ويا، زال وڙهي پئي، مائٽن گوڙ ڪيو "ابا! تون هيترو ٽائيم هيتري محنت، هاڻي ڇڏ جندا! گهٽو ئي ٿيو هاڻي موٽي اچ." يا پيءُ ڦاهي چڙهي ويو ياءُ شهيد ٿي ويو جيل آيا، عذاب ٿيا، مصيبتون آيون، زمينون آسمان هڪ ٿي ويا، هاڻي ته ڇڏجي.

ست سال جيل ۾ گذري ويا، ڪو هڙ حاصل ڪونہ ٿيو وڪالت هلي ويئي، ڏنڊا بند ٿي ويا، مائٽ ڪڪ ٿي پيا، سنگتي ساڻي اچي وڃي بيزار ٿي پيا، ڪهڙو فائدو؟ گهر هجون ها، فائدو ٿئي ها، ڏنڊو ڪريون ها ته فائدو ٿئي ها، پر لطيف سائين چا چوي ٿو نہ گهر مان فائدو آ نہ ڏنڊي مان فائدو.

نہ مون ناناڻا ڪٽيو نہ ڪي ڏاڏاڻا،
پرينءَ جي پاران، مون سان وَڏائي وَڙَ ٿيا.

بابا! هي روز روز ڏمڪر، هي مصيبتون، روز روز پوليس وارا در تي "ڪ ڪ ڪ" ڪير آهي؟
"فلاڻو صاحب آهي"
"ابا چا آهي؟"
"فلاڻي کي ٻاهر ڪيو!"
"ڪهڙو ڪم؟"
"ڪاڻي تي هلڻو آهي!"

روز مصيبتون، روز عذاب، روز خواري، روز ڏڇو پر مقصد چا؟ چا اهي شيون، اهي تڪليفون، اهي مصيبتون، اسان کي پنهنجي رستي تان هٽائين؟ اهو مناسب آهي؟ چا آزمائشون ۽ تڪليفون، مصيبتون ۽ ذلتون

اسان جي مقصد جي مقابلي ۾ اهميت رکن ٿيون؟ لطيف سائين چوي ٿو ته انهن ڳالهين جي کا به اهميت کانهي ته اسين پاڻ تي ڇا ٿا سهون ۽ برداشت کريون پر اصل مقصد پار پهچڻو آهي. ڪنڊيءَ جي هُن پار پهچڻو آهي، وچ ۾ جيڪو ويو ان جي کابه اهميت کانهي.

ٻُڌان ته ٻَن، اولجان ته اُن پار ڏي،
ڪنڊي اُيا سپرين، مان ٻرا! ٻرا! ڪن.

۽ جي ڪنڊيءَ تي بيٺل محبوب سڏ ڪري: هتي تمام وڏي تخيل جي ڳالهه آهي، سهڻي چوي ٿي ته آءٌ درياهه ۾ ٽپ ڏيان ته پرئين پاسي منهنجو محبوب ميهار بيٺو هجي ۽ جڏهن آءٌ مري وڃان ۽ درياهه مون کي ڪڍندو وڃي ۽ آءٌ نه نڪران ۽ درياهه جي ڪپ تي بيٺل هجي ميهار! اهو ڏسي ته سهڻي ٻاهر نڪي نڪري ته هو ان مغالطي ۾ هوندو ته جيئري آهي، پر نڪري نڪي، تنهن ڪري ان کي چوان ته سهڻي اڃ ته سهي، ايجان ڇا ويڻي ڪرين؟ ٻر ٻر ڪرڻ معنيٰ سڏ ڪرڻ.

ٻُڌان ته ٻَن، اولجان ته ان پار ڏي،
ڪنڊيءَ اڇيو سپرين، مان ٻر ٻر ڪن،

ميهار چوي ٿو ته سهڻي اڃ ۽ آءٌ پاڻيءَ ۾ پئي هجان! تڏهن به ان جي سڏ تي جيڪر اٿي نڪران.

ميا ئي سِين تن، جيڪر اُٿي نڪران.

ماڻهو چون ٿا ته ادا مون کي مجبور ڪيو ٻڌيو ڪنيو وڃن، پوءِ مڙيو ئي پيا وڃون. ڇا ڪريون، گهر ۾ ويهڻ نٿا ڏين. نه ته جيڪر سڀ کو پيو پنهنجي ٻچن جي به ڪري، ڏنڊن جي به ڪري، ڪم به ڪريون. هي جلسا به نه ڪريون، سڀ کو وڃي گهر ويهي، پر هي مصيبتن جا ماريا جان ڇڏين ته وڃون، مجبور آهيون، نٿا ويهڻ ڏين، پوءِ اڇيو هي جلسا به ڪريون، گهوڙا گهوڙا به ڪريون، مٿي ۾ مٿي به ٿا وجهون ۽ شاهه جا شعر به پڙهون ٿا، لاچار ٿيا آهيون.

لطيف چوي ٿو ته لاچاري به آهي، مجبوري به آهي، جبر به آهي، ڏاڍ به آهي، پر ڪجهه اسان جي دل به چوي ٿي، ڪجهه اسان جي پنهنجي خواهش به آهي ته اڳتي وڌون، گڏ ٿيون، ڪنهن منزل کي ماڻيون.

آءٌ ڪي نہ ڄاڻان اِيءُ، تہ جر گھڙي جوکو ٿئي،
قضا جا ڪريم جي، تنھن مان ڪنڌ ڪيبو ڪيئن،
ھڪ لِکئي ٻيءَ نينھن، آڻي اوليس اول ۾.

اھڙي اٻوجھ آءٌ بہ ڪانہ آھيان، جو مون کي خبر ڪونھي تہ ھن ڏنڏي ۾ گھڙڻ جي قيمت ڇا آھي؟ رڳو لکيو ناھي، پر نينھن بہ آھي، خواھش بہ آھي، اِرادو بہ آھي.

ھڪ لِکئي ٻي نينھن، آڻي اوليس اول ۾.

ڪڏھن ڪڏھن ماڻھو چوندو آھي، تہ ويھي رھان، ھنن جنجھٽن کي ڇڏي ڏيان. توھان ۽ اسان سيني ماڻھن لاءِ اھي بہ واڌون آھن: ويھون يا وڃون، ڇڏي ڏيون يا ھن ڪم کي لڳا پيا ھجون. ڪھڙا ڪم ڪريون؟ ھر ھڪ ماڻھوءَ جي اڳيان اھو مسئلو آھي. سھڻيءَ جي واتان لطيف سائين چوي ٿو.

ھوڏانھن گھر، ھيڏانھن نينھن، ھوڏانھن گھر ۾ ٻار آھن، ڏنڏا آھن، آرام آھي، سکون آھي، ڪارون آھن، بنگلا آھن:

ڳوڙا ٻئي پارَ ھِينئون حيرَتَ ۾ پيو
وِيھان تہ ويرم ٽِئي، نِينھن ۾ پوءِ نھارَ
وڃان تہ واکو ٿئي، پاڻي پوءِ پَڇار
ھُتِ ٿي وعدي وارَ ھِتِ سوُڻوُن ڏيندم سَر تيوُن.

پوءِ ماڻھو ڪٽي پاڻيو بہ ٿئي، ويھي رھي، پر لطيف چوي ٿو تہ ويھڻ ڏکيو آھي.

جڏھن ماڻھو ھلندا ھجن، ھجوم گڏ ھجن، جيئي جيئي جا نعرا ھجن، ملڪ سڄو نعرا نعرا، جلسا جلسا، آواز آواز ۽ للڪارون ٿي وڃي تہ گھر ڪير ٿو ويھي!

لطيف چوي ٿو:

جيھر لوڪ جھپ ڪري، ذرو جھاڳ نہ ھوءِ،
اوھير اڇيو اديون، پَھُ پريان جو پوءِ،
جي ڪچو چونَر ڪوءِ، تہ مرڪ يانيان ميھڻو.

۽ جي للڪارون ئي للڪارون ھجن تہ پوءِ وري ٻي مجبوري ڪھڙي! ھڪڙو تہ خاموشي ھجي، تہ پوءِ پنھنجو مقصد ياد اڇيو پوي، پر جي ماڻھو پيا ھلن، جلسا پيا ٿين، راڄ پيا گڏ ٿين، آواز پيا اڇن، پوءِ:

چوڌاري چڙا، ٻُرن ٻيلاين جا،
سُتي سنياڻن جو پيمَ ڪنِ پڙاءُ،
ويهڻ مون نہ وڙاءُ، سڀيو جهاڻءِ جهجي هينئون.

هن دنيا کي سمجهڻ ضروري آهي، پر ڏاهن چيو آهي تہ وڌي ڳالهہ آهي. هن دنيا کي سمجهي پوءِ ان کي بدلائڻ ضروري آهي. رڳو سمجهڻ اڌ ڪم آهي، وڏو ڪم آهي دنيا کي بدلائڻ. نئين دنيا اڏڻ نئين ڪائنات اڏڻ، نيون زمينون ۽ نوان آسمان تخليق ڪرڻ، هڪڙو نئون نڪور جهان تخليق ڪرڻ، جنهن ۾ ڪو بہ ڪمزور نہ هجي، ڪو بہ محتاج نہ هجي، ڪو بہ ذليل نہ هجي، ڪو بہ بند نہ هجي، ڪو بہ ڦٽڪن جي حوالي نہ هجي، ڪوبہ ڦاسيءَ جي حوالي نہ هجي.

اهو ڪم ڪير ڪندا؟ عام طرح آهي تہ اهو ڪم پهلوان ڪندا، رستم ڪندا، سهراب ڪندا، داناءَ ۽ دليرِ ڪندا. اهي جن جا جسم فولادي آهن، جيڪي رڳ جا ماڻهو آهن، غير معمولي ماڻهو آهن، پر لطيف چوي ٿو تہ اهو ڪم معمولي ۽ رواجي ماڻهو ڪندا، غريب ماڻهو ڪندا، مسڪين ماڻهو ڪندا. ڪير ڪندا؟ انهن جا اهجاڻ ڪهڙا؟ انهن جون سچاڻپون ڪهڙيون؟

مٽَن ٽُڪ ٽُڪڙَا، ڇڪندڙا آچن،
ڪُڙيون ڪِيهہ ڀيڪليون، ڳهر سر پيرن،
اِيءُ وڙ ويڙهيچَن، مون لوڏان ئي لکَيا.

۽ انهن ماڻهن جون سچاڻپون ڪهڙيون؟ مارئيءَ جي واتان چوي ٿو:

اسان تتان آئيون، جتي ڪُهنبو ناهہ
جي وڃئون ڪنهن وهاڻءِ، تہ پڙ مٽن لويون.

انهن جا لباس ڪهڙا، انهن جا ويس ڪهڙا، انهن جا فيشن ڪهڙا؟ بيلٽ لڳا پيا هجن، بندوقون لڳيون پيون هجن، تيار ٿيا فلمي هيرو بڻيا اچن، چئي ٿو تہ، نہ. اهي مايون ڪهڙيون هجن، اهي مرد ڪهڙا هجن.

ڳراين ڪِروڙ جا، ڇُوڙا ڪُوڙا جن،
سو مرڪ ماروٽڙن، جيئان لوڪ لڄ ٽئي.

چوڙا ڪهڙا آهن؟ ڪوڙا! ۽ قيمت ڪيتري اٽن؟ ڪروڙ!

سون جي قميت ناهي، هيرن جواهرن جي قيمت ناهي! ڪوڙن چوڙن جي قيمت ان ڪري ڪروڙين آهي، جو اهي انهن عورتن کي پاتل آهن، جيڪي لازوال آهن، عظيم آهن، مسڪين آهن، معزز آهن.

لطيف غريبن سان همدردي نہ ڪئي آهي. لطيف دنيا جي انهن يگانن شاعرن مان آهي، جن ماڻهن سان همدردي نہ ڪئي آهي. لطيف توهان تي ياجهہ نہ ڪئي آهي، پر لطيف مسڪين مارن، سانگين ۽ جهانگين تي فخر ڪيو آهي، ۽ انهن کي هيرو ڪري پيش ڪيو آهي ۽ انهن تي ناز ڪيو آهي.

مارو پاڻ امير، مليرؤن مرڪڻون.

مرڪ جو باعث، فخر جو باعث، اهي مسڪين مارو آهن. مليرَ ۾ وڃي ڏسو تہ اهي قابل فخر هستيون آهن. اوهان جيڪي هن ڌرتيءَ تي وساريل آهيو فراموش ڪيل آهيو نظر انداز ڪيل آهيو. اوهين ۽ اسين جن کي ظلم ۽ جبر جي چڪيءَ ۾ پيڙو ويو آهي. صدين کان وٺي اسان کي، اسان جي ابن کي، اسان جي ڏاڏن کي، تن جي پڙ ڏاڏن کي ظلم ۽ جبر جي چڪيءَ ۾ پيڙو ويو آهي، اهي لطيف جي چوڻ مطابق هن ڌرتيءَ جا وارث آهن. هي مليرَ آهي، اسين مارو آهيون ۽ ان جا وارث آهيون ۽ دنيا جي ڪا بہ طاقت مليرَ کان مارن کي محروم ڪري نٿي سگهي.

اڄ اسان جي سامهون، لطيف جي قوم جي سامهون، لطيف جي سر زمين جي سامهون امتحان آهي ۽ اسان کي ثابت ڪري ڏيکارڻو آهي تہ لطيف جي باري ۾ اسين رڳو عقيدت جا پڙ نٿا چاڙهيون، رڳو لفظي ڪوڙا گل ان جي ڪنڌ ۾ نٿا وجهون، پر لطيف انسان ذات کي جيڪو عظيم تصور ڏنو آهي ۽ پنهنجي قوم مٿان جيڪي فرض عائد ڪيا آهن، تن تي اسين صحيح اچون ٿا يا نہ؟ اسين لطيف جي وطن ۾ رهڻ جا حقدار آهيون يا نہ؟ اسين لطيف جا مارو ۽ سنگهار ۽ ڏاتار سڏائڻ جا حقدار آهيون يا نہ! اهو تاريخ جي هن نازڪ گهڙيءَ تي اسان کي ثابت ڪرڻو آهي.

هن وقت لطيف جو وطن پنهنجي هزارن سالن جي تاريخ جي دؤر ۾ هڪڙي نهايت ئي نازڪ وقت ۽ گهڙيءَ مان لنگهي رهيو آهي. تاريخ ۾ پهريون دفعو لطيف جا مارو ۽ جهانگي پنهنجي مليرَ ۾ پنهنجي سنڌ ۾ هستي وجائيندا ويجن ٿا. انسانن جون ٻوڏون ٻين صوبن کان، ٻين ملڪن

کان هن ملڪ مٿان چانئجي رهيون آهن. هن ملڪ جي مارو ماڻهن کي ملير ۾ ٽورائيءَ وارو ريڊ انڊين، محروم، مظلوم ۽ لاوارث ڪرڻ جون سازشون چوٽ چڙهي ويون آهن. انهن سازشن کي ناڪام بڻائڻو آهي، تڏهن ئي اسين ان جي لائق ٿينداسون، جو اسين چئي سگهون ته ها! اسين لطيف جا ماڻهو آهيون، ۽ جيڪي لطيف جي ان معيار تي پورا نٿا اچن، جيڪي هن وقت جي سڏ تي سڏ نٿا ڏين، جيڪي لکي ويهن ٿا، جيڪي منهن ڦيرائي چڏين ٿا، انهن لاءِ لطيف سائين فيصلو ڪري ويو آهي، کهڙو فيصلو؟ چوي ٿو:

هي مُنهن ڏيئي ٻَن، تون وِهِ کائِي نہ مَرين؟
تان جي ملير ڇايون، تو سين سَگ نہ ڪن،
تون ڪيئن منجهان تن، پاڻ ڪونائين؟ مارئي!

لطيف جا مارو نفرت جا پيغمبر ٿي سگهن ئي نٿا. By Definition جيڪو ماڻهو لطيف جو مريد هجي، لطيف جو پوئلڳ هجي، لطيف کي پسند ڪري، لطيف کي پنهنجو روحاني سپهه سالار ۽ ڪماندر انچيف سمجهي، سو نفرت جي دين تي هلي، اهو ممڪن ئي ڪونهي. نفرت نه ڪرڻ جي معنيٰ اها ناهي ته ماڻهو بيغرت ٿئي، وطن دشمن ٿئي ۽ پنهنجن حقن کان دستبردار ٿئي. اسين لطيف سائينءَ جي هنن لفظن تي عمل ڪريون ٿا:

سائينمَ سدائين ڪرين، متي سنڌ سُڪار
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

سنڌ پهرين، پوءِ سڄو عالم. هن روءِ زمين تي جيڪي به انسان رهن ٿا، تن جا اسين خير خواهه آهيون. انسان ۽ انسان جو رشتو ابدي، اعليٰ ۽ مثانهون آهي. هزارين ورهيه اڳي هندستان ۾ سنسڪرت جي هڪڙي عظيم ۽ يگاني شاعر "پرتري هري" چيو هو ته، "ماڻهو پيا چون ته هي منهنجو سؤٽ، منهنجو ماسات، منهنجي ذات وارو آهي، پر آءٌ چوان ٿو ته آءٌ ان ماڻهوءَ کي مڃيندس، جيڪو چوندو ته هن ڌرتيءَ تي رهندڙ سموريا انسان منهنجا پنهنجا آهن، عزيز آهن، قريب آهن، منهنجي جان آهن."

کارو هجي يا گورو هجي، سنڌي ڳالهائي، يوناني ڳالهائي، جرمن ڳالهائي، پنجابي ڳالهائي، پشتو ڳالهائي، بلوچي ڳالهائي، بنگالي ڳالهائي،

اسان جو عزيز آهي، قريب آهي. انسانيت جي رشتي جي ناتي، انسانيت زندهہ آباد، اهو اسان جو ايمان آهي، اها لطيف جي تعليم آهي.

پر پنهنجي مليز جي عزت ۽ آبرو جي حفاظت ڪرڻ اسان جو اولين فرض آهي. پنهنجي وطن، پنهنجي مارن، پنهنجي جهوپن، زمينن، پهاڻن، ميدانن، جبلن، سر زمينن، درياهن ۽ هڪ هڪ شيءِ ۽ هڪ هڪ وڻ، گاهہ جي هر هڪ ٻوٽي ۽ پن تي اسان جو حق آهي، اهو اسان جو آهي ۽ اسان جو ٿي رهڻ کپي. اسين ان جا مالڪ ۽ وارث آهيون ۽ دنيا جي ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي اهو اختيار ناهي تہ هو ان ڏانهن اک ميري ڪري ڏسي!

(26 جولاءِ 1986ع تي دادوءَ ۾ ملهايل "جشن لطيف" جي موقعي تي ڪيل تقرير)

پگو آئون نہ چوان

لطيف سائين سنڌ جي تمام ڊگهي تاريخ ۾ سڀ کان وڏو ماڻهو آهي. ٻين ملڪن وٽ تمام وڏي تعداد ۾ اهڙا ماڻهو آهن جيڪي عالمي ليول جا ماڻهو آهن. هندوستان ۾ الاهي ماڻهو نڪري پوندا، جيڪي دنيا جي چوٽيءَ جي ماڻهن جي مجلس ۾ بيهڻ جي لائق هوندا. چين ۾ اهڙا تمام وڏا ماڻهو آهن، ٻين ملڪن ۾ وڏا ماڻهو آهن. اسان وٽ پنهنجي سموري تاريخ ۾ فقط هڪڙو ئي ماڻهو لطيف آهي، جنهن لاءِ اسان چئي سگهون ٿا ته سڄي دنيا جي سڀ کان وڏن ماڻهن جي جيڪڏهن محفل گڏ ٿئي ته ان محفل ۾ هڪڙو ماڻهو پڪ سان اسان جو به ان جو نالو آهي شاهه عبدالطيف ڀٽائي. آئون چوندو آهيان ۽ اڄ وري به چوان ٿو ته شاهه لطيف جيڪي به سنڌي ماڻهن ۾ عام ڳالهيون آهن، تن سيني جي ابتڙ هو ۽ مون چيو آهي ته جيڪڏهن رواجي ۽ سطحي معنيٰ ۾ چئجي ته کو ماڻهو وڏ ۾ وڏ سنڌين جي ابتڙ (وسيع ۽ فڪري معنيٰ ۾)هو ته اهو لطيف هو يعني سنڌي ماڻهن جون جيڪي عادتون، جيڪي ڏنڊا ۽ جيڪي اسان جا ڪارناما آهن، تن کي جي بلڪل ابتڙ ڪري پوءِ جائزو ونو. مثلاً، اسين گهر جا گلو گهر مان ٻاهر ئي ڪونہ نڪرون، سڄو ڏينهن گهر ۾ وينا آهيون، جيڪڏهن ٻن ميلن تي ماستر جي بدلي ٿي تڏهن به ڏوڙ ڏوڙان هوندي ماءُ پيءُ چوندا ته اسان جو پٽ پرديس ۾ هليو ويو آهي. لطيف سائين سڄي دنيا کي ڏسڻ ۽ فتح ڪرڻ جي ڳالهه ٿو ڪري. لطيف سائين سڄي دنيا ۾ سير ڪرڻ، پري وڃڻ، فاصلن کي نيست ۽ نابود ڪرڻ، دنيا جي براين، اوٽاين ۽ ٻڇڙاين کي ختم ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي آهي.

ڪاهوڙين ڪٽي، ساجهُر ٻڌا سندرا،
ڏورينديءِ ۾ ڏونگرين، ڪيائون پاڻ پٽي،
ڏکن ڏيل هٽي، ڇيهه لڏائون ڇپرين.

❋

ڪٽن نہ ڳيڪانَ، پنڌ پراهين هليا،
ڏوٽيئڙا ڪنهن ڏُڻَ ڪي، جُنبيا ڏانهن جابان،
ڪاهوڙين اُهيانَ، انگ نہ سَجي اڳڙي.

اسين ننڍڙا ماڻهو، گهر ۾ ويڙل گلو ماڻهو. پتڪڙا ننڍڙا ۽ ننڍڙيون سنڌي قوم جي سمورن عيبن تڪليفن ڏکن ۽ دردن جي دوا، لطيف سائين جي ڪلام ۾ آهي.

سويري به ڪنهن دوست چيو ته لطيف دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر آهي. آئون نهايت ادب سان ان سان اختلاف ڪندس. دنيا ۾ وڏا ماڻهو پيا آهن. لطيف وڏن منجهان هڪ آهي، پر وڏي ۾ وڏو هڪ ڇوڙ غير علمي ڳالهه آهي. فقط ڇوڙ ته لطيف سيني کان وڏو شاعر آهي، اها غير علمي ۽ غير مستند ڳالهه آهي. اسين ڪوشش ڪريون ته لطيف جي حوالي سان ڪابه غير علمي، غير مستند ۽ جتڪي ڳالهه پنهنجي شيءِ کي وٽائڻ واري ڳالهه ۽ وڏائي پيش ڪرڻ واري ڳالهه نہ ڪريون. اها لطيف جي توهين آهي، تنهن ڪري لطيف چوٽيءَ جي ماڻهن مان هڪڙو ماڻهو آهي. اهو ماڻهو جيڪو سنڌ جي جڙ ته سر زمين جو ماڻهو رهندي به، سنڌي نہ هو. سنڌين ۾ جيڪي پنج سئو ٻُريون ڳالهيون آهن، گهر کان ٻاهر نہ نڪرڻ واريون ڳالهيون آهن، لطيف انهن کي رد ڪيو آهي. لطيف کي سمجهڻ لاءِ سندس شعر ذهن ۾ هجڻ کپي.

ڪوَنر پاڙون پاتال ۾، پُوَنر پري آڪاس
ٻنهي سندي ڳالهڙي، رازق آندي راس
تنهن عشق کي شاباش، جنهن محبتي ميڙيا.

يعني هي پاتال جو ويڙل آهي، پر گهمي آسمانن ۾ تو زمين جي پاتال ۾ ويڙل ۽ سنڌي ماڻهو هوندي به لطيف جا خيال آسمانن جي بلندين تي هٿ، تنهن ڪري لطيف ـ ساڳي وقت سنڌ جو مقامي ماڻهو پٽ شاهه ۽ هالا جو ويڙل ماڻهو به هو ته ساڳي وقت عالمي علم، عالمي شعور، عالمي سمجهه ۽ عالمي فن جي بلند ترين چوٽين جو ماڻهو به هو.

ٻنهي سنڌي ڳالهڙي، رازق آندي راس،
تنهن عشق کي شاباس جنهن محبتي ميڙيا.

لطيف سائين ان ساڳي حوالي سان ٻين لفظن ۾ ٻه چيو آهي تہ

وِهي منجھہ وڳ، ڪتوري ڏار چَري،
ماڻِا منھنجي ڳَرھي، پڏر پڳ م لڳَ،
جَڳَ سين جِھڙو جڳ، ھيين سين ھُتِ چَري

اھا ڳالھہ آئون ان لاءِ چوڻ چاھيان ٿو جو اڄ سنڌ جي نجات فقط ھن ڳالھہ ۾ آھي، تہ سنڌي ماڻھو پنھنجو مقابلو بدين وارن يا ڏٽي وارن سان نہ ڪن، بدين وارا جيڪي پستي حال ۾ پيا آھن، اھي مقابلو ڪن ڏٽي وارن سان، جيڪو انھن کان ٻہ خراب حال ۾ آھي، وري ڏٽي وارا مقابلو ڪن ٿر وارن سان اھي انھن کان ٻہ چڙ.

اسان جو مقابلو ھئڻ کپي ويٽنام سان، جيڪو ٻہ سئو سال پنھنجي حقن لاءِ وڙھيو ھو. صحيح ۽ وڏا ڪم ڪرڻ لاءِ اسان کي چيني قوم سان، ويٽنامي قوم سان، روسي قوم سان ۽ ٻين اڳتي وڌيل قومن سان پنھنجي پيٽ ڪرڻ کپي. وڏا ڪم ڪرڻ لاءِ وڏي ٽائيم جي ضرورت آھي. وڏا ڪم صرف پِٽ پِٽ ڪرڻ سان ڪونہ ٿيندا. اھي ٽائيم ڏيڻ ٻاھر نڪرڻ سان ٿيندا. ڏي بي جو مرض صرف ھڪ گوريءَ کائڻ سان ختم ڪونہ ٿيندو ان لاءِ ٽائيم کپي، مسلسل علاج کپي. تنھن ڪري دشمنن جا ماڻھو. ايجنسين جا ماڻھو ٽورو ٽورو پيا ڪم ڪندا ۽ بار بار توھان کان پڇندا تہ ڪامياب ٿيا يا نہ. چئبو نہ۔ تہ چوندا ڪجھہ ئي ڪونہ ٿيندو. سياست مان ڪو فائدو ڪونھي. ھنن جو نعرو آھي، "ڪجھہ ئي ڪونہ". جي توھان جلسو ڪريو تہ چوندا جلسن مان ڪجھہ ئي ڪونہ ٿيندو. مضمون لکبو تہ چوندا مضمونن مان ڪجھہ ئي ڪونہ ٿيندو. وري جي ڪنداسين جدوجھد تہ چوندا ان مان ڪجھہ ڪونہ ٿيندو. وري جي ڳالھہ ڪئي سين اليڪشن جي تہ چوندا اليڪشن مان ٻہ ڪجھہ ڪونہ ٿيندو. توھان جنھن ٻہ چگي ڪم ۾ ھٿ وجھندا تہ دشمن ۽ انھن جا ايجنٽ توھان کي چوندا تہ ان مان ڪجھہ ڪونہ ٿيندو. توھان جيڪا ٻہ ڳالھہ ڪريو تہ ھو توھان کي ٿھ پھ جواب ڏيندا. ان مان ڪجھہ ڪونہ ٿيندو. مطلب سڄي ڳالھہ جو اڇي بيھندو تہ ان مان ڪجھہ ئي ڪونہ ٿيندو. ھن دور ۾ اسان جا جيڪي ٻہ درد آھن، انھن سيني جي نشاندھي لطيف

سائين ڪري ڇڏي آهي. هن قوم کي سڀ کان وڏي ضرورت هن ڳالهه جي آهي ته لطيف سائين جي پيغام کي ڏيان ۾ رکن، پڙهن، پنهنجي قوم ۽ ڌرتيءَ سان محبت ڪن ۽ مسلسل پر امن جمهوري جدوجهد ڪن. ۽ سڀ سالن تائين لطيف کي نه سمجهيو ويو. اسان جا جيڪي وڏا ماڻهو هئا، تن چيو ته لطيف دعائن جو گهر آهي. پٽ ۽ ڏيئون ڏئي ٿو. وڏي ۾ وڏي ڳالهه هئي ته لطيف ڪرامتن جو شاعر آهي. تمام گهڻي عرصي کانپوءِ هاڻي وڃي خبر پئي آهي ته لطيف شاعر سان گڏ وڏو داناء ۽ عظيم ماڻهو به هو. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ان ڳالهه کي ايڏا وڏيڪ سمجهجي. وڏيڪ غور ڪجي، وڏيڪ ويچار ڪجي، پوءِ اسين لطيف سائين کي سمجهڻ جي قابل ٿيندا سين. لطيف چئي ٿو ته پنهنجي خيالن کي وسيع ڪريو سوچن کي وڏو ڪريو. مقصد ته ڪنهن جي چمچاگيري نه ڪيون، جيڪو اڇي تنهن کي سائين سائين نه ڪريون، ڪنهن جي اڳيان هٿ ٻڌي نه بيهون. لطيف سائين چوي ٿو ته "سيوا ڪر سمنڊ جي".

سنڌ جو وڏي ۾ وڏو مرض آهي ته ننڍڙا پتڪڙا خيال. خسيس ۾ خسيس سوچ. وڏي شيءِ جو تصور سنڌين ۾ ڪونهي، وڏا خيال به ڪونهن. وڏا ڏهن به ڪونهن ۽ وڏيون سوچون به ڪونهن ۽ خبر به ڪونهي ۽ خواب به ننڍڙا آهن. لطيف جيڪو پڙهندو سو پاڻ کي اندر ۾ طاقتور محسوس ڪندو.

لطيف سائين چوي ٿو ته سڀ کان پهرين وڏا خيال ۽ وڏيون سوچون هجن:

نه ڪٽن، نه ڪين کي، نڪي ڳالهائين،
ڪنهن جنهن ۾ آهين، سا پر پروڙڻ ڏاکڙو.

**

وچين وينا هون، سانجهي رهن سمهي،
بک مرندي بکيا، ڪنهن کان ڪين گهرن،
پيٽ نه هيريائون پنهنجا، چوري ساڻ ڇسن،
ڏکي فقيرن، ماڳيان پني ماڻ جي.

**

اوريان ئي آڻين، ميڙيو معلم خبرون،
سا تان سُڌ نه ڏين، جتي وه ويڌ ڪري

توهان تصور ئي نه ٿا ڪري سگهو. لطيف سائين جو ڏهن ڏسو:

وڃا وڻ وڻڪار جا. جت جائو جَمَرَ، جَر،
ڪوسا تپن ڪکرا، ٻي دَمدَمَ تپي ڏَرَ
ويچاريءَ ڏي وَرَ پير نه لهي پِريءَ جو.

**

وڃا وڻ وڻڪار جا، جت نانگ سُجن نيلا،
اُتي عبدالطيف چئي، ڪيا هيڪلين حيلا،
جِتِ ڪُڙم نه قبيلا، اُت رِسڃُ رهبر راهه ۾.

لطيف جا تمام وڃا ۽ لامحدود خيال آهن، محدود نندڙا پتڪڙا خيال ڪونه آهن. سنڌي ماڻهن وانگر ٽڪي جو فائدو ٽيو ماڻهو وڪامجي ويو.

نندڙا ماڻهو خسيس ماڻهو، پتڪڙا ماڻهو، بازاري ماڻهو، بازار ۾ اٽن ۽ گهوڙن وانگر وڪڙجندڙ ماڻهو.

توکان مهانگا ميلن ۾ هئا، اٺ وڪاڻا انڊا ڪاڻا،

اُٽن جو به ڪو ملهه آهي، سنڌ جي غدار ۽ ويڪو ميرن، پيرن جو ڪو مُلهه ئي ڪونهي/ بي مُلهه، بي وزن، بي عزت، بي وقار ماڻهو جيتري وڌيڪ ملڪيت هوندي، اوترا وڌيڪ بي وزن، اوترا سستا، اوترا بازاري، اوترا نيچ ۽ خسيس هوندا آهن.

لطيف سائين چيو آهي ته،

لاکا لک سُجن، ڪلاڻيءَ پير ٻيو
جنهن پر راڻا، راڄيا، ڪوٽن منجهه ڪنبن،
جنهن جو جاڙيجن، سُتي سنڇو نه لهي.

لطيف جو اهڙن ماڻهن سان پيار هو. لطيف سائين چئي ٿو ته سنڌ ۾ ڪهڙا ماڻهو هجڻ کپن؟

پاڻ ئي ٻڌائي ٿو:

برو هو ٻنيور، آرياڻي اجاريو
لاڻو سپ لوڪ تان، هاڙي ڏٺيءَ هور
چوريون چُرڻ سکيون، پنهون ڪيائون پور
آيو سو اتور جنهن ڏکيون ڏِک وِهاريون.

اهڙا ماڻهو جو ڏکين کي ڏِک (سيڃ) تي ويهارين.

مون سي ڏنا ماءُ، جنين ڏنو پرينءَ کي،
تنين سندي کا، ڪري نہ سگهان ڳالهڙي

❊

اکين سوئي اوڙکيو جو ڪنين سو مر ڪرن،
ماءِ منهنجو من، ڄام پسندي ئي پتيو.

❊

ايندي لٽين اُجّ، پير پريندي ٺريا،
منجهه ويڙهي سُجَ، گرَ لڏي رِڻُ اکاريين.

اهڙن بي بها ماڻهن جي سنڌ کي ضرورت هئي ۽ لطيف سائين تن جو تصور پيش ڪيو. اهڙا ماڻهو لطيف کان اڳ پر هئا ٻه.

جکرو جَسَ کرو ٻيا سپ انيرا،
جيائين جُڙيو جکرو تئائين نہ ٻيا،
مٿي تنهن ماڳا، اصل هئي ايتري

لطيف کي بي بها ماڻهن جي تلاش هئي. هيرن موتين جواهرن کان ٻہ وڌيڪ جن جو مُلهه هجي، اَملهه ماڻهو هجن.

لطيف سائين چئي ٿو تہ،

اک الٽي ڏار وَنءُ الٽو عام سين،
جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وَهُ اُويار
منجهان نُوڇ نهار پُر پنيرو پرينءَ ڏي

لطيف سنڌ کي سست، ردِن ٻڪرين وارو فلسفو نہ ڏنو آهي، پر زمانن کي فتح ڪرڻ وارو فلسفو ڏنو آهي.

جت عرش، نہ اُيُ ڪو زمين ناهہ ڏرو
نہ ڪو چاڑهائو چنڊ جو نہ ڪو سج سرو
اُتي آديسين جو لڳو دنگ درو
پري پيِن پرو ناٽ ڏنائون نانهن ۾.

انهن بلندين جي جتي سج جو شعاع نہ آهي، جتي ڪا شيءِ ناهي، پر جتي عزم آهي، حوصلو آهي. سنڌي ماڻهن کي لطيف سائين انهن بلندين ۽ انهن وسعتن تائين پهچڻ جو سبق ڏنو آهي.

جت نہ پکيءَ پير، تت ٽمکي باهڙي،
ٻيو ٻاريندو ڪير، ڪاهوڙڪي ڪير ري

هي معيار سڃيءَ دنيا کي فتح ڪرڻ جا معيار آهن.

جيڪڏهن منهنجي روح جي نس نس ۾ لطيف نہ هجي ها، تہ نہ آئون عزت ۽ آبروءَ سان پورا ڏهہ سال قيد جا ڪاٽي سگهان ها ـ نہ هي سموريون جرئتون، هي طاقتون ۽ حوصلا هجن ها. اهي طاقتون ۽ حوصلا صرف ۽ شين جي ڪري آهن هڪڙو لطيف سائين کي گهرائي سان پڙهڻ ڪري ۽ ٻيو حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي زندگيءَ مان سکڻ ڪري تنهن کان پوءِ دنيا جي پورهيت عوام جون پنهنجن حقن لاءِ ڪيل جدوجهدون جيڪي گذريل ڪيترن ئي صدين کان جاري آهن، انهن جي مطالعي اسان کي ٻڌايو آهي تہ هر عوام دشمن شئي، نيچ ۽ حقير آهي.

لطيف سائين چوي ٿو تہ

سيوا ڪر سمنڊ جي، جِت جَرَ وهي ٿو جال.

لطيف جي خيال ۾ تہ سمنڊ جي سيوا ڪر ـ ٽکن پئسن پٽيان نہ ڊوڙ. ناڻي تي نہ وڪامجو. جيڪو ٽکي جي خسيس ۽ عارضي ڳالهين ۽ مفادن تي ڪونہ وڪامبو. ان جي زبان، ان جو ذهن، ان جو دماغ چگهين ۽ عوام دوست ڳالهين ڏانهن ويندو.

لطيف سائين ٻيو آهي تہ

عمر سڀ عشق سين، پنهون جي پڇن،
ريس ريڌاليون تن سين، ڪهاڙي کي ڪن؟
مارڳ جي مرن، وڏا طالع تن جا.

منزل تي پهچڻ کان اڳ ضروري آهي، مارڳ ۽ عظيم مقصد تي قائم رهڻ، جيڪو گس وڃي ان تي شروع کان وٺي توڙ تائين قائم رهڻ ۽ پنهنجي مقصد کي عظيم ترين، سمجهڻ ۽ ان جي پيٽ ۾ پنهنجي قربانين کي نيچ ۽ حقير سمجهڻ. لطيف سائين ان لاءِ رهنمائي ڪئي آهي. هڪڙي هنڌ چيو آهيس تہ :

ڳ ڪي ڳڙيان پَير؟ ڳ ڪڙهان ڪيچ ڏٽين لئ؟
اي ڏُنءُ ڏُيئي ڏير، پاٽان پراهان ويا.

پنهونءَ جا پير ڪٽان يا ان جو ماتم ڪريان، ماتم ٿي ڪريان تہ مون کان پير ٽا ڏهن، پير ٿي ڪٽان تہ ماتم جو اظهار نٿي ڪري سگهان. چئي ٿي:

ڳڙهہ پُڙ ڪيچ ڏٽين لئہ ڳڙَ پڙ پير سندانِ
اِنهين پر اُتان، پندين مُنڊا! پهاڙ پر.

لطيف سائين جي هن ڳالهہ جي نڪتي تي ويچار ڪجو.

ڪڙهي ءِ ڳڙي، پَر پر پير پنهونءَ جو
سڪ ٻڌائين سندرو، جانب لئہ جڙي،
لانچي لَڪَ لطيف چي، مُنڊ جهيڙي ءِ جهڙي،
پٽي تان نہ پڙي، جي عُمر سيپ ايئن ڪري.

❋

آئون ڪِہ نہ ڄاڻان اي؟ تہ جَرَ گهڙي جوکو ٿئي،
قضا جا ڪريم جي تنهن کان ڪنڊ ڪيبو ڪيئن؟
هڪ لِکئي، ٻئي نينهن، آڻي اَوليَس اول پر.
هڪ لکيو بہ آهي تہ ٻيو نينهن بہ آهي.

لطيف سبق ڏنو آهي تہ زندگي ٿوري آهي. هي وزيري، ميمبريون ڪا شئي ناهن. زندگي جو مقصد. صحيح رستي تي گامزن رهڻ، صحيح، وڏن اعليٰ عظيم ءِ عالمي مقصدن کي سامهون رکي، انهن جي واسطي جدوجهد ڪندو رهڻ کان وڌيڪ زندگي جو ٻيو ڪوبہ معراج ناهي. ان کان وڌيڪ زندگي جي ڪا سڏلتا، ڪا ساڃاهہ بہ ناهي. شين ءِ ملڪيت جا ڏير گڏ ڪرڻ ڪامياب ناهي. گاڏيون ونڻ ڪامياب ناهي.

لطيف جي نظر ۾

ان کان ماڻهو فقير هجي، پلي ڪجهہ بہ نہ هجيس، ڪا شيءِ نہ هجيس، پر عزت هجي، آبرو هجي، شان هجي، مان هجي ءِ وطن ءِ عوام سان وفادار هجڻ کپي ءِ ناقابل برداشت ءِ عوام دشمن ڳالهہ کان انڪار هجڻ کپي.

جي لوڻ لڳين لاهيين، چيري چيري چمر،
مون ڪُر اڳي نہ ڪيو، اهڙو ڪوجهو ڪمر،
جان جان دعويٰ دمر، تان تان پرت پنهوارن سين.

زندگي جي جدوجهد ۾ سڀ کان پهرين ظلم، جبر، دهشت ۽ بربريت کان انڪار ڪرڻ کپي. توهان ڏسو ته هي ظلم ۽ جبر ٿئي ٿيو پر اسان جا چونڊيل ميمبر سڀ تماشائي ٿيو وينا آهن ۽ چرچا ٿيا ڪن. هڪ جن وٽ اقتدار آهي ۽ ٿيا سندن مخالف آهن، سڀ پاڻ ۾ گڏ آهن.

پڳو آئون نہ چوان، ماريو تان وسهان
ڪانڊ منهن ۾ ڏڪڙا، سيڪيندي سونهان
تان پڻ لڄ مران، جي هونس پُٺ ۾-

اسان کي ضرورت پئي ته اسين پنج سئو سال سنڌ جي حقن جي واسطي جنگ جاري رکنداسين. اسين اهي ناهيون جيڪي ويهي رهنداسين.

"اسين انهن مان ناهيون جو جنگ هلندي پُٺ ڏيون".

ساڻيو- جيئي سنڌ، جيئي لطيف.

("جشن لطيف" بدين ۾ ڪيل تقرير، 7 مئي 1997ع)

اڄ آکڙيا آيا

سهڻي سائينءَ چيو آهي:

ڏينهان ڏورين ڏٺ سين، راتيان ڪن رهاڻ،
عمر تنين ڪاڻ، منهنجو روح رڙيون ڪري

سنڌ ۾ محفلن ۽ مجلسن جي تمام وڏي کوٽ آهي. سنڌ کي ڏهني ۽ روحاني طرح جڙ تہ هڪڙي رڻ پٽ ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ صرف موقعي پرستيءَ جون، پيٽ پرڻ جون ۽ چار سؤ ويهہ ٽڪيون ڪرڻ جون، دڀاءَ وجهڻ جون ۽ دهشتگرديءَ جون ڳالهيون ٿين ٿيون. محبتن جون ٻڌيءَ جون، خوشحاليءَ جون، ترقيءَ جون ڳالهيون، محبت جون ڳالهيون، رهاڻين جون ڳالهيون، هتي ختم ڪيون ويون آهن. تنهن ڪري اهڙيءَ ماحول ۾ هن قسم جون محفلون انتهائي اهم ۽ سٽيون ڳالهيون آهن، جن کي همٿائڻ کپي ۽ اهڙيون محفلون تمام گهڻيون ٿيڻ کپن.

دوستو! شاهہ لطيف پٽائي وارث آهي، ۽ ثقافتي وهڪرن جو ۽ ثقافتي روايتن جو. هڪڙي روايت آهي ايراني تصوف جي. جنهن جا وڏا نمائندا مولانا رومي، حافظ شيرازي ۽ جامي وغيره آهن. ان کانسواءِ ٻيا تمام گهڻا زبردست صوفي شاعر آهن. شاهہ لطيف نمائندگي ڪري ٿو ان روايت جي جنهن مذهب کي سُلطانن، شهنشاهن، حاڪمن جي هٿ جو هٿيار بنائڻ جي مخالفت ڪئي. ستين انين صديءَ تائين ملن سرڪار جي ايجنٽن جو ڪردار ادا ڪرڻ شروع ڪيو. خلق خدا لاءِ عذاب ٻڌجي ويا. دين ۽ شريعت جون اهڙيون تاويلون پيش ڪيون ويون، جو ماڻهن لاءِ ساهہ کڻڻ ۽ مشڪل ٿي پيو. هر شئي تي بندش وڌي وئي. نفرت وڌائي وئي، تعصب وڌو ويو ۽ ماڻهوءَ کي ماڻهوءَ کان پري ڪيو ويو. انسان دوستي کي رد ۽ باطل ڪيو ويو. صرف بادشاهن طرفان قرآن جون ۽ حديثن جون ڪوڙيون تاويلون پيش ڪيون ويون.

اتي الله واتي رسول هو اولمرت مڪمر.

جي معنيٰ آهي تہ جيڪو غنڊو جيڪو بہ دهشتگرد، جيڪو بہ ڏاڍو ڏنڊو ڪٽي اچي، ان جي اطاعت ڪريو. ان ڪوڙين تاويلن، ۽ دين جي غلط تشريحن مسلمانن جي دنيا ۾ هڪڙي قسم جي فاشزم کي جنم ڏنو. جن بادشاهن ۽ حاڪمن کي، ماڻهن جي روحن ۽ ذهنن جو مالڪ بنائي ڇڏيو ۽ ماڻهن جي ذهنن، روحن ۽ ضميرن کي بند ڪيو ويو. هي بہ ڪفر آهي، هي بہ غلط آهي. هو بہ غلط آهي، نہ ڪُجو نہ پُڇو نہ هلو چُپ ڪريو زبانون بند ڪريو اکيون هيٺ ڪريو فرمان بردار ٿي رهو! تڏهن اسان جا صوفي آيا. جنهن چيو تہ منهنجو محبوب ٿو پچي تہ آئون تو وٽ اچان ٿو. تو لاءِ تحفو کهڙو ڪٽي اچان؟ تہ ان کي چيائين.

بی دردم یاد یگر ہر چہ، آید خوب است

بنان درد جي متان اچين، پيو جيڪي آٽين ٺيڪ آهي. دل ۾ درد ڪٽي پوءِ اچجانءِ منهنجي لاءِ تحفو

حافظ گر وصل خاص صلح کن باخاص وعام،
بامسلمان الله با برہمن رام رام .

"اي حافظ جيڪڏهن چاهين ٿو دنيا ۾ امن هجي تہ هنن مُلن جي پٺيان نہ لڳ هي هندو هي مسلمان هي فلاٽو هي فلاٽو هي فلاٽو نفرتن جون ديوارون قائم ڪرڻ وارن کي ڌاهي ڇڏ.

حافظ مئ خور ورندی کن وخوش باش ولے،
دام تزویر مکن چون دگر ان قرآن را

حافظ جي نٽو مڙين تہ وڃي شراب پي. مستيون ڪر. جيڪي وٺئي سو ڪر. پر ٻيلي هڪڙو خدا جي واسطي ڪم نہ ڪجانءِ. قرآن مان ڪوڙ ڪيون ٺاهي، مسلمانن ۽ مسڪين ماڻهن کي ڦاسائڻ جو ڏنڊو متان ڪرين.

انهن ماڻهن هن سموري نظام، جيڪو حاڪمن ۽ جاگيردارن ۽ انهن جي ايجنٽ مُلن مسلمان دنيا جي متان مسلط ڪيو هو ، انهن جي خلاف بغاوت جو اعلان ڪيو.

بیاکہ قاعدہ آسمان بگردانی
فلک راشک ببیشکاتیم وطرح نوبہ اندازي

اچو تہ آسمانن ۾ ڏار وجھون نئون بنياد رکون، نئون انسان دوست!

خيام چيو آهي:

گر بر فلک ان دوست بُدی تون يزدان
برداشت مين مني فلک راز بيان
کز نئو فلک ديگر کنو.....

جيڪڏھن منھنجي وس ۾ ھجي، جيڪي الله سائين کي ايڏا اختيار آھن، اھي جي مون کي ھجن ھا تہ ھن جھان کي ڪٽي زمين تي ھٽي پاش پاش ڪري ڇڏيان ھا، ۽ ٻيو ھڪڙو اھڙو نئون جھان ٺاھيان ھا، جنھن ۾ دردمند انسانن جا درد دور ٿي وڃن، ۽ ماڻھو پنھنجي آرزوئن ۽ تمنائن کي مڪمل ڪري سگھن.....

حافظ چيو آهي:

آدمی در عالم خاکی نمي آيد بہ دست
عالم ديگر بايد ساخت وزنو آدمی

ھن خاڪي جھان ۾ آئون ڪو انسان ڏسان ئي ڪونہ ٿو. ڪو ھندو آ، ڪو مسلمان آ، ڪو مُلو آ، ڪو حاڪم آ. انسان تہ آھن ڪونہ.

ھڪڙو ٻيو جھان ٺاھڻ کپي! ۽ انسان بہ نئون ٺاھڻ کپي! ھي پراڻو جھان، پراڻا ماڻھو ناڪام آھن. ھي نہ کپن.

لطيف سائين، ان روايت جو علمبردار ھو. رومیءَ چيو:

من ز قران مغز دا، برداشتيم،
استخوان پيش سگان اندا ختيم.

(مون قرآن جو مغز هٿ ڪري ورتو آهي. باقي جيڪي "هڏيون"، رهيون سي ڪتن جي اڳيان اڇلائي وڌيم.)

اقبال چيو ته:

يزدان بہ کمند آور اي همتِ مردان!

(اي مرداني همت، وڏي خدا کي ڪوڙڪي ۾ قاساءِ)

ماڻهن لاءِ مذهب کي هڪڙو عذاب بنائڻ جي، جيڪا روايت هئي، جيڪو جاگيردار پرست مُلن، پنڊتن، پانيڙن ۽ ٻين ماڻهن، حق کي ناحق بنائي وڌو چگي کي برو بنائي وڌو سڻي کي خراب بنائي وڌو تنهن جي خلاف احتجاج جي هي لهر ستين صديءَ ۾ پيدا ٿي. اها سفر ڪندي هتي آئي. ان جون روايتون، پنجاب ۾ گرو نانڪ ، بابا فريد، شاهه حُسين ۽ ٻين وڏيون.

گرو ناناڪ صاحب چيو آهي:

سپ نور ٿي سپ جگ اُپتيا ڪيا منديءَ ڪيا بُريءَ

بابا فريد چيو آهي:

فريدا مين جاڻيا ڏُک مُجهکو ڏُک سوائي جگ
اُچي چڑهه کي ويکيا، گهر گهر اِيهو آگ

فريد مون سمجهيو ته ڏک فقط مون کي آهي، پر ڏک ته سڄي جڳ کي آهي. جڏهن هيڻ ويٺو هئس، تڏهن سمجهيم ته رڳو آئون ڏکيو آهيان، پر جڏهن گهر جي چت تي چڑهي ڏٺم ته گهر گهر ۾ ڏک جي باه پئي ٻري، گهر گهر ظلم جو شڪار آهي.

شاهه حُسين چيو آهي:

پريم ڪٽوري اکيؤن اتريا نال سجڑ دي پيتي
جيون بيتي تيون بيتي سجڻان جيون بيتي تيون بيتي
سڪ دي سئي پريم دا ڏاڳا، گهن مان گُدڙي سيتي
جيون بيتي تيون بيتي سجڻان جيون بيتي تيون بيتي

اها جيڪا روش آهي ۽ هوڏانهن، ڪبير، ميران ٻائي، هندستان، پنجاب، ايران، وچ مشرق ۾ جيڪي انسان دوست ماڻهو هئا ۽ انسان دوست روايتون هيون، انهن سيني جو خمير شاهه لطيف وٽ هو. توهان ڏسندؤ ته

لطيف سائين سدائين رومیءَ جو ڪتاب، حافظ جو ڪتاب ۽ شاھ حسين جون ڪئين وايون، بابا گروُ نانڪ جون ڪئين وايون، شاھ جي رسالي ۾ داخل هيون. شاھ جو جيڪو گنج آهي، ان ۾ توهين ڏسندؤ تہ شاھ حسين جون وايون رومیءَ جا تہ ڪئين ڪلام اندر آهن. حافظ جو سمورو تصور آهي، لطيف سائين انهن روايتن کي پاڻ ۾ سمويو، پر ان ۾ اضافا بہ ڪيا. ان ۾ وڌارا ڪيائين. دين کي حڪمرانن ۽ شهنشاهن جي حق ۾ استعمال ڪرڻ جي خلاف سڀ کان وڌو علي الاعلان بابا بلي شاھ ڪيو هو. سچل ان کان پوءِ ٿو اچي.

جي تون غازي بنڻان لک بن تلوار،
پهلي ملان مار تي پچون ڪافر مار.

سچل.....

سهي هيس سلطان چا منجهان هِت چا ٿي آيس،
اٿم اهو ارمان، چا منجهان هِت چا ٿي آيس!

❊❊

ايجها ڪم ڪريجي، جنهن وچ الله آپ بڻيجي!

انهيءَ قسم جون رندي ۽ مستيءَ جون ڳالهيون، اوپر مان هن پاسي پهتيون. لطيف سائين ان جو نچوڙ هو. ان کي اڳتي آندائين. ان کي وڌايائين. ان کي مضبوط ڪيائين. اسين جيڪي مشرق ۽ مغرب جي شاعريءَ جا پڙهندڙ ۽ شاگرد آهيون. لاطيني ۽ رومي، سنسڪرت، چيني ۽ ٻين علمن جا ۽ شاعريءَ جا شاگرد آهيون. لطيف سان محبت ان ڪري ڪريون ٿا، جو لطيف جيستائين هو ان دور تائين اهي تصور هٿ ئي ڪونہ. رومي ۽ جامي کان پوءِ ڪير آهي؟

پر ڪي تصور ڪي ڳالهيون لطيف ۾ اهڙيون هيون جي انهن سيني ۾ نہ هيون. استادن ۾ نہ هيون. شاگردن ۾ هيون. هڪڙي ڳالهہ هئي، عوام جي عوام دوستيءَ جي. عوام جو تصور اڳوڻن شاعرن ۾ ڪونہ هو. ٻي اقبال ۾ انقلاب جي ڳالهہ آهي، پر اها بعد جي ڳالهہ آهي. لطيف ڄائو هو 1689ع ۾. هي بابا بلي شاھ جو همعصر آهي ۽ ٻيا ٽي وڏا شاعر آهن، ٽي سيد آهن. هڪڙي ئي سال پيدا ٿيا. قصُور ۾ بابا بلي شاھ، ملتان ۾ حيدر ملتاني، هتي

شاهہ لطيف. هڪڙي سال ۾ پيدا ٿيا. پر توهان ڏسندؤ تہ لطيف قطعي مختلف آهي ۽ ڪيترين ئي ڳالهين ۾ عوام دوست هو:

لر ڪر ست سهيليان نال آئي هير متڙي روپ گهمان دي

حسن ۽ محبت جو ذڪر مومل وٽ بہ آهي. پر اُتي هير ۽ رانجهي جو قصو آهي. سڄو فوڪس هير تي آهي يا رانجهي تي آهي.

لطيف مارئيءَ جي ڳالهہ ڪري ٿو عمر جي ڳالهہ ڪري ٿو. ڪيت جي ڳالهہ ڪري ٿو. پر ان کي جيئن ڪوٽ ڪليءَ تي ٽنگبو آهي تيئن ڪليءَ تي اهو ٽنگڻ لاءِ استعمال ڪري ڳالهيون ٻيون ٿو ڪري. ان کي وڌائي ٿو. لطيف ڪنهن هڪ جي بدران عوام جي ڳالهہ ڪري ٿو. هيڻن جي ڳالهہ ڪري ٿو.

جيها جي تيها، مون سي مارو مڇيا.
مارئي رڳو نہ "مارُو".
جيها جي تيها، مون سي مارو مڇيا،
اٿر آس اها، ڪڏهن ڪيرائيندين ڪوٽ کي.

**

مون ڪاهوڙي لکيا، گهَريُن نہ گهارين،
واحد لڳ ولهن، ۾ رويو جَرَ هارين.
گوندر گذارين، جي ڏوتي ڏٽ گڏ ٿيا.

اڄ آڳڙيا آيا، سائو ڪي سڃاڻ،
لاهيندا موربا، رُڪ ڪريندا پڏرو.

رڳو حسن ۽ عشق جي ڳالهہ ڪانهي. لطيف جا وسيع ترين موضوع آهن. وسيع ترين ڳالهيون آهن. انهن ۾ داخل آهي. انقلاب! عوام دوستي. انسان دوستي. انقلاب ۾ شين کي تبديل ڪرڻ. شين جي ماهيت کي تبديل ڪرڻ وارو تصور آهي. ان زماني جي تاريخ توهان ڏسندؤ ان دور ۾ عوام جي ذريعي. شين کي تبديل ڪرڻ. عوام جي حالتن کي تبديل ڪرڻ جو تصور هو ئي ڪونہ! ان وقت انسان ذات جي شعور ۽ سمجهہ اڃان اهو سفر طئي نہ ڪيو هو. جو سمجهيو وڃي تہ تاريخ جو خالق عوام آهي.

سيني قوتن جو مرڪز عوام هئڻ کپي. عوام ۾ تبديلي اچڻ کپي. گهٽا ماڻهو غريب ماڻهو.....

مٿن ٽُپڪ ٽپڪڙا، چڪندڙا اچن،
ڪڙيون ڪِهه پُڪليون، پگهر سر پيرن،
اي وڙ ويڙهيچن، مون لوڏانهين لکيا.

معمولي، غريب ماڻهو، مسڪين ماڻهو مارو ماڻهو بي وَس ماڻهو.

نه ڪِلن نه کين ڪي، نه ڪي ڳالهائين،
ڪنهن جنهن ۾ آهين سا پَر پَروڙڻ ڏاکڙو.

❊❊

وچينءَ وينا هون، سانجهي رهن سمهي،
مهيسي منهن پنهنجو ڏاران ڏُوڙ نه ڏُون،
ڪنهن کي ايئن نه چُون، ته ڪي آديسي آهيون

وسيع پئماني تي محبتون، قرب، سچايون، ۽ خصوصاً عورت جيڪا مظلوم آهي. ان مظلوم جي ذات، ننڍا ماڻهو وساريل ماڻهو نظر انداز ڪيل ماڻهو نظر انداز ڪيل شيون، انهن سيني هيناهين شين کي تبديل ڪرڻ، اُبتو ڪري پيش ڪرڻ، استيتسڪو کي رڳو چئلينج نه ڪرڻ، پر استيتسڪو کي ڪلٽي ڪرڻ، جيڪي آهي، تنهن کي اونڌو ڪرڻ.

اک اُلٽي ڏار، ونڻ ابتو عام سين،
جي لهوارو لوڪ وَهي، تون اُوچو وَهُ اوپار.

اُلٽي اک! ماڻهن وانگر نه هل! هجومن سان گڏ نه هل! جيئن گهٽا ڪن ٿا ايئن نه ڪر! سڄي جڳ سان نه هل، جڳ جي ابتڙ ٿي! اُلٽي ٿي! انقلابي ٿي!

ونڻ معنيٰ وڃ!

وڃ ابتو عام ڪان.....

جي لهوارو زماني سان ٿي، چوندبيل ميمبرن سان گڏ ٿي. جيڪا پارٽي پاور ۾ آئي آهي تنهن سان گڏ ٿي، "بلڪل نه". ونڻ ابتو عام ڪان.....

جي لهوارو لوڪ وَهي، تون اوچو وهه اوپار
نائي نوڇ نهار، پُر پڻيرو پرينءَ ڏي

محبوب ڏانهن سڏو نہ وڃ، پُڻي ڏيئي هل. لطيف سائين مرد کي نہ جونجهارن کي نہ، پهلوانن کي نہ، عورت کي چيو اٿس تہ بي خوف ٿي. هن عورت جي جرئت جا ترانا ڳايا آهن. ڪمزورن کي طاقتور بنائڻ جو ڏس ڏنو آهي. سيني کي گڏ!

سائين مرسدائين، ڪرين متي سنڈ سُکار
دوست منا دلدار، عالم سيپ آباد ڪرين.

يونيورسل ازم، نيشنل ازم، قومن جي دوستي، سيني انسانن جي برابري ۽ محبت، ۽ سڄي دنيا جي ڳالهہ. هونئن قومي تعصب هوندو هو. ايراني سڀا آهن. فلاڻا خراب آهن. سنڌي سڀا آهن، پنجابي خراب آهن. انهيءَ قسم جي نان سنس (Nonsense) اڳي هئي. لطيف سائين چئي ٿو:

دوست تون دلدار، عالم سيپ آباد ڪرين.

سڄي دنيا جي ڳالهہ ڪئي اٿس. جيئن اشوڪ اعظم اڄ کان هزارين ورهيہ اڳي جنگ جي خلاف ڳالهہ ڪئي. ڪي ماڻهو پنهنجي وقت کان گهڻو اڳ ڳالهہ ڪندا هئا. اڄ دنيا چئي ٿي تہ جنگ نہ ڪپي. پر ٻہ سؤ سال قبل مسيح يعني اڄ کان 22 صديون اڳي. هن سر زمين تي پنهنجي هن وادي‌ءَ سنڌ، تنهن جي اندر اشوڪ اعظم حڪومت ڪندو هو. تنهن چيو جنگ گناهہ آهي. جنگ نہ ڪپي. تيئن لطيف سائين ٻہ سؤ سال اڳ، اهي خيال پيش ڪيا. جيڪي يورپ ۾ نہ هئا. ان وقت تائين اهو تصور عام نہ هو. غريب دوستي‌ءَ جو تصور نہ هو. انقلاب جو تصور نہ هو. انقلاب آڻي شين کي تبديل ڪرڻ جو تصور نہ هو.

برو هو پنيور.....

سسئي پنهون جي داستان ۾ رڳو پنهون خان ڪونہ ويٺو آهي، رڳو سسئي ڪانہ ويٺي آهي، پنيور آهي ۽ پنيور جا مظلوم ماڻهو آهن.

برو هو پنيور، پر آرياڻي اجاريو
لاڏو.....

وري ڏسو هڪڙي ماڻهوءَ جي ڳالهہ ڪٽي سيني جي ڪيائين، ان لاءِ هڪڙي مغربي مفڪر چيو آ تہ "جيڪا محبت هڪڙي جوڙي کان شروع ٿي، سموري انسانن سان محبت ڪرڻ نہ سيکاري، اها محبت جڏي ۽ ناڪافي آهي."

برو هو پنيور، آرياڻيءَ اجاريو
هاڻي ڏسو ڳالهه ڪهڙي ٿو ڪري....
لاڙو سپ لوڪ تان....

هڪڙي تان نہ، ہن تان نہ شهنشاهن تان نہ، حاڪمن تان نہ، خوبصورتن تان نہ، سيني تان.

لاڙو سپ لوڪ تان، هاڙهي ڏڻيءَ هور

هور معنيٰ خوف:

چوريون چرڻ سکيون، پنهون ڪيائون پور.
آيو سو اتور، جنهن ڏکيو ڏِک ويهاريون

سيج تي ويهارڻ سپ ڏکيون. اي بي سي ڏي نہ. سمورو غريب طبقو، سپ مظلوم، ستايل ۽ سپ محروم ڪيل، انهن سيني ڏکين کي ڏک (سيج) تي ويهارڻ جي ڳالهه ڪري ٿو جرئت تي رڳو مردن جو ٽيڪو ڪونهي.

سسئي جي زبان ۾ چيو آهي

ڏونگر ڏکوين کي، تپي ڪندين ڪوه،
تون جي پهڻ پَٻَ جو، تہ لگ منهنجا لوه،
جنهن چوريءَ ۾ چوهہ، سا پٽون ٽيندي پير تي.

ڏونگر..... اڄ پاڻ جيئن پاڪستان جي جاهل، ڀُليل ۽ انتهائي ڪم ظرف حڪمرانن لاءِ چئون ٿا.

ڏونگر تون ڏاڍو ٿو ڏاڍا ڏاڍايون ڪرين،
مون تن اندر تيئن وهين، جيئن وڻ وڏي وادو،
اي ڪرم جو ڪاڍو نہ تہ پٿر ڪير پنڌ ڪري

❊❊

ڏونگر مون نہ ڏکوءِ، آئون اڳ ڏکوئي آهيان
جڙ تہ سنڌ پئي ڳالهائي. سسئي ڪانہ ٿي ڳالهائي. سنڌ ٿي ڳالهائي.

ڏونگر مون نہ ڏکوءِ، آئون اڳ ڏکوئي آهيان،
پهڻ پير پٽون ڪيا، تريون ڇُنيون توءِ،
رحم نہ پَيئي روح ۾، قدر نہ منهنجو ڪوءِ،
واکو ڪنديس ووءِ مون سان جبل ٿو جاڙون ڪري

❊❊

ڳڙهي ۾ ڳڙي، پر ۾ پير پنهونءَ جو
سڪ ٻڌائين سندرو جانب لئه جڙي،
لانچي لڪ لطيف چئي، منڌ جهيڙي ۾ جهڙي،
پٽيءَ تان نه پڙي، جي عمر سڀ ايئن ڪري،

جيڪڏهن ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ، سڄي ڄمار جدوجهد ڪجي، تنهن جي حيثيت پيرن جي پٽي جيتري به ڪانه ٿيندي لطيف سائين چئي ٿو:

ٻريائي ته ٻار.....

ڪنهن سان وڙهو نه! جهيڙو نه ڪريو! ڪنهن لاءِ ٻارڻ نه ٻاريو! ڪنهن لاءِ ڪڏ نه ڪوٽيو پر...

ٻريائي ته ٻار.....
پر جي ٻري اچي ته پوءِ ڦوڪ ڏينس، ٻارينس!
ڦوڪ ته لڳي عنبرين.....

پوءِ اهڙيون ڦوڪون ڏينس جو آسمانن تائين باهه جا شعلا وڃن چوندا: "غريب هٽي ڪونه، جي هٽي ته ماري وجهي! توهان (1983ع ايم آر ڊي تحريڪ) ۾ ڏٺو هو سنڌي پاڙيا آهن، سنڌي پاڙيا آهن. پوءِ توهان ڏٺو ته مڙس ڪير هو؟ آئون ڪوٽ لکپت جيل ۾ هوس، اسان پڙهندا هئاسون. پوءِ ڪير وڙهيو هو؟ جيڪي گهٽو بڙ، بڙ، بڙ، بڙ ڪندا آهن. اهي نه وڙهندا آهن. جيڪي ماڻ ۾ آهن سي وڙهندا آهن.

آئون ماريس تنهن ماڻ، جيجان جوڳيڙن جي.

جيڪي ماڻ ۾ هوندا آهن جيڪي فهميده هوندا آهن، جيڪي ٻُردبار هوندا آهن، اهي جڏهن وڙهندا آهن ته توڙ تائين وڙهندا آهن.

لطيف جي فڪري شعور ۾ بهادري جي معيار کان گهٽ وڙهندؤ ته نقصان کائيندؤ! لطيف جو ارشاد ڪيل آهي:

تون جي پهڻ پٻ جو ته لڳ به منهنجا لوهه!
مارئي چئي ٿي
جي لوڻ لِڳين لائيين، چيري چيري چمڙ،
مون ڪُر.....

مون ڪُر معنيٰ منهنجي خاندان. منهنجي قوم.

مون کر اڳي نہ ڪيو اهڙو ڪوجهو ڪم،
جانُ جانُ دعويٰ دم تان تان پرت پنهوارسين.

❊

ڏان تہ ہن اولجان تہ اُن پار ڏي،

سهڻي چئي ٿي، ڏي وجان، مري وجان پر ..... تہ بہ لهرن جي وسيلي هُن پاسي پهچي ويس تہ آئون ڪامياب ٿي ويس.

ڏان تہ ہن اولجان تہ ان پار ڏي!

موت ڇا آهي! توهان سڀ مري ڪونہ ويندؤ. ڀٽو مري ويو. پوءِ هي بينظير سدائين ويئي هوندي ڇا؟ اها ڪانہ مرندي ڇا؟ سڀ مري ويندا. توهان مرندؤ اسين مرنداسون ڪو بہ ڏينهن اڳ پر مرندو ڪو بہ ڏينهن پوءِ مرندو. جو اڄ اسان کي مارينڈو سياڻي پاڻ ڪونہ مرندو ڇا؟ سڀ مري ويندا. قاتل بہ مري ويندا، مقتول بہ مري ويندا. جيڪي ماڻهن جا ڇوڙا پيا لاهين، اهي ڪونہ مري ويندا ڇا؟ انهن جي هڏن کي ڪينئان ڪونہ کائيندا ڇا؟ پوءِ هنن جو حشر ٿيو سو توهان ڏٺو؟ مرڻ ڇاهي؟ مرڻ تہ برحق آهي:

ڏان تہ ہن، اولجان تہ ان پار ڏي،
ڪنڈي ايا سپرين، مان ہر ہر ڪن،

❊

ڪير برهمڻ ڪن جي، ڪير ڇاڻي ڪيڏاس.

عظيم ڪازءِ مقصد سان وابستگيءَ جي باري ۾ لطيف سائين چئي ٿو تہ:

سڏر سين سگ ٿيو پر ڪنبين پيياس،
ڪير برهمڻ؟ ڪن جي؟ ڪير ڇائي ڪيڏاس؟
هوند نہ سندّ سياس، هن پرين ڪيس پڏري

سڏر سان منهنجو تعلق ٿيو تنهن ڪري هن ملڪ ءِ هن ڪنبِ تہ ٿهيو پر ہين ڪنبن تائين منهنجون واڪاڻو ساراهون ہين ڪنبن تائين پکڙجي ويون آهن.

هونئن تہ سسئي کي ڪير پڇي ها! گهر ويٺي هجا ها تہ ڪير پُڇيس ها.

تہ ڪر ڪيئن سُئي، جي سير نہ گهڙي سهڻي،
هِت حياتيءَ ڏينهڙا، هڏهين تان نہ هئي،
چُڪيءَ تنهن چري ڪئي، جا ڏِنس اُن ڏهي،
سهڻيءَ کي سيد چئي، وڏو قرب ڪُهي،
هونئن بہ هوند مئي، پر پُڏيءَ جا ٻيڙا ٽيا.

تنهن ڪري ثابت قدميءَ سان وڙهڻو آ. هي اوهان جون آزاديون خطري ۾ آهن! هي ملان وٺا آهن پَر ساهيو!

دهشت دم درياه ۾ جت جايون...

پاڪستان جي حالت آهي

دهشت دم درياه ۾، جت جايون جانارن،
نہ ڪو سنڌو سير جو، مپ نہ ملاحن،
درندا درياهہ ۾، واڪا ڪيو ورن،
سڄا ٻيڙا ٻار ۾، هليا هيٺ وڃن،
پرزو پيدا نہ ٿيئي، تختو منجهان تن،
ڪوجو قهر ڪنن ۾، ويا ڪين وَرن،
اتي اڻ تارن ساهڙا! سير لنگهاءِ تون.

خطرناڪ صورتحال ۾ آهيون. پاڻ بيهنداسين مضبوط ٿيندا سين. هنن سيني کي شڪست ڏيندا سين. پنهنجي عزم سان، پنهنجي جرئت سان. هي ڪمزور آهن. هنن کي طاقتور متان سمجهو. هنن هي فراڊ ڪيو. هي سڄو فراڊ هنن کي ڳچيءَ ۾ وجهڻو آهي. ۽ تنهن کان پوءِ

ڪلهي ڪاتو ڪنجرو، متو اگهاڙو
منهنجو ڪجاڙو پينر هن پنيور ۾.

پوءِ اسان جي هنن سان ڪا بہ مائٽي ڪانهي. اسين آزاد هونداسون. اسان جو فرض هوندو تہ هر طرح سان هر طريقي سان هنن کي ناڪام بنايون.

("جشن لطيف" ڏگهڙي ۾ تقرير، 13 سيپٽمبر 1997ع)

متو آهين مڃ

لطيف سائين چيو آهي:

نئون نياپو آيو راڻي مُلا رات،
لڏي سون لطيف چئي، ڪنان ڏاتر ڏات،
ڪانہ پڇي ٿو ذات، جي آيا سي اگهيا،

❊

سامي ڪامي پرين لئہ، ڪُسي ٽيا ڪباب
جهڙو ڏسن ڏوهہ ڪي، تهڙو تن ثواب،
اوتين ارتين گاڏئون، منجهان اکين آب،
سندو ذات جواب، تون ڪهڙو پڇين تن ڪي.

لطيف سائين، نئين نياپي وارو هو. لطيف سائين مذهبي فرقن، غريبن ۽ شاهوڪارن جي وچ ۾ برترين جي خلاف هو. هُن انسان کي انسان جي حيثيت ۾ ڏٺو. وڏي ۽ ننڍي کي جاگيرداريءَ جي قدرن سان نہ ڏٺو. هو مظلومن جو حامي هو غريبن جو حامي هو محرومن جو حامي هو. ڪمزورن جو حامي هو. هن کي يقين هو تہ جي ڪمزور کي ايمان اچي، ڪمزور ٻڌي ڪن، ڪمزور هڪٻئي جو ساٿ ڏين، تہ هو طاقتورن کان وڌيڪ طاقتور ٿي سگهن ٿا. هن کي ايمان هو تہ جيڪي هيٺ آهن، سي مٿي اچڻ ڪپن. جيڪي مٿي وينا آهن، اهي هيٺ اچڻ ڪپن. جيڪو هي نظام آهي، اهو بدلجڻ ڪپي. جيڪي آهي سو نہ هڻڻ ڪپي، جيڪو اڃان نہ آيو آ، اهو اچڻ ڪپي. لطيف سائين کي خبر هئي تہ جيڪو موجود آهي، اهو صحيح نہ آهي. سَسُئيءَ کي چئي ٿو:

برو هو پنيور، آرياڻيءَ اجاريو.
لاٿو سپ لوڪ تان، هاڙهي ڏٽيءَ هور

هور معنيٰ خوف جيئن اڄ خوف آهي. ڊپ ۽ دهشت وينل آهي.

چوريون ڇُرڻ سکيون، پنهون ڪيائون پور،
آيو سو اتور، جنهن ڏکيون ڏک ويهاريون.

❋

جيهر لوڪ جهپ ڪري، ڏرو جاڳ نه هوءِ،
اوهير اچيو اديون، مون کي پَهُ پريان جو پوءِ،
جي ڪچو چونر ڪوءِ، تہ بہ مَرڪ پانيان مهڙو.

لطيف سائين مهڙي جي ڪمن کي جنهن کي دنيا مهڙو سمجهيو ٿي، تن کي مرڪ سمجهيو ٿي.

ڳئورا ٻئي پار، هينئون حيرت ۾ پيو
جي ويهان تہ ويرم ٿئي، نينهن ۾ پوءِ نهار
جي وڃان تہ واڪو ٿيئي، پاڙي پوءِ پچار
هُت تي وعدي وار، هت سوڻون ڏينم سرتيون

وچ ٽرو ڏهن، ظلم سان وڙهجي نہ وڙهجي! ظلم جي اڳيان ڪنڌ جهڪائجي يا مقابلو ڪجي. ڳئورا ٻئي پار، هينئون حيرت ۾ پيو آ. غريب ماڻهوءَ جو مظلوم ماڻهن جو هينئون حيرت ۾ پيو. ڳالهيون تہ گهڻيون ٿيون، پر ان مصيبت کي منهن ڪيئن ڏجي! هي خان، هي نواب، هي سردار، هي حاڪم، منهن ڪيئن ڏجي. ڳالهہ ڪرڻ، استيج تي ويهي لائوڊ اسپيڪر تي تقرير ڪرڻ سولي آ. پر پوليس وارو ڏنڈو ڪنيو اچي بيهي، لاڪپ ۾ ٽنگي ڇڏي ٿو. مئجسٽريٽ صاحب فيصلو ڪري ٿو، بابا سرڪار حساب ڪري تو کي 12 سال ٽيپ ڏيئي ڇڏي آ. ان وقت هي استيج جون تقريرون ڪم تہ ڪونہ ٿيون ڏين. ان وقت چا؟ هينئون حيرت ۾ پيو. لطيف سائين چيو آهي تہ، انسان کي سيڀ کان پهريائين، پنهنجي انهن ڳالهين کي خيال ۾ رکڻ کپي. جي هن جي بهتريءَ جون آهن ۽ ان لاءِ سمورا خطرا ڪٽڻ کپن، سمورا ڏک ۽ عذاب برداشت ڪرڻ کپن، پر ان لاءِ ضروري آهي تہ ٻڌي هجي. عوام جي گڏيل ٻڌي ۽ طاقت کانسواءِ ڇڙ وڇڙ ماڻهو هنن درندن ۽ مروئن جو ڪاڄ ٿيو وڃن، ماڻهو جڏهن گڏجن ٿا، جڏهن شعور هُنن کي ڳنڍي ٿو جڏهن هنن کي عمل جو رستو ملي ٿو. جڏهن انهن کي صحيح رهنمائي ملي ٿي، جڏهن هنن کي ڪم جو ڍنگ اچي ٿو جڏهن هنن کي خبر آهي

تہ اسين ڪيڏانهن ٿا وڃون، جڏهن منزلن جي خبر پوي ٿي، جڏهن رستن جي پروڙ پوي ٿي، ۽ جڏهن حالتن آهر ۽ مناسب قدم کڻجي ٿو تہ فتحون ماڻهن جا قدم چمن ٿيون. پهرين ڳالهہ آهي ہڏي، لطيف سائين چئي ٿو:

وڃر ڪيو وتن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾،
پَسو پکيڙن، ماڙهنيڙان ميڙ گهٽو.

ماڻهن کان بہ وڌيڪ ميڙ آهي. الڳ الڳ ماڻهو ڪٽو ڪٽو ماڻهو چڙوچڙ ٽيل ماڻهو ڪا شيءِ ناهن، الڳ الڳ ذات، الڳ الڳ مذهب ۽ الڳ الڳ فرقن، داڙو داڙو ماڻهو. هن ظلم ۽ جبر جي ڪاري رات سان مقابلو ڪري نٿو سگهي. پر جڏهن ماڻهو پاڻ ۾ گڏجن ٿا، جڏهن ہڏيون ڪن ٿا، جڏهن نظم ۽ ضبط ۾ اچن ٿا، توهان هتي ويٺا آهيو هينئر جيڪڏهن هر ڪو ماڻهو ڳالهائڻ شروع ڪري تہ هي جلسو هلي ڪونہ سگهي. جيڪڏهن بہ ڇٽا تقرير ڪندڙ پاڻ ۾ وڙهي پون، هو چئي آئون تقرير ڪريان، هو چئي آئون تقرير ڪريان، تہ بہ جلسو ڪونہ ٽيندو. پهريون شرط آهي ہڏي ۽ ٻيو شرط آهي نظم ۽ ضبط ۽ ٽيون شرط آهي، صبر ڪرڻ. برداشت، عزم، همٽ ۽ حوصلو. چوٽون آهي غلاميءَ کان نفرت، ظلم کان نفرت، جبر کان نفرت، ذلت کان نفرت ۽ آزاديءَ سان پيار، سچاين سان پيار، اڳتي وڌڻ سان پيار. آزاد انسانن وانگر ڪندڙ مٽي ڪٽي هلڻ سان پيار.

آئون ڪي نہ ڄاڻان ايءَ، تہ جر گهڙئي جوکو ٽيئي،
قضا جا ڪريم جي، تنهن کان ڪنڊ ڪيبو ڪيئن،
هڪ لکئي ٻيو نينهن، آٽي اوڙيس اول ۾.

هڪڙو لکيو تہ آهي پر ٻيو نينهن بہ آهي، آزاديءَ سان نينهن آهي، سچائيءَ لاءِ نينهن آهي، غيرت، وقار عزت ۽ آبروءَ سان جيئڻ لاءِ نينهن آهي، انساني وقار جي سربلنديءَ لاءِ. سستو ماڻهو بازاري ماڻهو خريد ٽيل ماڻهو ننڍڙن نفعن لاءِ، ٽڪي جي نفعن لاءِ، عزتون قربان ڪندڙ ماڻهو اهي هي منزلون ماڻي نہ سگهندا آهن.

لطيف سائين اسان کي هن دنيا کان مختلف هڻڻ مختلف راهون اختيار ڪرڻ، ماڻهوءَ سان ماڻهو جهڙو نہ ٽيڻ. جيڪي ماڻهو هن قوم کي غلاميءَ جي اونداهيءَ جي غار مان ڪڍڻ چاهين ٿا، تن کي ٻين جهڙو ٽيٽو

ڪونہ پوندو. انهن کي دنيا کان مختلف ٽيٽو پوندو. رهي پلي ٻين سان گڏ. اٿي، ويهي، ڪپڑا ساڻيا، کاڏو ساڻيو، اٿڻ ساڻيو، ويهڻ ساڻيو، گهر ساڻيا، رستا ساڻيا، پر ذهن ٻيو. عمل جون واٽون ٻيون، سوچن جون اڏامون ٻيون، ذهن ۽ ضمير جون واٽون ٻيون. لطيف سائين چئي ٿو:

وهي منجهہ ئي وڃ.....

وڃ سان ويٺو آ، اهو وڃ جيڪو لاٽا ويٺو کائي، انهن سان گڏ ويٺو آ، هي اٿ ٻہ:

وهي منجهہ وڃ، ڪٿوريءَ ڏار چري،
ماءُ منهنجي ڪرهي، پڏر پڃ مَ لڳ،
جڳ سين جهڙو جڳ، هيئين سين هُت چري.

مختلف، نرالو جدا، ماڻهن سان گڏ ۽ جدا.

ڪنول پاڙون پاتال ۾، پنؤر پري آڪاس،
ٻنهي سندي ڳالهڙي، رازق آندي راس،
تنهن عشق کي شاباس، جنهن محبتي ميڙيا.

هيٺ ٻہ آهي متي ٻہ آهي. گڏ ٻہ ويٺو آ جدا ٻہ آهي.

لک لاکيٽو ڪرهو ڪوڙئين ڏيئي ڳڏوم،
اڳڙ سونهن ٽيوم، ملهہ مهانگو مَ چئو.

صحيح سوچ ۽ صحيح سوچ جو قدر. هي جيڪا پراٽي سوچ آهي، تنهن سان اسين ڪيئن وڙهنداسين؟ اسان جي سوچ ٻہ پراٽي هنن جي ٻہ پراٽي اسين ڪيئن زور ٽيندااسين؟ هي دنيا ڪيئن بدلبي هن پراٽي سوچ سان! ان لاءِ عمل نئون کپي پر ان عمل جي رهنمائي نئين سوچجي.

اڄ آڳڙيا آيا، سائو کي سُجاڻ
لاهيندا موريان، [1] رُک ڪريندا پڏرو

❋

هُئين تہ ويچن وٽ، تون ڪيئن جيءُ جڏو ٽئين؟
سر ڏيئي مر سَٽ، ڪُهہ نہ ڪيئي ڏبڙا؟

---

[1] موريان معني ڪٽ

پاڙي ويڇ هئام تان مون مور نہ پچيا،
تيلاهين پيام موريسر اڪين ۾.

نون سوچن، نون قدرن، نون آدرشن جي صورت ۾، روشنائيءَ ۾، نوان عمل نيون ٻڌيون، نيون سهپون، نيون قربانيون. جيئن مون رات شعر پڙهيو.

وَلاَ تَلبِسُوا الحَقَ بالباطِلِ وَتكتموا الَحقَ و اَنتُم تَعلَمُونِ.

(حق کي باطل سان نہ ملايو ۽ ڄاڻ هوندي حق کي نہ لڪايو. حق تي ثابت قدم رهو. وَاستعينُوا بالصّبر. هاڻ ڏسو صبر به ڪريو.)

حق هڪدم فتح ۾ تبديل نہ ٿيندو! وڏين لڙاين کان پوءِ حق بالادستيءَ ۾ اچي ٿو. تيستائين صبر، استقامت، سچائي، برداشت، قرباني ۽ جهُڪڻ کان انڪار! هڪڙو هڪڙو ماڻهو! محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم ڪهڙي شهر جو رهاڪو هو؟ مڪو تہ هو پر هو پٽن جوبہ ر هاڪو هو. هي پٽن وارا "اٽن ڪاهڻ وارا دي ڪيمل ڊرائيور جَتَ، پٽن ۾ چرندڙ جَتَن جا اٽ تن ايشيا ۽ يورپ جي سلطنتن کي تهہ ۽ بالا ڪري ڇڏيو. منگول ڪير هئا؟ جيڪي چين جي سرحدن کان ٽپي، ٻئي پاسي ويا. ٻئي پاسي يورپ جا دروازا وڄي کڙڪايائون. منگول پٽن ۾ رهندڙ ويران ۽ سُڄ واري ميدان ۾ جتي ڪجهہ به نہ هو. تاريخ جو قائدو آهي، ڪڏهن ڪڏهن وسندين ۽ آبادين وارا علاقا حڪومتون ڪندا آهن ۽ ڪڏهن وري برباد ۽ ويران علاقن جي ماڻهن جو وارو ايندو آهي. اٽن جا کير پي پوءِ دنيا تي ڇانئجي ويندا آهن، جيئن فردوسي چيو آهي:

زشير و شتر خوردن وسوسمار،
عرب را بجائے رسید است کار،
کہ تخت کیاں را کند آرزو،
تفو برتو ای چرخ گردون، تفو!

(ڳوهن جا گوشت کائي هي اٽين جا کير پي عرب جي شهسوارن جا دماغ ايڏا خراب ٿي ويا آهن جو ڪيسر و ڪسرائن جي تختن جي آرزو ڪرڻ لڳا آهن، اي آسمان ٿُڪ هجئي)

هن دنيا تي انين جا ڪير پيئندڙ ماڻهو ڄاڻجي ويا آهن. تهذيبن، تمدنن تي نہ رڳو ڄاڻجي ويا. منگولن وانگر رڳو برباد نہ ڪيائون، پر نين تهذيبن کي جنم ڏنائون. تنهن ڪري ٽرن ۾ رهڻ، ويران علائقن ۾ رهڻ، ڪن حالتن ۾ ڇڳائي ٽئي ٽي. ماڻهن ۾ نوان نڪور جذبا پيدا ٽين ٿا، ماڻهو ڪرپٽ نٿا ٽين. ماڻهن ۾ سچائي ٽئي ٽي. ماڻهن کي ڏک ڏوئي صاف ڪريو ڇڏين. بکن جي پيالي ۾ ماڻهو پگهر جي، ماڻهن جون سچايون، سون وانگر ٽي وڻن ٽيون. چوندا آهن ڪڏهن اٺهوند بہ ڪم ايندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن انهن کي جي استعمال ڪجي، تہ انهن مان لازوال گُڻ پيدا ٽين ٿا.

لک لاکيٽو ڪرهو ڪوڙين ڏيئي ڳڏوم،
اگڙ سونهن ٽيوم، مُلهه مهانگو نہ ڇئو.

تنهن ڪري ان کي رڳو بدنصيب سمجهڻو ناهي. هاڻي هن وقت جيڪا صورتحال آهي، ان کي سمجهڻ لاءِ ٿورو پوئتي وڃو. 1857ع جو بلوو ٽيو تنهن کان گهڻو اڳي، انگريزن جون جيڪي هندستان تي حڪومتون ٽيون تن ۾ ان زماني ۾ انگلينڊ ۾ بہ پارٽيون هيون. هڪڙي رجعت پرست، ٻي ان کان ٿوري بهتر ۽ ٿوري روشن خيال پارٽي، ان پارٽيءَ جو نالو هو لبرل پارٽي. ٻي هئي ڪنزرويٽو پارٽي. لبرل پارٽي جو خيال هو تہ هندستان ۾ سُڌارا آڻائجن. لارڊ بيرڪٽلي ۽ لارڊ ڊلهائوسي اهي بہ وائسراءِ هئا، جيڪي لبرل پارٽي جا هئا ٻيا بہ هئا پر هي اهم هئا. هنن اهو فيصلو ڪيو تہ هندستان کي جديد ۽ ماڊرن بنائجي. ان وٽ سرمائيداري قدر پيدا ڪرڻ کپن ۽ جاگيرداري ۽ نوابي ۽ وڏيرپ شاهي کي ختم ڪرڻ کپي. هنن تحريڪ هلائي. جيڪي رياستون ختم ٿي ويون هيون. ٻوڙا هئا ڇٽ هئا راجا، تن کي لاهي هنن انهن کي انگريزي سلطنت سان ملايو جيڪا قدر بهتر سلطنت هئي. لارد بيرڪٽلي خاص ڪري ائين ڪيو. لارڊ بيرڪٽليءَ ستي لڪڙي جو رواج بند ڪيو.

هن سڌارا آندا ماڻهن کي بهتر بنايائين، ماڻهن کي يورپي علمن سان روشن ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين. علم ڏنائون، يونيورسٽيون کوليائون. ڪنزرويٽو پارٽي ان جي خلاف هئي. 1857ع جو بلوو ٽيو. جيڪي رجعت پرست هئا تن هنن کي چيو "ابا ڏٺئو! اوهان سڌارا آندا ٿي نا هندستانين

کي سڏاريو ٿي نا هندستانين کي متئين درجي تي آڻڻ جي کوشش ٿي کيو. اهي غلام صحيح آهن! پر هنن کي بهتر ٿي بنايوَ! هاڻي ڏنئو کهڙو حشر کيڏي بغاوت ٿي پيئي! انگريز جي حڪومت فيصلو کيو ته هندستان ۾ رجعت پرست طاقتن کي ختم کونہ کبو. انهن کي طاقت ۾ رکبو. انهن کي زور وڌائبو. هنن جي مٿان جيڪي گلن ۾ نانگ ويڙهيا پيا آهن، انهن نانگن کي کير پياربو. راجائن، مهاراجائن، راڻن، اربابن، وڏيرن جي آفتن ۽ عذابن کي طاقتور بنائبو. ماڻهن جا ڪنڌ هيٺ کبا. ماڻهو موچڑي هيٺ رکبا. ماڻهن ۾ جهالت ڦهلائبي، ماڻهن کي ويڙهائبو ماڻهن ۾ نفرتون وڌائبيون. نہ ته هيڏي فيل مست، ملڪ کي منهن کونہ ڏئي سگهبو. هتي جا جاگيردار سڀ انگريزن جي پيداوار آهن.

تهڙا چاليها نہ چاليهہ، جهڙو پسڻ پرينءَ جو،
کهڙي ڪاتب کريين، متي پنن پيهہ،
جي ورق واريين ويهہ، ته اکر مڙيئي هڪڙو.

جي ڄاڻين ته بہ نہ ڄاڻ، ايءُ در اهوجهن جو،
ان در سي ئي اگهيا، جن نہ ڄاتو پاڻ.

هتي هي غرور ۽ تڪبر جا ماڻهو آهن. هي فرعون ۽ دجال ماڻهو آهن. جيڪي سنڌ جي سر زمين کي، ان جي ماڻهن کي پنهنجي ملڪيت پنهنجي ذاتي جاگير سمجهن ٿا. انهن سان ٽڪر کائيندا نوان ماڻهو!

اڄ گهرجين تون، بڏاماڻي پُنرا،
متي مٿان مون، ويرين واٽون لايون.

اڄ هن جاءِ تي سرفروش ماڻهو کپن، باشعور ماڻهو کپن، هي جنگ جو طبل پيو وڄي. اهي سڀ فرعون ۽ دجال سمجهندا هئا ته اسين ملڪن جا مالڪ آهيون، پر عوام ته سدائين قائم ۽ دائم آهي. ۽ رهندو هو ٽوٽل ۾ حقير آهن. لطيف سائين چئي ٿو:

متو آهين مڇ ٽلها ٿو ٽونهان هٽين،
تو جا پانئين اڇ، تنهن پاڻيءَ پُنا ڏينهڙا.

ڏونگر ڏکوين کي، تپي ڪندين ڪوهه،
تون جي پهڻ پٻ جو تہ لڳ منهنجا لوهه،
جنهن چوريءَ ۾ چوهه سا پٽون ٽيندي پير تي.

اسان ۾ چوهه هجي. اسان ۾ ڏونگرن سان ٽڪر کائڻ جو حوصلو ۽ همٽ هجي. اسان ۾ عزم هجي، اسان ۾ جاڻ ۽ سمجهه هجي. رستي جي خبر هجي. رڳو اندّ ڏندّ ڪري ڏيڳي وانگر پيو هلبو تہ ڪجهه ڪونہ ٽيندو. علم کپي، نظريو کپي. وات کپي. عمل جي راهه کپي. دشمن ۽ اسان جي وچ ۾ طاقت جي توازن کي سمجهڻ کپي، دشمن جي طاقتن جي خبر هجي. دشمن جي ڪمزورين جي بہ خبر هجي. پنهنجي طاقت جي خبر هجي. پنهنجي ڪمزورين جي بہ خبر هجي. لڙائي ڪيئن ڪجي؟ ڪڏهن ڪجي؟ ڪهڙي هنڌ تي وڙهجي؟ ڪهڙي ڪُلهي تي وڙهجي؟ سدائين پنهنجي ڪلهي تي وڙهجي. دشمن جي ڪلهي تي نہ وڙهجي. ويڙهہ جا بہ آداب آهن، جيئن ڪيس هلائڻ جو قانون آهي. تيئن سياسي جنگ لڙڻ جا قانون ۽ آداب ۽ قابليتون هنر ۽ ڪاريگريون بہ آهن. اوهان کي ويڙهو ڪاريگر ٽيٽو آهي. باهنر ۽ باصلاحيت ويڙهو ٽيٽو آهي. اهو علم پرائٽو آهي سمجهه پرائٽي آهي، هُنر پرائٽو آهي، ڪاريگر سچار بيوقوف سچار نہ همت وارو دلير پر بيوقوف نہ اهي ٽيندا سين تڏهن منزلون پنهنجا قدم چمنديون. دنيا جا قانون سمورا ايئن چون تا تہ حق جنهن جي پاسي هجي، همٽ جنهن جي پاسي هجي، پڏي جنهن جي پاسي هجي، تنظيم جنهن جي پاسي هجي، اٽل ارادا جنهن جي پاس هجن! تنهن کي دنيا جي ڪا بہ طاقت شڪست نٿي ڏيئي سگهي. فتح پنهنجي آ، فتح حق جي آ.

(جشن لطيف منيءَ تي پرڪيل تقرير، 14 ڊسمبر 1997ع)

ڪرت وارا ڪي

ڪو زمانو اهڙو هو جو سال ۾ فقط هڪ پيرو پٽ شاهه ۾ لطيف جو ڏاڙو ملهايو ويندو هو. اتي ڳائڻا اچي ڳائيندا هئا. شاعر، اديب ۽ ٻيا ماڻهو ايندا هئا. خبرون ٻيندڙيون هيون. صدر يا وزيراعظم ايندو هو. بس لطيف جو ڏينهن سال ۾ هڪڙو هوندو هو. جڏهن ون يونٽ جي تحريڪ هلي، تڏهن اسان کي ضرورت ٿي ته ان خلاف ڪي پروگرام ڪريون. لطيف جو ڏينهن سال ۾ هڪڙو نه آهي. سڄو سال لطيف جو آهي. تنهن ڪري سنڌ جا سمورا سال ۽ سال جا سمورا ڏينهن ۽ راتيون لطيف جا ڏينهن ۽ راتيون آهن ۽ سنڌ جو هر ڳوٺ، هر واهڻ هر چپو چپو لطيف جي سر زمين آهي. تنهن ڪري لطيف کي پٽ شاهه مان ڪڍي، سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ، واهڻ واهڻ وستي وستي ۽ شهر شهر ۾ لطيف جو ڏينهن ملهايو وڃي ۽ ان لاءِ ضروري نه آهي ته ڪي ڏهه هزار ماڻهو گڏ ٿين. پلي پنج ماڻهو گڏ ٿين. ڏهه ماڻهو گڏ ٿين پر شهرن ۽ ننڍن ڳوٺن ۾ لطيف جا ڏينهن ملهائڻ گهرجن. ڇاڪاڻ ته اسان وٽ تاريخي طور ورثي ۾ طاقتور شخصيت فقط هڪڙي آهي. ٻين قومن جون تاريخون پڙهنداسين ته خبر پوندي. انهن ۾ عجيب ۽ غريب ماڻهو پيدا ٿيا. يونان ۾ ارسطو آهي. سقراط آهي ۽ ٻيا ڪيترائي ماڻهو آهن. روم ۾ ۽ عربن ۾ الاءِ ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو هئا. هندستان ۾ ڪرشن آهي. مهابارت جون لڙايون آهن. ٻئي هنڌ ماڻهو ڳاڻيٽي ڪان ٻاهر آهن. بي مثال ۽ زبردست ماڻهو آهن. جن جون ڳالهيون ماڻهو جڳن تائين ٻيا ڳائين. ڪالياس جيڪي ناٽڪ لکيا آهن. اهي اڄ ڏينهن تائين ماڻهو نٽو لکي سگهي. يونان جا ماڻهو جيڪي هزار سال اڳي ڪم ڪري ويا آهن. اهي اڄ ڏينهن تائين نه ٿيا آهن. رومين جيڪي انتظام ڪيا. اڃوڪي دور ۾ انهن کان بهتر ڪو ماڻهو نه ٿو ڪري سگهي پر سنڌ ۾ ان سطح جو ماڻهو فقط هڪڙو پيدا ٿيو آهي. سنڌ ۾ جرنل آهن ڪونه. سنڌ ۾ فيلسوف آهن

ڪونہ، سنڌ ۾ ناٽڪ نويس آهن ڪونہ، سنڌ ۾ ناول نويس آهن ڪونہ، سنڌ ۾ فوجن جا ڪمانڊر ان چيف آهن ڪونہ انجنيئر آهن ڪونہ، سائنسدان آهن ڪونہ، پر پير تمام گهٽا آهن، وڏيرا بہ تمام گهٽا آهن، مُلان بہ گهٽا ئي آهن، پر ڪو اهڙو ماڻهو هجي، جيڪو قومن کي اُتاري بيهاري، جيڪو ميدانن ۾ اچي، جيڪو سڄي ڪايا پلٽي ڇڏي، جيڪو بيمار قومن کي چگو ڀلو ڪري، ماڻهن ۾ ڪو ساهہ پساهہ وجهي، اهڙو ماڻهو اسان وٽ فقط هڪڙو آهي، اهو تاريخ جو معجزو تہ آهي پر ان کي سمجهڻ گهرجي. پاڻ وٽ قاعدو آهي تہ اهو هڪ معجزو آهي، اتفاق سان ٿي ويو. لطيف هڪ اتفاق بہ آهي پر تاريخ جي هڪ اڻ ٽر شيءِ بہ هئي.

ماڻهو چوندا آهن، جيسين سڄي ڳالهہ جيئن جو تيئن نہ سمجهي وئي، تہ پوءِ اها ڳالهہ فضول آهي. ايئن نہ آهي، سُڻي شيءِ جو رڳو ٿورڙو ذرو ملي، ٿورڙو واءُ ملي تہ جيئن ڳجهارت پيجي، ماڻهوءَ چئي ويڻ، هڻڙي ڳالهہ بہ آهي ڇا؟ اها حيرت ئي ڪافي آهي لطيف سائين چيو آهي تہ:

سيوا ڳر سَموند جي، جِت جَر وهي ٿو جال،
سَوين وَهن سِير ۾، ماڻڪ موتي لال،
جي ماسو ملئي مال، تہ پوڄارا پُر ٿئين.

پاڻ جيڪا روز زندگي پيا گذاريون، تنهن مان پُر ٿيا ويڻا آهيون. ساڳي ٻني آهي، ساڳيو ٻارو آهي، ساڳيو ٽاڻو آهي، ساڳيو واڻيو آهي، ساڳيو دڪان آهي، ساڳيا مُلان ويڻا آهن، ساڳيا پير صاحب آهن وغيره هاڻي ذائقو بدلائڻ لاءِ انسان کي دنيا جون ٻيون ڳالهيون بہ سمجهڻ گهرجن. سمجهہ ۾ اچي يا نہ، ڪيترين ئي ڳالهين جو سمجهہ ۾ اچڻ ضروري آهي، سڄي جون سڄيون شيون ماڻهن کي سمجهہ ۾ اچن، ان جي بدران رڳو انهن جي ٿوري روشنائي پوي، رڳو جهلڪ پوي ان شيءِ جي، اها وڏيڪ اهم آهي، جو هڪ وڏي پٽاڙ ڪجي، ان کي ڇڏي رڳو شين جي جهلڪ پوي، اها وڏي ڳالهہ آهي. لطيف جو هڪ شعر آهي:

لهر مڙوئي لال...

ڪو ماڻهو درياهہ جي ڪپ تي ٻيٺو آهي. درياهہ کي ڏسي ٿو تہ ان جو پاڻي ڳاڙهو آهي ۽ ان مان خوشبو پئي اچي.

لهر مڙوئي لال، وَهڻ ڪَٽورِئا وترو
او بهارا عبير جا جر مان اچن جال.

ان پاٽيءَ مان عبير جون خوشبوئون اچن ٿيون، ڪر خبر اها ڇا ماجرا آهي، هو ڇئي يار مون کي خبر ناهي پر مون کلهه ڏٺو هو ته:

ڪنن گهڙي ڪالهه، سڪ پريان جي سهٽي.

درياهه ايترو لال ڇو آهي؟ ان ۾ ايتري خوشبو ڇو آهي؟ مون کي خبر نه آهي. مون رڳو ايترو ڏٺو هو ته ميهار جي عشق جي نشي ۾ مست ٿي سهٽيءَ درياهه ۾ ٽپو ڏنو هو. پوءِ مون کي خبر نه آهي ته الاءِ ڇو پاٽي ڦاڙهو ٿي ويو آهي ۽ ان ۾ خوشبو اچي وئي آهي. هاٽي هو نه ٿو سمجهائي، اهو اوهان پاڻ سمجهو ته سهٽيءَ ۾ ڪيڏي خوشبو هوندي، ان جي رنگ ۾ ڪيتري لالاڻ هوندي، ان جا ڪپڙا ڇا هوندا؟ هن جو حُسن ڇا هوندو؟ اهو اوهان کي سوچڻو آهي، اهو لطيف سائين ڪونه ٿو ٻُڌائي. تنهن ڪري سڄو داستان بيان ڪبوئي ڪونه آهي. ڦالهه مان اڪر هڪڙو:

اڪر ڇٽي هيڪڙي، ٻهون جي نه ٻُجهَن،
ڪوهه ڪبو کي تن، سڄي سڌائي ڦالهڙي

هڪڙي اڪر مان جيڪي سڄي ڦالهه نه سمجهن، تن کي سڄي پٽاڙ ڪري ٻُڌائڻ مان فائدو ڪهڙو ٿيندو؟ تنهن ڪري بجاءِ پراٽين ڦالهين کي دهرائڻ جي نيون ڦالهيون ٽيڻ کپن پلي ماڻهو ٿورو سمجهن، منهنجو اهو عقيدو آهي ته اڄ ٿورو سمجهندا، وري به ٿورو سمجهندا، وري ٿورو سمجهندا پر نيون شيون هجڻ کپن، نيون ڦالهيون نه هونديون، رڳو پراٽيون پيون رٽبيون، ماڻهو رٽي رٽي چٽا ٿي پوندا، قبرن ۾ داخل ٿيندا پر اُٽ جا اُٽ هوندا. محمود غزنوي جي دور جي هڪ شاعر انصري جو شعر آهي ته:

سڪندر ۽ دارا جي لڙاين جا ذڪر
پراٽا ٿي ويا
افسانا بڻجي ويا
وسارجي ويا
ڪا نئين ڦالهه ڪر

نئين ڳالهه جو مزو نئون آهي
پراڻيون ڳالهيون نه ڪر.

تنهن ڪري لطيف سائين کي سمجهڻ جي لاءِ کي نيون ڳالهيون به ٽيڪ ڪپن. اهي ڳالهيون ٽورڙيون آهن. هي جيڪو اڄوڪو علم ۽ سائنس جو نئون جهان آهي، ان جهان جا به حصا آهن. هن ڌرتيءَ کي جيڪڏهن واڌاري ۽ ترقيءَ جي خيال کان اوهان ورهائيندا ته ان جي هڪ پاسي اولهندو حصو آهي. ان جي ٻئي پاسي اوپرندو پاڳو آهي. هن حصي ۾ جتي پاڻ ٻينا آهيون. ان جو آمريڪا تائين لاڳاپو آهي. تاريخ جي حساب سان هي حصو مغربي تهذيب جو بنياد رکندڙ حصو آهي. ان کان هيٺ چين ۽ هندستان نه پر موهن جي دڙي ۽ هڙاپه جي تهذيب آمريڪا سان ملي ٿي. هندستان چين ۽ ايشيا جي ٻين ملڪن جو دنيا سان لاڳاپو آهي. هڙاپه جي تهذيب، سميرا جي تهذيب، ايران جي تهذيب ۽ انهن ۾ ٿورو بهتر ۽ اوچي تهذيب موهن جي دڙي جي آهي. موهن جي دڙي جي تهذيب ايتري پراڻي نه آهي، جيتري سميرا جي آهي. سميرائي تهذيب ٽورڙي هيٺ هئي، ماٺهو نوان هئا، ان ۾ ايڏي ترقي نه هئي، هي جيڪا موهن جي دڙي ۽ هڙاپه جي تهذيب آهي، اها سميرا ۽ مصر جي تهذيب جي ترقي يافته شڪل آهي. هي اُهي تهذيبون آهن، جن جي دنيا جا سڀ وڏا مذهب پيداوار آهن، عيسائي مذهب، يهودين جو مذهب ۽ اسلام اهي سڀ هن خطي جي پيداوار آهن. هندو مذهب هيٺ جو آهي. اها تهذيب پوءِ يورپ ۾ وئي ۽ ان تي اثر وڌو. ان تهذيب يونان تي اثر وڌو. ان تهذيب روم تي اثر وڌو. انگلينڊ، جرمني کا شيءَ ڪونه هئا. پوءِ عيسائي مذهب آيو ان مذهب جي پادرين يونان ۽ روم جي تهذيبن جي زوال کان پوءِ هڪ اونداهو دور آندو، جن علم بند ڪري ڇڏيو سوال جواب بند ڪري ڇڏيائون. سائنس بند ڪري ڇڏيائون، عقل بند ڪري ڇڏيائون، رڳو لکيل اکر کٽي آيا، چئو "هي لکيل آهي"، چئي، "ها لکيل آهي" ته پوءِ ٻي ڳالهه غلط آهي، حساب ڪفر آهي. اها ڳالهه پاڻ وٽ به هئي، پاڻ وٽ تمام گهڻا سال اڳي تمام وڏا مدبر ٿي گذريا آهن، پر هنن چيو پئي ته جاميٽريون ۽ فلسفا سڀ ڪفر ۽ گناهه عظيم آهن. ايئن هڪڙا دور اچن ٿا. اڄ هڙاپه ۽ موهن جي دڙي جي تهذيب جو رڪارڊ موجود نه آهي، رڪارڊ سميرائي تهذيب جو آهي، پر وڏي ۾ وڏو

جيڪو عروج آهي، اهو يونان ۾ ملي ٿو ۽ پوءِ روم ۾. اسان جي تهذيب جو به يونان جي تهذيب تي اثر آهي. مصر جي تهذيب ۽ هيءَ تهذيب پاڻ ۾ گڏ هيون. تنهن ڪري يونان جي تهذيب ۾ اسان جو حصو آهي. اهو حصو هڪ هزار سالن تائين هيو. پوءِ حضرت عيسيٰ عليه السلام جي نالي ۾ مذهب آيو. مذهب جا پادري چئ هئا. جيئن هاڻي چئ آهن. انهن کي ڪابه خبر ڪانه هئي. هنن هڻي يورپ جي تباهي ڪري ڇڏي، اڳتي وڌيا ئي ڪونه. دنيا کي چيائون، "بيهي رهو زمانا! بيهي رهو. پنج هزار سال پوئتي وڃو." جيئن هاڻي هتي پيا ڪن. فلاڻي کي دسي ڏٺڪا هڻو نه عقل نه دماغ، نه سوچ، رڳو ڏندو. تباهيون ڪري ڇڏيائون. چئو دنيا گول آهي. چوندا، "اهو ڪتاب ۾ لکيل آهي." چئبو "نه". ته چوندا، "قصو ختم، گول نه آهي." دنيا ۾ ترقيءَ جي ڪنڊ تي چوپڙيون ڪٽي سوار ٿي ويهي رهيا ۽ ان کي لتون هڻي ويهاري ڇڏيائون. پوءِ چا ڪيائون، جو فلسفين ۽ سائنسدانن کي يورپ مان نيڪالي ڏئي ڇڏيائون. عيسائي مُلن چيو ته جيڪو به عقل جي ڳالهه ڪندو اهو ڪافر آهي. جيڪو ڪتاب ۾ لکيو پيو آهي، جيڪو اسان چئون پيا اهو هلندو. باقي هي عقل جي ڪا به ڳالهه نه هلندي. انهن مان ڪيترن ئي ماڻهن کي ماري جلائي، ڇڏيائون. ڪيترائي سائنسدان جلائي ڇڏيائون. برونو کي ساڙي ڇڏيائون. هنن سائنسدانن کي اتان ڪڍي ڇڏيو. جيڪي ايران هليا ويا. ان وقت ايران ۾ هڪ سُنو بادشاهه جمشيد هوندو هو. جنهن هنن کي پناهه ڏني ۽ چيائين ته اوهان کي مُلان نه ٿا سهن، اوهان هتي رهو ۽ پنهنجي علم جا ترجما ڪريو.

اتي ويهي هنن ڪتاب ترجمو ڪيا، پر ٿوري وقت کان پوءِ ايران تي مسلمانن جو قبضو ٿي ويو. پهرين اموي دور هو پوءِ عباسين جو دور آيو. پهرين علم جو ڪو خيال نه هو پر عباسين جي دور ۾ علم جو وڏيڪ خيال ٿيو. ان وقت جي بادشاهه منصور هنن کي گهرائي منصوره ۾ رکيو. ڪتاب ترجمو ٿيا. ارسطوءَ جي پاڻ ڳالهه ٿا ڪريون، اهو انهن ڏينهن ۾ ترجمو ٿيو. سُقراط جي ڳالهه تڏهن جي آهي، هيءَ سائنس پوءِ آئي آهي. هي سڀ شيون اتان آيل آهن. دنيا ۾ علمن جي ڏيتي ليتي ٿئي ٿي، پنهنجي ملڪ ۾ علم ٻاهران آيو آهي. هتي ڪنهن زماني ۾ حديثن پڙهڻ تي بندش هئي، چيائون رڳو فقهه پڙهو. حديثون پڙهندا ته گمراهه ٿيندا، ڏوهه ملندو. ان

ڪري حديثون نہ پڙهو. هندستان ۾ به بادشاهن حديثن پڙهڻ تي بندش وجهي ڇڏي هئي. اهي بندشون لٽيون، ماڻهن پڙهيو ته عقل پسنديءَ جو دور شروع ٿيو. فلسفي پيدا ٿيا، سي سڀ غير عرب هئا. الڪندي پهريون عربي فلسفي هو. تنهن کان پوءِ فارابي ۽ ٻيا هئا. ان کان پوءِ صوفي آيا، پوءِ وري شاعر آيا، جيڪو وڏو ۾ وڏو شاعر اديب، ڏاهو ۽ فلسفي هو اهو ابن رشد هو. هن کي مُلن چيو ته تون يهودي آهين. پوءِ هن کي زوريءَ ڪٽي وڃي يهودين جي علاقي ۾ ڇڏي آيا. هن کي چيائون ته هي يهودين جا ڪتاب ٿو پڙهي. چيائونس ته ڪتاب اهي پڙهه، جيڪي اسان وٽ آهن. ٻئي ڪتاب پڙهڻ جي منع آهي، ٻيو ڪتاب پڙهڻو ئي ڪونهي، عقل کان ڪم وٺڻو ڪونهي، سائنس جي ڳالهه ڪرڻي ڪانهي، ڪجهه نہ پچڻو آهي، نہ ڪچڻو آهي. ابن رشد کي يهودين جي علاقي ۾ ڇڏي آيا، پوءِ جڏهن اهو وڏيءَ عمر جو ٿيو ته هن کي اتان وٺي اچي مسجد جي ٻاهران ٻڌي ڇڏيائون. نمازين کي چيائون ته هي ڪتاب ٿو پڙهي، هن کي ٽُڪون هنيائون، جنهن جي ڪري هن کي نمونيا ٿي پئي، هو ان نمونيا وگهي مري ويو. ابن رشد جيڪي ڪتاب لکيا، تن جو اسپيني ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿيو. انهن ڪتابن جو وري وري يورپي ۽ لاطيني ٻولين ۾ ترجمو ٿيو. يورپ جي ماڻهن پڙهيو ته هيڏو وڏو داناءُ.... ابن رشد يونان جي علم جو وڏي ۾ وڏو داناءُ ماڻهو هو. جنهن کي مُلن ٽُڪون هٽائي مارائي ڇڏيو. ابن رشد، بڪيشو ۽ پيٽرياڪ انهن تن ماڻهن، جن ۾ هڪ مسلمان ۽ ٻه عيسائي هئا، ته اڄ جيڪا اوهان يورپ ۽ آمريڪا جي ترقي ڏسو ٿا، ان جا ابا اهي ٽئي ماڻهو هئا. هي جيڪو سائنس جو عروج آهي، ان جو بنياد رکندڙ اهي ٽي ماڻهو آهن. ابن رشد جو هنن حب مان پنهنجو نالو اويروس رکيو آهي. ڪرامت ڪهڙي هئي، ته آسمان جون ٻه ڳالهيون ڪبيون، پر ماڻهن جون ٻه ڳالهيون ڪبيون. عيسائين چيو ماڻهو ڄائي ڄم کان گنهگار آهي، انهن جون ڳالهيون ڪريو ئي نہ. ماڻهو ناپاڪ آهي، ان ڪري هن جو ذڪر ڪرڻو ئي ڪونہ آهي، ملائڪن جي ڳالهه ڪرڻي آهي، آسمانن جي ڳالهه ڪرڻي آهي. ڌرتيءَ جي ڳالهه ڪبي ڪانہ. هنن تن ماڻهن چيو ته ماڻهو ٻه حسين ترين شيءِ آهي، انسان کان وڌيڪ شيءِ دنيا ۾ ٻي آهي ڪانہ. انسان جمي ٿو مري ٿو. انسان جا مسئلا آهن، انسان جي مسئلن کان وڏي ۽ متي اهم ڳالهه آهي ئي ڪانہ. ٻه ڌرائون

آهن. هڪڙن چيو ته رڳو آسمان ڏانهن نهاريو رڳو هي ڪتاب پڙهو. ٻين چيو ته هن دنيا جون ڳالهيون نه ڪريو. هيءَ دنيا سُڻي آهي، هن دنيا جا ٻيا مسئلا آهن، ماٺهو پيار ڪن ٿا، شاديون ڪن ٿا، انسان پليت ۽ ناپاڪ نه آهي. هڪڙن چيو ته انسان جي ڳالهه ڪرڻ گناهه نه آهي. ٻين چيو ته انسان جي ڳالهه ڪرڻ گناهه آهي. انهن ٻنهي ۾ هو ڪٽي ويا، ته سائنس وڌي، ٽيڪنالاجي وڌي، علم وڌيو، ماٺهو دنيا ۾ پکڙجي ويا، ماٺهن ستارن جون ڳالهيون ڪيون، آسمان سر ڪيو، زمين کي ڏُنو هوائن کي ڏُنو پوڪ جا نوان طريقا ايجاد ڪيا، ٻيڙيون ٺاهيون، ماٺهن جهاز ٺاهيا، ڪتاب لکيا، يونيورسٽيون اسڪول ۽ ڪاليج کوليا، سوال جواب ڪيا، پڇائون ڪيون، شين تي شڪ ڪيا. مُلن چيو ته شڪ ڪرڻ ڪفر آهي، شڪ ڪرڻو نه آهي، سوال ڪرڻو نه آهي، اکيون پوري کنڊ هيٺ ڪري پيا هلندا رهو. "صمن بکمن عمين، فهم لايرجعون." کنڊ جهڪايو پادري پيو اچي، مُلو پيو اچي، ٻانيڙ پيو اچي، کنڊ هيٺ، پڇڙو کڇڙو نه آهي.

انسان ذات جي پادرين هٿان قتل ٿيڻ کان پوءِ ٻيهر جاڳڻ کي Renaissance (رينيسنس) چون ٿا. مذهب جي نالي ۾ پادرين جڙ انسان ذات قتل ڪري ڇڏي، ان ڪفن کي چيري انسان ذات ان مان ٻاهر نڪري آئي. ۽ هنن سوچڻ شروع ڪيو. پوءِ سڀ مزا انهن جا آهن. اتان جو علم جڏهن هتي آيو يونان جو گم ٿيل علم پهرين هتي آيو يورپ ۾ نه ويو يونان کان پوءِ يورپ جي ماٺهن جا خيال پراڻا ٿي ويا. اُن زماني جون جيڪڏهن اوهان ڳالهيون پڙهندا ته چوندا هي ته بوش هئا. جنهن زماني ۾ هتي هڙاپه ۽ موهن جي دڙي جون تهذيبون هيون، تنهن زماني ۾ انگلينڊ ۾ انگريز جيڪي هئا، سي اگهاڙا گهمندا هئا. "ڏٻڻين ۾ پيا هوندا هئا، مڇي ڪاڻ ڪائيندا هئا، مڇي جام هئي، چوندا هئا ته مڇي جائز ڪانهي. هو ايئن ئي پيا هلندا هئا، پاڻ وٽ محل هئا، ماڙيون هيون، وڏي تهذيب هئي، انگريز" ڏٻڻين ۾ رهندا هئا. جرمن ته صفا وحشي هئا، فرينچن جو ڪو نالو نشان نه هو، يونان ۽ روم هو پيو ايئن سڀ جهنگلي هئا، مرن وانگي پيا هوندا هئا، انگريز جرمن نسل جا هئا.

يونان جو علم پهرين يورپ ڪونه ويو ان جي پاڙيسري ملڪن ۾ ڪونه ويو پر ايران ۾ آيو بغداد ۾ آيو. ايران ۽ بغداد جي ذريعي اوپر ۾ آيو

سنڌ ۾ آيو. ان علم جي فيض ۾ بو علي سينا پيدا ٿيو اُن علم جي فيض ۾ رومي پيدا ٿيو حافظ شيرازي پيدا ٿيو جامي پيدا ٿيو انوري پيدا ٿيو سعدي پيدا ٿيو. اهڙا بيمثال ماڻهو جن جهڙو مثال يورپ ۾ نه ان دور ۾ هو نه اڄوڪي دور ۾ آهي.

يورپ سڌريل هو ئي ڪونہ. جڏهن پنهنجي تهذيب عروج تي هئي، تڏهن يورپ ويچارو تمام بُري حالت ۾ هو. تنهن ڪري عمر خيام جي شاعري حافظ جي شاعري، ڪاليداس جي شاعري ۽ امارو جي شاعريءَ جهڙي شيءِ يورپ پيدا ئي نہ ڪئي آهي ۽ نہ ئي ڪري سگهي ٿو. اوپر جي ملڪن جي ادب ۽ شاعريءَ جهڙو ادب انهن جو ڪونہ هو. تقريبن ٻہ هزار سال هن ايشيا جي ملڪن اڳواٽي پئي ڪئي آهي. هي ملڪ اڳيان هئا ۽ يورپ ۽ آمريڪا جا ملڪ پٺيان هئا. ان دور ۾ رومي، حافظ سعدي، خيام ۽ ذڪريا الرازي جهڙا ماڻهو پيدا ٿيا. مان چوندو آهيان تہ سنڌ ۾ علم جي خيال کان هڪ تاريخي ڏڪار آهي. سنڌ ۾ وڏا حڪيم ۽ ڊاڪٽر ڪونہ پيدا ٿيا، سائنسدان ٻہ ڪونہ پيدا ٿيا ۽ ٻين علائقن ۾ وڏا قهر جا ماڻهو پيدا ٿيا. توهان رڳو سنڌي ئي سوچيندا تہ اوهان جو عقل ڪم ڪونہ ڪندو تہ ايران ۾، هندستان ۾ ۽ اولهہ جي ٻين ملڪن ۾ ڪهڙا ڪهڙا وڏا ماڻهو پيدا ٿيا. جڏهن اسان وٽ سومرن جي دؤر ۾ پاڳو پان ۽ سمنگ چارڻ جهڙا ماڻهو هوندا هئا، تڏهن اتي ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو هئا. مذهبي رجعت پرستيءَ جي خلاف پهرين لڙائي يورپ ۾ نہ ٿي. مذهب جي آڙ ۾ ماڻهن کي انڌو ٻوڙو ۽ گونگو ڪري ڇڏڻ جي خلاف جيڪا لڙائي ٿي، اها جرمنيءَ ۾ ڪانہ ٿي، انگلينڊ ۾ ڪانہ ٿي. اهي قوتون ڪمزور هيون، انهن وٽ علم نہ هو. انهن وٽ وڏا ماڻهو ڪونہ هئا. اها لڙائي هتي ايران ۾ شروع ٿي، عراق ۾ شروع ٿي، اتي اهي ماڻهو شروع ٿيا، جن مذهبي رجعت پرستي، مذهب جي آڙ ۾ انڌي تعصب، نفرت، ماڻهوءَ کي غلام بڻائن جي خيال جي خلاف جنگ ڪئي، فلسفي ۾ جنگ ڪيائون، شاعريءَ ۾ جنگ ڪيائون، علم ۾ جنگ ڪيائون، سائنس پيدا ڪيائون، ٽيڪنالاجي پيدا ڪيائون، طب ۾ ڪم ڪيائون، ان وقت اهي دنيا جا امام هئا. انهن جي اثرن ڪري ڪتاب لکيا ويا، اهي ڪتاب ڪجهہ وقت کان پوءِ سنڌ ۾ آيا، انهن مان لطيف ٻن ماڻهن جو اثر قبول ڪيو هن هڪ روميءَ جو ۽ ٻيو حافظ جو اثر قبول ڪيو انهن

جو اثر پنجاب تي ب پيو. لطيف کان اڳ ۾ هندستان ۾ ب هڪ وڏو انقلاب اچي ويو هو. پنڊتن ۽ ويدن مان ماڻهو بيزار ٿي چڪا هئا. اتان جي هندو مُلن ملڪ ۾ تباهي مچائي ڇڏي هئي. ماڻهن کي هلڻ ئي ڪونہ ڏيندا هئا. ماڻهن جو ساهہ نڙيءَ ۾ پيل هو. "هتي هيئن لکيو پيو آهي، هُتي هيئن لکيو پيو آهي." هٽي ماڻهن کي چتو ڪري وڌائون. ان وقت اتي ڳڻتي تحريڪ شروع ٿي. ڳڻتي معنيٰ پيار آهي. هنن چيو تہ بابا اوهان جا ڪتاب پلي ڇا ب پيا چون، محبت کان وڏيڪ بلند شيءِ ٻي ڪابہ نہ آهي. انسان انسان سان محبت ڪري، ان کان وڏ بهتر شيءِ ڪا ٻي ڪانہ آهي.

هيڏانهن هنن ايئن سيکاريو ۽ ڪتابن جي پويان نہ هلو عقل، علم روح اٿوَ ايئن تمام وڏا ماڻهو پيدا ٿيا. ڪاش اوهان فارسي سمجهو ها تہ مان اوهان کي فارسي ٻُڌايان ها. اها تمام بدقسمتي آهي. جو اسان فارسي پڙهڻ ڇڏي ڏني، تمام وڏا ترقي يافتہ تمام وڏا روشن خيال پهرين عربي ۽ فارسيءَ ۾ آيا ۽ فارسيءَ ۾ وڏيڪ آيا، اهي ماڻهو ڇا هئا، جن مُلن، پنڊتن، پانيڙن جي پيدا ڪيل دنيا، جيڪا وحشي هئي، ماڻهو ويچارا مسڪين هئا، ڪُڇي ڪونہ سگهندا هئا، اتي هنن ماڻهن پنهنجون ڳالهيون ڪيون. لطيف انهن کان سکيو، اهي ڪتاب، جرمنيءَ ۾ ڪونہ آهن، انليءَ ۾ ڪونہ آهن، پر سنڌ ۾ آهن، جو تہ سنڌ تي عربن جي حڪومت ٿي هئي، تنهن ڪري اهي ڪتاب ب هتي آيا. اهي ڪتاب لطيف پڙهيا. هن هندستان جي علم ڏاهپ ۽ انسان دوستيءَ کي پڙهيو يونان مان آيل علم، روم مان آيل ۽ هتان جو علم پڙهيائين ۽ ٻي ڳالهہ هيءَ ٿي تہ لطيف کان ٽورو اڳي شاهہ حسين ٿي گذريو سلطان باهو وارا تہ پوءِ هئا فريد ۽ نانڪ هئا، گرو نانڪ چئي ٿو:

"هڪ نور مان سڀ انسان پيدا ٿيا آهن،
برا ب نور مان پيدا ٿيا آهن،
سُنا ب ٿيا آهن،
انسان انسان آهي.
گنهگار ۽ چڱا ماڻهو هڪ ئي نور مان پيدا ٿيا آهن،
تنهن ڪري سڀ برابر آهن."

گرو نانڪ جو اهو پيغام ٻه ڦهتو ميران ٻائيءَ جو ٻه پيغام ڦهتو سورداس جو ٻه پيغام ڦهتو تلسيداس جو ٻه پيغام ڦهتو ڪبير جو ٻه پيغام ڦهتو. اهي سڀ وڏا ماڻهو لطيف کان اڳ پيدا ٿيا هئا. لطيف ته گهمندڙ ڦرندڙ ماڻهو هو. اهڙو بي مثال ماڻهو هو. هو هڪ ٻي شيءِ هو. هوڏانهن مولانا روم جي ڳالهه آئي، هن جي مثنويءَ لاءِ چون ٿا ته اها پهلوي زبان ۾ قرآن آهي. هن جي ان مثنويءَ جو هڪ شعر آهي ته:

"مون قرآن مان مغز ڪڍي ورتو
باقي هڏا ڪتن اڳيان اڇلائي ڇڏيم.
ته پلي پيا کائين، گرن، وڙهن ۽ ڏاڙهين،
۽ هڪ ٻئي کي ختم ڪن."

حافظ شيرازي آهي، جنهن کي رسالتہ العيب چئبو آهي. لطيف ان جو شاگرد هو. لطيف پاڻ واري عيسي، موسي ۽ خميسي جهڙو ڪونہ هو. حافظ شيرازيءَ چيو آهي ته:

"اي حافظ!
جي نہ ٿو مڙين، ته شراب پيءُ،
موجون ماڻ، مست ٿيءُ، جيڪي وٽئي سو ڪر،
پر ٻيلي هڪڙو ڪم نہ ڪجانءِ،
جيئن ماڻهو قرآن جي نالي ۾ ڪوڙ ڪيون ۽
ڦندا ناهيو قيد ڪيو ويٺا آهن،
اهو ڏنڊو نہ ڪجانءِ
باقي ٻيو جيڪو وٽئي سو ڪجانءِ"

انهن ماڻهن روشني آندي، اهي پهريان بهادر هئا، جيڪي جهالت جي خلاف ميدانن ۾ وڙهيا ۽ هي جن جنگيون ڪيون، تلوارون هلايون، گهوڙن تي هليا، تن کان وڏا بهادر ماڻهو هئا، ٻوجهه هئا، بي سمجهه هئا. ڪجهه ڪونہ هون. رڳو قلم ۽ پنو هٿ ۾ هون، خيال اهڙا پيش ڪيائون جن هماليہ جبلن جهڙا ليٽائي وڏا. سڄي نظام کي ڪيرائي ڪلٽي ڪري وڏائون. ماڻهن جي ذهنن ۾ روشنيون آڻي ڇڏيائون. ٻيوس ۽ اڪيلا ماڻهو جن سڄي زماني سان جنگ ڪئي، سي حافظ هئا، بو علي سينا هئا، ذڪريا الرازي

هئا. البيروني هئا. اهي ماڻهو مسلمان دنيا پيدا ڪيا. اڄ سڀ چون ٿا تہ رومي ۽ جو رسالو شاهہ لطيف سان هر وقت گڏ هوندو هو پر ان کانسواءِ حافظ شيرازيءَ کان بہ سکيو هو. پنجاب جي شاهہ حسين جون ڪافيون هن جي رسالي ۾ موجود آهن. اهڙيءَ ريت پنجاب جي بہ اعليٰ ترين شاعري گنج ۾ شامل آهي. لطيف جي شاعري سهڻي بہ ڏاڍي آهي. خوبصورت آهي ان ۾ حُسن آهي. ماڻهو سمجهندا آهن تہ عورت ۽ مرد جي عشق جي ڳالهہ ڪرڻ شاعريءَ جو معراج آهي. بلڪل آهي. عورت ۽ مرد جي عشق جو داستان بيان ڪرڻ شاعريءَ جي خوشبو آهي. لازمي آهي تہ حُسن جي ڳالهہ ڪجي. محبت جي ڳالهہ ڪجي. مون سوير ڪنهن هنڌ چيو پئي تہ ڪجهہ شيون لازمي هونديون آهن پر ڪافي نہ هونديون آهن. لوڻ پٽ ۾ وجهڻ ضروري آهي. پر رڳو ان ۾ لوڻ وجهي ڇڏبو تہ پٽ ڪونہ پچندو. لوڻ ضروري آهي پر رڳو لوڻ پيو رڌبو ۽ ان ۾ گوشت ۽ ڪا بي پاڄي نہ وجهبي تہ پوءِ ڪم ڪونہ ٿيندو. اهو ضروري آهي پر ڪافي نہ آهي. تنهن ڪري لطيف سائينءَ چيو آهي:

روزا ۽ نمازون، اِيءُ پڻ ڇڏُو ڪَم،
اوُ ڪو ٻيو فَهم جنهن سان پَسجي پرينءَ کي.

ان دور ۾ جيڪي تشريحون ڪيون ويون. سي ماڻهن لاءِ زنجير هئا. هي جيڪي جيل ۽ زنجير آهن اهي ايڏا خطرناڪ نہ آهن. سڀ کان وڌ خوفناڪ زنجير اهي آهن. جيڪي ڏسڻ ۾ نہ ٿا اچن. جيڪي هٿن ۾ نہ ٿا هجن. جيڪي انسانن جي دماغن ۽ انهن جي روحن ۾ پيا آهن. ماڻهن جا روح قيد ڪيا ويا آهن. پاڻ سيني ماڻهن جا روح قيد آهن. پنهنجا دماغ ۽ سوچون قيد آهن. پنهنجو آسون ۽ اميدون قيد آهن. پاڻ هڪ ڏاڪي کان وڌيڪ خبر رکي نہ ٿا سگهون. پنهنجون خواهشون قيد آهن. پنهنجا خواب قيد آهن. پاڻ خوابن جي بہ هڪ ننڍڙي دنيا ۾ قيد آهيون. ان کان وڌيڪ خواب پاڻ ڏسون ڪونہ ٿا. پنهنجا خيال ايڏا وڏا هجن تہ خواب بہ وڏا ڏسون نہ؟ پنهنجا خواب هوندا آهن تہ الله ڪندو صبح جو مون کي ڳئون ملندي. فلاٽو ڪيس ڪٽندس. فلاٽو وڏيرو مون کي پائيندو. فلاڻي اليڪشن ۾ ڪامياب

ٽيندس، پنهنجا خواب اهي هوندا نہ؟ ٻيا کهڙا پنهنجا خواب هوندا؟ پاڻ ايئن ٽوروئي چوندا سين تہ پاڻ انگلينڊ ويندا سين، پاڻ آمريڪا کي تبديل ڪري ڇڏيندا سين. پاڻ سمنڊن تي حڪومتون ڪندا سين، پاڻ آسمان تي چڙهي ويندا سين، پنهنجا خواب بہ غريبڙا آهن، پنهنجون آسون ۽ اُميدون بہ ٽنڊل بيمار ۽ يتيم آهن، ڇو تہ ذهن ۾ جيڪا شادابي جيڪا خوشي، جيڪا بلندي، جيڪا اڏام ۽ اوچائي ڪپي، اها نپوڙي اسان مان ڪڍي وئي آهي. اسان جي صدين جي روشني، چس ۽ بلندي پيڙي پيڙي اسان مان ڪڍي ورتي وئي آهي. پاڻ سڀ ٺوٺا ماڻهو آهيون، لطيف جو هڪ بيت آهي تہ:

ڪِنين ڪامڙ ڪياءِ، ڪيئن ٻَنيولئِين؟ ڪرها!
اکين مٿي آکيا، پڙِ ۾ پير گناءِ!
وَڃ ڪيئن وِسرياءِ؟ ٻڌو جيئن گهاٽي وهين ءَ!"

"تو کي ڪامڙ ڪنهن ڪيا آهن، منهنجا اُٽ! هن گهاٽي ۾ ٻڌو پيو آهين، تو کان وڃ وسري ويا آهن، تون رڳو گهاٽي ۾ پيو ڦرين، تو سان خير تہ آهي؟" انسان ذات فڪري گهاٽي ۾ بند آهي. هن جي اڏام بند آهي، هن جون خواهشون بند آهن، هن جا اُڏما بہ بند آهن، جهڙي دنيا هوندي هوندي سگهي ٿو تهڙي ناهڻ جي هن جي مجال نہ آهي، اندر خوفزده آهي، ستو پيو آهي، بيمار آهي، هيئن گناهہ ٽيندو فلاڻ ٽيندو سڄو ڏينهن چئو طرف خلائن مان آواز پيو اچي تہ متان! متان! متان!

سُر راڻي مان لطيف جو هڪ بيت آهي تہ:

آءٌ لانگوٽيا لال، ڪنهن پر ڏٺئي گجريون؟

سامي مومل جي، ملڪ مان آيو آهي، هيڻ لانگ لڳي پئي اٿس، مٿو لال لڳو پيو اٿس.

آءٌ لانگوٽيا لال، ڪنهن پر ڏٺئي گُجريون،
آب ارتو اکيين، لڙڪ وهائين لال،
ڏِٺئِي جي جمال! سامي ڪه نہ سلائيين؟

جيڪي سهڻا ماڻهو ڏٺا اٿئي، تن سامين جي تہ کا خبر ڪر، انهن جا تہ حال پُڏائين ڪونہ ٿو رڳو مين مين ٿو ڪرين. چئي ٿو:

گُجر کي گَجميل جون، ٽارن ۾ ٽَبرون،
هٽي حاڪمن کي، زُور ڏيريون زَبرون،
ڪاڪ ڪنڊيءَ قبرون، پسو پرڏيهين جون.
گجر کي گجميل جا.

گجميل راجستان جو هڪ شهر هو جتي لوهه ۽ رڪ جو وڏو زبردست ڪم ٿيندو هو هاڻي اوهان تشبيهه ڏسو.

گُجر کي گَجميل جا اکين منجهه انبور،
هٽي حاڪمن کي، پٽ نهاري پورَ،
گهوٽ پهرينءَ گهور، جي وياسي وَڍيا.

***

هلو هلو ڪاڪ ٽڙين، جتي نينهن اُڇل،
نه ڪا جهل نه پل، سپ ڪو پسي پرينءَ کي.

***

سون ورنيون سوڍيون، رُپي راندين ڪن،
اگر اوطاقن ۾، ڪٽوريونءَ ڪٽن،
اوتيائون عبير جا، مٽي طاق ٽڙن،
ٻاٽن ٻيلون ٻڌيون، پَسيو سونهن سڙن،
ٽيا لاهوتي لطيف چئي، پسڻ لئه پرين،
اجهي ٽا اچن، ڪاڪ ڪکوريا ڪاپڙي.

اهو سڄو حُسن جو داستان آهي اها سڄي عشق جي ڳالهه آهي.

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، ٻهون نهاري ٻنگ،
سر در قدم يار فدا شد چه بچاشد، وصل اهوئي ونگ،
رات جنين جو رنگ، الا سي اڪارئين.

***

گهَڙي گهَڙو هٿ ڪري، چيلهه ٻَڌي چوتو،
منهنجو مَن مِيهار کي، پار وڃي پُهتو،
گوتي ۾ گوتو مون کي مُحب ميهار جو.

سراپا سونهن، سراپا حُسن، سراپا محبت پر لطيف اڪيلو حُسن ۽ محبت جو شاعر ڪونہ هو حُسن ۽ محبت جا الائي شاعر آهن، وارث شاهہ آهي، جڏهن هير جو بيان ٿو ڪري، سبحان الله

ست سهيلين نال آئي هير وتڙي..

ان کان پوءِ جيڪو بيان آهي، هير جي حُسن جو لاجواب آهي. لطيف ان ڪري بہ وڏو شاعر آهي، جو هن وٽ حُسن جو بہ بيان آهي، عشق جو بہ بيان آهي، نزاڪت جو بيان آهي.

توڙانهن گهٽو نهاريان، تارا تِيلاهين،
سڄڻ جيڏاهِين، تون تِيڏاهين اُپرين.

***

جڏهن ناز منجهاران نڪري، پرين ڪري ٿو پَنڌ،
پونءَ پڻ بسم الله چئي، رَاهہ چُمي ٿي رندِ،
اُپيون گهٽي ادب سين، حُورون حيرتَ هنڌ،
سائينءَ جو سَوگند، منهنجو سَاجن سينئان سهڻو.

***

هن تاري، هن هيٺ، هُت منهنجا سپرين،
سَڄڻ ماڪيءَ ميٺ، ڪوڙا ٽِينَ نہ ڪڏهن.

لطيف جي شاعري پيار ۽ محبت جي لافاني شاعري آهي، پر لطيف جيڪو لطيف ٿيو آهي، ان سان گڏ ڪجهہ ٻيون شيون بہ آهن، تن جي ڪري ٿيو آهي. لطيف جي شاعري پهرين دؤر ۾ ماڻهن کي ياد ئي ڪانہ هئي، ۽ سئو سالن تائين پئي چيائون تہ ولي آهي، ڪرامت جو صاحب آهي، پٽ ۽ ڏيئون ٿو ڏي، تحفتہ الڪرام ۾ لکيو پيو آهي تہ لطيف هڪ وڏو اولياءَ آهي، هن جون تمام گهڻيون ڪرامتون آهن شاعري بہ ڪندو آهي. ان دؤر ۾ ماڻهن کي خبر ئي ڪانہ هئي تہ هيءُ ڪو وڏو شاعر آهي. چيائون تہ لطيف اڻ پڙهيل آهي، هن ظاهري طور شاعري ڪئي آهي، اها ڪا عشق وغيره جي شاعري نہ آهي، هي هڪ فقير ماڻهو آهي، هن جي شاعري تہ حرام آهي، عشق ۽ محبت جي شاعري تہ جائز ئي ڪانہ آهي. ان جووڏو روحاني راز آهي، اسان بہ امتحان ڏئي آيا آهيون، تہ فلاڻي ست آهي.

توڙانهن گهٽو نهاريان تاران تيلاهين.

ان جي معنيٰ ڪهڙي آهي؟ ان جو روحاني راز ڪهڙو ٿيو؟ هي ايئن پيا خبرون ڪندا هئا، پوءِ ڊاڪٽر گربخشاڻي آيو جنهن اچي چيو ته بابا هي هڪ پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو هو ۽ وڏو هوشيار ماڻهو هو. هن ان تي بهترين ڪتاب لکيو ان کان گهڻو پوءِ جي. ايم. سيد ڪتاب لکيو ته لطيف هڪ وطن دوست به هو. ان کان پوءِ 1964ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ لطيف تي هڪ شام ملهائيون. اتي مون سنڌ ۾ پهريون دفعو اها ڳالهه ڪئي ته لطيف وطن دوست شاعر به هو پر لطيف عوام دوست شاعر به هو. لطيف انقلابي شاعر هو ۽ لطيف هن سڄي جڳ جهان کي بدلائڻ جو شاعر هو. مڪيه ڳالهه لطيف جي اها هئي. بيبي زليخا ۽ يوسف جا قصا هن ۾ ڪونه آهن. اصل ڳالهه اها آهي ته انقلابي شاعر آهي. ان معنيٰ ۾ هندستان ۾ ٻيو شاعر آهي ڪونه. هير ۽ رانجهي جو داستان آهي ته ان ۾ هير ۽ رانجهي جي ڳالهه آهي. لطيف وٽ رڳو عاشق ۽ معشوق جي ڳالهه نه آهي. سڄي جڳ جهان جي ڳالهه آهي. عوام جي ڳالهه آهي. مثلن:

بُرو هو ينيور، آرياڻي اجاريو
لاڻو سپ لوڪ تان، هاڙهي ڏٽيءَ هور،
چوريون ڇُرڻ سکيون، پنهون ڪيائون پور،
آيو سو اتور، جنهن ڏکيون ڏک ويهاريون.

سسئيءَ جو ذڪر رڳو هن جي اکين، چيلهه، چاتي ۽ حُسن جو بيان نه آهي. سپ ماڻهو جَت، پنهونءَ جا پائر، سڄو پنيور ۽ ان ۾ جيڪي يتيم چوڪريون ويٺيون آهن، تن کي لطيف پهريون پيرو انساني تاريخ ۾ عوام اندر انقلاب آڻي. هيٺ ڪريل ماڻهوءَ کي متي ڪٽي "جنهن ڏکيون ڏک ويهاريون"، ڏکين کي رڳو ماني ڪونه کارايائين، پر انهن کي ڏک چاڙهيائين، معنيٰ سيڄ تي ويهاريائين، صحيح معنيٰ ۾ انساني تاريخ ۾ وسيع ترين معنيٰ ۾، جيئن لينن، مائوزي تنگ، هوچي منهه پنهنجي دؤر ۾ انقلابن جو بنياد وڌو. پر ان جو رروحاني بنياد انهن ماڻهن کان هڪ سئو سال اڳ ۾ شاهه عبداللطيف ٻڌائي رکي چڪو هو.

لطيف دنيا جو پهريون شاعر آهي، جنهن عشق ۽ محبت جي شاعريءَ کي وڌيڪ حسين ترين ڪري، ان ۾ عوام دوستي، انقلاب دوستي، زماني ۾ سماجي

انقلاب آڻڻ ۾ هي جيڪي ڳالهيون ٿا ڪريون، سي لطيف سائين ايائي سئو سال اڳي انهن جو بنياد رکي ويو هو. اها لطيف جي خصوصيت آهي ته دنيا جي سمورن شاعرن کان منفرد ۽ نرالو آهي. پنهنجي شاعر جي پاڻ جيتري به تعريف ڪنداسين، ان ۾ جيترو ٿو وجهنداسين، پٽ اوترو ئي ٿو ٽيندو پر ان جو علمي بنياد نه هوندو. جيئن پنڊت ۽ مُلان مڙئي خبرون پيا ڪندا آهن، پاڻ کي اهڙي ڳالهه نه ڪرڻ کپي، پاڻ کي هر ڳالهه پڪي ۽ پختي ڪرڻ کپي، جڏهن پاڻ چئون ته لطيف دنيا جي بلند ترين شاعرن مان آهي، تڏهن اسان وٽ ان جا عقلي ۽ مضبوط دليل هجڻ گهرجن، ڇاڪاڻ ته اسين چئون ٿا ته سڄي قوم کي لطيف جي پويان هلڻ گهرجي، جيئن لطيف چيو آهي، ان جي پٺيان هلڻ گهرجي، رڳو اکرن جي پويان نه پر عملي طرح، لطيف جي ٻي خوبي ڪهڙي آهي؟ هو تعصب جي خلاف هو لطيف چئي ٿو ته:

جيڪي ڏڏن ڏي، ڳجهيان ئي ڳجهه ۾
سو جي سڏن ڪنن سين، ڪرت وارا ڪي
ته ساز سمورا سي، هوند پٽون ڪن پلڪ ۾.

لطيف نئين ڳالهه ڪئي آهي، اها اوهان کي سمجهڻ گهرجي، لطيف ماڻهن کي روحاني قيد مان ڪيئن ڪڍيو آهي، اهو اوهان ڏسو. لطيف کي اوهين رڳو شاعر سمجهندا ته ڪم نه هلندو. اڳي ڇا هو ته ماڻهن چيو ته هيتريون رڪعتون پڙهبيون، هيترا حج ڪبا، هيتريون زڪواتون ڏبيون هيترو فلاڻو ڪبو هوترو فلاڻو ڪبو ته پوءِ اوهين بهشت ۾ ويندا، نه ته اوهان کي ٽنگا ٽولي ڪري دوزخ ۾ هڻندا، ختم. اسان جيڪو اوهان کي لکي ٿا ڏيون، اهو جي اوهان ڪيو ته نيڪ، نه ته اوهان کي سياڻي اهڙا موچڑا لڳندا جو اوهان کي خبر پوندي هو چون ٿا ته سڀ خبر اسان کي آهي، حساب سڄو اسان وارو ٽيندو. الله سائينءَ اسان کي ٻڌائي ڇڏيو آهي، اسان کي ئي سڄي ڳالهه جي خبر آهي، جيڪا اسان چئون ٿا، ان کي هيڏانهن ته ڪري ڏيکاريو ان کانسواءِ الله ڀلا ٻي ته ڳالهه ڪري ڏيکاري، اسان وٽ هر ڳالهه قيد آهي. هانيٽن به ايئن چيو، پنڊتن به ايئن چيو مُلن به ائين چيو هي ٿي ويا الله جا وارث، پاڻ ٽياسين چور ۽ بدمعاش. لطيف سائين وڏو هوشيار ماڻهو هو سچل وغيره درويش هئا، سچل وري اها ڳالهه ڪئي آهي ته:

ايجها ڪم ڪريجي، جنهن وچ الله آپ بڌيجي.

صوفي صادق چيو آهي تہ:

الله اوراهون ڇڏي، پنڌ پرانهين پيا،
بنا نالي سُپرين، ايان ڪي ٻيا،
واڪيندا ويا، صادق ٻڌي سندرا.

پوءِ صوفين اهي باهيون ٻاريون، لطيف پڪو ماڻهو هو هن اهڙيون خبرون ڪونہ ڪيون، جنهن مان پاڻ ڪي وڏ ڏي، هو چئي ٿو جيڪو مُلو ٿو فرمائي سڀ سچ آهي، اسين گنهگار هي سڀ هن جو ڳالهيون سچيون، جيڪي چئي ٿو سو حق آهي، پر ان ڳالهہ ۾ خرابي هيءَ آهي تہ جيڪو الله آهي، هو پنهنجي مرضيءَ جو مالڪ آهي، مُلن جي چوڻ تي لڳي الاءِ نہ، هو تہ بي پرواهہ آهي، اتي هي ٽنگيا پيا هجن تہ پوءِ، لطيف وڏو استاد ماڻهو هو، هو چئي ٿو تہ:

چنيسر سين چاڱ، متان ڪا منڌ ڪري،
جيئن مون پوءِ پروڙيو تہ هي نہ ماڻي ماڳ،
ڏمريو ڏُهاڳ، سگهو ڏئي سهاڳڻيين.

چئي ٿو تہ روزا، نمازون اهي بہ سڀ سُڻا ڪم آهن، چاليها بہ ۽ ٻيا بہ جيڪي ڪم ٿا ڪن، سي نسورو نور آهن، پر ان سان گڏ عشق بہ آهي، محبت بہ آهي ۽ الله سان ڊائريڪٽ پروموشن وارو رستو بہ آهي، هي بہ هڪ رستو آهي تہ نمازون پڙهي وڃي بهشت ۾ پهچو، ٻيو رستو اهڙو آهي، جنهن ۾ الله سان پيار ڪجي، پوءِ بهشت ملي نہ ملي، دوزخ بہ مليو تہ خير آهي، پر الله سان محبت ڪبي، ان جي ويجهو وڃبو ٻيا حج ڀڃ بہ سُڻا ۽ عاليشان آهن، پر پهرين ڳالهہ خدا سان محبت آهي، هي جيڪي خدا جا حڪم هنن جي معرفت ٻُڌايا پيا وڃن، سي ثانوي ڳالهہ آهن، تنهن ڪري ممڪن آهي تہ الله سائين اهڙن ماڻهن کي نوازي، جن کي نوازڻ ئي نہ گهرجيس، ممڪن آهي تہ اهڙن ماڻهن کي نہ نوازي جيڪي سموري امتحان ۾ پورا هجن، اي ون گريڊ ڪنيو ويٺا هجن، بهشت جا پهرين نمبر جا حقدار هجن، هونہ مجي تہ ان ڪان ڪير پڇندو؟ هو چئي ٿو؟:

جيڪي ڏڏن ڏي...

ڏڏ معني پاڻ جهڙا ماڻهو جن کي ڪلمو صحيح پرڻ اچي ڪون، هڪڙا ڏڏ آهن، ٻيا ڪرت وارا آهن:

جيڪي ڏڏن ڏي، ڳُجهائين، ڳُجهه ۾،
سو جي سڻن ڪنن سين، ڪرت وارا ڪي،
تہ ساز سمورا سي، هوند پٽون ڪن پلڪ ۾.

ڏوهہ هنن جو ڪونهي پر هو بي پرواهہ آهي، حق تہ هنن جو آهي، جيڪي سڃو ڏينهن محنتون ٻيا ڪن، پر چا ڪجي جو هن سان پڄڻ جي جاءِ ناهي، هو چئي ٿو:

تهڙا چاليها نہ چاليهہ، جهڙو پسڻ پرينءَ جو،
ڪهڙي ڪاتب ڪريئن، مٿي پنن پيهہ،
سڃو لک لکان، تہ هي ڪافر آهي، هي فلاڻو آهي.

تهڙا چاليها نہ چاليهہ، جهڙو پسڻ پرينءَ جو،
ڪهڙي ڪاتب ڪريئين، مٿي پنن پيهہ،
جي ورق ورائين، ويهہ تہ اڪر مڙوئي هيڪڙو.

❊❊❊

نہ ڪلن نہ ڪين ڪي، نہ ڪي ڳالهائين،
ڪنهن جنهن ۾ آهين، سا پر پروڙڻ ڏاڪڙو.

❊❊❊

نہ مون نانڻان ڪٽيو نہ ڪي ڏاڏاڻان،
پرينءَ جي پاران، مون سان وڏا وڙ ٽيا.

❊❊❊

ڪنول پاڙون پاتال ۾، ڦُونر ڦري آڪاس،
ٻنهي سندي ڳالهڙي، رازق آندي راس،
تنهن عشق کي شاباس، جنهن محبتي ميڙيا.

❊❊❊

وهي منجهہ وڳ، ڪٽوريءَ ڏار چري،
ماءِ منهنجي ڪرهي، پڌر پگ مَ لڳہ،
جڳ سين جهڙو جڳہ، هنين سين هت چري،

تنهن ڪري هڪڙيون شيون ڪنهن شيءَ جون پوڄائون آهن، حج آهن، زڪواتون آهن، لطيف سائين چئي ٿو اهي سڀ نور آهن، ان کان اول ٻي شيءَ آهي تہ نيت صاف هجي، جيڪڏهن اهو شرط پورو نہ آهي، تہ ٻي هر شيءِ نہ آهي. مذهب جي نالي ۾ جيڪا پوليس ۽ بيورو ڪريسي هئي، جيڪا ماڻهن جا ساهہ سڪايو وينِي هئي، تنهن جي خلاف هنن روحاني تحريڪ هلائي، ان جي اپوزيشن ۾ اچي ويا. اها تحريڪ هندستان ۾ بہ هلي، يورپ ۾ بہ هلي، اتي وڏيون بغاوتون ٿيون، يورپ پنج سئو سال پادرين سان وڙهيو جن ماڻهن جو ساهہ سڪائي ڇڏيو هو. هن ماڻهن جيڪا لڙائي ڪئي، ان ۾ وڏيون خونريزيون ڪونہ ٿيون، لطيف ماڻهن کي غيرت جو سبق سيکاريو. اعليٰ ترين مفاد سيکاريا، هن غريب عوام کي روءِ زمين جي شاعريءَ جي تاريخ ۾ اعليٰ ترين مفاد سيکاريا، هن غريب سهڻي چوکريءَ کي نہ، ڪنهن غريب سهڻي ماڻهوءَ کي نہ پر توهان اسان جهڙن ماڻهن کي مٿانهون ڪري پيش ڪيو هن چيو تہ هي سُنا آهن، هو جيڪي آسمان جي بلندين تي وينا آهن، اهي هنن جي مقابلي ۾ ڪنا آهن. لطيف چئي ٿو.

مٿَن ٿُبڪ ٿُبڪڑَا، ڇڪندڙا اَڇن،
ڪُڑيون ڪِيهہ ڀيڪليون، پگهر سر پيرن،
ايءُ وڙ ويڙِيچَن، مون لوڏائين ئي لکَيا.

انهن جي مٿن تي ڳنڍڙيون پيون آهن، پيرن ۾ مٽي اٿن، پگهر ۾ شم آهن، انهن لاءِ چئي ٿو تہ:

ايءُ وڙ ويڙِيچَن، مون لوڏائين ئي لکَيا.

❊❊

اسين تِتان آيون، جتي ڪُهنبو ناهہ
جي ويون ڪنهن وهانءِ، تہ پوءِ مٿن لويون.

پهريون دفعو ڪنهن شاعر، هڪڙي مفڪر ۽ باغي ماڻهو جنهن روس کان گهڻو اڳي، والتيئر کان اڳ ۾ فرنيچ انقلاب کان اڳي، مارڪس، لينن، اينجلس، مائوزي تنگ، هوچي منهہ، سمورن انقلابن، کان اڳ ۾ هڪ روحاني انقلاب آندو تہ غريب ماڻهن کي زندهہ رهڻ ڪيو، اهو لطيف هو.

لطيف انقلابي ماڻهو ان کي هو جو هن چيو ته هي ماڻهو رحم جوڳا نه آهن، هي فخر لائق آهن، هي هيرا آهن، هي سورما آهن.

مارو پاڻ امير، مليرون مرکٽو.

هي مارو جيکي پيرين اگهاڙا پيا هلن، سي امير آهن ۽ جيکو مليو آهي، اهو ته فخر جي لائق آهي.

ٻُري نه ٻکر دانهن، يونءَ پٽڪو نه سُٽان.

اڄ اها کيفيت پاڻ وٽ آهي، ڇئي ٿو ته اڳي جيکو ٻکرن جو ٻکرڻ هو اهو ڪٽي آهي، هو هن ڏکار جي منظر ڪشي ٿو ڪري.

ٻري نه ٻکر دانهن، يوڻءَ پٽڪو نه سُٽان.

جانورن جي هلڻ ۽ ٻکرن جي هلڻ جو جيکو آواز آهي، ان کي لاڙ جي ٻوليءَ ۾ يوڻءَ ڇئبو آهي.

ٻُري نه ٻکر دانهن، يوڻءَ پٽڪو نه سُٽان.
ميان ماروڙن جا، اوٽا ڏسان آنهن.
جن سائيڪا سنجڻا، سي ڏٽي ڪيڙءِ ڪانهن
پکا ڪٽي پرانهن، جيکس ڏيو لوڙِ پارِيين.

مارن ۾ سُڃ ۽ ڏکار آهي، لطيف انهن سان گڏ آهي، سنگهارن جا داستان آهن، مينهن جا داستان آهن، ماڻهن جي ڏک، ماڻهن جي سُک، ماڻهن جي عزت:

هيٺ جر مٽي مير پاسي ۾ وڻ راه،
اپي وڃي وچ ۾، تماچي جي ساءِ،
لڳي اتر واءُ، ته ڪينجهر هندورو ٽئي.

سڄو عام ماڻهن جو ذڪر آهي، مخلوق جو ذڪر آهي، عوام جو ذڪر آهي، لطيف پهريون دفعو انساني تاريخ ۾ عوام کي محبوب ڪري پيش ڪيو ويو آهي ۽ عوام کي يتيم ڪري نه پر غيرتمند ڪري بيان ڪيو ويو آهي، مارئيءَ جي واتان ڇئي ٿو:

جي لوڙ لڳين لائيين، چيري چيري چم،
مون ڪُر اڳي نه ڪيو اهڙو ڪوجهو ڪم،
جان جان دعويِ دم، تان پرت پنهوارن سين.

سسئي چئي ٿي:

ڏونگر ڏکوين کي، تپي ڪندين ڪوهه،
تون جي پهڻ پب جا، تہ لڳ منهنجا لوهه،
جنهن ڇُوري ۾ چوهه، سا پٽون ٽيندي پير تي.

هونئن رڳو محبت عورت ۽ مرد جي محبت هئي، پر هن پهرين ان کي تبديل ڪيو. پنهنجي وطن جي محبت، پنهنجي عوام جي محبت، ماريلن سان محبت، ڪريلن سان محبت ستايلن سان محبت، بکايلن سان محبت اگهاڙن سان محبت.

جوڳي کي جُڳ ٽيا، مٽي ئي ميري،
اکيون الک سامهون، پونءَ ڏي نہ پيري،
لُڙڪ لال لطيف چئي، ڪنبي ۽ ڪيري،
نينهن نہ نبيري، جيئن سُور چري تيئن سنرو.

اهڙا محروم ماڻهو ستايل ماڻهو دنيا جا دکي انسان، انهن جو پهريون شاعر لطيف هو ان کان اڳ روءِ زمين جي تاريخ ۾ اوهان کي ههڙو شاعر نہ ملندو.

جيئي سنڌ، جيئي لطيف

(جشن لطيف، ونگي اونا لڳ چمبڙ ۾ تقرير 17 مارچ 2001ع)

اوندا هي ءَ ۾ سوجهرو

سائينءَ سدائين، ڪرين متي سنڌ سڪار
دوست تون دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.

اهو آهي لطيف جو پيغام.

اڄ آئون ٻ- ٽي ڳالهيون رڳو هن حوالي سان ڪندس تہ هي جو اسان جي ٽنگن ۾ زنجير پيا آهن، ميان سنڌ جي سياست ڪريو سنڌ ۾ ويهي سنڌ جي ٻيڙي ٻوڙيو تہ ٺيڪ آهي! پر جي لنڊن وجو آمريڪا وجو روس وجو هندوستان وجو ڪيڏانهن ٻ وجو سوچڙ ڪوڪمر آهي ئي ڪونہ هتي ويهي جاسوسيون ڪريو دلاليون ڪريو ٽاٽي تي وجو ماٺهو ٻڏايو ماٺهو الٽا لٽڪايو اها سنڌ جي خدمت ٿي! آئون لطيف جي حوالي سان رڳو اها ڳالهہ ڪندس تہ لطيف ڇا ٿو چوي؟ هتي ويٺا هجو گهر ۾ يا ڪجهہ سنڌ ڪان ٻاهر ٻ ٻيهو؟ مرشد آ پنهنجو لطيف هادي آهي، سپهہ سالار آهي پورهيت عوام جو. اُهو ڇا ٿو چوي؟ چئي ٿو گهر ۾ ويٺا هجو ساماري ڪان ٻاهر ڇونڪتا آهيو؟ ميرپور خاص ۾ متان وڃو يا چئي ٿو تہ ڪجهہ پرپرو ڇُرو ٻاهر. لطيف سائين چئي ٿو:

ڏُٽ گهٽائي ڪن.....

ڏُٽ معني پورهيو مزدوري، ڪوشش، جدوجهد.

ڏُٽ گهٽائي ڪن، ان اورانهين ڏيهہ جو
سندا ڪاهوڙين، پري سُجهن پيچرا.

گهر ۾ نہ ويهو ٻاهر نڪرو. لطيف سائين چئي ٿو:

اوريان ئي آڻين، ميڙيو معلم خبرون

هِتي هُتي جون خبرون، ساماروَ جهڏو گدام، حيدرآباد شهر، ڪراچي.

اوريان ئي آڻين، ميڙيو معلم خبرون،
سا تان سُڌ نہ ڏين، جتي وهہ ويڌ ڪري

لطيف سائينءَ جا محبوب ڪير آهن؟ لطيف جا محبوب اُهي آهن جيڪي هلن ٿا، جيڪي بيچين آهن، جيڪي ڦرن ٿا، جن کي سکون ڪونهي، جيڪي پنهنجي مقصد لاءِ سر گردان، حيران، پريشان، هلندڙ رُلندڙ بيابانن، ڪوهه ڪافن ۾ جيڪي هلن ٿا، اهي ئي لطيف جا محبوب آهن، اهي ئي لطيف جا هيرا آهن، اهي ئي سورما آهن لطيف جا. سائين چوي ٿو:

جيئن سو هرڙ هماءُ، سرگردان سنسار ۾

ڪير؟ هڪڙو هرڙ! هرڙ کي بينل ڏٺوَ؟ ته بينو هجي، ستو پيو هجي، رلي مٽان پيئي هجيس. هرڙ خان ستو پيو آ، ننڊ پيو ڪري، ۽ پيو هماءُ پکي، جيڪو آسمانن ۾ هلندو آ. چون ٿا ته ان جو جسم ئي ڪونهي، چوته جسم هوندو ته ڳرو ٿي پوندو. هلي نه سگهندو اڏامي نه سگهندو ان لاءِ مشهور آهي ته هماءُ جو بدن ئي ڪونه ٿيندو آهي. لطيف سائين چوي ٿو ته، هيءَ سسئي جيڪا بيچين آهي، آرام ڪونهيس، پريشان آهي، رڳو هل هلان، هل هلان، هل هلان، ان تي ڪنهن جو پاڇو پيو آهي، ڪٽان هيءَ سِکي آهي انگ؟ جو ويهي نه ٿي، ته پوءِ دليل ٿو ڏوڙائي ته:

جيئن سو هرڙ هماءُ، سرگردان سنسار ۾،
هو پير نه کوڙي پٽئين، هُو ڏڙ سر ڏري نه ساهه

لطيف سائين چوي ٿو:

جيڪس تن مُلاءُ، سسئيءَ سور پرايا.

انهن سرتين کان سُور مليو اٿس، جو ويهي نه ٿي، ۽ محبوب ڪهڙا آهن؟ چئي ٿي:

ڏوري ڏوري ڏيهه، ماءُ ڪاهوڙي آيا،
مَين پيرين ڪيهه، ڪُهه جاڻان ڪنهن پار جي.

پيرن تي متي الائي ڪهڙي ولايت جي آهي، الائي ڪهڙا رنگ آهن، ڪهڙا ملڪ، ڪهڙا پيچرا، ڪهڙا بيابان، ڪهڙا ڪنڊ لتاڙي هي ماٺهو آيا آهن. منهنجي ماءُ! منهنجا محبوب اهي آهن، جيڪي بي آرام آهن ۽ الائي ڪٽان ڪٽان ٽيو اچن ۽ پوءِ بي ثمرا ماٺهو ويهي رهن گهر ۾ ادا مشڪين آهيون، غريب آهيون، ادا ڪجهه ڪونهي، لسي پيئون ٿا.... بي ثمر ماٺهن

لاءِ ڪهڙو حڪم آهي؟ پيرن اگهاڙن لاءِ ڪهڙو آهي؟ بکين لاءِ ڪهڙو حڪم آهي؟ توهان لاءِ ڪهڙو حڪم آهي؟ مون لاءِ ڪهڙو حڪم آهي؟

ڪٽن نہ ڪرڪاٽ....

ڪيترا معنيٰ پراڻا بوٽ، جتيون

ڪٽن نہ ڪيڪان، پنڌ پرانهين هليا

اڻن بوٽ بہ ڪونہ، اگهاڙا پير!

ڪٽن نہ ڪيڪان، پنڌ پرانهين هليا،
ڏوٽيئڙا ڪنهن ڏُٽ ڪي، جنبيا ڏانهن جابان،
ڪاهوڙين اهجاڻ، انگ نہ سجي اڳڙي

***

سڪان منهن سندن، پيرين پراڻا ڪيترا،
سا جوءِ ڏوري آيا، سونهان جت منجهن،

اڪابر جيڪي هجن، اُهي منجهي پون. ۽ پوءِ اها جوءِ ڏوري پوءِ گهر ۾ وينا آهن، خوش ٿيا آهن، آرام ٿا ڪن؟ نہ!

ڳجها ڳجهيون ڪن، ٿهان پرانهين پنڌ جون.

پوءِ ملڪ الاهي آهن، جپان، جرمني، الائي ڪهڙا دنيا ۾ ملڪ آهن. سيني اخبارن ۾ پڙهون ٿا. پلا اهي ملڪ جي ڏوري اڇجن، جيڪي معلوم آهن، جن جي خبر آهي، جن جي ماڻهن جي ڪجهہ سڌ سماءُ آهي، پوءِ تہ ٺيڪ ٿيو نہ؟ پوءِ تہ مڙس ماڻهو ٿياسين نہ؟ لطيف چوي ٿو: نہ!

هي ملڪ تہ ڄاڻان کي معلوم آهن. اها تہ خبر آهي تہ فلاڻو ملڪ فلاڻي هنڌ، فلاڻو ملڪ فلاڻي هنڌ.

ڏوٽي سا ڏورين، جا جوءِ سُئي نہ ٻڌي،
پاسا متي پاهٽين، ڪاهوڙي ڪوڙين،
۽ پوءِ چا ڪن؟ وڃاءَ معنيٰ امانت، خزانو.
وڃاءَ اُت ووڙين، جت نهايت ناهہ ڪا.

چئي ٿو:

جت نہ پکيءَ پير، تت ٽمکي باهڙي،
ٻيو ٻاريندو ڪير، ڪاهوڙڪي ڪير ري

هن قبيلي کان سواءِ ٻيا ڪير ب، جتي پکي ب نہ وڃي، اتي وڃي ٽاپهچن، اقبال چيو آهي:

ستارون سي آگي جهان اور پي هين،
اپي عشق ڪي امتحان اور پي هين.

ستارن کان اڳيان پي دنيا ب آهي. لطيف سائين چوي ٿو:

جتي عرش نہ اُپ ڪو زمين ناهہ ڏرو،
نڪو چاڑهائو چنڊ جو نڪو سج سرو،
اتي آديسين جو لڳو دنگ درو،
پري پين پَرو نات ڏٺائون ناه ۾.

سائين چوي ٿو: ٻني ب ڪريو مزدوري ب ڪريو وڪالتڑي ب ڪريو ڊاڪٽري ب ڪريو اهو ٺيڪ آهي:

روزا ۽ نمازون، ايءُ پڻ ڇڏو ڪم.
ضرور ڪبو!
او ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.

لطيف سائين چوي ٿو دنيا جا سڀ ڪم ڪريو پر مقصد وڏا ڪاريو. وڏا، تمام وڏا، تصور کان ب وڏا! چوتہ نندڙا مقصد ڪاربا تہ انهن مان ملندو ڇا؟ چلر چئبو آهي پاڻيءَ جي ڏٻي کي. سهڻو لطيف چوي ٿو:

سمنڊ جي سيوين، تنين ماڻڪ ميڑيا،
چِلر جي چوئين، تن سانگوٽا ۽ ستيون.

سُتي ڪهڙي؟ ڪائونسل جي ميمبري، فلاڻي خان کي جيل ۾ وجهرايان، فلاڻو خان ٻاهر ڪڍي آيس، فلاڻي جي زال پڇائي ويس، فلاڻي جي زال ڦٻائي ويس.

سيوا ڪر سمنڊ جي، جت جر وهي ٿو جال،
سوين وهن سير ۾، ماڻڪ موتي لال،
جي ماسو ملئي مال، تہ پوڇارا پُر ٿئين.

وڏا مقصد! وڏا! انهن مان ذرڙو ب مليو ٿورڙي وک ماڻهوءَ اڳتي ڪنئي، رڳو هليو رڳو ب منٽ هليو رڳو ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيو..... جيڪڏهن اهي

سنئين رستي تي هجن، اهي پاڻ وارا آهن، توڙي منزل تي پهچن نہ پهچن! پر رڳو سنئين رستي تي هلڻ ۽ وڃي پاڻ جي نشاني آهي:

عمر سڀ عشق سين، پنهون جي پچن،
ريس ريڍاليون تن سين، ڪجاڙي لئہ ڪن؟
مارڳ جي مرن، وڃا طالع تن جا.

صحيح رستي تي هلندي جيڪي مرن ٿا... وڃا مقصد...

لنڪا لنڪا ڪن، لئہ لنڪا جي اوهريا،
سُٽي سون لنڪا جو سُک نہ سامونڌين،
پرهہ پڳهہ ڇوڙيا، ڪاري ڪيڙائين،
وڃي پاڻ ڀڙن، جي ڪهيا ڪارونيار ڏي

ٻُڌائون تہ لنڪا ۾ سون آهي، ڪو وڃو مقصد آهي، ڪيڙ ۽ پوک جو ڪم ڪندڙ ماڻهو تن وري بي ڪيڙ شروع ڪئي. ڪهڙو ڪيڙي پوکيءَ جو ڪم ڪيائون؟ هي جيڪو پاڻ ڪيڙيون ٿا، سا پوڻ ۽ ڪيڙيون ٿا، هو ڪيڙين ٿا پاڻي. هي ڪيڙيندڙ زمين جا، هُو ڪاري سموندن ۾ ڪيڙ ڪندڙ ماڻهو. لطيف جا محبوب اهي آهن، جيڪي ڪاري کي ڪيڙين، اتي پوکون ڪن.

ڪاري ڪيڙائو.....

هي ۽ ڪيڙائو ساماري جا ۽ نٽي جا ۽. اهو سڀ ڪم، پر هُو جيڪو سموند ۾ ڪيڙين:

ڪاري ڪيڙائو متي مٽي موتيا،
سودو ڪن نہ سون جو وڃا وهائو

وڃا واپاري آهن.

موتي جي مهراڻ جا، تن جا طامائو
سامونڌي سائو لنڪا لوڀي آئيا.

اهي لطيف جا محبوب آهن. پلوڙ وڃا مقصد، سون ۽ نما موتي جواهرن، ۽ اهي جواهر ڪهڙا آهن؟ انقلاب جا جواهر، ناقص سماجن کي تهس نهس ڪرڻ جا، ظلم جي ڏونگرن کي ڪيرائڻ جا مقصد، آسمانن ۽ زمينن جي نظام کي بدلائڻ جا مقصد.

بيا ڪ قاعدِ آسمان بہ گرداني،
فلڪ را شڪ بشڪا زيم و ترغ نوبہ انداري

اچو تہ زمين تہ نھيو پر آسمان جي قاعدن کي بدلايون ۽ هن آسمان ۾ چير وجهي هن دنيا جو نئون نظام ٺاهيون. اهو آهي جناب حافظ شيرازي!

نئين دنيا اڏڻ، نوان ستارا، نوان اُپ، نوان عرش، نيون دنيائون، اهي آهن سمونڊن جا سوداگر، جوتيون ۽ جواهر ميڙيندڙ ماڻهو!

سامين جي بہ ڳالھ ڪيائين، چوي ٿو:

سامين سِنگ ڪلهي تي، سنگ مڙيئي سُور

سنگت ڪهڙي؟ سنگت سورن سان اٿن. ساڻي ڪهڙو اٿن؟ سور!

ڪهندا ويا ڪابول ڏي، ڪو جو پَيڙن پور،
مڙهيءَ جو مذڪور، ڪالھ ڪندا ويا ڪاپڙي

لطيف جي نظر ۾ اهڙا ماڻهو محبوب هوندا هئا ۽ انهن جو قدر هوندو هو. اسين وچون گهر ۾ تہ زال ٻوٽ سڃايو ويني آهي: مڙا! هي اٽو ڪونہ آندءِ، آنُ بہ ڪونہ رکئي، عيال لنگهڻ ويٺو آهي. ٻوٽ سڃايو ويني آهي. هڻ جوتو هڻ ڏنڊو، مڙس وڙهيو، مڙس جهيڙو ڪيو، لٽ ڪنيو ويٺو آهي. قدر ڪهڙو؟ ڪابول ڏي ڪونہ وياسين نہ! وڏا جيڪي منزل ڏارين ٿا، وڏا مقصد ڏارين ٿا، انهن جون آڏرياڻون ۽ آجيائون ۽ انهن جا استقبال بہ وڏا آهن. چئي ٿي:

ويراڳي واري...

جيڪي ويراڳي آهن، ويراڳ ڏيئي هن دنيا جي ننڍڙن، خسيس، پتڪڙن، معمولي ۽ مجهول مقصدن کي ڇڏي، وڏن ۽ شاندار منزلن جا جيڪي مسافر آهن، تن جو استقبال ڪهڙو؟ تن لاءِ ماڻهو ڪيئن ٿا واجهائين؟ چئي ٿي:

ويراڳي واري، آلا! اگهڻ آڻيين،
ڏک لاهيندا ڏيل مان، تُهن جيئن تاري،
ايندم اوتاري، کينءَ جون ڏيندم خبرون.

ساڻيو! سنڌ ۾ ٻنيءَ جو مسئلو آهي، ڇانوڻين جو مسئلو آهي، سنڌ جي مالڪيءَ جو مسئلو آهي، سنڌ ڪنهن جي، اهو مسئلو آهي. پائيچاري

ڪنهن سان ڪجي، اهو مسئلو آهي، پر ودي ۾ وڏو مسئلو آهي ته هن جاءِ تي اسان ماڻهن لاءِ فتور ڪنهن داخل ڪيو؟ چڱائيءَ کي برائي سمجهون ٿا، سستيءَ کي چڱو سمجهون ٿا، جاکوڙ کي خراب سمجهون ٿا. اها صدين جي لعنت اسان جي دماغ ۾ پئي آهي. سٹي کي خراب سمجهڻ، اها بيماري آ، اهو مرض آ. جيڪو ماڻهو بيمار ٿيندو آهي ته سٹو ڪاڏو هوندو آهي ته ماڻهو ڪائيندو آهي ته الٽي ڪري ڪڍي ڇڏيندو آهي. اهو ڇاهي؟ اها بيماري آهي. مٹيءَ ۾ وياسين، ڪانفرنس ڪئي سين، ٿر لاءِ ڪڙهياسين، نالو وٺنداسين، اخبار ۾ لکيو پيو آهي، "گارڊون ني فائر ڪرديا." هي سنڊي ويٹل هئا نہ. جيڪي هئا ئي ڪونہ! هتي اسان وٽ علي حسن صاحب آهي "سفير" جو ايڊيٹر صاحب آهي، الائي ڇا آهي، انهن لکيو آهي انگريزيءَ ۾ ته مٹان هوائي جهازن مان الائي بسن مان فائرنگ ٿي، "اوپر سي بمباري هو رهي ٿي." شڪر جو هوائي جهاز ۾ راکيٹ ڪونہ هئا ڪي! اهي ڇا آهن؟ ڏهنن جا فتور آهن. چڱين شين کي خراب سمجهڻ، سئين کي ٹيڏو سمجهڻ، خدمت ڪرڻ کي دشمني سمجهڻ. جيئن ماڻهن جي خدمت بہ ڪريو گاريون بہ کائو بچڑا بہ ٹيو پوءِ بہ جي پرچن! اهو ڇا آهي؟ فتور آهي. فتور ڪنهن وڏو آهي؟ ڪنهن ڪونہ وڏو آهي. سڄي نظام جو فتور آهي. ڪنهن چيو پائيچاري ڪر. چي: مون سان وڙهين ٿو! ڪنهن کي چئو "ادا" چي: ميان! گاريون چو ٿو ڏين! اڙي، ہڏي ڪريو! چي: ميان ويڑهائين ٿو، جهيڑو ٿو ڪرائين! اهو ڇا آهي؟ اهو فتور آهي ۽ اهو فتور ڪيئن لهندو؟ ڪو ان جو علاج آهي؟ علاج آهي! ڪهڑو آهي؟ ويچ ڪهڑو آهي؟ ويچ ته پاڻ لطيف آهي:

هئين تہ ويچن وٽ، تون ڪيئن جيءَ جڏو ٹئين؟
سِر ڏيئي مَر ست، ڪُهہ نہ ڪيئي ڏبڑا؟

هن پلاري ڪم کي حاصل ڪرڻ لاءِ! قومن جي دماغن ۾ جيڪي فتور آهن، هن ڏرتيءَ جا جيڪي فتور آهن، ظلمن جو علاج جيڪو وڏي ۾ وڏو آهي، اسين خوش نصيب آهيون جو هڪڙو وڏو حاذق ۽ ويچ ۽ طبيب لطيف جي صورت ۾ اسان وٽ موجود آهي. اسين ان کي صحيح سمجهي سگهون ته سڀ ڏک لهي ويندا.

ايندم جان پيهي، تان سڀ لاهيندم ڏکڙا.

اها ڳالهه سمجهه ۾ آئي ته "سڀ لاهيندم ڏکڙا." ساڻيو! ٻيا ڪم ٻه ڪريو. سڀ ڪم ڪريو پر لطيف جو مطالعو ضرور ڪجوَ. لطيف روح جي غذا نه، آبِ حيات آهي! رڳو حمد ۽ ثنا ڪانهي، رڳو جيئن پاڻ وٽ پير پرستي آهي، فلاڻو خان آيو پوڄا ڪريو. پوڄا پاڻ غلط آهي، نه ڪريو. ڪنهن جي به پوڄا نه ڪريو! پر حقيقت آهي، سچ آهي، ابا سچ چمڪي ٿو ميان سچ جي خوشامد ٿا ڪريو! بس..... سچ پاڻ تي بينو آهي نه مٽان، سوجهرو ڪريو بينو آهي. ان جهڙو ٻيو آهي ڪونه! هاڻي هن کي چئون ته سچ ڏيئو آهي، سچ ته آهي، تنهن کي ڏيئو ڪيئن چئون؟ بينو آهي. تيئن لطيف جي باري ۾ ايئن ناهي ته ڪو اسان کي مير تقي مير جي خبر ناهي يا اسان غالب ڪونه پڙهيو آهي يا شيڪسپيئر ڪونه پڙهيو آهي يا ڪاليداس ڪونه پڙهيو آ يا هومر ڪونه پڙهيو آ، دانتي ڪونه پڙهيو آ، سڀ پڙهيوسون! چريا ڪريا آهيون پر سڃاڻون سيني کي ٿا. پر مسئلو آ ته هيءَ بلا وڏي آهي. هي بلا بين الاقوامي شيءِ آ. هن شيءِ کي سمجهڻ لاءِ جڏهن وڏا ٿيندا، ڪتاب پڙهندا، پهرين دنيا جو ادب پڙهندا، اردو به پڙهجو ضرور پڙهجو فارسي پڙهجو رومي ضرور پڙهجو. پوءِ عربي شاعري آ، پوءِ رومي آ، دنيا سمجهو مفڪر پڙهو. جڏهن اهي پڙهي ايندؤ ته اوهان کي سمجهه ۾ ڳالهه ويهندي ته لطيف ڇا آهي؟ رڳو لطيف جي وڏائيءَ جو مقصد ناهي. مقصد آهي ان مان اسين حاصل ڪريون. انسان جيڪڏهن صحيح سوچ حاصل ڪري ته ٽي پاگي چار ان جون بيماريون ختم ٿي وڃن. جيڪڏهن اسان جي دماغ جي سوچ صحيح هجي ته هن اونداهي رات ۾ اسين هِت وينا ڪونه هجون ها. هي سڀ جيڪي..... لطيف سائين چئي ٿو:

جي ڳالهين ڳڻاتيا، تن بٽن پاسي بٽيون.

پاڻ ڳالهين جا ڳڻاتيل آهيون، پاڻ کو محنت ۾ ڪونه هارايو آهي. پاڻ کو ليکي چوکي ۾ ڪونه هارايو آ، پاڻ پنهنجي افعالن سان هتي ڪونه وينا آهيون. ڳالهين جا بنياد آهن، ڳالهين ۾ ڦيرو آهي. ڳالهين ۾ اٽڪل آ، ڳالهين ۾ ور آ.....

ور ۾ ڪونهي ور، ڏيرن ور وڏو ڪيو.

ڏيرن جيڪي ڳالهيون ٻڌائي سيني ماڻهن کي گونگڙو ڪري ڇڏيو. اهو لهندو لطيف جي مطالعي سان! ٻين ڳالهين سان گڏ، رڳو لطيف نا مون

کي ڪنهن ماڻهوءَ چيو..... هڪڙو ماڻهو آهي، تنهن کان پڇيائين، ڪهڙا ڪتاب پڙهيا اٿئي؟ چيائين: کي آمريڪا جا، کي ڪتان جا، ڪو دوست هو اسان جو! تنهن چيو لطيف جي هوندي توهان ٻيا ڪتاب ڇا پڙهو. مون چيو ابا لطيف ۾ سرجريءَ جو علم آهي. چو ڇا اوهين بيوقوفيءَ جون ڳالهيون ڪريو! لطيف جي عظمت وڏي آهي يا ايئن چئو ته لطيف سدا ملوڪ شاعر آهي. ساڻيو! اسان جو پنڌ پري آهي، لطيف سوجهرو آ، لطيف منزل تي ڪونہ رسائيندو، منزل کي روشن ڪندو.

ماڻڪ مٺ سندوم، اونداهين ۾ سوجهرو.

جيڪا زماني ۾ چوڦطرف اونداهي آ، ان ۾ لطيف سوجهرو آ، ماڻڪ آ. ڪو تائيم ملي، ڪو وقت ملي جو اطمينان سان، لطيف بابت مزي سان ڳالهه ڪجي.

(29 آڪٽوبر 1987ع تي "جشن لطيف" سمارو ۾ ڪيل تقرير مان ورتل)

ستر سين سنگ ٽيو

انسان ذات تمام گهٽي عرصي کان وٺي سنيون ڳالهيون ڪندي رهي آهي، پر اها لکي ڪونہ پئي ويئي. ان جو سبب اهو هو تہ ان دور ۾ لکڻ ايندو ئي ڪونہ هو. الف۔ ب تڏهن ٿهي ئي ڪانہ هئي. ماڻهو هزارين لکين سال هن دنيا ۾ زندهہ هئا، پر لکڻ ايندو ڪونہ هو. تنهن ڪري خبر ڪونہ هئي. مصر ۽ عراق ۾ جڏهن عربي (ا۔ ب۔ ت) لکي ويئي، تڏهن ماڻهن انهن جو رڪارڊ رکڻ شروع ڪيو. پوءِ شاعري لکي ويئي. پهرين پهرين شاعري، انسان جي وڏي ۾ وڏي وصف ۽ ثقافت هئي. پهريون پهريون جيڪو انسان هو سو سدائين ڊپ ۾ هو ۽ ان جو وڏي ۾ وڏو مسئلو هو تہ جيڪي ڊيجاريندڙ شيون آهن، جن کان ڊپ لڳندو آهي، جن وٽ پاور آهي، طاقت آهي، تن کان پاڻ بچائجي ڪيئن؟ تنهن ڪري پهرين تہ انهن جي شاعري هئي، سا ديوتائن يا غيبي قوتن جي ڪمن کي گهٽ ڪرڻ هئي. انهن کي پاڻ تي مهربان ڪرڻ هو. انهن کي ٻاڌائڻ، ريجهائڻ، پنهنجو ڪرڻ هو. پاٽيءَ جو ديوتا جدا هو مڇين جو ديوتا جدا هو. سورج ديوتا هو تنهن ڪري پهرين شاعري غيبي موضوعن تي هئي ۽ انسان حيرت ۾ هو تہ دنيا الائي ڇا آهي؟ پنهنجي پنهنجي سمجهہ سان جيڪو ڪجهہ ٻڌندو هو ان تي بيهي رهندو هو. هزارين ڪوڙ ٺهيا: "هيءَ ڌرتي مڇيءَ تي بيٺي آهي." ڪو چوي پيو تہ "ڏڳي جي سڱن تي بيٺي آهي." ان زماني ۾ انسان ويچارو تمام بي وس هو ۽ اڄ بہ آهي. اڄ بہ انسان جي ڄاڻ هن ڪائنات بابت زيرو آهي. جڏ تہ لکن ۾ هڪ پرسنٽ آهي. مطلب تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ خبر پوي ٿي. اڳي تہ ماڻهو صفا اڻ ڄاڻ هئا، تنهن ڪري شاعري بہ ان قسم جي هوندي هئي. انهن ڏينهن ۾ ماڻهن جي حالت اها هئي تہ ان زماني ۾ جيڪي وڏا داناءَ ۽ مفڪر هئا، تن ماڻهن کي ٻڌايو هو تہ هيءُ جيڪو سيارو آهي، اهو ڪڏهن بہ ڪونہ ويندو ۽ بهار ڪونہ ايندو

جيستائين اسان کي آيتون ۽ منتر نہ پڙهنداسين، تيسين سيارو هميشہ هن دنيا ۾ هوندو. هي جيڪو بهار اچي پيو ۽ موسم سڻي پئي ٿئي، اهو سڀ اسين جيڪي منتر پڙهون پيا، تنهن جي ڪري ٿئي پيو. پوءِ دعائون هونديون هيون. اي بهارا بهار جي وڃوڙي جا ورلاپ. اها شاعري ايجا تائين زندهہ آهي:

"اي سيارا! تون هليو وڃ، اي منڙا بهارا تون اسان کي ڇڏي متان وڃين، اسين دعا ٿا گهرون، اسان تي رحم ڪر، اسان تي ٻاجهہ ڪر، تون وري اچ، اسان کي سيارن جي حوالي ۽ اونداهي راتين ۾ ڇڏي نہ وڃ."

ان زماني ۾ اهڙا بہ نر جا پٽ هوندا هئا، جيڪي سڄي رات وينا هوندا هئا تہ رات کي بہ اسان نہ چيو وڃ! تہ رات الائي سدائين هوندي يا نہ، سج الائي ايري يا نہ. انسان کي خبر نہ هئي تہ ان بي خبريءَ جي هٿان هو صدين جون صديون بليڪ ميل ٽيو آهي. انسان جي تاريخ جو وڏي ۾ وڏو پيانڪ الميو ان جو بليڪ ميل ٽيڻ اڻ ڄاڻائيءَ جي ڪري، خبر انهن کي بہ ڪونہ هئي، هو ڪوڙا هئا، رڳو ڏٽا هٽندا هئا. ڪوڙ ڪچي، فريب انسان جو مقدر رهيو آهي. نام نهاد اڳواڻ، نام نهاد ڄاڻو نام نهاد ڏاها، ڏاهن جا گُٺ ڳائڻ وارن، انهن صدين جون صديون، نسلن جا نسل، انسان کي رلايو ۽ دربدر ڪيو آهي. پاڻ بہ بيوقوف هئا، پر ماڻهن سان انهن ويل ڪيا آهن. ايجا تائين اهو ڪم جاري آهي.

پوءِ دنيا ۾ جڏهن بادشاهتون ٽيون تہ وري بادشاهن جي تعريف ۾ قصيدا پڙهندا هئا. اهو ايجا تائين هلي پيو. فلاڻو بادشاهہ هيڏو وڏو آهي. اسان جا پهلوان زور هئا. فلاڻي جا پهلوان پاڙيا تي پڃي ويا.

پوءِ جڏهن زمانو ايجا اڳتي وڌيو تہ وري سهڻن ماڻهن جون تعريفون ٽيون. فلاڻي ههڙي سهڻي هئي. حسن جي شاعري ٽيڻ لڳي. تنهن کان پوءِ نصيحت جي شاعري آهي: توهان خراب ڪم نہ ڪريو. بددعائون نہ ڪريو. جيڪي شاستر آهن، ويد آهن، يجر ويد، اٿر ويد، تن جي بددعا نہ ڪريو. اهڙي قسم جون نصيحتون آهن. چوري نہ ڪريو بدمعاش نہ ٽيو.

ان زماني ۾ شاعرن جو ڪم هو ماڻهن کي دعائون سيکارڻ، نصيحتون ڪرڻ، سهڻا سهڻا گيت ٻڌائي ماڻهن کي وندرائڻ. يعني شاعر ڪاڏي وڃي شيءِ نه هو ۽ شاعر جي حيثيت تاريخ سان تبديل ٿيندي رهي آهي. اڄي جا فنڪار: ادا هي ڪير آهي؟ ادا هي ڀٽ آهي. ادا هي ڪير آهي؟ هي مگٽهار آهي. اڄ دنيا ترقي ڪئي آهي، تنهن ڪري سڀ کان وڌيڪ دنيا جي سڀ کان ڇاڪو ملڪن ۾، جنهن جي حيثيت آهي، اهو فنڪار آهي. اڄ سڄن ائڪٽرن ۾، سڄن ڳائڻن جي مقابلي ۾، صدر جي ڪا حيثيت ئي ڪونهي. آمريڪا جي صدر جي ڪا حيثيت ناهي، فنڪار جي مقابلي ۾. قابل احترام ڪا شيءِ آهي تہ اهو فنڪار آهي. يورپ ۾، خاص ڪري مغربي يورپ ۾ ۽ آمريڪا ۾ تہ ماڻهن جا ڪردار تبديل ٿين ٿا. سماج ۾ جيڪي مختلف جزا آهن، اهي ڪنهن زماني ۾ وڏي ۾ وڏي شيءِ هئا، اهي وري بدلجي ويا ۽ وري ٻيون شيون آيون. هلندي هلندي، جيڪو ويهين صديءَ جو آخري دور آيو تنهن ۾ اها ڳالهہ سماج جي ماهرن دريافت ڪئي تہ جيڪڏهن هن دنيا کي سڌارڻو آهي ۽ هن دنيا کي بدلائي پنهنجي مرضيءَ مطابق بنائڻو آهي، سڄو بنائڻو آهي تہ ان ۾ فنڪارن کان سواءِ ڪم نہ ٿي سگهندو. اڄي تاريخ کي ناهڻ وارا پهلوان، بادشاهہ ۽ حاڪم هئا. هاڻي هن مهل اسان اهڙي دؤر ۾ پهتا آهيون، جتي تاريخ شاعرن، اديبن، فنڪارن، فيلسوفن کان سواءِ نهي ئي نہ ٿي سگهي ۽ بهادر تلوارباز ۽ بندوقچي انهن جي مقابلي ۾ ڪا حيثيت ئي نہ ٿا رکن. اڄ جيڪي تمام زبردست ماڻهو آهن، اهو ٽالستاءِ آهي، لطيف آهي، جيڪي هن دور جا، هن دور کي تبديل ڪرڻ جي سائنس ۽ انهن جي لاءِ ماڻهن ۾ روح پيدا ڪن ٿا. اسٽالن جو قول آهي تہ:

"An artist is the engineer of the human soul."

"فنڪار انساني روح جا انجنيئر آهن، جيڪي انهن کي بدلائي (گندي ۽ غليظ روح مان بدلائي) انهن کي صاف ۽ شفاف ۽ انسان دوست بڻائي سگهن ٿا."

تنهن ڪري شاعرن کي اهو سمجهڻ تہ بيت پيو پڙهي، سگهڙ آهي، قصيدا پيو پڙهي، بادشاهن کي پيو خوش ڪري، اهو سڀ ڪجهہ ايئن ناهي.

غالب تمام زبردست ماڻهو هو. هڪڙو شعر لکي، ان جو نالو تبديل ڪري، سيني بادشاهن، ڪمشنرن کي پيو خوش ڪندو هو. غالب وڏو استاد ماڻهو هو. هنن تہ ان کي اولياءَ ڪري ڇڏيو آهي.

لطيف سائينءَ جا جيڪي شعر آهن، پاڻهي پيدا ڪونہ ٿيا آهن. انهن جي پٺيان تاريخ آهي. دنيا ۾ ڪابہ شيءِ اهڙي ناهي، جيڪا تاريخي نہ هجي. ڪو دؤر هو جڏهن مذهب ڪونہ هئا، ماڻهن کي مذهب جي خبر ئي نہ هئي، ان تي سوچيندا ئي ڪونہ هئا! ذاتيون ڪونہ هيون، نسل ڪونہ هئا. ڪنهن زماني ۾ شاديون ڪونہ هيون، ڪنهن زماني ۾ طبقا ڪونہ هئا. هاڻي تہ سڄي History معلوم ٿي ويئي آهي. طبقا بہ پوءِ ٺهيا آهن. شادين جا رواج بہ پوءِ ٺهيا آهن. بادشاهيون پوءِ ٺهيون آهن. مثال طور: بلوچستان ۾ بادشاهي ٿي ڪانہ، چوتہ بلوچستان ان ڏاکي ۾ پهتو ئي ڪونهي. ايجا سرداري سسٹم کان مٿي چڙهيو ئي ڪونهي. ڪيترين ئي قومون آهن، جيڪي پوئتي رهجيو وڃن. بلوچستان انهن قومن ۾ آهي، جيڪا بادشاهي جهڙي Stage تائين نہ پهتي آهي. ٻيا الاهي علائقا آهن، جتي ماڻهو ايجا نوابي سسٹم تائين بہ ڪونہ پهتا آهن، ارتقائي ڏاکڻ چڙهن ئي ڪونہ ٿا. ايجا اتي قبيلائي سسٹم ۾ ٻيئا آهن. مٿي نہ چڙهيا آهن. ايئن ماڻهوءَ جا دنيا ۾ بہ ڏاکا ٿين ٿا اڳتي وڌڻ جا ۽ مٿي چڙهڻ جا. ڪي اُسرن نہ ٿا، نسرن نہ ٿا، اتي ئي واٽ ۾ ختم ٿيو وڃن.

لطيف تي ٽن شين جو وڏو اثر هو: خليفي منصور جي زماني ۾، ٿوروان ڪان اڳ ۾ قسطنطنيہ جو هيڊ ڪوارٽر. جيڪو يوناني علم ۽ فلسفي جو هيڊ ڪوارٽر هو، اتي عيسائي مُلن قبضو ڪري ورتو ۽ عيسائي مُلن چيو تہ توهين يوناني فلسفو جيڪو پڙهايو پيا، جيڪو انسان دوست فلسفو آهي، سو ڪفر آهي، تنهن ڪري اوهين واجب القتل آهيو تنهن ڪري هو اتان ڀڄي نڪتا، پنهنجا ڪتاب وغيره ڪٽي ايران ۾ آيا. ايران کي هڪڙي آفرين آهي تہ ايران هميشہ ماڻهن ۾ آزاد خياليءَ جو تحفظ ڪيو آهي. يهودين کي پناهہ ايران ڏني هئي. قديم زماني ۾ دارا اول ڏني هئي. جڏهن يهودي مصيبت ۾ هوندا هئا، انهن کي ۽ يونانين کي بہ پناهہ ايران ڏني ۽ انهن کي هڪڙي دارالحڪومت ناهي ڏني وئي. جڏهن عربن جو ايران تي قبضو ٿي ويو تڏهن اهي وري ڀڄي بغداد ۾ آيا. منصور تمام بخيل ۽

ڪنجوس ماڻهو هو. ڪنهن کي ٽڪو ڪونہ ڏيندو هو پر ان اها مهرباني انهن تي ڪئي، جو هن دارالحڪمت ٺهرائي ڏني.

عرب دنيا پنهنجي هزارين سالن جي تاريخ ۾ پهريون دفعو هڪڙو فلسفي پيدا ڪيو. تنهن جو نالو آهي الڪندي. ايئن فلسفو آيو ڏاهپ آئي، سائنس آئي. اڳي رڳو قياس آرائي هئي، علم ڪونہ هو. ماڻهو پڙهندا ڪونہ هئا. علم جو احساس ڪونہ هو. خبر ئي نہ هئي، چاڪاڻ تہ مڪي ۽ مديني ۾ علم تہ هو ئي ڪونہ.

جنهن کي پاڻ علم چئون ٿا، لُدني علم آهي، پي دنيا جو علم آهي، غيب جو علم آهي، اها جدا ڳالهہ آهي. جاميٽري، ميٽاميٽڪس، فزڪس، ڪيميسٽري هو ئي ڪونہ. علم يونان ۾ هو. يونان غير معمولي ملڪ هو. جنهن ۾ اهي مرڪز هئا ۽ هندوستان ۾ بہ علم هو. هندوستان ۾ فلڪيات جو علم زبردست هو ۽ طب جو علم بہ يونان ۾ هو يا وري هندوستان ۾ هو. چين ۾ بعد ۾ آيو هو. ان زماني ۾ فلسفي آيا. الڪندي، بو علي سينا، زڪريا الرازي، ابنِ رشد، ابنِ طفيل، تمام وڏا جينيس پيدا ٿيا. يورپ تي عيسائي مُلان چڙهيو بيٺا هئا. هي بہ ڪفر آهي، هو بہ ڪفر آهي، پڙهڻ ڪفر آهي. هي بائيبل ۾ آهي. چيائون ڏرتي گول آهي تہ عيسائي مُلان چتا ٿي پيا. مُلن چيو انجيل ۾ لکيل ئي ڪونهي. چيائون تہ تارا آهن، چند آهي. مُلن چيو ڪٿي لکيل آهي؟ يعني، اڄ توهان جيڪو مسلمان مُلن جو تشدد وارو روپ ڏسو پيا، ان کان هو تمام وڌيڪ هئا.

انسان ذات جي سڄي دور تي اوهان غور ڪندا تہ، ان جي 90 سيڪڙو بدنصيبي، غيب جي ترجماني ڪندڙ قوتن جي پاڻ ۾ وڙهڻ جي ڪري ٿي آهي. هڪڙو مُلان ٻئي سان وڙهيو ويٺو آهي، ان کي ڪافر پيو چوي، عيسائي مُلون مسلم مُلان کي ٿو چئي تہ تون ڪافر آهين. پوءِ وري ويڙهائين ٿا، زوريءَ مذهب مٿائين ٿا، پادر هٽن ٿا، جنگيون ڪرائين ٿا. صليبي لڙائيون پوٽا ٻہ سئو سال هليون. سڄو يورپ تباهہ ٿي ويو. 90 سيڪڙو تباهي ۽ بربادي ٿي ۽ انسان ذات جو وقت ان ڳالهہ ۾ ويو آهي تہ غيب جي خبر توکان مون کي وڌيڪ آهي. هن منهنجي ڪتاب ۾ وڌيڪ غيب جي خبر آهي. هڪڙا چون ٿا تہ اسان جي معنيٰ صحيح آهي، ٻيا وري چون ٿا تہ اسان جي معنيٰ صحيح آهي، پوءِ وري تشريحون. وري چوندا تہ

هندو پلي هجي، وهابي نہ هجي، تنهن ڪري هتي هي ماڻهو پيدا ٿيا. پر ڏيڍ سئو سالن کان پوءِ، اسان جي علماءِ دين کي خبر پئي تہ هڪڙا ماڻهو پيدا ٿي ويا آهن، جيڪي جاگرافيءَ جي ڄاڻ ٿا ڪن، چون ٿا تہ جاگرافي هيئن آهي، علماءِ دين ڪاوڙجي پيا. انهن کان پڇڻ لڳا تہ، توهان معتبر ٿي ويا آهيو! توهان کي خدا جي ڄجهہ جي خبر آهي ڇا؟ هنن چيو تہ، هن ملڪ کان پوءِ هُو ملڪ آهي. مُلن چيو تہ توهان ويا آهيو اُتي؟ توهان ڏٺو آهي؟ قرآن ۾ لکيل آهي؟ هنن چيو نہ! مُلن چيو پوءِ ڇا جي بڪواس لڳايو وينا آهيو؟ ڪجهہ ڪونهي، هي تارا، ستارا ڪفر! معني شرڪ ۾ پئجي وين. هڏو پادر! ڏيڍ سئو سال هنن کي هلڻ ڏنائون. مامون الرشيد، هارون الرشيد جو پٽ هو. ان جو دور ختم ٿيو پيو دور آيو. اهو رجعت پرست هو. مُلن جي هٿ ۾ هو تنهن علم سائنس تي بندش وڌائين.

يورپ ۾ جيڪو موجوده سائنسي دور آهي، ان جو هڪڙو باني مسلمان هو ۽ عيسائين کي اڄ ڏينهن تائين خبر ڪانهي تہ هو مسلمان هو. ان جو نالو آهي اوي روس (Averros). سيني هنڊ لکيو پيو آهي. هنن کي اها خبر نہ هئي تہ ان جو نالو هو ابنِ رُشد. هنن لکيو آهي، اوي روس. هنن جي ليکي تہ عيسائي هو. هن ارسطو ترجمو ڪيو. هن سقراط جون ڳالهيون لکيون، ان جو ترجمو ڪيو. هن افلاطون جو ترجمو ڪيو. يونان جي ڏاهپ کي منتقل ڪرڻ، ان تي شرح لکڻ، انهن جي انٽرپريٽ (Interpret) ڪرڻ، جيڪا ان زماني ۾ يورپ وارن جي وس جي ڳالهہ نہ هئي، سا هن ڪئي. تنهن ڪري نئون يورپ جيڪو دنيا جو وارث آهي، دنيا جو فاتح آهي، ان جي اڏڻ ۾ اوي روس يعني ابنِ رُشد جو دخل آهي ۽ ان سڄي دور جو دخل آهي. بو علي سينا، تنهن جو ڪتاب "القانون" يونيورسٽين ۾ پڙهايو ويندو هو. هنن وٽ پنهنجا ڪتاب هئا ئي ڪونہ. Renaissance دنيا ۾ پهرين سائنسي سڃاڻي، وچ ۾ يونان هو جيڪو امام هو دنيا جي علم جو غيب جا علم پنهنجي جاءِ تي آهن، اها ڳالهہ توهان کان ۽ اسان کان زور آهي. پاڻ هن ڌرتيءَ جي ڳالهہ ٿا ڪريون. ان ۾ عيسائي مُلان متي چڙهي ويا. تمام وحشي مُلان هئا. توهان وٽ تصور ناهي تہ، ڇا ڪندا هئا؟ جن ڏينهن ۾ هتي اڪبر هو عيسائي مُلان خطرناڪ شيءِ هئا. پنهنجي مسلمان مُلن کان بہ وڌيڪ هئا. هتي پاڻ وٽ

اڪبر هو ان جو وزير هو ابوالفضل پنهنجي سنڌ جو هو. هن هتي دارالحڪمت ناهيو هو جتي ماڻهو بحث مباحثو ڪندا هئا. انهن ڏينهن ۾ مهاراڻي الزبيٿ انگلينڊ جي حاڪم هئي. انهن جي دستور مطابق هو ته ماڻهن کان پڇاڻو ڪندا هئا ته، تنهنجو مذهب ڪهڙو آهي؟ تنهنجا عقيدا ڪهڙا آهن؟ جنهن جواب انهن مطابق نه ڏنو تنهن کي ماٺ ماٺ ڪري تيلي ڏيندا هئا. تيلي ڏيئي ساڙي ڇڏيندا هئس. راج مڙسن جا ايئن ساڙي ڇڏيائون. اها هڪڙي عام ڳالهه هئي ته جنهن جا عقيدا توهان کي نه وٺن، تنهن کي تيلي ڏئي ساڙي ڇڏيو. وڏي History آهي. ان دور ۾ اسان وٽ Renaissance سڃاڪي پهرين اچي وئي هئي. ان دور ۾ البيروني، بوعلي سينا، ذڪريا الرازي، تن ڪتاب پئي لکيا. اهو ذڪريا الرازي تنهن کي ڳوٺ جي وڏيري اوطاق ۾ گهرائي پڇيو "تو هيترا ڪتاب لکيا آهن، اهي ڳالهيون حديثن ۾ آهن؟" چيائين، "نا" وڏيري چيو "پوءِ تو هيترا ڪتاب ڇو لکيا؟" هن چيو "آئون ڊاڪٽر آهيان." وڏيري چيو "اهو هن ۾ لکيل آهي؟" هن چيو "اهو هن ۾ لکيل ڪونهي." پوءِ وڏيري پنهنجي ماڻهن کي چيو ته، هي جيڪي ڪتاب هن لکيا آهن، سي هن جي مٿي ۾ زور سان هڻو پوءِ ماڻهن ڪتاب هن جي مٿي ۾ هڻي هن جو ميڃالو ڪڍي ڇڏيو.

ابنِ رشد جيڪو علماءِ زمان هو، چون ٿا ته ارسطو کان پوءِ جيڪو ٻيو ماڻهو پيدا ٿيو اهو ابنِ رشد هو. ان کي مُلن چيو هي ڪافر ٿي ويو آهي. هن کي وڃي يهودين جي ڳوٺ ۾ ڇڏي اچو. پوءِ يهودين جي ڳوٺ ۾ ڇڏي ڏنائونس. پڇاڙيءَ جو اوچتو بيمار ٿي پيو. تنگ ٿي پيو. چيائين، مون کي ڳوٺ آڻيو. پوءِ کڻي آڻي مسجد جي در تي ويهاري ڇڏيائونس. پوءِ مُلن فيصلو ڪيو ته هي ڪافر آهي، نمازي جيڪي آهن، سي سڀ هن جي منهن تي کانگهارا هڻو. پوءِ سيني کيس کانگهارا هنيا. ان ۾ نمونيا ٿي پيس. هي دنيا جو "علماءِ زمان" ٽڪن ۽ کانگهارن هڻڻ تي ڪِري مري ويو. ان کان پوءِ رومي هو. زبردست ماڻهو هو. ٻين ڳالهين ۾ ٻيا وڏا هئا. روميءَ جو هڪڙو شعر آهي، آئون ترجمو نه ڪندس، ڪنهن فارسي واري کان پڇجو.

منت بران منت را برداشتم..... سگان دا.

هن قسم جا ماڻهو ان دور ۾ پيدا ٿيا، پوءِ جامي ٿيو. ان دور ۾ وري به هڪڙو مسئلو پيدا ٿيو ته هي جيڪي مذهبن جا شارح آهن، اهي ته ماڻهن کي جيئڻ ئي نه ٿا ڏين. هي گناهه آهي، هو به گناهه آهي، چا ڪجي؟ ماڻهو تعجب ۾ اچي ويا. هندوءَ کنهن مسلمان کي پاڻ ڪري سڏ ڪيو ته هنن فتوائون ڏنيون ته پاڻ چوٽ جي ڪري اهو مسلمان ٿي ويو! اهڙا ويل ٿيڻ لڳا هندن سان. بمبئي واري زماني ۾ پاڻ سان هندن جيڪي ڪجهه ڪيو اهي سور هئا، اهي مُلان هئا، انهن جي مهرباني هئي، انهن سورن کان پڳا ۽ هوڏانهن ويا ۽ جڏهن انگريز آيا ته هي انگريز سان گڏجي ويا ۽ پوءِ سڄي سنڌ جو برو حال ڪري ڇڏيائون. هنن ان دشمنيءَ ۾ جيڪا ان دور ۾ غداري ڪئي، تنهن جي ڪري اسين اڄ جيڪي ڪجهه سهون پيا، تنهن ۾ هنن جو وڏو دخل آهي. مُلن جي بدمعاشيءَ جي ڪري، ان جي جوابي ڪارروائي جيڪا هنن ڪئي، انهن ۾ غداريءَ وارو جيڪو ڪردار آهي، ان جي Study نه ڪئي ويئي آهي.

رومیءَ کان پوءِ وري حافظ شيرازي به آهي. ان دور تائين سڄي دنيا جي مذهبن ۾ رهندڙ ماڻهن اهو محسوس ڪيو ته هي مُلان، هي پنڊت، هي پانيڻ دنيا کي جيئڻ ڪونه ڏيندا. جي هي ملڪ ۾ آهن، جي هنن جو ملڪ تي قبضو آهي، جي هنن جي چوٽ تي هلبو ته هي پاڻ ۾ به ڪونه ٿا ٺهن. روز جنگ، روز جنگ، روز تباهي. سسيون وڍي، قتل ڪري، لکين ماڻهو مارائي چڏيا اٿن. خارجين جي پٺيان 60 سال وڙهيا، خارجي سڀ مسلمان هئا. "ماريو خارجين کي!" هنن ماڻهو مارائي مارائي، تباهه ڪري چڏيا. تنهن ڪري ماڻهن ۾ شعور پيدا ٿيو ته، پلا ڪبو چا؟ سائنس جي خبر ڪانه هئي، پي دنيا جي خبر ڪانه هئي، تنهن ڪري ماڻهن آهستي آهستي، لاشعوري طرح ان ڳالهه جي ڪوشش ڪئي ته هنن پنڊتن مان جند چڏائي سگهجي ٿي، جنهن ۾ ماڻهو مري به نه، جان به نه وڃي، نقصان به نه ٿئي.

اهڙو فلسفو ٺاهيائون جو جان چٽي پوي. ان ۾ پهريون ڄاتل ماڻهو جيڪو وڏو ماڻهو آهي، اهو ڇهين صديءَ ۾ پيدا ٿيو. جنهن صدي ۾ حضورؐ جن پيدا ٿيا. حضورؐ جن جي پيدائش جو سال آهي 570ع. هي به ان جي لڳ پڳ 20 سال اڳ پيدا ٿيو آهي. ان جو نالو آهي شنڪر آچاريا. هي مذهب کي انسان دوست رنگ ڏيڻ جي فلسفي جا جيڪي باني هئا، تن منجهان آهي. هيستائين منهنجي ڄاڻ ۾ پهريون باني هي

آهي. ممڪن آهي، تاريخ ۾ ٻيو ماڻهو ليي، پر شنڪر آچاريا پهريون ماڻهو هو جنهن چيو ته مذهب جو ڪم رڳو سزائون ڏيڻ ناهي، پر ماڻهوءَ کي ماڻهو بنائڻ آهي ۽ هيءَ ڪائنات جنهن جي ناهيل آهي، ان کي سڀ ماڻهو هڪ جهڙا پيارا آهن. ڪي به پنڌت پاڪ ناهن، ٻيا ماڻهو مليچ ناهن، ماڻهو انسان آهن، انسان سڀ عزت لائق آهن. انسان ڪهڙي به قسم جا هجن، پر اهي مليچ ۽ واجب القتل ناهن. هندو فلسفي ۾ ان کي چئبو آهي ڏرتي مارڳ يا پريم مارگ. هن ۾ ميران ٻائي آهي، ڪبير آهي، تلسي داس آهي، وڏا لشڪر آهن.

ميرا درد نہ جاني ڪوئي
(ڪبير)

انهن چيو ته ماڻهن کي مُلن کان بچايو اهي ماڻهو مارائي چٽ ڪري چڏيندا. الله سائين رڳو انهن ۾ ڪونهي، جيئن اقبال چيو آهي ته:

خدا ڪي بندي تو هين هزارون،
بنون مين ڦرتي هين ماري ماري،
مين اُس ڪا بنده بنون گا جس ڪو
خدا ڪي بندون سي پيار هوگا.

چيائون، خدا به بندن سان پيار ٿو ڪري هي مُلان خدا جي بندن کي تنگ ٿا ڪن. هي ته مارجي ويندا، تنهن ڪري ماڻهو متبادل Interpretation اهڙي ڪئي، جنهن ۾ جيڪي ماڻهو هئا، عذاب ۾ اچي ويا. هو هيئن تشريح ڪري، هو هيئن ڪري، هو هونئن ڪري، جيئن پنهنجي سچچل چيو آهي ته:

مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا،
شيخين، پيرين، بزرگين، بيحد ڀُلايا،
ڪي نوڙي پڙهن نمازون، ڪن مندر وسايا،
اوڏا ڪين آيا، عقل وارا عشق کي.
(سچل)

تنهن ڪري ماڻهن جو جيڪو وڏي ۾ وڏو مسئلو هو ته هن مُلان جي پنيان لڳان، هِن بانيڻ جي پنيان لڳان، سڀ چون اسان کي الله سائين موڪليو آهي، اسان وچون ڪهڙي پاسي؟ انهن متبادل Interpretation پيش

ڪئي، ان ۾ رومي زبردست هو ۽ ابنِ بطوطہ چيو هو تہ "بدن جون عبادتون، تن جو تہ هرڪو خيال ڪري ٿو، پر روح جون عبادتون ڪيڏانهن ويون؟ روح پليت آهن."

مون آمريڪا ۾ "تصوف جي تاريخ" تي ليڪچر ڏنو ۽ ان ۾ مون چيو تہ، ابنِ بطوطہ چوي ٿو تہ جسمن جون عبادتون تہ هرڪو ڪري ٿو، پر روحن جون عبادتون ڪٿي آهن؟ روحن جي عبادت کان سواءِ جسمن جون عبادتون بي معنيٰ آهن."

اڳتي هلي ايران ۾ حافظ شيرازي، اهو زبردست ماڻهو پيدا ٿيو، جنهن جو شعر آهي تہ:

ترجمو: "حافظ نٿو مڙين تہ شراب پيءُ، مست ٿيءُ، جيڪي وٽئي سو وڃي ڪر، پر خدا جي واسطي! هڪڙي ڪم کان بچجان: جيئن هي ماڻهو قرآن مان ڪوڙڪيون ناهيو غريبن کي ڦاسايو وينا آهن، ٻيلي! ايئن متان ڪرين، اهو ڏنڏو متان ڪرين، ٻيو جيڪو وٽئي سو وڃي ڪر!"

لطيف وٽ رومي ۽ حافظ سدائين هوندا هئا. لطيف تي جيڪو وڏي ۾ وڏو اثر ٻيو آهي، سو رومیءَ ۽ حافظ جو آهي. جامي بہ آهي، فارسيءَ جا ٻيا شاعر، جيڪي زبردست ٿي گذريا آهن، انهن جو اثر بہ آهي.

جاميءَ جي هڪ شعر جو ترجمو آهي:

"منهنجا محبوب! مون کي تون ايئن ٿو نظر اچين تہ آسمان کي مون محنتن جي ماريل ۽ ڏکن ڏڏل تي رحم اچي ويو تنهن تنهنجي صورت ۾ هڪڙي آيت منهنجي مٿان نازل ڪري وڏي، جو منهنجو جهان بدلجي ويو ۽ آئون بهشت ۾ اچي ويو آهيان. تون منهنجي نظر ۾ ماڻهو ناهين، آسمان مان آيل آيت آهين."

انهن جو لطيف تي وڏو اثر هو.

هوڏانهن ڪبير ۽ سڄو سلسلو جيڪو شاعرن جو هو ميران ٻائي ۽ ٻيا، ٽيون اثر جيڪو لطيف تي انهن جو هو. پهريون پهريون صوفي جيڪو هندوستان ۾ آيو هو سو پنهنجي پنجاب جو هو داتا گنج

بخش! جيڪو پهريون صوفي هو جيڪو هندوستان جي سرزمين تي آيو هو هن جو ڪتاب ڏاڍو زبردست آهي، پڙهڻ جهڙي شيءِ آهي. هي پهريون ماڻهو هو جنهن روايتي مذهب جي تنگ نظر، انسان دشمن جبڪي بلاڪس هيون، انهن ۾ نئين ڪيفيت پيدا ڪئي. اهي سڀ ڪتاب اسان کي پڙهڻ ڪپن، پر هو شاعر نه هو پهريون وڏو شاعر پنجاب ۾ پيدا ٿيو بابا فريد!

فريدا! مين جانيه دک مجهه کو دک سيائي جڳ،
اونچي چڑهه کي ويکيا، گهر گهر ايهوئي دک.

ترجمو: "فريد! مون سمجهيو ته ڏک فقط مون کي آهن، پر جڏهن مٿي چت تي چڙهي چؤطرف ڏٺم ته ڏکَ ته سڄي ملڪ کي وکوڙيو ويٺا آهن. ڏک جي باهه ته پڙڪي پئي هرهڪ ماڻهوءَ جي دل ۾، تون رڳو پاڻ کي اڪيلو چو ٿو سمجهين؟ پاڻ سڀ هن ڏکئي جهان ۾ رهون ٿا، ان کي بدلائڻ ضروري آهي."

لطيف انهن هندو ايراني ۽ پنجابي، ٽنهي جي شاعريءَ جي مڪتبه فڪر جو هو. خاص ڪري شاهه حسين جون ڪيتريون ئي وايون آهن، جيڪي رسالي ۾ ڏنل آهن. شاهه جي رسالن سان حسبِ دستور اهو ٿيندو آهي ته شعر اڇي ويو مون به ان ۾ ٽنبي چڏيو ٻين به ايئن هٽي چڏيا، تنهن ڪري هزارين شاهه جا شعر آهن. اسان جا هڪڙا دوست بمبئي ويا ۽ هيڏو ڪتاب ناهي کڻي آيا، "شاهه جا گم ٿيل بيت." جوئي صاحب کي ڏيکاريائون. جوئي صاحب چا ڪيو جو ان تي مهاڳ لکيائين، وري مون کي ڏيکاريائون. مون پڙهيو مون چيو مزاجاً هن مان هڪڙو به شعر لطيف جو ڪونهي، لطيف جي شعر جو مزاج ئي ناهي، جو ههڙيون ٻاراٽيون ڳالهيون لکي. تمام ڇتاٽيون ڳالهيون! سڀ سان اهو حشر آهي. ايئن ٿئي ٿو.

شاهه حسين جي وائي به لطيف جي رسالن ۾ لکي ويئي آهي: "بريان بريان ولآ لوگو اسين بريان." شاهه حسين تمام وڏو شاعر آهي، تمام وڏي شيءِ آهي، پوءِ بلي شاهه آهي:

جي تون غازي بنڻا، لَڪَ بڌ تلوار،
پهلي مُلان مار کي، پِڇوُن ڪافر مار.

اهي وڏا ماڻهو هئا، تڏهن دنيا ۾ جيئڻ جو جواز آهي، نه ته پاڻ مان ڪوبہ ڪونہ بچي ها. جي رڳو مُلن جي حوالي هجي ها ته هي پينگ ڪري چڏين ها. ماڻهو هيئن ڪري ته بہ ڪافر، هونئن ڪري ته بہ ڪافر!

لطيف سائين، جنهن کي پاڻ "پريم مارگ" چئون ٿا، الله سان پيار جو، معرفت ۽ نجات جو رستو چئون ٿا، ان ۾ پنهنجي دور جو سڀ کان وڏو شاعر آهي. اها ضرورت هئي، ان کان سواءِ ماڻهو جيئرا ئي ڪونہ رهن ها. جي هي درويش انهن کي منهن نہ ڏين ها ته ڪجهہ نہ ٿئي ها. ٻيا داستان هئا: سسئي، مارئي، ٻيا الاهي داستان هئا، جيڪي مشهور هئا. شاهہ ۽ سنڌ جا ٻيا الاهي شاعر انهن کان متاثر آهن. شاهہ انهن کان Subjects ورتا آهن.

شاهہ جي جيڪا خاص Contribution آهي، اها هيءَ آهي ته هن محبت کي (ٻہ- ٽي خاص ڳالهيون اٽس) عاشقن تائين ۽ معشوقن تائين محدود نہ رکيو آهي. سسئيءَ جو ذڪر آهي ته پنهونءَ جو ذڪر بہ آهي، جتن جو ذڪر آهي، اُٺن جو ذڪر بہ آهي، جبلن، لڪن، پهٽن، ٻهن ۽ ڏونگرن جو ذڪر آهي. سُر مارئيءَ ۾ مارو آهن، ٻڪريون آهن، مٽي آهي، پاڻي آهي، هر شيءِ موجود آهي، سڄي قوم سڀ ماروئڙا، اهي ڪيئن رهن ٿا، ڪيئن ڪائين ٿا، ڪيئن اُٺن ٿا، مارئيءَ جي ٻهاني هن (لطيف) عوام جي شاعري ڪئي آهي. دراصل هن جي محبوبہ مارئي گهٽ آهي ۽ ماروئڙا وڌيڪ آهن. سسئي ۽ پنهون هن جي شاعريءَ ۾ ايترا خاص (Important) ناهن، جيترو جت آهن، ٻروچ آهن، عام ماڻهو آهن، پورو سماج آهي. لطيف رڳو تعريف ڪونہ ڪئي آهي، ٻيون الاهي ڳالهيون ڪيون اٽس، تن مان هڪڙو شعر اٽس ته:

"ٻاروچاڻا ٻار، توڙئون ترس نہ سکيا."

ٻروچن جا ٻار شروع کان وٺي ترس ۽ رحم سکيا ئي ڪونهن. اهڙا چريا الاهي آهن. زمين کي هن پنهنجي خدمت ۾ خراج تحسين ڏنو آهي، هزارين رنگ ڏنا آهن:

برو هو پنيور، آرياڻي اجاريو
لاڻو سڀ لوڪ تان، هاڙهي ڏٽيءَ هور

سسئي ۽ پنهونءَ نا

لاڻو سپ لوڪ تان، هاڙهي ڏٺيءَ هور
چوريون چرڻ سکيون، پنهون ڪيائون پور
آيو سو اتور، جنهن ڏکيون ڏک وهاريون.

پنيور جي ڏکين چوڪرين جو ذڪر اٽس، حسن جو ذڪر نه آهي. لطيف جي دؤر ۾، جڏهن عوام جو تصور نه هو، غريب دوستيءَ جو تصور نه هو، بحيثيت مجبوري، هڪڙي فڪر جي طور، هڪڙي دانش جي ڳالهه جي طور، هڪڙي علم جي طور، هڪڙي فن جي طور..... ان زماني ۾ غريب دوستي، قياس جي صورت ۾ هئي: "ويچارا غريب بکيا مرن ٿا، ويچارن سان ظلم آهي. اڙي! هي به تو جهڙو انسان آهي، هن سان انصاف ڪر!"

لطيف غريبن کي پنهنجو هيرو ڪري پيش ڪيو. اها ڳالهه روءِ زمين جي شاعريءَ ۾ ڪانهي. آئون عالمي ادب ۽ شاعريءَ جو شاگرد آهيان. اها ڳالهه مون لنڊن، جرمني، هندوستان ۽ ٻئي هر هنڌ ڪئي آهي. جنهن دور ۾ لطيف غريب دوستيءَ جي ڳالهه ڪئي، انهن ڏينهن ۾ فرينچ انقلاب ايجان ڪونه آيو هو. پُشڪن ايجا عوام جي شاعري ڪانه ڪئي هئي، هن وطن دوستيءَ جي ڳالهه ضرور ڪئي هئي، پر وطن دوستيءَ جي معنيٰ سمجهي ويندي هئي بادشاهن جو دوست! فردوسيءَ جو شعر آهي ته:

(ترجمو): "افراسياب، بادشاهه غزنويءَ جون ڳالهيون هلنديون هيون، عوام ۽ وطن سان وابسته نه هئا."

وطن جي معنيٰ عوام، عوام معنيٰ غريب ماڻهو. اها معنيٰ پهريون دفعو لطيف ڏني آهي. روءِ زمين جي عالمي شاعريءَ ۾ (ان وقت تائين) ٻئي ڪنهن شاعر اها ڳالهه پنهنجي شاعريءَ ۾ نه ڪئي آهي. ٻي جيڪا لطيف جي وڏي ڳالهه آهي، سا هيءَ آهي ته پاڻ وٽ روايتي تصور هي هيو ته جيڪي ٽيٽو آهي، سو تقدير ۾ لکيو پيو آهي:

لکيو لوح قلم جو اهو ڪونه ٽري،
اهو ٻاڦ بندي جو نيٺ ٻري.

***

توٽي هلين تکڙو، توٽي هلين وک،
لکيئي منجهان لک، ذرو ضايع نه ٿيئي.

تنهن ڪري انسان بي وس بندو آهي. هن دنيا ۾ تقدير پنهنجي لوڙي، پوءِ چڙهندو. فيصلا آسمان ۾ ٿيندا.

يونان جو فلسفو هو ته فيصلا هتي ٿيندا، آسمان ۾ پلي پوءِ ٿين، پر هن وقت، هن دنيا ۾ سڀڻو بنائڻو آهي، هن وقت ماڻهن جا درد ختم ڪرڻا آهن، هن وقت ماڻهن کي جمهوريت ڏيڻي آهي، عام ماڻهن کي فيصلا ڏيڻا آهن، حاڪمن کي ختم ڪرڻو آهي، حاڪمن جي حڪومت نه هلي، قانون جي بادشاهي هلڻ ڪپي. انسان، انسان آهي، عورت به انسان اهي، عورت ۽ مرد برابر آهن. اهو تصور مُلن، ڀانيٽن ۽ پندتن جيڪي ويهاريا هئا، تن جي مخالفت ۾ هيءَ يوناني پارٽي آهي. انهن چيو ته هتي، هن دور ۾، هن زماني ۾ انصاف ٿيڻ ڪپي، قانون فقط ڪتابن ۾ لکيل نه هلن، قانون ماڻهن جا ٺاهيل هئڻ ڪپن ۽ قانون سدائين تبديل هئڻ ڪپن. اڳي ٻڌايو ويو ته هي هتي لکيو پيو آهي، هن جي زبر ۽ زير به ڦيرائڻي ناهي، هاڻي هيڏانهن به نه ٿيندو ۽ هوڏانهن به نه ٿيندو! ڪتاب ڪڏهن جا؟ پنجاهه هزار سال پراڻا!

يونانين چيو ته ماضيءَ جا قصا بند ڪريو! تاريخ کان اڳتي وڌڻ ڪپي. ڏاڪي به ڏاڪي ماڻهو بهتر ٿئي. دوائون نيون ٺهڻ ڪپن، ڪتاب نوان ٺهڻ ڪپن، قانون نوان ٺهڻ ڪپن، رستا به نوان مان ٺهڻ ڪپن، ريتون ۽ رسمون به نيون ٺهڻ ڪپن. اهو جيڪو علم ۽ شعور يونان آيو هو جيڪو پوءِ ايران، آذربئيجان، عراق ۽ ٻين علائقن جي ذريعي آيو هو اهو هن علائقي ۾ آيو. هنن ۾ سڀ کان وڌو جذب ڪندڙ ماڻهو لطيف هو. يورپ ۾ فرينچ انقلاب اڃا ڪونه آيو هو تنهن کان اڳ ۾ عوام دوستيءَ جو جهنڊو لطيف بلند ڪيو هو. نه رڳو انسان دوستيءَ جو، پر عوام دوستي ۽ غريب دوستيءَ جو جهنڊو.

ٽئين وڏي ڳالهه جيڪا لطيف ڪئي، جيڪا ان دور ۾ به ڪانه هئي، هاڻي مس پهتي آهي، اها آهي ته هن دنيا کي بدلائڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ ڪپي. جدوجهد ڪندڙ ماڻهن جا گُڻ ڪهڙا هئڻ ڪپن؟ اُهي ماڻهو ڪهڙا هئڻ ڪپن؟ پاڻ مفڪر هو رڳو ٻُلهي ڳالهه نه ڪيائين، پر نقشو به ٻڌايائين. اسين جديد هوليءَ ۾ ان کي انقلاب ٿا چئون. انقلاب ڪيئن اچي؟ انقلاب لاءِ مثالي ماڻهو ڪهڙا هئڻ ڪپن؟ انهن ۾ ڪهڙا گُڻ هئڻ ڪپن؟ انهن جا رويا ڪهڙا هجن؟ انهن جي سمجهه ڪيتري هجي؟ انهن جو شعور ڪهڙو هجي؟ انهن جا احساس ڪهڙا هجن؟ اهي مسئلن کي ڪيئن منهن ڏين؟

اها سڃي جيڪا انساني روين جي سائنس آهي، اها لطيف پنهنجي شاعريءَ ذريعي سمجهائي آهي. ان جو مثال روءِ زمين جي شاعريءَ ۾ آهي ئي ڪونہ! ناولن ۾ بہ ڪونهي، عام ڪتابن ۾ بہ ناهي. ان دور ۾، جنهن دور ۾ لطيف شاعري ڪئي آهي، تنهن ۾ توهان مغرب جا ناول پڙهي ڏسو. انهن ۾ اهي ڳالهيون آهن ڪونہ، اهي سورما آهن ڪونہ، ۽ لطيف جيڪا ٻي ڳالهہ ڪئي، مشرق ۾ جيڪا ٻِڌَ آهي تہ عورت ذليل آهي، هزارين حديثن مان، ٻئي هنڌان، هِتان هُتان حوالا گڏ ڪري چيائون تہ عورت ذليل آهي، ان کي ستي ڪري ساڙي ڇڏبو. مڙس جي انڌو آهي تہ زال بہ پنهنجون اکيون ڪيڊي انڌي ٿئي. عورت هڪڙي ازلي، ابدي غلام ۽ لعنتي شيءِ آهي. ان کي جيئن وٽي، تيئن ڪري ڇڏجي. اها يا تہ ٻانهي هجي يا بازارن ۾ وڪامجي، اها نوڪرون ڪائي. لطيف جو وڏي ۾ وڏو ڪمال هو جو هن پنهنجي سرن ۽ فن سان، تاريخ جي مدد سان، سورميون عورتون پيدا ڪيون، جن جي مقابلي ۾ مرد ڇهہ ٻئسا بہ ڪونہ لهي. پنهون، سسئيءَ جي مقابلي ۾ ڇهہ ٻئسا بہ ڪونہ لهي. ميهار ڪهڙيون تراريون هنيون هيون؟

ٻڌان تہ ٻن، اولجان تہ ان پار ڏي،

من درياهہ جون لهرون منهنجي لاش کي ڪٽي درياهہ جي هن پاسي پهچائين ۽ پوءِ تي سگهي ٿو تہ ميهار بينو هجي. اهو سمجهي تہ هيءَ مئي ڪانهي، پر سست آهي، نڪري ڪونہ ٽي. اهو ڏسي مون کي چوي تہ سهٽي! چا ٿي ويو اٿئي؟ نڪرين چو نٿي؟ چوي: نڪر ٻاهر.

ٻڌان تہ ٻن، اولجان تہ ان پار ڏي،
ڪنڊيءَ اڇيو سپرين، مان ٻرا! ٻرا! ڪن،

ميهار چوي تہ سهٽي نڪري آ، تہ سهٽي:

مُيائي سين تن، آئون جيڪر اٿي نڪران!

(واهہ واهہ، تاڙيون)

متان گهڙين سهٽي، اڄ درياهہ ۾ آ دم،
ڪاري رات ڪنن ۾، ڪهڙو اٿئي ڪم؟
متان جاڳي ڏم، پڇي پاڙي واريين.

پچي پاڙي واريون، ڪوهه ڪريندو ڏمر؟
ڪاري رات ڪنن ۾، آهي ڪاڙيارن ڪمر،
هي هڏو ۽ چمر، گهوريو محب ميهار تان.

***

اڏر نڏر ايري، غمن گماڻي،
سا ڪيئن ويهي ويسري، جا گهائي گهماڻي،
پئي پيش پنهونءَ جي، اُسن ۾ آڻي،
جا لڪن لوساڻي، سا سيج چڙهندي سسئي.

***

عمر سڀ عشق سين، پنهون جي پچن،
ريس ريڍاليون تن سين، ڪجاڙي لڳ ڪن؟
مارڳ جي مرن، وڃا طالع تن جا.

مارڳ جي مرن، پنهونءَ تائين پهچڻ ضروري ناهي. سوشلسٽ نظام قائم ڪرڻ ضروري ناهي، پر مارڳ ٺجي، وچ ۾ پچي نه وڃجي. عوام! عوام! عوام! ڪري وڃي غدار جاگيردارن سان ملي وڃجي، فوجين جي حوالي ٺجي، ٽلها رڳي عوام جا نعرا نه هڻجن.

مارڳ جي مرن، وڃا طالع تن جا.

گس تي قائم رهي، هلندي هلندي جيڪي مري ويا، اهي خوش نصيب آهن، وڏي بخت وارا آهن، انهن سان ريس ريڍاليون، هي موقعي پرست ۽ ويڪائو هنن سان مقابلو ٿورو ئي ڪري سگهندا!

آئون ڪه نه ڄاڻان اِيءُ، ته جر گهڙئي جوکو ٽئي،
قضا جا ڪريم جي، تنهن کان ڪنڌ ڪيبو ڪيئن؟
هڪ لکيئي، ٻيو نينهن، آڻي اوليَس اول ۾.

***

لهر مڙيو ئي لال، وهڻ ڪٽورئا وترو

درياهہ جي ڪپ تان ہہ ماڻهو پيا وڃن، هڪڙو ٿو ٻئي کي چوي تہ، ادا، درياهہ کي هيءُ ڇا ٿيو آهي؟ لهرون ساريون ڳاڙهيون؟

هي جيڪو وهڪرو آهي، تنهن جي خوشبوءِ ڪٿوريءَ کان وڌيڪ آهي. ادا! خير تہ آهي؟

لهر مڙيو ئي لال، وهڻ ڪٿوريا وترو
اوبهارا عبير جا، جَرَ مان اچن جال،

ادا! هي ڇا آهي؟ رنگ بدلجي ويا آهن. لهرون ڳاڙهيون ٿي ويون آهن ۽ خوشبوءِ ڪٿوريءَ کان وڌيڪ آهي. هي ڇا آهي؟ خير تہ آهي؟

ادا، ٻي تہ خبر ڪانهي، پر:

ڪُنن گهڙي ڪالهہ سڪ پريان جي سهڻي.

پر سهڻي ساهڙ جي عشق جي نشي ۾ مست ٿي، هن ٽپو ڏنو. پوءِ الائي ڇا ٿيو؟

سمجهڻ وارو سمجهي سگهي ٿو تہ هي جيڪي رنگ آهن، سي سهڻيءَ جي لباس جا آهن ۽ هيءَ خوشبوءِ سهڻيءَ جي بدن جي آهي، پر چوي نہ ٿو!

لطيف جو جيڪو وڏي ۾ وڏو فلسفو انقلابي ماڻهوءَ لاءِ آهي، سو اِهو آهي. انقلاب لاءِ نڪتا آهيون، ضروري ناهي تہ توهان آخري منزل تي پهچو. توهان اڳي ٻيڻا، توهان انقلابي ٿي ويا، منٺ کان پوءِ مارجي ويا، توهين انقلابي آهيو. اهي ياڙيا سڄي عمر نعرا هڻندا، ڪوڙ ڪندا، ڏٽا هڻندا، هو سڄو ڏينهن پلي پيا انقلاب! انقلاب! ڪن، پر هو توهان جي جُتيءَ جي برابر بہ ڪونهن. (زوردار تاڙيون)

مومل مينڊري کي ماڻي، اهو ضروري ناهي. محبت ۾ ضروري ماڻڻ ناهي. خواهش ڪرڻ، ان خواهش تي قائم رهڻ، ۽ دنيا چوي تہ:

مومل ناهي مينڊرو توڻي منجهہ نصيب،
مون کي مون حبيب! طعنو ئي تنهنجو.

مون کي طعنو ٿا هڻن تہ هيءَ مينڊري سان ٺهيل آهي، مون لاءِ جيڪا حاصلات آهي، اهو طعنو ئي منهنجي لاءِ ڪافي آهي.

"آئون طعني سوڏي تنهنجي، تون طعنو ئي مون"

هن ست تي غور ڪجو.

"سو ڪيئن سريوسون، جو سرتيون ڪنهن نہ سريو."

رڳو الزام لڳي تہ هي ماڻهو وڏا انقلابي آهن، اهو طعنو مليو اهوئي اسان لاءِ ڪافي آهي.

ماڻهو چون ٿا، ايئن تہ هي وڏا بدمعاش آهن، هي غدار آهن، صرف سنڌ جو نالو ٿا وٺن، پاڪستان جي سرڪار جي عظمت جا ترانا نہ ٿا ڳائين، هي نالائق آهن، اهو نالائق هجڻ اسان لاءِ سون آهي. (زوردار تاڙيون)

"سڌر سين سڳ ٿيو." اڄ اسان پنهنجي دور ۾ چئون ٿا تہ، عالمي انقلابي تحريڪ سان اسان جي واقفيت آهي، سڳ ٿيو آهي، اسان جو رشتو آهي، انهن سان جيڪي. لاطيني آمريڪا ۾ ماڻهو وڙهن پيا، عراق ۾ وڙهن پيا، افغانستان ۾ وڙهن پيا، ويٽنام ۾ اڳي وڙهيا هئا، هاڻ بہ وڙهن پيا، انهن سان اسان جو سڳ آهي. پر هنن سان نہ جيڪي سڄو ڏينهن پيا سنڌ! سنڌ! ڪريون، ايجنسين جي پنيان پيا هلون، غدارن سان گڏ هجون، نہ!

اسين سنڌ جي معني وٺون ٿا، سموري جهان ۾ انقلاب آڻڻ جي. جيڪڏهن عراق جا ماڻهو نہ وڙهن ها، ويٽنام نہ وڙهي ها، ڪوريا نہ وڙهي ها ۽ آمريڪا جو ڪنڌ نہ ڀڃي ها، روسي انقلاب نہ اڇي ها، چيني انقلاب نہ اڇي ها تہ اسان کي هي ڪائي ڪونہ وڃن ها؟ هي پاڻ کي هلڻ ڏين ها ڇا؟ اسين سيني سان گڏ آهيون، وڏي زبردست تحريڪ سان وابستہ آهيون، تڏهن لطيف چوي ٿو تہ:

سڌر سين سڳ ٿيو پر ڪنڊين پياس

هن ملڪ ۾ تہ منهنجو نالو ٿيو پر ٻين گهٽن ڪنڊن ۾ ويڃي منهنجو نالو ٿيو. جنگشاهي، ٽٽو پنيور نہ. پر ڪنڊين پياس.

سڌر سين سڳ ٿيو پرڪنڊين پياس،
ڪير برهمڻ ڪن جي، ڪير ڄاٽي ڪيٽاس؟
هوند نہ سنڌ سُياس، هن پرئين ڪيس پڌري

(تاڙيون)

آئون چوندو آهيان تہ لطيف جو جيڪو Anti سنڌي ماڻهو آهي، تاريخ بدلائي ڪونہ سگهندو. جيڪي روايتي سنڌي آهن، گلاب جا گل آهن، سڄو ڏينهن گهر ويٺا آهن، سڄو ڏينهن گهر جا گلو ٽيا ويٺا آهن، اهي اسان جا سورما آهن. بہ راتيون بہ گهر کان ٻاهر نڪا رهي سگهن. ٻين قومن جا ماڻهو پنهنجا گهر گهاٽ، ٻار ٻچا ڇڏيو هتي سنڌ ۾ مهينن جا مهينا پيا ڏڏو ڪن، مزدوري ڪن ۽ ڪمائين، ۽ پنهنجا ماڻهو گهر جا گلو ٽيا ويٺا آهن. لطيف چوي ٿو:

اوڙاهہ ويا نہ وريا، آءٌ تنهن ماري ويڙ،
ڪري ساموندي سيڙ، جُسي جار پرائيو.

***

سيوا ڪر سمنڊ جي، جت جر وهي ٿو جال،
سوين وهن سير ۾، ماڻڪ موتي لال،
جي ماسو ملئي مال، تہ پوڄارا پُر ٿئين.

لطيف سائينءَ پنهنجا هيرا پيش ڪيا، وڏي ۾ وڏا هيرا. عورتون آهن. سوير ڪنهن شعر پڙهيو هو تماچيءَ جي باري ۾. تماچي سنو هو.

پکن پوءِ پچار: "اڄ تماچي آئيو"،
مرڪن ملاحن جا، مٿي ٻانڊي ٻار،
وڏي ڄام ڄمار جنهن مياڻيون موکيون.

***

هيٺ جر، مٿي مجر، پاسي ۾ وڻراءَ،
اچي وڃي وچ ۾، تماچيءَ جي ساءَ،
لڳي اتر واءُ، ڪينجهر هندورو ٽٽي.

***

هيٺ جر، مٿي مجر، ڪنڊيءَ ڪوئنر ترن،
وري واهوندن، ڪينجهر ڪٽوري ٽٽي.

اهو سپ ٺيڪ آهي، سپ سنو آهي، پر اصل ڳالهہ پچاڙيءَ جي آهي، جنهن سپ ڪم ٺيڪ ڪري ڇڏيا.

نوريءَ جي نوازيو ٽيو تماچي تي
جڏهن نوريءَ تماچيءَ کي نوازيو تڏهن تماچي دنيا ۾ معتبر ٽيو.

گاڏيءَ چاڙهي گندري، ماڙهو ڪيو مي

گندري، جام تماچيءَ کي پنهنجي گاڏيءَ ۾ ويهاري، ان مهاڻيءَ هن کي ماٺهو ڪيو. هي ماٺهو هئا ئي ڪونہ. حاڪم کي ماٺهو ٿيندا آهن ڇا؟ حاڪم هوندا آهن جٽ، جاهل، بيڪار ماٺهو! (تاڙيون)

لطيف چيو آهي تہ هي تہ ماٺهو ئي ڪونہ هئا!

نوريءَ جي نوازيو ٿيو تماچي تي،
گاڏيءَ چاڙهي گندري، ماڙهو ڪيو مي،
ڪينجهر چوندا ڪي، تہ سچ سيائي ڳالهڙي
ڪي هوندا، جي سمجهندا تہ سچي ڳالهہ صحيح آهي.

اصل تہ هيرا آهن عورتون. ان زماني ۾ جڏهن عورت بدبوءِ دار هئي، ردي هئي، ڪني هئي، سچو ڏينهن ماٺهو عورتن جي خلاف ڇاڙي پيا هٽندا هئا، پنهنجين مائن، پينرن ۽ زالن جي خلاف، انهن جي ذات جي خلاف بڪ بڪ پيا ڪندا هئا، انهن کي ڪو شرم نہ ٿي ٿيو اهي بہ ڪن مائن جا پٽ هئا، جيڪي پينرن جا پائر هئا، جيڪي ونين جا مڙس هئا، سچو ڏينهن زال ذات جي خلاف ينڊي ٻاريو بينا هئا، اڄ بہ ينڊي ٻاريو بينا آهن ۽ قتل پيا ڪن. ان ذليل سماج ۾، هن ماٺهوءَ (لطيف) هنن کي هيرو ڪري پيش ڪيو.

چنيسر ڪنهن کي جو ڪونہ هو:

چنيسر سين چاڳ، متان ڪا منڊ ڪري،
جان مون پوءِ پروڙيو، هي نہ ماڻي ماڳ،
ڏمريو ڏهاڳ، سگهو ڏئي سهاڳڻين.

افعال اهي هئا چنيسر جا!

مومل:

وٽ سورينديِ ولها، ويو تيل ٻري،
موٽ مسافر سپرين، چانگي تي چڙهي،
راڻي لاءِ رڙي، ويئي وهامي راتڙي.

عورتن کي انساني تاريخ ۾ پنهنجو رهنما ڪردار نہ ڏيڻ، اها تاريخ جي سڀ کان وڏي بدنصيبي، انسان ذات جو نياڳ ۽ عورت دشمني آهي،

جنهن ۾ وڏو ڪردار ملن، پنڊتن ۽ ٻانيٽن جو آهي. انهن ۾ ان بدنصيبيءَ جو لطيف سخت ۾ سخت دشمن هو.

ٻي ڳالهه، هنن ٻهانو ناهيو هو ته جيڪي هنن جي ڳالهه مڃيندا، اهي بهتر آهن ۽ ٻيا سڀ ڪنا آهن. لطيف چيو اهي سڀ ڳالهيون غلط آهن. "سيئي سهاڳڻيون!" جيڪي سيني مذهبن جا عبادت گذار بندا آهن، تن کي چئي ٿو ته اهي سهاڳڻيون آهن، جن جو محبوب راءُ آهي. ان راءُ جي انتظار ۾ بينيون آهن ته هو اسان کي پائيندو.

سيئي سهاڳڻيون، سيني منهن جڙاءُ
اکين ۾ نور پيو چمڪي.
سيئي سهاڳڻيون، سيني منهن جڙاءُ،
سڀ ڪنهن پانيو پاڻ کي، ايندو مون گر راءُ.

منهنجي گلي سان اچي لڳندو. لطيف جي ٻولي آهي، غضب جي آهي، قهر جي آهي. غور ڪريو سڀ شعر غلط تا پڙهو مون کي ڏاڍي ڏکي ڳالهه ٿي لڳي.

پيئو تن دراءُ، جي پسي پاڻ لڃائيون.

جي پاڻ ڏسي لڃي ٿيون ته منهنجي گهر ڪيئن ايندو؟ "جي پسي پاڻ لڃائيون!" جيڪي شرمسار پئي ٿيون پنهنجا حال ڏسيو ته منهنجا حال هيءُ، منهنجي پونگي هيءَ، تنهن ۾ ڪيئن ايندو؟

پيئو تن دراءُ، جي پسي پاڻ لڃائيون.

هي پنهنجي پاڻ جيڪي لڃائيون، تن کي لطيف سائين سمجهي ٿو ڏڏ بيوقوف، ڏڏ جاهل، ڇڏ، تن کي خبر ئي ڪانهي ته سڀ زندگي ڪيئن گذارجي؟ ٻي دنيا ۾ عزت ڪيئن ماڻجي؟ هن جي ليکي ته هي سڀ ڏڏ ۽ ڇڏ آهن ۽ هو جيڪي تهجدگذار آهن ۽ سڀا ۽ فرسٽ ڪلاس ماڻهو آهن. انهن کي ڪوٺي ٿو "ڪِرت وارا!"

محنت ٿو سمجهائي، رياضت ڪرڻ، ڪمائي ڪرڻ، وڏي احترام بندي ڪرڻ، پر چوي ٿو ته هي ڪرت وارا ته آهن هيترا:

اُت ڪرت وارا ڪيترا، ڪرت ڪبو ڪوهه؟
جيڪي بندو ڪم ڪري، سو سيوئي ڏوهه،
تون پارس، آئون لوهه، جي سڃين ته سون ٿيان.

هي ٿو چوي تہ شريعت ۾ ڪتاب تہ سڀ لکيا پيا آهن، پر ڪتاب لکڻ کان پوءِ، الله سائين ٺڪجي پيو چا؟ الله سائين پنهنجا سڀ پاور ڪتابن کي ڏيئي ڇڏيا چا؟ خدا تي بہ اهي ڪتابن جا قانون لاڳو آهن چا؟ خدا لاءِ بہ ضروري آهي تہ هي جيڪي ڪتاب پڙهن ٿا، تن کي انعام ڏئي ۽ جيڪي پيا آهن، تن کي پادر هٽي؟ اها الله سائينءَ جي مجبوري آهي چا؟ الله سائين پاڻ اختيار وارو آهي.

هو پنهنجي مرضيءَ جو ايجا بہ مالڪ آهي. مُلن، پنڊتن ۽ پادرين جي وڏي مهرباني، پر الله سائينءَ پنهنجا پاور ايجا ڏنا ڪنهن کي ڪونهن. هن کي جيڪي وٽي ٿو هو ڪري ٿو. هو ڪتابن سان بدل ناهي.

هو چوي ٿو تہ الله سائينءَ جا ڏندا هي آهن:

جيڪي ڏڏن ڏي، ڳجهيان ئي ڳجهہ ۾،
سو جي سڻن ڪنن سين، ڪرت وارا ڪي،
تہ ساز سمورا سي، هوند پٽون ڪن پلڪ ۾.

***

تهڙا چاليها نہ چاليهہ، جهڙو پسڻ پرينءَ جو،
ڪهڙي ڪاتب ڪريين، متي پنن پيهہ؟
جي ورق ورائين ويهہ، تہ اکر مڙئي هيڪڙو.

***

سا ست نہ سارين، الف جنهن جي اڳ ۾،
ناحق نهارئين، پنا پيا پرينءَ لئہ.

شاهہ جو پيو اعليٰ درجي جو ڪمال آهي، سو هنن وٽ ناهي. لطيف چوي ٿو تہ هي جيڪي مذهب آهن، اهي آهن ذات پات. اهو هڪڙو ذات پات جو سسٽم آهي: آئون هندو آهيان، تو کان سڻو آهيان، آئون سيد آهيان، تون مون کان گهٽ آهين، تون کتري آهين، مون کان گهٽ آهين. لطيف چوي ٿو تہ اهو گهٽ وڌائيءَ جو نظام آهي ئي ڪونہ. اهو سڀ غلط آهي. منهنجو مذهب سڻو آهي، منهنجو ڪتاب سڻو آهي، تنهنجو ڪتاب گهٽ آهي، تنهنجو فرقو گهٽ آهي، تنهنجو پاڙو گهٽ آهي، تنهنجو قبيلو گهٽ آهي، سڀ نان سينس (Nonsense)!

جيڪي ماڻهو آهن، تن کي هندو يا مسلمان ڪيئن ٿو چوين؟ چريو آهين، ماڻهو آهين؟ جيڪي ماڻهو آهن، چا جو هندو؟ چا جو مسلمان؟

سامي کامي پرين لئ، ڪُسي ٽيا ڪباب،
جهڙو ڏسن ڏوهه کي، تهڙو تِن ثواب،
اوتين آرتي گاڏئون، منجهان اکين آب،
سندو ذات جواب، تون ڪهڙو پڇين تن کي؟

چا جو ٿو پڇين؟ هندو آهين؟ مسلمان آهين؟ What Nonsense! اها جيڪا تفريق هئي، سا لطيف مڪمل طرح پنهنجي ذهن ۾ فڪر ۾ ختم ڪري ڇڏي، جيڪي انسانيت جون بلنديون آهن، ٻيو جيڪو لطيف جو ڪم آهي، جدوجهد، مسلسل جدوجهد!

ڪاهوڙين ڪٽي، ساجهر ٻڏا سندرا،
ڏورينديءِ ڏونگرين، ڪيائون پاڻ پٽي،
ڏکن ڏيل هٽي، ڇيهه لڏائون ڇپرين.

***

سيئي جوين ڏينهن، جڏهن سڄڻ سفر هليا،
روئان، رهڻ نه سپرين، آيل! ڪريان ڪيئن؟
مون کي چاڙهي ڇيئن، ويو وڻجارو اوهري،
سنڌي ماڻهو ماڻ ڪريو گهر جهليو ويٺا آهن.

آئون جن آساري، مٿي تڙ گذاريان،
مون کي وساري، شال مَ وڃن اوهري.

***

وڻجاري جي ماءُ! وڻجارو نه پلين،
آيو ٻارهين ماهه، پڻ ٿو سفر سنبهي!
مسلسل جدوجهد، سدائين سفر ۾!

ڪيم ڪاپڑين جي، پهرئين ڏينهن پروڙ،
سگها ساعت نه هيڪڙي، چارئي پهر چور،
سدائين سيد چئي، هون سناسي ۾ سور،
جوڳي ساڻ ضرور لِڪا ڀُٽن لوڪ ۾.

سدائين سفر ۾، رَمن متي راهه،
پرن پورب پنڌ ڏي، منجهه موالي ماهه،
جي الک سين آگاهه، هلو تڪيا پسون تن جا.

يعني چوويهه ڪلاڪ انقلاب جي لاءِ سورائتو هجڻ.

جسو سڃو سور، ٽڪر وهي ور ڪيا

لطيف سائين چوي ٿو ته جنهن ماڻهوءَ کي درد مليو، سمجهه ته ان کي طبيب ملي ويو. درد ئي نه هوندو ته طبيب جي ڳولا ڪيئن ڪندو؟ طبيب جي ڳولا ئي نه ٿي ٿئي. طبيب ته وينا آهن، تنهن ڪري سور ملڻ، جيئن پاڻ ٿا چئون ته ادا اسان خطري ۾ گهيرجي وياسين، ٺيڪ آهي، پرواهه ناهي.

جسو سڃو سور، ٽڪر وهي ور ڪيا

معني ويڃ ملندو، هيئن جي پاڻ گڏجون، اٿون، ڳالهايون، جيئن توهان جي شاعري ٻڌي آهي، مون کي تمام گهٽي وٽي آهي. آئون ڪوشش ڪندس ته هتي گهٽو اچان يا مرڪو رهي پوان. ههڙا احساس مند ماڻهو هجن ته دشمن اسان جو ڪجهه نه ٿا بگاڙي سگهن.

ستارون سي آگي، جهان اور يي هين،
ايي عشق کي امتحان اور يي هين،
ڪنات نه ڪر عالمِ رنگون بر،
زمين اور يي هين، آسمان اور يي هين.

لطيف جا هيرا آهن ڪاپڙي، جوڳي، ڪاري ڪيڙائو ساموندي، لاهوت تي هلڻ وارا.

مڙنيون موڪل، ڪالهه ڪندا ويا ڪاپڙي،

ڪڏهن اتر سامهان، ڪڏهن نوري اجل،
ڪالهه ڪندا ويا ڪاپڙي

هن سيڪيندي هتڙا، مون ڳاڙيندي ڳل،
ڪالهه ڪندا ويا ڪاپڙي

هلندڙن، ڦرندڙن، ميدان ۾ هلندڙن، زمينن کي سڏ ڪندڙن، زمينن ۽ آسمانن تي حاوي ٿيڻ وارا ماڻهو:

دنگي منجهه درياهه، کي ٻڏي، کي اپڙي،
هو جي واڍي واڙيا، سي سونهڻ سپ سڙيا،
معلم ماڳ نه اڳئين، ڏلنگي منجهه ڦريا،
ملاح! تنهنجي مڪڙي، اچي چور چڙهيا،
جتي ڊينگ ڊريا، تتي تاري تنهنجي.

***

دهشت دم درياهه ۾، جت جايون جانارن،
نڪو سنڌو سير جو، مپ نه ملاحن،
درندا درياهه ۾، واڪا ڪيو ورن،
سڄا ٻيڙا ٻار ۾، هليا هيٺ وڃن،
پرزو پيدا نه ٿئي، تختو منجهان تن،
ڪو جو ڦهر ڪنن ۾، ويا ڪين ورن،
اتي اڻ تارن، ساهڙ سير لنگهاءِ تون.

(تاڙيون)

خطرن جي آگاهي، طوفانن سان مقابلا!

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، چيلهه ٻڌي چوتو،
منهنجو من ميهار کي، پار وڃي پهتو،
گهوتي ۾ گهوتو مون کي محب ميهار جو.

انقلاب، هن دنيا کي نئين سر ٺاهڻ، خطرن سان وڙهڻ، ميدانِ جنگ ۾ اچڻ، ملڪ ڇڏي وڃڻ، پري پري جي علائقن تائين وڃڻ، ننڍڙا ٻار، تن جو خيال ڪرڻ.

ننڍو تہ ڪوهہ؟ پر وکين آهي وترو،
وڃو ڪاڪ ڪنڊين ۾، پهس پکين جيئن پوءَ،
ان ڪُر سندو ڪوءِ، ميو مانو نہ ٿئي.
ويران پٽ آهن، چا ٿي پيو؟
ٻُري نہ ٻڪر دانهن، يوڻ ٻڪو نہ سُٽان

مارئي جڏهن واپس آئي هئي، تڏهن اچي ڏسي تہ ميدان خالي لڳو پيو آهي- جيئن هينئر پنهنجو ميدان خالي ٿيو پيو آهي. پنهنجي چونڊيل نمائندن جيڪا پاڻ سان ڪارروائي ڪئي آهي، سو سڄي لوڪ ڏٺو آهي.

ٻُري نہ ٻڪر دانهن، يونءِ ٻڪو نہ سُٽان،
ميان! ماروئڙن جا، اُوٽان ڏسان آنهن،
جن سائيڪا سنجڻا، سي ڏٺي! ڪيڙءِ ڪانهن؟
پڪا ڪٽي پرانهن، جيڪس لڏيو لوڙيارين.

سيني حالتن ۾ جيڪڏهن لطيف جي گس تي هلجي ۽ ان کي پڙهجي، سمجهجي، سمجهائجي، عمل ڪجي، بلڪل عمل ڪرڻ کپي، جيئن هن ڇيو آهي، تيئن ڪرڻ کپي. سڀ خطري واريون غلط ڳالهيون هن پري ڪري ڇڏيون آهن. پاڻ هن جنگ ۾ ۽ هن اڇوڪي دور ۾ لطيف جي ڏسيل ماڻهن ۽ پيش ڪيل ڪردارن جي مدد کان سواءِ هن دور کي ۽ هن دور جي جيڪا سائنس آهي، هن جهان کي بدلائڻ جي جيڪا سائنس آهي، هن دنيا جي راکاسن کي منهن ڏيڻ جي جيڪا سائنس آهي، جنهن کي هڪڙي ٽيڪنيڪي ٻوليءَ ۾ مارڪسزم، ليننزم چئبو آهي، توهان جيڪڏهن هن فن کي فن ڪري وٺو سائنس کي سائنس ڪري وٺو تہ:

آيل! اُن نہ وسهان، هنجون جي هارين،
آڻيو آب اکين ۾، ڏيهہ کي ڏيکارين،
سڄڻ جي سارين، سي نڪي رُون نہ ڇُون کي.

اهي ڪم ۾ جُنبي ويندا آهن، بهانا ڪونہ ڪندا آهن، پِڇ پِڇ ڪونہ ڪندا آهن، اهي ڪمن ۾ جُنبي ويندا آهن، تنهن جي ڪري پاڻ ان سائنس کي پڙهون. هن دور جي سائنس ڪهڙي آهي؟ ڪتاب پريا پيا آهن. توهين هن ۾ ڊاڪٽر ٿي وڃو، پاڻ کي هن ۾ Ph.D ڪرڻ کپي. سڀ ڪتاب موجود آهن، ٽائيم سٿو آهي، سڀ ڏاهپ ۽ هنر آهي. اچو تہ گڏجون، ٻڌي ڪريون، سنڌ جي مسئلي تي فقط هڪڙي پارٽي هجي. پاڻ سنڌي ماڻهو آهيون، سنڌ جي بهترين لاءِ ڪوبہ ڪم ڪري، پنهنجو سائين آهي. نہ ٿوڪري، نہ ڪپي. اهو لطيف جو لعنتي آهي، جيڪو قوم کي وڪڻي ٿو.

هيڪ جي نہ ڄاياس، ٻيو ڄاڻندي جي مران،
گھنگھر گھٽو ٽياس، ڄاڻي ماروئڙن کي.

هنن سيني چوندبيل نمائندن کي چئون تہ:

مَر سپني مارئي، مُئي، مَر ڄائي،
جنهن اڇي عمرڪوٽ ۾ لوئي لڄائي،
جا سانگين سيڏائي، سا ڪيئن مرڪي ماڙيئين!

جيئي سنڌ، جيئي لطيف!

("جشن لطيف" ڪراچي ۾ ڪيل تقرير، 15 ڊسمبر 2006ع)

لٹو اوندا هو

دنيا ۾ شيون ۾ن قسمن جون آهن: هڪڙيون اهي جن کي هٿ ڇهي سگهن، اکيون ڏسي سگهن، چپ ان جو سواد ونڊي سگهي، جيڪي حواسن سان محسوس ٿي سگهن. ڪپڙا، مانيءَ، پَٽُ، دڪان، جاءِ، گهوڙو ۽ زمين وغيره دنيا ۾ اهي قيمتي شيون آهن، پر ٻيون ڪجهه اهڙيون به شيون آهن، جن جي بظاهر ڪا به قيمت نه آهي، پر اهي اڻ مٽ آهن ۽ اهي قيمتي شيون ماڻهن جا خيال آهن. ماڻهن جون سوچون، اکر، لفظ، شعر، فن ۽ ذات بازار ۾ وڪڻو ڪجهه ڪونه ملندو. ماڻهن جا سهڻا خيال سڄ جي ڪرٽن وانگر آهن، جن جي دنيا ۾ ڪا به قيمت نه آهي. ڪو دڪاندار چئي ته آئون سڄ جا ڪرٽا ٿو وڪڻا، چوندا ته چريو ٿيو آهي، ڪو ماڻهو چئي ته مان هوا ٿو وڪڻان، چوندا ته پاڳل ٿيو آهي، پر دنيا ۾ هوا کان وڌيڪ ٻي قيمتي شيءِ ڪهڙي آهي؟ دنيا ۾ سڄ جي روشنيءَ کان وڌ مهانگي ۽ قيمتي شيءِ ٻي ڪهڙي آهي؟ دنيا جون ٻيون شيون پلي قيمتي آهن پر سُڻا خيال، شاندار سوچون، ذات، لات، راڳ، سوز ۽ فن نه هجن ها ته اسين اڃان تائين غارن ۾ رهندا هجون ها. اسان وٽ گهوڙا هجن ها، گڏهيون به هجن ها، جايون به هجن ها پر ماڻهو نه رهي ها، جهڙو اڄ آهي. ماڻهوءَ جي ماڻهو ٿيڻ لاءِ خيال، سوچون، ذهن ۽ دماغ ضروري آهن. اسلام ۾ پهرين "اقراءَ بسم ربڪ الذي" آهي، جنهن جي معنيٰ پڙهه آهي، لٽ ڪٽڻ نه آهي، وڙهڻ نه آهي، ڏُکو نه آهي پر پڙهه آهي، اکر، شعر، ذات ۽ فن روشني آهي، جن کان سواءِ ماڻهو جيڪو ڪجهه به ڪري ٿو سو اجايو آهي، ڏراڙ آهي.

لطيف ذات ڏٺين جي مهندارن مان هو. لطيف اکرن، لفظن، ذهنن ۽ خيالن جو سوجهرو هو. لطيف روشنائي هو. لطيف جي تعريف ۾ مون ڪيترائي لفظ لکيا آهن، لطيف اهو به هو ۽ اڃان ڪجهه ٻيو به هو. لطيف کي سمجهڻ لاءِ ڪو ٻيو لطيف هجي، اها ڳالهه مون اڳي به چئي هئي. لطيف راڻو هو.

راڻي جي رهاڻ مان، ڪو آديسي آيو
چوڏهين ماهه چند جيئن، ڪيو سامي ۽ سهائو
لٽو اونداهو جوڳي، سنديءَ ذات سان.

لطيف کان اڳ به سنڌ ۾ شاعر هئا پر ڪو وڏو شاعر نه هو جو دنيا کي ڏيکارجي ته هي ۽ به شيءِ آهي، ڪو شيڪسپيئر، ڪو ڪاليداس، ڪو هومر، ڪو گوئٽي، ڪو حافظ سعدي، ڪو خيام نه هو. ننڍا ننڍا شاعر هئا، تارا هئا، چند هئا پر سج نه هو ۽ جڏهن لطيف آيو ته پوءِ:

لٽو اونداهو جوڳي سنديءَ ذات سان.

لطيف کان اڳ ۾ علمي طرح قاضي قادن به هو شاهه ڪريم به هو عنايت به هو ٻيا به گهڻا هئا پر اها ڳالهه نه هئي، علمي طرح سنڌ تمام پوئتي پيل هئي ۽ اڄ به پوئتي پيل آهي. پوءِ هڪڙو سج نڪتو جنهن سنڌ کي دنيا جي قومن جي قطار ۾ بيهڻ جهڙو ڪيو نه ته اونداهو هو. ٻئي هنڌ تي بوعلي سينا پيدا ٿيو ذڪريا الرازي پيدا ٿيو ارسطو پيدا ٿيو افلاطون پيدا ٿيو. ابن رشد پيدا ٿيو نتشي ۽ ٻيا هزارين ماڻهو پيدا ٿيا پر سنڌ ۾ ڪجهه ڪونه ٿيو. پنهون جام هو پر جنهن پنهونءَ جو شان لطيف ڳايو آهي، اهو پنهون لطيف پاڻ آهي. لطيف کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته اهو به سمجهجي، جيڪو هن پنهونءَ لاءِ چيو آهي. اهو هن پاڻ لاءِ به چيو آهي. لطيف جيڪو پنهونءَ جو نقشو چٽيو آهي، اهو سندن به آهي، هو چئي ٿو:

ٻُرو هو ٻنيور، آرياڻيءَ اجاريو
لاٽو سپ لوڪ تان، هاڙهي ڏٽيءَ هور،
چوريون چرڻ سکيون، پنهون ڪيائون پور
آيو سو اتور جنهن، ڏکيون ڏک ويهاريون.

لطيف ذات ڏٽي هو هن ٻيجل جو شان ڳايو آهي، اهو لطيف جي باري ۾ پورو ٿو اچي، اهو سورنهن آنا لطيف جي باري ۾ سهي آهي. لطيف ٻيجل پاڻ هو:

محلين آيو مڱڻو ڪٽي ساز سُري،
لڳي تند تنبير جي، پيا ڪوٽ ڪري،
هنڌين ماڳين هوءِ ٽي، تنهنجي ٻيجل! دانهن ٻُري

سسي تنهن سلطان کان، اچي گهوٽ گهري
جونا ڳڙهه جهري، پوندي جهان جهروڪ ۾.

لطيف جي تند چا هئي، تنهن لاءِ چئي ٿو ته:

سو سِرن پائي، جي تند برابر توريان.

هو چئي ٿو ته سئو سسيون ان جي برابر هڪ تند آهي، ايئن پاڻ به چئي سگهون ٿا ته اسان جون سسيون لطيف جي هڪ بيت جي برابر آهن. هو چئي ٿو:

سو سِرن پائي، جي تند برابر توريان،
اُتل اوڏانهين ٽئي، جيڏانهن ٻيجل ٻُرائي،
سکڻو هڏ آهي، سر ۾ سيڙ ناهه ڪي.

لطيف جو فن وڏو قيمتي آهي. اهو سئو سرن کان مٿانهون آهي. خود لطيف پنهنجي فن کي ڏسي پنهنجي حيرت جو اظهار ٿو ڪري ۽ اسين لطيف جي فن کي ڏسي پنهنجي حيرت جو اظهار ڪرڻ ڏانهن اچون ته اهو نه ٿا ڪري سگهون. لطيف ٻيجل جي فن تي جيڪو عجب ڪاڏو آهي، اچو ته اهو عجب اسان به ان تي کائون، پوءِ ڪم ٽيندو. پاڻ لطيف جا اهي لفظ ونون، جيڪي هن ٻيجل لاءِ چيا آهن ۽ پاڻ لطيف کي ٻيجل سمجهي اهي لفظ چئون ته جيئن پنهنجي دل ۾ جيڪو ٻيجل لاءِ عجب آهي، اهو ظاهر ٿي سگهي. ٻيجل جي تند ٻڌي، لطيف حيرت جو اظهار ڪيئن ٿو ڪري:

چارڻ تنهنجي چنگ جو عجب آهم ايءَ،
هٽي اُيو هٿن سين، جيئرو رکيو جيءُ.

چارڻ تون اهڙو چنگ وڄائين ٿو پوءِ به ايجان جيئرو وينو آهين سڄي جو سڄو ملڪ مات ڪري ڇڏيئي ۽ تون پاڻ ڇگو ويلو وينو آهين.

چارڻ تنهنجي چنگ جو عجب آهم ايءَ،
هٽي اُيو هٿن سين، جيئرو رکيو جيءُ،
رات منهنجوريءَ، ڪاٽيو تو ڪماچ سين.

منهنجو روح تو رات وڏي ڪمال سان ڪاٽي ڇڏيو ۽ پاڻ جيئرو وينو آهين. مون کي ڳالهه سمجهه ۾ ئي نه ٿي اچي. شعر هر دفعي لاءِ هر شيءِ لاءِ

استعمال ٿيندا آهن، اهو شعرن جو ڪمال آهي، اهي شعر جڪري لاءِ آهن پر ان کان سواءِ ٻين لاءِ به آهن. هو چئي ٿو:

جڪرو جَسُ ڪرو ٻيا مڙئي ميرَ،
مٽي ان خمير، اصل هئي ايتري،

شاعريءَ جي ذات جي جيڪڏهن ڳالهه ڪجي تہ اها ڇڙ تہ هئي ئي ايتري،

جڪرو جس ڪرو ٻيا مڙئي انيرا،
جيئان جڙيون جڪرو تيائين نہ ٻيا،
مٽي ان ماڳا، اصل هئي ايتري،

اها مٽي ئي ٿورڙي هئي، جنهن مان فقط اها شيءَ ٺهي، ٻي ڪا شيءِ ناهڙ لاءِ مٽي بچي ئي ڪانہ. اسان وٽ لطيف دنيا ۾ ڏيکارڙ جهڙي فقط هڪڙي شيءِ آهي، ٻين قومن وٽ لکين ڏاها آهن، دنيا ۾ دودي ۽ درياهہ خان کان بہ وڏيون شيون پيون آهن، جيڪڏهن دنيا جي تاريخ پڙهبي تہ هي جيڪي شيون پاڙ دکان تي رکيو ويٺا آهيون، تن کان تمام گهٽيون ۽ شايد سُڻيون شيون دنيا ۾ پيون آهن، پر لطيف اها شيءِ آهي، جنهن لاءِ اسان چئي سگهون ٿا تہ پنهنجي جاءِ تي هن جهڙي شيءِ دنيا ۾ ٻي ڪابہ نہ آهي، پر ٿيو چا جو لطيف کي سندس دؤر ۾ ڪير ڪونہ سڃاڻندو هو ڪنهن کي بہ اها خبر نہ هئي تہ لطيف بلا ڪهڙي آهي؟ اسان جي هن شهر (ٺٽي) جي وڏي ۾ وڏي عالم ميرعلي شير قانع پنهجي ڪتاب تحفتہ الڪرام ۾ لکيو آهي تہ لطيف هڪ تارڪ الدنيا آهي، هن جون ڪرامتون تمام گهٽيون آهن لطيف شاعر وڏو آهي، يگانو آهي، ان لاءِ هڪ اڪر ڪونہ چيو اٿائين. لطيف تارڪ الدنيا هو هن جون ڪرامتون وڏيون هيون، ان وقت ماڻهن کي ڏيئرون، پٽ پيو ڏيندو هو باقي ٻيون ڳالهيون ۽ شعر گم، ان دؤر ۾ ٻي ڪا بہ اهڙي رهنمائي نہ هئي، جيڪا ٻڌائي ها تہ هيءَ شيءِ ڪهڙي آهي؟ لطيف کي نہ ڪو پٽ هو نہ ڪا ڏيءَ هئي، هو جهڙو آيو تهڙو ويو ان بابت چا چئون تہ پنهنجي دؤر سڃاتس ئي ڪونہ ڪنهن ڪونہ چيس تہ ٻيلي لطيف وڏو شاعر آهي، هن واهہ جو شعر چيا آهن. اڄ اياز آهي، سچ چون ٿا تہ زبردست شاعر آهي، هينئر دوست مون لاءِ بہ الائي چا چا پئي چيو پر ان وقت اهڙو ڪو بہ ماڻهو ڪونہ هو جيڪو ٻڌائي ها تہ لطيف ڪيڏو شاعر آهي. ان جي ماجرا کي چا چئجي؟

ان تي ڪهڙو تبصرو ڪجي؟ ڪهڙي ڳالهه ڪجي؟ ۽ ڪيئن چئجي؟ اهو به لطيف کان پڇجي. لطيف پاڻ ٻڌائيندو جتي پاڻ ڀلجي پئون. اکر نه ملن. پوءِ پڇون ته هتي پاڻ ڀلجي ٻيا آهيون. پوءِ چوندو ته مون لاءِ به هيئن چئو. پوءِ جيڪا ڳالهه هو جوڳين ۽ سامين لاءِ چئي ويو آهي. اها ڳالهه هيئن چئو جيڪي جوڳي سندس دؤر ۾ هئا:

ڪچي ڪا چوٽي، نانگن ٻڌي نينهن جي،
جهڙا آيا جڳ ۾، تهڙا ويا موٽي،
تنين جي چوٽي، پورب ٽيندي پڌري.

جڏهن پورب مان سج اُپرندو دنيا جون اکيون کُلنديون. ماڻهو ۽ قومون ننڊ مان اُٿندا ته پوءِ انهن جي چوٽي آسمان جي بلندين تي ٻرندي ۽ دنيا ڏسندي ته اهو چا هو؟ ايئن لطيف جي چوٽي به هاڻي پڌري ٿي آهي. ماڻهو ننڊ مان اُٿي آيا آهن. پورب مان سج نڪتو آهي. دنيا ۾ ساڃاهه آهي. سمجهه جون روشنيون آيون آهن. اڄ هيترن نسلن گذرڻ کان پوءِ مس وڃي ان نتيجي تي پهتا آهيون. جو خبر پئي ته لطيف چا هو؟

لطيف جدوجهد به آهي. ويڙهه به آهي. لطيف سونهن به آهي. قرباني به آهي. وطن جي حب به آهي ۽ ٻيون کوڙ ساريون ڳالهيون آهن. پر اڄ اسان هتي ڪجهه ڳالهين جي خوشبو ونڊاسين. ان مان لطيف جي باري ۾ اسان کي ٿورڙو اندازو ٿيندو ته لطيف چا هو:

مثال طور: سونهن آهي. لطيف سونهن جو شاعر آهي.

مومل کي مجاز جا، اکين ۾ انبور،
هٽي حاکيمن کي، پٽ نهاري پور،
گهوٽ پهرين گهور، جي وياسي وڃيا.

***

هلو هلو ڪاڪ تڙين، جتي نينهن اُڇل،
نه ڪا جهل نه پل، سيپ کو پسي پرينءَ کي.

***

هلو هلو ڪاڪ تڙين، جتي گهڙجي نينهن،
نه ڪا رات نه ڏينهن، سيپ کو پسي پرينءَ کي.

***

مومل کي مجاز جا اکين منجهه الماس،
نه ڪا عام نه خاص، جي وياسي وڍيا.

❊❊❊

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، چيلهه ٻڌي چوتو
منهنجو من ميهار کي، پار وڃي پُهتو
گهوٽي ۾ گهوتو مون کي محب ميهار جو.

❊❊❊

چوڏاري چڙا، ٻُرن ٻيلاين جا،
ستي سنيارن جو پيم ڪن پڙاءُ،
ويهڻ مون نه وڙاءُ، سُٽيو جهاڻ جهڃي هينئو.

هو چويس ٿو ته سهٽي! تون روز اچين پئي ۽ روز موٽيو پئي وڃين، سُنا سُنا ڪپڙا پايو اچين، وري اهي واپس ڪنيو وڃين، تنهن کان رهي نه ٿي پئين؟ روز اچڻ ۽ واپس وڃڻ جو فائدو ڪهڙو؟

مرج وٽ ميهار متان موٽين سُهٽي،
ساهڙ جا سينگار متان ڏمر ڏيکاريئين.

سسئي آهي:

ماڻا وهاٽو وار ڪڍ پٽراٽي پنهنجي،
جيڪي ڏنئي ڏيج ۾ سو سيوئي سار،
وڃان ٿي وٽڪار ڏئم پير پنهونءَ جو.

❊❊❊

وڏا وڻ وٽڪار جا، جت نانگ سُجن نيلا،
اتي عبداللطيف چئي، ڪيا هيڪلين حيلا،
جت ڪُڙم نه قبيلا، اُت رسج، رهبر راه ۾.

❊❊❊

وڏا وڏڻ وٽڪار جا، جت جائو جمر جر،
ڪو سا تپن ڪڪرا، هي دم دم تپي ڏر،
ويچاري ڏئي ور پير نه لهي پنهونءَ جو.

❊❊❊

ڪِ ڪي ڪڙيان پير؟ ڪ ڪڙهان ڪيڇ ڏٽين لئہ

پيرن جا نشان ڳوليان، يا هن جي ذڪ ۾ ماتم ڪريان، هڪ تہ پنهون هليو ويو آهي، تنهن جو ذڪ آهي، ان جو ذڪ ڪريان، ماتم ڪريان يا هي پنڌ ڪريان، ۽ ڪم ٿي پيا آهن، هڪ تہ ذڪ کان ڇُريو ڪونہ ٿي سگهان، ٻيو وري پنڌ آهي.

ڪِ ڪي ڪڙيان پير؟ ڪ ڪڙهان ڪيڇ ڏٽين لئہ
اهو ڏَنءُ ڏيئي ڏير، پاڻا پرانهان ويا.

لطيف سائين جواب ٿو ڏئي:

ڪڙهہ پڙ ڪيڇ ڏٽين لئہ، ڪڙپڙ پير سندان،
انهي پر اتان، پوندينءَ منڌا! پهاڙ ۾.

سسئيءَ چا ڪيو:

پوءِ هوءَ سوچي ٿي! آئون بهادر آهيان، آئون دلير آهيان، پنهونءَ مون سان ڪهڙو ويل ڪيو؟ مان ڪهڙي عذاب ۾ پهتيس، ڏسو تہ سهي ڪهڙا ڪهڙا ڪم پئي ڪريان، ڪڙهان ٻہ پئي، ڪڙان ٻہ پئي، جبلن تي چڙهان ٻہ پئي، ڪيڏي تہ منهنجي زبردست قرباني آهي. لطيف چوي ٿو انهن سيني قربانين جي مقابلي ۾ جيڪا تنهنجي منزل آهي، اها تمام گهٽي اُتاهين آهي. تنهنجي هيءَ جدوجهد ان جي مقابلي ۾ ڪجهہ ٻہ نہ آهي. متان ائين سمجهين تہ مون هيءَ جيڪا قرباني ڪئي آهي، اها تمام وڏي آهي ۽ اها جدوجهد گهٽ آهي. جيڪڏهن تون سڄي عمر ائين ڪندي رهينءَ تہ ٻہ اها عظيم آهي، ان جي مقابلي ۾ تنهنجون قربانيون ڪا حيثيت نہ ٽيون رکن.

ڪڙهي ۽ ڪڙي، پر ۾ پير پنهونءَ جو
سڪ ٻڌائين سندرو جانب لئہ جڙي،
لانچي لڪ لطيف چئي، منڌ جهيڙي ۽ جهڙي،
پٽيءَ تان نہ پڙي، جي عمر سڀ ائين ڪري.

جيڪڏهن سڄي عمر ائين ڪري ٿي تہ ٻہ ان جي پير جي پٽي برابر ٻہ نہ آهي. غرور جي شڪار ٽيڙ جي لطيف سائين کا ٻہ اجازت نہ ٿو ڏئي.

لطيف جي بيان ڪرڻ لاءِ تمام گھڻيون ڏگھيون راتيون گھرجن. پوءِ ويھي ذڪر ڪجي. مون گورنمينٽ کي چيو آھي تہ لطيف جا ڪلاس کوليو. لطيف جا ڪلاس ھر ڳوٺ ۾ ھجڻ کپن، ھر شھر ۾ ھڪ کپن، ڏٺي ۾ تہ لطيف جا زبردست مدرسا ھجڻ کپن، جتي لطيف پڙھايو وڃي، سمجھيو وڃي تہ ان ۾ جيڪا طاقت ۽ قوت آھي، جرئت آھي، دليري آھي، ڪاميابيءَ جا راز آھن، ھن مظلوم ۽ ستايل، سست ۽ نہل، منجھايل، ماريل، غرق ڪيل قوم لاءِ انتھائي ضروري آھن:

اڏر نڏر ايري، گھمن گماٽي،
سا ڪيئن ويھي ويسري، جا گھائي گھوماٽي،
پيئي پيش پنھونءَ جي، اُسن ۾ آٽي،
جا لُڪن لوساٽي، سا سيج چڙھندي سسئي.

پنھنجي قوم بہ اڏر نڏر ايري آھي، لطيف چئي ٿو تہ جيڪڏھن اھا اُٽي بيھي تہ اھا غمن ۾ گماٽيل قوم تڏھن پنھونءَ ٽي پوندي، جڏھن اُسن ۾ آٽجي، سڙي، سڪي، وڙھي ۽ جھڙي ايندي تڏھن سيج تي سمھندي.

لطيف جي ھدايت ۽ تعليم کي جيڪڏھن اسين پڙھون ۽ ان کي سمجھون ۽ عمل ڪريون تہ ھي سڄو مامرو اٽي سگھڻ جھڙو آھي، نہ تہ ناممڪن آھي ھينئر سنڌ جي حالت ايئن آھي جيئن ڪنھن وقت سنڌو درياھ ھو.

دھشت دم درياھ ۾، جت جايون جانارن،
نہ ڪو سنڌو سِير جو، مپ نہ ملاحن،
درندا درياھ ۾، واڪا ڪيو ورن،
سڄا ٻيڑا ٻار ۾، ھليا ھيٺ وڃن،
پرزو پيدا نہ ٿئي، تختو منجھان تن،
ڪو جو قھر ڪُنن ۾، ويا کين ورن،
اتي اڻ تارن، ساھڙ سير لنگھاءِ تون.

❊❊

دنگي منجھ درياھ، ڪي ٻڏي ڪي اُپڙي،

سنڌ جي ٻيڙي ٻه هن وقت ائين آهي، جي پنج فٽ ٿي هيٺ ٿئي ته سڀ ٽپڙ پورا!

دنگيءَ منجهه درياهه، ڪي ٻڌي ڪي اُپڙي،
هو جي واڍي واڻيا، سي سونهڙ سڀ سڙيا،
ملاح! تنهنجي مڪڙيءَ، اچي چور چڙهيا،
جتي ڊينگ، ڊريا، تتي تاري تنهنجي.

هن وقت سنڌ جي ٻيڙي هيٺ مٿي پئي ٿئي. اها فقط لطيف جي ڏسيل ڏس پتي سان پار لڳي سگهي ٿي.

جيئي سنڌ.

("جشن لطيف" ٿئي ۾ ڪيل تقرير)

کيرون ڪاهوڙين جون

لطيف سائينءَ جي باري ۾ دوستن ڳالهيون ڪيون آهن. جيئن مذهب جون ڳالهيون ٿين، عام طرح ايئن ملهايو وڃي ٿو. مثال طور، جيئن پاڻ عيد ڪندا آهيون. عيد جو ڏينهن آهي، سيون ڪائيبيون، پٽ ڪائبو يا ٻي عيد هوندي آهي، تنهن تي وري گوشت ڪائبو. ايئن ڪيتريون ئي شيون روايتي ۽ نالي ماتر ٿيو وڃن. آئون چاهيان ٿو تہ لطيف جو ڏينهن روايتي ڏينهن نہ ٿئي. خبر ناهي اوهين اها ڳالهہ ايئن سمجهندؤ يا نہ؟ پر اسان جي قوم تمام بدنصيب قوم آهي، تمام پوئتي پيل قوم آهي ۽ اها پوئتي پيل رهڻ نہ گهرجي، چوتہ اها دنيا جي قدمن ۾ لتاڙجي ٻہ سگهي ٿي، جيئن ماڻهو لنگهين، پوءِ ماڻهو لتاڙجي وڃن، ايئن ٻہ ٿي سگهي ٿو. ڪي قومون هلندي، ماڻهن جي پيرن هيٺيان اچي، لتاڙجي ويندیون آهن. ماڻهن کي خبر ئي نہ پوندي آهي. ڪورٽن ۾ ڪيترائي ڪيس هوندا آهن، ڪيس پيو هلندو آهي، ماڻهو سمجهندو آهي تہ ٺيڪ آهي، ڪيس هلندو ڇُٽي ويندا سين. هڪڙي ڏينهن ابا! اوچتو ڦاسي، اپيل رد، ٽپيل رد، رحم جي اپيل رد، مڙس ڦاسي چڙهي ويو هليو!

دنيا ۾ تمام گهڻيون قومون اچن ٿيون، تمام گهڻيون طاقتور قومون ٻہ اچن ٿيون، غريب قومون ٻہ اچن ٿيون ۽ اهي آهستي آهستي، ڪلندي ڪڏندي، جڙ ڪنهن اتفاق سان، لتاڙجي ختم ٿيو وڃن ٿيون. ماڻهوءَ پانيو تہ هيترا ڏينهن چڙهي ويس، هن پيري ٻہ چڙهي ويس، هينئر ٻہ چڙهي ويس، چڙهي ويس، ضرور چڙهي ويندا سون. چيائون: پٽو صاحب فلاٽي سان وڙهيو تڏهن ٻہ چڙهي ويو. فلاٽي سان مقابلو ڪيائين، تڏهن ٻہ چڙهي ويو ايوب سان وڙهيو ايوب کي مارايائين، يحيٰ کي ٻہ مارايائين، فلاٽي کي مارايائين. هڪڙي ڏينهن چيائون تہ بابا! ضياءُ ڇا آهي؟ ضياءُ ڪهڙي شيءِ آهي؟ پٽو تڏهن پيو. جڏهن هو ڦاسي چڙهي ويو. ماڻهو ايئن ڳالهائيندي

ڳالهائيندي سمجهندا آهن ته هيترا پيرا هنن مصيبتن مان چڙهي ويس، تيئن هاڻي هن مان به چڙهي ويندا سين، ايئن ناهي! ماڻهو هلندي هلندي هڪڙي ڏينهن اهڙي اشڪنجي ۾ ڦاسي پوندو آهي، جو ان مان نڪري نه سگهندو آهي. پاڻ هڪ سخت شڪنجي ۾ آيا آهيون، ان جي پاڻ ڳالهه ڪنداسين ۽ ان شڪنجي مان نڪرڻ جا ٻه طريقا آهن: هڪڙو طريقو- اڄ اسان ڊاڪٽر مظهر لاکي سان وينو ڳالهايو جنهن وٽ آئون رهندو هوس، آمريڪا ۾ ڊاڪٽري ڪندو آهي، سانا (SANA) جو ميمبر آهي ۽ اسان جو سڄاڻ دوست آهي. ڏاڍو سٺو ڪم پيو ڪري، تنهن ڇيو ته، اسين جديد سائنس ۽ ٽيڪنالاجي، اليڪٽرانڪ ميل ۽ ڪمپيوٽر سائنس تي حاوي ٿيون ته شايد اسين نڪري ويندا سون، هن مصيبت مان. هڪڙو طريقو اِهو آهي، جديد سائنس، ٽيڪنالاجي، عقل، علم، جرئت، سمجهه، دماغ. هيءَ صدين جي اڻ ڄاڻائي، صدين جي آرس، سستي، ڳهر، ڦنگ، هن ڦنگ جو اثر، خير آهي! ماڻهو پلي سڪرات ۾ پيو هجي. ابا! ڪيئن آهين؟ چوندو: شڪر الحمدالله! شڪر آهي. سنڌي قوم پئي ختم ٿئي، ڪراچيءَ ۾ مڙس پيا مارجن، هليو ڪونه سگهون ڪراچيءَ ۾، ٽوپي هٽ ۾ آهي، شڪر الحمدالله! خير آهي! هڪڙو ته ايئن آهي، شڪر ڪجي.

نمبر ٻيو ته هن جو علاج ڪجي، ۽ ٻيو جيڪو ان سان گڏ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي علم سان ڳالهه جيڪا ضروري آهي، اها آهي ته اسين پنهنجي روحاني پيشوا، پنهنجي روحاني سپهه سالار لطيف جي چوڻ تي عمل ڪريون، ۽ اها ڳالهه سڀ ٿا چون. جيڪو ماڻهو لطيف تي ڳالهائي ٿو لازم طرح چوندو ته لطيف جي پيروي ڪريو ان جي پٽيان هلو علامه اقبال جي پٽيان هلو فلاڻو پير آهي، ان جي قدمن تي هلو فلاڻي درويش جي چوڻ تي هلو، اها هڪڙي رسمي ڳالهه ٿي پئي آهي. آئون چوان ٿو ته اها رسمي ڳالهه ناهي. لطيف سائين باقاعدي هڪڙو ڊاڪٽر آهي. جيئن عام ڳالهه ڪبي آهي ته بابا! درويشن جي پٽيان هلو عمل ڪريو آخرت سڌاريو بهشت ۾ ويندا، ڏوهه گناهه نه ڪريو اهي عام ڳالهيون آهن. هيءَ خاص ڳالهه آهي. خاص ڳالهه آئون چو ٿو چوان؟ ته جيڪي اسان سنڌي ماڻهن ۾ اوگڻ آهن، انهن سيني جو لطيف الٽو ماڻهو آهي. ٻه سئو سال اڳ جو هو پر مادرن ماڻهو آهي ۽ اسين جيڪي آهيون تنهن جي ابتڙ هو. آئون چوندو

آهيان تہ دنيا ۾ هڪڙي سينس ۾، هڪڙي معني ۾، ڪو ماڻهو سڀ کان وڌيڪ Anti سنڌي هو تہ اهو لطيف هو. سنڌي دشمن هو سنڌين جي عادتن ۽ گڻن جو مخالف ماڻهو. يعني، جيڪي سنڌي آهن، انهن جي ابتڑ ڪريو تہ لطيف جي تعليم ٿهي پوي.

سنڌي ماڻهو، پاڻ گهر جا گلو گهر ۾ وينا هوندا سين، ٻاهر وياسين، ٻئي پاڙي ۾ وياسين تہ پرديس ۾! ڪراچي پرديس، ٺارو شاهہ پرديس، اوٻاوڙو پرديس، ٺٽو پرديس. ڏيڍ ڪوهہ تي پنهنجو پرديس شروع ٿيو وڃي. لطيف سائين چوي ٿو:

ويون پب پئي، ڪيرون ڪاهوڙين جون،
آئون تن ڏوٽين جو پڇان پير پيئي،
رُجن رات رهي، ڏونگر جنين ڏوريا.

لطيف غير معمولي، غير سنڌي انسانن جي ڳالهہ ٿو ڪري. هن تي غور ڪندؤ تہ هڪڙو تہ گهر ويهڻو ناهي، ٻيو سلامتيءَ واري زندگي گذارڻي ناهي. پاڻ سنڌي ماڻهو: پٽيان ڪڍ ۾ پوي، پٽيان الائي ڪهڙو ڦڙو آهي، باهہ ڏينس، ڇڏينس ڪٽي. ووٽ جي پرچي وجهي، پوءِ گهر وڃي رلي مٽان وجهي سمهي رهبو. پوءِ چئبو سائين! رستو مليو ئي ڪونہ سائين! پيپلا پڃي ويا هليا، سائين! نوڪري ملي ڪانہ ٿي! پرچيءَ مان نوڪري ٻہ ملندي، پرچيءَ مان رستو ٻہ ملندو، پرچيءَ مان اسپتال ٻہ ملندي، پرچيءَ مان يونيورسٽي ٻہ ٺهندي، پرچيءَ مان مستقبل ٻہ ٿيندو، پرچيءَ مان سڀ ڪم ٿيندا. رڳو هڪڙو پيرو پرچي وڌي اٽئون، پوءِ ستا پيا آهيون گهر. هاڻي ان مان سڀ ڪم ٿيندا مفت ۾، سڀ ڪم مفت ۾ ٿيندا. ڪجهہ منهن ۾ وَرَ وجهي، ڪنهن سان ڳالهائڻو ڪونهي. فلاڻا! هي منهنجو ڪم نہ ٿو ڪرين؟ سائين! اوهان کي ووٽ ڏنوسين، توهان کيو ڪجهہ ڪونہ متان ڪاوڙجي پوي، تنهن ڪري ڪاوڙائڻو ٻہ ناهي. اها ٻہ چڱائي ڪبي، ڪاوڙائبو ڪونہ. ڳالهہ جا ٻئي پاسا ونبا. پٽو زبردست آهي، پر جام صادق علي سائين وڏو مهمان نواز ماڻهو آهي. سائين! بينظير ڪير سڏائي، پر سائين! جام ٻہ جام هو.

"هِت ٻہ رهايائون رَسَ، هُت ٻہ گڏيون هوت کي."

ڊبل پاليسي! ڪنهن ٻہ پاسي کلي ڳالهہ ڪرٽي ئي ڪانهي، ميدان وٽي بيهڻو ناهي. اسان جو عوام خاص نہ، وڏيرا نہ، وڏيرا تہ وڏا لعنتي آهن، انهن

کي چڏيو پر جيڪو عام ماڻهو آهي، عام رواجي، توهان ۽ اسان، جيڪي پاڻ کي سڻا سمجهون ٿا، اهي به پائنئيون ته ڇڙي چار آگر اڳتي نه ٿيون، ٻيو ڪو ماڻهو ڪم ڪري، ابا! جي چور آهن ته وڃي ڪتا ڏاريو سائين! اسين ڪتا ڪٽان آڻيون؟ اسان جو مرشد به تون، ڪتو به تون. سڀ ڪم ٻيا ڪن، عوام جي ڳالهه ٿو ڪريان. اسان جي دوستن وٽي هڪڙي پروپيگنڈا شروع ڪئي آهي ته "عوام عظيم هين"، "عوام طاقت ڪا سرچشما هين"، "عوام داناء هين." عوام جي خوشامد ڪري، پوءِ ان جا ٽپڙ، ڪنڇيءَ سان جيب ڪترا ٿي ڪاڻي ويندا آهن. بابا! عوام انڌا آهن. عوام اسين آهيون، ٻيا عوام ڪير آهن؟ اسين انڌا آهيون، جاهل آهيون، پير پرست آهيون، ٻين جي پٽيان آهيون، سست آهيون، مفت خور آهيون، ڪم کان ڀڳل آهيون، ڪم ڪرڻ نه ٿا چاهيون، عوام اسين آهيون ۽ اسان جا افعال هي آهن. اسان جي گڏجي خوشامد ڪري، اسان کي اُلو بٽائي، اسان کي استعمال نه ڪريو. اسان کي پنهنجي خاندان جي خبر آهي. سنڌ، سنڌي ماڻهن جي آهي، جيڪي عوام آهن، سي ايئن آهن.

هنن سيني ڳالهين جون ٻه معنائون آهن. لطيف سائين اسان کي سيکاريو آهي ته عوام ڏانهن رستو ڪهڙو اختيار ڪريون؟ لطيف سائين چوي ٿو ته عوام کي سڻو چوڻ صحيح ناهي. عوام جي ڪوڙي خوشامد ڪري، عوام کي آسمانن تي چاڙهي، عوام جون تعريفون ڪري، ان جون غلطيون لڪائي، پوءِ چئجي ته، سائين اسين عوام تان قربان آهيون، اها ٺڳي آهي. لطيف سائين چوي ٿو:

"جيها سي تيها" معنيٰ جهڙا آهن تهڙا، معنيٰ معاملو ٺيڪ ناهي، معاملو گڙٻڙ ۾ آهي، پر "مون سي مارو مجيا."

جيها سي تيها، مون سي مارو مجيا،
مون جيڏيون مليرِ ۾، چوندين موڪ ميها،
اٽم آس اها، ڪڏهن ڪيرائيندين ڪوٽ کي.

(تاڙيون)

يعني: عوام جي ڪمزورين کي تسليم ڪبو سڃاڻبو، عوام جي ڪمزورين کي لڪائبو نه. ڪوڙا ڏڻا نه هڻبا ته، عوام بلند هين، بالا هين، فولاد کي ديوار هين، فلانا هين. عوام:

جيها سي تيها، مون سي مارو مڇيا،
اٿر آس اها، ڪڏهن ڪيرائيندين ڪوٽ کي.

پر عوام سان وفاداري ڪبي. جهڙا آهن، خراب آهن، بُرا آهن، اسين جهڙا ب آهيون، اها ڳالهه پهرين تسليم ڪبي، پوءِ تبديل ڪبي. جيئن انيتا شاهه مارڪس جو حوالو ڏيندي اهو چيو ت، "مسئلو رڳو اهو ناهي ت شين کي سڃاڻجي، پر شين کي تبديل ڪجي."

"شين کي سڃاڻڻ اڌ ڳالهه آهي. ٻيو اڌ آهي شين کي بدلائڻ." پهرين حقيقتون جيئن جو تيئن قبول ڪجن، پوءِ انهن کي تبديل ڪجي، تنهن ڪري حقيقت قبول ڪريون ت اسين ڇا آهيون، پوءِ ان کي تبديل ڪريون، ت لطيف سائين هر شيءِ کي جيئن آهي تيئن سمجهڻ جي ڳالهه ڪئي آهي ۽ ان کي تبديل ڪرڻ جي ب ڳالهه ڪئي آهي.

توهان پنهنجي سنڌ ۾ ڏٺو آهي ت سنڌي ماڻهن جو حوصلو ننڍو آهي. لطيف سائين چوي ٿو:

سيوا ڪر سمنڊ جي، جت جر وهي ٿو جال،
سوين وهن سير ۾، ماڻڪ موتي لال،
جي ماسو ملئي مال، ت پوڄارا پُر ٿئين.

سمنڊ جي سيوين، تنين ماڻڪ ميڑيا،
چلر جي چوئين، تن سانڪوٽيا ۽ ستيون.

يعني، سنڌي ماڻهن لاءِ لطيف سائينءَ جو پيغام ڪهڙو آهي؟ پيغام آهي ت عظيم مقصد ڏاريون. بينظير ب سني، پٽو ب سنو ووٽ ب سنا، اليڪشن ب سني، سپ سنيون! اهو رويو مٽايون، مقصد عظيم ڏاريون.

روڊ ب ڪپن، رستا ب ڪپن، نوڪري ب ڪپي، ڏنڊو ب ڪپي، سپ ڳالهيون سنيون. لطيف سائين چوي ٿو ت ايئن ناهي.

روزا ۽ نمازون، ايئن پڙ چگو ڪم،
او ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.

(تاڙيون)

لطيف سائين چوي ٿو ته هي پيپلز پارٽيون، هي مسلم ليگيون، هيءَ جيئي سنڌ، اهي سڀ سنيون ڳالهيون آهن، پر اهي روزا، نمازون آهن، پر ڳالهه وڏي آهي، انهن کان مٿانهيون، پري، "پري پين پرو ناٽ ڏنائون ناهه ڀر."

جت عرش نه اُپ کو زمين ناهه ڏرو
نکو چارو چنڊ جو نکو سج سرو
اتي آديسين جو لڳو دنگ درو
پري پين پرو ناٽ ڏنائون ناهه ڀر

(تاڙيون)

اليڪشنون، ووٽ، فلاڻو خان، فلاڻو خان، فلاڻو خان چڙهي ويو فلاڻو خان کري پيو اهي سڀ سنيون ڳالهيون. لطيف چوي ٿو ته قومن جي علاج لاءِ اهي ڳالهيون ننڍڙيون آهن، انهن مان کجهه کونه ٿيندو. اردوءَ واري چيو آهي ته:

نه خنجر اُٹي گا نه تلوار ان سي،
يه بازو ميري آزمائي هوئي هين.

اليڪشن ڀر هو ڪِري پيو هو چڙهي ويو اهي ٻاراٽيون ۽ ٽڪي جون ڳالهيون آهن. اِتي ذڪر وانگر پراٽيون راندين آهن، کجهه نه ٿيندو!

"پري پين پرو ناٽ ڏنائون ناهه ڀر."

لطيف سائين چوي ٿو:

اک الٽي ڏار ونءِ (معني وڃ) ابتو عام کان.

لطيف سائين پري ٿو وڃي. آئون انهيءَ کري چوان ٿو ته آئون لطيف پرست ناهيان. آئون لالچي ۽ مطلبي ماڻهو آهيان. لطيف جي پٽيان آئون ان کري کونه آهيان ته مون جوڳ پچايو آهي، صوفي ٿي ويو آهيان ۽ منگري کٽي ان جي پٽيان پيو هلان. لطيف ڊاڪٽر آهي. آئون سمجهان ٿو ته هن ڊاڪٽر جي دوا اسان کي کپي. ٻئي ڊاڪٽر جي دوا مان اسان کي کجهه کونه ٿيندو.

پنهنجي قوم جي پاران، ان جي مرض کي ڏسندي، ان جي دوا جي ضرورت کي سمجهندي، آئون سمجهان ٿو ته روءِ زمين تي روحاني طرح کنهن وٽ ان ڳالهه جو علاج آهي ته اهو لطيف آهي. (تاڙيون) ۽ مون پوري

غور سان اها ڳالهه ڏني آهي. مون وڏو مطالعو ڪيو آهي. آئون رڳو به ستون پڙهي ڪونه آيو آهيان. پهرين ڳالهه ته اک هجي اُلتي. هيءَ جيڪا پاڻ واري اک آهي ته فلاڻو جيڪو رستو ڏَسي، فلاڻو جيڪو چڙهيو اسين ان جي پٺيان! جي ڪِري پيو ته هڻ پادر! "مري پر سئو ڏُري" جيڪو حرام پائي ڪري به ڪٽي ويو هليو چڙهي ويو ته پڪ سنو هوندو! سائين! جي سنو نه هجي ها ته چڙهي ڪيئن ها!؟ جيڪو ڪِريو آهي، اهو ته پڪ سان نالائق هوندو نه ته ڪِري ڪيئن ها!؟ هر شيءِ جيڪا وقتي طرح، بن منٽن لاءِ ڪامياب ٿئي، اها ٽي سُٽي! ايوب ٽيو سنو يحيٰ به ٽيو سنو مارشل لا به ٽي سٽي! هي مولانا حضرات افغانستان ۾ باهه پيا ٻارين، اهي به سنا آهن! هي دهشتگرد به سنا آهن! هي جيڪي نُش نُش ڪن ٿا، اهي به ٽيا سنا! سنا آهن، تڏهن ته نُش نُش ڪن ٿا! جيڪو ماڻهو ٽو ماري، جيڪو ڪَلَ ٽو لاهي، اهي سڀ ٽيا سنا! مسئلو هي آهي ته جيڪو به ماڻهو جيڪو به خراب کان خراب ڪم ڪري، ٽورڙو مٽي چڙهي آيو، چئبو ڪمال ٽي ويو! سائين! وزير ٽي ويو! ابا، کهڙو ڪم ڪري وزير ٽيو؟ سائين! ڪالاباغ ڊيم جي حمايت ڪري، چانس وٺي وزير ٽي ويو! ون يونٽ جي حمايت ڪري، چيف منسٽر ٽي ويو! هي جيڪي "ڪامياب" ٽيندا آهن، تن لاءِ لطيف سائين چيو آهي:

مَ سپني مارئي، مُئي، مَ ڄائي،
جنهن اچي عمرڪوٽ ۾، لوئي لڄائي،
جا سانگين سيڏائي، سا ڪيئن مرڪي ماڙيئين!

پنهنجو وطن، پنهنجي قوم، پنهنجي ڀچن جو رزق ڪائي، اهو وڪٽي، تين وال ڪري، پنهنجي پوين نسلن کي خراب ڪري، پنهنجي قوم جون تقديرون نيست ۽ نابود ڪري، پنهنجي قوم کي جهنم جي حوالي ڪري، ٽوپي ٽنڊ تي رکي، وزيراعظم ٽي ويٺو ته ڇا ٽيو!

پوائنٽ هيءَ آهي. لطيف چوي ٿو ته زندگي جي ڪوالٽي اعليٰ قسم جي هجي. زندگي ڪپڙن تي ناهي، زندگي ڪاڏي تي ناهي ته کهڙو ڪاڏو ڪائجي. زندگي ڪرسيءَ تي ناهي، زندگي فوٽو ڪيرائڻ تي ناهي، زندگي، وقتي زندگيءَ ۾ ڪاميابي ماڻڻ تي به ناهي. لطيف چوي ٿو ته توهان آيا، سڄي زندگيءَ ۾ توهان کجهه به نه ڪيو خير ٽيو توهين ڪامياب ٽي ويا،

توهان کي ڪجهہ ٻہ نہ ملیو. چوي ٿو تہ ڪي ڪي ماڻهو اهڙا هوندا آهن. خالي هٿين جيئن اچبو آهي. تيئن خالي هٿين ويندا هليا آهن. لطيف اوهان کي سبق ٿو ڏئي. ميمبر ٻہ ڪونہ ٿيا. پارٽيءَ جا چيئرمين ٻہ ڪونہ ٿيا. بي- ڊي ايم ٻہ ڪونہ آيا. وزير ٻہ ڪونہ ٿيا. لطيف چوي ٿو:

ڪپڙا ڪهڙا پاتا پيا آهن؟ نينهن جا! پنهنجي وطن سان وفاداريءَ جا ڪپڙا. پنهنجي آدرشن سان وفاداريءَ جا ڪپڙا. پنهنجي ملڪ. پنهنجي قوم. پنهنجي عوام. پنهنجي ماروئڙن سان سچائيءَ جا ڪپڙا:

ڪيچي ڪاچوٽي. نانگن ٻڌي نينهن جي.
جهڙا آيا جڳ ۾ تهڙا ويا موٽي.

ميمبر ٻہ ڪونہ ٿيا. وزير ٻہ ڪونہ ٿيا:

سڪ نہ ستا ڪاپڙي. لاهي لانگوٽي.
اُنين جي چوٽي. پورب ٿيندي پڌري.

(تاڙيون)

جڏهن اونداهي راتيون ختم ٿيندیون. جڏهن زماني مان موقعي پرستيءَ جي. ابن الوقتيءَ جي. غداريءَ جي اونداهي رات ختم ٿيندي ۽ چوٽيءَ تي سورج اپرندو. تڏهن:

اُنين جي چوٽي. پورب ٿيندي پڌري.

تنهن ڪري. زندگي فقط انهن جئن پَلَن ۾ گهوڙي تي چڙهڻ جو نالو ناهي. زندگي زمانن سان وفاداري آهي. ايندڙ نسلن سان وفاداري آهي. زمانن جي آدرشن سان وفاداري آهي. زندگيءَ جي قيمت هزارين سال آهي.

تہ ڪر ڪيئن سُئي. جي سير نہ گهڙي سهڻي.

سڄي عمر رهي ها چا؟

هت حياتيءَ ڏينهڙا. هڏهين تان نہ هئي.
چڪي تنهن چري ڪئي. جا ڏنس ان ڏهي.
سهڻيءَ کي سيد چئي. وڏو قرب ڪُهي.
هونئن ٻہ هوند مئي. پر ٻڌيءَ جا ٻيٽا ٿيا.

(تاڙيون)

لطيف سائين چوي ٿو تہ جنهن سڻي ڳالهہ جي پويان پئو تہ ان جي پويان زندگي ڏئي ڇڏيو.

جان جان هئي جيئري، ورچي نہ ويئي،
وڃي پونءِ پيئي، سڪندي کي سڃڻين.

وڃي پونءِ پيئي، "سڪندي کي سڃڻين." (تاڙيون)

سائين! اسين وياسين پارٽيءَ ۾ اسان کي مليو ڪجهہ ڪونہ! ادا برابر، انقلابي پارٽين ۾ مليو ڪجهہ ڪونہ! لطيف سائين چوي ٿو تہ زندگيءَ ۾ فقط هڪڙو پير و منهنجي محبوب مون کي سڏ ڪيو: لطيف هيڏانهن اڇ:

حبيبن هيڪار منجهان مهر سڏ ڪيو،
سو مون سپ ڇمار اورڻ اهوئي ٿيو.

(تاڙيون)

ٻئي سڏ جي ضرورت ئي ناهي، مطلب تہ چيائين اڇ، ختم ٿي وئي ڳالهہ! ٻيو سڏ ڇا جو؟ سائين! پوءِ اسان کي عزت ئي ڪانہ ملي! سائين! اسان کي اهميت ئي نہ ٿي ڏنائون! اڙي ادا! جي تون آدرشن لاءِ ٻيئو هئين تہ اهميت ڇا جي؟ تون جيڪڏهن ڪنهن عظيم مقصد لاءِ ٻيئو آهين تہ پوءِ اهميت ڇاکي ڇئبو آهي؟ اهميت معنيٰ ڇا؟ هي تو جيڪو ڪم هٿ ۾ ڪنيو آهي، اهو تہ تنهنجو آهي نہ؟ تنهنجي وطن جو آهي، تنهنجي ٻچن جو آهي، تنهنجي قوم جو آهي، تنهنجي انسان ذات جو ڪم آهي، ان ۾ توکي اهميت ڇا جي ملي؟ سائين! اهميت ڏنائون ڪونہ، پوءِ آئون وري فلاڻي گروپ ۾ ويس هليو اهميت جي پٽيان! اهميت جا بکيا، ڪپڙن جا بکيا، شين جا بکيا، مال ملڪيت جا بکيا.

لطيف سائين چوي ٿو تہ هتي ڳالهہ ئي الڳ آهي. پنهنجي آدرش، پنهنجي مقصد کي پرينءَ جو پار ٿو ڪوڻي:

نہ مون ناناڻا ڪنيو نہ کي ڏاڏاڻا،
پرينءَ جي پاران، مون سان وڏا ئي وڙ ٿيا.

(تاڙيون)

لطيف چوي ٿو تہ تون ڪيڏي بہ قرباني ڪرين، پاڻ کي جلائي ڇڏين، خاڪ ڪري ڇڏين، پر تون جيڪڏهن پنهنجي عظيم مقصد سان سچو

آهين تہ ڪڏهن بہ نہ چئو تہ آئون ڏکيو ٿيس. ڪڏهن بہ نہ ٻڌائي تہ مون هيڏي قرباني ڪئي. ڇوتہ تنهنجو جيڪو مقصد آهي، تنهنجي قربانيءَ کان هزارها دفعا وڌيڪ مقدس، طاقتور ۽ دائمي آهي. تنهنجون سڀ قربانيون، ان عظيم مقصد جي حاصلات جي جدوجهد جي تقدس جي سامهون نيچ ۽ ناپاڪ آهن، معمولي ڳالهيون آهن، انهن جي ڪابہ اهميت ناهي. تون سڄي زندگي ويٺو قربانيون ڪر، پر جيڪو مقصد تنهنجي اڳيان آهي، تنهن جي پيٺ ۾ تنهنجون ڪوششون، تمام هيچ ۽ حقير آهن. انهن جي ڳالهہ بہ نہ ڪر! سسئيءَ جي واتان چوائي ٿو:

"ڪ ڪي ڪڙيان پير....."

ڪڙڻ جي معنيٰ سمجهو ٿا؟ مال چور چوري ڪري ويندا آهن، پوءِ پيرن جي هيٺيان ڏبيون آهن ليڪون. ابا! هي پيو چور وڃي. ان کي چئبو آهي ڪڙڻ. چوي ٿي:

"ڪ ڪي ڪڙيان پير....."

پنهون، جو گم ٿي ويو آهي، ان جي اُڻن جا پير ڪڙيان. هتي بہ ڪم ٿي پيا آهن، ٻئي ڪم ڪڏ ڪيئن ٿيندا؟

ڪ ڪي ڪڙيان پير، ڪ ڪڙهان ڪيچ ڏٽين لڳ.

بہ ڪم ٿي پيا آهن: هڪڙو تہ پنهونءَ کي ڳولڻو آهي، پير ڪٽڻا آهن ۽ ٻيو ڪم آهي تہ پنهونءَ جو ماتم ڪرڻو آهي، جو هڪڙو محبوب ويو هليو آهي. ان جي غم ۾ جدائيءَ ۾ روئڻو آهي، ٻاڪارڻو آهي، ماتم ڪرڻو آهي. اهي ٻئي ڪم ڪيئن ڪريان؟ جي هن جو پير ٿي ڪڙيان تہ پوءِ ماتم رهجيو وڃي.

ڪ ڪي ڪڙيان پير، ڪ ڪڙهان ڪيچ ڏٽين لڳ
اِيءُ ڏنئون ڏيئي ڏير، پاڻان پراهان ويا.

لطيف سائين چوي ٿو:

ڪڙهہ پڻ ڪيچ ڏٽين لڳ، ڪڙ پڻ پير سندان،
اُنين پر اُتان، پوندينءَ مُنڊ! پهاڙ ۾.
ٻئي ڪم ڪڏ ڪرڻا اٿئي.

تہ پوءِ؟ لطيف سائين چوي ٿو:

ڪڙهي ۽ ڪڙي، پر ۾ پير پنهونءَ جو
سڪ ٻڌائين سندرو جانب لڱ جڙي،
لانچي لڪ لطيف چئي، مُنڊ جهيڙي ۽ جهڙي،

آخري ست تي غور ڪريو:

پٽيءَ تان نہ پَڙي، جي عمر سڀ ايئن ڪري،

سائين! قربانيون ڪيون سين، ڏنڪا ڪاڏاسين، پر اسان کي مليو ڪجهہ ڪونہ! لطيف سائين چوي ٿو تہ:

پٽيءَ تان نہ پَڙي، جي عمر سڀ ايئن ڪري،

زندگيءَ جا اعليٰ مقصد، وفاداري، سچائي، آخري دم تائين بيهڻ، پاڻ کي ڪجهہ نہ سمجهڻ، عظيم مقصدن لاءِ پاڻ کي ارپي ڇڏڻ، زندگيءَ ۾ ڪجهہ بہ نہ گهرڻ، هڪڙو پيرو صحيح ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ويئي تہ:

تہ پڻ ٿي ويون، جي پنهونءَ پاڻ لکايون.
پنهون گم ٿي ويو،
تہ پڻ ٿي ويون، جي پنهونءَ پاڻ لکايون.

ان داستان کي خيال ۾ رکي، آئون چوان پيو تہ لطيف سائين اسان جو روحاني ڈاڪٽر آهي. جيڪي بہ توهان هن ملڪ ۾ ڏسو ٿا، انهن سيني خرابين جو بنياد ڇا آهي؟ سستي، بيوفائي، موقعي پرستي، خسيس مقصد، ابن الوقتي، شوبازي، تنگ نظري، ٿورن ڏينهن جو خيال، چئن ڏينهن جو چٽڪو، پوءِ انڌيري رات. ٺڳي، فراڊ، هڪ ٻئي سان فراڊ، انهن سيني ڳالهين جو علاج آهي لطيف سائينءَ جي تائيد ڪرڻ. اها پاڻ ڪريون تہ صورتحال تبديل ٿي ويندي ۽ پنهنجي حق ۾ ٿي ويندي. پوءِ اهي ڏينهن پري ناهن، جڏهن حق ۽ سچ جا نعرا بلند ٿيندا ۽ پوءِ حق جي فتح ٿيندي، سچ جي فتح ٿيندي، انصاف جي فتح ٿيندي، برابريءَ جي فتح ٿيندي، قانون جي فتح ٿيندي، عوام جي فتح ٿيندي، فتح مظلوم عوام جي ٿيندي، فتح هارين، پورهيتن ۽ مزدورن جي ٿيندي، فتح توهان ۽ اسان جي ٿيندي ۽ فتح سيني ماڻهن جي ٿيندي.

جيئي سنڌ، جيئي لطيف!

اِيءَ وڙ ويڙهيچن

ڪنهن زماني ۾ لطيف لاءِ چيو ويندو هو ته لطيف هڪڙو سنو شاعر آهي ۽ دعائون اهڙيون پيو ڏي جو ماڻهن کي پٽ ۽ ڏيئون پيون جمن.

لطيف جي باري ۾ چيو ويندو هو ته لطيف تمام زبردست شاعر آهي ۽ قابل ماڻهو آهي ۽ شاعري ۾ قرآن جون آيتون اٿس، چوته لطيف جي شاعري ۾ آهي ته،

جي تو بيت پانئيا، سي آيتون آهين،
نيو من لاهين، پريان سنڌي پار ڏي،

لطيف جي شاعري آهي ئي اها. ڊاڪٽر گربخشاڻي لکيو آهي ۽ ٻين ماڻهن ٻه لکيو آهي. سيني چيو ته لطيف زبردست شاعر آهي. قابل آهي. ڪن چيو ته اڻ پڙهيل هو. ڊاڪٽر گربخشاڻي چيو ته لطيف اڻپڙهيل ڪونہ هو پڙهيل هو۔ ته ڳالهہ ايتري حق جي راهہ ڏيکاريندڙ آخرت جو سبق سيکاريندڙ دنيا ۾ انسان لاءِ زندهہ رهندڙ ۽ مارئي جي ملير سان محبت ڪندڙ ماڻهو هو. ڳالهہ صرف ايتري

مون جڏهن لطيف کي پڙهيو پر ان کان اڳ ۾ آئون دنيا جي شاعري چڱي طرح پڙهي چڪو هئس. عربي شاعري، فارسي شاعري، جرمن ۽ چيني، يوناني ۽ رومي شاعري وغيره. مون سمجهيو ته هي ڳالهہ اها آهي ڪانہ۔ لطيف ۾ ته ٻيون ڳالهيون آهن. هڪ دفعي سنڌ يونيورسٽي جي لائبريريءَ ۾ هئس. اتي لائبريري ڏٺم پئي. چوته آئون سڄو ڏينهن نوان ڪتاب ڳولينڊو ۽ پڙهندو رهندو آهيان. لائبريري جي تلاشي پئي ورتم ته جرمن شاعر گوئٽي جي ڪتاب مان ٽڪرا پڙهيم. گوئٽي دنيا ۾ جيڪي وڏي ۾ وڏا شاعر آهن، تن مان هڪڙو هو. گوئٽي چيو ته، مون کي دنيا ۾ جيڪو سٽي ۾ سنو ڊراما نظر آيو اهو شڪنتلا هو. اهي هندستان جا ماڻهو هئا. شڪنتلا چڱي شيءِ آهي.

جڏهن مون 1964ع ۾ ڪراچي يونيورسٽي ۾ لطيف تي تقرير ڪئي ته مون چيو ته هنن لطيف جون جيڪي به وصفون بيان ڪيون آهن، اهي سڀ ٻاراڻيون ڳالهيون آهن. لطيف جو اصل مقصد رڳو دعائون ڏيڻ ۽ ماڻهن کي ملير ۽ مارئي سان محبت ڪرڻ ۽ سيکارڻ ناهي. اهي سڀ ڳالهيون وسيلا آهن، ڪنهن ٻي ڳالهه ڏانهن ته اُن ٻي ڳالهه ۾ اهي سڀ ڳالهيون اچي وڃن ٿيون.

پڇيائون ڪهڙيون ڳالهيون. مون چيو اهي ڳالهيون هي آهن: هي جهان جهڙو بنايل آهي، جيڪي ڏاها ماڻهو آهن، تن کي سڀ نظر اچي ٿو انڌا ڪوڙ آهن. ڏسن پيا ته ڪمائين هڪڙا ۽ کائين وري ٻيا. ڪروڙين ماڻهو سڄو ڏينهن ڪم ڪن بکون ڪاٽين ۽ ٿورا ماڻهو انهن جي ڪيل ڪمائي کايو پيٽ وڏايو هلن پيا، تقريرون ڪن پيا. ٻيا ويچارا غريب ڪنڌ هيٺ ڪريو منهن لڪايو ويٺا آهن. ۽ تي ماڻهو آهن جي چون پيا ته غريبن کي خدا ڪارڻ ڏيو. چوته هُن دنيا ۾ پاڻ کي حورون ۽ پريون ملنديون، يعني غريبن کي جيئڻ جو حق ناهي، انهن کي ماني ملڻ جو حق ناهي، انهن کي عزت سان رهڻ جو حق ناهي، انهن کي خدا ڪارڻ ڏيو. الله سائين توهان سان هِن دنيا ۾ پلائي ڪندو. معنيٰ ته غريب جي زندگي خيرات تي گذري. سائين وڏو معتبر ماڻهو هو سخي ماڻهو هو غريب ماڻهو جيڪو آيو ان کي ٽُڪر ڏئي هليو ويو. يعني ته غريب رهندا ٽُڪرن تي. جيڪي دنيا جا وڏا ۽ ڄاڻو ماڻهو آهن، تن جو خيال آهي ته هي سڄي دنيا جي ملڪيت آهي ئي غريبن جي. هو ته وڏيرا جاگيردار سرمائيدار ٽوٽي آهن، ڪم چور آهن. نياڳا آهن. پرائي مال تي ٽوپي نراڙ تي، غريبن کي ڦريو لٽيو معتبر ٽيو ويٺا آهن. اصل حڪومت هئڻ ئي غريبن جي ڪپي. اختيار هنن وٽ هجن ملڪ جو انتظام غريب هلائين. چوندا آهن ته "جتي باهه ٻري، اها جاءِ جلي. ڪهڙا سيڪ پاڙي واليانون".

ڏکويلن جي ڏک ۽ درد جو ڪهڙو قدر هنن کي. هو جيڪي غدار وڏيرا ۽ جاگيردار ويٺا آهن، پيٽ وڏايو هنن کي ڪو شرم آهي. ڪو حياءُ آهي. ننڍڙن ٻارن سان ۽ بن سالن جي ٻارڙين سان زنا پيو ٿئي. هُو چَپ نه ٿا چورين، چو ته هنن جو واسطو ئي ڪونهي. هنن جي ماڻڻي ئي ڪانهي.

ڏريائين ڏاريان، مِٽ مٿي جا نہ ٽيا،
مَدي ڏيرن من ۾ ڪليو ڪيڪاريان،
صبح اُٺي ساريان، تہ اٽ نہ اوطاقن ۾.

سڀ ٽَپڙ هنن وٽ. پاڻ سمجهون ٿا تہ هي پنهنجا وڏا آهن. غريبن ۽ مسڪينن تي رحم ڪن، انهن کي نہ مارائين. 30ـ 40 سال اڳ جي ڳالهہ آهي، مون يونيورسٽي وارن کي ٻڌايو تہ لطيف ائين ڪونہ چيو تہ رڳو غريبن تي رحم ڪريو. لطيف غريبن جي رحم جي ڳالهہ ڪئي ناهي. لطيف چئي ٿو تہ غريب ئي اهي آهن جن تي هِن دنيا جو ڪارخانو هلي ٿو. غريب ئي قابل فخر آهن. اهي فخر جي لائق آهن. جن کي ڏسي ماڻهن کي خوشي ۽ سرهائي ٿئي، انهن جي پنيان هلجي، انهن جي پٺ وٺجي، انهن کي اڳيان ڪجي. لطيف ڪوڙ ڪونہ ڪيو ماڻهن کي اشارو ڪري ڪونہ چيو تہ بئنڪ بئلنس ناهيو ۽ ويٺا هجو. جيئن ڪجهہ ماڻهو ڪروڙپتي آهن.

لطيف چيو هو تہ غريب آهن، مسڪين آهن، بکيا آهن، سڀ آهن پر تڏهن بہ هو (غريب) قابل فخر آهن.

مٽن ٽٻڪ ٽٻڪڙا، چڪندڙا اچن،
ڪڙيون ڪيهہ پڪليون، پگهر سر پيرن.

پيرن ۾ مٽي لڳي پئي آهي. هيئن ڪونہ چيائين تہ اڙي ويچارا غريب آهن. ويچارن تي رحم ڪريو. چيائين نہ۔

چئي ٿو۔

ايءَ وڙ ويڙهيچن، مون لوڏان ئي لکيا.

غريب آهيون، مسڪين آهيون، اسانجا ڪپڙا ايرا آهن. سا ڳالهہ شرم جي آهي؟ نہ هرگز نہ!

اسين تِتان آيون، جت ڪهنيو ناهي،
وڃون ڪنهن وهاڻ، تہ پٽ مٽن لويون.

اسان جهڙيون قابل فخر. دلير، بهادر عورتون جن وٽ ڪونپي جونالو بہ ڪونهي.

هي غدار وڏيرا پيٽ پرست سنڌي ٽوپڙي پايو مڙس ٽيو ۽ لوئي جي لڄ وڪڻيو ويٺا آهن. لوئي جي لڄ وڪڻي ڇڏيائون، عزت وڪڻي ڇڏيائون وقار وڪڻي ڇڏيائون ۽ غيرت وڪيو ويٺا آهن.

جي لوڙ لڳين لاهيين، چيري چيري چم،
مون ڪُر اڳ نہ ڪيو اهڙو ڪوجهو ڪم،
جان جان دعويٰ دم، تان تان پرت پنهوارن سين.

مارئي ٿي هنن غدارن کي چوي- تہ منهنجي خاندان کڏهن اهڙو ڪم ڪونہ ڪيو آهي

هي منهن ڏئي ہن، تون وهہ کائي نہ مرين،
منهن کي کڏ ۾ هٽي- اي غدار سياستدان ويڪائو
تان جي مليو ڇايون، توسين سگ نہ ڪن،
تون ڪئين منجهان تن، ٿي پاڻ ڪوڻائين مارئي.

يعني: سياستدان نہ ٿو مرين،

مون ٿورن اکرن ۾ چيو- لطيف هڪڙي ڳالهہ جو شاعر آهي ۽ اهو ڪم ٻئي ڪنهن وٽ بہ ڪونهي. مون ذري گهٽ سڄي دنيا جي شاعري پڙهي آهي.... آئون سڄو ڏينهن 24 ڪلاڪ خبرچار رکندو آهيان، تنهنڪري مون هُنن کي هڪڙي اکر ۾ ٻڌايو تہ لطيف تي تحقيق جو ڪم ٿورو ٿيو آهي. هي جهان خراب آهي، سنو ۽ سهڻو جهان، پنيور ۾ پنهون جي اڇ جي ڪري ڦيرو آيو سو لطيف جي نظر ۾ ائين دنيا ۾ ٿئي. "برو هو پنيور- پر آرياڻي اجاريو- آرياڻي معنيٰ هتي اوهان انقلابي ماڻهو ٿيڻ کپو".

برو هو پنيور، پر آرياڻي اجاريو آرياڻي اهو ناهي جيڪو دنيا جا سڀ ٽپڙ ڪٽي، پنهنجي پيٽ ۾ وجهي پيٽ وڏو ڪري ويهي رهي. لطيف جي نظر ۾ آرياڻي ڪير آهي؟ مڙس ماڻهو ڪير آهي؟ قابل فخر ماڻهو ڪير آهي؟ لاٿو سڀ لوڪ تان، هاڙي ڏٽي هور.

جنهن سڄي جهان جي مسڪينن ۽ مظلوم ماڻهن جي مٿان، خوف ڊپ ۽ دهشت جا خطرا لاهي ڇڏيا هجن. انهن کي آزاد ڪري ڇڏيو هجي. اهو آهي مڙس، اهو آهي بهادر جيڪو ڏک سک ۾ گڏ هجي. سمورن ڏکن ۽ تڪليفن کان آزاد ڪري اهو آهي مڙس.

پوءِ ڪم ڪهڙو ٿيو؟ هن ۾ لطيف جو مقصد ڇا آهي؟ ڳالهہ کي سنو ٿو ڇئي، هي جيڪي حڪمران ڪريو ويٺا آهن، سو سنو آهي؟ اهو سنو ناهي، اهو ڪِنو، گندو ۽ خراب آهي.

اهو سنو ڪئين ٿيندو؟

لاٿو سپ لوڪ تان، هاڙهي ڏٽي هور-
چوريون ڇُرڻ سکيون، پنهون ڪيائون پور.

چوريون- جيڪي نڏٽڪيون هيون، جيڪي يتيم هيون، جيڪي لاوارث هيون سي پنهون جي اڳواڻي ۾ ڇُرڻ ٽپا هڻڻ، فنڪاري ڪرڻ، اڳتي وڌڻ، زنده رهڻ سکيون- "آيو سو اتور" هاڻي آهي اصل اکر "جنهن، ڏکيون ڏِک ويهاريون" توهان کي خبر آهي ته ڏِک ڇا ٿيندي آهي؟ ڏک معنيٰ سيڄ- سيڄ تي عوام کي غريبن کي، مسڪينن کي ويهارڻ. لطيف انقلاب جو شاعر هو. انقلاب کي سمجهڻ کان سواءِ لطيف سمجهي سگهبو ئي ڪونہ. مون ان تقرير ۾ چيو ته لطيف انقلاب جو شاعر آهي، دنيا ۾ اڪيلو انقلابي شاعر آهي. انقلاب ڪهڙو آ؟ انقلاب ڇا آهي؟ انقلاب معنيٰ شيون ابتيون ٿي وڃن. حالتن کي تبديل ڪرڻ، جيڪا هيٺ آهي، جيڪا زمين تي آهي، سا آسمان تي ٿي وڃي، ۽ آسمان زمين تي لهي اچي جيڪو بکيو آ- سو تونگر ٿي وڃي. جيڪو تونگر آ تنهن جي اڳيان ماني جو گراهہ اچي وڃي. جيڪو ڏاڍو آ، سو هيٺو ٿي وڃي ۽ هيٺو وري ظالم کان وڌيڪ طاقتور ٿي وڃي. ڇئي ٿو: "آيو سو اتور جنهن ڏکيون ڏِک ويهاريون" جيڪي ڏکيون هيون، تن کي ڪنوار وانگر سينگاري، سيڄ تي ويهارڻ، اهو هو پنهون- اهڙا ماڻهو کپن. غريبن تي رحمو رحم نہ ڪريو. پر ملڪ جو مالڪ ڪريو. غريبن کي ڏٽي ڪريو.

غريبن تي مسڪينن تي هٿ رکو.هزار طريقن سان لطيف اها ڳالهہ ڪئي آهي. سسئي جي بيت ۾ ڇئي ٿو: اڏر معنيٰ جنهن جو آڌار نہ هجي، نِڏر جنهن جو ڪو سهارو نہ هجي،

اڏر نڏر ايري غمن گماتي،
سا ڪيئن ويهي ويسري، جا گهائي گهماتي،
پيئي پيش پنهون جي، اُسن ۾ آتي،

هيستائين چا ٿيو آهي؟ اڏر آهي. نڏر آهي. غمن ۾ گهماتيل آهي، اُسن ۾ آڻجي، ڪاراڻجي، لُوساڻجي وئي، سا آهي سسئي.

هاڻي انقلاب چاکي چئبو؟ "جا لَڪن لوساڻي، سا سيج چڙهندي سسئي." جيڪا اچي چانوَ ۾ ويهندي، پاڻي پيئندي، دال ماني ۽ پت کائيندي۔ اها تہ ابتي ڳالهہ جا ڏک ڏسندي، جئين پاڻ ٿا ڏسون:

اڏر نڏر ايري، غمن گماڻي،
سا ڪيئن ويهي ويسري، جا گهائي گهماڻي،
پيئي پيش پنهونءَ جي، اُسن ۾ آڻي،
جا لُڪن لوساڻي، سا سيج چڙهندي سسئي.

پاڻ کي ۽ پنهنجي عوام کي سيج تي ويهڻو آ. اهو ئي اسان جو حق آهي. فقط اهائي اسان لاءِ عوام لاءِ صحيح جاءِ آهي.

ان لاءِ چا ڪجي؟ چا ڪرڻ کپي؟ تنهن لاءِ سمجهہ کپي. علم کپي، شعور کپي. ان کي جديد ادبي هوليءَ ۾ نظريو چئبو آهي. سمجهہ کپي. عقل کپي تہ جيئن گس جي خبر پوي، رستي جي خبر پوي. لطيف وڌي ڳالهہ سمجهائي آهي. چئي ٿو تہ جي اسان کي ڪو نئين وات نہ سمجهائي ها ۽ جي ڪو نئون اڳواڻ، نئين اڳواڻي نہ ڪري ها تہ اسين جهڙا ماڻهو هئاسين، تهڙا ئي ماڻهو هجون ها. نئين اڳواڻي، نئين سمجهہ، نئين روشني، نئين نظر ۽ نئين عقل جي ضرورت آهي. نئين شيءِ جي معني ڇا آهي؟ جن ڳالهين کي اسين بهترين سمجهون ٿا ۽ تن جي باري ۾ جي خبر پوي تہ هيءَ ٽڪي جي شيءِ آهي. هڪڙو ماڻهو ڪُڪڙ ڪٽي، پئسا ڪٽي، پوليس جو ٽائوٽ ۽ دلال ٿي ڪم ڪيرائي پيو. چئبو تہ ڏاڍو جلال وارو ماڻهو آهي. پلو ماڻهو آهي. واهہ واهہ ڪمال ڪري ڇڏيو اٿس. ويچارا هي سڀ ماڻهو هتي وينا هئا، هي ويو ۽ ڪم ڪري آيو. پوليس ۾ هنجي هلندي ۽ پڇندي آهي. پوءِ پلي اهو ماڻهو دهشتگردن سان گڏيو وينو هجي، پر چوندا تہ ڇالاڪ ۽ قابل ماڻهو آهي، پر اصل ۾ ڇا آهي؟ اصل ۾ ڇالاڪ ۽ قابل ماڻهو ڪونهي. غدار ۽ ٽائوٽ آهي؟ ۽ پاڻ غدار کي چيو تہ هي وڏو قابل آهي. هو ٽيو آهي غدار، ٽائوٽ ۽ دلال ۽ ايجنٽ، تنهن کي پاڻ ساراهي، واکاڻي، کٽي آسمان تي پهچائي ڇڏيو آهي. اها ڳالهہ سمجهہ ۾ ڪيئن ايندي؟ سمجهہ ۾ تڏهن ايندي، جڏهن دنيا کي سمجهبو، هن جهان کي سمجهبو. هن کان اڳ ۾ جيڪي 20_30 هزار سال انسان ذات جي زندگي، جيڪا رڪارڊ تي آيل آهي، ان جي خبر هجي. اهو

مشڪل ناهي، اهو رڪارڊ سڄو موجود آهي. ايندڙ هزار سالن ۾ ڇا ٿيڻو آهي؟ ان جي ٽلهي ليکي، سڄي نہ ٻ، پر ٽلهي ليکي، جو هجڻ ضروري آهي. ماڻهو هوائي جهاز ڏريعي چنڊ تي وڃي پهتا آهن. پاڻ کي ايتري خبر نہ پوندي ڇا؟ ڪوشش ڪبي. اها جي خبر پئجي وڃي تہ پوءِ ماحول ئي ٻيو ٿي وڃي، نہ تہ سڄي عمر توهان پيا ڪم ڪريو. پڳٽيون ڪريو، ڳيچ ۾ راڳ پيا ڳايو، عقل پيا ڏوڙايو، حيران پيا ٿيو ڪجهہ ڪونہ ٿيندو....

"انڊي رڌيو ڪُتي چٽيو".

سسئي چئي ٿي تہ (پنهون ڪهڙو مڙس ماڻهو هو. اهو آئون اوهان کي پوءِ ٻڌايان ٿو) پنهونءَ ڪهڙيون ترارون هنيون اها توهان کي ٻ خبر آهي ۽ اسان کي ٻ خبر آهي، پر مطلب ڳالهہ جو تہ۔ سسئي چئي ٿي تہ مون کي اڳواڻ مليو جنهن کي پاڻ رڳو اڳواڻ ڪري ڪونہ ونڊاسين، پر پاڻ ان کي نظريو ان کي پارٽي، ان کي روشنائي ۽ ان کي رهنمائي ڪري ونڊاسين. سسئي چئي ٿي تہ، پنهونءَ جي ڪري آئون مشهور ٿي آهيان، نہ تہ مون کي ڪير سڃاڻي. آئون تہ هانيڙ جي ڏيءَ آهيان. غريب آهيان. هندواڻي آهيان. اها سڄي جيڪا ڳالهہ آهي، سا تہ مون کي اڳواڻ صحيح مليو. پاڻ کي سڀ نڳ ۽ موقعي پرست اڳواڻ مليا، لِپ استڪون ۽ پائوڊر هٽيو اڳواڻ ٿيو پئي هليا. اصل ۾ اهي اڳواڻ هئا ئي ڪونہ. لطيف چئي ٿو تہ اسين رڳو پڙهون نہ، پر انهن کي سمجهون، انهن کي پرکيون، رڳو ان کي ڳالهہ ڪري نہ ونون، پر ان تي عمل ٻ ڪريون.

سڏر سين سگ ٿيو پرکنڊين پياس،

سڏر سان وڃي سنگ ٿيو تنهن ڪري منهنجو ناتو پنيور سنڌ، بلوچستان ڇڏي ٻين ڪنڊن تائين پکڙجي ويو. آئون وڃي ٻين ڪنڊن تائين پهتس. يورپ، ايشيا، آمريڪا تائين وڃي پهتس.

سڏر سين سگ ٿيو پرکنڊين پياس،
ڪير برهمڻ ڪن جي، ڪير ڄاڻي ڪيڏاس؟
هوند نہ سنڌ سُياس، هِن پرئين ڪيس پڏري،

لطيف چوي ٿو تہ رواجي طور تي هي جيڪي ڏاها هئا ۽ آهن، سي سڀ بڪواس آهن. ڇاجا قابل آهن؟ اک ٿي ڏار۔ پنهنجي اکين ۾ خرابي آهي،

پاڻ جيڪي ڏسون ٿا، اهو غلط آهي، زبردست ماڻهو پاڻ کي خراب لڳن ٿا. ڪنا گندا ماڻهو جن جون پاڻ تعريفون پيا ڪريون، چئون ٿا وڏا قابل آهن، وڏا ڏاها آهن، جيپن ڪارن تي چڙهيو وتن. پهرين انهن کان وڃي پڇو تہ توهان هي جيپون ڪارون آنديون ڪٿان؟ ڪهڙيون ترارون هنيوَ جو هي جيپون ڪارون ورتيون آٿئ؟ تنهن ڪري لطيف کي جنهن پڙهيو هوندو سمجهيو هوندو ان جي نَس نَس ۾ هن سموري جهان کان ۽ سماج کان بغاوت هوندي ۽ ان ۾ هن عوام دشمن سماج کي سڌارڻ لاءِ هزارين لکين قوتون هونديون.

لطيف سائين چئي ٿو:

اک الٿي ڏار، ونءَ ابتو عام سين،

ماڻهو جيڏانهن وڃن ٿا، تيڏانهن نہ وڃ ـ نہ وڃ ـ نہ وڃ. "اک الٿي ڏار، ونءَ ابتو عام سين." جي لهوارو لوڪ وڃي، (لوڪ جو ڪارو منهن ٿئي). هوڏانهن پيو وڃي، سمنڊ ۾ غرق ٿيڻ پيو وڃي، پر ان طرف تون نہ وڃ.

اوچو وهہ اوپار، منجهان نُوچ نهار، پُر پنيرو پرين جي

لطيف جي ٻولي ۾ فهم گهٽو آهي.

اوڪٽياڻي وارا غلط رستا، دراصل ۾ اهي صحيح رستا هوندا آهن.

جيڪي دنيا چوي ٿي تہ غلط رستا آهن، دراصل اهي ئي صحيح رستا آهن. ڪي ڪي ماڻهو اوڏانهن وڃن ٿا. سڀ ماڻهو ڪونہ ويندا آهن.

ڪپيريءَ ۾ پير، ڪنين پاتو پيريين

گمراهي وارا رستا، غلط رستا ـ تن ۾ ڪو بخت وارو ماڻهو هوندو جنهن ان ۾ وڃي پير پاتو.

دنيا چئي ٿي تہ اهو گمراهي وارو رستو آهي. ڪامريڊ مٽي اگهاڙا، بکيا هوندسي ويندا اوڏانهن. مون چيو اهي ڪامريڊ ئي آهن، جيڪي پنهنجي وطن سان وفادار آهن، مڙس ماڻهو آهن، بهادر آهن، دلير آهن. ٽائوٽ ۽ دلال ناهن. ڪرائي جا ماڻهو نہ آهن. ماڻهن جي نظر ۾ صحيح رستو مفاهمت وارو رستو آهي.

مفاهمت وارو رستو! مفاهمتي رستو! قوم وڪڻ ـ مفاهمتي رستو! غداريءَ وارو رستو ـ مفاهمتي رستو! ماڻهو مارائڻ، سڀ ٽپڙ وڪڻ، مفاهمتيءَ وارو رستو! ماڻهو مارائي، ڏند ڪيڏي ڪلي وري چون ٿا سڀ ياءُ آهيون. ڳلن تي چميون. مقصد تہ آهي ئي ڪونہ.

ظاهر ظهور ۾ ماڻهو لاءِ سڀ رستا آهن ئي، گمراهيءَ جا رستا ـ ڏکيا رستا.

آئون سپريم ڪورٽ جو وڪيل آهيان، مون کان سڀ جونيئر آهن.

لطيف چئي ٿو: ڪپيريءِ ۾ پير....

ڪوبہ ماڻهو کي نہ سمجهندو تہ هن ڳالهہ ۾ وَٽ ڪهڙو آهي. هي جيڪو گمراهي وارو رستو آهي، سو شاندار منزلن ڏانهن پيو وڻيو وڃي. لطيف جو شعر آهي، جيڪو هندوستان جي روايتن جو شعر آهي. لطيف کي هندوستان جي روايتن جي بہ خبر هئي. هن برصغير جي ٻين علائقن کي بہ ڪنيو آهي.

هندوستان ۾ ايڏا تائين ماڻهن جي اڪثريت صحيح معنيٰ ۾ هو شهري ليڪين ئي ڪونہ ٿا. مڃين ئي ڪونہ ٿا. خلاف ٿيو ويندا آهن. ائين هر هنڌ آهي. پاڻ وٽ بہ اُهي. سڃي ڪائنات جي انسانذات ۾ جيڪا گڙٻڙ آهي، جنهن ڳالهہ کي سمجهيو نہ ويو آهي، جنهن ڳالهہ ۾ ماڻهن ڏک ڪاڏو آهي. جنهن ڳالهہ ۾ ماڻهن جا ٽپڑ رُلي ويا آهن ۽ تباهہ ٿي ويا آهن، اهي آهن ٻار ۽ عورتون ـ جيڪي هيٺا آهن. ٻار آهي، بہ چماٽون هڻيو ڏڙڪا ڏيو پڃايو ڇڏيونس. مائي آهي، ماني ديرسان پڃايائين تہ بہ سونڊا هڻيو ڇڏيونس ٿا. اسان وٽ ائين آهي.

لطيف جو مُکي ڪم آهي، جيڪو ماڻهوءَ کي وڏو ڪريو ڇڏي. لطيف شعر پڙهندو هو تہ رڳو پاڻ کي ٻڌائڻ لاءِ، شعر چوڻ وارو بہ پاڻ ۽ ٻڌڻ وارو بہ پاڻ. ٻيو الله الله خير صلاح ـ تنهن ڪري لطيف عجيب غريب ڳالهيون ڪري ويو آهي. عجيب غريب ڳالهہ اها آهي تہ، لطيف جا جيڪي سورما آهن، سي سڀ هڪڙو ٽڪو ڪونہ لهن، پنهون، ميهار اهي سڀ آهن، سي چار آنا بہ ڪونہ لهن. هو جيڪو پنهون آهي، تنهن کي ڪٽي ويا، سو سسئي پٽيان آيو ئي ڪونہ، سار بہ نہ لڌائين، پُڇا بہ ڪونہ ڪيائين. هو جيڪو ميهار آهي، پاڻ درياء جي پرين پار ويٺو آهي، انتظار پيو ڪري تہ سهڻي درياءُ اُڪري مون سان اچي ملي. پاڻ ڪونہ ٿو اوڏانهن وڃي. پاڻيءَ ۾ ڪڏهن پير بہ نہ پاتائين. سڀ ڪم زالون ٿيون ڪن.

ڪنڊي جهليو ڪانهن، عاشق اُيو آهون ڪري،
تو ڪيئن ٻوڙي سهڻي، ٻيلي منهنجي ٻانهن،
درياء توتي دانهن، ڏينڌس ڏينهن قيام جي.

اڙي پاڙيا تون گهڙي وڃ، پر نہ رڳو دانهون پيو ڪري

ميهار ڪنڊيءَ جي پويان هڪ هنڊ ويٺو آهي. سهٽي ويندي تہ ميهار ملندس، نہ تہ هو اتي ئي ويٺو هوندو.

هوڏانهن سهٽي آهي:

جيهر لوڪ جهپ ڪري، ذرو جاڳ نہ هوءِ،
اوهير اچيو اديون، پهہ پريان جو پوءِ،
جي ڪچو چونمر ڪوءِ، تہ مرڪ پائنئيان ميهڻو.

هي جيڪي سيئي عاشق هئا، ڪنهن ڪم جا ڪونہ هئا. ڪيت خان صاحب گهر جهليو ويٺو آهي.

ڪيت هڪڙو اڪر بہ ڪچيو ڪونہ، تہ ٽيڙ واري زال ڪاڏي ويئي؟ هو اشراف پنهنجي ڪم ۾ لڳو پيو هو، مزا پئي ڪيائين. ٿهيو جڙيو ويٺو هو، ڪڏهن مارئي جي پڇائي نہ ڪيائين. ها لطيف ئي ائين چيو آهي. مطلب ڇا آهي؟ مطلب هي آهي تہ، دنيا ۾ درحقيقت سُٺو ڪردار مردن جو ناهي، جيڪو ترارون هٽي مايون ماري ٿو سٺو ڪردار هن ڪائنات ۾ عورتن جو آهي. عورتن جو عظيم ڪردار رهيو آهي. هوءَ جيڪا سڀ ڪجهہ وساري ٿي، سڀ ڪجهہ سهي ٿي، سڀ ڪجهہ برداشت ڪري ٿي، ان ۾ اهڙيون بي پناهہ قوتون آهن، وفاداريءَ جون ۽ بهادريءَ جون، لٽين سان مٿو ڏاڙي ڇڏيوس تہ بہ محبوب سان وفادار رهندي. لطيف جو اهو خيال آهي ۽ دنيا جي سائنسدانن جو بہ اهو خيال آهي تہ ڪردار ۾ عورت ۽ مرد جو مقابلو ئي ناهي. بہ ٽي ماڻهو مارايائين تہ آسمان ڪري پيو ڇا؟ ڪردار ڪپي.

پنهنجي رستي تي ويٺو هجي.

نہ ڪلن نہ ڪين ڪي، نڪي ڳالهائين،
ڪنهن جنهن ۾ آهين، سا پر پروڙ ڏاکڙو.

وڏن وڏن دانائن وانگر. لطيف جو بہ اهو فڪر ۽ تحريري خيال هو تہ سورمي هتي صرف عورت آهي ۽ نازڪ ترين شيءِ آهي. جنهن جو احساس هئڻ ڪپي.

ٻار آهي، جيڪو سڄو ڏينهن ڪُتجي پيو اهو ئي وڏو ٿي وڏي شيءِ ٿيندو. ان جي جيڪڏهن هينئر ئي پرورش ڪجي تہ الائي ڇا ٿي سگهي

ٿو. جيڪڏهن هنن ٻارن تي ائين هٿ رکجي، لتون هٽي، ڏوڙائي پجائي نہ ڇڏجن. غربت ٻي شيءِ آهي، ڇوتہ لطيف جي هر شيءِ ۾ دنيا جي ڇوتڪاري جو راز انهن ماڻهن ۾ آهي، جيڪي هن عوام دشمن دنيا سان ٺهن نہ تا.

منهنجي ڳالهہ توهان سمجهي؟

هڪڙا ماڻهو آهن جيڪي سڄو ڏينهن پيا هر ڪاهين ۾ ووٽ پيا ڏين سائينءَ کي. ٻيا نمائيندا آهن پارٽي جا، جيڪي سڄو ڏينهن پيا سوچين تہ ڪيئن ٽيندو؟ ڪارل مارڪس جهڙا ماڻهو.

هن ڪتاب پڻي لکيا، ڪاڏو ڪونہ هئس، ڪرايو نہ هجڻ ڪري گهر مان ڪڍي ڇڏيائونس، سامان اُڇلائي ڇڏيونس، ڪجهہ ڪونہ هئس، بکيو هوندو هو. حضور ﷺ جن جڏهن امامت ڪئي تہ بيبي عائشہ رضہ کي چيائين تہ، گهٽا پئسا پاڻ وٽ نہ رک، نبين جي گهر ۾ پئسا نہ هوندا آهن. ههڙا مڙس. سندس اولاد کي شهيد ڪري ڇڏين. سندس نائي شهيد ڪري ڇڏين. پاڻ اِسلام ملن جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي. اوهين پڙهندا ڪريو. سڄي دنيا جي تاريخ سان گڏ مسلمانن جي تاريخ بہ پڙهو. ضرور پڙهو. ٿوري عربي بہ اچڻ کپي، ڪوشش ڪجي تہ عربي اچي. عربي رڳو ملن جي حوالي نہ هجي. ماڻهو پاڻ پڙهي سگهي ۽ انگريزي اچڻ کپي. سنسڪرت نہ اچي تہ ٻين ٻولين جا ترجما الاهي پيا آهن. گيتا جا ترجما انگريزي ۾ تمام گهٽا آهن. شاستر ۽ ٻيا ڪتاب انگريزي ۾ آهن. تنهن ڪري انهن ڳالهين کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ کپي. دنيا ۾ نئين ڳالهہ ٿيڻ کپي. جيڪا نئين ڳالهہ هيءَ آهي تہ هن دنيا کي نئين سر ناهڻو آهي.

("جشن لطيف" ڪوٽ غلام محمد ۾ ڪيل تقرير، 23 جولاءِ 2011ع)

وڳر ڪيو وتن

دوستو! مصيبتون دنيا جي قومن تي ايندیون رهن ٿيون. سڄي دنيا ڏک ۾ آهي، رڳو پاڻ ناهيون، عراق آهي، فلسطين ۾ ماڻهو عذابن ۾ آهن. ايڄا ڪجهه عرصو ٿيو ته ويٽنام تي ايٽم بم ڪيرايا ويا، ايران هينئر خطري ۾ آهي. دنيا ۾ انسان ذات سدائين صدما سهندي، تڪليفون سهندي رهي آهي. تمام گهڻن زمانن کان عورتون سدائين غلام رهيون آهن. مصيبتون، غلاميون، عذاب، اهي انسان جي تمام گهڻي تاريخ جو حصو رهيون آهن ۽ انسان هر دور ۾ انهن سان ويڙهه ۾ ڪئي آهي، مقابلو ۾ ڪيو آهي. هاڻي پاڻ سڀ ان دور ۾ آهيون، جتي پاڻ کي گڏجي انهن سان مقابلو ڪرڻو آهي. اڳي ته اسين قسمت جو لکيو سمجهي، انهن ڳالهين کي برداشت ڪندا هئاسين.

دوستو، اسان لطيف جون جيڪي تعريفون ڪريون ٿا، ان جو سبب ڪهڙو آهي؟ ان جو سبب هي آهي ته انسان ڪمزور آهي، انسان گهٽ سمجهه رکندڙ آهي، انسان کي سڀ کان وڌيڪ واڌ ويجهه لاءِ جيتري سمجهه جي ضرورت آهي، عقل جي ضرورت آهي، دماغ جي ضرورت آهي، ڪشادين دلين جي ضرورت آهي، همت جي ضرورت آهي. همت ته هوندي پر عقل نه هوندو، علم نه هوندو، خبر نه هوندي، ته خالي همت ڪهڙي ڪم جي؟ لطيف جي اهميت ان ڪري آهي جو هو تمام گهڻو ڏاهو ماڻهو هو. عام رواجي سينس ۾ نه، ته سڀ ماڻهو هو، چالاڪ هو، هوشيار هو، صرف اهو نه، پر تمام وڏو Intelligent ماڻهو هو، غير معمولي ماڻهو هو. پاڻ تصور نه ٿا ڪري سگهون ته لطيف ڪهڙي معنيٰ ۾ ۽ ڪهڙي حساب سان وڏو ماڻهو هو. بخار هجي، مٿي ۾ سور هجي، ٽي بي هجي ته انهن جي علاج لاءِ جيئن ڊاڪٽر ٿين ٿا، ايئن ڪڏهن ڪڏهن ڪي ماڻهو انسان ذات جا ڊاڪٽر ٿين ٿا. سمورن انسانن کي جيڪي گڏيل بيماريون ٿين ٿيون، گڏيل ڪمزوريون ٿين ٿيون، گڏيل مرض ٿين ٿا، گڏيل جهالتون ٿين ٿيون، لطيف

انهن جو علاج ڪندڙ هوءِ آهي. اها ڳالهه توهان جي سمجهه ڪان مٿي جي آهي، ڇوتہ اوهان لطيف کي صحيح معنيٰ ۾ ڪڏهن پڙهيو ئي ڪونهي، پر جڏهن پاڻ لطيف کي پڙهنداسين ۽ ڇڪيءَ طرح سمجهنداسين تہ پوءِ هي جيڪي اسان جا مرض آهن، انهن جو علاج ٿي پوندو.

لطيف جي سبق ۾ ماڻهوءَ جي دل هيڏي وڏي ٿيو پوي، چوندا آهن تہ جهجهن ڪنئي ڇپر ڪجي پوندو آهي. هن علائقي سان تمام بيدرديءَ سان دغا ڪئي ويئي آهي، نظرانداز ڪيو ويو آهي، دوکا ڪيا ويا آهن، هتي علم غلام رهيو آهي، سمجهه غلام آهي، همت غلام آهي.

پر مون کي خوشي آهي تہ هي وري نئون دور شروع ٿئي پيو جنهن ۾ تمام وڏو دخل لطيف جي سمجهه جو هئڻ کپي. جيڪڏهن اسين لطيف واري سمجهه حاصل ڪريون، ان سان محبت ڪريون، لطيف جي ڳالهين کي سمجهون تہ اسان کي هي جيڪي جبل نظر اچن ٿا، هي پهاڙ نظر اچن ٿا، سي اسان کي هيڏي وڏي هيبت ڪونہ ڏين ۽ معمولي شين وانگر نظر اچڻ لڳن. هن علائقي جي ماڻهن جي ڪمزوري ڏسي، ڪنڈ هيٺ ڏسي، انهن ۾ خوشبوءِ نہ ڏسي، انهن ۾ مٽيان نہ ڏسي، مون کي مزو نہ ايندو آهي.

ڪي ڏينهن هيا جو نينهن هيا ۽ ڪنهن جي سونهن ورونهن هئي،
نہ رهي، نہ رهي، نہ رهي، گذري بہ وئي، گذري بہ ويئي.

پر هاڻي ـ اياز چيو آهي:

اي دوست! بهار وري گل ڪيا، جهڙ ڇانئيا، پئمانا ڇُلڪيا،
باد صبا رهي بہ نہ سگهي، گذري بہ ويئي، گذري بہ ويئي.

(تاڙيون)

اهو دور هو هڪڙو جيڪو گذري ويو. هاڻي وري ماڻهن جي اکين ۾ ڪجهه چمڪ اچي پئي، ڪجهه روشني اچي پئي، ڪجهه همت وڏي پئي، ڪجهه نيون شيون اچن پيون، جيڪي مون کي متاثر ڪن پيون، سو تبديلي اچي پئي. جيڪو ماڻهو سماج سان نڙو وڙهي سگهي، جيڪو ماڻهو ڪنهن مظلوم سان انصاف نڙو ڪري سگهي، اهو ماڻهو آمرن سان، دشمنن سان مقابلو

ڪري سگهي ٿي نڪو. ٻئي ڏينهن پڇي ويندو. خود اسان سان گڏ وڏا پهلوان هئا. پر انهن ۾ دشمن سان مقابلو ڪرڻ جي همت ڪونہ هئي. سماج سان وڙهڻ جي جرئت نہ هئي. تنهن ڪري چپ ڪري ويهي رهيا. (تاڙيون)

لطيف سڀ کان وڌيڪ سماج سان بغاوت جي ڳالهہ ڪئي آهي. لطيف سماج جي سمورين ريتن رسمن ۽ رواجن، قاعدن ۽ قانونن جي پيڇڪاڙ ڪئي آهي.

لطيف جا سورما ٿورا آهن. لطيف جون سورميون وڌيڪ آهن. لطيف عورتن جا ترانا ڳايا آهن. ڇوتہ سڀ کان وڌيڪ مجبورين جي حالتن ۾ جيتري همت ۽ بهادري اسان جي عورت ڪري سگهي ٿي. اوتري جرئت مرد ڪري ئي نہ ٿو سگهي.

مون کي هن سماج جي تمام گهٽي خبر آهي. ڇوتہ آئون سڄي دنيا گهميو آهيان ۽ دنيا جي سيني مظلومن سان ڪچهريون ڪيون اٿم. تنهن ڪري مون کي خبر آهي تہ جيڪو عذاب ۽ پريشر عورت تي آهي. ان ۾ اسين مرد چريا ٿي وڃون. پر عورت ظلم جا عذاب سهيو ۽ برداشت ڪريو وينئي آهي. جي عورت انهن زنجيرن مان نڪري آزاد ٿئي تہ هن زماني کي تبديل ڪري سگهي ٿي.

تنهن ڪري اها ڳالهہ اسان هاڻي سمجهي آهي. پر لطيف ان دور ۾ اها ڳالهہ ٻڌائي ويو هو. لطيف سائين چئي ٿو:

منڊ نہ منجهان تن، پسي لَڪ لُڏن جي،
جا پر ڪاهوڙين، سا پر سڪي سسئي.

***

جي ٻڌان تہ ٻن، اولجان تہ ان پار ڏي،
ڪنڊيءَ اڇيو سپرين، مان ٻرا ٻرا ڪن،
ميائي سين تن، جيڪر اٿي نڪران.

سهڻي پهرين درياهہ ۾ گهڙي ٿي:

دهشت دم درياهہ ۾، جت جايون جانارن،
نڪو سنڊو سير جو، مپ نہ ملاحن،
درندا درياهہ ۾، واڪا ڪيو ورن،
سڄا ٻيڙا ٻار ۾، هليا هيٺ وڃن،

پرزو پيدا نہ ٿئي، تختو منجهان تن،
ڪو جو قهر ڪنن ۾، ويا ڪين ورن،
اتي اڙ تارن، ساهڙ سير لنگهاءِ تون.

(تاڙيون)

اهڙن خوفناڪ منظرن ۾:

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، ٻوڙيائين ٻانهون،
ويچاريءَ وڏيون ڪيون، وچ درياهه دانهون،
موت محبا! پانهون، تاڪن تڪي آهيان.

❊❊❊

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، چيلهه ٻڌي چوتو
منهنجو من ميهار کي، پار وڃي پهتو
گهوٽي ۾ گهوتو مون کي محب ميهار جو.

❊❊❊

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، ٻهون نهاري ٻنگ،
"سر در قدم يار فدا شد، چه بجا شد" وصل اهوئي ونگ،
رات جنين جو رنگ، الا! سي اُڪارئين.
گهڙي گهڙو هٿ ڪري، ٻهون نهاري ٻنگ،
"و امامن خاف مقام ربهٖ" ايءُ لنگهيائين لنگهه،
سڪندين کي سيد چئي ڪين جهليندو جهنگ،
رات جنين جو رنگ، الا! سي اُڪاريين.

لطيف صحيح معنيٰ ۾ عورت جي عظمت جا ترانا ڳايا آهن، نغما چيا آهن:

عمر سڀ عشق سين، پنهون جي پڇن،
ريس ريڏاليون تن سين، ڪهاڙي لئہ ڪن؟
مارڳ جي مرن، وڏا طالع تن جا.

لطيف اسان کي سچين پچين بهادرين جا ڏس ڏنا آهن، سچي پچي عظمت ڏيکاري آهي:

جي لوڻ لڳين لائيين، چيري چيري چم،
مون ڪر اڳي نہ ڪيو اهڙو ڪوجهو ڪم،
جان جان دعويٰ دم، تان تان پرت پنهوار سين.

هر حالت، هر تڪليف ۾ پنهنجي مارن سان وچن پارڻو آهي، لطيف اهو اسان کي سيکاري ٿو:

مر مرين، آئون روئين، موتي آءُ مَ ڪانڊ،
ڪچن وڌا پاند، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا.

***

ڀگو آئون نہ چوان، ماريو تہ وسهان،
ڪانڊ منهن ۾ ڏڪڙا، سيکيندي سونهان،
تہ پڻ لج مران، جي هونس پٽ ۾.

لطيف اسان کي اهو سبق ڏئي ٿو. مجيديءَ جو هڪڙو ڪلام آهي تہ:

هي جي ٽلها موتا آهن،
قوم وطن جي غدارن جا،
پـوتـا پـڙپـوتـا آهـــن.

جن کي توهان وڏا ماڻهو ٿا چئو اهي سڀ نام نهاد وڏا ڪوٽا، ڪيڏا پاڙيا آهن ۽ ڪيڏا بزدل آهن، لطيف اهو سبق سيکاري ٿو. (تاڙيون)

متو آهين مڇ، ٽلها! تو ٽونا هڻين،
تو جا پائڻين اڇ، تنهن پاڻيءَ پنا ڏينهڙا.

پاڻ ماڻهون انهن جي جاهہ ۽ جلال کان ڊڄون ٿا. لطيف سائين ٻڌائي ٿو تہ اهي جيڪي ڏسڻ ۾ هيڏا وڏا اڇن ٿا، سي ڪا شيءِ ناهن.

ڪپر گاروڙين سين، وڏو وڏءِ وير،
نانگ نہ ويندين نڪري، تو ڏر متي پير،
هي تنين جو ڊير، جن جهوناڳڙهہ جلائيو.

(تاڙيون)

اوهين ۽ اسين اڄ ڏسون ٿا، لطيف صديون اڳ ڏسي ويو هو. لطيف ان دور ۾ چيو هو تہ سڀ ماڻهو ڪير؟

اکين سو ئي اوڙکيو جو ڪنين سوم ڪرن،
ماءِ منهنجو من، جام پسندي ئي پتيو.

***

لاکا لک سڄن، پر ڦلاڻي پير ٻيو
جنهن پر راڻا راڄيا، ڪوٽن منجهه ڪنبن،
جنهن جو جاڙيجن، ستي سنڇو نه لهي.

لطيف ٻهادرين سان محبت ڪرڻ، ٻهادر مردن ۽ عورتن سان محبت ڪرڻ، انهن جي عزت ڪرڻ، انهن کي پوڄڻ، انهن کي اکين تي رکڻ سيکاري ٿو:

ڪاهوڙين ڪٽي، ساجهر ٻڌا سندرا.

***

ڪرکٽا لاهي، سڪ نه ستا ڪڏهين،
اوسيئڙو آهي، ڪاهوڙين کي پنڌ جو.

لطيف اسان کي سيکاري ٿو ته اسين الڳ الڳ نه رهون. ڪاهوڙين وانگر گڏجون. اسين خالي ذهن نه رهون، عظيم ۽ وڏا مقصد ڏاريون.

وڏو مقصد هجي، اسين آزاد هجون، ملڪ آزاد هجي، سنڌ آزاد رياست جو قابل احترام حصو هجي. اسان برابريءَ جي بنياد تي هجون. ڪنڌ مٿي ڪٽي هلجي. عورتن کي برابريءَ جي بنياد تي حق حاصل هجن. عورتون آزاد هجن، تنهن لاءِ اسان سيني کي مڙي مٽ ٽيٽو پوندو گڏجڻو پوندو. اتحاد قائم رکڻو پوندو. لطيف چوي ٿو:

وڳر ڪيو وتن، پرت نه چنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڻهان ميٽ گهڻو.

پکين ۾ ماڻهن کان وڌيڪ ميٽ آهي. لطيف جي واٽ ونجي، گڏ ٽجي، منظم ٽجي، هڪ ٽجي، پوءِ هو توهان کي ڪجهه به نه ڪري سگهندا.

لطيف جي ڪاهوڙين وانگر ميدان ۾ حق لاءِ، انصاف لاءِ، برابريءَ لاءِ، عزت لاءِ، آبروءَ لاءِ، انساني برابريءَ لاءِ سڀ گڏجي جدوجهد ڪريو.

اصل ڳالهه هئڻ کپي ته سڀ ماڻهو متحد ٿي، پرامن جمهوري عمل ۾ لطيف جي واٽ تي گڏجي، عظيم ترين مقصدن جي لاءِ اڳتي وڌون.

(سال 2004ع، "جشن لطيف" هنون ۾ ڪيل تقرير مان ورتل)

لطيف بابت سوالن جا ڏنل جواب

سوال: سنڌ جا ماڻهو اوهان جو قدر نه ٿا ڪن، اها خامي اوهان ۾ آهي، يا سنڌي قوم ۾. باوجود ان جي ته اوهان انهن ليڊرن مان نه آهيو جيڪي روز وڪامندا آهن؟

رسول بخش ڪپري- ڳوٺ حاجي علڻ خان لغاري

جواب: سنڌي ماڻهن جون پنهنجون حالتون پنهنجو ماحول، پنهنجي گهرجن جي پنهنجي سطح آهي. هن ۾ قدر ڪرڻ يا نه ڪرڻ جو ڪو به سوال نه آهي. ماڻهن جي سطح هڪڙي آهي، اسان جي سوچ ٽورڙي مٽيري آهي ۽ حال آهر سنڌي ماڻهو ڪافي موٽ ڏين ٿا. منهنجي نظر ۾ "ڪرسي" ڪنهن ماڻهوءَ جي قدر ۽ بي قدريءَ جي ڪسوٽي ناهي. مون اڳ ئي چيو آهي ته دنيا جا چوٽيءَ جا وڏا ماڻهو ڪنهن به ڪرسيءَ تي ويٺل ڪونه هئا يا شروعات ۾ ڪجهه به ڪونه هئا. خيال آهي ته لطيف سائين جي هن شعر ۾ منهنجي زندگيءَ جو فلسفو اچي ويجي ٿو:

"وڏا طالع تن جا، مارڳ جي مرن"

(شاهه)

منهنجي خيال ۾ رستي تان نه ٽڙڻ ۽ رستي تي ئي هلندو رهڻ، اها وڏي ۾ وڏي ڪاميابي آهي نتيجا بعد ۾ نڪرن ٿا. جيئن لطيف سائين چيو آهي:

ڪچين ڪاچوٽي، نانگن ٻڏي نينهن جي
جهڙا آيا جڳ ۾، تهڙا ويا موٽي،
سڪ نه ستا ڪاپڙي، لاهي لانگوٽي،
انهيءَ جي چوٽي، پورب ٽيندي پڏري

(شاهه)

سوال: لطيف سرڪار لاءِ چيو ويجي ٿو ۽ ڪجهه پڙهيو به آهي ته لطيف سائين اڻ پڙهيل هو. "امي" هو. جڏهن ته هن سان گڏ ٽي ڪتاب

هوندا هڪ مولانا رومي جي مثنوي، قرآن شريف ۽ شاهه عبدالڪريم بلڙي واري جو رسالو جڏهن پڙهيل نه هو اهي تي ڪتاب گڏ هوندا هيس ۽ نه ڪا وري ان جي لکت آهي. پوءِ ڪيئن مطمئن ٿيون ته شاهه جو رسالو پٽ شاهه واري لطيف جي شاعري آهي. (سفير ميمڻ رتو ديرو ضلعو لاڙڪاڻو)

جواب: لطيف جي پهرين علمي شرح لکندڙ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ اها ڳالهه ست سال اڳي واضح ڪري چڏي آهي ته لطيف اڻ پڙهيل نه هو. دراصل هو پنهنجي دور جي سڀ کان اڳتي وڌيل سماجي ۽ روحاني علم ۽ فڪر سان مسلح هو. جنهن ماڻهوءَ کي مشرق ۽ وچ اوپر جي تصوف، شاعري ۽ فلسفي جو ايڏو اونهو ايڏو وسيع مطالعو هجي، جنهن کي ايڏي پرپور ايڏي گهڻ طرفي ايڏي سماجي ۽ فني اعليٰ سطح جي ايڏي تخليقي سمجهه ۽ پروڙهجي ان کي اڻ پڙهيل سمجهڻ کان وڌيڪ ڇتائي ڳالهه ٻي ڪهڙي ٿيندي؟

سوال: مان شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ سنڌي ادب جي آخري سال جو شاگرد آهيان. آخري سال ۾ پهچي چوٽين جي مضمون جي عيوض مان مونو گراف لکڻ چاهيان ٿو. جنهن لاءِ مون کي يونيورسٽيءَ شاهه عبداللطيف جي سر ڪيڏاري جو جائزو وٺڻ جي لاءِ تاپڪ منظور ڪيو آهي. مٿي عرض ٿيل تاپڪ مون کي مونجهاري ۾ وجهي چڏيو آهي ته ڇا سر ڪيڏارو شاهه صاحب جو چيل آهي يا ڪنهن ٻئي فقير جو چيل آهي. ان مونجهاري مان نڪرڻ واسطي مان سنڌي ادب جي برڪ اديبن جا رايا وٺڻ چاهيان ٿو. توهان ادب جي هن ننڍي طالب کي مايوس نه ڪندا ۽ پنهنجين بيحد مصروفيتن مان ٿورو وقت ڪڍي مون کي ٻڌائيندا ته سر ڪيڏارو شاهه عبداللطيف جو چيل آهي يا نه؟ دليل سان وضاحتي راءِ ڏيندا.

محمد نصير پٺاڻ- خيرپور

جواب: منهنجي خيال ۾ ها. شعر خود ڳالهائيندا آهن ته اسان ڪهڙي ذهن ۽ روح جي پيدائش آهيون. سر ڪيڏارو جي ڪنهن ٻئي شاعر چيو آهي ته منهنجي راءِ ۾ اهو شاعر لطيف کان گهٽ درجي جو نٿو ٿي سگهي. لطيف کان سواءِ هن قسم جون سٽون سنڌي ۾ لکي سگهڻ جو ڪمزور کان ڪمزور شڪ جي ڪنهن ٻئي شاعر تي ڪري سگهجي ها ته اهو خليفو نبي بخش هجي ها، جيڪو گهٽو گهٽو پوءِ جو آهي. مجموعي طرح هيٺين قسم جون سٽون سنڌيءَ ۾ فقط شاهه ئي لکي سگهيو ٿي.

"ڇاٽي هيڪ الله، پاڻ وڻندیون جو ڪري"
"تنهن واحد ڪي واهر جو حڪم ڇڙائي ڪري"

❊

"مير مدينڻان نڪري، آئيا نہ موتي،
ڪارا رڳڙ ڪپڙا، ادا نيروتي!
آن تنين لئہ لوتي، جي مير مسافر رانئيا."

❊

"سختي شهادت جي نسورو ئي نار،
رند پروڙين راز قضيي ڪربلا جو."

❊

سچ ڪ بيبيءَ ڇايا، ڇڙا سورهر سپرين؟
پانئين سان سنئين، جڻان جيءَ جوکو ٿئي.

❊

بهادر گڏيا بهادرين، ڪڙڳ ڪلول ڪن،
وجهن ڏڙ ڏڙن تي، هاڪارين هڻن،
ڪرن، ڪنڊ نچن، رڻ گجيو راڙو ٿيو.

❊

گهوڙن ۽ گهوڙن، رڻ ۾ لائون لڏيون.

❊

گهوڙن ۽ گهوڙن، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا،
ڪڏهن منجهه ڪوڙن، ڪڏهن راهي رڻ جا.

❊

جهمنديون اچن، جهوليون جهونجهارن جون،
پايو ٻڪ ڀهارجا، ان جون وهون واڪا ڪن،
پڻين، پار ڪين، رڻ گجيو راڙو ٿيو.

❊

ڪانڊا ڪلارين، ڪپڙين وَرَا وناهيو آءُ،
جِت سانگين جي سَٽ وهي، اُت وِک وڌندي پاءِ،
تان تان يوءَ مَر پاءِ، جان جان نُونڊي نہ چڙهين

❊

منهن متاهان جن جا، سي پٽيو ڪين پار،
جيڏيون! هن جهونجهار اجاري سپ اڇا ڪيا.

❊

مر مرين، آئون رئن! موتي آءُ مر ڪانڌ،
ڪچن وڏا پاند، جئڻ ٿورا ڏينهڙا.

❊

ڪلي ويرِ ڪٽڪ ۾، پاڪر جو پائي،
اڇا ان کي جيئڻ جو آسانگو آهي،
سوره سوچائي، جو رڳو ئي رڻ گهڙي.

❊

ڪربلا ڪڪوري، دلدل رتا پير،
ستون ڏيندي شير، متان سڄ مرڪي.

❊

ڪونر ڪِلي جا ڪوڏيا! جانڪين تائين جي،
متاءِ اڙن اُسري، رڪ پيالو پي،
ڳاهه ڳجهن جو ٿي، ويٺي جن ورهه ٽيا.

❊

ڳجهون ڳوٺ نه مون، وتن ڪلي ڪوڏيون،
حسن مير حسين کي، لمئو لائون ڏين،
ڳٽا اکوڙين، چوٽا چوڙلين جا.

❊

ڳجهڙين ڳارو راتو ڏينهان رڻ ۾،
پٽيون پچن پاڻ ۾، ڪنهن منهن ڪيڏارو،
ڪائن ڪڳمارو ڪانئر پيو ڪنو ٽئي.

❊

ڳائو ڳجهه نه ڪاءِ، ميهي ماس نه هيرئين،
تنين لئه واجهاءِ، ڪلنگيون جن ڪپار ۾.

❊

اکيون ڪيِ م ڳجهڙي'! تارا تان مَ ڪاءُ،
پيو نه پسين پٽ ۾، ريڳڙيارو راءُ،

جيري جنهن جوان جي، لڳا نَوَ سو نَوَ گهاءَ،
رات جنهن جي ماءُ، روئي، پرنئو رب کي.

❋

ڪٽيب ڪسنئي، ڇڄهڙيا لڳين پوئي واءُ،
اميرن مٿاءُ، جئن تو ڏلين ڇانئون نہ ڪيون

❋

ڇڄهن ويڻي ڇاڙيا، ڏنجها ڏک گهڻا،
تنگي لڏين توڙ جي، سورهہ ساماڻا،
ڪندا راماڻا، ڪونر ڪلي جا ڪوڏيا.

مٿين بيتن تي توهان اونهو غور ڪندا تہ جهڙيءَ ريت هن بظاهر صرف مذهبي اهميت واري واقعي کي جن انساني ۽ فلسفياني بلندين تي ۽ جنهن نزاڪت ۽ نفاست واري احساساتي ۽ فني انداز ۾ ڪنيو ويو آهي ۽ جيڪا اميجنري ڪتب آندي وئي آهي، سو ڪنهن جهڙي تهڙي شاعر جو ڪم ڪونهي، ڪيڏاري جي هر ست ٻڌائي ٿي تہ اها هڪڙي عالمي سطح جي ذهن، روح ۽ فن جي تخليق آهي.

سوال: اسان جي سامهون لطيف کي ائين پيش ڪيو ويو آهي. جيئن لطيف کو انسان نہ پر کو فرشتو هو. آئون سمجهان ٿي تہ اهو لطيف سان هڪ وڏو ظلم آهي. ڇا لطيف ۾ غلطيون نہ آهن؟ سندس شاعريءَ ۾ ڪي ورجاءِ نہ آهن، جي ها تہ پوءِ ڪهڙا؟

فضا قريشي- حيدرآباد


جواب: فرشتن جي مون کي خبر ڪانهي جو اتفاق سان منهنجي ايجا تائين ڪنهن فرشتي سان ملاقات ڪانہ ٿي سگهي آهي. پر جيڪي انسان مون ڏٺا يا ٻڌا آهن. تن مان مذهبي شخصيتن کي ڇڏي، جو انهن بابت گفتگو جائز نہ ٿي سمجهي ويجي. ٻيا بہ جيڪي بہ ڳالهيون چون يا ڪن ٿا اهي پنهنجي دور جي علم، سمجهہ، معيارن، آدرشن ۽ پسندن ۽ ناپسندن جي دائري اندر ڪن ٿا. لطيف بہ پنهنجي دور جي زندگيءَ جي مادي، روحاني ۽ فڪري سوچن، ريتن، رسمن ۽ آدرشن کان ٻين وانگر ئي متاثر آهي، سيني شاعرن جا سڀ شعر هڪجهڙا سٺا نہ هوندا آهن. هڪڙي غزل ۾ جيڪڏهن بہ ٽي بند سٺا نڪرن ٿا تہ اهو غزل ڪامياب سمجهيو ويجي ٿو. اها هيٺ، مٿاهين ٻين

وڏن شاعرن وانگر لطيف جي شعرن ۾ بہ آهي. ورجاءِ بہ آهي. ڪيترين مخصوص ڳالهين ۾ ڪيترا ٻيا شاعر لطيف جي پيٽ ۾ وڏيڪ اثرائتيون ڳالهيون ڪري ويا آهن. مثلا: مذهبي تنگ نظريءَ ۽ رياڪاريءَ بابت حافظ، بلي شاهہ، سچل ۽ وارث شاهہ پارا ماڻهو وڏيڪ شوخ ۽ تيز ڳالهيون ڪري ويا آهن. سونهن جي بيان ۾ لطيف جو سر مومل راڻو انساني سونهن بابت نهايت خوبصورت تصويرون پيش ڪري ٿو. پر جڏهن وارث شاهہ سينگار جي بيان جا سمورا هٿيار پنهوار کڻي ميدان ۾ لهي ٿو ۽ هير جو ننهن کان چوٽيءَ تائين حسن هيٺين ست سان شروع ڪري اڳتي وڌي ٿو تہ ڳالهہ ئي ٻي ٿيو وڃي.

"لي ڪي ست سهيليان نال آئي
هير منڙي روپ گمان دي جي.

لطيف جو ڪيڏارو زبردست آهي، پر گهٽ خليفو نبي بخش بہ ڪونهي. پر فردوسي ۽ مهابارت جي نظم جي شاعر ۽ يونان جي هومر جنهن انداز سان جنگ جو نقشو ڪڍيو آهي، تنهن جي پيٽ ۾ اسان جي لطيف جو ڪيڏارو جاهہ جلال جي حساب سان ايڏي وڏي شيءِ نظر نہ ايندي. ڪاليداس جي "ويتو سمهارا" يعني: "موسمن جو چڪر" نالي طويل نظم ۾ جيڪي منظر پيش ڪيل آهن، اهڙا شاهہ جي رسالي ۾ ڳولهڻ عبث آهن. انساني فطرت جي عڪاسيءَ جو جيڪو اسٽيج شيڪسپيئر سينگاريو ويٺو آهي، تنهن جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي. سچ تہ پلان پلي جو ڇيهہ ئي ڪونهي. خيام، رومي، حافظ جامي، عرفي، امير خسرو، عبدالقادر بيدل، غالب، اقبال، فيض، ابو نواس، المعري، دانتي، رابرٽ برنس، شيلي، بائرن، ملٽن، پرتري هري ۽ لي پو هزارين سج ۽ چند آهن. ڪهڙن جون تعريفون ڪري ڪهڙن جون ڪجن؟ هر هڪ پنهنجي پنهنجي ميدان جو بادشاهہ آهي، پر جيڪڏهن توٽل ٻڌبو تہ دنيا ۾ ڪو ورلو شاعر هوندو جو ٽوٽل ۾ لطيف کان گوهہ کڻي وڃي. بنا ڪنهن شڪ شبهي جي شاعريءَ جي عالمي معيارن جي حساب سان اسان جو لطيف دنيا جي چوٽي جي ڳاڙ ڳڙين عظيم شاعرن مان هڪ آهي ۽ جيئن هوبين جي جُتيءَ ۾ پير وجهي نہ ٿو سگهي، تيئن ٻيا بہ سندس ميدان ۾ پير کوڙي نہ ٿا سگهن.

(رسول بخش پليجي جون مڪمل تحريرون، سياسي ادب پاڻمو پهريون جلد ٽيون، ص: 607، 455، 454 کان 611 تائين.)



سنڌ جو نامور دانشور، اديب، نقاد ۽ سياسي اڳواڻ رسول بخش پليجو جنگشاهي، ضلعي ٺٽي ۾ 20 جنوري 1930ع تي، علي محمد پليجي جي گهر ۾ ڄائو. هن شروعاتي تعليم مقامي ملا مڪتب مدرسي ۽ سيڪنڊري تعليم ٺٽي هاءِ اسول ۽ سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ ۾ ورتي. ان کان بعد مسلم لا ڪاليج ڪراچيءَ مان قانون جي ڊگري (ايل. ايل. بي) حاصل ڪيائين. سندس شمار ملڪ جي وڏن ۽ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي نامياري وڪيلن ۾ ٿئي ٿو.

رسول بخش پليجو گهڻ رخين صلاحيتن جو مالڪ آهي. ڪيس ادب، سماج، سياست، تاريخ، سماجي سائنس ۽ جدلياتي علمن جي وڏي ڄاڻ آهي. ان حوالي سان هو هڪ فرد بجاءِ اداري جي حيثيت رکي ٿو.

رسول بخش پليجو سنڌ جي سياست جو متحرڪ ڪردار رهيو آهي. ون يونٽ خلاف تحريڪ ۾ هن سنڌي اديبن ۽ سنڌي ادبي سنگت سان گڏ، سياسي ميدان ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو.

1979ع ۾ پليجو صاحب 'پاڪستان عوامي تحريڪ' ۾ شامل ٿيو. جنهن ۾ ميجر اسحاق، پروفيسر عزيز احمد ۽ امتياز عالم هن سان گڏ هئا. 1983ع ۽ 1986ع ۾ ضياءُ الحق جي آمريت خلاف ملڪ ۾ هلندڙ جمهوري جدوجهد، ايم آر ڊي (M.R.D) ۾ ڪردار ادا ڪيائين ۽ ان جو ڪنوينر به رهيو.

رسول بخش پليجو شعلہ بيان مقرر ۽ دانشور طور سڃاتو وڃي ٿو. هن مهمان استاد طور جواهر لال نهرو يونيورسٽي دهلي، شڪاگو يونيورسٽي آمريڪا، ڪيمبرج يونيورسٽي، سسيڪس يونيورسٽي انگلينڊ، ڪنگسٽن يونيورسٽي ۽ ٻين اعليٰ تعليمي ادارن ۾ ڪيترا ليڪچر ڏنا ۽ پنهنجي ڏاهپ ۽ ڄاڻ جو مظاهرو ڪيو. پليجو صاحب فڪري طرح مارڪسسٽ آهي ۽ مائوزي تنگ جي جدوجهد جو وڏو معترف رهيو آهي.

ادب جي ميدان ۾ رسول بخش پليجي جو شمار صف اول جي ليکڪن ۽ نقادن ۾ ٿئي ٿو. سندس تنقيدي ڪتاب "انڈا اونڌا ويج" ۽ "سندي ذات هنجن" سنڌي ادب جي دنيا ۾ هميشہ ياد رکيا ويندا.